# كتاب الشفاءِ

(هوميوپيٿڪ علاج تي هڪ منفرد ڪتاب)

ڊاڪٽر علي حسن پتوجو

# كتاب الشفاءِ

(هوميو پيٿڪ علاج تي هڪ منفرد ۽ جديد ڪتاب)

ڊ. علي حسن پتوجو (ميڊلسٽ)

MOHEN JO DARO PUBLISHING AGENCY
مهين جو دڙو پبلشنگ ايجنسي

مهين جو دڙو پبلشنگ ايجنسي، لاڙڪاڻو

# كتاب الشفاءِ

(هوميو پيٿڪ علاج تي هڪ منفرد ۽ جديد ڪتاب )

ليکڪ: ڊاڪٽر علي حسن پتوجو
ڇاپو پهريون : جولاءِ 2014
ڪمپوزنگ : مڪي سومرو، عادل پتو
ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ : مظهر ميمڻ
لي آئوٽ ۽ ڊزائننگ : تنوير بالادي
ڇپائيندڙ : مظهر ميمڻ
مهين جو دڙو پبلشنگ ايجنسي، لاڙڪاڻو 0333-7540515


پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# KITAB -UL- SHIFA

[Homeopathic Treatment]

By: Dr: Ali Hassan Patoojo...
1st Edition July 2014
Published By: Mazhar Memon, Mohen_jo daro
Publishing Agency, Larkano.
0333-7540515

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



# ارپنا

ان محسن جي نانءِ جيڪو
پنهنجي اسم جيان هر ڪنهن جو محسن آهي.
نندي ڀاءُ ڊاڪٽر محسن علي (CSP)
کي ارپيان ٿو.

# فهرست


- مهاڳ :عبدالماجد ڀرڳڙي
- پيش لفظ :ڊاڪٽر علي حسن پتوجو
- تعارف هوميو پيٿي :ڊاڪٽر علي حسن پتوجو /26

- باب پهريون :33

دماغي ۽ نفسياتي بيماريون

- باب ٻيو :59

وارن جون بيماريون

- باب ٽيون : 63

اکين جون بيماريون

- باب چوٿون : 95

نَڪَ جون بيماريون

- باب پنجون :104

ڪن جون بيماريون

- باب ڇهون :112

چهرو

- باب ستون :116

وات جون بيماريون

- باب اٺون :130

ڏندن ۽ مهارن جون بيماريون

- باب نائون :141

ڳلي جون تڪليفون

- **باب ڏهون** : 159

ڪُلها ۽ ان جون بيماريون

- **باب يارهون** :161

سِينو ۽ ساهہ کڻڻ جو سرشتو

- **باب ٻارهون** :194

دل ۽ رت جي دوري جو نظام

- **باب تيرهون** :219

جنسي بيماريون

- **باب چوڏهون** : 294

پيٽ ۽ هاضمي جون بيماريون

- **باب پندرهون** :422

پيشاب جو نظام ۽ بيماريون

- **باب سورهون** :453

سنڌن، هڏن ۽ جوڙن جا مرض

- **باب سترهون** : 509

مشڪون ۽ انهن جون تڪليفون

- **باب ارڙهون** :534

چمڙيءَ ۽ ننهن جون بيماريون

- **باب اڻويهون** :571

بخار

- **باب ويهون** :585

ميٽريا ميڊيڪا

# خوشنصيبي

شروع الله جي بابرڪت نالي سان جيڪو ڪل شيءِ قدير آهي. شروعات بہ الله جي پاڪ گهر بيت الحرام جي باب فهد وٽان بہ ڏينهن مڪہ مڪرمہ ۾ قيام بعد مدينہ منوره جي سفر لاءِ عظيم هستيءَ (امڙ) ماءُ سان گڏ ٽيڪسي ۾ باقي مسافرن جي انتظار ۾ ڊرائيور موصوف مدينہ، مدينہ جو هوڪو هڻي رهيو آهي ۽ والده ماجده منهنجي ڪابي پير ۾ قرآن پاڪ جو ورد ڪري رهي آهي، وقت جهڙي تيز رفتار شيءَ جيڪا ڪنهن بہ انتظار ڪرڻ بغير گذريو وڃي، پهريان سوچيم ۾ پئي تہ ادا مظهر کي ڪيل واعدي مطابق ڪتاب جو آخري حصو بہ مئي جي پهرين تاريخن ۾ ڏئي ڇڏبو جيئن ڪتاب وقت سر ڇپجي وڃي، پر لڳي ٿو تہ ڪتاب جو نصيب بہ ڪجهہ منهنجي نصيب جهڙو آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ هفتو اڳ مون کي بہ خبر ڪونہ هئي تہ سفر مڪہ و مدينہ مئي جي شروعات ۾ عمري جي سعادت سابہ امڙ سائڻ سان گڏ ٿيندي، ارادو بابا سائين جن سان هيو اهو بہ ائين تہ (دبئي) وايا دبئي پر پنهنجا دوست احباب سڀ اليڪشن ۽ گرمين سبب موڪلن تي پاڪستان آيل هُيا ۽ بابا سائين جن بہ في الحال ڪجهہ مجبورين سبب لاچاري ڏيکاري، انجو هڪ سبب اچانڪ تياري بہ هُئي، اليڪشن ۾ بابا سائين جن اوطاق (گهر) پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ نهرائي رهيا هئا جنهن تي سندن چڱي خاصي رقم خرچ ٿي هئي، اهو مڪمل تہ ڪونہ ٿي سگهيو آهي پر الحمدالله ڪافي مڪمل ويهڻ رهڻ لاحق بڻجي ويو آهي، ٿيو ائين جو آءُ ذاتي practice ڪتاب جي لکڻ ۽ گهريلو مصروفيتن سبب ڳوٺ وقت ڪڏي ڪونہ سگهيو هُيس تہ بابا سائين جن جي ڪاوش

ڏسي اچان، صرف ان وقت ڳوٺ ويو هيس جنهن وقت بنياد جڳهہ جو پئجي رهيو هُيو. معمول مطابق شام جو قلبلہ والد منهنجي ڪلينڪ تي walk ڪرڻ بعد ضرور چڪر لڳائيندا آهن ۽ سڄي ڏينهن جي مطب بعد بابا سائين جن جا هٿ چمڻ ۽ حال احوال سان ڪافي دل فرحت ۾ اچي ويندي آهي. پنهنجا مهربان دوست عبدالڪريم ۽ ظفر بابو کهڙو بہ شام جو ملڻ لاءِ ايندا آهن جيڪو ڪافي وقت کان اسان وٽ شام جي جي چانهہ ڪڏهن ڇهراڻ يا فروٽ سان هڪ ٻي جي تواضع ڪندا پيا اچون خدا انهن دوستن کي بہ خوش رکي، دوست نہ چوان پائر چوان. بابا سائين اسان سيني سان پيار ڪندو ۽ هجائتي انداز ۾ شڪوه ڪندي معيار ڏني تہ توهان ٽئي منهنجي اوطاق ڏسڻ بہ ڪونہ آيا آهيو. ائين ڳوٺ وڃڻ جو پروگرام بڻجي ويو ڳالهين ڳالهين ۾ پروگرام ٺهي ويو ۽ صبح جو اسان تيار ٿي ويا سي. بابا سائين جي ڪار ۾ صبح جو ڳوٺ پهتاسي عاليشان ڪوٽ سان رٿ مطابق اوطاق جو ڪافي حصو مڪمل ٿي چڪو هُيو بابا سائين جن ٻڌايو تہ نواب صاحب بہ ڏينهن اڳ ۾ اليڪشن مهم ۾ آيو هيو ان کي بہ اوطاق جي تعريف ڪئي. ٻهراڙيءَ ۾ اوطاق شان ۽ عزت جي علامت ۽ سنڌ جي ثقافت پڻ آهي. ڪچهري ڪندي ادا محسن (ڊاڪٽر) جي فون آئي ۽ پنهنجي منهن سان ٿي ڳالهائڻ لاءِ چيائين. مان ڪچهري مان ٻاهر نڪري ڪاٽنس احوال پڇيا. امان ساڻ عمري لاءِ ٻڌايائين، مون کيس بابا کي بہ گڏ وٺي هلڻ لاءِ ٻڌايو. رات جو بابا سان حال احوال ٿيا. پاڻ امان ساڻ گڏ وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ پنهنجون مصروفيتون سبب لاچاري ڏيکاريائين هفتي اندر ويزا ۽ ٽڪيٽ ڪنفرم ٿي. امڙ ساڻ ڪري ڪراچي پُهتس ۽ پوءِ ڪراچي مان جدي ۽ جدي کان رات جو مڪ معظمہ روح پرور اکين اهڙو نظارو اڳ

ڪونہ ڏنو هوٽل جنادريہ ۾ روم نمبر 101 جيڪو(ايلاف) ڪمپني اڳ ۾ ٽوئر آپريٽر ذريعي اسان لاءِ بندوبست ڪري ڇڏيو هيو سامان رکي جلدي جلدي حرم پاڪ ۾ حاضره ۽ عمره لاءِ پهتاسي. حرم ٻاهران هڪ يمني ريڙهي wheel chair واري 150 ريال ۾ عمره ۽ (طواف ۽ سعي) لاءِ آڇيو آڇ قبول ڪري داخل ٿياسين اڪين اهڙو منظر اڳ ڪونہ ڏٺو هُيو پهرين نظر (ڪعبہ) جي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ڪونهي، دل ۾ دعائون ۽ اکين ۾ لڙڪ زبان ۽ دماغ دل جو سات ملائڻ ڏکيو پئي لڳو طوف بعد (سعي) ڊوڙون) صفا ۽ مروه بعد هوٽل تي پهتاسي، پوري رات جو سفر، ٿڪاوٽ، پرديس، ننڊ آئي جهڙي ڪونہ آئي. ڳوٺ فون ڪري پنهنجن خيريت معلوم ڪئي پنهنجو احوال ڏنو سي، خير سان عمره مبارڪ تي ويو منهنجا نصيب بہ کُلي ويا، بہ ڏينهن زيارات، نماز جمع جبل عرفات، جبل نور غار ثور .......... ڏسڻ بعد رات جو عشاء ۽ مغرب خانہ ڪعبہ ۾ ادا ڪرڻ بعد امان سائڻ عمر رسيده ۽ بيمار هجڻ سبب فجر نماز هوٽل ۾ پڙهڻ لاءِ راضپو ڏيکاريو ان جو سبب ٿڪاوٽ ۽ جبل ڪان حرم تائين جي مسافت هئي، مون بہ سندن رايو اکين تي رکيو صبح جو هوٽل ڇڏي ٽيڪسي ڪري باب فهد وٽ هڪ اڇي ڪلر جي وين ۾ 5 ماڻهو 6 سيٽر ۾ مديني روانا ٿيا آهيون شال سفر آسان گذري، هوٽل ۾ پهچي سامان رکي امڙ جيجل سان حرم پاڪ ڏانهن رخ رکيو سي. مسجد نبوي ڌرتي تي جنت آهي جنهن لاءِ پاڻ ڪريمن بہ ائين ئي فرمايو آهي، تہ هي جڳهہ رياض الجنة آهي ۽ قسمت بہ اهڙو موقعو فراهم ڪيو جو امڙ سائڻ سان مسجد نبوي ۾ نمازن ۽ سلامن جو موقعو زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو نصيب ٿيو آهي ۽ هن ڪتاب جو نصيب بہ نهي ويو جو هن جو پيش لفظ بہ آءُ مسجد نبوي ۾ دروازي هجره طرف

ڪان اندر لکي رهيو آهيان هينئر ظُهر جي نماز ڪانپوءِ جلد ڪتاب لکڻ جا ٻہ مقصد هوندا آهن. هڪ تہ شهرت ڪمائڻجي ٻيو دولت. هڪ ٽيون مقصد بہ هوندو آهي تہ انسان ذات جي ڀلائي لاءِ ڪجھ ڳجي يقين ڄاڻو ادا سائين هي ڪتاب ننڍڙي ڪاوش صرف ان لاءِ ٿي ڪئي وئي آهي تہ جيئن ڏکايل انسانيت ڪي وڌ ڪان وڌ هن نفيس علاج مان فائدو حاصل ٿئي ۽ فاني دنيا ۾ مان بہ ٿورڙو وقت پنهنجو نالو ڇڏي وڃان. قسمت ۽ نصيب مونکي هن هستي طرف آندو مان فطرت ۽ قدرت تي بي انتها يقين رکان ٿو اهيو ان لاءِ بہ تہ انسان هڪ سوچيندو آهي ۽ فطرت ان لاءِ ٻيو ڪجھ سوچي رکيو هوندو آهي، گذريل سال جي آخر ۾ ڪنهن ڪمپني ٿائلينڊ گهمڻ (Tour) جي (Offer) ڪئي هئي ۽ پاسپورٽ جي ڪاپي گهري هئي ۽ هڪ دل تہ حامي بہ ڀري تي تہ جلد ٿو ڪاپي ادا محسن جي هٿان موڪلي ڇڏيان پر سُستي ۽ بي توجهي سبب ائين ڪرڻ ڪان قاصر رهيس پر پاسپورٽ تہ ادا محسن وٽ ئي ڪراچي ۾ پيل رهيو چاڪاڻ تہ دُبئي ڪان واپسيءَ بعد پاسپورٽ ادا وٽ ئي پيل رهيو ۽ ائين نصيب نهي ويو جو مسجد الحرام ڪان مسجد نبوي جو سُهانو سفر نصيب ٿيو جمع تي عمري بعد جده ڪان 19 تاريخ جي Flight آهي، ائين هڪ هڪ لمحو زندگيءَ جو يادگار گذري رهيو آهي. اميد تہ ٻچڙن ۽ بابا سائين وارن سان پنهنجي ملڪ ملبو آمين. هوميوپيٿڪ علاج تي بيشمار ڪتاب لکيا ويا آهن جيڪي گهڻي ڪان مٿي لکيل آهن، پر مون ٿورو ٿورو ڪري جيڪي ڳالهيون علاج. طريقہ ۽ جسماني بيماريون پڙهيون ۽ انهن جو علاج ڪيو آهي انهن متعلق گذرندڙ عمر ۽ وقت جيڪو روڪڻ منهنجي وس ۾ آهي ڪونہ. هڪ ڪوشش ڪاوش تہ ڪُجھ نہ ڪُجھ دنيا ڪي ارپجي ڏجي جيڪو مون وٽ

آهي، ناقص ۽ ٿورڙو علم ۽ گڏ ڪيل مواد ۽ ڪتاب سنڌي ٻولي جيڪا منهنجي مادري ٻولي آهي، جنهن جو مونتي حق بہ آهي ٻوليءَ جو هوميوپيٿيءَ جو ۽ مريضن هوميوپيٿڪ علاج ڪندڙن ۽ سکندڙن ۽ جيڪي منهنجي دؤر ۾ هوميپيٿي پڙهي رهيا آهن جيڪي مستقبل ۾ ايندا ۽ منهنجي وڃڻ بعد بہ بحر حال وقت ۽ لمحہ بيهڻ وارا نہ آهن، وقت جو فائدو وٺندي هوئن بہ پوري حياتي ڪوشش رهي آهي تہ وقت ۽ ٽائيم جو قدر ڪجي ان جي تيز رفتاريءَ کي پُڄجي تہ ڪونہ ٿو سگهجي پر ها ان مان ڪجھہ نہ ڪجھہ وقت محفوظ ڪري سگهجي ٿو اهو ائين تہ ان ۾ ڪا اهڙي شيءِ ڪري وڃجي جو اها محفوظ ۽ ڪجھہ وقت لاءِ يادگار بڻجي وڃي ۽ ايندڙ لاءِ هڪ ننڍڙو پيغام بڻجي وڃي شال دعا اٿم تہ جيڪڏهن ٿورڙو بہ ڪنهن انسان جو منهنجي هن ڪاوش سان ڀلو ٿئي ٿو تہ سمجهندم تہ مان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويس. پڙهندڙ کي گذارش ڪندم تہ هڪ خاطي انسان آهيان پر نيت ۽ مقصد صرف ڪنهن جي ڀلائي آهي. خدارا منهنجي هن ڪوشش کي ڪمائي ۽ سستي شهرت نہ سمجهيو وڃي. ڪي غلطيون چڪون جيڪڏهن ڪتاب ۾ ملن تہ رهنمائي لاءِ توهانجي مشورن جو طبلگار رهندس جنهن لاءِ پنهنجو فون نمبر ڏيان ٿو جيئن ڪتاب کي بهتر کان بهتر بڻائي سگهجي.

**خادم هوميوپيٿي**

**ڊاڪٽر علي حسن عبدالستار پتوجو**

مسجد نبوي المدينہ منوره
14 مئي 2013
03337504256

# مهاڳ

## هوميو پيٿي: قديم ۽ آفاقي ڏاهپ تي ٻڌل، جديد ترين طبي سرشتو

هوميو پيٿي يا علاج بالمثل مؤجب جنهن بہ شيءِ جي واپرائڻ سان هڪ صحتمند انسان ۾ ڪنهن مرض جون علامتون پيدا ٿين، تنهن شيءِ جي بيحد ننڍڙن جزن يا ذرن وسيلي انهيءَ مرض جو علاج بہ ڪري سگهجي ٿو. مغربي يا انگريزي طرز علاج (ايلوپيٿي) ۾ دوائون ظاهري علامتن کان نجات لاءِ ڏبيون آهن پر هوميو پيٿي جو مقصد انسان جي سرشتي ۾ توازن کي بحال ڪرڻ ذريعي مرض کان نجات ڏيارڻ هوندو آهي. ان نظريي جو آڌار ان اصول تي ٻڌل آ تہ سرشتي ۾ توازن جي فقدان ڪري ئي ان ۾ مسئلا پيدا ٿيندا آهن. الله جي ڪلام ۾ جتي فرمايل آهي تہ "اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ۝ وَ اَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ۝" تہ اتي زندگي جي انهي ئي بنيادي اصول طرف بہ اشارو ڪيل آهي جيڪو پوري ڪائنات تي محيط ۽ ان ۾ ڪار فرما آهي.

هاڻي رهيو اهو سوال تہ هوميوپيٿڪ علاج ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح مرض تي اثر انداز ٿئي ٿو ان جي سائينٽيفڪ توجيهہ ڇا آهي، سا ڏيڻ کان هوميو پيٿي جا مخالف توڙي حامي ٻئي قاصر آهن. اها حقيقت جتي هڪ پاسي هوميو پيٿي جي مخالفين جي تنقيد جو بنياد آهي تہ ساڳي ئي وقت جن هوميو پيٿي جي افاديت آزمائي آهي ۽ ان جا قائل آهن تن جو بہ عاجزانہ اعتراف آهي. بقول هوميو پيٿي جي باني سيموئل هاهنيمن جي: "تہ هي علاج ڪيئن ٿو اثر ڪري، ان جي سائنٽيفڪ توجيهہ ۽ توضيح ڇا آهي، تنهن ڳالهہ سان ڪو فرق نہ ٿو پوي ۽ نہ ئي مان ان کي ڪا اهميت ڏيان ٿو." اهم ۽ ناقابل ترديد حقيقت اها آهي تہ اهو علاج مؤثر آهي.

هي طريقہ علاج مربوط اصول جي آڌار تي آهي. ان ۾ استعمال ٿيندڙ هر ترياق (هوميو پيٿي وارا دوا يا ڊرگ جي بجاءِ لفظ remedy استعمال ڪندا آهن جنهن جو ترجمو مون ترياق ڪيو آهي. شفا بہ ٿي سگهي ٿو) جنهن شيءِ مان ناهجي ٿو تنهن کي هوميو پيٿ طبيبن پاڻ تي آزمائي انهن مان

پيدا ٿيندڙ علامتن جو تعين ڪيو آهي. تنهنڪري اهو ڪوئي بہ چئي نہ ٿو سگهي تہ هن سرشتي ۾ علاج جو آڌار مربوط ۽ معين اصولن تي نہ آهي. اها بي ڳالهہ آهي هوميو پيٿي يا ڪنهن بہ طبي سرشتي جا ماهر يا طبيب اصولن جي اطلاق ۾ غلطي ڪري سگهن ٿا.

ان برعڪس، جديد ايلو پيٿي جو آڌار ٿي تخمينن ۽ اندازن تي آهي. ايلو پيٿي ۾ ڪنهن بہ دوا لاءِ هڪ راءِ يا Hypothesis قائم ڪئي ويندي آهي تہ اها ڪنهن مخصوص مرض جي علامتن مان آجو ڪري سگهي ٿي ۽ پوءِ ان مرض ۾ مبتلا ماڻهن جي ٻن گروهن مان هڪڙي کي اها دوا ڏبي آهي تہ ٻئي کي کنڊ يا اٽو دوا نما روپ (Placebo) ۾ ڏيندا آهن. پوءِ جيڪڏهن پهرين گروه ۾ علامتن جي گهٽجڻ جو تناسب ٻئي گروه کان وڌيڪ هوندو آهي تہ اها ان ڳالهہ جي ثابتي ڪري وٺبي آهي تہ اها دوا ان مرض لاءِ مؤثر آهي.

طبي سرشتن جي تاريخ جو مطالعو مغرب ۾ ٻن اهم روين ۽ سوچن جي نشاندهي ڪري ٿو. انهن مان هڪ جو تعلق 500 سال قبل از مسيح يونان جي ڏاهي ۽ حڪيم بقراط (Hippocrates) سان آهي جنهن جي چواڻي آهي: ”جيڪا شيءِ مرض پيدا ڪري ٿي، تنهن جي استعمال سان شفا بہ ملي ٿي.“ ان نظريي مؤجب جسم پاڻ کي صحتياب ڪرڻ جو اهل آهي ۽ طبيب جو ڪم آهي تہ ان عمل ۾ جسم جي مدد ڪرڻ. هتي علاج مان مراد آهي جسم مان مرض آور اثرات ۽ مواد کي خارج ڪرڻ ۾ جسم جي مدد ڪرڻ. هن نظريي مؤجب مرض جون عمومي علامتون اهم ڪونهن، بلڪ مخصوص مريض جو پنهنجيون علامتون ۽ ڪيفيتون ئي علاج جو بنياد آهن جو هڪ لحاظ کان مريض خود ئي مرض آهي، مخصوص قسم جي غيرتوازن جو شڪار آهي، جنهن لاءِ ترياق تجويز ڪرڻو آهي.

طب ۾ ٻئي متوازي نظريي کي يونان جي مشهور ڏاهي ۽ طبيب جالينوس (Galen) سان منسوب ڪيو ٿو وڃي جنهن جو تعلق 2 صدي عيسوي سان آهي. جالينوس کي تجرباتي علم طبعي Physiology Experimental جو پيشرو مڃيو ٿو وڃي. هن نظريي مؤجب مرض جسم تي ٻاهران حملہ آور ٿئي ٿو ۽ طبيب جو ڪم آهي مرض جي علامتن اُبتڙ اثر

وارين دوائن ذريعي مرض آور اثرات تي حاوي ٿي انهن کي دٻائڻ. ان نظريي تي ئي جديد مغربي طب جو آڌار آهي جنهن لاءِ خود هوميو پيٿي جي مؤجد لفظ ايلوپيٿي ايجاد ڪيو.

حقيقتاً انهن ٻن نظرين، سوچن ۽ روين ۾ اصولي لحاظ کان مخاصمت هجڻ جو ڪو سبب ڪونهي. جالينوس پاڻ هڪ تمام وڏو طبيب ۽ فلاسافر هو ۽ پهرئين نظريي جو مخالف ڪو نه هو بلڪ هن هڪ نئين امڪان ۽ نئين زاويي کي پيش ڪيو. مقصد فڪر کي وسعت ڏيڻ هو نه ڪ حدبندين ذريعي ان کي محدود ڪرڻ. پهريون نظريو جامع نظريو آهي جنهن ۾ ٻئي نظريي ۾ پيش ڪيل نقطئہ نظر کي سموئڻ جي گنجائش هئي، پر مسئلو تڏهن شروع ٿيو ۽ سوچن ۾ ورڇ تڏهن آئي جڏهن بعد ۾ ايندڙ طبيبن، جيڪي پوئين نظريي جا حامي ۽ همنوا سڏرايا، تن پنهنجي نظريي کي جامع سمجهندي لامحالہ پهرين نظريي کي يڪسر رد ڪرڻ شروع ڪيو. ان جي اهڙي اوسر تہ خود جالينوس جي بہ شايد وهم گمان ۾ نہ هئي. بالآخر، جديد دور ۾ ان پوئين نظريي جي حامين بيماري جي هر ان سبب کي رد ڪيو ۽ ان جي وجود کان انڪار ڪيائون جن جي تصديق مادي اوزارن ۽ حواسن جي احاطي کان باهر هئي. اهڙي طرح روح جي امڪان کي بہ رد ڪندي، انهن جسم کي لاحد پيچيده ئي صحيح پر هڪڙي مشين ڪري ڄاتو. نتيجتاً، جيئن هڪ مشين جي مختلف حصن ۽ مختلف معاملن جي مرمت ڪرڻ لاءِ مختلف صلاحيتن وارا مستري هوندا آهن، بالڪل تيئن جديد طب ۾ انساني جسم جي مختلف حصن ۽ عارضن جي علاج ۽ معالجي لاءِ مختلف ماهر پيدا ٿيا. انهن جي وحدت جو تصور غائب ٿي ويو. ڇڻ انسان جسم ۽ روح تي مشتمل هڪ مربوط ڪُل نہ بلڪ مختلف پرزن کي جوڙي ترتيب ڏنل هڪ ڪل يعني مشين هجي. پيٽ ۽ ان جي امراض جي ماهر کي ڪا خبر ڪا نہ هوندي تہ دل يا دماغ ۾ ڇا پيو وهي يا واپرائي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ نظريي جي يڪطرفي اوسر جو لامحالہ نتيجو اهڙو ئي نڪرڻو هو ۽ نڪتو بہ.

هاڻي تہ جديد مغربي طبي سرشتو هڪ پاسي قديم ڏاهپ کان بالڪل قطع تعلق ٿي چڪو آهي تہ ٻئي پاسي جديد ٽيڪنالاجي جي اوسر ۽ ان جي استعمال، دوائن ۽ مشينن جي انڊسٽري ۽ نام نهاد صحت (Health)

انڊسٽري جي ڪاروباري غرضن جو تسلط ايترو تہ وڏي ويو آهي جو ان جي موجود صورت کي جالينوس جو نظريو نہ بلڪ اهي ڪاروباري غرض پيا متعين ڪن. اسپتالون ۽ ڊاڪٽر وڏيا آهن تہ گڏوگڏ مرض ۽ مريض بہ. وبائي بيمارين وغيره کي ويڪسين جي ذريعي وڏي حد تائين ختم ڪيو اٿئون پر ويڪسين پڻ علاج بالمثل واري اصول جي آڌار تي ٺاهيون ٿيون وڃن. پر degenerative بيمارين جھڙوڪ ڪينسر، بلڊ پريشر، دل جا عارضا، ذيابيطس ۽ آرٿرائيٽس وڌنديون ٿيون وڃن. ايلوپيٿي پاڻ اعتراف ٿي ڪري تہ وٽن بلڊپريشر، ذيابيطس ۽ آرٿرائيٽس وغيره جو تہ ڪو حتمي علاج ڪونهي جنهن ذريعي انهن مرضن کان آجپو ٿي سگهي. هيلٿ ۽ فارما سيوٽيڪل انڊسٽري لاءِ اهڙا مرض عمر ڀر جا ٻڌا گراهڪ ٿا پيدا ڪن: مرض ڇُٽي يا نہ ڇُٽي، سندن مستقل آمدني جا ذريعا پڪا آهن.

## هوميو پيٿي ڪم از ڪم ٽن لحاظن کان دنيا جي باقي طبي سرشتن کان مختلف آهي.

سڀ کان پهرين تہ دنيا ۾ جيڪي بہ جامع طريقہ علاج آهن سي سڀ بيحد قديم آهن، تن جي بنياد ۽ اصل جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جي تحقيق ڪري اهڙي حتمي راءِ ڏيئي ڪا نہ ٿي سگهجي تہ اهي ڪڏهن، ڪيئن شروع ٿيا يا ڪنهن شروع ڪيا. انهن سڀني سرشتن جي برعڪس، جيڪي صدين جو سفر ۽ ارتقائي منزلون طئي ڪري، ڪيئي ڏاهن، طبيبن جي جستجو ۽ ڪوشش جو نتيجو آهن، هوميوپيٿي سرشتو اوڻويهين صدي عيسوي ۾ هڪ شخص سيموئل هاهنيمن جي چند ورهين جي ڪوشش جي ڪري معرض وجود ۾ آيو. ايئن هي سرشتو تاريخ جي ڪوهيڙن ۾ لپٽيل، صدين تي محيط ڪنهن ارتقائي عمل جو نتيجو نہ آهي، پر گڏوگڏ اها بہ حقيقت آهي تہ هوميو پيٿي جو بنياد قديم ترين ۽ آفاقي ڏاهپ تي آهي.

ٻي ڳالهہ جيڪا هوميو پيٿي کي جديد مغربي طب يا ايلوپيٿي کان ممتاز ڪري ٿي سا ان جو اصولن تي آڌار آهي. جيئن مٿي بيان ڪيو اٿم، هوميو پيٿي علاج جا باقاعده اصول آهن ۽ ان پٽاندر علاج تجويز ڪجي ٿو ۽ علاج لاءِ استعمال ٿيندڙ ترياق جن شين مان ٺاهيا وڃن ٿا تن کي طبيبن باقاعده طور پاڻ تي استعمال ڪري پڪ ڪئي آهي تہ اهي ڪھڙيون

علامتون پيدا ڪن ٿيون. ان جي برعڪس ايلوپٿي ۾ ظن و تخمين يا راءِ جي بنياد تي دوائون ناهيون وڃن ٿيون.

تين اهم ڳالهه آهي دوائن ۽ علاج جا منفي اثرات (Side effects & adverse reactions) انگريزي يا ايلو پيٿڪ دوائن جا منفي ۽ خطرناڪ اثرات ڪنهن کان لڪل ڪونهن. ڪنهن به دوا سان منسلڪ هدايتن جو پرچو کولي ۽ پڙهي ڏسبو ته اثرات کان وڌيڪ ڊگهي لسٽ منفي اثرات جي نظر ايندي، جي مٿي جي سور جي دوا هوندي ته ان جا ممڪنه منفي اثرات معدي ۾ تڪليف کان ويندي ماليخوليا تائين به ٿي سگهن ٿا. خود آمريڪا جهڙي ترقي يافته ملڪ ۾، جتي ڊاڪٽر ۽ اسپتال جو عملو بيحد محتاط هوندا آهن ته مٿان سندن لاپرواهي جي ڪري مريض کين ڪورٽن ۾ نه ڇڪين، اتي به هڪ تخميني موجب 27 سيڪڙو عارضا دوائن جي منفي اثرات، غلط استعمال يا ڊاڪٽرن يا عملي جي نااهلي ۽ غفلت جو نتيجو هوندا آهن. اتي ميڊيڪل ڪاليجن ۾ آئٽروجينيسز (Iatrogenesis) نالي هڪ لازمي مضمون ان باري ۾ پاڙهيو وڃي ٿو. انگريزي طبي سرشتي جي هاڃيڪار اثرات جو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندن ئي ميڊيڪل جرنل مؤجب اهڙن سين ڪري آمريڪا جي اسپتالن ۾ تمام گهڻيون اموات ٿين ٿيون. تازا انگ اکرن ٻڌائين ٿا ته آمريڪا ۾ سال اندر انهن سين جي ڪري فوت ٿيل ماڻهن جو انگ سوا به لک هو. آمريڪا ۾ ڪينسر ۽ دل جي عارضي کان پوءِ دوائن جا منفي اثرات موت جو وڏي ۾ وڏو سبب مڃيا ٿا وڃن. جيڪڏهن اهڙي ترقي يافته ملڪ جو اهو حال آهي ته اسان جي ملڪ ۾ ڇا حال هوندو؟ پر اسان وٽ انگ اکر نه هئڻ ڪري ڏڪ ڏڪيو پيو آهي ورنه امڪان اهو آهي ته انگريزي دوائن سبب جيڪي موت ٿين ٿا تن جو ڪاٿو اسان جي ملڪ ۾ ٿيندڙ فطري توڙي دهشتگردي ذريعي ٿيندڙ اموات کان به ٽيپي وڃي. ان جي برعڪس هوميو پيٿي علاج ۾ ڪنهن به قسم جا منفي اثرات ڪونهن ۽ نه ئي هوميو پيٿي جا مخالف اهڙو ڪو الزام آڻي سگهيا آهن. (هتي اسان اهڙن نام نهاد هوميو پيٿ طبيبن يا دوا ناهيندڙن جي ڳالهه نه ٿا ڪيون جيڪي منافعي خاطر ڪارٽيزون جهڙيون هاڃيڪار انگريز دوائن کي هوميو پيٿي دوائون ڪري وڪڻن ٿا.) جيڪڏهن

هوميوپيٿ طبيبن پنهنجي مريض لاءِ مناسب ترياق تجويز نہ ڪري تہ وڌ ۾ وڌ اهو ٿيندو جو مرض ۾ افاقو ڪو نہ ٿيندو. هوميوپيٿي ترياق واپرائڻ سان بهرحال ڪنهن بہ قسم جي نئين ۽ گنڀير عارضي شروع ٿيڻ جا امڪان بالڪل ڪونهن. آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ هوميوپيٿي ترياق ڪو بہ ماڻهو بنان ڊاڪٽر جي نسخي جي خريد ڪري سگهي ٿو جڏهن تہ انگريزي دوائن لاءِ (سواءِ عام رواجي دوائن جي) ڊاڪٽر کان باقاعده نسخو کپي ۽ اها ڳالهہ وڏي ۾ وڏو ثبوت آهي تہ ڪهڙي سرشتي جي علاج جا منفي ۽ هاڃيڪار اثرات ٿي سگهن ٿا.

### هوميوپيٿي ۽ منهنجو ذاتي تجربو:

1996 ڌاران منهنجي شريڪ حيات کي هڪ عجيب عارضو لاحق ٿيو جو ڪيس بغير ڪنهن خاص وجهہ جي اُلٽيون اچڻ لڳيون ۽ سيني ۾ شديد سُور پوڻ لڳو. تڏهن اسان آمريڪا جي شهر سياٽل ۾ رهندا هئاسون جتي علاج معالجي جون هر طرح جون سهولتون مهيا هيون. اتان جي يونيورسٽي آف واشنگٽن جو ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال ملڪ جي مشهور ادارن منجهان آهن ۽ اتي ئي ملڪ جي مشهور درسگاهہ بيسٽر يونيورسٽي بہ آهي جتي طب جي ٻين سرشتن جي، جهڙوڪ نيچرل ميڊيسن، آيورويدڪ، چيني، يوناني طب ۽ هوميوپيٿي وغيره جي تعليم ڏني ويندي آهي. منهنجي گهرواري جو ميڊيڪل انشورنس ٿيل هو ۽ اسان ڪنهن بہ ڊاڪٽر کان، ڪنهن بہ اسپتال مان علاج ڪرائي پئي سگهياسين جنهن جو سمورو خرچ انشورنس ڪمپني ڏيندي هئي، نتيجتاً بهترين ۽ مهانگي علاج ڪرائڻ ۾ بہ ڪا مالي رڪاوٽ ڪا نہ هئي. سال ڏيڍ اسان علاج لاءِ مختلف ڊاڪٽرن ڏانهن رجوع ڪندا رهياسي پر ڪو خاطر خواه فرق تہ پري مورڳو تڪليف جي شدت، دورانيو ۽ فريڪوئنسي ۾ واڌارو ايندو رهيو. آخر هڪ نيچرل ۽ چائنيز طب جي ماهر سان رابطو ڪيو سي جنهن اڪيو پنڪچر وغيره ڪيو پر ان سان بہ فرق نہ آيو ۽ هن پاڻ ئي چيو تہ شهر جا جيڪي بهترين ايلوپيٿڪ طبيب يا فزيشن آهن انهن مان ڪنهن سان رابطو ڪيو جو ڪيس بيحد پيچيده آهي. مون معلومات هٿ ڪري، سياٽل جي هڪ قابل ترين فزيشن سان رابطو ڪيو ۽ تقريباً 6 مهينا سندس زير علاج رهي جنهن

دؤران هر طرح جا تشخيصي تجزيا ٿيا جن ۾ اينڊو اسڪوپي ۽ اينجيوگرافي بہ شامل هئا. آخرِ ڪار سياٽل جي ٽاپ جي فزيشن پنهنجي سيني ڪوشش بعد اهو اعتراف ڪيو تہ هو مرض جي تشخيص ۽ علاج ڪرڻ کان قاصر آهي.

1999ع ۾ اسان پاڪستان اچي ڪراچي ۾ رهڻ لڳاسين. هڪ ڏينهن منجهند ڌاران ڪيس اُلٽيون ۽ سُور شدت سان شروع ٿيا. مون فيصلو ڪيو تہ اتان جي مشهور هوميوپيٿڪ معالج ڊاڪٽر ظفر سعيد سيفي سان ان سلسلي ۾ رابطو ڪبو. ڊاڪٽر سيفي ڪراچي يونيورسٽي ۾ فارميسي شعبي جو سربراهہ هو ۽ شام جو هوميوپيٿي جي پريڪٽس ڪندو هو. سندس والد ۽ ڏاڏو بہ هوميوپيٿ رهيا هئا. هو پاڻ بعد ۾ ڪراچي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بہ رهيو. خير، شام جو اسان ميڊيڪيئر اسپتال ۾ واقع سندس ڪلينڪ تي وياسين ۽ انتظارگاهہ ۾ پنهنجي واري اچڻ جو انتظار پئي ڪيوسين. اتي بينچ تي ويٺي ئي ڪيس سيني ۾ ايترو سُور پيو جو بيهوش ٿي وئي. مون ڊاڪٽر کي اطلاع ڪرايو. ڊاڪٽر فارغ ٿيندي هڪدم سڏايو. مون ساڻس سربستو احوال ڪيو. سڻندو بہ رهيو تہ گڏوگڏ ڪنڌ بہ ڌوڻيندو رهيو، چئي مان سڀ سمجهي ويس. پنهنجي مددگار کي دوا تيار ڪرڻ لاءِ چيائين ۽ چئن قسمن جون گوريون حوالي ڪيائين جن مان ڪي ان مهل ئي کارايائين. اسان فارغ ٿي گهر پهتاسين مس تہ وري سُور پيس. مون ڊاڪٽر کي فون ڪئي تہ هن ٻئي دوائن مان هڪ دوا لاءِ چيو تہ اها واپرائي. بس، ان کان پوءِ ڪاڏي ويون اُلٽيون، ڪاڏي ويو سُور، خبر ئي ڪا نہ پئي. جيڪا تشخيص ۽ علاج سياٽل جي چوٽي جا ايلوپيٿڪ طبيب مهينن جي جاکوڙ کان پوءِ بہ ڪرڻ کان قاصر رهيا سو هوميوپيٿ طبيب ٻن خوراڪن ذريعي 24 ڪلاڪن کان بہ گهٽ عرصي ۾ ڪري ڏيکاريو. جتي هزارين ڊالرن جون ٽيسٽون ۽ دوائون ڪجهہ فرق نہ ڪيو اتي محض 400 روپين جي دوا (جنهن ۾ ڊاڪٽر جي في ۽ مهيني جي دوا شامل هئي) جي وسيلي شفا ملي. شفا ڏيڻ وارو بيشڪ منهنجو رب آهي ۽ ڦڪيون بہ تڏهن فرق ڪنديون آهن جڏهن ڪين امر الٰهي ٿئي، پر اهڙا ڪراماتي ۽ حيرت انگيز علاج هوميوپيٿي ۾ ممڪن آهن.

ڪجھ ورهيہ اڳ مون کي زڪام الرجي ۽ سائِنَس بيحد پريشان ڪيو. هر تبديليءَ موسم سان گڏ اهي تحفا لامحالہ گڏ ايندا هئا ۽ پوءِ ڪم از ڪم سمورو سيارو سٽ نيائيندا هئا. بيزار ڪري وڌائون. انگريزي دوائون، حتيٰ ڪہ اينٽي بياٽڪ تائين واپرايم پر ڇوٽڪارو ملڻ بدران، گھڻو عرصو زڪام رهڻ ڪري، سنگهڻ جي حس بري طرح متاثر ٿيندي هئم ۽ مهينن تائين خوشبوءِ بدبوءِ ۾ تفاوت ڪرڻ کان بہ قاصر هوندو هوس تان جو وريٰ مٿان اچي سياري جي مند ورندي هئي ۽ وري زڪام نئين سر شروع ٿيندو هوم. هڪ نِچ ڇا ايندي هئي، نِڇن جي اٽڪٽ جلوس جو پيش خيمو هوندي هئي، جيڪي هٽي هنڌ ڪنديون هيون ۽ گلو نڪ، سينو ونجي ويندا هئا. سائِنَس ۽ مٿي جو سور آرام حرام ڪري ڇڏيندا هئا. سنگهڻ جي حس ختم ٿيڻ جي ڪري، ٻين ڳالهين کان علاوه، ڪاڏي پيتي مان مزو ڇڏائجي ويو. انٽرنيٽ تي ان باري ۾ تحقيق ڪيم تہ خبر پئي تہ جديد ايلوپيٿڪ طب ۾ ان عارضي جو ڪو تشفي بخش علاج ڪونهي، تنهن اجا وڏيڪ منجهائي وڌم. سائِنَس جي عارضي لاءِ اڪثر ماٺهو نڪ جي هڏي جو آپريشن ڪرائيندا آهن پر ان سان بہ رڳو عارضي فائدو پوندو اٿن ۽ پوءِ وري آپريشن ڪرائڻي پوندي اٿن. مان ان طرز علاج کان بالڪل مايوس ٿي چڪو هئس.

بہ ورهيہ اڳ ڊاڪٽر علي حسن پتوجي سان احوال ڪيم. چيائين تہ وقت لڳندو پر توهان کي ان عارضي کان دائمي نجات ملي ويندي. علاج شروع ڪيم ۽ پهريون اثر اهو ٿيو جو سور مان نجات ملي وئي. پوءِ آهستي زڪام ۾ بہ بهتري اچڻ شروع ٿي ۽ سنگهڻ جي حس (قوت شامہ) بہ واپس بحال ٿيڻ لڳي. ڇهہ اٺ مهينا لاڳيتو علاج ڪيم. گذشتہ فيبروري ۾ آمريڪا واپس ويس تہ اتي بلاناغہ هڪ ڪاڏي جو چمچو (tablespoon) ماکي، موسم جي لحاظ کان گرم يا ٿڌي پاڻي ۾ وجهي پيئندو آهيان ۽ اٿڻ ۽ سمهڻ مهل هڪ نيم گرم پاڻي جي گلاس ۾ ٿورو لوڻ وجهي غرارا (gargles) ڪندو آهيان. الحمدلله گذشتہ ڏهن مهينن ۾ انهن تڪليفن کان، ورهين کان پوءِ، پهريون ڀيرو آجو رهيو آهيان.

ٻه سال اڳ ٿي، هڪ ڏينهن افتشار خون يعني بلڊ پريشر ڪجهه وڌي ويو. ڊاڪٽر سان مشورو ڪيم جنهن اي سي جي وغيره ڪڍي تمام چڱي نموني تپاسي چيو ته توکي بلڊپريشر جو عارضو لاحق ٿي ويو آهي، هڪدم دوا شروع ڪر ورنه وڌي وڃڻ جي صورت ۾ اسٽروڪ وغيره جو خطرو آهي. مٿان اهو ته دل جي ڌڙڪن به هموار نه آهي ۽ اها صورتحال ڪي اجا به وڌيڪ گنڀير بڻائي ٿي. چيو مانس ڊاڪٽر صاحب بلڊ پريشر جي دوا جي باري ۾ ٻڌو اٿم ته اها هڪ ڀيرو شروع ڪبي ته پوءِ سموري زندگي ڪائڻي پوندي جنهن کان ڇوٽڪارو ممڪن ڪونهي ۽ مٿان اهو ته انهن دوائن جا صحت تي ڪيئي لامحاله منفي اثرات به آهن جن کان به ڪو فرار ڪونهي. چيائين اها ڳالهه ته صحيح آهي پر ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ سندس بهترين مشورو اهو هو ته دوا شروع ڪرڻي پوندي ۽ منفي اثرات به برداشت ڪرڻا پوندا جو نه ڪائڻ جي صورت ۾ صحت کي وڌيڪ گنڀير خطرا لاحق آهن. ڪراچي ويس ۽ اتي به ٻن قابل ڊاڪٽرن کان مشورو ڪيم جن به ساڳي ئي صلاح ورجائي. ايئن لڳم ته هڪ پاسي باهه ۽ ٻئي پاسي کاهي. دوا في الحال شروع ڪا نه ڪيم ۽ ڊاڪٽر علي حسن پتوجو سان صلاح ڪيم جنهن انگريزي دوائن جي منفي اثرات کي واضح ڪندي، انهن کي شروع ڪرڻ کان سختيَ سان منع ڪئي. هوميوپيٿڪ علاج شروع ڪيم. سال کان به گهٽ عرصو علاج هليو جنهن کان پوءِ دوائون ڪائڻ ڇڏي ڏنم. بلڊ پريشر ڪڏهن هلڪو وڌي ٿو جڏهن ننڊ وغيره ۾ مسلسل بيقاعدگي ٿئي ٿي، ورنه عام طور تي صحيح ٿو رهي ۽ دل جي ڌڙڪن جي بيقاعدگي به صحيح ٿي وئي اٿم. مزي جي ڳالهه ته اها آهي ته جيڪي دوست ۽ عزيز بلڊپريشر لاءِ باقاعده دوائون واپرائن ٿا، تن جو بلڊپريشر مون کان گهڻو وڌيڪ بيقاعده وڌجي ۽ گهٽجي ٿو.

انهن ۽ ٻين گهڻن ئي تجربن، جيڪي دوستن ۽ عزيزن کي ٿيا آهن، تن مون کي قائل ڪيو آهي ته هوميوپيٿي بهترين طريقه علاج آهي. بهرحال، ڪهڙو به طريقه علاجِ هجي، طبيب جي پيشه ورانه مهارت، جاڻ ۽ ڪردار جو ڪو نعم البدل ڪونهي. بهترين ۽ انساني فطرت سان هم آهنگ طريقه علاج سان گڏ جيڪڏهن ذهين، ماهر، قابل اعتماد، باضمير معالج جو امتزاج

هجي تہ اها هڪ نعمت آهي جنهن جو احساس ڊاڪٽر علي حسن پتوجي جهڙن معالجن سان ملڻ کان بعد ٿئي ٿو.

پر مريض کي بهترين علاج مهيا ڪرڻ لاءِ، معالج لاءِ لازم آهي تہ هو سيني طبي سرشتن جي باري ۾ ڄاڻ رکندو هجي ۽ هڪ کلئي ذهن سان مريض کي بهترين مشورو ڏيئي سگهي. هي جيڪا طبي سرشتن جي معالجن ۾ هڪ ٻئي سان مخاصمت ۽ وير آهي، ۽ هر صورتحال، هر مريض، هر مرض سان نمٽڻ لاءِ پنهنجي طبي سرشتي کي مڪمل ۽ بهترين سمجهڻ جو زعم آهي تنهنجو خميازو مريض پنهنجي صحت ۽ پيسي سان ڀري ٿو.

اسان وٽ اها بدقسمتي آهي تہ سرڪار جي سموري سرپرستي ايلوپيٿي طب کي حاصل آهي جنهن جي حامين ۽ همنوائن حڪومت توڙي عوام کي اهو قائل ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪا نہ ڇڏي آهي تہ ايلوپيٿي ئي واحد سائنٽيفڪ طريقہ علاج آهي ۽ ٻيا سڀ سرشتا غلط ۽ انهن جا معالج عطائي يا نڱ آهن. ٿيڻ تہ ائين گهرجي تہ هر سرڪاري اسپتال ۾ متبادل طبي سرشتن، جهڙوڪ هوميوپيٿي ۽ يوناني طب، جا سيڪشن بہ هجن جتي ٻيو نہ تہ هڪ معالج ئي هجي تہ جيئن مريض جنهن بہ قسم جو علاج ڪرائڻ چاهي ان جو ڪيس اختيار هجي.

هوميوپيٿي علاج ٻين جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو سستو بہ آهي. اسان جي ملڪ جو غريب عوام، جنهن کي مهانگائي اڳي ئي گهڻو پريشان ڪيو آهي، تنهن لاءِ هي طريقہ علاج مفيد بہ آهي تہ سهانگو بہ.

ڊاڪٽر علي حسن پتوجي صاحب هن قسم جو ڪتاب لکي پڙهندڙن سان هوميوپيٿي متعلق اهم ڄاڻ ونڊي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن موضوع تي ڪتابن جي اٹاٹ آهي ۽ هي تصنيف ان لحاظ کان سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي. اميد اٿم تہ پڙهندڙ هن مان ڀرپور استفادو حاصل ڪندا.

(عبدالماجد پرڳڙي)

لاڙڪاڻو

# پیش لفظ

سندھی ادب میں ہومیوپیتھی پر پہلی کتاب تصنیف کرنے والے نوجوان ہومیوپیتھک ڈاکٹر علی حسن پتوجو (لاڑکانہ) نے ایک اور مستحسن قدم اٹھایا ہے اور اسی ضمن میں اپنی ذاتی کاوشوں اور تحقیقی اذکار پر مبنی ایک اور کتاب بعنوان "کتاب الشفاء ہومیوپیتھی" بزبان سندھی تخلیق کی ہے. ان کی یہ کوشش انتہائی لائق ستائش ہے. کیونکہ اس زبان میں ایسا لٹریچر انتہائی ناپید ہے. جناب علی حسن کی پہلی کاوش کو سراہتے ہوئے ایشیاء کے سب سے بڑے ہومیوپیتھک ادویات کی رینج بنانے والے ادارے "بی ایم گروپ" نے موصوف کو گولڈ میڈل سے نوازا تھا جو کہ ڈاکٹر صاحب کی علمی، ادبی اور تحقیقی کوششوں کا اعتراف تھا. ادارہ آئندہ بھی ان کے ان انسانیت نواز اقدام کو سراہتا رہے گا.

میری ڈاکٹر علی حسن پتوجو سے پہلی ملاقات ان کے کلینک واقع لاڑکانہ میں آج سے 12 سال قبل اپنے ساتھی نمائندہ جناب ہومیوپیتھک ڈاکٹر زاہد حسین ہلیو کی وساطت سے ہوئی. میں نے علی حسن کے اندر کچھ کر گذرنے کا جذبہ موجزن دیکھا اور پھر میرا کاروباری تعلق جلد ہی ذاتی دوستی میں بدل گیا جو کہ وقت گذرنے کے ساتھ ساتھ مزید گہرا ہوتا چلا گیا.

علی حسن اسم بامسمّٰی ہیں اللہ رب العزت نے انہیں بے شمار خوبیوں سے نوازا ہے. عاجزی و انکساری، مہمان نوازی اور علم دوستی کا جذبہ ان میں کوٹ کوٹ کر بھرا ہوا ہے. اپنے ساتھی ہم عصر معالجین کے ساتھ علمی نشستوں کا اہتمام کرنا اور پھر سیکھنے سکھانے کا عمل جاری وساری رکھنا ان کا طرہ امتیاز ہے، ہم آپ کی مزید کامیابیوں کے دعا گو ہیں.

ادارہ کی جانب سے ہم اور ہمارے قائد و رہبر جناب ہومیوپیتھک ڈاکٹر امان اللہ بسمل (چیف اگزیکٹو بی ایم گروپ) ڈاکٹر علی حسن کو اس تحقیقی و تصنیفی امتیاز پر مبارک باد پیش کرتے ہیں اور دعا کرتے ہیں کہ:

ع: اللہ کرے زورِ قلم اور زیادہ..............


پروفیسر ڈاکٹر

**محمد افضل تبسم علی**

بی ایس سی (آنرز)، ایم ایس سی (آنرز)، ایم بی اے، پی ایچ ڈی

کنٹری و سارکٹ ہیڈ

بی ایم گروپ

(بی ایم پرائیویٹ لمیٹڈ و نیچرز پرائڈ ٹریڈرز) پاکستان

هي املهہ موتيءَ جهڙو ڪتاب منهنجي استاد محترم ڊاڪٽر علي حسن پتوجو صاحب جن جي 25 سالن جي تجربن ۽ علاج جو نچوڙ آهي، هي ڪتاب جهڙو ڀڏو تهڙو ڏنو هن ۾ هيرن ۽ موتين جهڙا ناياب نسخا بيان ٿيل آهن جيڪي دل ۾ سانڍڻ جهڙا آهن. اهڙا ماڻهو دنيا ۾ تمام گهٽ آهن جيڪي پنهنجي زندگيءَ جو نچوڙ پنهنجي زندگيءَ جي تجربن ۽ محنت جو فائدو ٻين کي کلي دل سان ڀڏائين ٿا. عام خلقِ خدا لاءِ پنهنجو تجربو بيان ڪن ٿا ۽ ان کي عام خلق خدا لاءِ ظاهر ڪن ٿا انهن مان هڪ منهنجو استاد محترم ڊاڪٽر علي حسن پتوجو صاحب بہ آهي.

نهايت ڪلمک، محبت ڪندڙ۽ شفيق دل انسان آهي، سندن محبت بي لوث آهي، بنا ڪنهن لالچ جي هر انسان جي خدمت ۽ عزت ڪرڻ سندن عادت آهي، سندن مشورو هر ڪنهن لاءِ هر وقت دستياب هوندو آهي، چاهي اهو عام ماڻهو هجي يا هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر. مطلب تہ استاد محترم اسان لاءِ قدرت جو انمول تحفو آهي، جنهن جي فيض مان هي خاڪسار بہ فيضياب ٿيو ۽ هوميوپيٿڪ جي دنيا ڏانهن راغب ٿيو ۽ پاڻ استاد محترم مون مسڪين کي بہ هي علم عطا ڪيو. مالڪ سائين سدائين کين سربلند، شاداب و آباد رکي. ”آمين“

ڊاڪٽر ذوالفقار علي سانگهرو

D.HMS (Final Year)

# ٻه اکر

**انسان ذات جي خدمت واسطي:**

اڄ هي ڪتاب جيڪو اسان جي هٿن ۾ آهي، هن انمول موتيءَ ڪي اسان جي هر دل عزيز پياري دوست هيرن جي لفظن سان سهڙيندي 25 سال انسان ذات جي لاءِ پاڻ پتوڙيندي انسان ذات جي خدمت جو عزم ڪيو آهي: ان عزم ۾ اڻٿڪ محنت هوميوپيٿڪ جي روپ ۾ جيڪا انسان ذات کي صحت ڏني آهي انهيءَ جي واکاڻ ڪرڻ لاءِ مون وٽ اهي لفظ ئي ڪونه آهن جو بيان ڪري سگهان.

## "چند لفظ"

ڊاڪٽر علي حسن جيڪا جدوجهد ڪري رهيو آهي، مان ائين چوندس تہ هو خدمت خلق ڪري رهيو آهي جيڪا سيني عبادتن کان اول درجو رکي ٿي، جنهن عبادت جو صلو هن سڀاجهڙي سادي طبيعت رکندڙ دوست کي ضرور ملڻ گهرجي.

جڏهن وڏا وڏا مريض ڊاڪٽر علي حسن جي علاج سان شفاياب ٿيا تہ اسان انهيءَ ڏينهن کان هوميوپيٿڪ علاج کي صحت جي دولت سمجهندي سهيڙڻ شروع ڪيوسين ۽ هن سادي طبيعت رکندڙ ڊاڪٽر کان متاثر ٿياسون. انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتري طب رستي ترقي لاءِ جي راهون ۽ رستا طريقا ۽ تجويزون "هٿ استون" ۽ "گائنو ڪيور" جهڙا هيرا ايجاد ڪري پاڻ کي مفڪر ڊاڪٽر ثابت ڪيو آهي جنهن جا ڪيترائي صحتمند مريض شاهد آهن.

اهڙا طب جا رهبر اڻ لڀ ۽ وقت جا مهمان هوندا آهن. جيڪڏهن هٿ اچن تہ هر گهڙي هنن جي صحبت مان فائدو وٺڻ گهرجي. جي جيڪر هليا ويا تہ ٻئي ڀيري ملڻ مشڪل آهن.

عبدالڪريم کهڙو
ڳوٺ حاجي عطا محمد کهڙو
تعلقو گمبٽ ضلع خيرپور

# پيش لفظ

سڀ کان پهريان ان ذاتِ باري تعاليٰ جو نهايت عجز ۽ انڪساريءَ سان شڪر گذار آهيان، جنهن بدولت مون کي اها همت ۽ طاقت نصيب ٿي جو مون جهڙي هڪ اَدني دماغ، قلم هَٿَ ۾ کڻي هڪ عظيم ڪم ڪرڻ جو سانباهو سٽيو آهي، ان اميد سان ته خدا تعاليٰ جي بارگاهه ۾ سر به سجود ٿي نيڪ نيتيءَ ۽ خلوص دل سان هڪ پيغام انسانيت جي نانءِ هڪ حقيقي شفا ۽ هڪ سچائيءَ جنهن کان ڪير به منهن موڙي نٿو سگهي. جي ها! هوميو پيٿي هڪ لازوال فن علاج، جيڪو هڪ سائنس به آهي ته آرٽ به، هزارين خوبين سان گڏ، دنياءِ طب جا عظيم ماڻهو سائنسدان ڪيميادان ۽ طبعيدان به هن علاج جي طريقي ۽ سچائيءَ کان منهن موڙي ڪين سگهيا ۽ هن علاج ۾ پنهنجون اهي ڪاميابيون رقم ڪيون آهن جن تي دنيا حيرت زده آهي.اچو ته هن ڪم کي عَملي طرح اڳتي گهڻو اڳتي وٺي وڃون ۽ جيئن هر ماڻهوءَ تائين هن سچائيءَ کي پهچايون. آءٌ هڪ قرض سمجهندي هي فرض ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ان اميد سان ته جيڪي ڪجهه مان ڄاڻان ٿو جيڪي ڪجهه مون پڙهيو، ٻڌو، لکيو ۽ مشاهدو ڪيو آهي ۽ جيڪي ڪجهه منهنجي تجربي هيٺ آيو آهي اهو اوهان تائين پهچائڻ پنهنجو اولين فرض ٿو سمجهان. ان ۾ آءٌ ڪيترو ڪامياب ٿيان ٿو اهو ايندڙ وقت ۽ اوهان پڙهندڙ ۽ اهي پريڪٽيشنر، شوقيه ۽ هوميو پيٿڪ علاج سان چاهه رکندڙ دوست ئي ٻڌائي ۽ محسوس ڪري سگهن ٿا. ان نيڪ خواهش سان ته ذڪايل انسانيت جي خدمت ۽ خيريت لاءِ پاڻ پتوڙيو! شال خدا تعاليٰ اسان کي، توفيق ۽ سگهه عطا ڪري (آمين).

هي ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، مان چاهيندس ته ڪتاب جي قيمت اوهان کي اڳ ۾ ئي ادا ڪئي وڃي. ان کان اڳ ۽ ان کان به بهتر اهو ته اوهان کي ڪلينڪ لاءِ ٿوربون دوائون خريد ڪرڻيون پون. اسان جو

مشن پئسو ڪمائڻ گهٽ ۽ نئين نسل ۾ هوميوپيٿي سان چاهه رکندڙن کي هوميو پيٿيءَ جي حقيقت کان آگاهه ڪرڻ وڏيڪ آهي. منهنجو هڪ ارادو آهي، اهو تہ هوميو پيٿي هر هنڌ آشڪار ٿي وڃي.

ڪائنات جي ابتدا بہ ارادي سان ٿي هُئي ۽ هر شيءِ ۾ سڀ کان اهم شيءِ ارادو آهي. فرض ڪيو اوهان جي ڪلينڪ يا مطب يا اوهان وٽ چائنا جي علامتن واري بخار وارو مريض اچي تہ. ان کي چئو تہ ڏهہ پندرهن منٽ پوري ۽ مڪمل هڪ خيال سان پاڻيءَ سان ڀريل گلاس کي ڏسندو رهي. پوءِ اهو گلاس ڊسپينسري ۾ کڻي وڃي ۽ ان گلاس مان هڪ قطرو پاڻي زبان تي رکي. 10ـــ10 منٽن اندر بخار ۾ گهٽتائي ٿي ويندي بہ چار وڏيڪ خوراڪون مريض کي ڏئي گهر موڪلي ڇڏيو. باقي پاڻيءَ مان هڪ قطرو کڻي الڪوحل جي بوتل ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن بہ چائنا جي بخار وارين علامتن وارو مريض اچي تہ ان کي اُهائي دوا ڏيو. ان دوا کي وڏيڪ طاقتور (Potentize) بہ ڪري سگهجي ٿو. اهو تحفو اوهان لاءِ آهي.

جيئن تہ علم ۽ عمل ۾ ڪو بہ فرق نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي سائنسي نظريات يا قوانين ۾ بدلجڻ جي ڪا گنجائش آهي. جيئن تہ ڪنهن هنڌ اسان وٽ علم هوندو آهي ۽ اسان عمل ڪرڻ کان قاصر هوندا آهيون ۽ ڪٿي عمل ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي ۽ علم جي اٿاٿ ۽ پوري وضاحت نہ هوندي آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ اسان هينئر تائين هوميو پيٿڪ علاج جي تعريف صحيح طرح نہ ڪري سگهيا آهيون. هن وقت درحقيقت بالمثل قانون سان اسان شفا ڪو نہ ٿا ڏيون بلڪہ قليل دوا سان علاج معالجو ڪري رهيا آهيون ۽ ان جي باري ۾ بہ اهو معلوم نہ آهي تہ قليل مقدار ۾ دوا ڪيئن آرام ڏئي ٿي. هر هڪ ماڻهوءَ وٽ جدا جدا تصوراتي (Hypothesis) علامتن جو هوميو پيٿڪ علاج ۾ ڪجهہ وڏيڪ عمل دخل آهي. وات خشڪ ۽ اڃ جي زيادتي، (Bryionia) هر هر ٿوري مقدار ۾ پاڻيءَ جي اُڃ، (Arsenic) قبضيءَ سان گڏ غنودگي، (Opium) زبان تي سفيد تهہ (Ant:Crud) حرڪت سان تڪليف ۾ اضافو (Bryonia) چيلهہ تي پگهر (Kalli.Carb) وغيره اهڙيون علامتون آهن جيڪي مرض جو سبب خواهہ ڪجهہ بہ هجي. دوا ڏيڻ کان پهريان ڊاڪٽر کي مريض جي صحتياب ٿيڻ جو يقين هوندو آهي. اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ نہ مرض جي

سبب جي خبر پئجي سگهندي آهي ۽ نہ ئي مريض کا واضح علامت ڏئي سگهندو آهي. اهڙي ڪيفيت ۾ ان کان سواءِ ڪو چارو نہ ٿو رهي تہ مقامِ مرض (Pathology) کي ڏٺو وڃي. پيشاب جو ساڙو (جلن) بظاهر هڪ واضح علامت آهي ليڪن اِها علامت ڪنهن هڪ دوا ۾ نہ ملي پاتي ويندي بلڪہ بيشمار دوائن ۾ پاتي ويندي آهي ۽ مريض واضح نہ ڪري سگهندو آهي تہ اها علامت ايپس (Apis) دوا جي آهي، ڪينٿرس (Cantheris) دوا جي آهي، ٿيلاسپي (Thelaspi) دوا جي آهي، ٽربنٿينا (Terbenthena) دوا جي آهي يا استفسگريا (Staph sagria) دوا جي آهي. اهڙي حالت ۾ اسان کي Physiology ,Anatomy ۽ Pathology کان مدد وٺڻي پوندي جيئن ته اها خبر پئجي وڃي تہ مثاني جا غدود وڏي ويا آهن يا Cyst آهي تہ علاج آسان ٿي پوندو.

اسان دوا جي خاڪي (Drug Picture) تي وڌيڪ زور ڏيندا آهيون. ايتري تائين جو سيپيا (Sepia) جا چَپ چو کُهرا هوندا آهن. پلاٽينا (Platina) جو نَڪُ چو سنهو هوندو آهي، پيڏين پرسان ٿلهي گوشت وارو خُودسر چو هوندو آهي، اگنيشيا (Ignatia) جو چهرو چو صاف هوندو آهي ۽ سلفر (Sueflr) چالاڪ چو هوندو آهي. توهان کي ايترو بہ ٻڌائي سگهون ٿا تہ مريض جي مالي حالت ڇا آهي، ارجنٽ نائيٽ (Argent nit) ۽ برائي اونيا (Bryionia) جا سارا ڏک مالي پريشانيءَ جي ڪري هوندا آهن. ڪالي فاس (Cale.Phos) ۽ پلاٽينا (Platina) هزارين روپيا ڪمائڻ بعد بہ هٿ ۾ پئسو نہ رهي. ٿلهين آڱرين واري چوڪري پلسٽلا (Pulstilla) گريفائيٽس (Graphites) يا ڪلڪ ڪارب (Calc.Carb) هوندي آهي. جنهن گهر ۾ ويندي آهي دولت جي ريل پيل ٿي ويندي آهي، ڪلڪ ڪارب (Calc.Carb) جو ٿلهو دڪاندار اوهان سان ڪَڏهن بہ رعايت نہ ڪندو ۽ ڪلڪ فاس (Calc.Phos) جو سنهڙو دڪاندار اوهان کي بوتل بہ پيٽاري چڏيندو.

دوا تجويز ڪندي وقت، عمر ۽ جنس جو خاص خيال رکجي.

اگنيشيا (Ignatia) پلاٽينا (Platina)استفسيگريا (Staphsegeria) نيٽ ميور (Nat.mur) آيو ڊائين (Iodine) هائڊراسٽس (Hydrasts) ڪونيم (Conium)امبرا (Ambra) ليڪرس (Lachares) غير شادي شده عورتن جون دوائون آهن.

ڪلڪ فاس (Calc.Phos) استفسيگريا (Staphsegeria) ۽ اوريگانيم (Origanium) ڇوڪرن جون دوائون آهن.

سيپيا (Sepia) گريفائيٽس (Graphties) پلسٽلا (Pulstilla) ڪلڪ ڪارب (Calc.Carb) ليڪ ڪين (Lac.Can) وغيره شادي شده خواتين جون دوائون آهن.

نڪس واميڪا (Nuxvomica) سئاير (Suyer) ارجنٽ نائيٽ (Argent Nit) برائي اونيا (Bryionia) آرنيڪا (Arnica) ڪالي فاس (Kaliphos) وغيره مردن جون دوائون آهن.

امبرا (Ambra) برائيٽا ڪارس (Baryta Cars) اينٽم ٽارٽ (Ant:tart) اينٽم ڪروڊ (Ant:Crud) ڪاربو ويج (Carbo.Veg) ڪونيم (Conium) اسٽرا مونيم (Stramoniun) هايو سيمس (Hyiosymus) ايگاراڪس (Agaricus) وغيره ڪراڙن جون دوائون آهن.

ڪلڪ فاس (Calc.Phos) ڪلڪ ڪارب (Calc.Carb) ڪيمونا (Chammona) بيلاڊونا (Belladona) فيرم فاس (Ferum phos) اپيڪاڪ (Ipeacac) اينٽم ٽارٽ (Ant.Tart) ڪالي سلف (Kali sulf) ڪوفيا (Cofea) وغيره ٻارن جون دوائون آهن.

هڪ ڳالهه جنهن طرف اڪثر هو ميوپيٿڪ ڊاڪٽرن جو خيال ناهي ويندو اهي آهن اسان جي جسم جا چار مفرد اعضاءَ جيڪي عضلات، غُدد، اعصاب، ۽ هڏا آهن. انهن جا وڌيڪ ٻہ ٻہ قسم آهن جيڪي عضلات، غدي اعصاب غدي ۽ هڏن ۾ ارادي ۽ غير ارادي عضلات، حسي يا حرڪي اعصاب ۽ انهن ۾ ڪيٽريون ٿي Varaieties آهن. هر محرڪ انهن اٺن مان ڪنهن هڪ کي متاثر ڪندو آهي، هڪ وقت ۾ تمام مفرد عضون کي تڪليف نٿي اچي سگهي ۽ رد عمل باقي ستن عضون ۾ هوندو آهي.

طاقت (Potency) ٻي چونڊ جي باري ۾ جيڪو هڪ پيچيدہ مسئلو آهي. اوهين يقين ڪريو هوميوپيٿيءَ ۾ ايتري اهميت في الحال بالمثل قانون جي نہ آهي جيتري دوا (Potency) جي آهي. دوا (Potency) صرف ارادو وڌائيندي يا بدلائيندي آهي يا وڌائيندي آهي. تيستائين ڪجهہ ناهي ڪري سگهندي جيستائين اها پاڻ جهڙا مماثل (Ionized) خليہ نہ ملن.

اوهان وٽ معدي جي سُور جو مريض اچي، اوهان ان کي پندرهن دوائون مَٿائي مَٿائي ڪارائي ڇڏيندا آهيو. نہ ان کي آرام ايندو آهي ۽ نہ ان جو ڪو نقصان ٿيندو آهي. سورهين دوا مماثل نڪري ايندي آهي تہ پهرين خوراڪ سان آرام اچي ويندو آهي. جيستائين اوهان جو تجربو نہ ٿي وڃي مريض جو علاج اوهان 30 طاقت کان شروع ڪريو. ايتري تائين جو توهان کي صرف ايترو اشارو ڏيڻ ڪافي آهي تہ مرض خليي جي سطح کان مرڪز (DNA) جي طرف ويندو آهي ۽ دنيا جو ڪو بہ طريقہ علاج سواءِ هوميوپيٿڪ پوٽينسيءَ جي مرض کي مرڪز کان ٻاهر نٿو ڪڍي سگهي. چاڪاڻ تہ حساسيت جي حوالي سان اسان مرض جي گهرائيءَ کي صحيح طرح ماپي نٿا سگهون، ان جي لاءِ 30 طاقت کان علاج شروع ڪيو ۽ آهستي آهستي وڌائيندا وڃو.

هوميوپيٿي هڪ اهڙو قانون آهي جيڪو نہ صرف انساني جسم تي بحث ڪندو آهي بلڪ پوري ڪائنات تي بحث ڪري ٿو. اوهان کي خبر آهي تہ دلائل نہ هجڻ سبب هوميوپيٿيءَ جو هر هنڌ مذاق اڏايو ويندو آهي پر اسان جو فرض آهي تہ هن علاج کي سائنٽيفڪ، قدرتي ۽ فطري طور تي عوام الناس ۾ روشناس ڪرايون ۽ پاڻ سان گڏ هن علاج کي اعليٰ مقام تي پهچرايون جنهن جو هي لائق آهي. انشاءَ الله تعاليٰ.

## شڪريہ ادائي

مان انتهائي شڪر گذار آهيان پنهنجي ياٿرن جهڙي دوست مظهر علي ميمڻ، جنهن جي همدزدانہ راءِ ۽ همٿ افزائيءَ سان گڏ مفيد مشورن جو۔ آءٌ پنهنجي اسٽاف: ڊاڪٽر طارق حسين، ڊاڪٽر ذوالفقار سانگهرو، ڊاڪٽر احسن خان پتوجو، ڊاڪٽر سهراب علي پتوجو، ڊاڪٽر شوڪت علي هليو، ڊاڪٽر احسان علي شيخ، ڊاڪٽر امام علي لانگاهہ جو، جن جي وقتًا فوقتًا مدد کان سواءِ هي پورهيو (ڪتاب الشفا) شايد پورو نہ ٿي سگهي ها. مان شڪر گذار آهيان پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ گهر ڀاتين، دوستن جهروڪ: حاجي

غلام مدني شيخ، ڊاڪٽر ظفر کهڙو عرفان علي کهڙو ڊاڪٽر امتياز شيخ، ڊاڪٽر زاهد هليو ڊاڪٽر افضل تبسم جن جو ۽ خاص طور تي سردار صفدر علي مئياڻي صاحب جن جو جن جي دعائن سان گڏ هر طرح جو سهڪار ۽ مدد پڻ ڪئي، ڪين خدا آباد ۽ شاد رکي. آمين

ڊاڪٽر علي حسن پتوجو لاڙڪاڻو
15_04_2014

# تعارفِ هوميو پيٿي

لفظ هوميو پيٿي ٻن لفظن جو موَڪب آهي. هوميوز "Homoes" معنيٰ بالمثل يا مشابہ ۽ "Pathos" پيٿوز معنيٰ تڪليف يا علاج ان مان مُراد علاج بالمثل "هوميو پيٿي" علاج آهي.

ان طريقہ عِلاج جو ڪنهن صحتمند ماڻهوءَ کي گهٽي مقدار ۾ کائڻ سان جيڪي علامتون ۽ تڪليفون ظاهر ٿين ۽ ساڳيون علامتون ۽ تڪليفون ڪٺي ايندڙ بيان ڪري ان دوا جي قليل ترين خوراڪ ڏيڻ سان شِفا ٿئي ان علاج کي علاج بالمثل ڪوٺبو آهي.

مثالِ طور: ورينرام البم دوا ڪنهن ماڻهوءَ کي گهٽي انداز ۾ کارائبي تہ ان ۾ هيضي (ڪالرا) جون علامتون ظاهر ٿينديون ۽ ساڳي دوا جو هوميوپيٿڪ طاقت ۾ کارائڻ سان آرام ڏيندو.

هوميوپيٿڪ موجوده سائنس جي جديد دور جو هڪ اهڙو منفرد انڪشاف آهي، جنهن جو بنياد سائنسي اصولن تي قائم آهي، اهڙي طرح علاج جو بنياد لازوال ۽ عالمگير اصول تي رکيل آهي جنهن جو مطلب مثل جو علاج مثل سان آهي.

هوميوپيٿڪ علاج جو باني ڊاڪٽر سيموئيل هني مين جرمن ڊاڪٽر هُيو جنهن هوميوپيٿڪ علاج جو قانون ( آرگينن آف ميڊيسن) "Organon of Medicine" ۾ لکيو ۽ ان جا بنيادي اصول واضح ڪيا.

هوميوپيٿي جو بنياد مُشاهدن ۽ تجربن تي منحصر آهي ان جي لاءِ ئي هوميوپيٿي سائنسي طريقہ علاج آهي، ڇاڪاڻ تہ ان طريقي علاج ۾ استعمال ٿيندڙ دوائون سالن جي تجربن ۽ اهي تجربا جيڪي صحت مند انسانن تي ڪيا ويندا آهن. نہ ڪي جانورن تي ڇاڪاڻ تہ هي دوائون ۽ علاج بہ انسانن لاءِ ئي آهي، افسوس جو جيڪي علاج انسانن تي آزمائي انسانن لاءِ ناهيو ويو آهي. تہ ان کي غير سائنسي چوڻ ڏکوئيندڙ آهي.

علاج بلمثل متعلق هني مين ڊاڪٽر لڳي ٿو تہ تمام محتاط طريقي ۽ خالص تجربات ۾ شِفا بخش فِن جو صرف ۽ صرف هڪ ئي مضبوط رستو آهي جيڪو اسانکي سيکاري ٿو تہ في الحقيقت اُها دوا ئي تندرست ماڻهن تي وڏيڪ اثرانداز ٿيندي آهي. جيڪا بيماريءَ جي علامتن جي مقابلي ۾ وڌ کان وڌ مشابهہ علامتون پيدا ڪري سگهي ۽ مناسب قوت جي خوراڪن ۾ قليل دَوا ۾ زياده تيزي ۽ استقلال سان علامتون مرض جي مجموعي کي زائل ڪري گويا موجود سَڄي بيماري کي صحتَ ۾ تبديل ڪري ڇڏي سڀ دوائون انهن مرضن جي تمام علامتن کي شِفا بخشينديون آهن جن جو علامتون انهن جي مشابهہ هونديون آهن ۽ انهن مان ڪنهن کي بہ شِفا ڏيڻ کان بغير ناهن رهنديون:

## هوميوپيٿيءَ ۾ مرض جو سبب

## Cause of Diseases in Homoepathy

قوت حيات جو فلسفو ۽ دوا کي طاقتور بنائڻ جو اصول 1833ع ۾ پيش ڪيو ويو. تجربن ۽ مشاهدن سان اهو ثابت ٿيو تہ بيماريءَ جو اصل سبب انهي قوت حيات جي عمل ۾ بگاڙ جو نتيجو آهي. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ اعليٰ طاقتن ۾ شفائيہ قوت زياده هوندي آهي. هوميوپيٿڪ دوائون قليل مقدار ۾ توانائي جي سطح تي ڪم ڪنديون آهن. هوميوپيٿڪ واحد طريقہ علاج آهي جيڪو فطرت جي اصولن جي عين مطابق آهي يعني مثل جو علاج مثل سان ڪريو. "Simlia Sembilus cusenter" ۽ ان کان علاوه سعرا، سفليس ۽ سائيڪوس بہ امراض پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿا.

## هوميوپيٿيءَ جا بنيادي اصول

## Basic Principles of Homoepathy

1. بالمثل 2. مفرد دوا جو استعمال 3. آزمائش شده دوا جو استعمال 4. ملطف (لطيف قليل) شده دوا جو استعمال

## نظريي جي صداقت Truth of philosophy of Homoepathy:

باباءِ طب بقراط پنهنجي ڪتاب Littre ۾ لکن ٿا ته، مرض انساني جسم ۾ جنهن شيءِ کان پيدا ٿيندو آهي ۽ ان سان ئي مرض ٺيڪ ٿي ويندو مثلاً جنهن شيءِ سان کنگهه پيدا ٿئي ان شيءِ سان ئي کنگهه جو علاج ٿي ويندو. مثلاً جيڪا شيءِ دست پيدا ڪندي اهائي شيءِ دستن جو علاج آهي.

سئزرلينڊ جو مشهور طبيب پيراسلس 1493ع ۾ پنهنجي مشهور ڪتاب Miner Diseases ۾ علاج بالمثل جي تائيد هئين ڪئي آهي ته جيڪا شيءِ يرقان مرض کي پيدا ڪندي اها شيءِ ئي يرقان جو (ترياق) علاج آهي.

## علاج هيئڻ شروع ڪجي (Case Taking)

هو ميوپيٿڪ طريقه علاج Case Taking (مريض جو علاج شروع ڪرڻ) کي اولين حيثيت ۽ اهميت حاصل آهي. طلباء کي سڀ کان وڏيڪ ڏکيائي Case Taking ۾ ئي ٿيندي آهي. اِها ڳالهه طئي آهي ته وقت گذرڻ سان گڏوگڏ فنڪار جي فن ۾ پختگي ايندي آهي پر شروعات ۾ ڏکيائي ڏسڻي پوندي آهي. مريض ڪٽڻ (Case Taking) بظاهر هڪ سادو ۽ آسان مسئلو معلوم ٿيندو آهي پر عملي طور تي ڪيس ڪٽندي وقت مُعالج کي نهايت هوشياريءَ، دانشمنديءَ ۽ مڪمل احتياط جي ضرورت هوندي آهي. اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته اهڙي مهارت حاصل ڪرڻ ۾ ڪيترن سالن جي تجربي جي ضرورت هوندي آهي. مريض ائين مُطمئن نه ٿيندو جيستائين اوهان کي مٽيريا ميڊيڪا (Mataria Medica) تي عبور ۽ دسترس حاصل نه آهي. علامتن کي غور سان ٻڌو حسب ضرورت مريض کان سوال ڪريو ۽ پوءِ جيڪي دوائون علامتن مطابق اوهان جي ذهن ۾ اينديون وڃن ان فهرست جي مُدنظر مجموعي علامتن مان قريب ترين ۽ پوءِ قريب ترجي حساب سان دوائن کي ترتيب ڏيو ۽ جيڪا دوا پهرين نمبر تي رکو ان کي مريض لاءِ منتخب ڪيو. (Case Taking) مريض جو علاج ڪرڻ دوران غير

معمولي اهميت رکڻ وارين علامتن تي بہ نظر رکڻ ضروري آهي ۽ اهي ئي علامتون هڪ صحيح دوا جي انتخاب ۾ معاون ثابت ٿينديون آهن. هڪ مريض جيڪو دل جي عضوي تڪليف ۾ مبتلا هيو اسان جو خيال هيو تہ ان جي دوا ڪلڪ ڪارب (Calc Carb) ٿيندي پر جڏهن خصوصي علامتن سان گڏ مجموعي علامتن کي پرکيو ويو تہ مريض جي دوا فاسفورس (Phosphorus) نڪتي ۽ اهو ان ئي دوا سان شفاياب ٿيو.

فلسفہ هوميوپيٿيءَ ۾ قوت حيات کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. گردي جي پٿري جي مريض جنهن کي بربيرس (Berberis) ڪنيٿرس (Cantheris) ڪلڪ رينالس (Calc.Renals) ڏنيون ويون پر فائدو ڪو نہ ٿيو پر خصوصي علامتون ۽ قوت حيات کي مدنظر رکندي سيپيا (Sepia) ڏني وئي تہ مريض جي گردي جي پٿري خارج ٿي ويئي. جڏهن قوت حيات بحال ٿيندي آهي تہ مرض جسم مان ئي ختم ٿي ويندو آهي. شفايابيءَ جي عمل ۾ علامتون مٿان کان هيٺين طرف رخ ڪنديون آهن. خصين ۾ تڪليف جي هڪ مريض جي مجموعي علامتن تي پلسٽلا (Pulsatilla) روڊن ڊرون (Rodendron) ڪنيٿرس (Cantheris) وغيره سان ڪو فرق نہ پيو پر خصوصي علامتن تي جيڪي ٿڌي پگهر جون علامتون هيون وريٽرم البم (Veratrum Album) سان مريض شفاياب ٿي ويو. اهي سڀ ڳالهيون مٽيريا ميڊيڪا (Maaria Medica) جي فلسفي تي غور وقت ۽ تجربو اهي ڳالهيون سمجهائي ڇڏي ٿو. اسان جو مقصد اوهان جي رهنمائي ڪرڻ آهي.

معالج جي لاءِ هوميوپيٿڪ طريقہ علاج ۾ مريضن جي لاءِ دوا جي پوٽنسي (Potency) جي باري ۾ ڪو خاص اصول واضح نہ آهي، مختلف معالجن پنهنجي پنهنجي تجربي مطابق راءِ قائم ڪئي آهي.

ان لاءِ اسان هر دوا سان گڏ ذاتي تجربي کي ۽ معالجن جي راءِ کي سامهون رکندي اهڙي طاقت جي چونڊ ڪئي آهي جيڪا مريض جي لاءِ بہ مُعتدل هجي. لهٰذا جتي 30 طاقت تحرير هجي اتي 3X کان 30 طاقت تائين دوا استعمال ڪرائي سگهو ٿا. جيڪا انتهائي محفوظ طاقت تصور ڪئي ويندي آهي. (پر Nosode جي صورت ۾ طاقت 200 کان گهٽ استعمال ناهي

ڪرڻي.) 3X ڪان 30 طاقَتِ ڏينهن ۾ 4 دفعہ ۽ 200 طاقت جي دوا جو استعمال ڏينهن ۾ صرف هڪ دفعو استعمال ڪرڻ سان بهترين نفعو ملندو آهي. 1000 طاقت کي 5 يا 7 ڏينهن بعد دهرايو وڃي. هڪ لک cm طاقت 10 ڪان 15 ڏينهن جي وقفي سان هِڪَ خوراڪ ڏيڻ مناسب آهي. (نوسوڊ (No Sode) مان مراد متعلقہ عفونتي (غلاظتي) مواد مان تيار ڪيل دوا جو آهي).

ٻہ يا ان ڪان وڌيڪ دوائون واري واري هيٺ ڏنل دوائون وقفي سان ڏئي سگهجن ٿيون يعني 3X يا 30 واري واري سان ڏئي سگهجن ٿيون. 2+2 خوراڪ 200 طاقت هِڪَ هِڪَ ڏينهن هڪ دوا ۽ ٻئي ڏينهن ٻي دوا واري واري دَوائن جو استعمال ۽ انجو بغور جائزو وٺندا رهو.

هڪ عرض ڪندا هلون تہ انهيءَ حقيقت کان بہ انڪار نہ ٿا ڪري سگهون تہ طب چاهي روايتي هجي، يوناني، آريوويدڪ هجي يا هوميوپيٿڪ سَيني جو هڪ اخلاقي پَهلو بہ هوندو آهي. مُعالج ۽ مريض جي باهمي تعلق کي نظرانداز نہ ڪرڻ کپي. معالج جيڪڏهن شفيق نہ هجي ۽ مريض کي پنهنجي معالج تي اعتماد نہ هجي تہ مريض جي صحت جي بحاليءَ جو عمل خاطر خواهہ ڪيئن ٿي سگهي ٿو. ڪامياب معالج اهو آهي ۽ دَستِ شفا بہ ان ڪان ئي ٿيندي آهي جنهن جو علم سائنسي ۽ رويو مخلصانہ ۽ مشفقانہ هجي.

## دوا Remedy

هَر اها شيءِ جنهن سان جسم اجنبيت محسوس ڪري، خُواهہ اها غذا هجي يا دَوا يا ڪنهن قسم جو زهر هجي، جِسم جو دفاعي رد عمل ان جي خِلاف ڪامياب دفاع ڪندو آهي. اِهو بيروني حملو جيترو ڪمزور هوندو اوتروئي آسانيءَ سان جسم ان جي خلاف ڪامياب دفاع ڪندو آهي. هِني مين ان طِبعي نظام دفاع کان فائدو وٺندي اهو نظريو پيش ڪيو تہ جيڪڏهن انساني جسم ۾ ڪا اهڙي بيماري موجود هجي جيڪا جسم ڪنهن نہ ڪنهن سبب نظرانداز ڪئي هجي ۽ انجو مقابلو نہ ڪري رهيو هجي تہ تمام لطيف مقدار ۾ ڪو اهڙو زهر جنهن جون عَلامتون، ان تڪليف يا بيماريءَ سان مِلندڙ جُلندڙ علامتن ۾ هڪ جهڙائي هجي ۽ اها دوا جسم ۾

داخل ڪري ڇڏي پر اها ايتري تہ هلڪي ۽ لطيف هجي جنهن جي نقصانده علامت ڪي بي اثر ڪيو ويو هجي، اها دوا جڏهن جسم ۾ داخل ٿيندي تہ جسم ان خلاف هڪ لطيف ردعمل ظاهر يا پيدا ڪندو ۽ انهيءَ رد عمل سان ان اندروني بيماريءَ کي بہ نيڪ ڪري ڇڏيندو جيڪي علامتون ان دوا صحت مند ماڻهوءَ کي ڏيڻ سان پيدا ٿيون هجن. مطلب تہ اها دوا بيماريءَ سان مشابهہ علامتون ختم ڪري ڇڏيندي

اهڙي قسم جو طريقہ علاج جنهن ۾ ڪي زهريلي شيون يا دوا هلڪي مقدار ۾ ڪنهن صحتمند ماڻهوءَ کي کارائي، حاصل ڪيل علامتون ظاهري ۽ محسوس ڪرڻ واريون ڪجهہ دوائي علامتون. بس اهڙو علاج جنهن ۾ ڪي زهريلي شيون اهڙين ئي بيمارين کي دور ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيون وڃن جهڙيون علامتون اهي خود پيدا ڪري سگهن. انهيءَ کي هوميوپيٿي يا بالمثل طريقہ علاج چيو وڃي ٿو. مگر لازمي آهي تہ ان زهر کي جڏهن هوميوپيٿڪ دوا طور استعمال ڪيو وڃي تہ انهيءَ کي ايترو تہ لطيف ۽ هلڪو ڪيو وڃي جو اهو پنهنجو زهريلو اثر پيدا ڪرڻ کان محروم هجي. باوجود ان جي جسم جي لطيف دفاعي صلاحيت جو شعور ان دوائي حملي کي محسوس ڪري ان خلاف رد عمل ظاهر ڪري ۽ رد عمل، بيماري علامتون، شفاعي علامتن ۾ تبديل ٿي وڃن.

## تلاش دوا

معالج جي لاءِ سڀ کان مشڪل مرحلو جيڪو ڪيس ٽيڪنگ (Case Taking) جو اهم رُڪن يا حصو هوندو آهي اهو آهي تہ. سئو دوائن مان هڪ دوا جو انتخاب ڪيئن ڪيو وڃي. جيڪڏهن توهان جلدبازيءَ ۾ ڪم ڪيو ۽ علامتن کي صحيح ترتيب سان نہ لکيو تہ مناسب دوا ڪڏهن بہ تجويز نہ ڪري سگهبي. عام علامتون، ذهني علامتون، خاص علامتون، عمومي مشترڪ علامتون ۽ مخصوص علامتن کي اهڙي ترتيب سان لکو ۽ ان جي درجہ بندي ڪريو جيئن ذهني علامتون ٿي چار هُجن تہ سَڀ جو سَڀ نُمايان علامتن جي درجہ بندي اڳ ۾ يعني پهريان لکو جيئن هيٺ ڏنل آهي.

1 ـ عام علامتون:

(1) ذهني علامتون

(2) جذبات متعلق: محبت ۔ نفرت ۽ خوف.

(3) فهم متعلق: هذيان ۔ وهم

(4) حافظي متعلق

2۔ ماحُولي:

(1) گرمي ۔ سردي ۔ موسم جو اثر

(2) نَمي ۽ خشڪيءَ جو اثر

(3) حرڪت ۽ دٻاءَ جو اثر

(4) افاقي ۽ اضافي جو وقت

3۔ جسماني:

(1) جنسي ميلانات

(2) معدي جي تڪليف

(3) خوراڪ جي طلبَ ۽ بيزاري

(4) بُک ۔ اُج ۔ گرم ۔ سرد ۔ مشروبات

(5) ماهواريءَ جو اثر

(6) اخراجات جي ڪيفيت

4۔ عارضو:

(1) جِسم جي ڪهڙي حصي طرف آهي؟


(2) ڪيفيت ڇا آهي؟

(3) گرمي ۔ سردي ۔ موسم ۔ حرڪت ۽ دٻاءَ جو اثر

(4) افاقي، اضافي جو وقت ۽ سبب

# باب پهريون

## دماغي ۽ نفسياتي بيماريون Mental and Psychological Diseases




اُفسردگي (مايوسي) DEPRESSION :

عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ فعاليت ۾ رڪاوٽ ۽ ان سان گڏ ذاتي بي قدري ۽ ڪمتريءَ جو احساس افسردگي (DEPRESSION) جي هر شڪل ۾ موجود هوندو آهي. فَعالتي رڪاوٽ جسماني رڪاوٽ ۾ بہ ٿي سگهي ٿي. جذباتي توانائيءَ ۾ بہ ۽ فڪري ڪارڪردگيءَ ۾ بہ. فعاليت جيڪڏهن صحتمند هجي تہ جسماني قوت، جذباتي توانائي ۽ فڪري ڪارڪردگي ٽنهي ۾ باهمي تعلق آهي ليڪن بيماريءَ جي حالت ۾ ان باهمي تعلق ۾ خلل پئجي ويندو آهي ۽ ڪنهن هڪ يا ٻن طرفن ۾ پاسو ڳرو ٿي ويندو آهي. جسماني رڪاوٽ جي خبر ان وقت پوندي آهي جڏهن ڪم ڪرڻ جي اهليت گهٽجي وڃي يا جسماني رڪاوٽ اچي وڃي. حرڪت ۾ سُستي، بدهاضمو، بي خوابي، وزن ۾ گهٽتائي، مٿي جو سور، اجابت ۾ بيقاعدگي ۽ مايوس خالت ۾ جسماني رڪاوٽ جون چند مثالون آهن.

هيٺ ڏنل هوميوپيٿڪ دوائون مختصراً تعارف سان گڏ جيڪي مايوسيءَ واري حالت (DEPRESSION) ۾ انتهائي ڪم اينڌڙ آهن.

<u>آرم ميٽ Aurm Met</u>: هِن دوا جو مريض سودائي، پنهنجي خيالن ۾ گُم ۽ معالِج سان تعاون ناهي ڪندو. چُپ چاپ وينو پنهنجي سامهون شين کي تڪيندو آهي. انجو دماغ عجيب و غريب خيالن جو آرام گاهہ بڻجي ويندو

آهي ۽ سمجهندو آهي تہ عزيز و اقارب جي قُرب کان محروم ٿي ويو آهي ۽ پاڻ کي تمام ناڪامين ۽ خرابين جو ذميوار سمجهندو آهي. دنيا کان بيزار ٿي ويندو آهي، ايتري تائين جو پنهنجو پاڻ کان بہ نفرت ڪرڻ لڳندو آهي، ان لاءِ خودڪشيءَ لاءِ بہ تيار ٿي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين ڪري بہ ڇڏيندو آهي. آرم ميٽ جي مريض کي ڪنهن بہ ڳالهہ تي آماده ڪرڻ تمام مشڪل هوندو آهي. اُفسردگيءَ جي شدت جيتري وڌيڪ هجي، دوا جي طاقت ايتري وڌيڪ هوندي آهي يا ڏبي آهي.

**ڪلڪ ڪارب Calc Carb**: مريض جو بدن پلپلو (يا ڦيڦو) - چمڙي ملائم، ٿلهائپ طرف مائل، مزاج سرد ۽ پير برف جيان ٿڌا هوندا اٿس. مريض مجسم افسردگي ۽ گُم سُم هوندو آهي. ڪلڪ جو مريض ڪم کي بِلڪل هٿ ئي ناهي لڳائيندو. ڪا ترغيب بہ ان تي اثر ناهي ڪندي، ڪونہ ڪو فضول ۽ بيڪار شُغل ڪٽي سجو ڏينهن گذاري ڇڏيندو آهي ۽ ان کي يقو ٿيندو آهي تہ ڪٿي پاڳل نہ ٿي پوي، اُن تي يا ان جي دوستن تي ڪا آفت نہ اچي وڃي. اهو ڪنهن سوداءَ ۾ زاروزار ڳوڙها وهائيندو رهندو آهي ليڪن خودڪشي تي آماده ناهي ٿيندو.

**اگنيشيا Ignatia**: پَل ۾ تولو پَلَ ۾ ماشو. ڪڏهن کلي ڪڏهن روئي ۽ نهايت ئي حساس هسٽريا. مريضہ يا مريض، ناڪام محبت ۽ غم مان آهون پري، خصوصاً اُها مريضہ يا مريض يا اهڙا فرد محبت جي ڪري جنهن کي ان جي محبوب جو خاندان پسند نہ ڪري، اهڙو مريض ماڻهن کان گهبرائيندو آهي ۽ تنهائي پسند بڻجي ويندو آهي. ٻُڪَ گهٽ لڳندي اٿس ۽ پيٽ ۾ گيس ۽ متي ۾ زور ڪندي آهي.

**نيٽرم ميور Nat: mur**: غَمَ، خوف ۽ غُصي جي جذبات کان پنهنجي خُول ۾ قيد. تنهائي پسند مريض جنهن کي تسلي ۽ همدردي نهايت ناگوار گذرندي هجي ليڪن اها ڳالهہ بہ رنجيده خاطر هجي. انجي شخصيت ائين ٿيندي آهي جيئن خاموش آتِش فشان! ظاهراً خاموش، شرميلو گهٽ ڳالهائو ليڪن ان جي اندر لائو پچندو رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو ڦاٽي پوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو متي جي سور ميگرين (Migraine) جي صورت اختيار ڪندو آهي. صحت مند حالت ۾ بہ نيٽرم ميور جو مريض،

ملڻ جُلڻ ۾ تہ ملنسار ۽ خوش مزاج معلوم ٿيندو آهي ليڪن ان سان گڏ زندگي گذارڻ ڪافي مشڪل ڪم هوندو آهي.

آرسينڪ البم Arsenic Album: بي چين، بي قرار هَرهَر، ٿورو ٿورو پاڻي پيئڻ وارو سرديءَ کان گهبرائڻ وارو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تشدد تي آماده نظر ايندو آهي ۽ سمجهندو آهي تہ ان کان اهڙو گناهہ سرزد ٿي ويو آهي جنهن کان ڇوٽڪارو ممڪن ناهي، ان لاءِ هو سخت چڙچڙو ۽ هر شخص کان ناراض رهندو آهي، ان کي اڪيلائيءَ کان خوف ٿيندو آهي ۽ مرڻ کان بہ سخت پئو ٿيندو آهي ۽ نهايت مايوسيءَ جي حالت ۾ خيال ڪندو آهي تہ ڪو بہ ان جي مدد نہ ٿو ڪري سگهي. انهيءَ لهر ۾ اچي ڪڏهن بہ خودڪشيءَ جهڙو قدم کڻي سگهي ٿو. ليڪن اڪثر مريض موت جي خوف وچان خودڪشي نہ ڪري سگهندا آهن. نارمل حالت ۾ اهڙو شخص نهايت صفائي پسند ۽ قائدي قانون جو پابند هوندو آهي ۽ ڪنهن جي ڪَشت کي برداشت ناهي ڪري سگهندو.

ايسڊفاس ACID PHOS: نازڪ بدن تنڪ مزاج مريض، جنهن جو حافظو ڪمزور هجي ۽ اهو هر شيءِ کان لاتعلق هجي، ڪنهن شيءِ ۾دلچسپي نہ وٺي. انجي خيالن تي بيڪار فرسوده، وهم ڇانيل هجن، ذهن - ڪُند - اعصاب ٿڪل ٿڪل هجن. ان کي جواب ڏيڻ جي لاءِ هون، ها کان علاوه ٻيا ڪي موزون لفظ نہ ملن. هي دوا عموماً ناڪام محبت، دماغي طور تي ڪمزور ۽ ڪراڙن مريضن جي لاءِ وڌيڪ موزون آهي ۽ هيٺين طاقتن ۾ بهتر ڪم ڪندي آهي.

سلفر Sulphur: گرم مزاج مريض، جنهن کي بُکَ گهٽ، اڃ گهڻي لڳي، وهنجڻ کان گهبرائي، مٿي جي چوٽيءَ ۽ پيرن جي ترين ۾ ۽ جسم ۾ خارش هُجي، اهڙين شين جي ماهيت معلوم ڪرڻ لاءِ غير معقول حد تائين تجسس ٿئي. پنهنجو پاڻ کي عظيم انسان سمجهي. جڏهن دنيا ان جي حيثيت تسليم نہ ڪري تہ هو مايوسيءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي مَن جي دنيا ۾ قادر مطلق خدايا پيغمبر بڻجي ويهندو آهي.

ڪالي فاس Kalli Phas: نهايت اعصابي مريض، شديد مايوسيءَ ۽ ڪساڊيءَ جو شڪار، ننڊڙو ڪم بہ جبل جيڏو نظر اچي. ماڻهن کان گهبرائي.

دماغ ۾ حافظو ڪمزور، ڪاروبار ۾ مايوس رهي، رات جو بنا سبب خوف ۾ رهي.

**ليلم ٽگ Lilium Tig**: مريض کي ماهواري گهٽ، ڪاراڻ مائل ۽ بدبودار اچي ليڪن وقت کان پهريان اچي. هيٺ دٻاءُ رهي. شديد افسردگيءَ واريءَ حالت ۾ پنهنجي نجات جي باري ۾ سخت تشويش ۾ رهي ۽ تسليءَ کان تڪليف وڌي وڃيس. خيالي لاعلاج بيماريءَ جو وهم ان کي کائيندو رهي.

**سمي سي فيوگا Cimicifuga**: مريضہ کي ماهواري وڌيڪ اچي ۽ بيضہ داني (Ovaries) ۾ سور ٿئي، خصوصاً ماهواريءَ کان پهريان. خون سياهہ، جميل بدبودار هجي. ماهواري دوران چيلهہ ۾ سور ٿئي. مريض نهايت افسرده ان وهم ۾ مبتلا تہ ڪا مصيبت اچڻ واري آهي. بادلن ۾ ويڙهيل هجڻ جو احساس رهي.مريض کي بندگهر ۾ گهبراهٽ. بوسٽ سبب دريءَ کان ٽپو ڏيڻ جو انديشو هجي.


**چائنا China**: اَهم مائع جات جي اخراج سبب ڪمزوري ۽ نُقاهَتَ ۔ سردي گهٽي لڳي، پيٽ ۾ آڦري هجي. مريض تي شديد بيزاري ۽ مايوسي ڇانيل ۽ ڪنهن شيءِ جي پرواهہ نہ هجي ۔ خاموش ليڪن ايذاء رسائيندڙ ضدي ۽ نافرمان.


**آئيوڊيم Iodiom**: ڏٻرو مريض، جنهن کي بک وڌيڪ لڳي پر ڳرندو وڃي. غرور، اڪثر سُڃيل، حافظو ڪمزور، ماڻهن کان خوف کائي ۔ افسردگيءَ دوران تشويس جو شڪار رهي. اهڙن مريضن ۾ خودڪشيءَ طرف لاڙو پاتو ويندو آهي.

**پلسٽلا Pulsatilla**: نرم طبيعت پر سخت چڙچڙي متلون مزاج جا مريض، تنهائي، انڌيري، اوندهہ ۽ پوت کان ڊڄي. ڳالهہ ڳالهہ تي اکين ۾ ڳوڙها۔ همدردي ۽ تسلي سُني لڳي. جنس مخالف کان ڊڄي ۽ خود اعتماديءَ جي گهٽتائي. بند گرم ڪمري ۾ گهبراهٽ ٿئي. بک، اُڃ ۽ ماهواري گهٽ، بدن ٿلهو پلپلو ۽ چهرو گول مهتابي.

**سيپيا Sepia**: مريض ڏٻرو رنگ، ڦڪو ڦڪو نڪ ۽ ڳلن تي ڇايون، ڇتا ۽ ٽڪڙو ورزش کان لهرائيندو. سرد مزاج ايڏو جو گرم ڪمريءِ ۾ بہ سيءُ ٿئيس ۽ پنهنجي راءِ متعلق مخالفت برداشت نہ ڪري سگهندو آهي. ان کي مڙس، ٻارن ۽ والدين سيني کان لاپرواهي ۽ هر ڪم کان بيزاري هوندي آهي. همدردي


ناگوار لڳندي اٿس ۽ تنهائيءَ کان خوف ٿيندو اٿس پر ماڻهن کي تنگ ڪري خوشي محسوس ڪندو آهي. علامتون ٻڌائڻ وقت روئي ڏيندو آهي.








## مَٿي جو سُور HEADACHE




مٿي جو سور بذات خود ڪا بيماري ناهي، بلڪ هڪ علامت هوندي آهي ڪنهن مرض جي. دماغي مرض ۾ اهي ماڻهو جيڪي گهڻو کائيندا پيئندا آهن مثلاً: شراب، ڪَبابُ ۾ حفظان صحت جي پابندي نہ ڪندا آهن ۽ جيڪي دماغي محنت وڌيڪ ڪندا آهن. رنج، غم ۾ مبتلا رهندڙ ۽ تيز اُسَ ۾ ڪم ڪندڙ. شديد بخارن بعد انفلوئينزا ۽ دماغ جي ڪمزوري ۽ رت جي گهٽتائي مکيہ سَبب آهن.

متي جي سُور جا ڪجھ قسم هيٺيان آهن، مثلاً:

1. اعصابي سور (Neuralgia. Nervovs headach)
2. متي جو سور دموي (Congestive Headach)
3. متي جو سور صَفراوي (Bilious Headach)
4. متي جو سور وجع المفاصلي (Rhumatic Headach)
5. اڌ متي جو سور .(Migraine Headach)

## علاج Treatment

ايڪونائيٽ: ACONITE 30: دٻائڻ وارو سُور ائين معلوم ٿئي ٿـ هر شيءِ متي جي رستي ٻاهر نڪري پوندي ۽ ڪوپڙيءَ کي مٿان ئي مٿان دٻايو وڃي رهيو هجي. نظر جي گهٽتائي، اکين مٿان سُور نڪ جي پاڙ ويجهو تعگي معلوم ٿئي. مريض فِڪرمند هجي - بخار جي حالت، سخت متي جو سُور چمڙي خشڪ، نبض پريل، اُجَ گهٽي ۽ ويهي اٿڻ تي مٿو چڪرائي - مريض نااميديءَ جي حالت ۾ هجي ۽ دَرد بـ ناقابل برداشت هجن.

بيلا ڊونا BELLADONA30: سُور لوندڙين جي هڏين ۾ ۽ متي تي وڌيڪ معلوم ٿئي، چهرو پريل اکين جون پلڪون (ڇپر) ڳوريون، اکين جي نظر گهٽ ۽ اکين جي سامهون روشنيءَ جون چٽنگون اڏن، متي جو سور، چهرو ڳاڙهو اجتماع خون اکين ۾، جلڻ جي زيادتي روشنيءَ شور ۽ حرڪت کان پئدا ٿئي، مريض جي دل مجبوراً اکيون بند ڪرڻ گهري، 3 بجـ منجهند جو زيادتي، روشنيءَ، شور، حرڪت يا ليٽڻ سان پئدا ٿئي.


برائي اونيا BRYIONIA 30-200: سُور متي تي وڌيڪ محسوس ٿئي، ائين محسوس ٿئي تـ متو ڦاٽي پوندو اڳين طرف جهڪڻ سان ائين معلوم ٿئي جڻ دماغ ٻاهر نڪري پوندو. صفراوي الٽي، سور ساڄي طرف هجي، هر دفعي حرڪت کان زيادتي، اکيون حرڪت آٽڻ سان بـ صُبح جو اٿڻ بعد متي جو سور، چپ خشڪ، زبان خشڪ، اُجَ وڌيڪ. قبضي ۽ مزاج چڙ چڙو.

نڪس واميڪا Nux.vomica: متو ڳورو معلوم ٿئي - دٻائڻ سان سور ۽ چڪر اچن - چهري تي اجتماع خون - گهٽي خوراڪ واپرائڻ بعد ۽ شراب جي گهٽي استعمال کان سور شروع ٿئي، قبضي، پاخاني جي حاجت ليڪن

پاخانو خارج نہ ٿي سگهي. ڪاڏي ڪائڻ ڪان پوءِ يا دماغي ڪم ڪان زيادتي، صبح جي وقت زيادتي ـ الٽي جي خواهش ليڪن خارج ڪجهہ نہ ٿئي.

آرسينڪ البم Arsenic Album: مٿي جي چوٽيءَ تي جَلڻ جو احساس ـ اکين جو ڳئرو هجڻ ـ سُور جي حملي بعد ڪمزوري وڏيڪ ـ زبان سُرخ ـ هلڪو هلڪو بخار بہ هجي ٿڌي هوا يا مٿو پجائڻ سان آرام معلوم ٿئي. پيشانيءَ ۾ سُور ٿئي. ڪائڻ پيئڻ بعد زور سان اُلٽي ٿئي.اُڃ گهٽي پر هر دفعي ٿوري مقدار ۾ پاڻي واپرائي ـ بي چيني ـ ڪمزوري، موت جو خوف

## چڪر Vertigo





جيڪي ماڻهو مٿو چڪرائڻ جي ڳالهہ ڪندا آهن اهي صحيح چڪر نہ هوندا آهن. انهيءَ جي حقيقت هيءَ آهي تہ اعصابن جي افعالن ۾ خلل ۽ انهن جي خرابي، جنهن کي اهي چڪر ڪونين ٿا. جنهن جو مطلب آهي غير ثابت قدمي جي عارضي حالت. صحيح چڪرن ۾ ڏڙڪ عضون ۾ غير ارادي حرڪتون موجود هونديون آهن. صحيح چڪر هميشہ اندروني ڪَنَ ڪان ٿيندا آهن. ان سان گڏ اندروني ڪَنَ جا زخم آهن. عام طور تي اهو خيال ڪيو ويندو آهي تہ چڪرن جي ميعاد کي حد جي اندر رکڻ مناسب آهي. مٿي جي اندر دماغ جي يا بيروني ماحول جي حرڪت هِڪ داخلي احساس ۽ شايد محوري گردش جو نتيجُو بڻبو آهي يا هڪ طرف جي هڪ احساس جو هٿي وڃڻ ـ چڪر هميشہ شامل هوندا آهن ۽ ان ۾ ٿڌا پگهر، ڦڪو رنگ ٿي وڃڻ ـ اسهال ـ انتهائي ڪمزور نبض ۽ غشي مکيہ سَبب آهن. ڪَنَ جا زخم (Owlar Lesions) ۽ دماغي زخم. جن ۾ Brain Stem Lesions ۽ Cerebeilar Lesions شامل آهن.

چڪرن جون علامتون ۽ انهن جو علاج:

| | |
|---|---|
| ٿورڙي آواز سان ئي چڪر اچن. | Thercdion 30 |
| ڪرسيءَ تان اٿڻ مهل چڪر اچن. | Bryonia 200 |
| کٽ تان اٿڻ مهل چڪر اچن. | Chelendinum 30 |
| بستري تان اٿڻ مهل چڪر اچن ائين محسوس ٿئي ته بيهوش ٿي ويندو | Petrolium 200 |
| اوندهه (انڌيري) ۾ چڪر | Tabacum 200 |
| اکيون کولڻ تي چڪر | Tabacun 200 |
| اکيون بند ڪرڻ تي چڪر | Lachasis 200 |
| اکيون بند ڪري هلي نه سگهي | ArgentNit 200 |
| بلنديءَ کان هيٺاهين تي لَهڻ مهل چڪر | Bovista 30 |
| پڙهڻ سان چڪر | Nat.mur 200 |
| ننڊ ضايع (ڦٽڻ) سبب چڪر | Coulus 200 |
| نِوڙي اٿڻ تي چڪر | Belladona 30 |
| بلندي ڏانهن چڙهندي چڪر اچن | Calc. Carb 200 |
| هلندي وقت چڪر | Phosphorus 200 |
| ڄڻ ته کٽ گهمي رهي هجي. | Conium 200 |
| حيض جي دبجي وڃڻ ڪري چڪر | Pulsatilla IM |
| خوشبوءِ گلن کان چڪر | Phosphorus 200 |
| مٿي ڏسڻ سان چڪر | Silicia 200 |
| هيٺ ڏسڻ سان چڪر | Spigelia 200 |
| ڪنڌ کي کبي طرف موڙڻ سان چڪر ڄڻ ته ڪري پوي | Conium 200 |
| مٿي کي حرڪت ڏيڻ سان چڪر | Bryionia 200 |
| ڪياڙيءَ کان شروع چڪر | Gelsimium 200 |
| ڏاڪڻ چڙهندي وقت چڪر | Calc. Carb 200 |
| ڏاڪڻ لهندي وقت چڪر | Borax 200 |
| شُور ءِ گوڙ کان چڪو | Theridion 200 |
| کائڻ پيئڻ بعد چڪر | Pulsatilla 200 |

| | |
|---|---|
| پاسي ورائڻ بعد چڪر (ڪراڙن ۾) | Conium 200 |
| چڪرن سبب ليٽڻو پوي | Phosphorus 200 |
| نَظر جي ڏنڏلائپ چڪرن سان گڏ | Gelsimium 200 |
| ننڊ بعد اٿڻ سان چڪر | Lachasis 200 |
| گاڏيءَ يا ٻيڙيءَ ۾ چڪر | Cowlus 200 |
| چَڪر ليٽڻ سان وڌي وڃن | Rhustox 200 |
| ليٽڻ سان چَڪرن ۾ گهٽتائي | Apis Melifica 200 |
| چَڪر، ائين معلوم ٿئي ته نشي ۾ آهي. | Gelsimium200 |

## دماغي ڏڪ - زخم - چوٽ





قاضي احمد سعيد جو ناياب نسخو پيش خدمت آهي

Arnica IM + Nat: Sulf IM + Belladona 200 opium 200 + Hypericum 30.

ملائي استعمال ڪريو.

## Brain دِماغ




جسماني نظام جو اهو حصو جيڪو انسان ۾ ڪوپڙيءَ (Cranium) جي

هذي جي وچ ۾ قائم آهي جيڪو پورن ۽ سفيد جزن سان مِلي ڪري تشڪيل پائيندو آهي. دماغ تمام ذهني ۽ جِسماني نظام کي ڪنٽرول ڪندو آهي. هي انسان جي، عَقُل، انجي شعور ۽ قوت فڪر جو مرڪز هوندو آهي. هي فڪر، خواهش، احساس، قبوليت ۽ جذباتي احساس کي ممڪن بڻائيندو آهي. عام طور تي ذهن ۽ دماغ کي گڏي سڏي بيان ڪيو ويندو آهي.ذهِن کي بيروني دنيا کان واقفيت نَسُنِ (Nerves) جي ذريعي حاصل ٿيندي آهي، انجي عيوض دماغ جي شريانين جي حاصل واقفيت مطابق عمل ڪرڻ جي هدايت ڏيندو آهي، هي ڪم بہ نَسُن ذريعي ٿيندو آهي. مُختلف نَسُون حِسياتي ۽ محرڪاتي سرگرميون انجام ڏينديون آهن ۽ چند نسون گڏي ڪم ڪنديون آهن.

## علاج Treatment

ڏڪ جي نتيجي ۾ قرڙي — Arnica 200

دماغ جو سُن ٿيڻ — Bufo 200


دماغ ۾ رسولي — Merc-Iodide 30

دماغ ۾ سوجَ، پاڻي جيڪو بيهوشي جو سبب بڻجي، چڪر ۽ مٿي جو سُور — Cuperm Arse 30

دماغ ۾ انجماد (جامد) خون ۽ هڪ طرف جو اڌرنگ — Bothrops 30

دماغ ۾ پاڻي پوڻ — Helleborus 30

## خَوف Fear




هڪ طرح جي جذباتي ڪمزوري- جسم ۾ هڪ ڪيميائي مادو پيدا ٿي خون ۾ جذب ٿي اعضاءِ رئيسہ تي خراب اثر وجهندو آهي. هي زهر قطعي

خون کان پيدا ٿيندو آهي ۽ ان ڪيفيت جي ختم ٿيڻ سان غائب ٿي ويندو آهي. اعضاءِ هضم تي هن جو تمام خراب اثر پوندو آهي ۽ ان کان اڏرنگ جو حملو ٿيندو آهي. ۽ اچانڪ موت واقع ٿيندو آهي.

## علاج Treatment

| | |
|---|---|
| اڪيلي رهڻ ۽ جانورن جو خوف | Conium 200 |
| موت ۽ مستقبل جو خوف | Aconite 200 |
| گهبراهَٽ ۽ خوف | Argent Nit 200 |
| امتحان جو خوف | Anacardium |
| ٻاهِر لڳڻ جو خوف | Cuperm met 30 |
| هجوم جو خوف | Aconite 30 + Gelsiunm 30 |
| خوف سَبب بيهوشي | Opium 200 |
| ڪُتن جو خوف | Belladona 200 |
| چورن جو خوف | Lachasis 200 |
| اونچائيءَ کان ڪرڻ جو خوف | Gelsimium 30 |
| رستو پار ڪرڻ جو خوف | Aconite 30 |
| پنهنجي پاڇي کان ڏجي | Stapnsegeria 200 |
| ريل گاڏي جو خوف ـ سوڙهي جاءِ جو خوف | Succinum 30 |
| شاديءَ کان خوف ۽ نفرت | Anacardium 200 |


## وهم Hallucination



| | |
|---|---|
| شين جو خوف | Absinthinium 30 |

| | |
|---|---|
| نوان واقعات وسِري وَڃن | Absinthinium 30 |
| چڱائي ۽ برائي ۾ ورهايل ياداشت خراب | Ancardium 200 |
| نانگن متعلق وَهم | Lac-Canaium 200 |
| معدي متعلق امراض ۾ وَهم | Lycopodium 200 |
| عورتن ۾ مغرور هجڻ جو وَهم | Platina 200 |

## خودڪشي Suicide




| | |
|---|---|
| خودڪشي طرف ڌيان | Aurm met 200 |
| خُون ڏسندي ئي خودڪشيءَ جو دورو | Alumina 200 |
| خوف کان خودڪشي ڪرڻ | Arscnic Album 200 |
| غُربَتَ سَبب خودڪُشِي ڪرڻ | Capsicum 200 |

## هستيريا (باؤگول) HYSTERIA



هي مرض اعصابي آهي ۽ اعصابي نظام جي افعال ۾ فتور واقع ٿيڻ جي ڪري پئدا ٿيندو آهي. هي مرض صرف عورتن تائين محدود ناهي هوندو چاڪاڻ تہ هي محض رحم جي خرابي جي سبب کان پئدا ناهي

ٿيندو بلڪ مردن ۾ به ڏسڻ ۾ آيو آهي. قديم طبيبن جو خيال هيو ته هي مرض عورتن جي رحم جي خرابيءَ ڪري پئدا ٿيندو آهي. خناق يعني ڳلو گهٽجڻ، جيئن ته هن مرض ۾ ڳلو گُهٽبو آهي ان جي لاءِ ان کي اختناق الرحم جو نالو ڏنو ويو. جڏهن مرض جو دؤرو شروع ٿيندو آهي ته پيٽ مان هڪ گولو اُٿي نڙيءَ ۾ اٽڪندو آهي.


هن جا ٻه قسم هوندا آهن. (1) خفيف (2) شديد.



## علاج Treatment

| | |
|---|---|
| هر روئي هر کلي | Ignatia 30 |
| لاشعوري طور عضلات جا جهٽڪا لڳڻ ۽ وڪڙيون | Cicuta 200 |
| غم، پريشاني، ماليخوليا ۽ ڏڪٽي | Ignatia |
| هسٽيريا دوران انڊائپ | Ferum. met |

## مرگهي EPILEPSY




اڪثر هي مرض موروثي هوندو آهي. ٻارن ۾ ڏندن نڪرڻ مهل، اچانڪ ڊڄي وڃڻ (Fear)، پيٽ جا جيت هجڻ آهي ۽ جوانن ۾ جلق، مشت

زني، (Masturbation)، دماغي صدمو (Mentat shock)، ڪثرت مجامعت، گهٽو رنج ۽ غم، شراب نوشي، آتشڪ، نقرس، وجع المفاصل يا خون وغيره. آنڊن ۽ اعضاءِ تناسلي ۾ ڪنهن مزمن رهڙ وارو مرض موجود هجڻ ۽ عورتن ۾ اعضاءِ تناسلي ۾ ڪنهن مزمن تڪليف جو موجود هجڻ ۽ مستورات ۾ حيض جو نقص ان جا سبب آهن.

## علاج Treatment

**ڪلڪ ڪارب Calc: Carb 30,200** : مرگهيءَ جي علاج ۾ هن جي وڏي اهميت آهي. مريض ۾ مرگهي پاتي ويندي آهي ۽ ان ۾ علامتون ۽ مزاج ڪلڪيريا ڪارب جيان دل جو ڌڙڪڻ، تشويش، غمناڪي، بي قراري ۽ دل جي اُڪساهٽ، حافظي جي ڪمزوري، بيهوشي، مٿي جا چڪر ۽ تشنج وغيره. جيڪڏهن خوف يا بجليءَ جي جهٽڪي (Electri Shock) لڳڻ، مشت زني، ڪثرت مباشرت جو سبب هجي ته هن دوا سان ضرور فائدو ٿيندو.

**بوفورانا Buforana 200_1m**: جڏهن مشت زني يا ڪثرت مباشرت سبب عارضو پئدا ٿئي ته هي دوا يقينن فائدو ڪندي.

**انڊيگو Indigo 30** : مريض پست همٿ هجي، اداس رهي ۽ پيٽ ۾ جيت هجن ته هي دوا بيحد فائديمند آهي.

**ڪيوپرم ميٽ Cuperm Met 200** : خاص ڪري ٻارن جي مرگهيءَ جي خاص دوا آهي. چهرو ۽ چَپَ نيرا هجن. اکين جا ڏوڏا هيڏي هوڏي حرڪت ڪن. وات مان گَج اچي ۽ عضون ۾ ڇڪيون پون ته هي دوا استعمال ڪرايو. مرض جو حملو رَڙ سان شروع ٿئي، شديد، مسلسل رهي ۽ رات جو اڪثر هجي.

**ارجنٽ نائٽ Argent Nit 200** : مرگهيءَ جي هيءَ به هڪ دوا آهي. مرض جو حملو ٿيڻ کان اڳ مريض جون پتليون ڦهلجي وڃن ۽ بي چينيءَ ۾ هٿ ڏڪن. حيض جي نقص ڪري خوف ۽ مرگهيءَ جي ڪري دورو ٿئي ته فائديمند دوا آهي.

**اوننٿي ڪروڪاٽا Onenthi. Crocata** : هڪدم ۽ مڪمل بيهوشيءَ جو طاري ٿيڻ. چهرو سجيل هجي، وات مان گَڦ وهي، پتليون

ڦهليل ـ تشنج (Tetnus)سان گڏ تنگون ۽ ٻانهون سَرد هجن. ان لاءِ بهترين عمل ڪندڙ دوا آهي.

**سليشا Silicia 200** : خنازيري ٻارن ۾ مفيد دوا آهي. مرگهيءَ جي دؤرن جو نئين چنڊ تي شروعات ڪرڻ. مرگهيءَ جي دؤري کان پهريان ٿڌ جو محسوس ٿيڻ ۽ دؤري بعد گرم پگهر. هن دوا جي خاص علامت آهي.

Nux vomica 3x.30 هاضمي جي خرابيءَ جي ڪري جڏهن هي مرض پئدا ٿئي ته ڪم ايندڙ دوا آهي. مريض کي محسوس ٿئي ته چهري تي ڪوليون گهمي رهيون آهن.

Cicuta Verosa 6x200: ساهه تڪليفن سان اچي. تشنج چهرو نيرو ـ سرخ ـ وات مان گج اچي ـ ڪنڌ پوئين طرف ڦريل ـ اکيون ڦري وڃن ۽ سخت نقاهت هجي.

**سلفر Sulfer 6x.200** : ڪثرت مباشرت. چاٽ لڳڻ. خنازيري مزاج. دؤري بعد نقاهت گهٽي ٿئي. ڪنهن ٻي دوا درميان به سلفر استعمال ڪرائي سگهجي ٿي.

## پاڳل پڻ: Insanity Melancholia



عقل ۾ فتور اچڻ کي ديوانگي چوندا آهن. جڏهن انسان جي عقل ۾ فتور اچي ته بيهوده ڳالهيون ڪرڻ لڳندو آهي ۽ وهمي وسوسائي ٿي پوندو آهي. انجي دل ۾ وهم ۽ ڪوڙا خيال پيدا ٿيندا آهن. مريض جو مٿو ڦرندو آهي ۽ اڪثر مٿي ۾ سور رهندو اٿس. خيالات پريشان ڪندا آهن. طبيعت ڪاروبار تي ناهي لڳندي. حافظو ڪمزور ٿي ويندو آهي. دماغ ۾ ڪمزوري ۽ ٿڪاوٽ جو احساس هوندو اٿس. مريض بي چين ۽ اداس رهندو آهي ۽ مريض جو مزاج

چڙوچڙ تي ويندو آهي، جوش ۾ غصو پيدا ٿي پوندو اٿس. منشيات مثلاً: چرس وغيره جو استعمال ڪثرت سان، شراب نوشي ـ دماغي محنت، ڪثرت مباشرتِ، مشت زني، آتشڪ حادِثہ نفساني خواهشن جي زيادتي، فاقہ ڪشِي، محتاجي، امراض معده، عورتن جا زنانہ امراض وغيره اسباب آهن.

## علاج Treatment

<u>بيلاڊونا Belladona 30</u>: سَڀَ ڪان پهرين دَوَا آهي. عُنصوي، بيچيني، متي جو سُور، پتليون ڦهليل ۽ مريض نهايت سخت مزاج.

<u>پلاٽينا Platina 30. 200</u>: مريض خيال ڪري تہ هو تمام انسانن ڪان بالاتَر، دولتمند ۽ فاضل آهي. موت جو خوف هجيس، عورتن ۾ خواهش جماع وڌيل ۽ حيض جو نقص هجي.

<u>ليڪسس Lachasis 200</u>: هڪ مضمون يا ڳالهہ ڪان ٻئي موضوع تي هليو وڃي ـ شڪي ڳالهائڻو وسواسِي ۽ شڪليون نظر اچنس.

<u>استرامونيم Stramonium 30-200 : هي</u> دوا بيلاڊونا جي مشابهہ آهي. مريض تَند هُجي، وڙهَڻ ۽ چَڪُ هڻڻ جي خواهش ڪري، خوفزده ۽ خواب ۾ نانگ ۽ چوها (ڪوئا) ڏسي.

<u>وريٽرم البم Veretrum Album 200 : هِن</u> دوا جون علامتون استرامونيم دوا سان ملنديون جُلنديون آهن. مريض چِڙچڙو ۽ بي چين هجي. مذهبي جُنون جي لاءِ وريٽرم البم مفيد آهي.

<u>ايناڪارڊيم Anacardium 30-200 :</u> مريض کي ائين معلوم ٿئي ٿو تہ انکي بہ ضمير آهن. لعنت، ملامت ڪَرڻ تي طبيعت جو رجحان ـ حافظو ڪمزور هجي ۽ عورت خيال ڪندي آهي تہ ٻار ان جو نہ آهي.

<u>ڪلڪ ڪارب Calc.Carb 200 :</u> اکيون بند ڪرڻ تي ان کي تمام گهٽيون تصويرون نظر اينديون آهن.


<u>آرمر ميٽ Aurmmet 200 :</u> زندگيءَ ڪان بيزار هجي ۽ خودڪشي ڪرڻ جي خواهش ڪري.

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album 200 :</u> نااميد هجي. مريض خيال ڪري تہ ڪوبہ ماڻهو انجي پرواهہ نہ ٿو ڪري، تمام دوست ان کي ڇڏي ويا

آهن. حافظو ڪمزور هجي ۽ غُصو يا بحث مباحثي ڪان مريض چڙي پوي.

ڪينابس انڊيڪا Canabis Indica 200 : وقت ۽ مفاصلي متعلق ڏوڪو لڳي. هڪ منٽ سال برابر ۾ محسوس ڪري ته جسم وڌي رهيو آهي.

## HEMIPLEGIA. Paralysis فالج ـ اڌرنگ




هِن مرض ۾ جسم جي بَعض حِصن مان خاص حِصو يا حَرڪت يا هر هڪ ناقَصِ يا زائل ٿي ويندو آهي. جڏهن هي مرض ساري جِسم ۾ هجي ته ان کي ڊاڪٽريءَ ۾ جنرل پيرا لائس (General Paralysis) يعني عام فالج چوندا آهن. جڏهن هي مَرَض نصِف جِسم ۾ ٿئي ته ان کي Hemeplegia چوندا آهن ۽ جڏهن هي مَرَض چيلهه کان هيٺ ٿئي ته انکي انگريزي ۾ Paraplegia چوندا آهن ۽ جڏهن صرف چهرو مفلوج ٿئي ته ان کي Facial Paralysis لقوه چوندا آهن. دماغ ۾ ڳوڙهو مرگهي، رَعشہ ـ باؤ گولو ۽ آتشڪ وغيره هن مرض جا اسباب آهن. اڪثر هي مرض سَڪتي جي بيماري سَبب ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن وري نخاع جي خرابي سبب.

## Treatment علاج

رسٽاڪس Rhustox 30-200 : جڏهن فَالج، وجع المفاصل جي سَبب کان ٿئي يا پَجڻ (Wet) نَميءَ سَبب، اعصابي بخارن ۽ ٽائيفائيڊ (Typhoid) سبب کان ٿئي ته هي دوا نافع آهي. اعضاءَ سخت ٿي ويا هجن. هي دوا مزمُن حالتن ۾ بہ خاص طور تي مفيد آهي. ٻارن جي فالِج ۾ بہ مفيد دوا آهي.

ڊلڪامارا Dulcamara 200 : رسٽاڪس جي مشابهہ آهي. هينين ڏڙَ جو فالِجُ يا جڏهن مرطوب موسم ۾ آلي زمين تي ليٽڻ سان فالِجُ شروع ٿئي

حرارت، اُجَ، سُرخي، گرم پگهر ۽ بي صبري گهٽي هجي تہ هيءَ دوا تمام مفيد هوندي آهي.

**ڪالوسنٿ Colosynth**: ابتدائي حالت ۾ هيءَ دوا بہ مؤثر هوندي آهي. جڏهن هي عارضو نزلي يا سردي لڳڻ يا جذبات جي پڙڪاءَ سَبب پيدا ٿيو هجي ۽ انهن سورن جي خاص علامت هيءَ هوندي آهي تہ حرڪتَ ڪرڻ يا ڇهڻ سان وڌيڪ ٿيندا آهن ۽ آرام ڪرڻ يا بيروني گرميءَ ڪان افاقو ٿيندو آهي.

**اسپائي جيليا Spigelia**: چهري جي اعصابي سور ۾ خاص مقام رکندڙ دوا آهي. جڏهن تہ سور وائي جا هُجَن، ڪَتڻ وارا هُجَن، ڇهڻ سان نميءَ ۾ ۽ حرڪت سان سورن ۾ زيادتي ٿئي.

**سمي سي فيوگا Cimicifuga** : خانہ چشَم جي مٿان سورَ اعصابي ۾ هي دوا نهايت مفيد آهي. هي سور رحم جي خرابين سَبب ٿيندا آهن. اعصابي مزاج وارين عورتن جي چهري جا سُورَ جيڪي ٻيپهريءَ ڪان پوءِ شروع ٿين ۽ رات جو سُورن کي آرام ٿيندو آهي.

**بيلاڊونا Belladona**: اعصابي سورن ۾ ڊاڪٽر هارٽ مين هن دوا جي خاص تعريف ڪئي آهي. اکين ۾ پاڻي، شام جي وقت سُور شديد ڪَتِڻ وارا ۽ اڌ رات جو تمام شديد ڪَپڻ وارا هوندا آهن.

**چائنا China**: مليريا جو زهر هِن عارضي جو سَبب هجي، ڇُهَڻ سان سور وڌي وڃي ۽ زور سان دبائڻ سان آرام ملي. مريض ۾ ڪمزوريءَ جي حالت ڏٺي وڃي ٿي.

**آرسينڪ البم Arsenic Album**: خالص اعصابي سور جيڪي پهريان جلڻ جيان هجن. مريض سخت بيچينيءَ جي حالت ۾ هيڏي هوڏي پاسا ورائي. سور دورن جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي. ٿڌي پاڻي ڪان پهريان تہ آرام محسوس ٿئي پر بعد ۾ تڪليف وڌي وڃي.

**ميگنيشيا فاس .Mag.phos** اعصابي سورن جي هڪ خاص دوا آهي. چهري جي اعصابي سور لاءِ. سور جڏهن وقفي ڪان پوءِ ۽ ٻالي لڳڻ جهڙا هُجن ۽ گرميءَ ڪان آرام معلوم ٿئي، گرميءَ ڪان سورن کي آرام ٿيڻ هن دوا جي خاص علامت آهي.

# اُم الصبيان ـ ٻارن جي مرگهي Infantile Convulsion




Fig 127

هِنَ مَرض ۾ ٻارن ۾ تشُنجي حَرڪتون تي پونديون آهن ۽ مريض جي جِسم ۾ ڪُلي ۽ غير اختياري عُضلات ۾ واري واري اڪثر ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن تہ مريض بيهوش بہ ٿي ويندو آهي. ضعيف حالت ۾ ٻار جي چهري جي عُضلات ۾ جهٽڪا ايندا آهن. ساهہ بہ تڪليف سان ايندو آهي. شديد ڪيسن ۾ مريض بيهوش ٿي پوندو آهي ۽ اکيون ڦري وينديون اٿس.

## علاج Treatment

بيلاڊونا: Belladona: خُونَ جو دؤرو بجانبِ مٿو يا ورم دماغ جو عارضو هجي. چهرو گرم ۽ تاٽيل. ٻار ڇرڪ ڀري ننڊ مان اٿي پوي۔ وحشيانہ طور تي هيڏي هوڏي ڏسي.

ڪيموميلا Chammomella: چهري جي عضون ۽ اکين جي ڇپرن جي عُضلات ۾ تشُنجي حرڪتون هُجَن ۽ هڪ رخسار ڳاڙهو هجي ۽ ٻيو پيلو۔ چڙ چڙي مزاج جا ٻار. انهن جي لاءِ هي دَوا نهايت موزون آهي.

نڪس واميڪا Nuxvomica: جڏهن نشاستي دار غذا يا ميوا کائڻ سَبب مرض پيدا ٿيو هجي.

ڪيوپرم ميٽ Cuperm Met: جڏهن ڪاري کنگهہ جي عارضي ۾ هي مرض پيدا ٿي پوي تہ هي دَوا شافي هوندي آهي.

سائنا Cina: جڏهن پيٽ ۾ جيت هُجَن.

جيلسميم Gelsimium: جڏهن دماغي مرض هُجَن.

ضروري هدايت: ڳِلي، سيني ۽ شڪم جي ڪپڙي کي ڍلو ڪري ڇڏيو ۽ بٽڻ کي بہ کوليو. مٿي کي اوچو رکو ٿڌي پاڻي جا ڇنڊا منهن تي

**<u>نڪس واميڪا Nux vomica</u>**: نخاع جي مرضن سَبب جڏهن چيلهہ جو سُور شروع ٿئي تہ ان جي لاءِ هڪ اعليٰ دوا آهي. رات جو بستري تي ليٽڻ وقت سُور وڌيڪ ٿين. پالي لڳڻ جهڙو سُور ٿئي. چيلهہ ۾ چٽڻگون لڳن. پاسو ورائڻ مشڪل ٿئي ۽ مريض پاسا ورائي. جيتري دير مريض ليٽيو رهي سُور اوترو وڌيڪ ٿئي.

**<u>اوگزيلڪ ايسڊ Oxalic Acid</u>**: چيلهہ ۾ سخت سُور ٿئي. پاسي ورائڻ سان ڪجهہ آرام ملي، ائين معلوم ٿئي تہ چيلهہ اهڙي ڪمزور ٿي وئي آهي ۽ جسم کي سهارو نہ ڏئي سگهجي. سوچڻ سان سُور وڌيڪ محسوس ٿين، نقاهت ۽ ڪمزوري محسوس ٿئي.

**<u>سيپيا Sepia</u>**: جڏهن رحم جا نقائص هجن ۽ ان سَبب چيلهہ ۾ سور ٿين تہ هي دَوا مؤثر هوندي آهي. هَلندي ڦِرندي وقت ڪمزوري محسوس ٿئي. ويهڻ تي سُور گهٽو ٿئي. چيلهہ ۾ يڪدم سُور جڙ تہ هتوڙا لڳي رهيا هجن. ڪنهن سخت شيءِ سان چيلهہ کي دٻائڻ سان آرام ملي.


**<u>ايسڪيولس هپ Aesculus Hip</u>**: جڏهن هَلَڻ ڦِرڻ سان چيلهہ جو سُور وڌيڪ ٿئي تہ هي دوا نافع هوندي آهي. چيلهہ وٽ سخت هلڪو هلڪو سور رهي ۽ هلندي هلندي چيلهہ رهجي وڃي. حمل دوران چيلهہ جي سور لاءِ اڪثير دَوا آهي.

**<u>سمي سمي فيوگا Cimicifuga</u>**: عورتن جي سُور لاءِ نادر دوا آهي.

**<u>آرنيڪا Arnica</u>**: سخت مشقت ڪَرڻ يا ڌڪ لڳڻ سَبب چيلهہ ۾ سُور ٿئي.

نوٽ: رسناڪس + برائي اونيا مڌر ٽنڪچر سان مالش ڪجي.

## عرق النساء: ڪُنَ رَڳ جو سُور Sciatcia




هي سُور نري جي وڏي عَصب ۾ ٿيندو آهي جنهن کي Sciatic Nerve چئبو آهي. هي سُور چُتڙ کان هيٺ ڪُڙيءَ تائين محسوس

ٿيندو آهي. هي سور آهستي آهستي شروع ٿيندو آهي ۽ شديد ٿي ويندو آهي. ڪلهي کان هيٺ ڄنگهه جي پوئين طرف شروع ٿي هيٺ پير تائين ويندو آهي. مريض متاثر ڄنگهه کي ڦيرائي ۽ سڪيڙي ته شديد سور ٿيندو آهي. گوڏي کان هيٺ پوئين طرف زور سان دٻائڻ سان شديد سُور محسوس ٿيندو آهي. ائين ويهڻ تي سڄو وزن غير متاثر ڄنگهه تي وجهندو آهي ۽ متاثر ڄنگهه جي ڪُڙي مٿي کڻي ويهندو آهي ورنه شديد تڪليف محسوس ڪندو آهي. جيئن متاثر Nerve ۾ ڇڪ نه ٿئي.

عرق النساء جي سور جو دورو شديد ٿيندو آهي. سخت قبضي، آلي جڳهه تي ويهڻ يا سُمهڻ وغيره. چڪ پوڻ ۽ سَٽ اچڻ انهي مرضن جي سببن مان ڪُجهه سَبب آهن.

## علاج Treatment

<u>ڪالوسنٿ Colosynth 6x_30</u>: عرق النساءِ جي هِڪَ مشهور دوا آهي ۽ نهايت خراب ڪيسن ۾ به هي مؤثر دوا آهي. سُورَ وڏي عَصَبَ (Sciatic Nerve) ۾ ٿيندا آهن ۽ گوڏي ۽ ڪڙي ۾ سور ٿيندو آهي. حَرڪت ڪرڻ سان ۽ خصوصاً سَردي لڳڻ سان تڪليف وڌيڪ ٿئي ٿي. سُور وقفي کان پوءِ ٿيندو آهي ۽ بعد ۾ مائوف مقام سُن، ۽ ڪنهن قدر مفلوج ٿيندو آهي. مريض کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻ ڄنگهه لوهه جي پِڃري ۾ جڪڙيل آهي. عُضوا نهايت سخت، ٽانٽيل ۽ آڪڙيل هجن. ساڄي طرف خصوصاً ۽ هَلَڻ ڦِرڻ ۽ جُهڪڻ جهڙا سور هجن ۽ ابتدائي ڪيسن ۾ هي دوا خصوصاً مفيد هوندي آهي. ڪلهي جي چوڏاري ڇِڪَ جو احساس. دردَ يڪدم شروع ٿي وڃن. ٿَڌِ يا نَمي کان ۽ رات جو سُور وڏي وَڃن ۽ مريض ڪنهن حالت ۾ متاثر عُضون کي آرامُ ۾ نه رکي سگهي.

<u>نيفاليم Gnaphylium</u>: هي دوا ڪالوسنَٿِ جي بلڪل مشابهه آهي. ڊاڪٽر اڪثر هِن مرض ۾ هن دوا کي اڪثير مجيندا آهن. سُورَ نهايت سخت هوندا آهن ۽ متاثر عُضوا سُنُ ٿيندا آهن. ليٽڻ سان. حَرڪَت ڪرڻ سان ۽ قدم بقدم هلڻ سان تڪليف وڌيڪ ٿيندي آهي ليڪن مريض جڏهن ڪُرسي تي ويهي ته انهن دردن کي آرام هوندو آهي.

**آرسينڪ البم Arsenic Album 200**: درد وقفي ڪان بعد ٿيندا آهن. هر رات عين وقت تي تيز ٿيندو آهي ۽ ناقابل برداشت ۽ وڌيڪ هلڻ سان تڪليف ٿيندي آهي ليڪن آهستي حَرڪَت ڪرڻ سان آرام ٿيندو آهي. سَرديءَ ڪان تڪليف وڌيڪ هوندي آهي ۽ گرم مالش سان ڪنهن قدر آرام ٿيندو آهي. ڪَنَ رڳ جي سُورَ ۾ ڪيموميلا هڪ معتبر دوا آهي.

**رسٽاڪس Rhustox 200**: ابتدائي ڪيسن ۾ هي دوا گهٽ ڪم ايندي آهي ليڪن جڏهن هي مرض پراڻو ٿي وڃي تہ مؤثر هوندي آهي. سُور ڦاڙڻ وارا جلٽدار هُجَن. آرام ڪرڻ وقت تڪليف وڌيڪ ٿئي. منداٸپ ۽ عضلات ۾ جهٽڪا هُجَن. قبضي هجي ۽ جڏهن چيلهہ ۾ سُور ۽ ڪَن رڳ جو سور ٻئي ملي وڃن تہ هي بهترين دوا آهي.

**ليڊيم Ledum 200**: جڏهن عرق النساء وجع المفاصِل جا سور ۽ مليل جَليل هُجَن تہ هي دوا ڪم ايندي آهي.

**روٽا Ruta 30–200**: جڏهن ڪَنَ رڳ جو سور ابتدائي حَرڪَت ۾ ويهي اٿڻ تي گولي لڳڻ جهڙو هجي ۽ مريض سُور دوران هَلَڻ ڦِرڻ تي مجبور ٿيندو آهي ۽ سورَ مَرطوب يا ٿَڌِي موسَمَ ۾ تڪور ڪرڻ سان وڌيڪ ٿيندا آهن.

**ڪالي آئيوڊائيڊ Kalli Iodide 3x 200**: سُورَ رات جو متاثر طرف ليٽڻ تي وڌيڪ ٿيندو آهي ۽ حَرڪَت ڪرڻ سان آرام ٿيندو آهي. جڏهن پاري جو زَهَر آتشڪي زهر جي ڪري عارضو ٿئي تہ هي دوا معاون ثابت ٿيندي آهي.

**فائٽولڪا Phytolaca 30, 200**: سُورَ تير هڻڻ جهڙا ۽ ڦاڙڻ جهڙا هُجن. حَرڪَتَ ڪرڻ سان وڌن. آتِشڪي زهر جي ڪري سُور ٿين.

**ڪالچي ڪم Colchicum**: سُور ساڄي طرف هُجَن ۽ تيز گولي لڳڻ جهڙا سُورَ ٿين. جيڪي حرڪت ڪرڻ سان وڌيڪ ٿين. مريض ڪي چَپ چاپ رهڻو پوي. سورَ فوراً لڳاتار ۽ ناقابل برداشت هُجَن.

**امونيم ميور Amonium Mur**: ويهي رهڻ تي ڪُن رڳ جو سور وڌيڪ ٿئي، هلڻ ڦرڻ تي ٿورڙو هجي ۽ ليٽڻ سان آرام ٿئي. ڪبي ڪُلهي ۾ سور هجي گويا بنڌڻ (TENDON) تمام ننڍا ٿي وڃن. تنگون ڇڪيل معلوم ٿين. جهٽڪا درد ناڪ هجن ۽ پير ننڊ هجن.

**پلسٽلا Pulsatilla**: جڏهن رڳن ۾ خون جو دؤرو رڪجي ويو هجي. ٿڪاوٽ ۽ ڳورائپ محسوس ٿئي. ڪڏهن درد هڪ جاءِ تي ۽ پوءِ فورًا ٻي جاءِ تي نمودار ٿئي چڏن ۽ ڪلهن ۾ ۽ ڏڪڻ ۾ دوا ڪم ايندي آهي. نقص رحم جي ڪري شياٽيڪا (ڪن رڳ) جا سور ٿيندا آهن.

**ايڪو نائيٽ Aconite 30_200**: ورمي ڪن رڳ ۾ جڏهن ٿڌ ۽ پگهر جي دٻجي وڃڻ جي سبب عارضو پئدا ٿيو هجي ته هي دوا ڪم ايندي آهي. مائوف جڳهه سن ۽ ان ۾ ٿڌ محسوس ٿيندي آهي. خاص ڪري پيرن جي آڱوٺي ۾ سور نهايت شديد هجي خاص ڪري رات جو مريض بيچين هجي ۽ متاثر عصب ۾ سرڪو هجي.


**بيلا ڊونا Belladona**: ورم تمام گهٽو هجي ۽ سور يڪدم ظاهر ٿين. سوزش عصب ۽ شياٽڪ (Sciatic Nevre) (عصب) نهايت ذڪي الحساس. رات جو سور شديد ٿيندا آهن. متاثر جڳهه کي چڏي نه سگهي. ٿورڙي ڇهڻ يا هوا ۽ جهوٽي کان تڪليف وڌيڪ ٿئي. شديد پالي لڳڻ جهڙا سور بعد ٻيپهري يا شام جو ٿين ۽ مريض پنهنجي جڳهه بدلي. حرڪت ڪرڻ, گوڙ گهمان يا ڇهڻ تي تڪليف وڌيڪ ٿئي. شديد پالي لڳڻ جهڙا سور محسوس ٿين.

مريض کي هر هر پنهنجي حالت, جڳهه بدلڻي پوي. حرڪت ڪرڻ, ٽڪرائڻ يا ڇهڻ تي تڪليف وڌي وڃي. ڪپڙي جو ڇهڻ به ناقابل برداشت هجي.

**نڪس واميڪا Nux_vomica 30**: هن دوا جو اثر SPINAL CORD تي ٿيندو آهي. درد بجلي جيان ٿين. نهايت شديد ٿين. مريض کي جڳهه بدلڻي پوي. مائوف عضوو سخت متاثر جاءِ ليٽڻ تي ۽ گرم پاڻي جي ٽڪور سان آرام ملي. قبضي هجي ۽ مريض آرام پسند هجي.

# باب ٻيو

## وارن جون بيماريون Hair Diseases




ماهرين جي اڪثريت وارن جون بيماريون انهن جو نزلو ٻڌائين ٿا. مغرب جا نامور ڊاڪٽر اها راءِ رکن ٿا تہ جسم ۾ ڪي خاص ڪيميائي جزا ۽ انهن جي گهٽتائي سَبب وارن ۾ بيماريون ٿين ٿيون. ڪجهہ غذائي خرابين جي ڪري جسم ۾ ڪيميائي رطوبتون گهٽ پيدا ٿين ٿيون جن مان وارن کي غذا ملندي آهي تہ ان مان ڪيترن ئي قسمن جون بيماريون پيدا ٿي پونديون آهن.

ٻين جسماني عُضون جيان وَار بہ اسان جي خُونَ مان غذا حاصل ڪندا آهن. هٿن جي تِرين ۽ پيرن جي تِرين کان علاوه پوري جسم تي وار هوندا آهن. وارن جا جيڪي قسم آهن انهن ۾ ڪارا، ناسي، ڀورا ۽ سفيد. هر وار جي پاڙ چمڙي اندر هوندي آهي جتان خون جون باريڪ عروق مان وارن جي پرورش ٿيندي آهي. هِڪَ سَالَ ۾ وارن جي واڌ ساڍا اڌ اِنچَ هوندي آهي. تمام وارن جو اوسطاً تعداد هڪ هم چورس انچ ۾ هڪ هزار وار ۽ مٿي تي تقريباً 20 هزار وارَ ۽ جتني وڏيڪ گهاٽا وارَ هوندا آهن انهن جو تعداد وڏيڪ هوندو آهي.

نيٽرم ميور ۽ فاسفورس Nat: Mur 30+Phosphorus 200: بيماريءَ جي ڪمزوريءَ سبب.

## وَارَ ڪرڻ ڪان پهرين پورا تي وڃن
## PRE MATURE, GRAY HAIR




تائيرادينيم Thyrodinium. 200: هِن دوا سان عِلاج شروع ڪيو هڪ مهيني تائين.

لائيڪوپوڊيم Lycopodium. 200: جڏهن تائيرائيڊنيم ناڪام ثابت ٿي وڃي تہ پوءِ استعمال ڪريو.

نيٽرم ميور Nat: Mur 200: ڪمزور ڪندڙ بيماريءَ کان پوءِ استعمال ڪريو.

## ”گنجائپ“ وَارَ ڇَڙو ALOPECIA BALDNESS



هن مرض جو شڪار اڪثر مرد ٿيندا آهن. عام طور تي مٿي، ڏاڙهي ۽ ڀرون، جتان بيماريءَ جو آغاز ٿيندو آهي، پهرين اُتي هِڪ داغ ٿيندو آهي پوءِ ننڍيون ننڍيون ڦرڙيون هڪ چَڪَرُ ناهينديون آهن. ان بعد

سنهون ڪَرنَڊ جيڪو سَنهَن ڇَلهڙن جي شڪل ۾ هوندو آهي، وار ڇڳي پوندا آهن. ڏکيو مرض آهي، مشڪل سان ختم ٿيندو آهي. ڪافي دفعا ڏاڙهي ۽ مڇن جو صَفايو ٿي ويندو آهي. گرم مصالحن ۽ گوشت کان احتياط ڪجي.

## علاج Treatment

ٿوجا Thuja 200: وَارن جو ڪِرڻ ۽ سفيد ڇلهڙن جي ڪري وارن جي چمڪ ختم ٿي وڃي.

استيلاگو Ustilago 30: سڦلسِ جي ڪَري، جِتي بہ وَار ڪِرن اتي ٻيهر نہ ڦٽن.

سلينم SELENIUM 200: سڄي جِسم خاص ڪري ڇهري جا وَارَ ڪِرن، عَجيب شِڪل معلوم ٿئي.

ايلومينيا Aluminia 20: تمام جسم تان وار ڇڻن ۽ مٿي جي چوٽيءَ تان وڌيڪ وارَ ڪِرَن.

ايسڊ فلور Acid Flour 200: آتِشڪ جي ڪري وَارَ ڪِرَن. وَارَ خشڪ ۽ ٽٽي ٽٽي وڃن.

نيٽرم ميور Nat: Mur 200: حمل ۾ وَارَ ڪري پوَن. مزمن مٿي جي سُور بعد وَارَ ڇڻن.

ليڪسس Lechasis 200: حمل دوران وارَ ڪِرَن.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 200: مٿي جي چوٽيءَ جا وارَ ڪِرَن. چمڙيءَ جون تڪليفون، اعصابي مٿي جو سور ۽ ڪمزوري جي ڪري آتشڪ.

وينڪا مائينر Vincaminor 200: خارش حل ڪرڻ جي ناقابل ضبط خواهش.

امونيم ميور Amonium Mur 200: مٿي جي خشڪيءَ سان گڏ وارَ ڇڻن.


سلفر Sulfer 200: بي ترتيب وارَ خشڪ ۽ مٿي ۾ خارش.

ڪالي ڪارب Kalli Carb 200: مٿي ۾ خشڪي، وارَ ڪِرَن شديد بخارن بعد.

لائيڪو پوڊيم Lycopodium 200: وار اڳ کان اڳ سفيد. زچگيءَ دوران وار ڪرن.

# باب ٽيون

## اکين جون بيماريون Diseases Of Eyes




دنيا جو علم ۽ اسان جي رابطي جو انحصار اک (Eye) ۽ ان جي صحت تي منحصر آهي. اک ذريعي اسان ڏسندا آهيون پر حقيقت هي آهي ته ڪنهن به شيءِ جو عڪس اک جي پتلي (Pupil) ذريعي ٿيندو آهي اتان کان ان جو علم نَسُن جي تحريڪ جي ذريعي ذهن جي هڪ پيچيده عمل سان هوندو آهي.

روشنيءَ جي ڪرڻن جي نَسن جي ذريعي ترسيل ۽ ذهن ۾ ان جي تشريح هڪ اهڙو واقعو آهي. جنهن کي اڃا تائين پوري وضاحت سان نه سمجهيو ويو آهي. باهر کان اکيون پلڪن (ڇپرن) ۽ ان جي وارن جي ذريعي محفوظ رهنديون آهن. ڀِروَنِ ذريعي پگهر جي رڪاوٽ جو انتظام ٿيل آهي.

ڪنجڪيٽو (Conjuctive) يا رابطه رگ ۽ چشم اندر جي لائيننگ آهي ۽ پتلي جي مٿان حفاظتي حصو به آهي. ڪجهه وڌيڪ تحفظ ان غدود جي ذريعي عطا ڪيو ويندو آهي جيڪي ڪنهن بيروني شيءَ سان اک جي صفائي جي لاءِ ۽ مُضر بيڪٽريا کي مارڻ جي لاءِ ڳوڙها (Tears) پئدا ڪندا آهن. ڳوڙها اک جي ڪُنڊ ۾ نڪ جي ويجهو هڪ نڪاسي عمل جي ذريعي ڳلي تي وهائي ڇڏيا ويندا آهن. اک جي سامهون جي طرف رنگين حصو (Tears) يعني پرده غيبيه چوايو وڃي ٿو ان پردي جي مرڪز ۾ پتلي هوندي آهي جنهن جي ذريعي روشنيءَ جون ڪرڻون گذرنديون آهن. ان جو سوراخ اک ۾ داخل ٿيڻ واري روشنيءَ جي تعداد مطابق ڦهلبو ۽ سڪڙجندو آهي

آئرس (Iris) پوپان لينز (Lense) هوندو آهي جنهن کي ريٽينيا (Retenia) پرده شبڪي تي گذرڻ کان پهرين روشني گذرندي آهي. ريٽينيا يعني پرده شبڪي اک جي گولي جي پوپان اندروني سطح جي نسن سان پرهوندي آهي. ان جي 4.5 ملي ميٽر جي موٽائي جي تهه ۾ Receptors يعني ظروف هوندا آهن جنهن سان روشنيءَ جون لهرون نسن جي تحريڪ ۾ تبديل ٿي وينديون آهن جيڪي بعد ۾ تجربي ۽ معنيٰ سمجهائڻ لاءِ دماغ جي نشر ڪيون ويندیون آهن.

اک اندر وٽرين هيومر (Vitreon Heumor) نالي هڪ رقيق مادو هوندو آهي جيڪو جزوي طرح تي اک جي خول (خاني) جي تشڪيل جي لاءِ جوابده آهي. اک جي بيروني پَرَتَ کي قورنيه (Cornea) جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو هي آئرس ۽ پُتلي کي ڍَڪي رکندو آهي.

اک جي خاني جي رفتار ان جي آس پاس جي ننڍين ننڍين نَسُن جي ذريعي قابو ۾ رهندي آهي. غدود اشڪ قورنيه کي نم رکڻ لاءِ رقيق مادو پئدا ڪندا آهن.نڪ جي سوراخ ۾ اسٽڪ سنن جي ذريعي هڪ مسلسل نڪاسي جو عمل جاري رهندو آهي، اک جا سڀ کان عام مرض ـ اک مان پاڻي وهڻ ۽ Conjuctints ۽ هڪ بي چيني جي ڪيفيت اها هوندي آهي ۽ جڏهن ڪا بيروني شيءِ اک ۾ ڪري پوي جنهن کان درد ۽ سوجن جي ڪيفيت رونما ٿيندي آهي. اک جي اڪثر مرضن مان علاج موزون دوا ڏئي ڪري سگهجي ٿو. اک جي حفاظت ۾ روشني ۽ صفائيءَ جو خاص خيال رکڻ گهرجي.

## آشوب چشم (اک جو ڏکڻ Inflamation of eye



هِنَ مرضَ ۾ پنبڻن جي اندروني اک جي خول جي مٿان لعابدار جاري


متورم ٿي وينديون آهي ۽ اک سُرخ ٿي ڏکڻ لڳندي آهي. اکين مان پاڻي بڪثرت وهڻ لڳندو آهي ۽ صبح جي وقت پنبڙيون پونءِ گِج سان جڙي وينديون. حاد مرضن ۾ سور تمام گهڻو هوندو آهي. ائين معلوم ٿئي ٿو ته جڻ اک ۾ واريءَ جا ذرا پيل آهن. مزمن حالت ۾ روشني ناقابل برداشت هوندي آهي.

## علاج Treatment

<u>بيلاڊونا Belladona</u>: اک تمام سرخ، روشني ناقابل برداشت، چنبڙ سان سور ۽ سوزش شور غل کان نفرت.

<u>مرڪسال Merc sol</u>: مزمن آشوب چشم، حرڪت، ڇهڻ سان سور ۽ زيادتي رات جي وقت، سور جي شدت ۾ روشنيءَ کان نفرت Merc sol 20

## اک جو ڏکڻ . Purulent Conjuctvie (پونءِ دارا)






پئدائشي اک جو ڏکڻ (Opthalmia neonatorn)

سوزاڪي اک جو ڏکڻ (Gonohoreal Conjuctivits)

اهي ٽئي امراض درحقيقت هڪ ئي بيماري آهي جنهن جا ڪيئي مختلف نالا آهن ۽ هڪ متعدي مرض آهي. اک ۾ شديد سوزش ٿي هڪ ٻن ڏينهن ۾ پونءِ پيدا ٿي وينديون آهي. جيڪڏهن ان جو عِلاج فوراً نه ڪيو ويو ته اک ضايع ٿي وڃڻ جو انديشو هوندو آهي.

<u>علامتون Symptoms</u>: اک ۾ سرخي ۽ ورم- پاڻي تمام گهڻو نڪري ۽ سور به هجي- پنبڙيون سڄيل- مريض اک کي کولي نه سگهي، چاڪاڻ ته روشني ان لاءِ ناقابل برداشت هوندي آهي. روشنيءَ کان اکيون ٻوٽجي وينديون ۽ سرخي گهٽي ٿي ويندي آهي. اک ۾ شدت جو سُور هوندو آهي.


عصَبِ بينائي جو ناڪاره ٿيڻ.

<u>نڪس واميڪا Nux vomica 30</u>: اک جي استعمال ڪرڻ وقت يا ڏسڻ وقت پرده شبڪي جو سُڪڙجڻ. شديد تڪليف سان گڏ روشنيءَ جو برداشت نہ ڪرڻ.

<u>فاسفورس Phosphorus</u>: عَصبِ بينائيءَ جو موتيا بند سان ناڪاره ٿيڻ.

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album</u>: عَصبِ بنيائيءَ جو تماڪ نوشي ۽ تماڪ چباڙڻ ڪري ناڪاره ٿيڻ.

## پَلڪَن جي سوزشِ Belphrits




هن مرض ۾ پنبڻين ۽ ڪنارن ۾ ورم اچي ويندو آهي ۽ اهي سخت ٿي ويندا آهن. پلڪن جا وار بہ ڪري پوندا آهن. عام طرح پهريان پنبڙيون سور ڪرڻ شروع ڪنديون آهن بعد ۾ ڪنارا متورم ٿي سرخ ۽ سخت ٿي ويندا آهن انهن ۾ جلڻ هوندي آهي ۽ ليسدار رطوبت جواخراج بہ ٿيندو آهي. پلڪن جي پاڙ ۾ ننڍيون ننڍيون ڦرڙيون نڪري ايندیون آهن جيڪي بعد ۾ چلهہ دار زخمن جي صورت اختيار ڪري وڃنديون آهن. پلڪون خصوصاً صبح جي وقت جاڳڻ بعد چپڪيل هونديون آهن. پنبڙين جا ڪنارا سرخ ٿلها گول ٿي ابتا ٿي پوندا آهن. اکين مان بہ ڪثرت سان پاڻي وهندو آهي.

## علاج Treatment

<u>پيٽروليم Petroleum 30</u>: پلڪن جي سوزش، پلڪن جي ڪنارن جي سوزش، روشنيءَ کان خوف، پلڪن جو ڪرڻ.

<u>ڪرائيسو فارميڪ ايسڊ Crysoformic Acid 30</u>: پلڪن جي

سوزش، پرده ڪارنيہ روشنيءَ کان خوفزده اندروني طور 30x استعمال ڪريو. ٻاهران ويزلين ۾ ملائي استعمال ڪريو.

ماربيلينم Morbilinium 30: چيچڪ کان پوءِ چيچڪ جي برن اٿرن بعد پلڪن جي سوزش.

گريفائيٽس Graphites 200: پلڪن تي ڦرڙيون ۽ سرخي ان جي ڪنارن تي چلهڙن سان ڍڪيل پڪيون ٿلهيون سرخ ۽ سڄيل خون وهڻ، زخم ٿيڻ جو رجحان.

مرڪار Merc car 30: خاص طرح جڏهن آتشڪ ڪري پلڪون ٿلهيون ٿي وڃن ۽ ڦرڙيون تي پون. گرمي سردي ۾ ڇهڻ کان حساس. ڪليل هواءِ ۾ ٿڌين شين کان زيادتي، اکين ۾ سور ۽ خارش.

هيپر سلف Heper Sulf: حاد حالتن بعد جڏهن پونءِ نهڻ شروع ٿئي، پلڪن جي سوزش ٽپڪڻ دار درد سان گڏ. ڇهڻ کان حساس، گرمي کان زيادتي ۽ سرديءَ سان آرام.

ايلومينا Alumina 200: مزمن سوزش واريون پلڪون، بلغي ڄاريون ٿلهيون، ڇپرن جو هيٺ ڪرڻ ۽ ڪجهه حصا مڪمل وارن کان اگهاڙا ٿي وڃن.

پلسٽلا Pulsatilla 200: اکين جي سوزش، اميراڻي زندگي، چربي واري خوراڪ، ڇهري تي داڻا. ڇپيون نڪرڻ جو رجحان ۽ بي ضرر گهٽي تعداد ۾ اخراج.

ڪلڪ ڪارب Calc:Carb: غير صحتمند ٻارن جي اکين جي سوزش، ٿانون جيان پيٽ، خنازير ۾ مبتلا رهڻ وارا ٻار. مٿي تي پگهر اچي پلڪون سرخ ۽ سڄيل.

ڪلڪ آيو ڊائيڊ Calc200 Iodide: پلڪن جي سوزش جنهن سان گڏ ڪليون وڏيل.

رسٽاڪس Rhustox 200: پلڪن جي سوزش جنهن سان گا ڪليون وڏيل ۽ تمام گهٽي ڇپي.

ميزيريم: Mezerium: پلڪن ۽ مٿي جو ايگزيما (Eczema) جنهر ۾ ٿلها چلهڙ ۽ سخت.

ڪونيم Conium 200: پلڪون سخت ٿلهيون ۽ وزني پلڪن ج ڪري پوڻ.

سليشيا Silicea 200: جڏهن اچانڪ ڦرڙيون ظاهر ٿين.

فيرم ميٽ Ferum met 30: هسٽريا ۾

فاسفورس Phosphorus 30: بجليءَ جي ضرب بعد.

جيلسميم Gelsimium 30: اک جي مٿين ڇپر جو فالج ۽ پتليون ڦهليل. هسٽريا يا غم ڪان اک مان خون وهڻ ڪري انڌائپ.

بووسٽا Bovista: عصب بينائيءَ جو فالج جنهن ڪري انڌائپ.

## اکين جو ڇنڀڻ Blinkwinking of eyes



لائيڪوپوڊيم 200: اعصابن جي ڪمزوريءَ جي ڪري اک جو ڇنڀڻ، مريض زود رنج ڪاوڙيل، انڌيري کان خوف، ڇهري جي مشڪن جو تشنج ۽ آڪڙجڻ.


بيلاڊونا Belladona 200: پرخون مريض ۾ اکين جو ڇنڀڻ.

يوفريزيا 200: اکين جو لڳاتار ڇنڀڻ.

ڪالي بائيڪروميم Kalli Bichromum 30: مرگهيءَ جي مريضن ۾ لڳاتار ڇنڀڻ.

ڪروڪس استيوا Crocus Stiva: پڙهڻ دوران يا بعد ۾ اکين جو ڇنڀڻ.

## موتيو بند ــ نزول الماءِ Cataract



سفيد موتيءَ کي موتيو بند به چوندا آهن جيڪو هندي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي موتين جهڙا نقطا. ان مرض جي شروعات ۾ اک جي سامهون سفيد نقطا نظر ايندا آهن ۽ اک جي پتلي جي پويان عدسي ۾ بلڪل سفيد موتئي جيان نظر ايندو آهي. ان سان ان بيماريءَ کي موتيو بند به چيو ويندو آهي. عام طرح تي موتيو بند کي ڪراڙپ جي بيماري خيال ڪيو ويندو آهي پر ان بيماريءَ جو حملو عمر جي ڪنهن به حصي ۾ ٿي سگهي ٿو. اک تي ڌڪ لڳڻ سان به ٿي سگهي ٿو. اکين جي اندروني سوزش جي گهڻين بيمارين ۾ به سفيد موتيو نهڻ ۾ معاون ڪردار ادا ڪري ٿو

ذيابيطس جي مريضن ۾ عام مريضن جي نسبت موتيا بند جا امڪانات چئن کان ڇهه ڀيرا وڌيڪ هوندا آهن. ٻيا سبب غير متوازن ۽ ناقص غذا، ايڪسري شعاع ۽ انفرا ريڊيو اليڪٽرڪ شاڪ (Infra radio electric shock) وغيره شامل آهن.

موتيو بندِ ۾ انسان جي بينائي آهستي آهستي گهٽ ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي. شروع شروع ۾ اکين اڳيان نقطا نظر ايندا آهن. مريض کي اچانڪ هڪ بجاءِ ٻه يا ٽي نظر ايندا آهن ۽ مريض جي ويجهي جي نظر بهتر ٿي ويندي آهي پر آهستي آهستي ويجهي جي نظر به پري جي نظر جيان ڪمزور ٿي ويندي آهي. پتليءَ جي درمياني عدسه ۾ ٿورڙي جڳهه سفيد ٿي ويندي آهي ۽ آهستي آهستي سڄو عدسو سفيد ٿي ويندو آهي ۽ سفيد ڦلو ٺهجي ويندو آهي. ڪافي دفعه سفيدي ايندي رڪجي ويندي آهي. انهيءَ حالت ۾ ڪيترائي سال گذري ويندا آهن. جيڪڏهن سفيدي عدسه جي ڪناري تي گهٽي هجي ته ڏينهن جي وقت صحيح نظر ايندو آهي. جيڪڏهن سفيدي وچ ۾ ڦهريان هجي ته سِجَ نڪرڻ کان ڦهريان ۽ غروب آفتاب بعد بهتر نظر ايندو آهي ان لاءِ سفيد موتئي جا اڪثر مريض اها شڪايت ڪندا آهن ته انهن کي تمام گهٽ نظر اچي ٿو.


<u>مرض جا سبب Cause of Diseases:</u> ذيابيطس، امراض گرده، ڪراڙپ، آتشڪ، مرگهي، تشنج، اک تي ڌڪ لڳڻ ۽ ٻين مرضن ۾ ڪمزوري، ضعيفي ۽ بجلي جو صدمو هي مرض موروثي به ٿي سگهي ٿو.

ٻڄڻ شروع ٿي هجي ـ اک ڇهڻ سان حساس ـ درد شديد ۽ ٽپڪڻ دار جنهن
کي گرم ٽڪور ڪرڻ سان افاقو.

فائٽولاڪا Phyttollacca 200: پَلڪون تمام گهٽيون سُرخ، سُڄيل ۽ اک اندر پوڻ۽.

ٽيوبرڪلينم Tuberclunim 200: جڏهن سڀ طرح منتخب ڪيل دوائون اثر نہ ڪن تہ صرفِ 200X ۾ هڪ خوراڪ ڏيو.

## (پَلڪن) پنبڙين جُون بيماريون Lashes Diseases



پَلڪن جي بيماري ۾ هڪ بيماري، پنبڙين جي سوج آهي. هِن مرض ۾ پنبڙين جي ڪنارن ۾ ورم اچي ويندو آهي ۽ اهي سخت ٿي ويندا آهن. پنبڙين جا وار بہ ڪِري پوندا آهن. عام طرح سان پنبڙيون سُور ڪرڻ لڳنديون آهن ۽ پوءِ ان جا ڪنارا متورم ٿي سُرخ ۽ سخت ٿي ويندا آهن. ان ۾ جلڻ هوندي آهي ۽ ليسدار رطوبت جو اخراج بہ ٿيندو آهي. پَلڪن پنبڙين جي پاڙ ۾ ننڍيون ننڍيون ڦرڙيون نڪري اچن جيڪي بعد ۾ ڇلهڙ واري زخم جي شِڪل اختيار ڪَنِ ٿيون. پنبڙيون خصوصاً صبح جي وقت جاڳڻ تي پاڻ ۾ چنبڙي ونديون آهن. پنبڙين جا ڪنارا ٿُلها، سُرخ ۽ گول ٿي ڪري اُبتا ٿي پوندا آهن ۽ اکين مان بڪثرت پاڻي وهندو آهي. سُرخ بخار ۽ خَسري وغيره متعدي امراض، اکين کي صاف نہ رکڻ، گندين جڳهن تي رهڻ، دونهين ۽ گرد و غُبار جو اکين ۾ پئجي وڃڻ ان جا سَبب آهن.

## علاج Treatment

گريفائيٽس Graphites 30: پنبڙين جي ڪنارن تي ورم، صُبح جو چنبڙيل

## علاج Treatment

ارجنٽ نائٽ، آرسينڪ، ڪلڪ ڪارب، يوفريزيا، فارميڪا، ليڪسس، سورائي، سلفر ۽ زنڪم علامتن مطابق ڏيو.

## ڪُڪرو اک ۾ Trachoma Granullarslids



هِن مرض ۾ اک اندر پنبڙين جي هيٺان ڳاڙهي رنگ جا ننڍا ننڍا داڻا پئدا ٿي ويندا آهن جيڪي واريءَ جي ذرڙن جيان هوندا آهن. مريض کي اکين ۾ پنبڙين کي ابتو ڪري ڏسي سگهجي ٿو. روشني مريض کي ناپسند هوندي آهي. پنبڙيون ڳوريون محسوس ٿينديون اٿس. اک ۾ هر وقت پاڻي هوندو اٿس. صَبح سوير جاڳڻ تي ڇپر ڇپرن جي گند سان چنبڙيل هوندا آهن.

ڪڪرا (Trachoma) اکين جي اهڙن مرضن مان آهي جَن جو وقت تي عِلاج نہ ڪيو وڃي تہ نظر کي ناقابل تلافي نقصان پهچندو آهي جيڪو مستقل هوندو آهي. اهو انسان سان گڏ مخصوص قديمي امراض مان هڪ آهي.

هي هِڪُ متعدي مرض آهي، خاص قسم جو جراثيم (وائرس) آهي جنهن کي Trachoma Virus چوندا آهن. هي وائرس متاثر اک ۾ پاتو ويندو آهي. گندگي، اُسَ، گرد و غبار ۽ دونهين وغيره ۾ اک جي بيروني جاري جي قوت مدافعت گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ هي وائرس آسانيءَ سان اتي پنهنجي ڪمين گاهہ بڻائي ڇڏيندو آهي. غيرصاف عادتون، گندو رهڻ، غير صاف فضا ۽ تيز اُسَ ۾ گهمڻ هِن جا اسباب آهن. اکِ ۾ سور، سوزش، پاڻي وهڻ، خارش، اُلجهن، ڪڏهن ڪڏهن مريض ڪابہ شڪايت نہ ڪندو آهي ۽ ان جي اک ۾ ڪُڪرا موجود هوندا آهن.

## علاج Treatment

<u>ايڪونائيٽ Aconite</u>: گهٽي گرمي يا خشڪ ٿڌي هوا ۾ نڪرڻ سبب.
<u>آرسينڪ البم Arsenic Album</u>: اڌ رات بعد اکين ۾ ٽيپڙ، سُور ۽ روشنيءَ کان نفرت، اکين ۾ خارش ۽ ڳوڙها، گرم ٽڪور سان فائدو.
<u>گريفائيٽس Graphites</u>: پنبڙيون سُرخ، متورم ۽ بوجهل جلڻ.
<u>لائيڪوپوڊيم Lycopodium 200</u> : اکين ۾ ڪنڊا چُڀن ۽ ڪا شي گهري وڃڻ جو احساس- خارش- سُرخي- ڳوڙها وهن.
<u>ارجنٽ نائيٽ Argent Nit</u>: بڪثرت پونءِ نما اخراج، پنبڙيون، صُبح جي وقت جُڙيل ۽ ٿڌي پاڻيءَ سان سڪون.
<u>آرم ميٽ Aurm Met 200</u>: پاري جي غلط استعمال، روشنيءَ کان نفرت، اک کولڻ تي گرم ۽ جلڻدار ڳوڙها وهي پون.
<u>بيلاڊونا Belladona 200</u>: روشنيءَ کان ذڪي الحس.
<u>ڪلڪ ڪارب Calc.Carb 200</u>: سرد پاڻي ۾ ڪَم ڪَرڻ سَبب.
<u>يوفريزيا Euphrasia 200</u>: بڪثرت ڳوڙها وَهن جنهن سان پنبڙيون ۾ ڳتا چلجي پون.
<u>ٿوجا Thuja 200</u>: ڪَڪَرا، وڏا وڏا موهيڙا ۽ اڌ رات ڪانپوءِ وڏي وڃن.
<u>سلفر Sulphur 200</u>: جڏهن ٻيون دوائون ڪم نہ ڪن.
<u>پلسٽلا Pulsatilla 200</u>: شام جي وقت ۾ تڪليف جي زيادتي ۽ کليل هوا ۾ سُڪون.

## اک ۾ خوني نقطو Ecchymosis




اک ۾ ڌڪ لڳڻ سان يا زور سان الٽي ڪرڻ سان، زور سان روئڻ سان،

رڙ ڪرڻ سان، جوش سان للڪارڻ سان، ڪنگهڻ سان، پرده چشم جي هيٺان ڪا رڳ ڦاٽي پوڻ سان خوني نقطو تي پوندو آهي جيڪو سياهي مائل رنگ جو هڪ سُرخ تِر، نقطو يا داغ معلوم ٿيندو آهي جيڪو خود بخود غائب ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن اهڙو ڪجهہ نہ ٿئي تہ مندرجہ ذيل دوائون استعمال ڪجَن.

آرنيڪا، ايسڊ نائٽرڪ، رسٽاڪس، روٽا، هيماميلس ۽ ليبم پال.

## فريب نظري Vision Illusion



اگر ڪنهن چمڪدار شيءِ کي ڏٺو وڃي تہ پرده چشم جو اهو حصو جتي ان جو عڪس نهندو آهي. عارضي طرح تي صرف ٿي ويندو آهي، لهٰذا جڏهن تيز روشنيءَ کان نظر هٽائي سفيد ڪاغذ کي ڪتاب تي ڏٺو وڃي تہ سفيد ڪاغذ ڪارو نظر ايندو آهي. ان کي فريب نظري يا خود فريبي نظر چوندا آهن. ان ڏوڪي جو سبب اهو آهي تہ روشنيءَ جا شعاءَ جيڪي بظاهر نقطي تي ڪرن ٿا جيڪي عارضي طرح تي خرچ ٿي چڪا هوندا آهن.

## علاج Treatment

فاسفورس Phosphorus 200: رنگن جي اندائپ جي لاءِ بهترين دوا آهي.

اسٽرامونيم Stramonium 200: شيون اهڙي طرح نظر اچن جو ان ۾ خون جو رنگ نظر اچي.

آرسينڪ البم Arsenic Album 200: شيون سبز نظر اچن.

ڪيپسيڪم Capsicum: شيون چمڪ دمڪ واريون نظر اچن.

اسٽرامونيم Stramonium 30: ڳاڙهين بجاءِ شيون ڪاريون ڏسڻ ۾ اچن

آرسينڪ البم Arsenic Album: شيون نظر اچن.

**ڪيمفر** Camphor: شيون ميريون نظر اچن.
**سنا** Cina 200: شيون زرد ڏسڻ ۾ اچن.
**ايگريڪس** Agaricus: اڪين سامهون رنگ ۽ شڪل صورت جو ڏوڪو.
**ڊجي ٽيلس**: Digitalis 2: زرد شيون سفيد نظر اچن.
**ڪاربونيم سلف** Carbonium Sulf: زرد ۽ سبز شيون سفيد نظر اچن.
**هائيوسائمس** Hyosymus: شيون سونهري نظر اچن.
**بيلاڊونا** Belladona: سرخ شيون زرد نظر اچن.
**ڪونيم** Conium: شيون سرخ نظر اچن اندلٺ جي رنگن جيان. پنن واريون شيون ٻه ٻه نظر اچن. روشنيءَ کان نفرت ۽ نظر جي ڪمزوري.

## نظر – انڌائپ: ويجهي جي گهٽ نظر – Dim Vision

## علاج Treatment

**فاسفورس**: Phosphorus: رنگن جي انڌائپ لاءِ بهترين دوا آهي.
**استرامونيم** Stramonium 200: شيون اهڙي طرح نظر اچن جو ان ۾ خون جو رنگ نظر اچي.
**آرسينڪ البم** Arsenic Album 200: شيون سبز نظر اچن.
**ڪيپسيڪم** Capsicum 30: شيون چمڪ دمڪ واريون نظر اچن.
**استرامونيم** Stramonuim 30: سرخ بجاءِ شيون ڪاريون ڏسڻ ۾ اچن.
**آرسينڪ البم** Arsenic Album 200: شيون پيليون نظر اچن.
**ڪيمفر** Camphora 200: شيون نيريون نظر اچن.
**سنا** Cina 200: شيون زرد ڏسڻ ۾ اچن.
**ايگريڪس** Agaricus: اڪين سامهون رنگ ۽ شڪل جو ڏوڪو.
**ڊجي ٽيلس** Digitalis 200: زرد شيون سفيد نظر اچن.
**ڪاربونيم سلف** Carbo–Sulf 200: سرخ ۽ سبز شيون سفيد نظر اچن.
**هائيوسائمس** Hyoscyamus: شيون سونهري نظر اچن.
**بيلاڊونا** Belladona 30: سُرخ شيون زرد نظر اچن.
**ڪونيم** Coniuam: شيون سُرخ نظر اچن . اندلٺ جي رنگن جيان، پنن وار، ٻه ٻه نظر اچن . روشنيءَ کان نفرت . نظر جي ڪمزوري.

# نظر جي انڌائپ: پَري جي نظر Vision Dim

## علاج Treatment

فاسفورس Phosphorus: ٽائيفائيڊ بخار بعد. جنسي بي اعتداليون، رطوبت جو اخراج. آسماني بجلي جي حملي کانپوءِ انڌائپ. نظر جي اعصاب جي فالج جي ڪري انڌائپ.

فائسٽوسٽگما Physto-Stigma: رات جو انڌائپ. سبز موتيو ۾ پري جي نظر ڪمزور.

پائيلوڪارپس Pylo-Corpus: هِنَ دوا سان پري جي نظر جي ڪمزوري ٺيڪ ٿي ويندي آهي. ٿوري استعمال سان بہ اک ۾ ٿڪاوٽ. اکين ۾ گرمي ۽ جلڻ. پنبڙين ۾ ڪمزوري ۽ معمولي دٻائڻ سان سوزش.

رينن ڪيولس بلب Ranuncullus bulb: دوران حمل عورتن ۾ ڏينهن رات جي انڌائپ.

سائيڪليمن Cyclamin: خارش ٿيڻ سان. نظر جو گهٽ ٿيڻ. بادل يا پردو اک جي اڳيان حائل ٿئي. اک اڳيان ڏنڊ. دونهين جو هجڻ ۽ نظر جي ساڄي طرف واري، حصي جو صحيح نہ هجڻ.

آيوڊيم Ioduim: نظر جو اچانڪ ختم ٿيڻ.

ڪاڪولس Coculus 200: نظر جو ڪمزور ۽ نظر جو درهم برهم ٿيڻ. اک نظر کي سيٽ ڪرڻ وارن عضون جو فالج ۽ ڪمزوري

بووسٽا Bovista 30: عصب بينائي جي فالج جي ڪري انڌائپ

امبرا اگريشا Ambra_agarasia: اک جي ڪنهن ظاهري نقص کان بغير اک جي نظر ۾ اعصابي ڪمزوري

سلفر Sulphur 200: اکين جي سامهون بادل يا پردو هجي - دونهون يا ڏنڊ ۽ صبح جو جاڳڻ سان زيادتي.

نيٽرم ميور+چائنا سلف Nat: mur + china sulf 20: شين جو اڌ حصو نظر اچي.

اگريڪس Agaricus 30: ڪمزوري. گهٽ نظري يا نزديڪ بيني. نظر جي ڏنڊلائپ. غير واضح نظر. هر شيءِ ڏنڊلي نظر اچي. اک کي جهٽڪو تشنج

جيڪو تمام نمايان نظر اڳيان ڏنڊ ۾ ماڪوڙي جي.

<u>**گريشي اولا** Gratiolla</u>: متي طرف خون جي اجتماع جي ڪري نظر ويندي آهي.

<u>**ميفائيٽس** Mephites</u>: نزديڪ بيني. لفظ هڪ ٻئي ۾ گڏجي رلجي پون ۽ باريڪ سنهيون لکي نه پڙهي سگهي.

<u>**ليٿم ڪارب** Lithium Carb 200</u>: شيءِ جو ساڄو اڌ نظر نه اچي.

<u>**آرم ميٽ** Aurm Met 200</u>: هيٺيون اڌ حصو يا مٿيون اڌ حصو نظر نه اچي. مٿيون اڌ ڪارو جسم ڏڪيل. هيٺيون اڌ حصو جسم سان ڍڪيل هجي ۽ نِصف حصو ڏسڻ ۾ اچي. وڏن لفظن ۾ فرق نه ڪيو وڃي. اک اڳيان زرد شيون ترن.

<u>**سيپيا** Sepia 200</u>: ساده منويه جي اخراج بعد نظر ۾ ڏنڊلائپ. سڪڙيل پتليون جنهن جي ڪري نظر ۾ ڏنڊلائپ ۽ ڪمزوري. ڪوئي به اڌ حصو نظر نه اچي.

<u>**گريفائيٽس** Graphites 200</u>: عام فالج جي ڪري انڌائپ. ڪنهن شيءِ جو اڌ حصو نظر نه اچي.

<u>**لائيڪوپوڊيم** Lycopodium 200</u>: رات جو انڌائپ. ڪنهن شيءِ جو اڌ حصو نظر اچي. ننڊ دوران اکيون اڌ کليل رهن.

<u>**چائنا** China 200</u>: پرده شبڪيه ۾ قلت خون جي ڪري رات جو انڌائپ. اکين اڳيان چوڌاري نيرا رنگ. اکين تي دٻاءُ.

<u>**بوٿراپس** Bothraps</u>: ڏينهن جو انڌائپ. پرده شبڪيه ۾ خون وهڻ جي ڪري انڌائپ.

<u>**ايڪو نائيٽ** Aconite 200</u>: اجتماع خون جي ڪري اچانڪ انڌائپ جا دورا. هي ابتدائي دوا آهي.

<u>**ڪاسٽي ڪم** Causticum 200</u>: اچانڪ ۽ اڪثر نظر جو بند ٿيڻ جڻ اک ۾ باريڪ پردو تاڻيل هجي. نظر جي ڏنڊلائپ جڻ ڏنڊ يا اک جي اڳيان پردو هجي.

<u>**جيلسيميم** Gelsimium</u>: سرگرانيءَ سان اچانڪ ۽ مڪمل انڌائپ. اکيون ٻوجهل ۽ ڏنڊلي نظر. مشت زني جي ڪري نظر جو نه هجڻ.

نظر جي ميدان جو مٿان وارو اڌ نقص دار.

ليڪنٿس Lachanthus 200: جڏهن تڪ ٻڏي ڪنهن شيءِ کي ڏٺو وڃي تہ نظر ڏنڊلائجي وڃي - جڏهن پورا ساڪن دائره نظر اچن، اکيون چمڪدار ۽ پتليون ڦهليل.

مرڪيورس Mercurius 200: انڌائپ جا ڪجهہ لمحن جا دورا، اکيون روشنيءَ يا چمڪ کان ذڪي الحس خاص ڪري ويلڊنگ جي شعلن کان.

سڪيوٽا Cicuta: شديد مٿي جي ڪمزوري، نظر جو غائب ٿيڻ، دماغ جي غير حاضري

ٽائيٽينم Titinum: شروع ۾ صرف نصف شيون نظر اچن. زڪام جو رجحان ۽ نامرديءَ دوران سرعت انزال.

پلسٽلا Pulsatilla 200: حساسُ، نظر جي ڏنڊلائپ ۽ پتليون سڪڙيل هُجن.

سليشيا Silicia 200: پراڻن ڪيسن ۾ جتي مطلوب صحيح منتخب ڪيل دوائون ڪم نہ اچن.

ايلومينا سيليڪيٽ Alumina Silicate 30: ڏنڊلي نظر، رات جي وقت مصنوعي روشني يا نظر جي گهٽي استعمال سان گهٽ نظر اچي ۽ ڪمزور نظر.

ڊبوسيا Dibosia 30: اک ۾ ٽنڊ محسوس ڪري، ٿڪل، شيون مٿي اُٿيل نظر اچن، هڪ طرف دير سان چهرا نظر اچن، نظر جو وهم يا نظر جو فريب تصور ڪري تہ اوندهہ آهي جڏهن تہ چمڪدار ڏينهن هجي - ٻن فوٽن جي فاصلي کان نہ پڙهي سگهي ۽ عصبي بينائي ۾ اجتماع خون.

سِنا Cina 30: اکيون اُگهڙ سان اڦاقو چڙ چاريءَ ۾ ڏسي رهيو هجي.

روٽا Ruta 200: مطالعي دوران اکين ۾ آسانيءَ سان ٿڪاوٽ - گهٽي مطالعي جي ڪري نظر ۾ ڏنڊلائپ، مطالعي دوران گرمي ۽ جلن محسوس ڪري، اکين جي ڪوڪن ۾ سُوزِ ۽ مطالعي بعد يا باريڪ بينيءَ بعد نظر ڏنڊلائجي وڃي.

ميڊورينيم Medhorinium 200: اکين اڳيان جهلملائپ، ڏنڊلي نظر ڪاري يا پوري داغن جو نظر اڳيان ڦرڻ، شيون يا تہ وڏيون نظر اچن يا ننڍيون، اکين ۾ واريءَ يا ڪانيءَ جي ٽڪرن جو نظر اچڻ.

ڪونيم Conium 200: جنهن وقت ڪنهن شيءِ کي ڏٺو وڃي يا

ننڍي ڪان ننڍي شيءِ تي نظر پوي تہ نظر جميل رهي. لائيٽون حرڪت ڪندي محسوس ٿين.

ڪيوپرم ميٽ Cuperm Met 200: اخراجات جي دٻجڻ يا ڦرڙي ڦٽن ڪري انڌائپ ان سان گڏ تشنج بہ ٿي سگهي ٿو.

فيرم ميٽ Ferum Met 200: رات جي وقت شين کي اوندهہ ۾ ڏسڻ جي اهليت.

ڪاربونيم سلف Carbonium Sulf 200: هر شيءِ ڏنڌلي نظر اچي جڻ تہ شين تي ماڪوڙي (ڪوريئڙي) جي ڄاري تاڻيل هجي. سُرخ يا سبز ساڄي اک جي انڌائپ ۽ کابي اک جي نظر جي تمام ڪمزوري ۽ عصب بينائي جي ڪمزوري.

ايسڊفاس Acid phos 30: نظر جي پردي جي ڪمزوري. اکين جي اڳيان ڪاريون پٽيون ۽ ويجهو پيل شيون حرڪت ڪندي معلوم ٿين.

1. ڏوئڻ ۽ وهنجڻ بعد اکين کي صاف ٿڌي پاڻيءَ ۾ کولي بند ڪري سگهجي ٿو.

2. ڏينهن جو ڪنهن بہ وقت اکين کي ڇنڀيو ويجي خاص ڪري اکين کي گهٽي دٻاءَ بعد.

3. اکين جي پنبڙين جي هيٺان، آهستي آهستي مهٽي شام جي وقت.

4. اکين جي ڪڏن ۾ ڪوڪن. اکين کي لڳاتار گهمائڻ.

## هڪ جا ٻہ نظر اچن Double Vision



## علاج Treatment

ڪاسٽي ڪم Causticum 200: اک کي ساڄي طرف گهمائڻ سان

هڪ شيءِ جا بہ نظر اچن پر اڪ ڪي سِڌو ڪرڻ سان هڪ نظر اچي. اڪ جي بالائي ڇپر جو فالِج بہ ٿي سگھي ٿو.


هائيوسائمس Hyoscyamus 200: نظر جو ڏوڪو مريض هڪ بجاءِ بہ ڏسي.

ايلومِن Alumen: ميڻ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ شين کي ٻيٽو ڏِسي، ٻنهي اکين سان ڏسڻ تي ٻيٽو نظر اچي پر جڏهن هڪ اک سان ڏسي تہ صحيح نظر نہ اچي.

گريفائيٽس Graphites: جڏهن لکي تہ لفظ ٻيٽا نظر اچن.

آرم ميٽ Aurm Met 200: ٻيٽيون شيون نظر اچن ۽ شيون هڪ ٻئي ۾ مليل جليل معلوم ٿين.

## گوهانجي (آنڙي) Stye




هِنَ مرض ۾ پنبڙين جي ڪنارن تي دردناڪ ڦرڙي نڪري ايندي آهي. پهرين پنبڙين جي ڪنارن تي ورم معلوم ٿيندو آهي ۽ پوءِ اهي سخت ٿي وڃن ٿا بعد ۾ انهن تي هڪ يا چند ڦرڙيون نڪري اچن ٿيون جنهن ۾ پونءِ پئجي سُور ٿيڻ لڳندو آهي.

## علاج Treatment

پلستلا Pulsatilla: آنڙيون عموماً مٿين پنبڙين تي لاڳيتو نڪرنديون آهن. ٿڌ سان آرام ۽ عورتن ۾ خصوصاً.

استفي سيگريا. Staphisigaria 200: آنڙي سخت خصوصاً سيلري ۾ کبي اک جي مٿان واري پنبڙي ۾ نڪري جڏهن پلستلا ناڪام ٿي وڃي. هر قسم جي آنڙي ۾ ڪار آمد آهي.

هيپر سلف Heper sulf: جڏهن استفيسيگريا ڪم نہ ڪري، آنڙي

ارجنٽ نائٽ: Argent Nit 30: ڦرنيہ تي زخم.

سلفر ۽ هيپر سلف Sulphur + Heper Sulf: خصوصاً سڄي اک تي.

لائيڪو پوڊيم Lycopodium 200: ساڄي اک ۾

پلسٽلا Pulsatilla 200: خصوصاً عورتن ۽ ڪراڙن ماڻهن ۾

ڪونيم Conium 200: ڪمزور نظر، اکيون چنبي ۽ پنبڻن جي بالائي سطح تي ساڙو.

ڪيڊميم سلف Cadimium Sulf 200: پراڻي رهڻ جيڪا پرجي وري ڦاٽي پوي.

ڪلڪ فلور Calc:Flour 6x: گهڻي عرصي تائين استعمال ڪجي.

## ڳوڙها Tears



يوفريزيا: Euphrasia 30: جڏهن ڳوڙها خراشدار هجن جنهن سان اکين ۾ سوزش ٿي وڃي.

ايلم سيپا: Allium Cepa 30: جڏهن اخراج بي ضرر هجي.

پيٽروليم Petrolium 200: اک ۾ ڳوڙهن واري ناليءَ ۾ سوزش ۽ پون ۽ پيدا ٿي پوي.

مرڪار: Merc.Cor 30: جڏهن سوزش جي ڪري ڳوڙها هجن.

فلورڪ ايسڊ: Floric Acid 30: ناليءَ جي بندش يا فسچولا جي ڪري ڳوڙها اچن.

رسٽاڪس Rhustox 200: اکين ۾ ساڙو جڏهن نڪ جي ڳوڙهن وهائڻ واري نالي بند هجي تہ تمام گهڻي مقدار ۾ پاڻي اچي.

سليشيا Silicia 200: جڏهن رسٽاڪس ناڪام ٿئي.

## اک ۾ ڳوڙهي. (رسولي) Tumor



## علاج Treatment

زنڪم ميٽ: Zincummet 200: متين يا هيٺين ڇپر تي، اک جي پنبڙي تي.

ڪلڪيريا ڪارب Calc:carb 30: تيلهيءَ نما ڳوڙهي (Tumor).

اسٽفي سيگريا Staphisagria 30: پلڪ ڇپر تي ڳنڍنُما ايار.

ڪالي بائيڪروميم Kalli_Bichromium: پلڪ هيٺان ڳوڙهي.

ٿوجا: Thuja 30: ڇيڇڪ جو ٽڪو يا ماتا جي خرابيءَ جي ڪري تيلهي نُما ايار پنبڙين تي.

## ڪارنيه تي زخم Ulcer Of cornea



## علاج Treatment

هيپر سلف: Heper Sulf: اک جي اڳين طبق ۾ پونءِ پئجي وڃي. شديد انڌائپ (نظر جي ڪمزوري)

كاكولس Coculus: جذهن جيلسيمير ناڪام ٿي وڃي.


يوفريزيا Euphrasia: سردي لڳڻ يا پڇي پوڻ سبب.

ايلومينا Alumina 200: قبضيءَ سان گڏ.

ڪاسٽي ڪم Causticum 200: وجع المفاصل، مزاج، خشڪ.

فاسفورس Phosphorus 200: نظر جي بڪثرت استعمال سان.

## بد رنگ ـ بدنمائي Discolouration




## علاج Treatment

استفي سيگريا Staphisagria 200: اکين جي چوڌاري نيرا سياهه حلقا.

سائيڪليمن Cyclemin 200: اکين چوڌاري نيرا حلقا.

وريٽوم البم Vertum Album 200: ڪالرا يا دوري بعد نيرا حلقا.

فاسفورس Phosphorus 200: حيض ڪانپوءِ نيرا حلقا.

نڪس واميڪا Nux Vomica 200: زرد حلقا.

سڪيل ڪار Secal Cor 200: نيرا حَلقا.

چائنا China 200: رت جي گهٽتائيءَ جي ڪري اک جي چوڌاري نيرا حَلقا.

سائنا Cina 200: پيٽ جي جيتن جي ڪري نيرا حَلقا.


سمي سي فيوگا Cimicifuga 200: وڏي اک ۾ گهرا حَلقا.

## جَلڻ Burning



ايلم سيپا، روٽا، ڪريازوٽ، آئرس ٽينڪس، ڪاسٽي ڪم ۽ ايگريڪس.

## ڪاري پردي جو ورم CHOROIDITIS



سلفر آئيوڊائيڊ Sulphur Iodide 200: زبان سخت- موتيو بند.

آرم ميٽ Aurm met 200: مٿي کان هيٺ دٻائڻ وارو اکين جو سُور- اک جي اردگرد (چوڌاري) هڏين ۾ سُور، ڇهڻ سان گهٽ ۽ روشنيءَ سان حساس.

ڪالي آئيوڊائيڊ Kalli Iodide: آتشڪي سوزش.

مرڪار Merc. Cor 200: اک جي چوڌاري اک ۾ سخت درد ۽ انگوري پردي جو متاثر ٿيڻ.

فاسفورس Phosphorus 200: روشنيءَ کان خوف ۽ جڏهن شيون مختلف شڪلن ۽ رنگن ۾ نظر اچن ۽ اکين اڳيان ڪارا داغ.


هيپر سلف Heper Sulf 200: جڏهن سياهه پردي ۾ پونءِ پيدا ٿئي. اک ڇهڻ سان حساس، ڏڙڪڻ، درد، گرم ٽڪور سان آرام.

**فائٽولڪا Phyttollaca 200**: پلڪون تمام ڳوريون، سُرخ ۽ سُڄيل پونءِ سان گڏ.

**ٽيوبرڪلينم Tuberclunum 200**: ڪڏهن ڪڏهن ٻين دوائن سان گڏ.

## اک جي پردي (پرده شبڪي) ۽ عَصب بينائي جون بيماريون

## RETINA AND OPTIC NERVE'S DISEASES



## علاج Treatment

**فاسفورس Phosphorus 30**: اک جي پردي ۾ اجتماع خون، اک روشنيءَ کان حساس - پردي جي سُوزش.

**پلسٽلا Pulsatilla 200**: اک جي پردي ۽ عَصب بينائي جي سوزش ۽ اجتماع خون، مٿي ۾ شديد سُور جيڪو کليل هوا ۾ گهٽ ٿي وڃي.

**برائي اونيا Bryionia 200**: شديد سوزش ۽ اجتماع خون ۽ اک ۾ شديد سور (Pain) ۽ حرڪت سان تيز ٿي وڃي.

**مرڪار: Merc Cor**: پردي جي سوزش رات جو گهٽيءَ باهه جي چمڪ کان حساس.

**اگريڪس: Agaricus 200**: عصب بينائيءَ جي لاعزي.

**ايپس Apis 200**: مريض غنودگيءَ ۾ هجي. اڃ قليل. پردي جي هيٺان پاڻي. ڏنگ لڳڻ جهڙا سور. اکيون سڄيل. پيشاب ۾ ايلبيومن (Albumen) ۽ پرده شبڪي جو پنهنجي جڳهه کان هٽجڻ.

**آرسينڪ البم Arsenic Album**: بيچيني خصوصاً اڌ رات جو ٿورو ٿورو پاڻي هر هر پيئي، پيشاب گهٽ ۽ ان ۾ چربيءَ جو اخراج.

جيلسميم Gelsimium 200: حمل دوران اچانڪ نظر ۾ ڪمزور، فريب نظري يا ڏڪ جي ڪري پردي جي سوزش.

ليڪسس Lechasis 200: اک جي پردي جو جريان، خون، سوزش ۽ اجتماع خون عصب بينائي ۽ ٽين پردي جو.

بيلاڊونا Belladona 200: ڏکڻ وارو سور اک ۽ پردي ۾ چمڪ.

آرم ميٽ Aurm met 200: پرده شبڪيہ جو پنهنجي جڳهہ کان هٽجڻ.


سور ۽ ڏکڻ اکين جي چوڌاري ۽ مٿي ۽ پردي ۾ سوزش

چائنا + فيرم فاس: China+FerumPhos: اک جي پردي جي لاغري جنهن مان نظر ويندي رهي.

ڪونيم Conium: پرده شبڪيہ روشنيءَ کان پر حساس، تڪليف ده بينائي سان گڏ.

آرنيڪا Arnica 200: ڏڪ (Injury) جي ڪري اک ۾ پردو پنهنجي جڳهہ کان هٽي وڃي.

## التحاب تزميہ: انگوري پردي جو ورم IRITIS




اک ۾ اعصابي نوعيت جو جلڻدار سور سان ۽ پيشاني ۾ سور بہ هجي ۽ خاص طرح تي سور رات جي وقت گهٽبو ٿئي. تزميہ جو رنگ تبديل هجي ۽ خاص طرح تي سور رات ۽ پتليءَ ۾ سڪڙ جڻ ۽ ڦهلجڻ جي قوت گهٽجي ويندي آهي جنهن سان اک ۾ ڪجهہ نہ ڏيکاربو آهي اک ۾ ڪافي اجماع خون پانو ويندو آهي ۽ قرنيہ (Cornea) جي چوڌاري سرخي ڦهليل هوندي آهي. اکين مان بڪثرت پاڻي وهندو آهي تيز روشني کان اک کي تڪليف ٿيندي آهي.

## Treatment علاج

رخسار هڪ تڏو ۽ زرد ٻيو گرم ۽ سُرخ Chammomella 30

ڪٻي رخسار جا هڏا پُر دَرد. Hydrocotyl 30

ٻنهي رخسارن ۽ نَڪَ تي ڇانيون- ڇُٽَا. Sepia 30.

رخسارن تي سُرخ حَلقا، خصوصاً شام جي وقت نمايان.

Sangoneria 30.

ڪٻي رخسار تي نشان. Pulsatilla

رخسار سُور ڪنِ. Belladona 30

ڳلن تي داٽا Sepia 30

نيري رنگ جون ڦرڙيون Agaricus 30


جلٽدار داٽا جن مان گرمي ڪان سُڪون ملي وڃي. Arsenic Album 30

پونءِ واريون ڦرڙيون ۽ ڪير. Silicia 30

# باب چوٿون

## نَڪَ جون بيماريون AFFECTIONS OF THE NOSE

## نَڪَ ۾ ڪجھ ڦاسي پوڻ FOREIGN BODY IN THE NOSE




ڪيترائي دفعا نَڪَ ۾ مٽر يا چٽي جو داڻو يا بٽڻ وغيره ڦاسي پوندو آهي يا ڪڏهن ڪو جيت يا ڪينئون نڪ ۾هليو ويندو آهي.

## عِلاج Treatment

نَڪَ جو ملاحظو غور سان ڪيو. اگر ڪا شيءِ نظر اچي تہ احتياط سان تمام باريڪ نچڪٽي سان پڪڙي ڪڍي ڇڏيو. يا گرم پاڻيءَ ۾ ٿورڙو لوڻ ملائي مخالف طرف ڪان ناسن ۾ پچڪاري ڪيو پر مريض کي کپي تہ پنهنجي منهن کي چڱيءَ طرح بند ڪري يا مخالف ناسَ کي دٻائي زور سان نَڪُ سُڻڪي، ٻہ ٽي دفعا ائين ڪرڻ سان غير جنس يا اها شيءِ ٻاهر نڪري پوندي آهي. اگر ڪو جيت يا ڪينئون نَڪَ ۾ هليو وڃي تہ پهرين ٿورو ڪلورو فارم سنگهائي ڇڏبو تہ اهو جيت وغيره اتي ئي هلاڪ ٿي ويندو يا خود بخود خارج ٿي ويندو يا مذڪوره بالاتدبير سان ان کي خارج ڪري ڇڏبو.

نوٽ: جڏهن مرض جو حملو هر هر ٿئي ته مرض مزمن شڪل اختيار ڪندو آهي بعض خاندانن ۾ زڪام جو عارضو موروثي هليو ايندو آهي.

## عِلاج Treatment

ايڪونائيٽ Aconite 3x: جڏهن ٿڌي هوا سبب زڪام ٿي پوي ۽ ڏڪڻيءَ سان بخار ٿي پوي ته هي دوا مفيد آهي. جڏهن زڪام سان گڏ ڪنگهه به هجي ۽ جيئن ئي مريض کي زڪام جو شڪُ ٿئي ان وقت هي دوا فوراً استعمال ڪجي.

فيرم فاس Ferum Phos 6x: ايڪونائيٽ جيان هي دوا به شروعات ۾ ڪم ايندي آهي. جڏهن آناً فاناً علامتون تمام شديد نه هجن ۽ بيچيني ۽ تشويشِ موجود نه هجي.

آرسينڪ البم Arsenic Album 200: سياري جي زڪام ۾ هي دوا خصوصاً مفيد هوندي آهي، جڏهن ته پاڻي پنڙو ناسِن مان ڪرندو آهي جيڪو مٿين چپ کي ساڙي ڇڏيندو آهي، باوجود ان پاڻي ڪرڻ جي نَڪ بند محسوس ٿيندو آهي، پيشانيءَ ۾ هلڪو هلڪو ڏڙڪَڻَ جهڙو سُور ٿيندو آهي ۽ نشون ايندیون آهن. روشنيءَ کان نفرت هجي ۽ کليل هوا ۾ وڃڻ نش ۽ ڪنگهڻ سان آرام نه ٿئي.

آرسينڪ آيوڊائيڊ Arsenic Iodide 3x: جڏهن نَڪَ ۽ نڙيءَ ۾ ساڙو تمام گهڻو هجي ته پوءِ- آرسينڪ بجاءِ آرسينڪ آيوڊائيڊ مفيد هوندي آهي.

ايلم سيپيا Alluim Sepia 200: زڪام جي بهترين دوائن مان هڪ آهي.

علامتون Symptoms: رطوبت بڪثرت، پنڙي، تيز خراشدار نڪرندي آهي ۽ گڏو گڏ نَڪَ ۽ اکين ۾ جَلَڻ ٿيندي آهي، روشني برداشت نه ٿيندي آهي ۽ ڇپرن جي ڪنارن ۾ جلڻ ٿيندي آهي. پنڙو پاڻي وَهي مٿين چَپَ کي جلائي ڇڏيندو آهي ۽ ان سان گڏ لڳاتار نشون اچن. نزلي سان گڏ ڳلو ڦاڙ ڪنگهه به هجي ته دوا اجا به وڌيڪ مؤثر ٿيندي.

يوفريزيا Euphrasia 200: جڏهن نَڪَ مان پاڻي وَهي، نشون اچن ۽ اکين مان پاڻي به گهڻي مقدار ۾ هَلي، اک مان وَهڻ وارو پاڻي تيز ۽ خارش پئدا ڪرڻ وارو هجي.

آرم ٽرائفل Aurm Triphyl 3x: نزلو تمام تيز جيڪو نَاسَن ۾ چَڀَن ڪي زخمي ڪري ڇڏي، نڪ ۾ اڪين مان زرد رطوبت نڪري، اُج تہ لڳي. پر پيئڻ سان نِڙي ۾ سُور ٿئي، ناسن ۾ زخم مريض ائين گهري تہ نَڪَ کي ڪريدي، (کنهي) غنودگي هُجي ۾ نشِن جو رجحان هجي.

جيلسيميم Gelsimium 200: هي بہ نزلي جي هڪ خاص دوا آهي، جڏهن مٿو پُر هجي۽ ٿَڌِ بہ لڳندي هجي، مريض سُست ۽ ڪمزور هجي، سردي هيٺ مٿي ڊوڙندي هجي، نَڪَ مان پنڙو پاڻي نڪري ۽ نشون بہ اچن. هِن دوا جي خاص علامت باهہ تي سيڪڻ جو رجحان، اونهاري جي زڪام ۾ هي دوا خاص طور تي مؤثر رهندي.

نڪس واميڪا Nuxvomica 30: نڪ بند ۽ نڪ جي پاڙ جي ويجهو بوجهہ معلوم ٿئي. نزلو بلڪل نہ ڪري - گرمي ۾ واري واري سان لڳندا آهن. پگهر گهٽوايندو آهي ليڪن تڪليف وڌائي ڇڏيندو آهي.

مرڪيورس Mercures 200: نشون لڳاتار اينديون رَهن، نَڪُ ڏکي ۽ گهاٽي رطوبت خارج ٿيندي آهي. گرمي ۾ سيءُ واري واري لڳندا آهن. پگهر گهٽواچي ليڪن تڪليفن کي وڌائي ڇڏي، رات جي وقت علامتن ۾ زيادتي.


پلسٽلا Pulsatilla 200: سنگهڻ جي طاقت زائل، نَڪَ جو نزلو گهاٽو ۽ بدبودار، مَٿو ڳئورو ۽ شام جو يا گرم ڪمري ۾ تڪليف وڌي وڃي، جڏهن نزلو پچي وڃي تہ هي دوا ڪم ايندي آهي. ابتدا ۾ هي دوا ڪم ايندي آهي - پلسٽلا جي مريض کي نہ نشون اچن ۽ نہ ئي تيز رطوبت خارج ٿيندي آهي بَلڪ ٿلهي گهاٽي زرد پيوڻ۾ مانند رطوبت نڪرندي آهي.

ڪيمفر Camphora 30: جڏهن زڪام شروع ٿئي ۽ پهريون ٿَڌ لڳي ۽ نڪ بند ۽ خشڪ هجي. جڏهن مريض ساهہ اندر کڻي، هِن دوا جا ٽي چار قَطِرا مصِري يا پتاشي تي ٽي چار دفعہ دوا سنگهائڻ سان آرام ايندو آهي.

ڪالي آئيوڊائيڊ Kalli Iodide 30: خنازيرَي مزاج وارا يا جن مريضن پاري جو استعمال ڪيو هجي، جڏهن بڪثرت پنڙو پاڻي نَڪَ مان ڪري، اکيون سڙن تہ هي دوا مفيد هوندي آهي.

نيٽرم ميور Nat: mur 200: بارهن تشور (Tissue remedies) ۾ نيٽرم نزلي جي هڪ خاص دوا آهي.

# نڪهير وَهَڻ EPIS TAXIS




اگرچہ عام طور تي هي هڪ معمولي بيماري سمجهي ويندي آهي ليڪن جڏهن هي مرض ترقي پذير هجي تہ پوءِ ان کي روڪڻ جي تدبير ڪرڻ ضروري هوندو آهي. البتہ ٿورڙي نڪ هير ڇُٽي تہ علاج جي لاءِ آرام اچي وڃي.

<u>علامات مرض Symptoms</u>: نڪ هير اچڻ کان پهريان پيشانيءَ ۾ بوجهہ ۽ دٻاءُ ٿيندو آهي. عموماً هڪ ئي ناس مان خون اچي ۽ بعض اوقات ٻنهي ناسن مان قطرا يا ڌار وهي خون وهندو آهي. بعض اوقات خون نڪ جي اندورني رستي کان حلق يا معدي ۾ ڪرندو آهي ۽ پوءِ بذريعہ وات مان خارج ٿيندو آهي. ڪجهہ ماڻهو غلطيءَ ۾ ان خون کي ڦقڙن سان منسوب ڪندا آهن.

**اسباب مرض Cause of Disease**: نَڪَ يا مٿي تي ضرب لڳڻ، وڏيڪ مشقت ۽ کنگهڻ وغيره سان مٿي ۾ اجماع خون ٿي ڪري بذريعہ نَڪَ هير جي خارج ٿيڻ. آتشڪي نرم سڪتيءَ ڪراڙپ بہ ان جا اسباب آهن. دموي مزاج جا ماڻهو بوجہ ڪثرت خون اڪثر هِن مرض ۾ مبتلا رهندا آهن. نيز شديد اينميا يعني خرابي خون ۾ نڪ هير ڦٽي پوي. جن عورتن جو حيض رڪجي وڃي يا ٿورڙو بي قاعده اچي ان کي بہ نڪ هير ٿيندي آهي. اهڙي حالت ۾ ان کي حيض جو بدل چوندا آهن. جن ٻارن جي پيٽ ۾ ڪينئان هُجن ۽ اهي لڳاتار پٽيندا رهن، انهن کي اڪثر نڪ هير ايندي آهي.

## عِلاج Treatment

<u>ملي فوليم Millifolium 30</u>: هِن مرض جي هڪ مشهور دوا آهي.

<u>آرنيڪا Arnica 30</u>: جڏهن نڪ يا مٿي تي ڌڪ يا صدمي اچڻ تي

نڪ هير اچي.

**بيلاڊونا Belladona 30**: جڏهن مٿي تي اجماع خون هجي، مٿي تي سُور تپڪڻ جو هجي ۽ چهرو سُرخ هجي.

**برائي اونيا Bryionia 200**: جڏهن صبح جو اٿڻ تي چمڪيلو سُرخ خون اچي.

**نڪس واميڪا Nuxvomica 200**: جڏهن بوقت صبح چميل خون نڪ مان خارج ٿئي.

**ڪروڪس اسٽيوا Crocus Stiva 30**: جڏهن سياهہ خون دوري دار خارج ٿئي.

**فاسفورس Phosphorus 30**: جڏهن خون بڪثرت ۽ بمقدار ڪثير خارج ٿئي.

**هيماميلس Hamammelis**: جڏهن سياهہ رنگ جو خون بڪثرت پاڻي جيان خارج ٿئي.

**فيرم فاس Ferum Phos 200**: جنهن سَبب انيميا هَر هَر نڪ هير، ظاهري سبب معلوم نہ ٿئي.

## نڪ مان بدبو اچڻ OZAENA



هن مرض ۾ نڪ جي ناسن ۾ گينگا جمي ويندا آهن ۽ نڪ مان بدبو ايندي آهي.

**اسباب مرض Cause of Disease**: عموماً هي مرض پراڻي زڪام جي ڪري ٿيندو آهي. ڪڏهن آتشڪ يا ماتا يا خسري جي سبب هي مرض ٿي پوندو آهي. نڪ تي ڌڪ لڳڻ ۾ غير شيءِ جو ڦاسي پوڻ يا زخم ٿي

پوڻ، اهي مرض جا اسباب آهن. خنازيري مزاج جي ماڻهن ۾ عموماً هي تڪليف وڌيڪ هوندي آهي.

## عِلاج Treatment

آرم ميٽ Aurm met 200: نَڪَ مٿان ناسن مان گرمي ۽ ڏُکَڻ، زردي مائل سبز مواد رطوبت خارج ٿئي. آتشڪي مريضن جي لاءِ هي دوا خاص طور تي مفيد هوندي آهي.

آئيوڊيم Iodium 3x: بدبو تمام گهٽي هجي ۽ نَڪَ جي پردي ۾ زخم هجي خنازيري مزاج جي مريض جي لاءِ هيءَ دوا موزون تر هوندي آهي.

مرڪيورس بن آئيوڊائيڊ Mercuris bin Iodide 3x: بدبودار رطوبت خارج ٿيندي آهي. نڪ جي ديوار ۽ نڪ جي گوشت جو ڳرڻ.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 30: آتشڪ، جڏهن مريض پارو گهٽي مقدار ۾ استعمال ڪري رهيو هجي.

آرسينڪ البم Arsenic Album 30: بدبودار مواد هجي، مرض سخت صورت اختيار ڪري ويو هجي ۽ مريض به ڪمزور ٿي ويو هجي.

## نَڪَ جا ڪينئان Vermesnasi



هِن مرض ۾ مريض جي نڪ مان ڦهريان سخت بدبودار ۽ خون آميز مواد خارج ٿيندو آهي پوءِ ڪينئان به خارج ٿيندا آهن.


اسباب مرض Cause of Disease: جيڪي مريض پراڻي عارضي ۾ مبتلا هوندا آهن. گندگيءَ ۾ رهڻ سبب انجي نڪ ۾ مکيون گهري نڪ ۾ اندا

ڏئي وينديون آهن. انهيءَ مان ڪينيئان پيدا ٿيندا آهن. گرم موسم ۾ ۽ برسات ۾ ڇيڳرن ماڻهن ۾ هي مرض پاتوويندو آهي.

## عِلاج Treatment

نيم گرم پاڻي ڪٽي ان ۾ روغن تارپين اڌ آنو ملائي ۽ ان سان صبح، شام نڪ ۾ پچڪاري ڪيو ۽ پوءِ باريڪ نچڪٽي سان خبرداريءَ سان نڪ مان ڪينئان ڪڍو. بعد ۾ هڪ رتي ڦٽڪي هڪ آني پاڻي ۾ ملائي نڪ ۾ پچڪاري ڪيو.

## نڪ جو بواسير Nasal Polypus




هِن بيماريءَ ۾ نڪ جي ناسن ۾ موڪا پئدا ٿيندا آهن.


**علامات: Symptoms**: مريض جي آواز ۾ غنغنائڻ جهڙو آواز پئدا ٿيندو آهي ۽ مريض پنهنجي وات کي ساهه ڪڍڻ جي لاءِ کليل رکندو آهي. نرم شين کي ڳيت ڏيڻ مشڪل ٿيندو آهي. نَڪ ٻاهر جي طرف وڌي ويندو آهي ۽ ناسن کي غور سان ڏسڻ سان بواسيري موڪا نظر ايندا آهن هي موڪا سفيد زردي مائِل نرم ريشہ دار سخت سرخ رنگ جا هوندا آهن. مريض کي اڪثر زڪام جي شڪايت بہ رهندي آهي ۽ ڪڏهن خون بہ ايندو آهي.

## عِلاج Treatment

فاسفورس 30 ـ سينگو نيريا 30 ڪالي بائيڪ 30 مرڪ آيوڊائيڊ. ڪلڪ ڪارب ۽ اوهم وغيره انجوعِلاج آهي.

# قوت شامئہ سنگهڻ (Senses) جو زائل ٿيڻ

Lost of smell (SENSE OF SMELL LOST)




هي مرض خاص ڪري مزمن زڪام جو نتيجو ٿيندو آهي.

## Treatment عِلاج


ابتدا ۾ ايڪونائيٽ 1X يا 2X بعد ۾

Mercuris 30 Pulsatilla 30 Gelsimium 200 Kalli Iodide 30 Kalli. Bichoium 200 Sulfer 200.

ڪلڪيريا ڪارب مان جن دوائن ۾ علامتون موجود هُجن تہ ڏيڻ کپي.


# باب پنجون

## ڪن جون بيماريون AFFECTION OF THE EAR




©ADAM.

## ڪن ۾ ڪجھ پئجي وڃڻ: FOREIGN BODY IN THE EAR





بعض اوقات ڪَنَ ۾ پينسل جو ٽڪر، پٿر يا ڪا ٻي شيءِ پئجي ويندي آهي ۽ وري ڪجهه ماڻهن کي عادت هوندي تہ ماچيس جي تيلي يا ڪنهن ڪانيءَ سان ڪَنَ کي کوٽيندا آهن ۽ اتفاقاً اها اندر ئي ٽٽي پوندي آهي. ڪن جو بغور ملاحظو ڪريو. اگر ڪا شيءِ ويجهو ڏسڻ ۾ اچي تہ ننڍي نچڪٽي سان ٻاهر ڪڍو ۽ ائين ممڪن نہ هجي تہ پچڪاريءَ سان ڪن کي چڱيءَ طرح ڌورايو. ائين ڪرڻ سان پچڪاريءَ جي پاڻي سان شيءِ بہ خارج ٿي ويندي. اگر پوءِ بہ نہ نڪري تہ چند قطرا پاڻي ڪَنَ ۾ وجهو هڪ ٻن ڏينهن ۾ اها شيءِ خودبخود خارج ٿي ويندي

جڏهن ڪن ۾ پاڻي پئجي وڃي تہ بلاٽنگ پيپر جي بتي ٻڻائي ڪَنَ

ڦيرايو يا خالي پچڪاري سان ڇڪي ڪڍو يا ڪاغذ جي بتي وغيره سان ڪ کي ڪنهن ائين ڪرڻ سان اها شيءِ ٻاهر نڪري ايندي. اگر ڪو جيت ڪن ۾ پئجي ويو هجي تہ هائيڊروجن پر آڪسائيڊ ڪَنَ ۾ وجهي ڇڏيو ڪيئنئون فوراً هلاڪ ٿي ويندو. ان بعد گرم پاڻيءَ جي پچڪاري ڪيو. مِٺو تيل وجهڻ بہ ڪَن لاءِ مفيد آهي.

## EARACHE (OTALGIA) ڪَنَ جو سُور




اڪثر هي سور اعصابي ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سوزش يا ورم بہ پاتو ويندو آهي. سُورَ جون تاڻُون چهري ۽ پيشانيءَ تائين وينديون آهن ۽ مريض سخت بيچينيءَ جي حالت ۾ هوندو آهي.

**اسباب مرض Cause of Disease:** ڪنهن ڏند جو بوسيده ٿيڻ، سردي لڳڻ ۽ مرض وجع المفاصل.

نوٽ: جڏهن هي سُور اعصابي هوندو آهي تہ ان ۾ ورم يا بخار جي شڪايت نہ هوندي آهي.

## Treatment عِلاج

<u>اوپيم مڌرٽنڪچر ۽ گلسرين (Opium and Glyerene)</u>: هموزن ملائي چند قطرا ملائي ڪن ۾ وجهو سُور ڪِي آرام اچي ويندو.

<u>پلانٽيگو Plantigo</u>: مڌر ٽنڪچر جا چند قطرا پاڻيءَ ۾ مِلائي ڪَنَ ۾ وجهو ۽ اهڙيءَ طرح اڌ اڌ ڪلاڪ جي وقفي سان وجهندا وڃو ايتري تائين جو سور ختم ٿي وڃي.

<u>مولين Mullen Oil</u>: ٽي چار قطرا ڪن ۾ وجهو ۽ اهڙيءَ طرح هر


ڪلاڪ بعد وجهندا رهو.

پلسٽلا Pulsatilla 3x: ہ ٽي قطرا ڪن ۾ وجهو اها ڪن جي سور جي اعليٰ دوا آهي.

**ضروري هدايت** Precautions: ڏندن جو بغور مطالعو ڪريو اگر ڪو ڏند خراب هجي تہ انکي ڪڍي ڇڏيو.

**اندروني طور تي کائڻ لاءِ:** ايڪونائيٽ 30، بيلاڊونا 30، ڪيپيڪم 30، ڪيموميل 30، فيرم فاس 30، هيپرسلف 30، مرڪيورس 30، پلانٽيگو 30، سلفر 30، پلسٽلا 30، ۽ ورباسڪم 30.

## ڪَنُ وَهڻ Otorrhoea



جڏهن ڪَنَ جي بيروني نالِي جي چاري ۾ ورم اچي ويو هجي. ۽ ڪن مان پونءِ وهڻ لڳي.

علامتون Symptoms: ابتدا ۾ ڪن جي نالي متورم ۽ سُرخ ٿي وڃي، ڪن ۾ سور ٿئي ۽ خفيف بخار بہ هجي. تڪليف جي ڪري ننڊ نہ ايندي هجي. ٻن ٽن ڏينهن بعد گهاٽي رطوبت برنگ زرد خارج ٿيڻ لڳندي آهي.

**مرض جا سبب** Causs of Disease: ٻارن ۾ ڏند نڪرڻ، مرض خنازير، غير جنس شيءِ جو ڪن ۾ پوڻ، سردي، بدهاضمو ۽ ڪجهہ چمڙيءَ جا امراض، سڀ مرض ٿي پوندا آهن.

## عِلاج خارجي External Treat ment

هائڊروجن پر آڪسائيڊ: Hydrogen per Oxide: چند قطرا مائوف ڪن ۾ وجهو. اُبري پونءِ ٻاهر اچي وڃي، پوءِ ڪن کي چڱيءَ طرح صاف

ٿيندو آهي. ڪَنَ جي اندروني نالِي ۾ پردو سُرخ ۽ متورم ٿيندا آهن. پچڪاري ڪرڻ سان تڪليف ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن ورم دماغ طرف وڌي وڃي تہ مريض جي هلاڪت ٿيندي آهي.

**اسباب مرض:** Cause of Disease: سَردي لڳڻ، ڪَنَ ۾ زور سان پچڪاري ڪرڻ، عصبي خراش، نزلو، وجع المفاصل، نقرس، خنازير ۽ سُرخ بخار وغيره انجا اسباب آهن.


## علاج Treatment

ابتدا ۾ ايڪونائيٽ 30 بيلاڊونا 30. نهايت مفيد ادويات آهن. واري واري سان پندرهن ڏينهن وقفي سان ڏيڻ کپي.

**پلسٽلا30** Pulsatilla 30: خسري ڪان پوءِ ورم جو عارضو ٿي ويو هجي. ڪَن ۾ تير هڻڻ جهڙي ڦاڙڻ جهڙا سورَ.

**مرڪيورس سال** Merc Sol 30: سُور ڏندن ڪان ڦهلجي ۽ گرم ڪمري جي زيادتي ٿيندي آهي. جڏهن ماتا جي مرض ڪانپوءِ ڪَنَ جو عارضو ٿي پوي.

ACUTE OTITIS MEDIA



## عِلاج خارجي External Treatment

**پلانٽيگو** Plantigo major: گرم پاڻي ۾ مساوي وزن ملائي ڪري ڏهن منٽن بعد ڪن ۾ وڌو وڃي تہ ورم بہ گهٽجي ويندو ۽ سُور کي بہ آرام ايندو.

**علامتون:** Symptoms: مريض کي ڏاڍيان ٻڌڻ ۾ اچي ۽ مختلف قسم جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن. ڪَنَ کي بخوبي ڏسڻ سان ان ۾ مير نظر ايندو.

## عِلاج Treatment

عام طرح ڪن ۾ پچڪاري نيم گرم پاڻي جي. اگر پچڪاريءَ سان سور شروع ٿي وڃي تہ پوءِ پچڪاري بند ڪيو. بادام روغن يا گلسرين جا چند قطرا گرم گرم ڪَنَ ۾ وجهو۔ان سان ميڙ نرم ٿي ويندو ۽ آسانيءَ سان نڪري سگهندو.

## ڪَنَ جي جَلٽدار ڦرڙي Eczema of the ear



بيلاڊونا+پلسٽلا Belladona 30+Pulsatilla 30: جڏهن مرض ۾ گهٽي شدت نہ هجي.

رسٽاڪس ۽ وريٽرم ورائيڊ Rhustox+Vertrum veride: ڦلوڪٽي دار ڦرڙيون.


گريفائيٽس Graphites: ڪَنَ جي پويان ڦرڙين جي لاءِ.

آرسينڪ البم يا سلفر ArsenicAlb30 Corsulfer: مزمن مرض ۾ ڪم ايندڙ دوائون.

## علاج خارجي Extemal Treatment

احتياط سان ڪن کي پچڪاري سان ڌوئي ڪري صاف ڪيو ۽ پوءِ خشڪ ڪري ڇڏيو. ڦرڙين تي باريڪ ميدو ڇڻڪيو.

## ڪَنَ وڄڻ TINNITUS




ڪجهہ مرض مثلاً بد هاضمو رت جي گھٽتائي، ڪمزوري، رنج وغم ۽ ڪونين وغيره جي ڪثرت استعمال سان ڪيترن قسمن جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ۽ قوت سماعت ۾ نقص واقع ٿيندو آهي.

## عِلاج Treatment

مرض جو اصل سبب معلوم ڪري ان کي دور ڪريو. اگر خشڪيءَ جي ڪري ڪَنَ وَڄن تہ بادام روغن يا روغن ڪَلو يا روغن گل يا عورت جو کير ڪَنَ ۾ وجهو ۽ مٿي تي انهن روغنن جي مالش ڪريو. مندرجہ ذيل دوائون حسب علامات استعمال ڪريو.

چائنا 30 . China، فاسفورس 30. Phosphorus، سلفر 30. Sulfer، ايڪونائيٽ 30. Aconite، مرڪيورس 30. Mercuris، نڪس واميڪا Nux vomica 30، ايسڊفاس AcidPhos 30، سليشيا Silicia 30 ۽ بيلاڊونا Beladona 30.

## ٻوڙائپ DEAFNESS



ڪن ۾ مير پرجي وڃڻ، سخت سردي لڳڻ، ضعف دماغ، نقرس وجع المفاصل، آتشڪ، چيچڪ، سُرخ بخار وغيره. امراض باعث يا توپ وغيره جو آواز بجلي جي ڪڙڪ يا بلند آواز سان ڪن تي صدمو پهچي ڪري قوت سماعت ناقِص ۽ بلڪل زائل ٿي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪنن تي مختلف اقسام جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن.

## عِلاج Treatment

اگر ٻوڙائپ ڪن ۾ مير پرجي وڃڻ جي ڪري هجي تہ مير خارج

ٿئي ۾ گلسرين جا چند قطرا مائوف ڪنن ۾ وجهندا رهو ۽ پوءِ نيم گرم پاڻيءَ سان پچڪاري ڪريو. مير ٻاهر نڪري پوي ۽ ٻوڙائپ کي آرام اچي وڃي.

اگر ڪن ۽ نڙيءَ جي درمياني نالِي (Eustisain Tube) ۾ نقص واقع ٿئي تہ سيپيا نهايت اعليٰ دوا آهي.

هيپر سلف ۽ مرڪيورس Heper Sulph+Mercuris: اهي دوائون بہ ڪم ايندڙ آهن.

آرسينڪ البم+فاسفورس Arsenic Album 30+Phosphorus 30: اگر ٻوڙائپ جو عارضو ڪمزوري عام جي ڪري هجي ۽ جڏهن دل جي ڌڙڪڻ بہ گڏ هجي.

مرڪيورس 30+ڪالي هائيڊرائيڊ Mercuris 30+Kalli Hydrid 30: اگر ٻوڙائپ جو عارضو ٿَڌ لڳڻ جي ڪري هجي.

سلفر 30+هيپر سلف30 Sulphur 30+Heper Sulph: اگر ٻوڙائپ جو عارضو غدود ڳلي جا وڌي وڃڻ جي ڪري هجي تہ هي استعمال ڪرايو.

آرنيڪا Arnica 200: اگر ٻوڙائپ ڌڪ جي ڪري هجي.

ليڪسس+امبراشيا: Lachasis+Ambra: اعصابي ڪمزوري سبب ٻوڙائپ.

سلفر Sulphur 200: اگر خنازيري سبب هجي تہ.

# باب ڇهون

## چهرو Face



بربرس ايڪيوفوليم Acne on the face 30: چهري تي ڪير ۽ داغ.

ڪالي بروميٽم Kalli Bromlium 30: چهري تي ڪير. موهيڙا.

ڪاسٽي ڪم Causticum 30: رخسار ڏندن سان ڪنجي وڃن.

آيوڊيم Iodium 30: چهري جي رنگت صاف ڪرڻ لاءِ.

ڪاسٽي ڪم Causticum 200: وات جي سڄي طرف جو فالج.

ايسيٽڪ ايسڊ Acetic acid 30: چهرو پيلو ۽ اکين جي چوڌاري نشان.

چيلنڊونيم Chelendonium 3x: يرقان، ميزبان اکيون، پيليون ، چهرو پيلو.

مرڪار Mer.Cor 30: چهرو سُرخ ۽ چپ ڪارا سُڄيل.

فاسفورس Phosphorus 200: اکين جي چوڌاري نيرا نشان.

ڪلڪ فلور Calc.Flour 30: رخسار ۽ هباڙي ۾ سور ۽ سخت سوڄ.

اسٽفي سيگِريا Staphisegiria 200: اکين جي چوڌاري ڪارا نشان.

ليڊم Ledum 30: سُرخ رنگ جون ڦرڙيون چهري ۽ پيشاني تي

ڪاسٽي ڪم Causticum 30: لقوو اچانڪ.

ڪالي ڪارب Kalli.Carb 30: پِرون جا وار ڇڻن.

**گريفائِٽس** Graphites 200: ڳِياڙِي ۽ ڇهري تي مَليو.

**نڪسِ واميڪا** Nux vomica 200: سائڙو ڇَپاڪي چمڙي سُرخ داغ.

**ايڪونائيٽ** Aconite 200: اچانڪ ۽ شديد وات جي فالج جو حملو.

**ميڊوسا** Medusa 30: ساري ڇهري تي ورم ڏسڻ ۾ اچي.

## ڇَپَ Lips



**ڇَپِ ڇَالا** Herpstabialis: هِن مرض ۾ عموماً هيٺين ڇَپن تي ننڍا ننڍا داڻا نڪري اچن. انجي سطح سُرخ ۽ قدري متورم ٿيندي آهي. ان کان پهريان شفاف رطوبت هوندي آهي ليڪن بعد ۾ اها رطوبت پوڻ ۽ ٻڻجي ويندي آهي ۽ زرد مواد ۾ تبديل ٿي ويندي آهي، داڻن مان رطوبت نڪري جمي پوندي آهي ۽ کرنڊ ٻڻجي ويندا آهن. اهي داڻا عموماً ڇَپَ تي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڇهري تي بہ هوندا آهن.



**مرض جا سبب:** Cause of Disease: معدي يا جگر يا دل جي خرابي جي ڪري هي داڻا نڪري اچن. سردي لڳڻ ۽ مقام لِبَ تي خراش جو ٿيڻ انجا اسباب آهن. بعض اوقات ڪيترن ئي قسمن جا بخار ۽ بعد ۾ داڻا نڪري ايندا آهن.



## علاج Treatment

رسٽاڪس 200، ڪروٽن ٽگ 200، مرڪيوس 200، آرسينڪم، هيپر سلف ۽ گريفائيٽس 200.

**ضروري هدايتون:** ڦلوڪٽن تي بورڪ ايسڊ ڇڙڪڻ مفيد هوندو آهي. مريض کي غذا لطيف ۽ زرد هضم ڏيڻ کپي.

**نيٽرم ميور** Nat:mur 30: هينين ڇَپ پرسان لوڻ وڏيڪ کائڻ جي خواهش.

**ڪالي ميور** Kalli mur 20: ڇپن جا ڪنارا ڦاٽل.

**ڪريازوٽم** Kreosotum 30: ڇَپ ڦاٽل ۽ خون وَهي.

**هيپرسلف** Heper Sulphur 30: مٿيون ڇَپ سُڄيل.

**نائٽرڪ ايسڊ** Nitric Acid: ڇَپ تي زخم مختلف جڳهه تي پونۂ پئجي وڃي.

**نيٽرم ميور** Nat: mur: مختلف جڳهن کان ڦاٽل ڇَپ.

**سيپيا** Sepia 30: ڇَپ جو سرطان.

**سڪيل ڪار** Secal cor 30: ڇَپ سياهه ٿڌا ليڪن جَلڻ ۽ سَردي کان سڪون.

**ايسيٽڪ ايسڊ** Acetic Acid 30: ڇَپن تي ڳليٽون رخسار گرم ۽ سُرخ.

**آرنيڪا** Arnica 200: ڇَپَ گرم ۽ اندر تيل ڇهرو.

**ڪونڊرانگو** Condurango 30: ڇپن تي ڪنارا پَڪل.

**اوليم اينمل** Olium anamal 30: ڇپن تي تشنجي سور.

# ڏاڙهي Beard



ريڊيم Radium 30: خارش واري جڳهه تي شديد ساڙو جنهن کي ٿڌ سان سڪون ملي.

بسيليم200+سلفر200 Baclium 200+Sulphur 200: گندي پاڪي لڳڻ ڪري تڪليف.

ڪلڪيريا ڪارب Calc. Carb 30: متي تي پگهر ۽ ڏاڙهي تي خارش.

بيسليم Baclium 20: ڏاڙهيءَ جي وارن جو ڪرڻ.

ڪلڪيريا سلف Calc. Care Sulf 30: ڦرڙيون جن مان گهرو پيلو مواد نڪري.

سليشيا Silicia 200: ڦرڙيون ۽ ڪير جيڪي داغ ڇڏي وڃن.


رسٽاڪس Rhustox 200: سُرخي مائل ٿلها داڻا ڇهري تي.

سيپيا Sepia 30: ڪارا ۽ گلابي رنگ جا داڻا.

# باب ستون

## وات جون بيماريون

## AFFECTIONS OF THE MOUTH



### چَپ جا قلوڪٽا. HERPESLABALIS


هن مرض ۾ عموماً هيٺين چَپ ۾ داڻا نڪرندا آهن ۽ سطح سُرخ ۽ متورم هوندي آهي. ڦڦريان شفاف رطوبت هوندي آهي ۽ بعد ۾ پونءِ ٻڻجي ويندي آهي. ڪرنڊ ٻڻجي ويندا آهن.

**مرض جا سبب Cause of diseases:** معدي، جگر يا دل جي خرابيءَ جي ڪري داڻا نڪرندا آهن. سردي لڳڻ ۽ رَهڙ هن جا سبب آهن. ڪيترن بخارن بعد به هي داڻا نڪرندا آهن.

### Treatment عِلاج

رستاڪس 20، ڪروٽن ٽگ 30، مرڪيورس 200، آرسينڪ 200، گريفائيٽس 200، هيپر سلف. هن جو عِلاج آهن.

### Stomatitis inflamation of Mouth وات جي سوزش



هِن مرض ۾ وات جي اندروني جاري سُرخ ۽ متورم ٿجي ويندي آهي. وَات مان تمام گهٽي گِگَ وهندي آهي، ٿُڪ گهٽي پيدا ٿي ويندي آهي، ڪاڏو چٻارڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي، ساهہ مان بدبوءِ ايندي آهي ۽ آخر ۾ وات ۾ ننڍيا ننڍيا زخم ٿي پوندا آهن.

**مرض جا سبب: Cause of disease**: ڪمزور ٻارن کي ڏند لڳڻ، ڏند نڪرڻ وقت بدهاضمو وغيره ۽ اهڙن بخارن جو ٿيڻ جن سان جسم تي داغ پئجي وڃن ۽ داڻا نڪري اچن. گرم غذا، مصالحي دار شيون ۽ پاري جا مرڪبات وغيره جا بداثر بہ هن جي ڪارڻن ۾ شامل آهن.

## عِلاج Treatment

**ڪالي ڪلوريڪم Kalli.Chloricum 200**: ساهہ تمام بدبودار، اندروني جاريءَ جو زخم، تڪليف جيڪا گرم غذا ۽ گهٽي تماڪ نوشيءَ سان ٿي هُجي.

**بيلاڊونا Belladona 30**: وات جي اندروني جاري متورم، سرخ، جلندڙ گرم، وات تمام گهڻو خشڪ ۽ گهاٽي ٿڪ.

**مرڪيورس Mercuris 30**: گِگَ گهٽي ۽ غدود متورم هجن.

**چائنا China 30**: ڪمزوري دور ڪرڻ جي لاءِ مرض جو زور گهٽ ٿيڻ بعد استعمال ڪرايو.

**نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 30**: جڏهن پاري جي بڪثرت استعمال بعد مرض پيدا ٿيو هجي ۽ صفرا جي زيادتي.

**نوٽ: ٽينڪ ايسڊ (Tenic Acid) جا گرڙا ضرور ڪجن.**

## وات ۾ بدبوءِ Foul Smell in Mouth



مرض جا سبب: Cause Of Disease: وات گندو رهڻ، ڏندن ۾ خوراڪ جا ذرا رهڻ، ڏندن تي پتري، ڏندن جو ڳرڻ، مهارن جو خراب ٿيڻ، وات ۾ زخم ٿيڻ ۽ ڏندن جي پاڙن ۾ پونءِ.

## عِلاج Treatment

سَڀ ڪان پهريان سبب دور ڪرڻ کپي. جنهن جي ڪري بدبوءِ اچي رهي هجي.

آرنيڪا Arnica 200: وات مان خراب تيل اندن جيان بوءِ، اُڃَ گهٽي ۽ وات خشڪ.

پلسِٽلا Pulsatilla 200: بدهاضمي سَبب وات مان بدبوءِ.

نڪس واميڪا Nuxvomica 3x: معدي جي خرابيءَ سبب بوءِ اچي.

سليشيا Silicia 200: ماسخوري يا ڏندن جي پاڙن ۾ پونءِ پئجي وڃي.

ڪاربو ويج Carbo veg: مهارون قليل، انهن مان خون وهي ۽ پوءِ ڏند الڳ تي رهيا هجن ۽ وات ۾ ننڍا ننڍا داڻا هجن.

ڪالي فاس Kalli phos 6x: وات بلڪل خشڪ، زبان تي بادامي رنگ جو تهه ۽ مهارن مان خون وهي اتي سرخ رنگ جا ليڪا هجن.

مرڪسال: Merc sol: ماسخورو، ڏندن جو مٿيون حصو بوسيده، گرم ۽ ٿڌيون شيون تڪليف ڏين ۽ وات مان رات جو گگ وهي.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid: زبان جي ڪنارن تي داڻا، تارونءَ تي زخم، ڏند لڏي رهيا هجن، وات ۾ ٽڪ وڏيڪ، مهارون نرم ۽ اسفنجي هجن.

## وات ۾ زخم Blisters/Ulcers



اها ڪيفيت تڪليف ده هوندي آهي.


## Treatment عِلاج

**بوريڪس** Borax 200: انتهائي سور ۾ بوريڪس سان جلدي آرام ايندو آهي.

**مرڪسال**: Merc sol: تيز سور، بدبودار ساهه. مهارن، چپن ۽ ڳلن جي اندران زخم.

**نيٽرم فاس** Nat:phos 30: زبان جي چوٽيءَ ۽ تارونءَ تي مواد آلود ۽ شام جو ڏنگ لڳڻ جهڙو سُور.

## Gangrene (شيمڪ) گينگرين



واتَ جو اهڙو زخم جنهن سان خليا مري ويندا آهن ۽ اها جڳهه ريزه ريزه ٿي ڪري ڪِرڻ لڳندي آهي. ورم، مهارن ۽ ڪنارن کان شروع ٿيندو آهي ۽ ڦهلبو ويندو آهي ۽ ڳٽن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي چڙهندو آهي. مهارون نرم، سفيدي مائل پوري رنگ جون ٿي وينديون آهن. ڏندن کان هتجي وينديون آهن. انهن مان خون نڪرندو آهي، سخت بدبوءِ ايندي آهي ۽ اتان گوشت ڳري ويندو آهي. ايتري تائين جو رخسارن ۾ سوراخ ٿي پوندو آهي.

## Treatment عِلاج

**آرسينڪ البم** Arsenic Album 20 : عضوا ٿڌا، شديد نقاهت، نبض تيز ۽ لائس جهڙي بوءِ وات مان اچي.

**بيپٽيشيا**Baptisia 30 : زبان سرخ، خشڪ. وات ۾ بدبو ۽ مريض کي غشيءَ جي ڪيفيت.

**ليڪسس**Lachasis 30 : وات جو رنگ ارغواني، ننڊ دوران تڪليف

۽ عارضو ڪبي طرف کان شروع ٿئي.

مرڪسال Merc.Sol 30 : گرمي سردي ٻئي ناقابل برداشت ۽ وات مان گگ وهي.

ميورٽيڪ ايسڊ Muretic Acid 200: زخم، عموماً خسري ۽ ٽائيفائيڊ کان پوءِ زبان بادامي هوندي آهي.

## اُڃ نہ لڳڻ Thirst lessness



## عِلاج Treatment

ايپس Apis 30: زبان ۽ نڙي، ڪاڪڙي جي سُوج سان گڏ اُڃ جو نہ لڳڻ.

پلسٽلا Pulsatilla 30: وات خشڪ مگر اُڃ نہ لڳي.


## خارش Itch

## عِلاج Treatment

اينٽي مونيم ڪروڊ Ant. Crud 200 : وَات جي ڪنڊن ۾ ڏار - ۽ گڏو گڏ پيٽ جي خرابي.

آرم ٽرف Aurm truph 30: وات جي ڪنڊن ۾ سور ۽ ڏار ۽ چپ ڦاٽل.

## پائيوريا Pyorrhea



## عِلاج Treatment

مرڪار Merc.Cor 30 : ناسور سان گڏ پاڻيءَ جيان ٿُڪَ.

ڪريازوٽم Kroesotum 30 : مهارن ۾ نيرا نشان، سُرخ ۽ نرم اسفنج جنهن مان خون وَهي.

نيٽرم ميور+ناٽترڪ ايسڊ Nitric Acid 30+Nat. mur 30 :

## ناسور لاءِ بهترين دوائون

## ڪڙڪڙاهٽ هباڙي ۾ Cracking Jaw


رسٽاڪس Rhustox 30 : هباڙي جو ڪڙڪڙائڻ ٻُڌنيا سان گڏ.

ناٽترڪ ايسڊ Nitric Acid 200 : جيڪڏهن رسٽاڪس ناڪام ٿي وڃي.

گرينٽم Grantum 30 : هباڙي جو پردو ڪڙڪڻ.

آرم ٽرائفل Aurm Tryphil 30 : ڳيت ڏيڻ ۾ دقت، هباڙي جي جوڙن جي تڪليف ۽ تڪليف جڻ موهه تي ويو هجي.

## مَهارُن مان خون نڪرڻ Bleeding Gums




مرڪسال Mercsol 200 : مهارن جو ناسور ۽ انهن مان خون وهي، خارشِ، جَلڻ ۽ مهارن جي سُرخي.

فاسفورس Phosphorus 200 : مهارن جو ناسور ۽ انهن مان خون وهي ان لاءِ شاندار دوا.

ڪلڪ فلور Calc: Flour 6X : مهارن مان خون وهي، ڏندن جي ڳرڻ-سڙڻ سان گڏ.

**ڪاربو ويج Carbo-Veg 200** : جڏهن ڏندَ مهارن ڪان عليحده ٿي وڃن، ڍلا ٿي وڃن، ڏند جلدي، جلدي ڳرن، جڏهن ڏندن جي صفائي ڪئي وڃي تہ خون وهي يا ٿورڙو بہ حرڪت ڪرڻ سان خون وَهي، ٻنهي سرد ۽ گرم ۾ نمڪين خوراڪ ڪان تڪليف هجي.

**ليڪِرس Lecharis 200** : مَهارن مان خون وهي، پاٽيءَ جي شديد اُجَ سان گڏ ڳنئنيا ۾ مبتلا هجڻ جو رجحان ۽ ڏندن جي چوڌاري خون وَهي.

## چَپَن مان خون وَهڻ Bleeding from Lips



**آرم ٽرائفل Aurm Tryphil**: ٽائيفائيڊ بخار وغيره ۾ چپن مان خون وهي.

## زبان جي سوزش Glossitis




**علامتون Symptoms**: ڀهرين زبان ۾ گرمي محسوس ٿيندي آهي پوءِ سور ٿي ڪري يڪايڪ متورم ٿي ويندو آهي جڏهن تہ ورم تمام گهٽو ٿيندو آهي. زبان وات مان ٻاهر نڪري پوندي آهي. وات مان ڳِگَ وهندي آهي، بيچيني، بخار ۽ ڪمزوري ٿي پوندي آهي ۽ ڪڏهن سوزش ٿي ڪري زبان ۾ پونءِ پئجي ويندي آهي.

هن مرض ۾ زبان تي زخم، بدهاضمو آنڊن يا ڏندن جي خرابي، تماڪ نوشي، تيز مصالحي دار غِذا کائڻ تي گرم گرم چانهه يا کير پيئڻ، کائڻ سان پاري جا مرڪبات جو استعمال، شديد امراض، چيچڪ، شديد بخار ۾ خنزير (Psora) ۽ آتشڪ وغيره لاحق ٿيڻ تي ٿيندو آهي.

## عِلاج Treatment

ايڪونائيٽ Aconite 200 : زبان سجيل، پڪِل، ڏکي، زبان متورم ۽ زبان جي چوٽيءَ تي جلڻ.

ايپس Apis 200 : زبان سُجيل، پڪل، ڏکندڙ قلوڪٽا، نڙي سڙي ۽ زبان بہ سڙي.

بيلاڊونا Belladona 200 : زبان متورم، زبان گهِري ۽ سرخ رنگ جي خشڪ جلڻدار سور سان.


ڪروٽيلس Crotalus 3x : زبان باهہ جيان سُرخ، سُجيو ٻاهر ڪيڻ تي ڪبي طرف سُرڪي وڃي ۽ ڏکي زبان.

مرڪسال Merc.Sol 200 : زبان متورم، ان تي زخم، زبان جَلِيل ڏسڻ ۾ اچي، وات مان بوءِ ۽ پاڻي اچي ۽ اُڃ.

آرسينڪ البم Arsenic Album200 : زبان جي پوئين حصي ۾ سوڄ.

ڪالي آئيوڊائيڊ Kalli Iodide : زبان متورم، نوڪ جَلڻ يا سڙي پوڻ سان سجي وڃي.

## ٿُڪَ جي ڪثرت (PTYALISMSALIVATION)




وَات ۾ ٿڪ جي ڪثرت، مريض هرهر ٿڪي، جنهن سان کائڻ پيئڻ

محال تي ويندو آهي. وات ۾ زخم ۽ سوزش، معدي جي خرابي، ايام حَمل ۽ بيين مرضن ۾ شڪايت پئدا ٿيندي آهي.

## علاج Treatment

امونيا ڪارب Amonia Carb 200: وات ۾ بڪثرت لَعاب ۽ هر وقت ٿُڪيندو رهي.

ڪيموميلا Chammomella 200: جهڳدار لَعاب ـ وات مان گندي بوءِ اچي.

اپيڪاڪ Ipecahac 200: ڪثير لَعاب ۽ هر وقت ڳيت ڏيڻ تي مجبور ٿئي.

آئرس ورس Iris vers 200: لعاب وات مان ۽ گندي بوءِ اچي.

ڪالي آئيوڊائيڊ Kalli Iodide 200: خون آميز لعاب اچي.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 200: گندي بوءِ دار ڪثير لعاب وات مان نڪري، لعاب صبح جي وقت خون آميز.

پلسٽلا Pulsatilla 200: لڳاتار لعاب وهي.

نيٽرم ميور Nat: mur 200: ماتا ۾.

ڪاڪولس Cocolus 200: هر وقت لعاب ٿُڪڻ جي خواهش.

## لقوو Facial Paralysis





Fig. 14 6 Facial paralysis left side Compare with normal side

دَماغ مان نڪرڻ واري ستين رڳ جي ڪارڪردگيءَ ۾ فرق اچڻ سان چهري جي حس ۽ پٺن جي ڪارڪردگي ختم تي ويندي آهي ۽ لقووي جون علامتون ظاهر ٿيڻ شروع ٿينديون آهن. بيماريءَ جي شروع ۾ اڪثر ماڻهن کي چهري جي حَرڪت ڪرڻ ۾ دِقت (تڪليف) محسوس ٿيندي آهي ۽ چهري جي هڪ طرف جو حصو ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي.

حَرڪت ڪَرَڻ ۾ وات نيڙو تي پوندو آهي ۽ اڪ پوريءَ طرح بند ناهي ٿيندي. اڪ ۾ جلڻ ٿيندي آهي ۽ پاڻي خارج ٿيڻ لڳندو آهي. وات ۽ زبان متاثر ٿيندا آهن ۽ ڳالهائڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي. پاڻي پيئڻ ۽ ڳيت ڏيڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي. بيماريءَ جي شدت جي سَبب زبان جو اڳيون حصو مائوف ٿي ويندو آهي ۽ ذائقو ختم ٿي ويندو آهي.

## عِلاج Treatment

**ايڪونائيٽ** Aconite : خشڪ ٿڏي هوا کان بيچيني ۽ چَپ سُن ٿي وَڃن.

Rhustox 200+Causticm 200: ٽائيفائيڊ، ٽائيفس يا ڊفٿيريا کان پوءِ ٿڏي هوا لڳڻ سان.

**ڪالي ڪلور** Kalli Cholor 30 : جڏهن متاثر حصو سور ڪَن.

**ڪاڪولس** Cocolus 30 : اعصابي سور، لقوي سان گڏ چهرو سُن.


**سلفر** Sulfer 200 : ڪڏهن ڪڏهن استعمال ڪريو.

Lycopodum 200+Baryta Carb 200: چَهري جي ساڄي طرف جي لقوي لاءِ خاص نسخو.

**جيلسيميم** Gelsimium : سلفر سان گڏي ڪارايو بهترين نتيجو ڏيندي

**هائپريڪم** Hypericum 200 : اعصابن جي زخمي ٿيڻ جي ڪري لقووه.

## زبان هيٺان ڳوڙهي Ranula




**ٿوجا** Thuja 200 : نيري يا وريدن جي ڳنڍين جو هجڻ هينيان زبان جي.

**امبرا** Ambra Ag 3X : بدبودار ساهه سان گڏ.


**هائيڊروفوبينم** Hydrofobinium 200 : جڏهن وقفي بعد تَندُ واقع ٿئي.
**ڪلڪ ڪارب** Calc. Carb 200 : مذڪوره بالا دوائون ناڪام ٿي وڃن ته هي دوا ڏيو.
**مرڪسال** Mer. Sol 200 : سخت ۽ جسامت ۾ وڏو، هي متائي استعمال ڪجي.

## وات جو ذائقو Taste of Mouth




**چائنا** China 200 : هر شيءِ جو ذائقو ڪڙو ۽ پاڻي به ڪڙو معلوم ٿئي.
**ايڪونائيٽ** Aconite 200 : هر شيءِ جو ذائقو سواءِ پاڻيءَ جي ڪڙو معلوم ٿئي.
Pulsatilla 200+Nat:mur 200+Bryionia 200: خوراڪ جو ذائقو ڪڙو معلوم ٿئي ته ڏنل ترتيب ۾ دوائون ڪارايو.
**ڪريازوٽم** Kreosotum 200 : پاڻي پيئڻ بعد خوراڪ جو ذائقو ڪڙو معلوم ٿئي.
**ڪيمفر** Camphora 30 : هر خوراڪ جو ذائقو وڌيڪ تيز محسوس ڪري.
**سائيڪليمن** Cyclamin 200 : نمڪين ذائقو ۽ بگڙيل ذائقو.
**مرڪ سال** Merc Sol 200 : مانيءَ جو ذائقو مٺو معلوم ٿئي.
**رسٽاڪس** Rhustox 200 : ذائقو کٽو يا ترش معلوم ٿئي.
**نڪس واميڪا** Nux vomica 200 : ذائقو برو، ترش ۽ هَر قسم جي تبديلين سان گڏ.
**پلسٽلا** Pulsatilla 200 : سڙيل گوشت جهڙو ذائقو. الٽي جو رجحان. وات جي جاري جي خشڪي ۽ ذائقو ڪڙو ۽ گهٽ.

# زبان جا مَرضِ Tongue Problems




ايلم اسٽيوا Allum Stiva 30 : زرد، سُرخ زبان، قبضي يا شديد ٻُڪ.

ايني ٿيرنيم Anetherinum 30 : زبان ۾ ڏار، ڪنارا ڪٽيل، شديد مقدار ۾ ڪِگ وهڻ.

انٽم ڪروڊ Ant: Crud 200 : ڪير جيان سُفيد، ٿُلهي تَهه سان ۽ گهٽي ڪائڻ سان بدهاضمو.

ايپس ميل Apis Mel 200 : باهه جيان سُرخ، جلندڙ چمڙي، زبان جو ڪينسر، سوڄ، ڪاڪڙي ۽ نڙيءَ ۾ سوڄ.

آرسينڪ البم Arsenic Album 200 : نيري رنگ جا زخم، زهريلو ڪاڏو ۽ تماڪ چٻاڙڻ جي ڪري خرابي.

براٽنا ڪارب Bxryta Carb 200 : زبان جو لقوو اڳين حصي ۾ جلڻ ۽ سور.

برائي اونيا Bryionia 200 : انتهائي خشڪي، چپن جو ڏرڻ، پوري گهري رنگ جو، هاضمي جي خرابي مان سفيد پَرت ۽ ذائقو ڪڙو.

ڪلڪ سلف Calc. Sulf 30 : پوئين طرف زبان زرد، سُڪل مٽيءَ جهڙا پرتَ ۽ ترش ذائقو.

ڪاربوويج Carbo-veg 200 : زبان جي ڪمزوري، نفغ بدهضمي سان.

ڪيوپرم ميٽ Cuperm met 200 : نانگ جيان مسلسل زبان ٻاهر ۽ اندر ڪرڻ، زبان جو لقوو مرگهيءَ جا دورا، گندو ذائقو.

ٿوجا Thuja 200 : تارونءَ پرسان سفيد قلوڪٽا، زبان، سُور زخم ۽ زبان جي چوٽيءَ تي تکو زخم.

# چَپَن تي ڳوڙهو Lips Tumor



ايسيٽڪ ايسڊ Acitic Acid 30 : سُرخ ۽ تاڻيل.

آرسينڪ البم Arsenic Album 200 : چپ سياهه، نيرا، ڪمزوري، بي چيني ۽ انتهائي ٿڪاوٽ.

(Plaque)ان سطح جي آس پاس ۾ هيٺ ڄتي مهارون ڏندن سان ملنديون آهن اتي هڪ تهہ جمائي ڇڏيندا آهن. جنهن تي اتي ڪرڙي مير يعني ٽارٽر (Tartar) ڄمي ويندي آهي. پوءِ هي ٽارٽر بالترتيب زياده کان زياده مقدار ۾ پلاڪ (Plaque) يڪجا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ مجموعي طور تي مهارن جي سور (Inflamation) ۾ اضافو ٿيندو آهي.

ان جي لاءِ ڏندن ۽ مهارن جي ڏسڻ وائسڻ ۾ مناسب برش باقاعده ۽ هڪ طئي شده وقفي تي ان جي صفائي ضروري آهي، جيئن پلاڪ (Plaque) ۽ ٽارٽر جلد کان جلد صاف ٿي سگهي. سال جي عمر جي ٻار کي ان جي عادت وجهڻ کپي. ان سلسلي ۾ فلورائيڊ ٽوٿ پيسٽ ٻين جي مقابلي ۾ بهتر هوندو آهي. ٽوٿ برش سان ڏندن جي مناسب طريقي سان طئي شده طرف ۾ صفائي ڪرڻ کپي جيئن ڏندن جي وچ ۾ ڪڏا ۽ ڏند مهارن جي جوڙ جي جڳهه ٺيڪ ڍنگ سان صاف ٿي سگهي. غلط پاسي برش ڪرڻ سان ڪو فائدو ناهي ٿيندو. ڏند جو شمار زنده جاويد موجودات ۾ ٿيندو آهي، ان جي وچ ۾ هڏي جي گوشت ۾ ڪافي تعداد ۾ اهڙيون رڳون ٿيندڍيون آهن جيڪي خون ۾ گردش ڪرڻ جي ڪم ايندڍيون آهن ۽ ان ۾ نسون به ٿيندڍيون آهن. گرمي، سردي، سُور ۽ دٻاءَ کان حساس ٿيندي آهي. اينمل جيڪو ان کان وڌيڪ سخت شيءِ آهي، ڊينٽائين (Dentine) کي ڍڪي رکندا آهن. هر ڏند جي هڏي کان ٻٽيل هجي- خول ۾ صدمي کي برداشت ڪرڻ واري ريشي (Tissue) جي پرت ٿيندي آهي. هي پرت ڪٽڻ ۽ چٻاڙڻ دوران ڪوپڙي ۽ هٻاڙيءَ جي هڏين جي ڌڪ يعني Shck کان بچائيندي آهي. اينمل انساني جسم جي سڀ کان سخت شيءِ مڃي ويندي آهي. انجي باوجود کنڊ تي بيڪٽريا جي عمل جي ڪري وات ۾ پئدا ٿيڻ واري تيزابيت ان کي ڳاري ڇڏيندي آهي ۽ انجا ڏند سڙي ويندا آهن.


ڏند 6 کان 8 مهينن بعد نڪرڻ شروع ٿي ويندا آهن. عارضي کان ڪير جي ڏندن جو تعداد وڌيڪ هوندو آهي ۽ هي ڏند تقريباً 2 کان اڍائي سالن جي عرصي ۾ نڪرندا آهن. غذائي قلت يا موروثي طور تي ٿائرائيڊ ڊيفيشنسي (Defficiency) يعني ڪميءَ سبب اڪثر ڏندن اچڻ ۾ دير لڳي ويندي آهي ليڪن ڏندن جو تمام جلد ظاهر ٿيڻ پئدائشي سفلس جي ڪري ٿيندو آهي.

مُستقل ڏندن جو تعداد 32 هوندو آهي ۽ اهي 6 کان 7 سالن جي عمر ۾ ظاهر ٿي

ويندا آهن. سواءِ عقل هوڙ جي جيڪا بالغ ٿيڻ کان پوءِ عَرصي بعد ظاهر ٿيندي آهي. ڏندن نڪرڻ جي زماني ۾ عام طور تي بخار ۽ بُکَ جي گهٽتائي، اسهَال، نزلو تُشنج ۽ بيخوابي وزن جو گهٽجي وڃڻ ڏِسڻ ۾ آيو آهي.

جيڪڏهن ٻارن جي پيٽ ۾ ڪينئان موجود هجن ته ٻار ڏند پيِنهندا آهن خاص ڪري سمهڻ وقت. بالغ افراد ۾ ڏند جي سور ۽ سوزش جي ڪري مٿي ۾ سُور ٿيندو آهي.

## ڏندن جون بيماريون Teeth Problems



1. ڏندن جي ڪڏي جي سوزش.
2. تمام گهڻين ٿڌن مشروبات يا گرم غذائن جو استعمال ڪرڻ.
3. ڏندن ۾ ڦرڙي.
4. ڏند ڪيرائڻ بعد انفيڪشن (Infection) سَبب ڏند جو سُور.
5. مهارن جي سوزش به ڏند جي سور جو سَبب بڻجي ويندي آهي.
6. ٽُٽَل ۽ بوسيده ڏند جي ڪري به ڏند جي تڪليف ٿيندي آهي.
7. پائيوريا يا ذيابيطس باعث به ڏندن ۾ سُور ٿيندو آهي.

مهارن جي حاشيه ۾ پونءِ جي موجودگي جي ڪري به پائيوريا لاحَق ٿيندو آهي، جنهن سان گڏ ڪيلشيم جو جمڻ هوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڏي ڦرڙيءَ جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي.

خوراڪ هضم ٿيڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ان کي مناسب طريقي سان چٻاڙيو ويو هجي، چاڪاڻ ته وات جي ٿُڪ سان ئي هاضمي جو عمل شروع ٿي ويندو آهي. ان ۾ هاضمي کي درست رکڻ جي لاءِ ڏندن جو اهم ڪردار هوندو آهي. جيترو ڏند مضبوط ۽ تعداد ۾ پورا هوندا اوترو ئي خوراڪ چٻاڙڻ جو ڪم بهتر انداز ۾ سر انجام ڏئي سگهندا.

## پائيريا Pyorrhoea



عام طور تي مهارن مان بدبودار مواد جو انتهائَي سيلان ۽ ان ۾ اڪثر ڏند ڍلا ٿي پوندا آهن.

کلينڊولا Calendula 30 : لاعلاج مرض ۾ هي دوا ڪجهه وقت استعمال ڪريو.

ڪاربوويج Carbo-veg: مُهارن مان آسانيءَ سان خون اچي ۽ مهارون ڏندن کان الڳ ٿي وڃن.


ڪالي ڪارب Kalli Carb 200 : ڏينهن ۾ هڪ خوراڪ. مهارون ڏندن کان الڳ ٿي رهيون هجن. مواد وهي، گرم مشروبات کان حالت بَدتر.

مرڪسال Merc. Sol 200 : وات ۽ مهارن ۾ زخم، بدبوءِ، مواد. مهارن ۾ سور جي لَهر ۽ ڏند الڳ ٿي رهيا هُجن.

سليشيا Silicia 200 : مهارَن تي ڦرڙي، ڏندن جي پاڙ ۾ مواد. ٿڌي هوا ۽ ٿڌي پاڻيءَ کان حساس.

استفي سيگريا Staphisagria 200 : اسفنج جهڙيون مهارون، جن مان عمومي خون وَهي. ڏند ڪارا ۽ ٽڪر ٽيندا وڃن.

## ڳياڙيءَ جا مرض THE JAWS PROBLEMS



سُرخ، گرم ان ۾ شديد سور ۽ ڏڪڻي.

**ڪلڪ ڪارب Calc. Carb 200** : هوا جي جهوٽي يا ڪنهن به سَرد يا گرم شيءِ کان ڏند ۾ سور تيز لڳي.

**ڪلڪ فلور Calc. Flour** : هباڙيءَ جي سخت سوڄ سان گڏ مهارن جي ڦرڙي جي ڪري سور، ڏند ڍلا.

**ڪيموميلا Chammomella 200** : گرم مشروبات وٺڻ بعد ڏند ۾ سور ۽ ٻارن کي ڏندن نڪرڻ تي پريشاني.

**ڪليمٽس Clematis 30** : تماڪ مان ڏندن ۾ درد بدتر ۽ رات ۾ حالت بدتر.

**فيرم پڪرڪ Ferum Pic 30** : ڏندن جو نيورالجيا (Neuralgia) جيڪو ڪنن ۾ اکين تائين ڦهلجي وڃي.

**هيڪلا لاوا Hekla Lava 30** : ڳريل ڏند، چهري جو نيورالجيا (Neuralgia)، مهارن ۾ ڦرڙي، مهارن ۽ هباڙيءَ جي سوڄ ۽ ڏند جو سور.

**هيپر سلف Heper Sulf 200** : مهارن کي ڇهڻ سان به سور، خون آسانيءَ سان اچي ۽ مواد ٺهجي وڃي.

**ڪريازوٽم Kreosotum 30** : مهارن ۾ سور، مهارون اسفنجي، گهريون سُرخ، نيريون ۽ ڏندن جو سڙڻ.

**مرڪسال Merc. Sol 200** : مهارن ۽ ڏندن جي پاڙ ۾ ڏڪڻي سان گڏ سور، سيلان خون، مهارون ڏندن کان الڳ ٿي وڃن ۽ بدبودار مواد.

**نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 200** : مهارن ۾ چيرينڊڙ ڏڪڻيءَ وارو سور شام جو ۽ رات جي وقت حالت بدتر.

**اسپائي جيليا Spigelia 200** : چيرينڊڙ ڏندن جو سور، اکِ، لونڊڙيءَ، چهري، ڳياڙيءَ ۽ ڳلي ۾ تيز سور.

## سَيلان خون Bleeding



**آرنيڪا** Arnica IM 200 : ڏند ڪيرائڻ بعد سيلان خون ۽ سور ۾ انتهائي ڪارگر دوا.

**آرسينڪ البم** Arsenic Album 200 : مهارن مان آسانيءَ سان خون وهي، بيمار وات ۽ ڪمزوري، وات ۾ اَلسر ۽ مهارن ۾ خشڪ جلڻ.

**ڪاربو ويج** Carbo-Veg 200 : آسانيءَ سان سيلان خون، سُڪڙيل مهارون ۽ پائيريا.

**مرڪسال** Merc. Sol 200 : مهارون اسفنجي، سُڄيل، پوئين طرف هٽيل، سيلان خون، مهارن ۽ ان جي پاڙ ۾ ڦڙڪڻ ۽ مهارن تي السر زخم.

**فاسفورس** Phosphorus 200 : ڏند ڪيرائڻ بعد مسلسل سيلان خون، جڏهن آرنيڪا ناڪام ٿي وڃي.

## نيريون ۽ ڪاريون مهارون Blue Black Gums




**ليڪسس** Lachasis 200 : مهارون واڱڻائي، سُڄيل ۽ اسفنجي سيلان خون، مرڪسال بعد استعمال ڪيو.

**مرڪسال** Merc. Sol 200 : ڍلن، ڪارن ۽ ميرن ڏندن، مهارن تي سرخ نيرا حاشيا، ڦرڙي، مواد ۽ مهارن ۾ ڦڙڪڻ.

**پلمبم ميٽ** Plumbum met 30 : مهارن جي ڪنارن تي نيلاڻ، مهارون سُڄيل ۽ زرد ۽ نيريون.

**استفي سيگريا** Staphisagria : ڏند ڪارا ۽ پرپُرا، مهارون اسفنجي، آسانيءَ سان خون وَهي ۽ پائيريا.

# هڏيءَ جي سڙڻ: ڏند ۾ سوراخ Caries, Cavities





ڏند ۾ سوراخ جو بڻجي پوڻ ۽ ڏند جي سڙڻ جي عَمَل جو نتيجو هُجي. ڏند گرم، ٿڌين يا مٺين شين کان حساس هجي. جيتري تائين ٿي سگهي ڏندن جو باقاعده خيال رکجي. هڏيءَ جي ڳرڻ ۽ سوراخ کان بچائي سگهجي.

## عِلاج Treatment

<u>ڪلڪ ڪارب Calc.Carb</u>: ٿُلهن ٻارن جي ڏندن جي هَڏي ۾ سڙڻ.

# تارون Palate




## عِلاج Treatment

<u>ڪلڪيريا فاس Calc.Phos 30</u>: تارَون ٻارن ۾ جلد نہ ڀَرجي.

<u>Phosphorus200+Nuxvomica 30</u>: تارونءَ جا زخم.

<u>Calc.Carb 3x+Calc.Phos 6x</u>: تارونءَ جا زخم.

<u>بوريڪس Borax 30</u>: زخمن مان خون وهي.

Lechasis 30+Arsenic Album 30: تارونءَ تي نيري رنگ جا زخم.

**ڪالي ميور** Kalli mur 200 : زخم سفيد.

**ايسڊفاس** AcidPhos 30 : تارون خشڪ.

**فاسفورس** Phosphorus 200 : تارونءَ ۾ سختي.

**نائٽرڪ ايسڊ** Nitric Acid 200 : جيڪڏهن تارونءَ ۾ سوزش هجي.

**ليڪسس** Lachasis 30 : تارونءَ ۾ ورم هجي.


**مرڪسال** Merc. Sol 30 : تارون نرم ۽ پلپلو.

**ڪاربولڪ ايسڊ** Carbolic Acid 30 : وات ۾ قلوڪٽا ۽ ساهه بدبودار.

# باب نائون

## ڳلي جون تڪليفون Throat Problems

Diagram of the Human Throat




ڳلو نظام تُنفسي جو هڪ اهم حصو آهي، هي ان نليءَ جو نالو آهي جيڪا نڪ جي پوئين حصي ۽ وات ۾ ساهہ جي نالي ۽ نرخري کي جوڙيندي آهي. ساهہ جي ذريعي هوا ڳلي ۾ ساهہ جي نالي جي رستي سان گذرندي ڦڦڙن ۾ هلي ويندي آهي. ٻئي طرف ڏندن سان چٻاڙيل کاڌو ڳِگَ سان مِلي ڪري ڳلي اندر نرخري (Oesophagus) مان گذرندي معدي تائين پهچندو آهي. ان عمل جي دوران ڳلي جي اندر هڪ صوت پيٽي (Voice Box) هوندي آهي جنهن کي حلق يا نڙي چوندا آهن جيڪا ڳلي جي عين ڪچ ۾ هوندي آهي. حلق ۾ تَارصُوت (Vocal Cords) هوندا آهن. جَن تان هوا گذرندي آواز ٿيندو آهي.

ڳلي اندر ٻنهي ڪنارن تي غدود هوندا آهن جن کي ڪليون (Tonsils) چوندا آهن. انهن جو ڪم هوندو آهي نقصانده ۽ باريڪ جراثيم روڪي انهن کي ختم ڪري ڇڏڻ. ان عمل کي مڪمل ڪرڻ ۾ ٽانسلز (Tonsils) ڳاڙها يا واڱڻائي رنگ جا ٿي ويندا آهن ۽ ان ۾ سوج اچي ويندي آهي ۽ سور ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ مواد بہ پئجي ويندو آهي، جنهن کي سفيد ٽُبڪن جي شڪل ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو. اهڙيءَ

حالت ۾ مريض جي ڳلي ۾ زخم تي پوندا آهن ۽ اسين عام طور تي چوندا آهيون تہ ڳلو خراب آهي. ڪڏهن ڪڏهن تانسلز ۾ تيڻ وارو مواد يا سوڄ سَبب بخار بہ تي پوندو آهي.

Epiglotis هڪ ننڍو پردو هوندو آهي جيڪو کاڌي کي ساهہ جي نالي (Trachea/windpipe) ۾ وڃي روڪيندو آهي.

ڳلي جي ڪنهن بہ تڪليف خواهہ Phoryngits ,Tonsilits يا Laryngits هُجي، مريض جي لاءِ بهتر اهو ٿيندو تہ هو بستري تي آرام ڪري ۽ گڏ ئي علامتن مطابق دوا بہ ڏني وڃي. مريض سگريٽ نوشي نہ ڪري Laryngits ۾ ڪڏهن ڪڏهن خطرناڪ ڳوڙهي (Tumor) جي علامت بہ ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن اهو مسئلو چند ڏينهن ۾ حل نہ ٿي سگهي تہ ماهر ڊاڪٽر جي راءِ ورتي وڃي.


طويل عرصي تائين آواز جو ڦاٽڻ سٺي علامت نہ آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن Laryngits سان گڏ ڳيت ڏيڻ ۾ دِقت ٿيندي آهي ۽ آواز ڦاٽڻ کان علاوه ڳَن ۾ بہ سور ٿيندو آهي. اهڙي ڪيفيت تپ دِق جي علامت ٿي سگهي ٿي.

تانسلز (Tonsils) کان علاوه ڳلي جا غدود بہ ٽڪ جي نظام (Lymphative+System) جا اهم حصا آهن. هي بہ وباعيت جو مقابلو ڪرڻ ۾ معاونت ڪندا آهن.

ڪُجهہ ماڻهو ڳلو انتهائي گرم ۽ ٿڌي کاڌي واپرائڻ سان خراب ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي حالت ۾ مڪمل احتياط ڪرڻ کپي.

اهو بہ واضح رهي تہ مرغن کاڌو کائڻ يا کٽاڻ کائڻ کان پوءِ ٿڌو پاڻي نہ پيتو وڃي ان سان بہ ڪڏهن آواز ويهجي ويندو آهي ۽ ڳلي ۾ سور ٿيڻ لڳندو آهي.

## آواز جو ويهي وڃڻ APHONIA//HOARSNESS



آواز جو ويهي وڃڻ آلات صَوتَ (Vocal-Cords) جي ويجهو واري عضلات جي عارضي يا مستقل فالِج سَبب ٿيندو آهي ۽ ان جو سبب حُنجري يا قصبةالريه جي رطوبتي جارين ۾ حاد يا تحت الحاد سوزشي ڪيفيت هوندي آهي جيڪا عام نزلي زڪام ۾ اڪثر پاتي ويندي آهي. آتشڪ سَبب نڙيءَ جو سَرطان ۽ دَقِ بہ فقدان الصَوت پئدا ڪري ڇڏيندو آهي. اختناق الرحم يا نقاهت و ڪمزوري بہ سادي فقدان الصُوت پئدا ڪندي آهي. اگين شرياني ٿهلاءَ جي دٻاءَ يا غدودي رسولي باعث فقدان الصوت (آواز جو ويهي وڃڻ) پئدا ٿي وڃي تہ ان لحاظ ڪان هي خود ڪا بيماري ناهي پَر بيماريءَ جي هِڪَ علامت آهي.

## علاج Treatment

**ايڪونائيٽ Aconite 30** : خشڪ ۽ سرد هوا لڳڻ جي ڪري ڪردرائپ ۽ اچانڪ مڪمل فقدان الصوت پئدا ٿي وڃي. شام ۽ رات جي وقت ۽ صبح جو آواز جو ويهي وڃڻ.

**ايلومينا Alumina 200** : جاڳڻ تي حِنجري ۾ ڪرڏرائپ، اچانڪ ۽ آواز پريل.

**امونيم ڪاسٽ Amonium 200** : نڙي ۾ جلڻ ڪرداراٿپ سان گڏ فقدان الصوت.

**ارجنٽ ميٽ Argent met 30** : پيشہ ور ڳائڻن ۽ مقررن ۾ آواز جو مڪمل ويندو رهڻ حنجري ۽ نڙي ۾ جلڻ ۽ زيادتي ڳائڻ ۽ ڳالهائڻ.

**ارجنٽ نائٽ Argent Nit 30** : ڳائڻ جي مزمن سوزش، حنجري جي بلند آواز ڪيڻ سان کنگهہ ٿيڻ لڳي.

**آرم ٽرائفل Aurm Triphyl 30** : آواز جو ويهي وڃڻ. آواز جي وڏيڪ استعمال باعث آلہ صوت ۾ سوزش ۽ رهڙ آواز غير يقيني ۽ بدليل رهي ۽ ٽڏ لڳي وڃڻ ڪري آواز ويهي وڃي.

**بيلا ڊونا Belladona 200** : ڳالهائڻ تمام مشڪل ٿي وڃي ۽ مريض کي سيٽيءَ جي آواز جيان ڳالهائڻو پوي. ڇهڻ سان ذڪي الحس. ڳلي جو پچي پوڻ ۽ ڳلي ۾ اجتماع خون.

**بروميم Bromium 30** : گرميءَ جي شدت سبب آواز جو ويهي وڃڻ.

**آرنيڪا Arnica Im** : ڳائڻن ۽ مقررن جي آواز جو گهٽي استعمال

سبب ويهي وڃڻ.

كلڪ ڪارب Calc. Carb 300 : بغير تڪليف جي فقداني صورت ۾ مريض ڳالهائي نہ سگهي خصوصاً صبح جي وقت. خنازيري مزاج. ڪنگهڻ سان ڪجهہ آرام.

ڪاربو ويج Carboveg 30,200 : ڪافي عرصي کان آواز ويٺل هجي گهٽي ڳالهائڻ ۽ شام جي وقت تڪليف ۾ اضافو ۽ بعد ۾ آواز ويهي وڃي.

ڪاسٽي ڪم Causticum 200 : علي الصبح آواز ويهي وڃي، ڳلي ۾ ڪرڪو. ڳلي ۾ جلن ۽ حنجري ۾ سخت خشڪي. سرديءَ جي موسم ۾ ٿڌي پاڻي سان آرام.

سائنا Cina 200 : ٿڌ لڳڻ ڪري آواز جو ويهي وڃڻ.

ڪوڪا Coca 3x : ڳالهائڻ کان پوءِ آواز ويهي وڃي. حسب ضرورت تقرير وغيره کان ڪجهہ ڪلاڪ اڳ ۾ 5 قطرا في خوراڪ استعمال ڪريو.


ڊروسرا Drosera 200 : گهري کولي ۽ ويٺل آواز ڳالهائڻ جي لاءِ گهٽي ڪوشش ڪري ۽ چلهجڻ جو احساس.

ڊلڪمارا Dulcamara 200 : ٿڌ لڳڻ کان پوءِ ڪردرائپ. ويٺل آراز حزي کان پوءِ ۽ جڏهن بہ موسم سرد ٿئي تہ تڪيف وڌي وڃي.

سلفر Sulphur 200 : آواز ڪرڏرو ويٺل. ڇاتيءَ ۾ بلغم. فقدان الصوت ڳالهائڻ سان ٿڪاوٽ ۽ سور ٿيڻ لڳي.

برائٽا ڪارب Baryta Carb : آواز ويهڻ جي پراڻي حالت

## TONSILS-ENLARGED ٽانسلز جو وڌي وڃڻ




ٽانسلز لحف (Lymph tissue) تي مشتمل هوندو آهي جيڪو ڳلي

**براڻٽا ڪارب** Baryta Carb 200 : ڊاڪٽر برنٽ چوي ٿو تہ ٽانسلز جي سڀ کان وڏي دوا آهي. جيڪڏهن ٽي بيءَ جو رجحان هجي تہ بيسيلينم (Bacilinium) پهريان استعمال ڪرايو. پوءِ براڻٽا ڪارب ڏيو. ذِهني ۽ جسماني پسماندگي. شرميلاٽپ. ويسر. اڪثر ٿڌ لڳي وڃي. ڳلو خراب ٿي وڃي.

**آرم ميٽ** Aurm met 200 : ڊاڪٽر بورلينڊ مطابق آرم ميٽ ٻارَ جي نشو نما متاثر ٿيندي آهي. خَصيا مٿي چڙهيل هجن. نڪ مان اخراج بدبودار هجي. ڳلي سان گڏ ڪن ۾ سور هجي. ڪن وهڻ جو عارضو.

**بيسلينم** Bacilinium 200 : ڊاڪٽر ويڊ جو چوڻ آهي تہ مان هرهر مشاهدو ڪيو آهي وڌيل ٽانسلز ۾ بيسلينم 200- 10m-im جي اعليٰ طاقتن ۾ اڪثر ضرورت رهندي آهي.

Calc. Carb 200+Kalli mur 200: بهترين دوائون آهن.

**سليشيا** Silcia 200 : شديد صورت ۾ واپرايو.

## خُناق DIPHTHERIA



هي هڪ خاص متعدي مادو آهي جيڪو بعض اوقات وَبا جي طور تي ڦهلبو آهي. ڳلي جي اندر هڪ مخصوص قسم جي جرثومي جي افزائش جو هنگامي سبب هوندو آهي. هي جراثيم هڪ زهر پئدا ڪندا آهن جيڪو پوري جسماني نظام ۾ شامل ٿي ويندو آهي. ان سان گڏ انتهائي ڪمزوري ۽ اعصابي علامتون پاتيون وينديون آهن. جيئن تہ هي هڪ اهڙو عارضو آهي جيڪو پوري جسماني نظام کي متاثر ڪندو آهي لهٰذا ان کي محض هڪ مقامي ۽ جراثيم سمجهي علاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

**خطرناڪ علامتون**: Dangerious Symptoms: وات مان بدبوءِ اچڻ،

نبض تيز مگر ڪمزور يا تمام سُست. مسلسل الٽي اچڻ، غنودگي، هذيان، نڪ مان خون وهڻ، مرض جو نڪ جي جاري ٿائين ڦهلجي وڃڻ، تنگيءَ تنفس، پيشاب جي بندش يا ان ۾ ايلبيومن اچڻ ۽ درجہ حرارت ۾ غير معمولي طور تي اضافو. وغيره

## علاج Treatment

بيلاڊونا Belladona 30 : ڳلي جي سوزش، ڪيفيتن جي لاءِ زبردست ٽِپڪڻ دار سور مَٿي جو سور ۽ تشنج.

ايپس Apis 200 : جڏهن ڳلي ۾ پلپلو ورم پاتو وڃي ۽ ان ۾ ڏنگ لڳڻ جهڙا سورَ ٿين - زبان جي ڪنارن تي ڦلوڪٽا، غنودگي، ڪاڪڙوُ وڏيل ۽ قليل ۽ پيشاب گهٽ مقدار ۾ اچي. مريض کيٰ گرميءَ کان تڪليف. اُڃَ نہ لڳي ۽ ڳلو ٻاهر کان بہ متورم نظر اچي.

بروميم Bromium 200 : اهو خاص جنهن ۾ حنجرو متاثر هجي. دم گهٽجڻ واري سيٽي وڄڻ جهڙي کنگهہ ٿئي جنهن مان Croup جهڙو آواز اچي ۽ گرمي لڳڻ کان پوءِ پئدا شده تڪليف.


آزم ٽرائيفل Aurm Triphyl 30 : ڳلي ۽ وات ۾ ساڙو چِلَڻ، نڪ مان خراشدار مواد جو اخراج، نڪ جي ناسن ۽ وات کي ڇلهي ڇڏي.

آرسينڪ البم Arsenic Album 200 : جڏهن ڪا ٻي دوا ڪم نہ اچي تہ هي دوا جان بچائڻ ۾ ڪم ايندي آهي.

ڊفٿيرينم Diphtherinium 200 : علاج دوران ڪڏهن ڪڏهن هي دوا استعمال ڪرايو.

ليڪسس Lachasis 200 : کاٻي طرف جي تڪليف لاءِ.

## نرخِري جو تشَنج Laryngo spasm



ڪري ڇڏيندي آهي. آلات انهضام جي خرابيءَ سان گڏُ پاتي ويندي آهي. يا تيز مصالحن وارن غِذائن جي ذريعي پئدا شده زهر- بڪثرت منشيات و تماڪ نوشي جي استعمال، آواز جي وڌيڪ استعمال سان بہ هي عارضو ٿي پوندو آهي.

## علامتون SYMPTOMS

شروع شروع ۾ نڙي جي استري جاري ۾ بہ خَراش ٿيندي آهي. ۽بعد ازانِ سوزشِ پئدا ٿيڻ لڳندي آهي. مريض سڀ کان پهريان نڙي جي مٿين حصي ۾ هڪ تڪليف ده احساس جي شڪايت ڪندو آهي ۽ هَرهَر ڳيت ڏيڻ جي خواهش رکندو آهي. نڙيءَ جي بالائي حصي ۾ هڪ تڪليف دَه احساس جي شڪايت ڪندو آهي ۽ هَرهَر ڳيت ڏيڻ ۽ هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

## عِلاج TREATMENT

<u>بيلاڊونا Belladona 30</u> : ڳلي ۾ سوزش ۽ سُرخ چمڪدار رنگ - ڳيت ڏيڻ ۾ سور ٿئي.


<u>گوائيڪم Gauaicum 200</u> : هِن دَوَا سان ڪافي دفعہ سُور (درد) کي سُڪون ملندو آهي.

<u>زنڪم ميٽ Zincum mèt 200</u> : جڏهن هي عارضو الڪوحِل پيئڻ يا تماڪ نوشيءَ کان پئدا ٿئي.

<u>فائٽولڪا Phytolaca 30</u> : نڙي رهڙيل - تنگ ۽ گرم معلوم ٿئي - ڳيت ڏيڻ تي نڙيءَ کان سُور ڪنن تائين ڦهلجي - گرم شيون نہ ڳيتي سگهي.

<u>مِنٽس Cistis can 30</u> : نَڪَ ۽ نڙيءَ جي بندش - نڙيءَ ۾ سُرڪو ۽ چلجڻ.

## سوزش حُنجره (نڙگهٽ) LARYNGITIS



ورم نڙگهُٽ ۾ متاثر جڳهه تي تمام گهٽي سُرخي ۽ سوجَڻ پئدا ٿي پوندي آهي. جنهن جي ڪري بعض اوقات هواءِ جي داخل ٿيڻ جي لاءِ نالي تنگ ٿي ويندي آهي. علامتون شدت مرض جي اعتبار کان مختلف هونديون آهن ليڪن بخار ۽ عام جسماني بي آرامي و تڪليف سان گڏ عموماً ڳلي ۾ تپڻ ۽ خشڪيءَ جو احساس ۽ سور پاتو ويندو آهي ۽ ڳيت ڏيڻ ۾ تڪليف محسوس ٿيندي آهي. کنگهه مسلسل رهندي آهي. ۽ آخرڪار آواز ويهجي ويهجي ويندو آهي. سَاهه کي اندر ۽ ٻاهر ڪڍڻ وقت تڪليف ٿيندي آهي. شديد حالتن ۾ دم گهٽجڻ جو خطرو پئدا ٿيندو آهي. دم گهٽجڻ جو دؤرو پئي اچانڪ مَوت واقع ٿيندو آهي.

## علاج TREATMENT

ايڪونائيٽ Aconite 30 : ابتدائي درجي جي بهترين دوا آهي. بخار- ڳلو ويهي وڃڻ- پنگهه بيچيني.

اسپونجيا Spongia 30 : ٻونڪڻ واري کنگهه. ڳلو ويٺل ۽ مٿين حصي ۾ سور.

هيپر سلف Heper Sulphur 200 : خُشڪ سَرد هوا ۾ گهمڻ سان ورم. ان سان گڏ ڪروپ نما کنگهه ۽ آواز جو ويهي وڃڻ. صُبح جي وقت زيادتي.

ليڪسس Lachesis 30 : ڳلو حساس، ڳيت ڏيڻ ۾ تڪليف ۽ گرم مشروبات کان زيادتي.

ڪالي بائيڪروميم Kalli Bichroomium 30 : گهاٽي چنبڙ واري نادار رطوبت يا بلغم ۽ حنجري ۾ خُشڪي.

ڪاسٽي ڪم Causticum 200 : عضلات صوت ۾ ڪمزوري، صُبح جي وقت ۽ سَرد موسم ۾ شدت.

فاسفورس Phosphorus 200 : شام جي وقت آواز ويهي وڃي. حُنجرو سخت ذڪي الحس ۽ خشڪ ڳالهائڻ سان کنگهه.

ڪاربوويج Carbo-veg 30: دِقي يا عام ورم نڙگهٽ ۾ جڏهن سرديءَ جو اثر نَڪ کان شروع ٿئي ۽ بغير سور جي آواز ويهجي وڃي. خصوصاً شام جي وقت مرطوب هوا ۾ نڙگهٽ ۾ ڏکڻ.

ريوميڪس Rumex30: نڙيءَ ۾ نہ ختم ٿيڻ وارو سَرڪو جيڪڏهن سرد هوا ۾ ساهہ کڻڻ گهڻو هجي.

بيلاڊونا Belladona 30 : نڙگهٽ جي خشڪي، گهُٽڻ، ڏکڻ ۽ ڳالهائڻ سان سور ٿئي ۽ آواز ويٺل هجي.

فيرم فاس Ferum Phos 30 : سوزش جي ابتدا ۾ نهايت سُود مند آهي.


اپيڪاڪ Ipeacacunha 200 : نزلي زڪام سَبب فقدان الصوت ۽ آواز ويهي وڃڻ.

سمبوڪس Sambocus 30 : جيڪڏهن ورم حنجره تشنج ٿي پوي ۽ استقائي ورم پاتو وڃي جنهن جي سبب تنفس ۾ دقت هجي بلڪ ناممڪن.

ڊروسرا Drosera 200: حنجري جي دق جنهن سان آواز ويٺل هجي ۽ دؤري واري کنگهہ جيڪا اڌ رات جو وڌي.

سنيگا Senega 30x: آواز ويهي وڃي ۽ نڙي ايتري خشڪ ٿي وڃي جو ڳالهائڻ سان ان ۾ سور محسوس ٿئي.

## ڪنڌ جو آڪڙ جي وڃڻ NECK STIFFNESS



هي ڪنڌ جي هڪ طرف جي غضلات (Muscles) جو رياحي عارضو آهي جنهن ۾ عضلات آڪڙ جي ويندا آهن ۽ سخت ٿي ويندا آهن. ڪنڌ کي معمولي چورپور يا موڙڻ جهڪائڻ سان شديد سور ٿيندو آهي. ڪافي دفعہ هي وجع المفاصل کٽي هڏيءَ جي جوڙن ۽ پاسيرين جي عضون تائين ڦهلجي ويندو آهي.

## TREATMENT علاج

ايڪونائيٽ Aconite 30 : سردي يا ٿڌ لڳڻ سان ڪنڌ جي آڪڙ.

سمي سي فيوگا Cimicifuga 200 : مٿي ۽ ڪنڌ جو ڇڪجي وڃڻ. ڪنڌ چيلهه ۾ رياحي سور ۽ آڪڙ.

انٽم ٽارٽ Ant tart 200: ڪنڌ ٻاهر ڇڪجي وڃي ۽ مٿو اڳين طرف جهڪي وڃي.

ليڪنٿس Lacanthus 30 : مٿو هڪ طرف مروڙجي.

برائي اونيا Bryionia 200 : ڪنڌ جي پردرد آڪڙ ۽ ڇهڻ يا حرڪت سان تڪليف جو وڌڻ ۽ قبضي.


ڊلڪمارا Dulcamara 200: سردي ۽ نمي سبب پئداشده ڪنڌ جي آڪڙ.

ڪالچي ڪم Colchicum 200 : فالج ۽ سور آڪڙ.

روڊ نڊران Rodendran 200 : خشڪ سرديءَ کان پئدا شده ڪنڌ جو آڪڙ. سور ۽ طوفاني موسم جي آمد تي وڌيڪ.

چيلنڊونيم Chelendonium 30:200: ڪنڌ جي کٻي طرف سور.

## SORE THROAT ڳلو پچڻ




ڳلي جو سارو ورم (سوج) ڳلو پچڻ ڪي چوندا آهن. ان جو سبب بعض اوقات نزلو زڪام هوندو آهي.

## TREATMENT علاج

بيلاڊونا Belladona 30 : حاد حالتن ۾ جڏهن ڳلي ۾ اجتماع خون ۽

سرخي پاتي وجي، ڳيت ڏيڻ مشڪل هجي، ڳلي ۾ خشڪي، ڳلي جو ساڄو طرف متورم ۽ سور ساڄي ڪن ۾ وڃي.

ليڪسس Lachesis 30,200 : ڳلو پڪل، ڪلين جي سوزش، سخت غذا، ڳيت ڏيڻ سان تڪليف نہ ٿئي مگر نرم شين کي ڳيتڻ سان تڪليف، گرم شيون ۽ مشروبات سان تڪليف وڌيڪ ۽ ڳلي ۾ گولي جو احساس.

ميگنيشا ڪارب Mag.carb 30 : ايام ماهواري دوران ڳلي ۾ زخم ٿي وڃن. ورم ۽ زخمي ڪيفيت ڪبي يا ساڄي طرف وڃي يا ان جي برعڪس ماهواريءَ کان پوءِ اها تڪليف ويندي رهي.

سبا ڊلا Sabadilla 200 : ڳلي ۾ گولو يا ڪنهن حاد جي شين جي موجودگيءَ جو احساس ۽ هر هر ڳيت ڏيڻ جي ڪوشش ڪري مگر مشروبات پيئڻ سان افاقو.

سٽس Cists can 30 : سرد هوا ۾ ساهہ کڻڻ سان تڪليف وڌيڪ.

مرڪيورس آيو ڊائيڊ Mercuris Iodiole30 : جڏهن تڪليف کبي طرف شروع ٿئي. غذا ڳهڻ تي يا خالص ڳيت ڏيڻ تي تڪليف:

ڪالي آيوڊائيڊ Kalli Iodid 30 : آتشڪي اثرات، پراڻا زخم جيڪي ڳلي جي نرم ريشن (Tissues) کي ضايع ڪري ڇڏين.

ليڪنٿس Lacanthus 30 : ڪنڌ آڪڙيل ۽ ڳلو پڪل.

گوائيڪم Gauicum 200 : ڳلو پڪل متاثر حصہ ذڪي الحسن ۽ گرميءَ کان زيادتي.

ايپس Apis_melifuia 200 : ڳلي ۾ پلپلو ورم ۽ ڏنگ لڳڻ جهڙو سور.

هيپر سلف Heper sulf 200 : ڳلي ۾ تيز ڪنڊي چيڀڻ جهڙو سور.

نڪس واميڪا Nux vomica 200 : سگريٽ پيئڻ وارن ۾ ڳلي جي رهڙ. ڳلي ۾ ڪچائپ.

اگنيشيا Ignatia 30: اهڙو احساس جڻ هڏي ڳيتي رهيو هجي، ڳلي ۾ گولي جو احساس، ڳلو پڪل ۽ سخت شين کائڻ سان افاقو.

براٽا ڪارب Baryta carb 200 : متورم لوزتين دوران ڳلي جو پچڻ.

ارجنٽ ميٽ Argent met 200 : موسيقارن جو مزمن ورم حلف.

# ڳلي ۾ ڪجھ ڦاسي پوڻ جو احساس

# CHOKING THROAT




**ڪيمو ميلا Chammomella 200**: جڏهن فم گھٽجندو محسوس ٿئي.

**اسپائي جيليا Spigalia 200**: نڪ جي پوئين حصي جي بلغم سبب.

**ليڪسس Lachesis 200**: ڳلو جڙ ڪنهن دٻايو هجي، تنگي تنفس صبح جو اٿڻ تي وڏيڪ ۽ گرم شروب ڳيت ڏيڻ تي محسوس ٿئي.

**ڪيڪٽس Cactus 30**: دل جي امراض ۾.

**ميفياٽس Mephites 30**: کاڌي ۽ پيئڻ دوران ڳلو بند محسوس ٿئي.

**نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 30**: نرخرو تنگ محسوس ٿئي ۽ ڳيت ڏيڻ مشڪل هجي.

**بروميم Bromium 200**: تشنج يا ساهه جي ناليءَ جي وات جي رڪاوٽ جي ڪري ڳلو بند ٿيڻ.


**سڪيوٽا Cicuta 30**: هڏيءَ جو ٽڪرو ڳيت ڏيڻ بعد نرخري پيهر ڏڪ سان ڳلو بند ٿي وڃي ۽ دم گھٽجڻ جو خطرو.

**ميگنشيا فاس Mag.phos 30**: ڳلي جي تشنج جي رڪاوٽ، ڳلو خشڪ ڳيت ڏيڻ مشڪل.

**ميدو رنيم Medhorhinium 200**: ساهه جي نالي جي وات جو تشنج، هوا ٻاهر ڪڍڻ مشڪل.

كاستي ڪم Causticum 200 : غذا جي نالي ۽ نرخري جي فالج جي ڪري غذا غلط رستي يا نرخري ۾ نڪ جي پوئين حصي ۾ داخل ٿي وڃي.

## ڳلهڙ Goitre




ڇوڪرين ۾ بلوغت جي عمر جو آغاز ٿيڻ تي اڪثر عارضي طور تي غده ورقيه (ٿائيرائيڊ غدود) وڏي وڃي ۽ حيض جي ايام ۾ هر هر عارضي واڌ پيدا ٿي وڃي. ان جو سبب پاڻيءَ ۾ آئيوڊين جو فقدان چنانچه اهڙن ضلعن يا علائقي جتي پاڻيءَ ۾ آيوڊين گهٽ هجي هي عارضو عام ڏسڻ ۾ ايندو آهي. عام لوڻ بجاءِ آئيوڊين مليل لوڻ استعمال ڪريو.

## علاج TREATMENT

آئيو ڊيم Iodium lm : چست ۽ هوشيار سياه فارم ۽ ڏٻريون عورتون، سخت ڳلهڙ جنهن ۾ سڪڙاءَ جو احساس ۽ ايام حيض جي آغاز تي غدود ورقيه وڏيڪ سڄي وڃي. بک گهٽي لڳي. ڏوبر باوجود حدت نبض جي تيزي سان گڏ.

بروميم Bromium 30 lm: غده ورقيه سخت ۽ وڏيل، نيريون اکيون ۽ ساڄي طرف ليٽي نه سگهي، اختلاج القلب خنازيري مزاج.

ڪلڪ ڪارب Calc.carb 200 : غدودن جي سوڄ تمام سخت نئين چنڊ تي وڏيڪ ٿئي ٿلهن مريضن ۾.

نيٽرم ميور Nat.mur : مريضه بادل، گوڙ ۽ ڪنوڻ کان گهبرائي، رات جي وقت تنهائي کان گهبرائي ۽ ان سان رفتار قلب وڌي وڃي.

ايڊرينالن Adrenalin 200 : قلب جو فعل تيز ۽ دقت تنفس ۽ گردن جي پويان شريانن ۾ ٽپڪڻ.

**ٿائيرو ڊينم** Thyrodinm 200 : ڳلهڙ خصوصاً ٿلهن مريضن ۾ رت جي گهٽتائي، ڪمزوري عضلاتي، معمولي ورزش سان اختلاج القلب، ٽنگن تي ورم، سردي محسوس ٿيڻ، جسم جي گرمي وڌڻ سان اثرات ظاهر ٿين. بروميم ۽ آئيوڊيم جي ناڪام ٿيڻ تي ھي دوا ڏيو.

**فيرم ميٽ** Ferum met 30 : ڳلهڙ، خصوصاً حيض جي بندش کان پوءِ

## ڪنٺ مالا EXOPHTHA LMIC GOTIRE



هن مرض ۾ غدود ورقيہ ٿائيرائيڊ گلينڊ جي فعليت وڌي وڃي جنهن جي نتيجي ۾ ڪنهن حد تائين خود غدود ورقيہ جو حجم (size) وڌي ويندو آهي. اکين جي ڏيلي باهر نڪري اچي. نبض جي رفتار تمام تيز ۽ اعصابيت بہ پيدا ٿي پوندي آهي. فڪر ۽ تشويش قدم اعصاب تي دباءُ وغيره. مندرجہ بالا علامتن کان علاوه عضلات ۾ هڪ لطيف لرزو بہ پاتو ويندو آهي. پگهر بڪثرت، هٿ گرم ۽ پگهريل رهن ۽ غدود ورقيہ جي فعليت وڌي ويندي آهي.

## علاج TREATMENT


**سلفر** Sulphur : چند قطرا رومال تي وجهي سنگهايو.

**ڪلڪ ڪارب** Calc. Carb 200 : مزاجي دوا آهي.

**فيرم ميٽ** Ferum met 200 : حيض قليل يا دبجي وڃي.

# باب ڏهون

## ڪُلها ۽ ان جون بيماريون Shoulder Problems




فيرم ميٽ Ferum met 30 : ڪابي ڪلهي ۾ سور.

ميگنيشيا ڪارب Mag: Carb 30 : ساڄي ڪلهي ۾ وائيءَ جو سور.

سفلينم Syphlinium 30 : ڪُلهي جي جوڙن ۾ وائيءَ جو سور.

ڪيمفر Camphora 30 : سنڌن ۽ ڪلهن جو سور.

سلفر Sulphur 200 : جهُڪيل ڪلها(Stoop Shoulder).

چيلنڊونيم Chelendonium 30 : جگر جي خرابيءَ جي ڪري ساڄي ڪلهي جي هَڏي ۾ مسلسل سور.

ڪينابس انڊيڪا Canabis Ind 30: ڪُلهن ۾ ڪرنگهي (Spine) جو سور جيڪو جهڪڻ تي مجبور ڪري.

رينن ڪيولس بلب Reninculus bulb 200 : ڪلهن ۾ ساهه کڻڻ وقت سور ٿئي.

امونيم ميور Amonium mur 30: ڪُلهن وچ ۾ ڪنڌ جي هينان سردي جيڪا گردش سان گهٽ نه ٿئي.


ليڊم پال Ledum pal 30 : ساڄي ڪلهي جي ڏڙڪن ۾ ڦڙڪڻ.


ڪاڪيولس Coculus 30: ڪُلهن ۽ ٻانهن ۾ سور ۽ ٿڪاوٽ.

**چينوپوڊيم Chenopodium 30**: ڪابي ڪُلهي ۽ ڦرڙي ۾ سور، سَنڌَ جو سور.

**ليڊم Ledum 200**: ساڄي ڪلهي ۾ ڏڙڪڻ جيان سور.

**ڪيمفر Camphora 30**: ڪُلها ٿڌا هجن، سُنَ ۽ آواز اچن.






# باب يارهون

## سِينو ۽ ساهه ڪڻڻ جو سرشتو

## Chest and Respirotory System




سينو Chest

## علاج TREATMENT

Aconite 30: اچانڪ سيني ۾ سور خُشڪ ٿڌي هوا ۾.

آرنيڪا Arnica 200 : سيني جي هڏين ۾ (Cartilages) سور.

يوپي ٽوريم.Eupatorum 200 : سيني ۽ پٺن ۽ هڏن ۾ ڏکڻ ۽ زڪام.

فاسفورس Phosphorurs 200: ليرنڪس ۾ سور - ڳالهه ٻولهه نه ڪري سگهي، سيني ۾ سور ۽ سيني ۾ شديد گرمي ۽ سور.

آرنيڪا Arnica: حادِثي ۾ سيني ۾ ڌڪ.

انٽم ٽارٽ Ant: tart 200 im : سيني ۾ بلغم جي ڪڙڪڙاهٽ، ٻاهر ڪين

۾ مشڪل.

فيرم فاس Ferum Phos 30 : نمونيا سان گڏ سيني ۾ سور ۽ خوني بلغم اچي.

آرسينڪ آيوڊائيڊ Arsenic Iodide 30 : ٽي بيءَ جو شروع جو درجو جيڪو زڪام جو ٿئي.

فاسفورس Phosphorus 200 : نوجوانن ۾ ٽي ٻيءَ جو مرض.

ڪروٽن ٽگ Croten tig 30: سيني جي سامهون واري هَڏي جي هيٺان کبي طرف سُور جيڪو چيلهه تائين وڃي.

سمبوڪس Sambocus 30 : سُڪرُٽ، سيني جي هڏيءَ هيٺان بوجهه

فاسفورس+سليشيا Phosphorus 30+Siliia 30: سينو ٻاهر نڪتل (Pigeon Chest).

برائي اونيا Bryionia 30 : سيني ۾ سرد هوا سَبب سور.

سينگونيريا Sangoneria 30 : سيني جي هَڏي ساڄي طرف سُور ۽ جَلڻ.


هيپرسلف Heper Sulf 30 : شديد ناقابل برداشت سُور سَرديءَ کان زيادتي ۽ گرميءَ کان سُڪون.

گالٽيريا Gaultheria 30 : سيني جي هَڏيءَ جي هيٺان دٻاءُ ۽ ٻنهي ڦقڙن ۾ سور.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 30 : سيني تي ڪارا داغ ۽ وات مان ٿڪ اچي.

رسٽاڪس Rhustox: سيني ۾ سور ڪُلهن تائين وڃي ۽ حرڪت سان سڪون.

## پُونءِ سينه EMPHYMA





پلورا (Plura) جي ڪنهن جوف ۾ پونءِ جمع ٿي ويندي آهي ته اها ڪيفيت عموماً نمونيا جي حملي کان پوءِ يا دق جي ترقي يافته صورت ۾ نمودار ٿيندي آهي. ڪافي دفعه اها ڪيفيت ڪنهن ويجهي عضوي ۾ ڪنهن

خطرناڪ خرابيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندي آهي، مثلاً غذائي ناليءَ ۾ سرطان يا اهڙو زخم جيڪو ڇاتيءَ جي پٽ (ديوار) تائين اندر هليو وڃي. جيڪڏهن نمونيا جي نتيجي ۾ اها ڪيفيت پيدا ٿئي ته عموماً نمونيا جي علامتن ۾ تخفيف ٿيڻ سان گڏوگڏ پوڻ ۽ سينه جي علامتن سان ظاهر ٿيڻ لڳندي آهي.

## عِلاج Treatment

آرسينڪ البم 3، آرنيڪا 20، اگنشيا 3x، اپيڪاڪ 200، مرڪسال 200، نيٽرم سلف 200، فاسفورس 30، سليشيا 200، ڪالي فاس 200 ۽ پائيرونيم 200 وغيره حَسبِ علامات ڏيو.

## ڦڦڙن جو ڪينسر Cancer of Lungs




سڄي دنيا ۾ سيني قسمن جي ڪينسرن مان ڦڦڙن جو ڪينسر وڌيڪ پاتو ويندو آهي. ڦڦڙن جو ڪينسر اڪثر چاليهن سالن جي عمر کان پوءِ ٿيندو آهي پر نوجوانن ۽ ننڍپڻ ۾ به اها تڪليف ٿي سگهي ٿي. ڦڦڙن جي ڪينسر جي ڪري ڪنگهه، بلغم ۽ ٿڪ ۾ خون، سُستي، بُک ختم ٿي وڃڻ وزن جو گهٽجڻ، ساهه کڻڻ ۾ دشواري ۽ سور وغيره ٿيندو آهي. اهي علامتون ڦڦڙن ۽ ساهه جي ٻين بيمارين ۾ به موجود هونديون آهن مگر ان مان ڪيتريون علامتون اگر ڪنهن اهڙي شخص ۾ ظاهر ٿين جنهن جي عمر چاليهن سالن کان وڌيڪ هجي ۽ پهرين اهڙين علامتن ۾ مبتلا نه رهيو هجي ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انهن علامتن ۾ شدّت ايندي هجي ته اهڙن ماڻهن کي يڪدم چڪاس ڪرائڻ کپي. ڦڦڙن جي ڪينسر ۾ مبتلا ماڻهن صرف 10 فيصد خون ٿُڪڻ جي علامت ظاهر ٿيندي آهي.

ڦڦڙن جي ڪينسر جو سَبب معلوم ڪرڻ جي لاءِ ميڊيڪل سائنس جي تحقيق مطابق هي بيماري اڪثر ڪري انساني عادتن، ماحول ۽ حالتُن جي پئداوار آهن. ان جي لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ سان ان جو ڪافي حد تائين بچاءُ ڪري سگهجي ٿو.

ڦڦڙن جي ڪنيسر جو سبِ ڪان وڏو سبب تماڪ نوشي، سگريٽ نوشي ۽ ماحول جي آلودگي، وڏن شهرن ۾ رستن تي پيٽرول جي سڙڻ، ڊونهون، فضا جي آلودگي (خرابي) آهن. ان ڪان علاوه، ڪارخانن جو دونهون ۽ چند مخصوص پٽين ۾ هن بيماريءَ جو اهڃاڻ ٿئي ٿو.

## علاج Treatment

آرسينڪ آيوڊائيڊ 30، ڪاربوواينميل 30، ڪريازوٽ200، ڪوبالٽ30، ڪالي ڪارب200، فاسفورس200، ليڪسس 200، سِينگونيريا 200 هن بيماريءَ جي اهڃاڻ ۾ ڪم اچڻ واريون دوائون آهن.

## خونُ ٿُڪڻ ـ نفث البم Haempotysis



اڪثر اهو مرض سِلِي مادي سَبب ٿيندو آهي يَعني جڏهن مريض کي ڦڦڙن جي سِلهه ٿيندي آهي ۽ اُهي اڪثر خون ٿُڪيندا آهن ـ ليڪن ديگر مرض ۾ مثلاً ڦڦڙن جي سوزش يعني نَمونيا، ڦڦڙن جو مردار ٿيڻ يا امراض دل يا نِڙي يا حنجري (نڙگهٽ) يا هوا جي نالين مان خون ايندو آهي. وڏيڪ ورزش ڪرڻ يا زور سان رڙ ڪرڻ يا کنگهه يا ڪنهن پهاڙ تي چڙهڻ يا شدت جي گرميءَ سَبب خون ٿُڪيندو آهي. ڪڏهن عورتن ۾ خون حيض بند ٿيڻ ڪري هِن مرض جون شڪايتون تي پونديون آهن يعني هوءَ خون ٿُڪڻ لڳندي آهي.

هي مرض اڪثر دموي ۽ خنازيري مزاج جي ماڻهن کي ٿيندو آهي.

علامتون Symptoms: نِڙيءَ جي رهڻ، سينو تاٽيل ۽ بوجهل محسوس ٿئي، دَم ڪٽڻ ۾ تڪليف ٿئي ۽ ڪنگهه سان گڏ ٿُڪَ ۾ خون خارج ٿئي. ليڪن اگر ڦڦڙن ۾ ڪا سنهي باريڪ شريان ڦاٽي پوي ته مريض هڪ دفعو تمام گهڻو خون ٿُڪيندو آهي جنهن سَبب ان جو موت واقع ٿيندو آهي.

تميز Differentiate: مَعدي مان جيڪو خون بذريعه اُلٽي خارج ٿئي اهو سياهي مائل هوندو آهي ۽ ان ۾ گرمي محسوس ٿيندي آهي ليڪن جيڪو خون ڦڦڙن مان ايندو آهي اُهو سُرخي مائل هوندو آهي ۽ ان ۾ غذا جي آميزش ناهي هوندي

## عِلاج Treatment

آرنيڪا Arnica 200 : جڏهن سبب ڌڪ لڳڻ يا صدمو هُجي، خون برنگ سياهه، منجمند ۽ بمقدار ڪثير هجي.

ايڪونائيٽ Aconite 200 : تشويش، بي چيني، خُون سُرخ ۽ جهڳدار ۽ بمقدار ڪثير، مُسلسل ڪنگهه يا سيني جي هَڏي جي زيرين گرمي محسوس ٿئي ۽ ائين معلوم ٿئي جَڻُ ته ڇاتيءَ ۾ اندرڙ پاڻي پريل هجي. چهرو سرخ، اکيون چمڪيليون، نبض پرپور ۽ سخت، جيڪڏهن بخار جي حرارت به گڏ هجي ته هيءَ دوا يقيني فائدو ڪندي.

اپيڪاڪ+مليفوليم Millifolium 30+Ipeacal 200: هِن مرض ۾ هي ٻئي دوائون نهايت ئي قابل اعتبار مجيون ويون آهن. هي ٻئي دوائون واري واري ڏنيون وڃن.


ليڊم Ledum 20: شديد دوري واري ڪنگهه ۽ گڏ ئي نڙيءَ ۾ رهڻ، خون ڪثير مقدار ۾، چمڪيلو سُرخ ۽ جهڳدار.

اڪاليفا انڊيڪا Acalypha Indica: سَلهي مريضن جو خون ٿُڪڻ ۾ هي دوا نهايت ڪارآمد آهي. پهريان خشڪ تڪليف ده ڪنگهه اچي ۽ بعد ۾ مريض خون ٿُڪي.

هيماميلس Hamamelis: جڏهن خون سياهه رنگ جو اچي، وريدي خون جي هڪ خاص دوا آهي. هيماميلس سِلهي مريضن جي نفس الدم ۾ ڪم ايندي آهي.

چائنا China 200: خون خارج ٿيڻ کان پوءِ ڪمزوري دور ڪرڻ لاءِ.
سينشيو Sensio: خون حيض بند ٿيڻ بعد ڦڦڙن مان خون جاري ٿي وڃي.

## خُشڪ کنگھ Croup




هِن جا ٻہ قسم آهن: نقلي ڪروپ ۽ اصلي ڪروپ. نَقلي ڪروپ (Croup) نڙگھُٽ جي تشنجي التهاب (سوڄ) کي چوندا آهن جيڪا گھڻو ڪري ٻن يا ٽئن سالن جي ٻار تي حملو ڪندي آهي ڪڏهن ڪڏهن وڏا بہ هن جي وڪوڙ ۾ اچي ويندا آهن.

**علامتون Symptoms**: نڙگھٽ جو تشنج عموماً رات جي وقت ٿيندو آهي. ٻار ڪيڏندي کلندي سمهي پوندو آهي ليڪن رات جو ڪنهن وقت اٺي ڪڙو ٿيندو آهي، ساهہ کڻڻ لاءِ تڙپي پوندو آهي، ڳلي کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ جيئن پورو ساهہ کڻي سگهي، ليڪن ناڪام رهندو آهي. ان دوران ان جي ڳلي مان عجيب آواز نڪرندا آهن. خوش قسمتيءَ سان تشنج جو دورو جلد ئي خَتم ٿي ويندو آهي. اگرچہ ڪا مناسِب دوا نہ مِلي تہ تشنج جو دورو مسلسل ڪيترن ڏينهن تائين هرهر پوندو آهي.

**مرض جا سبب Cause of disease**: عموماً اهڙا ٻار ان مرض ۾ مبتلا هوندا آهن جن جا گهر تنگ، تاريڪ، ماحول گندو ۽ استعمال جا ٿانو صاف نہ هوندا آهن. جيڪي پوري خوراڪ نہ مِلڻ ڪري ڪمزور ۽ ناتوان هجن. فوري طور تي حملي جو سبب تمام معمولي هوندو آهي، مثلاً: ٿڌي هوا جو جهوٽو، زڪام، معدي جي خرابي، قبضي ۽ اسهال وغيره.

سَاھہ جي تڪليف.

**ڪاربوويج** Carboveg 200: آڪريءَ سَبب ساھہ کڻڻ ۾ تڪليف.

**نيٽرم سلف+اپيڪاڪ** Ipeacac 30+Nat sulf 30: آنڊيءَ سبب ساھہ جي تڪليف.

**اسپونجيا** Spongia 30: وڏيڪ ڳالهائڻ جي ڪري سَاھہ ڦُلي.

**مرڪسال** Merc. Sol 200: ٿڌي هوا ۾ سير ڪرڻ ۽ گهمڻ يا ٿڌي هوا لڳڻ ڪري ساھہ منجهي.

**برائي اونيا** Bryionia 200 : هَلڻ ڦرڻ سان ساھہ جي تڪليف وڌي.

**آرم ميٽ** Arummet 200: خفقان ۽ دل جي ڌڙڪڻ وڌڻ سبب ساھہ منجهي


**ڊروسرا** Drosera 200: کنگھہ دوران ساھہ جي تڪليف وڌي وڃي

**پلسٽلا** Pulsatilla 200: ڪاڌي ۾ مرغن ۽ سٽپين شين واپرائڻ بعد تڪليف وڌي وڃي.

**اوپيم** Opium 200 : کونگھراءِ انهن سبب ساھہ منجهي.

**امونيم ڪارب** Amoniumcarb 200: سَاھہ ۾ خَرڪو هجي.

## دَم Asthama




دَم اڌ مٿي جي سور (Migrane) ۽ معدي جي زخم جيان گهٽو ڪري عصابي جسماني مرض آهي جنهن سان هوا جي نالين جي يڪدم سڪڙجڻ باعث سيني ۾ خَرڪو ۽ ساھہ کڻڻ ۾ دِقت جا دورا پوندا آهن. ٿوريءَ دير بعد دوُرا دوا جي استعمال يا ان کان بغير بہ گهٽجي ويندا آهن ۽ پيو دوُرو پوڻ تائين مريض چڱو ڀلو نظر ايندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن دوُري جي شدت گهٽ ناهي ٿيندي ۽ مريض گهٽجي مري ويندو آهي.

## علامتون Symptoms

دَمَ جي مريض جي ڦڦڙن ۾ هوا جون ناليون ڪمزور ۽ لعابي ريشي جي پيداوار وڌيڪ ٿينديون آهي. ناليون جڏهن تنگ ٿي وڃن ته اهي اندر جي هوا ۽ ريشو ٻاهر نه ڪڍي سگهنديون آهن. مريض جلدي جلدي ننڍو ننڍو ساهه کڻڻ تي مجبور هوندو آهي. ڏکيا ساهه نه کڻي سگهندو آهي ڇا ڪاڻ ته سينو ڀريان ڪان ڀريل هوندو آهي.

دم جو دؤرو عموماً اڌ رات ۽ پرهه ڦٽڻ جي درميان هوندو آهي. مريض دم گهٽجڻ ڪري هڪو ٻڪو ٿي ڪري اٿي پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن دري ڪولي ان وٽ بيهي رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪلها پڪڙي ويهي رهندو آهي. ڪنڌ، سيني ۽ ٻانهن تي پورو زور لڳائيندو آهي. ته ڪهڙي طرح ساهه جي رڪاوٽ دور ٿئي. چهري تي ڪرب، اکيون ٻاهر نڪتل، آخر خدا خدا ڪري دؤرو ٽٽڻ لڳندو آهي، سنگهه جا ريشا يا بلغم ٻاهر نڪرندو آهي ۽ مريض جو ساهه ڀيو ويندو آهي. دؤري سان گڏ بخار نه هوندو آهي پر ان سان گڏ هاضمو عموماً خراب هوندو آهي. اگر دم جو بروقت ۽ صحيح علاج نه ڪيو وڃي ته هوا جون ناليون دائمي طور تي خراب ۽ دل جو ساڄو خانو جو پنڙو ٿي وڃي.

<u>مرض جا سبب Cause of Disease</u>: جيئن ته ڀريان بيان ڪيو ويو آهي ته دَمَ هڪ اعصابي جِسماني بيماري آهي ۽ انجو دورو هوا جي نالين جي تشنجي سُڪڙاءَ ياعث پوندو آهي. اعصابي، تشنجي سُڪڙاءُ جسم جي جنهن حصي تي ٻه پوي انجي حالت خراب ڪري ڇڏيندو آهي. ننڍين شريانين ۾ هجي ته تيز ڇڪ. ٻچي داني ۾ هجي ته دردناڪ ماهواري، پيٽ ۾ هجي نه قولنج ۽ دل ۾ هجي ته انجائنا. مٿي جي شريانين ۾ هجي ته اڌ مٿي جو سور ۽ هوا جي نالين ۾ هجي ته دَمَ کي جنم ڏئي ٿو ۽ هوا جي نالين جي سُڪڙاءَ ۽ تنگ ٿي وڃڻ جا تمام گهڻا سبب ٿي سگهن ٿا.

- الرجي (Allergy) هوا يا خوراڪ ۾ ناواقف عنصرن جي موجودگي مثلاً گردغبار، گُلن جا ذرا، دونهون، گاهه، دوائن جا مضر اثر ۽ ساهه جي تڪليف جو شروع ٿيڻ.

جذباتي ۽ خوف توهين يا تغافل جو احساس، ڪنهن پياري جي جدائي ڪلندي ڪلندي يا وري ڪو غم يا مايوسي.

(1) تنفسي نظام ۾ انفيڪشن، زڪام ۽ ڪنگهه.

(2) جسماني مشقت يا گهڻي ورزش.

(3) ٿڌي هوا جا جهوٽا. ڪيميائي، صَنعتي شيون، مثلاً: سلفيورڪ ايسڊ ـ پلاسٽڪ جا بخارات. جنهن ڪان نڙگهڻ هوا جي وڏي نالي ۾ چلجڻ سَبب ٿي پوي.

(4) چمڙيءَ جي بيمارين جو نامناسب علاج ٿيڻ سبب دٻجي وڃڻ.

## عِلاج Treatment

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album 200</u> : سرد مزاج، نفاسَتَ پسند، قاعدي قانون جو پابند، تنهائيءَ ۾ گهبرائي ۽ ٿڌي هوا ناقابل برداشت.

<u>اپيڪاڪ Ipeachac 200</u> : مريض جو سينو بلغم سان ڀريل، ليڪن شديد ڪنگهه بلغم نڪري نـ سگهي. مرض جو دورو سَردي يا زڪام جي ڪري اُڃ نـ لڳي، اوڪارا ۽ اُلٽي.

<u>ايڪونائيٽ Aconite 30</u> : دَم جو يڪدم شديد حملو مريض تي موت جو خوف طاري ٿي پوي. ڪنگهه خُشڪ، سيني تي بوجهه ۽ حرڪت ڪان تڪليف وڏي وڃي.

<u>نيٽرم سلف Nat: Sulf 30</u> : دَم جي هڪ بهترين دوا آهي. جيڪڏهن دم جي تڪليف موروثي هجي ۽ جن ٻارن کي اڪثر مرض والدين ڪان موروثي طور تي مليو هجي. مرطوب ۽ سرد موسم ۾ ان جي حالت خراب رهندي آهي، مرض جي شدت صبح جو.

<u>فاسفورس Phosphorus 200</u> : نازڪ ۽ نفيس ماڻهو اڪيلائي ۽ اونده ۾ خوف ٿئي. ٿڌي هوا سان تڪليف وڌي پر اُڃ ٿڌي پاڻيءَ جي، هر هڪ ڪان همدرديءَ جي طلب، هر ڪنهن جي صحبت ۾ خوش رهي.

<u>پلسٽلا Pulsatilla 200</u> : موٽاپي طرف مائل مريضہ جنهن کي بک لڳي نـ اُڃ. وات خشڪ ۽ ذائقو ڪڙو، زبان تي سفيد پشم. سٽپ جي استعمال ڪان بدهاضمي جي شڪايت ٿي پوي.

<u>نڪس واميڪا Nuxvomica 200</u> : معدي جي خرابي، شراب نوشي ۽ تفڪرات جي سبب ٿيڻ واري دَمَ جي بهترين دوا آهي. دَم جي دوري ڪان پوءِ معدي جي جيڪا حالت هوندي آهي ان لاءِ بـ نڪس واميڪا تمام مفيد

آهي. بلغمي کڙڪو مريض ضدي، هٺ ڏرمرءِ ڪينہ پرور.

ڪاربوويج Carbo-veg 200 : ڳراڙن ماڻهن جو دم، مرض جو دورو عموماً رات جو ننڊ دوران پوي، مريض جو بدن ٿڌو پر پکي جي خواهش ڪري، پيٽ جي آڦري.

ڪالي ڪارب Kalli. Carb 30 : نهايت چڙچڙو ضدي، موهوم خوف، انديشن ۾ مبتلا، تنهائي سخت ناگوار، سردي ناقابل برداشت ۽ دَمہ جي شدت عموماً رات جو 3 بَجي.

سمبوڪس Sambocus 30 : سينو ۽ معدو بوجهل، پير برف جيان ٿڌا، ڪنگهندي ڪنگهندي چهرو نيرو ۽ ڪارو ٿي وڃي، دَمہ جو حملو عموماً اڌ رات جو ۽ جاڳڻ ۾ پگهر.

ناجا Naja 30 : سرد مزاج، خاموش طبع ماڻهو مرض عموماً بگڙي ڪري دَمہ جي شڪل اختيار ڪري وٺي، دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي وڃي ۽ ٿوري مشقت بہ برداشت نہ ڪري سگهي.

برائي اونيا Bryionia : شديد خشڪ ڪنگهہ، پاسيرين ۾ سور، حرڪت ڪان تڪليف وڌي وڃي. اڃ وڌيڪ باوجود قبضيءَ جي.

لوبيليا Lobelia 30 : اعصابي دَمہ جنهن دوران اوڪار ۽ اُلٽي هجي - سيني جي بندش هجي ۽ تيز هلڻ سان آرام.

هيپر سلف Heper Sulf 200 : مريض جي لاءِ سردي ناقابل برداشت، جيئن ئي خشڪ سرد هوا جو جهوٽو لڳي دمہ جو دورو شروع ٿي وڃي، سيني ۾ خرڪو ۽ دل جي ڌڙڪڻ تيز هجي. ڪنگهندي ڪنگهندي دَمہ گهٽجڻ لڳي.

اسپونجيا Spongia 200 : سيني ۾ خرڪو بلغمي ڪنگهہ ۽ دَمُہ سرد هوا کان تڪليف وڌيڪ. گرم ڪمري ۾ مٿي کي هيٺ ڪري ليٽڻ سان افاقو ۽ قلبي دَمَہ ۾ بہ مفيد آهي.

سليشيا Silicia 200 : سيني ۾ کڙڪو - سوزاڪ زده ڳراڙا ماڻهو انهن ماڻهن جو دمہ جن جي والدين کي سوزاڪي زهر دبجي وڃڻ سبب دَمہ ٿيو هجي. پٿر ڪٽڻ ۽ سيمنٽ ٺاهڻ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ وارن جو دَمہ.

ٿوجا Thuja 200 : مريض کي سردي وڌيڪ لڳي، دؤري جي شدت اڌ رات جو ٿئي - ٿوجا آرسينڪ جو فرض آهي، دَمہ سائيڪوسس (Sycosis)

هي ڪنگهه جو تڪليف ڏيندڙ قسم آهي، انجا دؤرا پوندا آهن. مريض جو دم گهٽجڻ لڳندو آهي ۽ انتي تشنجي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي. وڏي ڪنگهه عموماً ٻارن کي ٿيندي آهي ۽ هڪ دفعو لڳڻ بعد ٻيهر ناهي ٿيندي.

## علامتون Symptoms

ٻار کي پهريان زڪام ٿيندو آهي، ان سان گڏ ڪنگهه ۽ بخار به ٿي پوندو آهي. هفتي کن کان پوءِ ڪنگهه بلند آواز ۾ ٿيندي آهي ۽ تشنجي شڪل اختيار ڪري ڇڏيندي آهي. دؤري دوران ننڍي ننڍي ڪنگهه باعثِ سيني جي ٻاهر نڪري ايندي آهي جنهن جي جڳهه وٺڻ جي لاءِ ٻاهر جي هوا زور سان اندر ويندي آهي. ان سان وڏي ڪنگهه جو هڪ مخصوص آواز پئدا ٿيندو آهي جيڪو مخصوص آواز دؤري جي خاتمي جي نشاندهي ڪندو آهي ۽ دؤري جي دوران ٻار جو چهرو سُرخ يا سياهي مائل هوندو آهي، اکيون ٻاهر نڪري ايندون آهن، اک ۽ نڪ مان پاڻي ٿمندو آهي. ڪافي دفعا اُلٽي به ٿي پوندي آهي ۽ بلغم ريشي دار هوندو آهي. عام ڪنگهه ۾ مخصوص آواز پهريان نڪرندو آهي ليڪن وڏي ڪنگهه ۾ آخر ۾.

## علاج Treatment

<u>بروسرا Drosera 200</u> : وڏي ڪنگهه جي مجرب دوا آهي. شديد ڪنگهه سان گڏ اُلٽي ۽ وڏي ڪنگهه جون تمام علامتون موجود هونديون آهن. تڪليف رات جو وڌي ويندي آهي. هر دؤري کان پوءِ به هڪ خوراڪ ڏيو.

<u>ڪاربوويج Carbo veg 200</u> : مرض جي ابتدا ۾ Carbo veg 200 جون ٻه ٽي خوراڪون ٻار کي ڏنيون وڃن ته مرض رڪجي ويندوآهي ۽ ان جي شدت گهٽجي ويندي آهي.

<u>اپيڪاڪ Ipeacac 200</u> : اگر ڪنگهه سان گڏ اوڪارا به هجن. زبان صاف ۽ اُڃ گهٽ هجي ته Drosera 200 جون چند خوراڪون ۽ اپيڪاڪ جون ڏنيون وڃن.


<u>ڪوڪس ڪيڪٽائي CocusCactai 30</u> : بستري جي گرمائش ۽ بند ڪمري ۾ تڪليف وڌي.


<u>ميفائيٽس Mephites 3X</u> : هن دوا ۾ ٻه ڏوَرا رات جو پوندا آهن، ٻار کي سخت گرمي لڳندي آهي.

<u>پيٽروسين Petrocene 200</u> : وڏي کنگهه بعد ڪنهن به تڪليف لاءِ.

<u>ڪيوپرم ميٽ Cuperm met 200</u> : تشنج واري کنگهه لاءِ.

## برانڪائيٽس ـ هوا جي نالين جي سوزش Bronchitis




ڦڦڙن ۾ هوا جي نالين (شعبي ناليون) جي لعَابي جاري شديد طور تي متورم تي وڃي ته اهڙي حالت کي حاد برانڪائيٽس (Acute Bronchitis) چئبو آهي. هوا جون ننڍيون ناليون به متورم تي سگهن ٿيون ۽ وڏيون به، البته وڏيڪ خطرناڪ ننڍين نالين جو لعاب هوندو آهي. برائينڪائيٽس عموماً وڏي عمر جي ماڻهن کي ٿيندو آهي ليڪن ٻار به ان جي وڪڙ کان محفوظ نه رهي سگهندا آهن.

## علامتون Symptoms

مٿي ۾ سور، بخار بي چيني، ڳلو ويهي وڃي، کنگهه، سيني ۾ ذکَڙ ۽ جَلڻ ۽ عام زڪام جون ٻيون علامتون. لعابي مادو ڪثرت سان ٿيندو آهي ۽ مٿيون حِصو جڪڙيل ۽ بند محسوس ٿيندو آهي. ساهه کڻڻ ۾ دشواري ۽ خرڪو پيدا ٿئي. انهن علامتن سان گڏ شديد کنگهه وڪوڙي ويندي آهي جيڪا پهريان ته خشڪ هوندي آهي مگر بعد ۾ جهڳدار بلغم اچڻ لڳندو آهي جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن خون جي لڪير (ليڪ) به پاتي ويندي آهي. مريض جي نبض جي رفتار تيز مگر ضرب خفيف هوندي آهي. شديد برانڪائيٽس ۾ ڪڏهن ڪڏهن بخار 105 تائين پهچندو آهي.

سازگار حالتن ۾ 7،6 ڏينهن کان پوءِ بيماريءَ جو زور ٽٽڻ لڳندو آهي. بلغم نرم ٿيندو آهي ۽ مرض يا تہ ختم ٿي ويندو آهي يا وري مزمن شڪل اختيار ڪندو آهي. مهلڪ حالت ۾ مريض جو چهرو ۽ چپ پيلا ٿي ويندا آهن. ٻانهون ۽ ٽنگون ٿڌيون، سيني ۾ ڪڙڪو ۽ گهٽڻ ٿيڻ لڳندي آهي. رَفتہ رَفتہ مريض نحيف ۽ ڪمزور ٿي انتقال ڪري ويندو آهي. مُزمن برانڪائيٽس ۾ کنگهہ شديد، ساهہ جي تنگي تمام گهٽي ۽ بلغم ڪثرت سان ٿيندو آهي البتہ بخار بلڪل ناهي هوندو. سرديءَ جي موسم ۾ لڳاتار کنگهہ مُزمن برانڪائيٽس جي هڪ شڪل آهي. هي تڪليف عموماً رات جو سرد مرطوب موسم ۾ ۽ شهرن ۽ صَنعتي علائقن ۾ وڌيڪ ٿيندي آهي. بلغم اڪثر جهڳدار هوندو آهي. لڳاتار کنگهہ سان مريض جي ڦڦڙن ۾ هوا جا خليا ڦهلجي ويندا آهن. اهڙي حالت کي Emphezemia چوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن هوا جونْ ناليون پنهنجي جڳهہ کان هٽي يا ويهي وينديون آهن ۽ پوءِ اُتي خالي جڳهون ۽ سوراخ پئدا ٿيندا آهن. اها حالت برانڪي اڪٽياس (Bronchilchtias) چوائي ٿي.

**مرض جا سبب Cause of Disease:** حاد ۽ مُزمن (Acute and Chronic) هوا جي ناليءَ جي سوزش جا اسباب تقريباً ساڳيا هوندا آهن. وائرل انفيڪشن (Viral Infection)، جراثيم جو حملو، ڪنهن شيءِ ۾ ناواقفيت يا الرجي، ٿڌ لڳڻ، گرم سرد ٿيڻ، فِضا جي آلودگي ۽ تماڪ نوشي ان جا سبب آهن.

## علاج Treatment

سڀ کان پهريان تہ انهن عوامل کي دُور ڪرڻ کپي جيڪي خود بيماري پئدا ناهن ڪندا پر مريض کي بيماريءَ جي منهن ۾ ضرور وجهي ڇڏيندا آهن. مريض جي لاءِ لازمي آهي تہ تماڪ نوشي کي بِلڪُل ترڪ ڪري، يڪدم ٿڌ لڳڻ کان پاڻ کي بچائي، پاڪ ۽ صاف سُتري فِضا ۾ رَهڻ جي ڪوشش ڪري ۽ جنهن شيءِ کان ناواقفيت هُجي ان کان دُور رهي - هيٺيون دوائون استعمال ڪري.

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album200</u>: کنگهہ خشڪ يا جهڳدار ۽ معمولي

ريشو ڇاتيءَ ۾ جلڻ ڪرائي. ليٽڻ وقت ساهه ڪٽڻ ۾ دقت، اٿي ويهي رهي، بيچيني ۽ نقاحت، تنهائي ۽ تسلي ڪان تڪليف وڌي وڃي، سرديءَ ۾ تڪليف ليڪن ڪليل هوا جي خواهش، ڪنگهه جي شدت اڌ رات جو ۽ مريض سرد مزاج جنهن کي ٿوري ٿوري مقدار ۾ اڃ هر هر لڳي.

اپيڪاڪ Ipeacac200: هوا جون ناليون ريشي دار، بلغم سان ڀريل، ساهه جي شديد تنگي، دم داري، ڏوري واري تشنجي ڪنگهه، اڃ غائب ۽ زبان صاف ليڪن لڳاتار اوڪارا.

نيٽرم سنو Nat.suy200: بلغمي ڪنگهه، سيني جي کٻي طرف سور ۽ ڪرڪو مريض سور ڪان اٿي ويهي. ڪنگهه ۽ ساهه جي تنگي، مرطوب موسم ۾ وڌيڪ هجي.

ريوميڪس Rumex200: خشڪ ڪنگهه جيڪا نڙيءَ ڪان شروع ٿئي. سرد هوا ۾ ڳالهائڻ سان تڪليف ۾ اضافو نڪ مان گهٽو مواد نڪري، نڙيءَ ۾ گوليءَ جو احساس، سيني جي هڏيءَ جي هيٺان سور ۽ جلڻ، سردين ۾ سردي گهٽي لڳي، اهڙي شديد ڪنگهه جو پيشاب خطا ٿي وڃي. بلغم ڪيڻ دشوار مريض هر وقت ڪنگهي ۽ تڪليف رات جو 11 بجي.

انٽم ٽارٽ Ant _ tart 30 : مريض کي سردي گهٽي لڳي، ڪنگهه ڪان درد هوا ڪان افاقو ۽ گرم هوا ۾ اضافو ٿئي. بلغم سبب ڪنگهندو رهي پر ڦقڙ ان قابل نه رهن جو ان بلغم کي ٻاهر ڪڍي سگهن. اهڙي طرح ساهه ٻاهر ڪيڻ مشڪل، مريض جي زبان سفيد، چهرو نيرو ۽ پيلي پگهر سان تر، ساري رات ڇهل قدمي ڪان افاقو. هي دوا ڪمزور مريض لاءِ مناسب آهي.

ڊروسرا Drosera 200 : شديد ڏوري واري يا تشنجي ڪنگهه جيڪا اڌ رات جو وڌيڪ ٿئي، ڏونهين، ڪلڻ، ڳالهائڻ، تيز بوءِ دار ۽ سرديءَ ڪان تڪليف وڌي وڃي ۽ ڪنگهندي وقت هٿن پيرن ۾ تشنجي درد ٿئي.

پلسٽلا Pulsatilla 200 : رات جو بلغمي ۽ ڏينهن جو خشڪ ڪنگهه بلغم زردي مائل، زبان تي سفيد پشم، اڃ گهٽ، بند گرم ۽ جگهه تي تڪليف وڌي وڃي ۽ گهٽڻ ٿئي. ڪليل هوا جي خواهش، ڪنگهه ليٽڻ سان ۽ ڏونهين ڪان وڌي، ڪليل هوا جي خواهش ۽ ڪليل هوا ۾ ڇهل قدميءَ ڪان افاقو.

هيپر سلف Heper Sulph 200 : سرد مزاج مريض جو ڳلو ويهي وڃي، دم

گهنجڻ واري شديد کنگهه. سيني ۾ کڙڪو ۽ ڏکڻ. بلغم بعض اوقات پوڻ ۽ مليل. وات تي ڪپڙو هٽائڻ ۽ خشڪ سرد هوا جي جهوٽي کان تڪليف وڌي

**ڪاربو ويج Carbo veg 200**: مريض کي سردي وڌيڪ لڳي. کنگهه دوري واري ۽ سيني ۾ جلڻ بہ ٿئي. مريض جو جسم ٿڌو هجي ليڪن ان کي اندر گرميءَ جو احساس هجي. معدي تي آڦري وڌيڪ. کنگهڻ سبب شام جو ڳلو ويهي وڃي.

**برائي اونيا Bryionia 200**: حاد برانڪائيٽس(Acute Bronchits) جي لاءِ مفيد آهي. شديد کنگهه شروع ۾ خشڪ ۽ بعد ۾ زرد بلغم خارج ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ خون جي آميزش بہ هجي. زبان ميري بادامي. اچ گهٽ. کنگهه سان گڏ پاسيرين ۾ سور ۽ کنگهه ٿڌي کان گرم ڪمري ۾ داخل ٿيڻ تي وڌيڪ ٿئي.

**ڪالي بائيڪرو ميم Kalli:Bichromium**: زبان تي زرد پشم. بلغم بہ زرد سخت ليسدار. سيني ۽ نڙيءَ ۾ خارش ۽ خرڪو سيني جي هڏيءَ جي آرپار سور. ڪليل هوا ۾ ڪپڙن بدلڻ مهل تڪليف ۾ اضافو.

**سينيگا Senega 3x**: ڪراڙن ماڻهن جي کڙڪندي کنگهه. ڪمزوريءَ سبب سخت ليسدار ريشو جيڪو ٻاهر نہ نڪري سگهي ۽ کنگهه دوران چيلهه ۾ سور ۽ سيني ۾ جلڻ ڏکڻ. ساهه کڻڻ ۾ دشواري ۽ بعد ۾ نشون اچن.

**فاسفورس Phosphorus 200**: سروقد نازڪ بدن مريض. بلغمي کڙڪندڙ کنگهه. ڳالهائڻ. لکڻ ۽ سرد هوا ۾ اضافو مريض کي کنوڻ جي چمڪي ۽ اڪيلائي کان ڀئو ٿيئي ۽ ٿڌي يخ پاڻيءَ جي طلب هجي.

**ڪوڪس ڪيڪٽائي Cocus cactai 30**: مزمن کنگهه سرديءَ جي موسم جي شروعات ۾ شروع ٿي وڃي. سرديءَ جي اختتام تي پيچو نہ ڇڏي. کنگهه جي شديد دردن دوران مريض جو چهرو ارغواني ٿي وڃي. دم گهٽجڻ لڳي. بند ڪمري ۾ ۽ رات جو تڪليف وڌي وڃي.

**سلفر Sulphur 200**: کڙڪندڙ شديد کنگهه جيڪا رات جو بستر ۾ يا ڪمري ۾ وڌيڪ ٿئي. ڪليل هوا ۾ افاقو. کنگهندي وقت مٿي ۾ سور. مريض کي گرمي گهٽي لڳي، اچ بہ گهٽي هجي. هٿ پير جلن ۽ پير سوڙ کان ٻاهر ڪڍڻا پون.

**اسپونجيا Spongia 30**: شديد خشڪ کنگهه. مريض دم گهٽجڻ سبب

اتي ويهي ۽ ڳلو ويهي وڃي. کنگهندي وقت پون پون ۽ کنئون کنئون جو آواز نڪري. اڌ رات کان اڳ ۽ گرم ڪمري ۾ ڳالهائڻ سان کنگهه وڌيڪ شديد ٿي وڃي ۽ گرم شيون پيئڻ سان افاقو.

ڪالي ڪارب Kalli:carb 200: شديد بلغمي کنگهه جو دؤرو رات جو 2 ۽ 3 بجي جي وچ ۾، سرد هوا ۽ سردي ۾ اضافو. گرمائش کان افاقو کنگهندي کنگهندي پنبڙيون ۽ پيرؤن جي وچ واري جڳهه سجي پوي جڻ ته ان ۾ پاڻي پريل هجي.


نڪس واميڪا Nux vomica 200: چڙچڙو مريض، کنگهڻ سان گڏ مٿي جو سور، کنگهه عموماً خشڪ ۽ ساهه کڻڻ ۾ تڪليف:

اسٽينم ميٽ Stanum met 200: ڳلو ويهي وڃي، سيني ۾ ڏکڻ ۽ ڪمزوري، ڳالهائڻ، لکڻ يا ڪا گرم شيءِ کائڻ سان تڪليف وڌي وڃي. بلغم سبزي مائل بدبودار ۽ مٺو کنگهه جو زور شام جو اڌ رات تائين هجي.

سليشيا Silicia 200: کنگهه خشڪ يا بلغمي، ڳلو خراب ويٺل هجي، بلغم سبزي مائل يا زرد پونءِ دار، خون آلود. نهايت بدبودار سيني جي آرپار سور، سرديءَ کان تڪليف وڌي ليڪن وڌيڪ گرم ڪمري ۾ به کنگهه ۾ اضافو. مٺو گرم کائڻ سان افاقو بغل ۽ پيرن جو پگهر نهايت بدبودار هجي.

هيپوزيم Hiposium 30: هي دوا به ڪراڙن ماڻهن جي کنگهه ۾ مفيد ثابت ٿيندي آهي. کنگهندي کنگهندي مريض جو دم گهٽجڻ لڳي.

## پستان ـــــ ڇاتيون Breast




اسٽريس روبيج Stress robej 30: ڪبي پستان ۽ ٻانهن جو اعصابي سور،

غدودن ۾ سخت سوڄ، ڳنڍ جيان سخيل، پستان ۾ سور ڪٻي طرف، حالت بدتر، ڪٻي پستان ۾ اندرين طرف چڪ، پستان جو ڪينسر، شديد چڪ، ڪينسر جيڪو السر بڻجي چڪو هجي.

آرسينڪ البم Arsenic Album 200: پستان جو ڪينسر، رحم جو ڪينسر، بي چيني، شديد جلڻ۔ سور کي گهٽ ڪري

برائي اونيا Bryionia 200: پستان گرم، زرد ۽ ان ۾ حيض دوران سُور ۽ ڦرڙي

ڪلڪ فلور Calc. Flour 30: پستان ۾ پٿر جيان سختي.

ڪاربوانيملس Carbo-animals 30: ساڄي پستان ۾ سور سان گڏ سختي، ڪٽڻ ۽ جلڻ سان گڏ سُور.

ڪيموميلا Chammomella 200: ٻنديءَ (Nipple) ۾ گرمي ۽ سوڄ ۽ ٻار جي ٻُٻي ۾ سُور.

ڪونيم Conium 200: ٻندي (Nipple). ۾ تاڪي لڳائڻ جهڙو سور، مريض آرام سان پستانَ کي زور سان دٻائڻ چاهي. حيض کان اڳ پستان وڏا ٿي وڃن ۽ انهن ۾ سُور ٿئي.

چمافيلا Chimaphella 200: پستان ۾ ڳوڙهو (Tumor) ۽ وڏن پستانن واري خواتين جو تيومر (Tumor)

گريفائيٽس Graphites 200: خواتين جي ٻنديءَ، ڏارٽون ۾ جلڻ، سُنُ ۽ ماکيءَ جهڙو سيلان.

آيوڊيم Iodium 30: پستان جو مرجهائڻ ۽ پستانن جي چمڙيءَ ۾ غدود

ليڪنيم Lac-canaum 30: پستان جي سوڄ ۽ سور، ليڪن حيض شروع ٿيڻ تي آرام ۽ کير کي خشڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي.

ليڪسس Lachesis 200: پستان ۾ سوڄ ۽ نيرائپ ڪينسر جهڙي سوڄ.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 200: ٻندين (Nipples) ۾ ڏارَ تِکي ڪاٽي جيان چُڀي. ڇهڻ سان سور ٿئي.

فائٽولڪا Phyttollacca 30: سوڄ کي دٻائڻ لاءِ مدّر ٽنڪچر، پستان جي سوڄ، پستان سخت، ڏکڻ ۽ تمام ئي حساس ۽ پستان جي ڦرڙي

سبل سيروليٽا Sabal Serolita 30: مرجهايل پستان، حساس، عورت

جنسي خواهش ۾ ڍيل، پرورش ۽ ننڍن ريشن جي تعمير ڪندي آهي.

سليشيا Silicia 200: پستان جي نالي دار السر (Fistula)، دائمي مرض، ڍيل ڳنڍيون ۽ ڳنڍيءَ ۾ سور.

## پستان جي ڦرڙي Breast Abcess



هڪ غير معمولي مرض، متاثر حصو سُرخ ۽ سُور آميز ٿيندو آهي. سُور وڌي ويندو آهي ۽ مريض کي بخار ٿي سگهندو آهي.

## پستان جي نرم ڳنڍ Fibroadenoma of the Breast

پستان ۾ هڪ نرم ڳنڍ جيڪا آڱرين سان محسوس ڪرڻ سان ڦهلجي وڃي ۽ عمومًا اها ڳنڍ مهلڪ ناهي هوندي.

## علاج Treatment


ڪلڪ فلور CalcFlour 200: پستان ۾ سخت، پٿر جهڙي ڳنڍ ۽ علاج ڪجهه ڏينهن هلائي دوا جي طاقت وڌائيندا وڃو.

چما فيلا Chimaphella 30: وڏن ٻين واريون عورتون جن کي پستانن ۾ سور هجي.

ڪونيم Conium 200 : پستان کي سختيءَ سان دٻائڻ سان آرام. ڳنڍيءَ ۾ ٽانڪ. هڙٻن ۽ حيض کان پهريان پستان جي سوڄ.

فائٽولڪا Phyttollaca 30: پستان جي ڦرڙي (Tumor)، پستان ۾ سور ۽ حساسيت

## پستان جو ڪينسر Breast Cancer





هي هڪ خطرناڪ مرض آهي ۽ هِن ۾ مهلڪ انداز سان اضافي جي ڪري تقريباً 20 فيصد ڪينسر زده خواتين جو موت ٿي ويندو آهي. ان جي ابتدا پستان جي بغير سور واري ڳوڙهيءَ جي ٿيندي آهي. 45 سالن کان وڌيڪ عمر وارين عورتن کي انجو وڌيڪ خطرو رهندو آهي. متاثر حِصي کي الڳ ڪرڻ جي لاءِ سرجري جي ضرورت هوندي آهي. اگر بروقت مرض جي خبر پئجي وڃي ۽ موزون دوا ڏني وڃي تہ ان کان بچڻ جو امڪان وڌي ويندو آهي.

## علاج Treatment

<u>استرياس روبنس Astrias robins 30</u>: پهرين استيج (درجي) جي ڪينسر ۾ هڪ بهترين دوا آهي. پستان ۾ سوڄ، سُور، تيز ۽ ڦاڙڻ وارو سور.

<u>چمافيلا Chimaphella 30</u>: پستان ۾ ڳوڙهي (Tumor)، سُور ۽ وڏن ٿُڻن واري عورت جي لاءِ.

## عام کنگھ Common Cough



دراصل کنگھ جو اصل سبب هوا جي نالي‌ءَ جي لعابدار جاري (Mucus

(Membreen جي سوزش آهي ليڪن عام طور تي معمولي ڪنگهہ جون ڪافي ٻيون وجوهَات بہ ٿي وينديون آهن.

مختلف علامات جي لحاظ کان هن مرض جا چند قِسم.

(1) **سرديءَ جي ڪنگهہ** Winter Cough:

هن قسم جي ڪنگهہ سياري ۾ عمومًا ڪراڙي ماڻهوءَ کي ٿيندي آهي ۽ چند ڏينهن ۾ پاڻ ئي ختم ٿي ويندي آهي ليڪن ڪڏهن بدپرهيزيءَ سبب ڪافي دير تائين هلندي آهي ۽ سياري ۾ وڌيڪ ٿي پوندي آهي.

(2) **خُشڪ ڪنگهہ** Dry Bronchitis:

هِنَ قسم جي ڪنگهہ ۾ يا تہ بلغم بِلڪل نڪرندو ئي ناهي پر جي نڪرندو آهي تہ تمام گهٽ.

(3) **تمام گهٽي بلغم واري ڪنگهہ** Bronchorrea:

هِن قسم جي ڪنگهہ ۾ اڪثر پتڙو ليسدار ۽ چمڪيلو بلغمي مادو بڪثرت خارج ٿيندو آهي.

**مرض جا سبب** Cause of Disease: گرد غبار ۽ دونهون، بعض امراض قلب، امراض گرده، سنڌن جو سور، سِلَهہ ۽ آتشڪ وغيره هن مرض جا سبب هوندا آهن. سرديءَ جي ڏينهن ۾ هي مرض ڪيترن ئي شخصن کي خصوصاً ڪراڙن کي ٿيندو آهي.

## عِلاج Treatment

**ايڪونائيٽ Aconite 30**: خُشڪ ڪنگهہ جيڪا ٿڌي ۽ خُشڪ هوا لڳڻ جي ڪري پيدا ٿيندي آهي. رات جو وڌيڪ اُچ ۽ گڏ ئي بيچيني.

**آرسينڪ البم Arsenic Album 200**: ڪنگهہ خُشڪ ۽ زيادتي رات جي وقت هجي، ڇاتي گهٽي معلوم ٿئي، ڪنگهہ جي ڪري ننڊ مان جهٽ جاڳي پوي، گهبرائي، بيچيني ۽ اُچ ليڪن تورو تورو پاڻي پيئتو وڃي.

**ڪلڪ ڪارب Calc. Carb 200**: ڪنگهہ سان گڏ ئي ڳلي جي خراش معلوم ٿئي ڄڻ تہ ڪنهن جانور جو پَرُ اٽڪيل هجي يا مِٽي ڳلي ۾ لڳي وئي هجي. ڪارڪ ڪاٺ يا پاڻي پيئڻ کان پوءِ وڌيڪ ٿئي. ڏاڪڻ چڙهڻ تيٰ ساهہ

ڦُلي ۾ ساهي پٽڻ لاءِ ويهڻو پوي.

سلفر Sulfer 200: آواز ڳورو ڳلي ۾ خُشڪي، ڳلي ۾ ڪجهه رِڙهي، سيني ۾ ڏکڻ، سيني ۾ بلغم جو خرڪو. رات جي وقت وڏيڪ بلغم خارج ٿئي. ڏٻرا ۽ سنهڙا ماڻهو جيڪي جهڪي هَلن انهن جي لاءِ خاص ڪري مفيد آهي.

ڪالي ڪارب Kalli Carb 200: ڪنگهه سان گڏ ڇاتي گهٽيل معلوم ٿئي، زيادتي عموماً رات جو 2 يا 3 بجي ٿئي. ڪنگهه سان گڏ ڇاتيءَ ۾ سور ۽ چُڀڻ.

برائي اونيا Bryeonia 200: خُشڪ ڪنگهه. صُبح جو جاڳڻ ڪان پوءِ يا بستري تان اٿڻ ڪان پوءِ حرڪت ڪرڻ سان وڌيڪ. ابتدا ۾ ٿورڙي تعداد ۾ بلغم نڪري ليڪن پوءِ ڪنگهه بلڪل خُشڪ ۽ گرم ڪمري اندر داخل ٿيڻ سان ڪنگهه وڌي.


بيلاڊونا Belladona 200: خشڪ ڪنگهه رات جو وڌيڪ. سُمهڻ مان جاڳائي ڇڏي، سيني ۾ ڏکڻ، ٻار ڪنگهڻ وقت روئڻ لڳي، چهرو گرم ۽ سرخ، ائين معلوم ٿئي ته نڙي ۾ مِٽي رهجي وئي آهي، جنهن جي ڪري ڳلي ۾ سرڪو پئدا ٿئي. گهرو ساهه کڻڻ سان زيادتي هُجي. ساهه ۾ دِقت هجي.

سائنا Cina 200: خُشڪ ڪنگهه جيڪا جهٽڪن ۾ هجي يا لڳاتار جاري رهي، اهڙا ٻار جن کي پيٽ جي جيتن جي شڪايت هجي. ٻار هميشه نَڪ ۾ آڱر وجهي ڪنهي ۽ رهڙي، پيشاب سفيد هجي.

ليڪسس Lachesis 200: خشڪ ڪنگهه ليڪن گڏ ئي ائين معلوم ٿئي بلغم خارج ٿيندو ۽ ٿورو مٿي اچي واپس هليو وڃي. نڙگهٽ ۾ رهڙ. ٿورڙي دٻاءَ پوڻ تي زوردار ڪنگهه اُٿي ۽ دم گهٽجڻ لڳي. مريض ڳلي جا ٻٽڻ کولي ڇڏي ڇاڪاڻ ته ٿورڙي دَٻاءَ سان به ڪنگهه ٿئي، سمهي اٿڻ بعد زيادتي ۽ ڳلي جي غدودن جي مزمن سوزش.

فاسفورس Phosphorus 200: جڏهن ڪنگهه سان گڏ نمونيا به هجي، عموماً اهڙي خشڪ ڪنگهه جيڪا ڳلي يا سيني ۾ رهڙ جي ڪري پئدا ٿي هجي. پڙهڻ، ڳالهائڻ، کِلڻ يا پاڻي پيئڻ سان تڪليف وڌي وڃي ۽ رات جي وقت سينو ٻَڌَل هجي. جن مريضن جو رجحان تپدِق جي طرف هجي. انهن جي لاءِ هي دوا خاص طور تي مُفيد آهي.

# ڦڦڙن جي پردي جي سوزش PLEURISY




پلورا ان ٻاريءَ کي چوندا آهن جيڪا سيني ۾ ڦڦڙن جي چوڌاري غلاف جو ڪم ڪندي آهي. پلورا جو شديد التهاب (سوزش) پليوروسي (Pleurisy) چوائي ٿو. صحت جي حالت ۾ پلورا جي سَطح نرم ملائم هوندي آهي ۽ ڦڦڙ آسانيءَ سان حرڪت ڪري سگهندا آهن ليڪن ورم ۽ سوڄ ڪان انجي سطح رهڙي ۽ پالش (Polish) خراب ٿي ويندي آهي، جنهن سبب ٻاري ۽ ڦڦڙن جي حرڪت ۾ رڪاوٽ ۽ سور تيڙ لڳندو آهي. ٻارن ۾ عموماً پليورسي ثانوي بيماريءَ طور تي ظاهر ٿيندي آهي يعني نمونيا، ٽائيفائيڊ، سرخ باد، برانڪائيٽس، ڪِنٺيا ۽ پيچس دوران ان جو حملو ٿيندو آهي. عُمر جا پهريان 5 سال هن جو خطرو وڌيڪ هوندو آهي. ڇوڪرين جي بنسبت ڇوڪرن ۾ هي تڪليف وڌيڪ ڏٺي وئي آهي.

## علامتون Symptoms

هن تڪليف جو حملو يڪدم ٿيندو آهي. مريض کي سخت لرزو ٿيندو آهي ۽ انکان پوءِ شديد سور ۽ بخار ٿيندو آهي. سُورَ جون ڌاتون عموماً کاٻي يا ساڄي ٻنديءَ (Nipple) جي هيٺان کان اُٿنديون آهن، جنهن کان مريض جو ساهه نڪرندو آهي. وڏو ساهه کڻڻ، پاسو ورائڻ، دٻاءَ، کنگهڻ سان سور وڌندو آهي. شروع ۾ کنگهه ننڍي هوندي آهي. ڪوتاهه دَمي به هوندي آهي ڇا ڪاڻ ته ڦڦڙن ۾ ڦهلجڻ کان سور وڌندو آهي. مريض جي زبان سُڪل، چهرو تاٿيل، نبض تيز ۽ پيشاب گهٽ ۽ گهري رنگ جو هوندو آهي ۽ بخار 105 درجه فارِن هائيٽ تائين پهچي ويندو آهي پَر جي ڦڦڙ به متاثر

هجن تہ خون آلود بلغم بہ بِڪثرت نڪرندو آهي. چند ڏينهن کان پوءِ التهاب يا تہ گهٽ ٿي ويندو آهي يا وري پلورا جي سطح وري.نرم ملائم ٿي ويندي آهي ۽ پلورا جي ٻنهي ڇارين جي وچ ۾ پاڻي پرجي ويندو آهي. اهڙي حالت کي هائڊرو ٿوريڪس (Hydro Thorax) چوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن پاڻيءَ جو مقدار ۽ سطح تمام گهٽي وڏي ويندي آهي جنهن سبب دِل ۽ ڦڦڙ ان جي هيٺان دٻجي ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن پلورا جي هنج ۾ پونءِ جمع ٿي ويندي آهي. اِها حالت امفائيما (Emphyema) چوائي ٿي.

<u>مرض جا سبب Cause of Disease</u>: پليورسي اڪثر سِلهي يا ٻي قسم جي جراثيم سبب ٿينديون آهن ليڪن ان جو فورَي سبب موسم جي يڪدم تبديلي، سردي لڳي پوڻ يا پگهر دٻجي وڃڻ ٿي سگهي ٿو.

## علاج Treatment

<u>ايڪونائيٽ Aconite 30</u>: يڪدم شدت جو بخار ۽ سور نبض ۽ اُڇ تيز چمڙي خُشڪ. بيماريءَ جو حملو تڏ لڳڻ يا پگهر دٻجي وَڃڻ سبب هجي. مريض کي ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ ايڪونائيٽ جون ٻئي خوراڪون ڏجن.

<u>برائي اونيا Bryionia 30</u>: ساڄي طرف جي پليورسي (Pleurisy) جي عُمده دوا آهي. مريض کي خُشڪ کنگهہ هوندي آهي. ٿورڙيءَ حرڪت تي سور وڌندو آهي. ايڪونائيٽ کان پوءِ ٽن ٽن ڪلاڪن جي وقفي کان پوءِ استعمال ڪرايو. پاڻي ڦڦڙ جوجذب ڪرڻ لاءِ برائي اونيا مؤثر آهي.

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album 200</u>: پليورسي دوران جڏهن سيني ۾ پاڻي پرجي وڃي، ساهہ کڻڻ ۾ دشواري، بدن ٿڌو ۽ نقاهت گهٽي هجي تہ استعمال ڪرايو.

<u>ڪينٿرس Cantheris 30</u>: دل جي ڌڙڪڻ تيز ساهہ جي تنگي، مريض پگهر ۾ تَرِ ۽ ان تي غَشِ طاري ٿئي ۽ سيني ۾ پاڻي.

<u>آيوڊيم Iodium 200</u>: گرم مزاج، نحيف مريض، عارضو سِلهي اثر سبب ٿيو هجي ۽ طويل ٿي وڃي تہ ان کي ايڪونائيٽ، برائي اونيا ۽ آيوڊيم واري واري سان کارايو.

<u>سنيگا Senega 3X</u>: جڏهن علامتن باوجود برائي اونيا ڪم نہ ڪري تہ

سنيگا استعمال ڪرايو. سنيگا ۾ سور ليٽڻ سان وڌي ۽ حرڪت ڪرڻ سان گهٽ ٿيندي آهي.


چيليڊونيم Chelendonium 200: ساڄي طرف جي پليورسي جنهن ۾ مريض متاثر طرف نه ليٽي سگهي ۽ نه ئي ان طرف ڇُهي سگهي.

بيلاڊونا Belladona 200: هي عموماً ٻارن جي پليورسي ۾ وڌيڪ ڪم اچي. بيلاڊونا جي مريض کي ڏڪڻيءَ جي بجاءِ تشنجي ڪيفيت هوندي آهي.

فاسفورس Phosphorus 30: پليورسي جي دوران ڦڦڙن جي متورم ٿيڻ، پليورو نمونيا هجي ته بلغم جو زنگ جي رنگ ۾ نڪرڻ ۽ نقاهت هجي.

ايپس ملفيڪا Apis melfica 200: گرم مزاج مريض، اُڃ گهٽ، خُشڪ کنگهه ۽ ننڊ.

## نَمونيا ـــ ڦڦڙن جي سوڄ Pneumonia




ڦڦڙن جي خلين جي التهاب کي نمونيا چوندا آهن. هوا جي نالين جي التهاب کي برانڪائيٽس (Bronchits) ڦڦڙن جي غلاف جي التهاب کي پليورسي چوندا آهن ۽ جيڪڏهن هڪ ئي ڦڦڙ متورم ٿي ته سنگل نمونيا (Single Pneumonia) ۽ ٻئي ڦڦڙ متورم ٿي وڃن ته ڊبل نمونيا (Double Pneumonia) چوندا آهن. نمونيا هڪ شديد ۽ مهلڪ بيماري آهي جيڪا عمر جي ڪنهن به حصي ۾ ٿي سگهي ٿي. ڦڦڙ ڪمزور ٿيڻ باعث ان جو وڌيڪ شڪار ٿيندا آهن.

## علامتون Symptoms

نمونيا جو حملو عموماً يڪدم ٿيندو آهي ليڪن بعض اوقات پوري حملي کان پهريان مريض جي طبيعت ڪسلمند ۽ سيني تي بوجهل ٿي

پوندي آهي. ابتدا ۾ مريض کي ڏڪٽي محسوس ٿيندي آهي ۽ چند منٽ يا وڌ کان وڌ ڪلاڪ رهندي آهي. ان دوران ان جي نبض تيز ڪمزور ۽ بخار نارمل کان درجہ حرارت گهٽ هوندو آه  ليڪن لرزي کان فوراً بعد 103 يا 104 يا 105 درجہ فارن هائيٽ تائين پهچندو آهي. ساهہ ۽ نبض جي رفتار بہ تمام تيز ٿي ويندي آهي. ان سان گڏ پاسيريون, سيني ۾ ڪلهن هيٺان سور ٿيندو آهي. کنگهہ پهريان تہ خشڪ ٿي پوندي آهي ليڪن بعد ۾ گهاٽو بلغم زرد يا زنگ جي رنگ جو بلغم نڪرندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن خون آميز بہ هوندو آهي. مريض کي سخت اُڃ لڳندي آهي. ناسون پڪي جيان هَلڻ لڳنديون آهن. ڪافي مريضن ۾ پيشاب بہ گهٽ ايندو آهي. نمونيا جو عارضو ٽن مرحلن ۾ هوندو آهي. پهريون مرحلو شديد هوندو آهي يعني ڦڦڙن ۾ خون جمع هوندو آهي. اگر صحيح ۽ بر وقت علاج نہ ٿي سگهي تہ ٻيو مرحلو انجماد کان شروع ٿيندو آهي ۽ ان کي سرخ ڪبديت (Red Hepatisation) بہ چوندا آهن. هن مرحلي ۾ ڦڦڙن جي خُلين ۾ هوا تمام گهٽ رهجي ويندي آهي, ان جي اسفنجي ڪيفيت گهٽجي ويندي آهي ۽ ڦڦڙ سخت ٿي ڪري ائين لڳندا آهن جيئن جيرو جگر هوندو آهي (Liver).

ٽيون ۽ آخري مرحلو ڀوري ڪبديت (GRAYHEPATISATION) جو آهي. هن حالت ۾ ڦڦڙن جو سُرخ يا بادامي رنگ سُفيدي مائل ڀورو ٿي ويندو آهي ۽ ان جو وزن وڌي ويندو آهي. ٻئي مرحلي واري سختي برقرار رهندي آهي. رنگ جي تبديلي کان ظاهر ٿيندو آهي تہ خلين اندر خون جا سرخ ذرا ختم ٿي ويا آهن ۽ ان جي جاءِ تي بلغم پونءِ وارو مادو ڪٺندو آهي. مريض ضعف يا ڦڦڙن جي ٻند ٿيڻ سبب انتقال ڪري ويندو آهي.

## علاج Treatment

ايڪونائيٽ Aconite 30: نَمونيا جي ابتدا ۾ سڀ کان مؤثر دوا ايڪونائيٽ آهي. جڏهن مريض جو بخار نبض ۽ ساهہ تيز هُجن. سيني ۾ خون سبب مريض بي چين ٿي وڃي گڏ ئي ان کي موت جو خوف ورائي وَڃي. مريض کي ٻن ٻن ڪلاڪن بعد ايڪونائيٽ ۽ فيرم فاس 6X استعمال ڪرايو.

برائي اونيا Bryionia 200: ايڪونائيٽ کان پوءِ برائي اونيا جو وارو

هجن يا چمڙيءَ ۾ ۽ پوءِ اتي آهستي آهستي ڦهلجڻ شروع ڪندا آهن. ان جراثيم کي مارڻ جي لاءِ براهہ راست دوا سڀ کان وڌيڪ مؤثر آهي.

## علامتون Symptoms

ٽي - بي ڪنهن بہ عمر ۾ ٿي سگهي ٿي ليڪن ڦڦڙن جي ٽي - بي عموماً جوانن تي ڪمند (سندرو) اچلائي ٿي يعني گهٽ ۾ گهٽ ڪري 20 ۽ 30 سالن جي وچ واري عمر هوندي آهي. هاضمو خراب هجڻ، بُک نہ لڳڻ، سُڄائي، ڪمزوري، اوڪارا، الٽيون، صُبح جي وقت کنگهہ جو ٿيڻ، آواز جو ويهي وڃڻ، ٿورڙي مشقت ڪرڻ تي سهڪي پوڻ ۽ سيني ۾ ڪٽي ڪٽي سور ٿيڻ، هن بيماريءَ جون وڏيون وڏيون علامتون آهن. ان سان گڏ دل جي ڌڙڪڻ ۽ نبض مسلسل تيز رهندي آهي، بخار بہ ٿيڻ لڳندو آهي. رات جو پگهر گهڻو اچي، بدن روز بروز ڏبرو ٿي وڃي.

شروع ۾ کنگهہ ننڍي ننڍي ۽ خُشڪ هوندي آهي، بلغم ٿورو ليڪن ليسدار هوندو آهي. بيماريءَ جي ڊيگهہ سان گڏ کنگهہ بہ وڌندي آهي ۽ ڪڏهن بلغم سان گڏ خون بہ ايندو آهي. مناسب علاج نہ ٿيڻ تي خون جو مقدار وڌي ويندو آهي.

نبض، بخار شام جي وقت تيز هوندا آهن. اگر ڪنهن کي هر شام 99 يا 100 درجہ فارن هائيٽ جو بخار هجي تہ ان جي غفلت نہ ڪرڻ کپي. عام انسان جي دل پنج حرڪتن کان پوءِ هڪ دفعو ساهہ کڻندي آهي. هڪ منٽ ۾ اوسطاً 16 دفعہ ليڪن ٽي بيءَ جو مريض هڪ منٽ ۾ 26 دفعہ ساهہ کڻندو آهي.

مرض جيئن وڌندو آهي ساهہ کڻڻ جي رفتار بہ وڌندي ويندي آهي. مرض جڏهن پوري شدت اختيار ڪندو آهي تہ مريض کي ڪوسو بخار (HECTIC FEVER) اچي گهيريندو آهي. شام جي بخار سبب مريض جو چهرو سرخ ٿي ويندو آهي. نبض جي رفتار 120 في منٽ تائين وڃي پهچندي آهي. انجو ساهہ تمام ڪوتاهہ ۽ تيز ٿي ويندو آهي. گڏئي مريض کي اسهال شروع ٿي ويندا آهن ۽ انهيءَ ٿي حالت ۾ موت جي جهوليءَ ۾ هليو ويندو آهي.

## علاج Treatment

ٽي - بي جي علاج کي ٽن حِصن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. پهرين حِصي جو تعلق مريض جي ماحول سان، ٻئي حِصي جو مريض جي قوت مدافعت وڌائڻ سان ۽ ٽئين حِصي جو تعلق جراثيم کي هلاڪ ڪرڻ ۽ انفيڪشن (Infection) کي روڪڻ لاءِ مريض جو ماحول صاف سٿرو رکڻ سان آهي ۽ روشن هجي جتي سج جي روشني سئين سِڌي پهچي. تنگ، تاريڪ ۽ غليظ جڳهن ۾ رهڻ ٽي بيءَ کي دعوت ڏيڻ مثل آهي. ماحول ۽ آبهوا کان پوءِ توجهه طلب مريض جي خوراڪ آهي جيڪا متوازن ۽ غذائيت سان ڀرپور هجي ۽ ٿوري مرغن بہ هجي تہ ڪو حرج ڪونهي. گوشت، يخني، مڇي، انڊا، بادام، ماکي، کير، تازا ميوا ۽ Cod Liveroil جو استعمال مريض جي توانائي ۽ قوت مدافعت کي بحال رکڻ جي لاءِ تمام ضروري آهي. مريض جي لاءِ هلڪي ورزش ۽ سير بہ مفيد آهي ليڪن، ٿڪجي پوڻ جيترو گهمڻ منع آهي.

<u>خفي دق لاءِ:</u> آرس آئيوڊائيڊ 30 - پلسٽلا 30 - ٽيوبرڪلينم 200 - ڪلڪيريا فاس 6X - ڪلڪ ڪارب 30 - لائيڪوپوڊيم 200 - قابل اعتماد دوائون آهن.

**رات جو پگهر اچڻ:** آرسينڪ البم 200 - ايسيٽڪ ايسڊ 200 - چائنا 39 - ايسڊفاس 200 - فاسفورس 200.

**آنڊن جي ٽي.بي:** آرسينڪ البم 200 - آيوڊيم 200 - سلفر 200 - ڪلڪيريا فاس 200 - ڪلڪيريا ڪارب 200.

<u>**چمڙيءَ جي ٽي.بي:**</u> آرسينڪ 30 - بيسلينم 200- ٽيوبرڪلينم 200- سلفر 200- ڪالي آئيوڊائيڊ 200.

**نڙي - نڙگهٽ، ڳلي جي ٽي.بي:** ارجنٽ نائيٽ 200- آرس آئيوڊائيڊ 200 - فاسفورس 200 - ڪالي آئيوڊائيڊ 200.

**هڏين جي ٽي بي:** آرم ميٽ 200 - سليشيا 200- ڪلڪيريا ڪارب 200 - ڪلڪيريا هائيوفاس 30.

**ڦڦڙن جي ٽي بي:** سلهه، ٿائيسس لاءِ.

<u>**فاسفورس Phosphorus 200**</u>: مريض نازڪ بدن، جلد وڌندڙ ٻار،

جنهن جو متو وڏو دماغ تيز سج لتي مهل، بجليءَ جي طوفان ۾ تنهائيءَ ۾ تمام تڪليفون وڌي وڃن، ڪنگهه ننڍي ننڍي ۽ خشڪ هجي جيڪا بعد ۾ بلغمي ۽ پونءِ دار ٿي وڃي - مريض کي ٿڌي يخ پاڻيءَ جي طلب، ساهه ڪوتاهه، تيز نبض، چمڙي خشڪ ۽ گرم هجي.

ڪلڪيريا ڪارب Calc. Carb 30: ٿُلها ۽ پِلپلا مريض، جن جو پيٽ وڏيل هجي، ٽنگون ڪمزور، سردي وڌيڪ لڳي، پگهر خصوصاً متي تي گهڻو اچي. غدود سڄيل، ڪنگهه سان گڏ بيحد نقاهت، پتڙو پاخانو ۽ سِلهه آنڊن جي ٽي بيءَ ۾ مفيد دوا آهي.

آرسينڪ البم Arsenic Album 300: سرد مزاج، بيچين مريض، ڪنگهه بخار، اسهال، هاضمي جي خرابي ۽ نقاهت ڪنگهه ۽ ساهه ۾ دشواري ۽ ليٽڻ سان وڌي وڃي. آرسينڪ شروع کان آخر تائين ڪم ايندڙ دوا آهي.

فيرم ميٽ Ferum met 200: مريض خون جي ڪميءَ جو شڪار هجي، سيني تي بوجهه، ساهه ۾ دشواري، ڪنگهه، زبان اڪثر ڪري خُشڪ هجي، ليڪن ڪڏهن بلغم سان گڏ خون اچي، گرم بخار، اسهال ۽ هيٺين ڏڙ تي سوڄ اچي وڃي.

آئيوڊيم Iodium 200: هي دوا غدودن جي ٽي بي ۾ مؤثر آهي. غدود خواهه ڪنڌ جا هجن يا آنڊن جا. بخار ۽ ڪنگهه مسلسل رهن.

سليشيا Silicia 200: بلغمي مزاج ڪراڙن ماڻهن يا ننڍن ٻارن جي لاءِ خاص طور تي مفيد آهي. ڪنگهه ليٽڻ تي وڌيڪ. بلغم بدبودار ۽ پونءِ دار، پيرن، ٽنگن ۽ متي تي پگهر گهڻو اچي. اگرچه پير هميشه ٿڌا رهندا آهن. بدن تي جاءِ جاءِ تي ٻي جا زخم ٺجي ويندا آهن - سليشيا جي استعمال ۾ تمام احتياط جي ضرورت آهي. جن مريضن کي ڦڦڙن جا پراڻا زخم هجن انهن کي سليشيا نه ڏجي.

برائي اونيا Bryionia 30,200: هلڪو هلڪو مسلسل بخار يا مُدي جهڙو بخار. خشڪ ڪنگهه، سيني ۾ سور ۽ ساهه ۾ تنگي.

اسٽينم Stanium 200: شديد خُشڪ ڪنگهه. ڏينهن جو سبزي مائل، مٺو مٺو بلغم، سينو ڪمزور ۽ ڏکڻ رهي - شام جو بخار تيز رات جو پگهر اچن، خصوصاً متي ۽ ڪنڌ تي.

<u>**فيلنبريم** Phylendrium 30</u>: کنگهہ سان گڏ ڪثرت سان بدبودار بلغم اچي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن خون آلود بہ هجي. ساڄي ڇاتيءَ جي آڏو سور جون ناتون اُٿي ڪري سيني جي آرپار اچن. تيز بخار. اسهالن جي درجي ۾ مفيد آهي.

<u>**اڪاليفا انڊيڪا** Acalypha Indica 3x</u>: بلغم سان گڏ خون اچي، جيڪو صبح جي وقت صاف، سرخ ۽ ٿورو هجي ۽ منجهند جو سياهي مائل.

<u>**ڊروسيرا** Drosera 200</u>: نڙگهٽ جي ٽي بي، شديد دوري واري کنگهہ، جنهن سان گڏ سيني ۾ سور ٿئي ۽ بلغم خون آلود هجي.

<u>**هيپر سلف** Heper Sulph 200</u>: ڳلو ويٺل، کوکلي کنگهہ بلغم ۾ ريشو ڪڏهن ڪڏهن خون ليٽڻ سان ساهہ جي تڪليف، رات جو پڇهر گهٽو مريض کي گرمين ۾ بہ سردي لڳي. شروعات ۾ بهتر ڪم ڪندي آهي.

<u>**آئيوڊوفارم** Iodoform 30</u>: سيني تي بوجهہ، ساڄي ڦڦڙ ۾ سور، سمهندي وقت خرڪو ۽ کنگهہ، بلغم خون آلود. ساهہ ۾ تنگي. آئيوڊوفارم دماغ جي پردي جي ٽي بي ۾ بہ مفيد ثابت ٿيندي

<u>**هيلڪس ٽوسٽا** Helix Tosta 3x</u>: بلغم سان گڏ خون اچڻ کي روڪڻ لاءِ مفيد آهي.

<u>**ڪلڪيريا آئيوڊائيڊ** Calc. Iodide 30</u>: گرم طبع، جنهن کي بند ڪمري ۾ گهبراهٽ ٿئي ۽ نڙگهٽ جي ٽي بي هجي.

<u>**لائيڪوپوڊيم** Lycopodium 200</u>: مزمن بدهاضمو ريح، آڦري، شام جو سيني تڪليفن ۾ اضافو.


<u>**اينٽم ٽارٽ** Ant: tart 200</u>: سينو بلغم سان ڀريل هجي، ليڪن ڦڦڙ ڪمزوريءَ سبب انهن کي نہ ڪڍي سگهن.

<u>**آرسينڪ آئيوڊائيڊ** Arsenic Iodide 30</u>: کنگهہ سان گڏ ڳلو ويٺل، پونءِ دار بلغم، تيز بخار جسماني ۽ قلبي نقاهت.

<u>**گيلڪ ايسڊ** Galic Acid 30</u>: سيني ۾ سور، بلغم سان گڏ خون. رات جو پڇهر مريض بي چين، تنهائي ۽ اڪيلائيءَ ۾ ڊڄي.

# باب ٻارهون

## دل ۽ رت جي دوري جو نظام
## Heart and Circulatory System of Blood




آڪسيجن ۽ غذا انساني جسم جون ٻه اهم ضرورتون آهن. غذا جسم کي خوراڪ (اينڌن) ۽ آڪسيجن ان خوراڪ کي استعمال (ٻارڻ) ڪرڻ لاءِ هوندي آهي. جسم جي هر خليي کي انهن ٻنهي شين جي ضرورت پوندي آهي. جسم جي هر خليي کي آڪسيجن ۽ خوراڪ پهچائڻ جي ذميواري رت (Blood) جي آهي ۽ وري اهو ڪم رت جي گردش سان انجام پاتو ويندو آهي. ان سان گڏ ان جي ذريعي جسم جي غير ضروري عنصرن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ويندو آهي. خون جسم جي درجہ حرارت کي متوازن رکڻ جي معاونت بہ ڪندو آهي. آڪسيجن جي ترسيل جو ڪمُ سُرخ خليا ڪندا آهن. جِسم جي وباءِيت جي مَرضن جي جراثيم کان تِحفظ عَطا ڪرڻ وارن (Anti bodies) جي ترسيل پلازمہ جي ذريعي ٿيندي آهي. خُون آنديءِ ۾ جمع شده ڪاڏي کي حرڪت پذير ڪندو آهي ۽ ضروري جڳهن تي پهچائيندو آهي ۽ هي هارمون کي بہ حرڪت پذير ڪندو آهي ۽ جيڪي اندروني غدود (Endocrine) جي ريزش ۾ پئدا ٿيندا آهن. اگر جسم زخمي ٿي پوي ۽ خون جي خلين کي نقصان پهچي تہ خون جي ذريعي آٽڻ وارن عنصرن جو ڪم خون جمڻ ۾ امدادبهم پهچائيندا آهن ۽ نئين کل تيار ٿيڻ جو عمل شروع ٿي ويندو آهي. جِسمو ۾ ميٽابولزم (Metabolism) جي ذريعي

پئدا ٿيڻ واري درجئہ حرارت کي خون جي پلازمہ جي ذريعي حرڪت عَطا ٿيندي آهي. هي خون ئي آهي جيڪو غير ضروري فاسد ماده گردي تائين کڻي ويندو آهي جتان اُهي پيشاب جي رستي ٻاهر نڪري ويندا آهن.


جِسم ۾ خون جي گردش صرف هڪ طرف يا پاسي ۾ ئي ٿيندي آهي. ان نظام کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ذِميواري دل جي والور (Valves) جي هوندي آهي، پر جي اهي خون کي ڪنهن غلط طرف موڪلڻ لڳن تہ هي خود بخود بند ٿي ويندا آهن. جِسم ۾ آڪسيجن خلين جي ذريعي ، باريڪ ۽ سنهن ريشن تائين کڻي ويندي آهي. پوءِ خون جي واپسيءَ جو سفر شروع ٿيندو آهي. پهرين هي سفر نهايت ننڍين خلين (Tissues) جي رستي ٿيندو آهي. پوءِ وڏين نَسُن ۽ آخر ۾ اعليٰ برتر شريانين جي رستي هلڪين شريانين تائين ويندو آهي. آڪسيجن جو هِڪجا ٿيڻ ۽ گردِش جو عمل ٻيهر شروع ڪرڻ جي لاءِ خون (رت) کي ڦڦڙن ۾ (پَمپ) ڪيو ويندو آهي.

خون جي گردش کي هڪ پيچيده عمل جي ذريعي برقرار رکيو ويندو آهي. هي عمل خون کي جِسم جي هر پاسي پمپ ڪرڻ ۽ ان جي لاءِ دٻاءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ تي منحصر آهي. ان طريقہ ڪار جو مرڪز دل آهي. 60 سيڪنڊ ۾ دل ۾ ٿيڻ واري هر ڌڙڪن مان 5 ليٽر خون هڪ پيچيده عمل جي ذريعي سڄي جسم ۾ پهچايو ويندو آهي. اُن سڪڙڻ جي ذريعي خون دل جي ساڄي حصي کان ڦڦڙن ۾ ۽ کٻي طرف کان اعليٰ ۽ برتر شريان ۾ ويندو آهي جيڪا جسم جي سڀ کان وڏي شريان آهي. خون دِل کان ڦڦڙن ۾ مُهين شريانين جي ذريعي داخل ٿيندو آهي. اِتي خُون ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ڇڏيندو ۽ آڪسيجن وٺندو آهي.

آڪسيجن سان ڀرپور خون ڦڦڙن جي شريانين کان ٿي ڪري کٻي حصي طرف موٽندو آهي. پوءِ اعليٰ ۽ برتر شريان جي ذريعي جسم جي تمام حِصن ۾ تقسيم ٿي ويندو آهي. ايتري تائين جو ننڍي کان ننڍو خليو بہ آڪسيجن آميز خون حاصل ڪري وٺندو آهي.

دل پنهنجي لاءِ خود بہ آڪسيجن ڪافي مقدار ۾ هڪ جاءِ ڪري ڇڏيندي آهي ڇاڪاڻ تہ دل انسان جي زندگيءَ جي ابتدا کان انتها تائين بلا تاخير مُسلسل ڪم ڪندي آهي.

## وڏي شريان جي خرابي Aortic Incompetence





وڏي شريان جو والوَ (Valve) جيڪو دل جي خاص پمپنگ حِصي جي دروازي پرسان لڳل هوندو آهي اهو ڍلهو ٿي ويندو آهي ۽ ٺيڪ طرح بند نہ ٿي سگهندو آهي. مريض خون جي بيقاعِده وهڪري سبب سَاھ جي ڪمي محسوس ڪندو آهي.

آرسينڪ آئيوڊائيڊ Arsenic Iodide 30: دَائمي ايروٽائيٽس. وڏي شريان جي سوج. ڪراڙپ جي ماريل دل ۾ چربيءَ جي خرابي لاءِ.

آرم ميٽ Aurm met 30: دل جي ديوارن جي سخت ٿي وَڃڻ جي هِڪَ لاجواب دوا. خون جو دَٻاءُ مٿي- آريٽريواسڪليروڪس-شريان جي تڪليف

## وڏي شريان جي والو ۾ سوزش Aortic Valve Stenosis




ايروٽڪ والو جي دروازي تي سوڄ اچي ويندي آهي ۽ والَ تنگ ٿي ويندا آهن. خونَ جي دل ۽ دماغ جي شريانن ۾ اڳتي جي گردِش جو دروازو بند ٿي ويندو آهي. انجي ڪري انجائنا پيڪٽورس، محنت کان بيهوشي، سَاھ کٽڻ ۾ دِقت ۽ ويهڻ کان پوءِ اُٿي بيهڻ تي چڪر بہ اچي سگهي ٿو.

آرسينڪ آئيوڊائيڊ Arsenic Iodide 30: هي دوا هدايت ڪردَہ ڪنهن

بي دوا کان علاوه ڪاڏي ڪائڻ کان اڌ ڪلاڪ پوءِ ڏينهن ۾ ٻه دفعا ڪارايو. دائمي ايرو تائيٽس، ڪراڙپ جي ماريل دل، دل جي پٽن جي شديد سوزش ۽ چربيءَ جي زيادتي ۽ بگاڙ هي دوا اڪثر امراض قلب ۾ خاص طور تي ڏني وڃي. نبض هلڪي ڏني ويندي آهي. دل جي ناگوار ڌڙڪڻ ٿيندي آهي. ڏاڪڻيون چڙهڻ ۾ سهڪي پوي.

اسپائيڊو اسپرما Aspido Sperma 30: ڏوڙو پوڻ تي هر ڪلاڪ تي ڏهه ڦڙا مڌر ٽنڪچر ڏنو وڃي، جڏهن آرام نه اچي. ڦڦڙن جي نالي ۾ سُڪڙڻ جي هڪ تير بهدف دوا، دَمُ قلڻ سان گڏ شريان ۾ انجماد خون.


آرم ميٽ Aurm met 30: ڪُراڙي ماڻهوءَ جي دل جي ديوارن جو سخت ٿي وڃڻ، دائمي گِنٺيا. جيڪو هڪ جوڙ کان ٻئي جوڙ تائين ڦهلجي. انجي ڪري دل جو انجائنا پيڪٽورس (Anjina Pectoris)

## مقويءَ دل Heart Tonic

ڪريٽيگس Cractages: مڌر ٽنڪچر جو لڳاتار استعمال ڪيو وڃي ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا دفعا. دل جو دائمي مرض، دل جو ڦهلاءُ، ٿورڙي محنت سان دَمُ ڦُلي.

ڊجي ٽيلس Digitalis 30: دل جي لاءِ ٽانڪ آهي. دل جي لاءِ ڪارگر آهي. نبض انتهائي مڌم، بي قاعده، چمڙي نيري، چَپَ نيرا. دل جي مرضن ۾ دماغ، ڦڦڙ، پيٽ ۾ جلندر (Dropsy)، پيرن ۾ سوڄ. آگريون ۽ پير ٿڌا ۽ سُن.

## جلڻ Burning



ايسيٽڪ ايسڊ Acetic Acid 30: سيني ۽ پيٽ ۾ شديد جلڻ ان کانپوءِ چمڙي سرد ۽ پيشانيءَ تي ٿڌو پگهر.

چوندا آهن. ڪنهن صحت مند شخص جو معمول جي خون جو دٻاءُ 80/120 ميٽر جي حد ۾ هجڻ کپي. اگر مسلسل Systolic يا Dystolic بلڊ پريشر 90/140 جي حَدَ کان مٿي رهي تہ ان کي خون جي دَٻاءَ جي حالت مجڻ کپي. اهڙي ماڻهوءَ کي ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ کپي. 95/160 کان مٿي جي حَد خطرناڪ تَصُور ڪئي ويندي آهي.

هيٺين ڳالهين سان خون جي دٻاءَ جي حَد ۾ تبديلي آڻي سگهجي ٿي.

1. مٿي بيان ڪيل آهي تہ شريانين ۾ خون جي وهڪري جي ڪري دَٻاءُ پئدا ٿيندو آهي. اهو دَٻاءُ شريانين جي سڪڙجندي اندورني گهيري ۾ رڪاوٽ جي مطابق وڌندو آهي.

2. خون جو اهو مقدار جيڪو دل کي هِڪَ طئي شده عَرصي ۾ پمپ (Pump) ڪرڻو هوندو آهي ۽ جسم ۾ ميسر خون جي مجموعي جسامَتَ. ان سلسلي ۾ اهم ترين اجزا آهن. دل جي هر ڌَڙڪَڻَ سان گڏ پمپ ڪيو ويندڙ خون جو مقدار ذهني ڪشيدگي ۽ ڪثرت جي ڪري جسم جي طَبعي ضرورت ۽ ٻيا ڪيترائي سَبب آهن جنهن ڪري خون جو مقدار بدلبو رهندو آهي.

3. مختلف غدودن ذريعي تيار ٿيل هارمون (Harmone) ۽ گردن جي ذريعي تيار ٿيل انزائيم (Enzymes) جي سبب خون جي خلين ۾ سڪڙڻ ايندي آهي. خون جي جسامت وڌي ويندي آهي. انجي ڪري قلبي عروق (Cardio Vascullar) ۾ تبديلي ايندي آهي، نتيجي طور خون جي دٻاءَ جي سطح ۾ تبديلي ٿيندي رهندي آهي.

## عِلاج Treatment

آرم ميٽ Aurm met 30,200: ذهني ڪشادگيءَ جي ردعمل سان گڏ اهڙو احساس گويا دل جي ڌَڙڪَڻَ چند گهڙين لاءِ بند ٿي وئي هجي. پيٽ جي درمياني مٿين حِصي ۾ ڪمزوري ۽ بي چيني. نبض تيز يا گهٽ، بيقاعده، تيز مٿي جو سور، مٿي جَماءُ، بيٺي نظر ۽ ننڊ نہ اچي.

گلونائين Glonion 200: مٿي ۽ دل ۾ خون جو سيلاب، گهبراهٽ سان گڏ مٿو چڪرائي، گردش خون ۾ تيزي ۽ بيقاعدگي. آڱرين جي پورن تائين پوري جِسم ۾ ڌڙڪو دل کي پنهنجي ڪم ۾ دِقت، محنت ڪرڻ تي بيهودي

۾ ناگوار ڌڙڪڻ ۾ دَمُ ڦلي.

<u>ليڪسس Lachasis 200</u>: ايام حيض، يا انجي برعڪس خون جو دٻاءُ اوچو (وڌيل)، دل جي ناگوار ڌڙڪڻ. سيني ۾ سڪڙڻ جو احساس، گويا دٻايو وڃي رهيو هجي. پيرن جي ٿڌي هجڻ سان گڏ خون جي دِل جي طرف سيلاب، ڪنگهه ڪان ٻانهن يا بواسير ۾ سُور.

<u>لائيڪوپس Lycopus 30</u>: هائپر ٽينشن، دل جو عمل تيز ۽ طاقتور، گِنٺيا جو سور، دل جي خرابي سان گڏ دَمُ.

<u>پلمبم ميٽ Plumbum met 30</u>: آرٽيريو اسڪليروسِس سان گڏ خون جو دَٻاءُ مَٿي، دل ڪمزور ۽ نبض ڪمزور.

<u>سينگونيريا Sangoneria 30</u>: بُخار جي شدت ۾ ڳِلن جي محدود سُرخي سان گڏ ايام حيض دوران خون جو دٻاءُ مَٿي، لَونڊڙيءَ جي نسن جو ڦهلاءُ، مٿي جي پوئين حِصي ۾ سور ۽ ترِيُن تي جَلڻ.

<u>وريٽرم ورائيڊ Veretrum viride 30</u>: سسٽولڪ ۽ ڊائيسٽولڪ خون جي ٻنهي دٻاءَ ۾ هيٺ لاهڻ ۾ مدد ڪندي آهي. دماغ جي بنياد ۾ ڦڦڙن جي سڪڙڻ ۾ ڪمي آڻيندي آهي.

## خَون جو دَٻاءُ گهٽ Blood Pressure Low

خون جي دَٻاءَ گهٽجڻ جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا انجي ڪري ڪمزوري ٿي سگهي ٿي.

## عِلاج Treatment

<u>ڪيڪٽس Cactus 30</u>: هنگامي صورتحال ۾ مدّر ٽنڪچر هر اڌ ڪلاڪ ۾ 10 بوندون پاڻيءَ ۾، خون جو دَٻاءُ گهٽ ڪرڻ تي نبض ڪمزور، بيقاعده تيز مگر ڪمزور، دل، پيٽ ۾ گئس. دَمُ (ساهه ڦلي) چڪرن سان گڏ شديد ڌڙڪَڻ، دل جي چوڌاري سُڪڙڻ، چيڊ ڪرڻ وارو سور، دل جي ڪارڪردگيءَ ۾ خرابي ۽ چهرو نيرو.

<u>ڪيفين Caffeene 200</u>: دِل جا پَٺا (Muscles) انتهائي ڪمزور، دل جي ڌڙڪَڻ بند ٿيڻ جو خدشو، خُون جو دَٻاءُ گهٽ ۽ نبض جي رفتار مدّم.

**اوگزيلڪ ايسڊ Oxalic acid 30**: دل جي مرض (Angina Pectoris) ۾ آواز جو ختم ٿي وڃڻ، اچانڪ ڪَبي ڦڦڙ ۾ تَاڻَ ان سان گڏ مريض جو سَاهه چڙهي وَڃي.

**فلنڊرينم Philindrinum**: سيني جي کبي طرف سور. سيني جي هَڏي (Breast bone) يرسان چِيڻ جو سور جيڪو ڪلهن ۽ پُٺيءَ تائين ڦِهلجي. ڪافي مقدار ۾ نڪرندڙ بدبودار بلغم سان گڏ کنگهه.

**فائٽو لاڪا Phyttolloca 30**: ڪڌهن دل جي حلقي ۾ ڪڏهن کبي ٻانهن ۾ درد جو حملو.


**اسپائي جيليا Spigelia 200**: پيري ڪارڊائيٽس. چيڀڙ جي سور سان دل کي ڍڪڻ واري جاري ۾ سوج. دل جي شديد ناگوار ڌڙڪڻ جا مسلسل دؤرا. تازا شديد دؤره.

**اسپونجيا Spongia 30**: مريض اچانڪ اڌ رات جي وقت سور ۽ دم گهٽجڻ جي ڪري اُٿي ويهي. دل کان سيني تائين اٿڻ واري لهر گويا دل ٻاهر نڪري پوي.

**ٽوبيڪم Tobacum 200**: انجائنا پيڪٽورس ۾ صدمو يا شديد جسماني محنت جي ڪري سور. نبض پڪڙ ۾ نہ اچي ۽ دل جو تازو شديد ڦهلاءُ.

**ٿائيرا ڊينم Thyrodinium 30**: دل جي غير معمولي ڌڙڪڻ سان گڏ تيز سور. نبض تيز ٽڪي ڪارڊيا. (Ticky Cardia)

## دل جي والوز جي چارين ۾ سوج (Endocarditis)




دل جي سوراخ جي سطحن ۽ دل جي والوز جي سوج سان گڏ جراثيمي وبائيت. هي مرض تازو بہ ٿي سگهي ٿو ۽ دائمي بہ. شديد وبائيت جي حالت

۾ درجہ حرارت اچانڪ وڌي ويندو آهي ۽ بخار بہ ڪافي وڌي ويندو آهي. دل ۾ نقص بہ پئدا ٿي ويندو آهي.

دائمي Endo cardits جون علامتون وڌيڪ واضع هونديون آهن. جن ۾ عام طور تي سور رهندو آهي، بک ناهي لڳندي ۽ وزن ۾ گهٽتائي ٿي ويندي آهي، هلڪو هلڪو بخار رهندو آهي ۽ رات ۾ پگهر ايندو آهي. هي مرض ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي مگر آهي تمام خطرناڪ. ان لاءِ ماهر ڊاڪٽر کان مشورو وٺجي.

## عِلاج Treatment

**ايڪو نائيٽ** Aconite 30: تيز بخار، دل ۾ ڦڦڙ ۾ ٻنهيءَ ۾ سڪڙڻ، دل جي ناگوار ڌڙڪڻ، چمڙيءَ جي نيراڻ ۽ بيهوشي سان گڏ ڏڪڻي، دماغ جو عارضي Cereberalanemis يا دل جي رڪجي وڃڻ سان ڪجهہ دير لاءِ هوش گم ٿي ويندو آهي.

**ڪيڪٽس** Cactus 30: شديد سڪڙڻ، دل ٺيڪ طرح سان ڪم نہ ڪري، ساهہ کڻڻ ۾ دقت، چهرو نيرو، نبض تيز ڌڙڪڻ واري تاٽيل ۽ سخت ۽ دل جي اندروني سطح ۾ هلڪو آواز. دل جي اڪثر تڪليفن لاءِ لاجواب دوا.

**ڪالميا** Kalmia 30: اينڊوڪار ڊائيٽس ۽ جوڙن جو ڳنٺيا گڏ گڏ، سنڌن جو سور جيڪو هڪ عضووي کان ٻي عضووي ۾ اچي وڃي. دل جي آس پاس شديد سور، ساهہ اڙي وڃي، سيني ۽ دل ۾ ڪڏهن ڪڏهن تکو سور، تيز ڌڙڪڻ، نبض تيز، سڌي ويهڻ سان آرام جهڪي ويهي ۽ کٻي طرف ليٽڻ سان حالت بدتر.

**ناساٽرپائينڊس** Nasatripedunus 30: ناگوار ڌڙڪڻ، ساهہ کڻڻ ۾ دقت، دل جي آس پاس ڇيڙ جو سور، پريشاني ۽ موت جي خوف سان گڏ کنڌ کٻي ڪلهي ۽ کٻي ٻانهن تائين ڦهلاءُ.

**انجائنا جو سور** Angina petoris: دل جي لقووي جو خدشو جسم ٿڌو نبض مڌم، ڪمزور ۽ بيقاعده، ڏڪندڙ وبائي مرض کان پوءِ دل جي بگڙيل حالت، گهري مايوسي، گهري سستي، ٿڪاوٽ، تيز ۽ دائمي اينڊوڪار ڊائيٽس کليل هوا ۾ ٽهلڻ سان آرام.

آرنيڪا آرام پهچائيندي آهي ۽ دل جي زخم کي ڀريندي آهي. مريض چڙچڙو تي وڃي ۽ اڪيلو رهڻ چاهي ۽ رات جو ڊجي ۽ موت جو خدشو رهي.

بوٿروپس Bothrops 30: خون جي جميل ٽبڪي کي ڳارڻ ۾ معاون.


ڪيڪٽس Cactus 30: باقائده استعمال جي لاءِ هنگامي صورت ۾ هر اڌ ڪلاڪ ۾ 10 قطرا مدرٽنڪچر استعمال ڪريو. جيستائين حالت نہ سڌري دل ۾ سڪڙڻ جيئن ڪنهن پٽي سان دٻايل هجي. دل جي ايراضيءَ ۾ لڳاتار سور اهڙو احساس گويا دل کي بڌي ڇڏيو هجي ۽ ان کي ڌڙڪڻ لاءِ جاءِ نہ هجي، جيئن ساهہ کڻڻ ۾ رڪاوٽ. ڪڏهن پاسي نہ ليٽي سگهي، چهرو نيرو نبض تيز ڌڙڪندڙ تاٽيل ۽ سخت. ڪيڪٽس دل جي عمل ۾ باقاعدگي آڻيندي آهي.

ليڪسس Lechasis 200: شديد ڪورنري ٽرومبوسس، دل ۾ شديد گهٽڻ جو احساس، سيني ۾ سڪڙڻ مريض ڳلي يا سيني تي ڪو دٻاءُ برداشت نہ ڪري سگهي. جاڳي پوڻ بعد بسترو ڇڏڻ تي مجبور ٿي پوي، کابو ڪلهو سن ٿي وڃي، ننڊ ۾ مرض وڌي وڃي. دائمي مرض ۾ بہ هي دوا موزون آهي.

ليلم ٽگ Lillum tig 200: اهو احساس گويا دل کي شڪنجي ۾ جڪڙيو ويو هجي. هرهر اهو احساس گويا دل بند ٿي وڃي، گڏ ئي فوراً بعد دل ۾ خون جي گردش تيز شديد ناگوار ڌڙڪڻ.

منو منو سور ڳئورو ڳئورو جڻ دل هرهر سڪڙجڻ يا ڦهلجڻ تي مجبور ٿي رهي هجي. سور ڪڏهن پستان مان ٿيندو هجي. سيني تائين وڃي پوءِ پٺي تائين، ٽڌا هٿَ، ٽڌو پگهر، ٿورڙو بہ ڪائڻ تي حالت بدتر.

## دل جي بيقاعده ڌڙڪڻ Artrial Fibrillation



دل جي بيقاعده ڌڙڪڻ ۾ ڪڏهن ڪنهن قسم جي علامت


نظر نہ اچي، عموماً دم قلي ۾ ڌڙڪڻ تيز ٿي وڃي.

## علاج Treatment

**ڪريٽگس Cratages30** : مڌر ٽنڪچر ڏهہ بوندون ڏينهن ۾ چار دفعا. هي دوا وڏيڪ عرصي تائين ڏجي. دل جو ٽانڪ آهي انتهائي ڪمزوري سان گڏ دل جي بيقاعده ڌڙڪڻ. دل جو عمل آهستي بي قاعده ۽ ٿورڙي ٿڪاوٽ تي بہ دم ٿئي.

**ڊجيٽلس Digitalis 30**: دل جي ڦهلجڻ جي مرض ۾ دل ٿڪل بيقاعده ۽ آهستي آهستي ڌڙڪي، گڏ ئي نبض، بيروني ۽ اندروني حيض جو جلندر.

## دل جي ڌڙڪڻ سست Brady Cardia





| Heart Rate | Rhythm | P Wave | PR Interval | QRS |
|---|---|---|---|---|
| <60 bpm | Regular | Before each QRS, identical | .12 to .20 | <.12 |

دل جي آهستي آهستي ڌڙڪڻ جي احساس سان هن مرض ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ ان سان بيهوشي يا موت بہ واقع ٿي سگهي ٿو عموماً رانديگر يا ضعيف بريڊي ڪارڊيا جي مرض جا شڪار هوندا آهن.

## علاج Treatment


**ڊجيٽلس Digitalis 30**: دل کي مشتعل ڪرڻ جي لاءِ مڌر ٽنڪچر جي هڪ خوراڪ. نبض ڪمزور مگر ٿورڙو هلڻ ڦرڻ تي بہ مشتعل ٿي وڃي. اچانڪ اهو احساس تہ دل جي حرڪت رڪجي وئي آهي، ٿورڙي هلڻ ڦرڻ تي بہ دل ۾ تيز ناگوار ڌڪڻي.


## سڪڙڻ Constricton



<u>ڪيڪٽس Cactus 30.Q</u>: هر اڌ ڪلاڪ بعد 10 قطرا مڌر ٽنڪچر جڏهن تہ حالت معمول تي نہ اچي. عام استعمال جي لاءِ 30 طاقت. دم گهٽجڻ سان انجائنا پيڪٽورس، تڏو پگهر، هميشہ لوهہ جي پٽي جي ڪسجڻ جو احساس، سور ڪيي ڪلهي ڪان ئي هيٺ وڃي جڻ ڪالر سوڙها هجن. مٿي ۽ سيني جو شديد جماءُ (Congestcon).

## سوزش غلاف قلب Pericarditis




دل جي چئني طرفن ڪان ڍڪيل هجي، جاريءَ جي سوڄ ۽ ان ۾ سور ڪورنري ٿرومبوسس جيان ساهہ کڻڻ ۾ ڪافي دقت پيٽ ۽ گوڏن تي سوڄ.

## عِلاج Treatment

<u>برائي اونيا Bryionia 200</u>: پيٽ جي مشڪن ۾ سور ۽ پيڏين جي سوڄ سان گڏ چڪ آميز پيريڪار ڊائيٽس، سيني ۾ تاڻ. نبض مضبوط سڌي، ليٽي رهڻ سان آرام، ٿورڙي هلڻ ڦرڻ تي حالت بدتر.

<u>ڪالچي ڪم Colchicum 30</u>: دائمي ريوميٽڪ، معاملات ۾ پيري ڪارڊائيٽس، سيني ۾ ڪٽيندڙ ڏنگ هڻندڙ شديد سور، سَاهہ کڻڻ وقت


## Treatment عِلاج

**اپيس** Apis 200: خاص طور تي ڄنگهہ جي درمياني هيٺين حِصي ۾ تيز واري ٿرمبوسس جي لاءِ ڄنگهہ يا ٽنگ جي اندروني حِصي ۾ ڳورائپ سان گڏ حِساس انگيز اشتعال.

**بوٿروپس** Bothrops 200: دل جي ڪنهن بہ شريان ۾ تيز واري ٿرمبوسس لاءِ لاجواب دوا آهي. سُجيل چمڙي جي سطح هيٺان سيلان خون جي ڪري سُرمئي رنگ يا تڏ جو احساس.

**ليڪسِس** Lachasis 200: خَون جي مٿين دَٻاءَ سان گڏ ٿرمبوسس. مرض رات جي وقت ۾ اُيري. کٻي طرف دَٻائڻ يا پوءِ ڇِڪَ تيز تي حالت بدتر.

## Aneurysm شريانين جو ڦهلاءُ




مشتعل طور تي دل يا شريانين جو ڦهلاءُ. جڏهن خون جو دباءُ وڏي يا شريان ڪمزور يا بيمار هجي تہ ان ۾ مقامي طور تي سوج اچي سگهي ٿي. عام طور تي ڇاتي ۽ پيٽ جي خاص شريان جنهن کي وڏي شريان (Aorta) چوندا آهن. متاثر ٿيندي آهي. اينوريزم جي مريض جي سيني ۾ سور ٿئي ۽ هو وڏا سَاهہ نہ کڻي سگهي. اگر نَسن جو اهو حِصو سُجيل هجي ۽ ڦاٽي پوي تہ فوري طور تي سرجري جي ضرورت پوندي آهي.

## Treatment عِلاج

**برائٽا ڪارب** Baryta Carb 200: سيني ۾ ڇيندڙ سور جيڪو سَاهہ کڻڻ تي وڌي. دل جي آس پاس ڌَڪڻ. بيچيني، جيڪا کٻي طرف وڌي وَڃي.

آواز گم ۽ دائمي مرض.

**ڪلڪ فلور Calc. Flour 200**: هر روز هڪ خوراڪ. خُون جي ڦهليل پاسي، شريان جي ڦهلاءَ ۽ سوڄ جي لاجواب دَوا.

**لائيڪوپوڊيم Lycopodium 200**: شريان جي ڦهلاءَ جي مرض جي خاص دَوا آهي. دل جي ناگوار ڌڙڪڻ جيڪا رات جو تيز ٿي وڃي.

## عضلاتِ قلب ۾ ورم Myocarditis




دل جي عضلات ۾ شديد سوڄ جنهن سان ڌڙڪڻ ناگوار ٿي ويندي آهي. سَاهه کڻڻ ۾ دِقت ٿيندي آهي ۽ سيني ۾ سور ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مايوڪارڊائيٽس کان دل جي عضلات ۾ هميشه جي لاءِ نقصان ٿي پوندو آهي.

## عِلاج Treatment

**آرسينڪ آيوڊائيڊ Arsenic Iodide 30**: مايوڪارڊائيٽس ضعيف ۽ مرض زده دل، چربيءَ جو جماءُ ۽ خرابي. دل جي عضلات جي دائمي ڪمزوري، بيهوش ٿي وڃڻ جي فطرت سان گڏ. بيقاعِده ڦڙڪو ڌاڪڻ جي مٿي وڃڻ تي سَاهه کڻڻ ۾ دِقت. دل جي پاسي ۾ پنيءَ طرف ڦهلجي ۽ شديد سور.

**ڊجي ٽيلس Digitalus**: حَالتَ تي ڪنٽرول رکڻ جي لاءِ شديد دؤري ۾ مدّر ٽنڪچر پندرهن پندرهن بوندون هر اڌ ڪلاڪ ۾ کَنڊ يا مانيءَ ۾ جيئن ئي ڌَڙڪَڻ هر منٽ تي 80 تي وَڃِي خوراڪ جو درمياني وقفو وڌائي ڇڏجي. ڊجيٽيلس مدّرٽنڪچر وٺڻ بعد ڪوبہ مشروب ڪجهه وقت نہ وٺڻ کپي.

مايوڪارڊيم (Myo Cardium) يعني دل جي عَضلات ۾ ڪمزوري ۽ ان جو ڦهلاءُ، دل جي عَضلات (Inflamation) اچانڪ نبض ڪمزور، بيقاعده،


**ڪيڪٽس Cactus**: مڌرٽنڪچر هنگامي حالت ۾ هر اڌ ڪلاڪ تي 10 بوندون پاڻيءَ ۾ جيستائين حالت معمول تي نہ اچي. دل جو لوھ جي پٽي سان جڪڙيل هجڻ جو احساس، انجائنا پيڪٽورس جي لاءِ بيمثال دوا. شديد سور جَڪڙ، سور کبي ٻانهن ۾ هيٺين طرف ڦهلجي، چهرو نيرو ۽ کبي ٻانهن سُنُ.

**ڪريٽيگس Cratagies**: مڌرٽنڪچر ڏينهن ۾ چار دفعا، اضافي ڪان بغير، سَاھ کڻڻ ۾ انتهائي تڪليف. دل جي لاءِ ٽانڪ. دل جي شريانين کي مضبوط ڪرڻ ۽ تدارڪ مرض جي صورت ۾ طويل عرصي تائين ونڻ کپي.

**ڪيوپرم ايسيٽيٽ 30 Cuperm aceteti**: مريض جي مشتعل ٿيڻ جي حالت ۾ انجائنا جو حملو ساھ کڻڻ ۾ دِقت ۽ رڪجي رڪجي ڪري ۽ جهٽڪي سان گڏ دِل جي ڇڪ.

**گلونائين 200 Glonione**: هنگامي صورتحال ۾ پنج بوندون مڌرٽنڪچر ملڪ شگر ۾ هرهر ڏيو. چڙهائي چڙهندي وقت سور جو حملو ڪنهن بہ طرح جي محنت، دل ۾ خون جو سيلاب ۽ بيهوشي جا دؤرا. نبض مڌم، چمڙي زرد. انجائنا پيڪٽورسِ جو هنگامي صورت ۾ علاج.

## نبض تيز / هلڪي Pulse Rapid/Slow




**ايبس نائيگرا 200 Abies nigra**: نبض جي غير معمولي تيز ڌڙڪڻ (Ticky-Cardia).

**ايڪونائيٽ 30 Aconite**: نبض جي غير معمولي ڌَڙڪڻ. مريض خوفزده، فڪرمند. آڱرين ۾ سُنُ پڻ ۽ سرڪو.

**ڪيڪٽس 30 Cactus**: شديد ۽ تيز ڌَڙڪڻ سان دل جي حَلقي جي اندروني جَلدِ (Lining) جي سڪڙڻ، نبض ۾ بيقاعدگي، ناگوار ڌڙڪڻ، دل ۾

چڪَ جو سور، ڪبي ٻانهن سُنُ. ڪبي ٻانهن، ڪبي پير ۽ ڪبي ٽنگ ۾ سوڄ.

ڊجيٽيلس Digitalis 30: ڪنڌ يا پاٺي ۾ پندرهن پندرهن بوندون مٽرڻڪچر. نبض جي معمول تي ايندي ئي خوراڪ گهٽ ڪري ڇڏجي. نبض ڪافي آهستي، نبض ڪڏهن تيز ڪڏهن آهستي ٿهلاءُ هجي. ٿڪل دل، ڪمزور دل، ساهه ۾ بيقاعدگي. دل جي جلندر جي ڪري دل جو ڪمزور ٿيڻ. چَپَ ۽ زبان نيري ۽ چمڙي نيري.

مارفينيم Maphinium 30: ڪڏهن آهستي ڪڏهن تيز.

نيٽرم ميور Nat: mur 200: دل جي غير معمولي ڌَڙڪڻ. ٽيڪي ڪارڊيا، تيز نبض ڦڙڪڻ سان گڏ. ناگوار ڌڙڪڻ، چڪ، دل جو ٿڌو محسوس ٿيڻ ۽ خون جي ڪمي.

ٽوبيڪم Tabacum 30: دل صَدمي يا سخت جسماني محنت جي ڪري دل جو شديد ٿهلاءُ ـ انجائنا جو سور.

وريٽرم البم Veretrum Album 200: نبض بيقاعده تيز دل کي مشتعل ڪري قوت حيات عطا ڪندڙ دوا.

## نيراڻ Blue

## عِلاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album 200: چَمڙيءَ جو رنگ نيرو (Cyanosis)، ڌَڙڪڻ، سور، دَمُ ڦلي صُبح جي وقت. نبض وڌيڪ تيز.

ڪاربوويج Carbo-Veg 200: خُون جو دَٻاءُ گهٽ، آڪسيجن جو ڪيميائي عمل نامڪمل، ٿڌي نيري چمڙي، هميشه ٻُکَ نه لڳي، نتيجي طور تي جسم جي نامڪمل پرورشِ.

## هنگامي صورتحال EMERGENCY

آرنيڪا Arnica 1000: انجائنا پيڪٽورس جو تازو ۽ شديد حملو ڪبي ڪُلهي ڪبي ٽوٽ ۽ دل جي آس پاس شديد سور. نبض ڪمزور ۽ بيقاعده، رُڪجي رُڪجي جهٽڪي سان گڏ دَمُ ڦُلي. ساهه کڻڻ ۾ دقت، سور گهٽ

ٽيڙ تي مريض بِنا حَرڪَت ۽ چُپ چَاپ پيو رَهي.

ڪيڪٽس Cactus: مدر ٽنڪچر هر اڌ ڪلاڪ تي 10 بوندون پاڻيءَ ۾ جيستائين حالت معمول تي نه اچي. شديد ڇِڪَ دَمُ گهُٽجي. ٿڌي پگهر ۽ ڪِبي ٻانهن تي هيٺين طرف ڦهلجڻ واري سور سان گڏ انجائنا پيڪٽورس. مريض سور سان رڙيون. چهرو سرخ ۽ نيري رنگ ۾ بدلجي. ڪِبي ٻانهن ۾ گهلجڻ جو احساس، شديد ڌڙڪڻ، خون جو دٻاءُ گهٽ.



ڪيمفرا Camphora: مدر ٽنڪچر هر ڏهن منٽ تي کنڊ ۾ 10 بوندون رومال تي وجهي سنگهايو. بيروني سطح تي ٿڌي ٿي وڃڻ سان بيهوشي تي ڪري پوڻ جي ڪيفيت (Collapse) اچانڪ مڪمل طور تي ڪمزوري دل جي هنگامي ڪيفيت ۾ استعمال جي لاءِ هڪ بهترين حيات بخش دوا.

گلونائين Glonione 200: مدرٽنڪچر پندرهن منٽ هڪ خوراڪ. شريانين جو آڪڙ، رنگ زرد. بيهوش ٿي ڪَري پوڻ جي ڪيفيت. نيري چمڙي، نبض هلڪي. دماغ ۾ خون جي ڪَمي. هنگامي صورت ۾ راحَت لاءِ.

اسپائيجيليا Spigilia 200: نئون شديد دل جو دؤرو. دل جي شديد ناگوار ڌڙڪڻ، دَمُ ڦُلي، نبض ڪمزور ۽ بيقاعده. کٻي ٻانهن يا ٻنهي ٻانهن تائين ڦِهلجي وَڃڻ وارو Neuralgia.

# باب تيرهون

## جنسي بيماريون Sexual Diseases

### مرداڻيون جنسي بيماريون : Male Sexual Diseases

انسان ۾ جنسي جذبو بہ ائين اڀرندو آهي جيئن بُکَ، ننڊ، بيداري، نفرت ۽ محبت وغيره. هڪ صحتمند انسان ۾ اهي سب شيون فطري طرح سمايل هونديون آهن.

رب العزت جي هر هڪ ڪم ۽ فرمان ۾ حڪمت ۽ مصلحت سمايل آهي. جنسي عمل پوري ڪرڻ لاءِ اسلام هن جذبي جي اهميت کي تسليم ڪندي نڪاح ڪرڻ جي ترغيب ڏني. نيز جنسي وظيفي جي ادائگي ۾ اعتدال جي راهہ اختيار ڪرڻ ۽ انهن تمام ڳالهين کان دور رهڻ جي هدايت ڪئي آهي جيڪي انسان جي فطرت ۽ صحت جي عين منافي هجن ٿيون. جنسي تقاضن کي پوري ڪرڻ ۾ ڪهڙي طرح ڪمي يا دشواري محسوس ڪري تہ ان لاءِ علاج کان گريز هرگز ناهي ڪرڻو. بهترين کان بهترين مُعالج کان علاج ڪرائجي. هڪ معروف حديث آهي تہ کُلّ داءٍ دَوَاءً. يعني هر بيماري جو قُدرت علاجُ پيدا ڪري ڇڏيو آهي يا هر بيماريءَ جو علاج ڪرڻ سنت آهي.

## حالت حيض ۽ نفاس ۾ جماع جي ممانعت

انسان ۾ جيڪا خواهش لطف اندوز ٿيڻ لاءِ رکيل آهي، مرد ۽ عورت ۾ اسلام ان لاءِ نڪاح جو طريقو رکي ڇڏيو آهي، جنهن ذريعي انسان زنا جهڙي گناهه کان بچي وڃي ٿو. نڪاح ۽ رخصتي بعد مرد ۽ عورت تنهائي ۾ گڏ ٿيندا آهن. مرد اندر بالعموم مباشرت جو جذبو شدت سان اڀرندو آهي، مرد کان صبر نه ٿيندو آهي ۽ عورت تي ٽُٽي پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن عورت حيض سان هوندي آهي پر مرد عورت کي مجبور ڪري جماع ڪندو آهي، عورت جي انڪار باوجود به جماع ڪرڻ سبب مرد ۽ عورت کي جنسي بيماريون ٿيو پوَنِ جنهن کان شريعت ۽ الله پاڪ جي پاڪ ڪتاب منع فرمايو آهي.

حالت حيض ۾ عورت سان جماع ته نٺو ڪري سگهجي پر ان سان هڪ بستر تي سمهي سگهجي ٿو انجي هٿ جو ڪاڌو پاڻي ۽ گڏ رهڻ يا سمهڻ ممنوع سمجهيو ويندو آهي مگر شريعت ۽ حڪمت ۾ سواءِ جماع جي عورت مان تمام فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا. بوسو ڪنار جي آزادي آهي. کائڻ پيئڻ ۽ گڏ ليٽڻ جي منع بلڪل نه آهي.

بعد حيض جڏهن خون بند ٿي وڃي ۽ عورت پاڪ صاف ٿئي ته جماع ڪرڻ جائز آهي.

## خلاف وضع فطرت عمل جي ممانعت

جهڙي طرح حالت حيض ۾ زال سان صحبت جائز نه آهي اهڙي طرح عورت سان پٺين پاسي (دُبر) ۾ جماع حرام آهي.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جيڪو نبين سان گڏ حڪيمن جو به سردار آهي، سختيءَ سان منع فرمائي اٿن.

## مشت زنيءَ سان مني ڪڍڻ جي منع

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي ته گڏجي

ڪاڌو ڪائڻ برڪت آهي، اڪيلائي ۾ ڪاڌو ڪائڻ پنهنجي عورتن ڪي مارڻ ۽ پنهنجي بخشش ڪي بند ڪرڻ نڪاح نہ ڪرڻ ۽ مُٺِ هڻڻ خراب عمل آهن.

## جماع جا آداب

صحبت جي وقت مرد ۽ عورت ڪي بلڪل جانورن جيان بَرهنہ (اگهاڙو) نہ ٿيڻ ڪپي، ان سان بيحياء اولاد پيدا ٿيندي آهي.

ڪنهن ڪپڙي يا چادر سان ڍڪيل هُجڻ بهتر آهي، آواز آهستي رکجي.

## جماع جو فطري طريقو

فطري طريقو اهو آهي تہ عورت هيٺان ۽ مرد مٿان هجي، قرآن پاڪ ۾ بہ ائين ئي فرمايل آهي. عورت سڌي سُمهي ۽ مرد ان مٿان ائين سُمهي جيئن عورت ڍڪجي وڃي. اهڙي طرح سان وڌيڪ راحت ۽ آساني ٿيندي، عورت ڪي بہ تڪليف نہ ٿيندي ۽ استقرار حمل لاءِ بہ اهو بهترين طريقو آهي. بوعلي سينا حڪيم بہ اهو طريقو بهترين چيو آهي، ۽ بري ۾ بُرو طريقو مرد جو هيٺيان هجڻ آهي جنهن ۾ بيماري جو تمام گهڻو خطرو هجي ٿو.

## مباشرت بعد جو عمل

جماع بعد مرد ۽ عورت ڪي پيشاب ڪرڻ ضروري آهي نہ تہ خطرناڪ مرض ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن منيءَ جو ڪو قطرو پيشاب جي نالي ۾ اٽڪيل رهجي ويندو آهي تہ سوزش ۽ زخم پيدا ڪندو آهي. مجامعت بعد عضوي ڪي ڌوئڻ ضروري آهي. خلوت جون ڳالهيون نہ ڪرڻ گهرجن بعير عسل جي ٻيهر مجامعت نہ ڪجي جماع بعد فوراً پاڻي پئيڻ نہ گهرجي.

بيهي مجامعت نہ ڪجي، صحبت وقت شرمگاھہ نہ ڏسجي، مباشرت وقت نہ ڳالهائجي، اک اُٿيل هجي تہ جماع نہ ڪجي.

## جماع ڪرڻ جو صحيح وقت

فجر کان اڳ، اسر جي وقت ۾ جڏهن رات جو کاڌو هضم ٿي ويو هُجي تہ اهو بهترين وقت آهي.

## صحبت وقت چند مختصر آداب

1 عورت ۽ مرد پاڪ ۽ صاف هُجن.

2 بسم الله پڙهي جماع ڪرڻ سان صالح اولاد پيدا ٿئي ٿو.

3 خوشبوءَ لڳائي ملڻ سنت آهي.

4 هر قسم جي بدبو مثلاً تماڪ نوشي شهوت کي مرده ۽ رغبت کي نفرت ۾ بدلي ڇڏيندي آهي.

5 صحبت وقت بلڪل بَرهَنہِ نہ ٿجي.

6 مرد انزال بعد جلديءَ ۾ عورت کان جُدا نہ ٿئي جيستائين عورت جو انزال نہ ٿو ٿئي.

## ڪثرت جماع کان ممانعت

حضرت علي عليہ السلام جو فرمان آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص ان ڳالهہ جو خواهشمند آهي تہ انجي صحت ۽ تندرستي گهڻو وقت رهي تہ ان کي گهرجي تہ صبح ۽ رات جو کاڌو کائي، قرض کان پاسو ڪري، پيرين اگهاڙي نہ گهمي ۽ عورت سان گهٽ ملي (طب نبوي)

## ســـــرعت انزال جا نقصان

ان حالت کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ مرد جيئن ئي صحبت جو ارادو ڪري يا صحبت شروع ڪري تہ انجو انزال ٿي وڃي، اهڙي صورت ۾ عورت سير نہ ٿيندي ڇاڪاڻ تہ انجو انزال نہ ٿيندو اها

حالت عورت جي لاءِ تڪليف ده هوندي آهي، هڪ ته انجو انزال نه ٿيندو يعني انکي لطف بلڪل نه ايندو نه وري حامله ٿي ٿيندي. ان مرض جو سَبب مَنيءَ جو پتڙو ٿيڻ، عضوو مخصوص جي حس (Sensitive) وڌي وڃڻ، عضوي جي نَسن جو ڪمزور ٿيڻ جيڪڏهن مني پتڙي (ڇڊي) ٿي وڃي ته مغلظ مني غذائون استعمال ڪجن ۽ عضوي جون نسون ڍليون ٿي وڃن ته طلاءِ وغيره استعمال ڪجي.

بقول حڪيم رازي : ڪثرت جماع ڪراڙن کي موت جي ننڊ، جوانن کي ڪراڙو ٽُلهن کي ڏُبرو ۽ ڏبرن کي مُرده. بس بغير شهوت صادق ۽ انتشار ڪامل جماع نه ڪرڻ کپي.

## قوت باه ۽ شهوت جي ڪمي يا زيادتي.

هر مرد ۽ عورت ۾ شهوت يڪسان نه هوندي آهي ڪنهن مرد ۾ شهوت گهٽي هوندي آهي ۽ ڪنهن مرد ۾ گهٽ هوندي آهي. اهڙو ئي حال عورت جو هوندو آهي، علاقي ۽ رهڻ سهڻ ۽ غذا جو به ان عمل ۾ وڏو دخل هوندو آهي.

فعل جماع جنهن لاءِ جيڪا قوت دَرڪار هوندي آهي انکي قوت باه چوندا آهن. جنهن شخص ۾ جيتري گهٽي طاقت هوندي آهي اوترو ئي مجامعت ۾ فريقين وڌيڪ لطف حاصل ڪندا آهن. جيڪڏهن مرد ۾ طاقت گهٽ ۽ عورت ۾ وڌيڪ هوندي ته اهڙي حالت ۾ عورت کي آسودگي حاصل نه ٿيندي. ڪڏهن ڪڏهن ان عمل ۾ عورت جو انزال نه ٿيندو ته عورت کي ناگوار گذرندو ۽ ان کي اعصابي بيماريون مثلاً هستيريا (Hysteria) وغيره ٿي پوندو ۽ جماع کان بي رغبتي ۽ مڙس کان نفرت ٿي پوندي. ڪثرت جماع سان قوت باه به ڪمزور ٿي پوندي آهي اهڙي صورت ۾ مرد کي علاج جي ضرورت

هوندي آهي.

## حڪمت جون ڳالهيون (Clinical tips)

ڪنهن غير طبعي طريقي جماع ڪرڻ يا مني نڪرڻ وقت انهن کي روڪڻ سوزاڪ (Gonohorea) ۽ ٻيون پيشاب جي ناليءَ جون بيماريون ٿي پونديون آهن.

حالت صحبت بعد غسل کان پهريان خوراڪ کائڻ ويسر پيدا ڪندو آهي.

حسين عورت جو خيال دل ۾ عشقيه افسانن ۽ ناولن جو پڙهڻ. اگهاڙيون تصويريون ڏسڻ شهوت وڌائڻ وارا منظر ۽ جماع جو تصور.

مجامعت گهٽ ٿي ڪرڻ هر حال ۾ بهتر آهي. چاڪاڻ ته جيڪا شي خرچ ٿيندي آهي اها روغن حيات آهي. چراغ عمران سان ئي روشن رهندو آهي.

مرد ۽ عورت کي هڪ ئي بستر تي سمهڻ سان ضعف باهه ٿيندو آهي.

سرعت انزال کان بچڻ لاءِ ڪتين شين جو استعمال نه ڪجي، بخار جي حالت ۾ جماع ڪرڻ سان جسم ۾ حرارت ويهي ويندي ۽ تپ دق جهڙيون بيماريون ٿي پونديون آهن.

صحبت بعد ڪا به مرغن شي نه واپرائجي. کير ۽ بادام کائي سگهجن ٿا جن ۾ فائدو آهي.

اهڙي اگهاڙي جاءِ تي جماع نه ڪجي جتي ڪو ماڻهو اچي وڃي آرام سان.

پريل پيٽ صحبت نه ڪجي. پهريان ته انزال جلد ٿي ويندو ٻيو ضعف معده ضعف هضم. ورم جگر و شڪم وغيره جهڙا امراض پيدا ٿي ويندا آهن. 3_4 ڪلاڪ وقفي بعد جماع ڪجي. پيشاب

جي حاجت ۾ صحبت ڪرڻ سان مثاني جا امراض پيدا ٿيندا آهن ۽ پاخاني جي زور سان حاجت ۾ جماع بواسير پيدا ڪندا آهن.

اک ۾ تڪليف باوجود جماع اک جي گهرين بيمارين جو سبب بڻبو آهي.

نشي جي حالت ۾ صحبت ڪرڻ تمام بدن ۾ فساد جو باعث ۽ اڪثر وجع المفاصِل (Rhumatic pain) پيدا ڪندو آهي.

جماع کان پهريان عورت ۽ اطلاح سان انجو ۽ پنهنجو مرد طرف ڏيان، ڇڪجي وڃڻ سبب جماع ۾ وڌيڪ لطف ۽ سرور حاصل ٿيندو.

عورت لاءِ جماع کان پهريان ٿڌي پاڻيءَ سان استنجا ڪرڻ تمام فائدي مند هوندو آهي. جنهن سان جماع ۾ فرحت ۽ فرج ۾ ڪجهه تنگي اچي ويندي آهي.

## جنسي بيماريون ۽ انهن جو علاج :
## Sexual ills and their treatment

### مشت زنيءَ جا جسم ۽ ذهن تي اثرات
### Masturbation; its physial and mental effects:

مشت زني ڪا بيماري ڪانهي، هڪ فعل آهي انجو مستقل عمل زندگي سست، بيڪار ۽ ذليل بڻائي ڇڏيندو انجو اڪثر شڪار افراد ذهني يا جنوني نوعيت جا امراض ۽ انهن ۾ مبتلا ٿي پوندو آهي.

مشت زني (Masturbation) جو اصطلاح بن يوناني لفظن "Manus" ۽ "Stupro" آهن. "Manus" يعني هٿ ۽ (Stupro) يعني زيادتي، يعني هٿ سان زنا ڪرڻ. اهڙي طرح غير ارادي طور تي

منيءَ جو اخراج (Spermetorrhoea) چوائي ٿو. ٻارن يا ڇوڪرن کي مشت زني ۾ ڇوڪرن ٻُرن ماڻهن يا عورتن ذريعي واقفيت ملندي آهي.

تمام ننڍي عمر ۾ ٻاران عادت کي اپنائيندا آهن اهڙن ڪيسن ۾ ڊاڪٽر برنٽ (Burnett) صاحب پنهنجي دلچسپ ڪتاب Delecate, Backward, puny and stunted children ڊاڪٽر برنٽ لکي ٿو ته اهڙن ڪيسن کي روائتي بي راهه روي بجاءِ هڪ بيماري تصور ڪيو وڃي ۽ انجو بهترين نموني علاج ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته هوميوپيٿڪ علاج مِزاج تي وڏيڪ اثرانداز ٿي بهتر نموني صحتياب ڪري ڇڏي ٿي.

جيئن ته هي عارضو حد کان وڌيل جنسي خواهشن سبب پئدا ٿئي ٿو ان لاءِ هوميوپيٿڪ دوائون حد کان وڌيل جنسي خواهش تي غالب ٿي مرض کان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو ڏيارن ٿيون. هن عادت جي خاتمي تي جنهن شيءَ جو خوف ٿئي ٿو اها آهي. خواب ۾ جريان مَني، يعني ننڊ ۾ خواب ۾ منيءَ جو اخراج ان جو عام اصطلاح آهي" "Wet dreams

## احتياط (Precaustion)

اڪثر اوقات اها عادت گهٽو ڪري اڪيلائي ۾ پروان چڙهي ٿي، ان کان احتياط ڪجي سٺا ڪتاب ۽ سٺا دوست ۽ مذهبي خيال ۽ عمل ان ۾ مدد ڪن ٿا.

## علاج Treatment

مردن لاءِ صبح شام ڪينٿرس Cantheris 6 ۽ عورتن لاءِ پلاٽينا Platina 30 صبح شام.

Seminal emission, spermatorrhoe or wet

dreams

غير ارادي طورتي منيءَ جو اخراج يا ويٽ ڊريمز هڪ جنسي ڪيفيت آهي جيڪا مشت زنيءَ ڇڏڻ بعد سامهون ايندي آهي. ڊاڪٽر Raue جي اسپيشل Pathology پڙهڻ ڪانپوءِ خبر پوي ٿي ته جيستائين هڪ صحتمند انسان جي مني جي رطوبت جي اخراج جو تعلق آهي، خيال ڪيو ويندو آهي ته قدرتي طور تي فرياالوجيڪل ضرورت جي پيش نظر خارج ٿيندي آهي، ٻي طرف بغير مشت زني يا جماع جي غير ارادي طور تي وقتا فوقتاً خارج ٿيندي رهندي آهي، جيڪڏهن اخراج جلد جلد يعني هفتي ۾ ڪيترا دفعه رات جو شهواني خواب ۽ شهوت سبب اخراج مني ٿئي ۽ ٻي ڏينهن عام سُستي، ڪمزوري ۽ دماغي اهليت ۾ تخفيف واقع ٿئي ۽ ماٿهو ڪمزوري محسوس ڪري بوسو ڪنار گهوڙي سواري ۽ هلندي ڦرندي جريان ٿئي ته اهڙا واقعا (Pathology) نوعيت جا هوندا آهن.

حالانڪ بغير مشت زني يا مباشرت، يا ڪو ارادي فعل جي اخراج رطوبت ڪي مني Semen تصور ڪرڻ غلط آهي، ڇاڪاڻ ته پيشاب جي نالي (Urethra) جي ميوڪس ميمبرسن بلغمي ڄاري (Cowpers gland) يا پراسٽيٽ گلينڊ (Prostaste gland) مان به رطوبت جو اخراج ٿيندو آهي ۽ اُن اخراج رطوبت ۾ Sperms نه هوندا آهن.

## Helmuth's surgery

Helmuth's surgery ڪتاب ۾ ڊاڪٽر Helmuth اُن موضوع جي باري ۾ لکن ٿا ته اهڙا اخراجات جيڪي مباشرت کان بغير وقوع پذير ٿين، قوت حيواني جي حفاظت لاءِ ضروري نه آهي ته انهن کي غير ارادي اخراج رطوبت سان منسوب ڪيو ويندو آهي.

**عـــــلاج Treatment**

تمام گهٽي اخراج مَني جي عاراض جي لاءِ هوميوپيٿيءَ ۾ شافي علاج موجود آهي.

**فاسفورڪ ايسڊ Phosphoric Acid** جلد وڌندڙ نوجوانن جي لاءِ مفيد آهي، هر دفعي اخراج منيءَ کي شديد ڪمزوري، ذهني سُستي ۽ جسماني اکين اڳيان سياھ چٽنگون 81 نديون معلوم ٿين. يڪدم مدهوشي، ٽنگون ڪمزور هي دوا رطوبت حيات جي ضايع ٿيڻ سبب جنهن جو اڪثر سبب مشت زني ۽ ان بعد پئدا شده علامات جي لاءِ انتهائي سودمند هوندي آهي.

**ڪلڪ ڪارب Calc.carb** مريض کي گهٽو پگهر اچي، جنسي اعصاء تي شهوت معدوم جنسي عضوا ڍلاء. مريض ٿڪل، ٽنگون ڪمزور سُستي، مريض ٿڪاوت محسوس ڪري، قبضيءَ سان گڏ پيشاب. ڪنگهه ۾ مٽي جو سور نمايان. مباشرت بعد گهٽي نقاهت، ڪنڌ ۾ چيلهه ۾ سور، احتلام بعد سُور خاص ڪري خنا زيري مزاج (posra) لاءِ بهترين دوا.

**آرم ميٽ Aurm met** زندگيءَ کان بيزار مايُوسي، نااُميد. خودڪشي طرف راغب مريض جي لاءِ پيغام زندگي آهي. مريض ۾ پاڻ کي قصور وار سمجهن. پست همت. بيجان. ڪمزور حافظ جو مالڪ ان سان گڏ جنسي خواهش جو وڌي وڃڻ.

**بيوفو رانا Buffo_Rana** اهڙن ماڻهن جي دوا جيڪي مشت زني جي لاءِ تنهائي اختيار ڪري، موقع جي تلاش ۾ رهي، وقت کان پهريان ڪراڙپ. مرگهيءَ جو علامتون ننڊ ۾ تشنجي دؤرا. مريض پاڻ همت ڪري ۽ هي دوا استعمال ڪري.

**ڪيلڊيم Caladium 200** بغير شهواني خوابن جي رات

جو سمهندي وقت اخراج مني، مباشرت دوران اچانڪ اعضاء تناسل ڍلو ٿيڻ، اعضاء تناسل ٿڌ ۾ بيحس مريض ننڍا ننڍا ڪونگهرا هٽي، هي تمام علامتون ڪيلڊيم جون نمايان علامتون آهن.

**ڪينٿرس Canthers** ناقابل برداشت جنسي خواهش دردناڪ قسم جي شهوت جيڪا ناقابل ڪنٽرول هجي، مريض جنسي خواهش ڪان وحشي ٿي وڃي.

**اسٽيفي سيگريا Staphsegeria** هن دوا جي مريض جو ذهن بہ جنسي خيالن سان ڀريل هوندو آهي، فڪرمند سخت جنسي خواهش جو جنون طاري، بد مزاج، غصو بي عزتي ۾ ڪثرت مشت زني ۾ مباشرت جا بداثر.

**ڪونيم Conium** خَصيا سَڪڙيل، مني جو اخراج جنهن سبب ياداشت ڪمزور، جنسي خواهش دَٻڻ جا بد اثر، خواهش جماع وڌيل مگر عملي طورتي ناڪاره.

**فاسفورس Phosphorus** جنسي طورتي شديد گرم مريض، وڏندڙ سَنهو ڊگهو مريض سهڻو چهرو پر گنهگار اکيلائي ڳولهي، پاڻ تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهي، پلڪون وڏيون، گلابي رنگ جا چپ ۾ شهوتي ماڻهو.

**نڪس واميڪا Nux vomica** ڪافي ۾ شراب نوشيءَ جا عادي، نظام انهضام جي ابتري، مشت زنيءَ ڪانپوءِ ظاهر ٿيڻ وارا بُرا اثر، زود حِس، رَنجيده مريض، مٽي جو سُور، چيلهہ جو سُور ۾ ويٺي رهڻ جي عادت.

**سلفر Sulfer** سلفر جي مريض کي گرمي محسوس ٿيندي آهي مَٿي جي چوٽيءَ جي جلڻ سُور، جسم مان ناگوار بوءِ، مريض وهنجڻ پسند نہ ڪري، جسم تي ڦرڙيون، مريض غصي واري

مرض آهي جيڪو مستقل يا عارضي طورتي تي سگهي ٿو جهڙي طرح ٻيون جنسي بيماريون، صاف سُٿري زندگي، گهر کان ٻاهر جون مصروفيتون، سٺي خوراڪ. شفايابيءَ ۾ مددگار ٿينديون آهن. ائين ئي هن بيماريءَ جا تمام عوامل فائديمند هوندا آهن.

ڊاڪٽر Love هڪ ڪيس بيان ڪيو آهي تہ هڪ مريض عمر چاليھ سال ڏگهو سنهو ڏٻري جسم جو مالڪ. انجو مزاج ماليخوليائي هُيو ۽ جوانيءَ ۾ مشت زنيءَ جو شڪار رهيو. انجي شاديءَ کي 8 سال گذري چُڪا هيا مگر وظيفہ زوجيت ادا نہ ڪري سگهيو اگرچہ ان کي مڪمل شهوت ايندي هُئي ليڪن جيئن ئي اهو پنهنجي زال وٽ پهچندو هيو تہ انزال ٿي ويندو هيو. هن کي سلفر Sulfer 12 طاقت ۾ ڏني وئي ۽ هو ڇهن هفتن ۾ مڪمل شفاياب ٿي ويو ۽ اهڙي طرح اهڙن تڪليفن لاءِ ايسدفاف بہ ڪامياب دوا آهي.

ڊاڪٽر ڊبليو-اي-راجر (Dr:W_E_Rogers) هڪ ڪيس لکيو آهي تہ هڪ مريض جنهن جي عمر تقريباً 22 سال هئي صفراوي مزاج ۽ مشت زني ۾ مصروف رهيو هن ايلوپيٿڪ علاج بہ ڪرايو. مريض ۾ هن طرح جون علامتون هيون: اعضاء تناسل ڍلو جنسي خواهش ختم، مريض خيال ڪندو هيو تہ ان جا جنسي عُضوا فالج زده ٿي ويا آهن، مڪمل نامردي، رات جي وقت جزوي شهوت ان سان گڏ ٿورڙو انزال، ذهن بيڪار، جسم سُڪل، بڪ جي گهٽتائي ۽ سخت قبضي، چهرو زرد. شادي ٿيڻ واري هئيس، انهن علامتن مطابق هن کي (جيلسيمير Gelsimium Q) جا ٻہ ٻہ قطرا صبح شام پيئارڻ سان هڪ هفتي ۾ بهتري شروع ٿي وئي ۽ چند هفتن ۾ مڪمل صحتيابي ٿي وئي. اهڙي طرح مون( لائيڪوپوڊيم Lycopodium 30) اهڙن مرضن جي لاءِ ڏني جيڪي ڪثرت

جماع سبب نامرديءَ جا شڪار ٿيا هُجن.

اهڙي طرح اهڙيون عورتون جن ۾ ڪثرت جماع سبب جنسي خواهش ختم ٿي وئي هُجي جيڪڏهن هڪ دفعو اهڙي دوا سان وڃايل طاقت واپس اچي وڃي ته ان کي ٻيهر ضايع نه ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته نامرديءَ جو ٻيو حملو پوءِ هميشه هميشه جي رهڻ واهه هوندو آهي. مٿي بيان ڪيل حالت ۾ جيڪڏهن لائيڪوپوڊيم Lycopodium 30 ناڪام رهي ته هڪ ٻي دوا نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 30 کي آزمايو پر Lycopodium 30 ئي اهڙين تمام حالتن ۾ مفيدترين دوا ثابت ٿي آهي.

ڊاڪٽر Kissel هڪ ڪيس پيش ڪيو آهي ته هڪ 28 ساله نوجوان جنهن جي شاديءَ کي 2 سال ٿي چُڪا هُيا. مريض مظبوط جسم جو مالڪ هُيو ڏسڻ ۾ نيڪ ناڪ پر مباشرت جي اهل نه هُيو پر ڪڏهن ڪڏهن منيءَ جو اخراج به ٿيندو هيو. ان وقتي شهوت دوران مريض Perineum يعني نرن ۽ نهائين ۾ ڇڪ محسوس ڪندو هُيو ۽ پوءِ ان جي ڇيلهه ۽ ڄنگهون ڳنيناوي سُور ۾ وڃي ويندڙيون هُيون. ڪيوپرم ايسيٽيٽ نه صرف ان کي جنسي فعل ۾ نيڪ ڪري ڇڏيو پر انجا سُور به ختم ٿي ويا.

اگنس ڪاسٽس Agnus Casts 30 هڪ اهڙي دوا آهي جيڪا اڪثر حالتن ۾ استعمال ڪئي ويندي آهي جن ۾ جبلي طور تي جنسي ڪمزوري پاتي ويندي آهي.

ڊاڪٽر هولڪومب Dr: Holcombe صاحب فرمايو ته مان هڪ دوا مان هڪ خاتون جي نيڪ ڪيو جنهن کي ڪثرت مباشرت مان دل پرجي چڪي هئي ۽ انجي جنسي طاقت ختم ٿي چڪي هئي ۽ هوءَ مباشرت کان متنفر ٿي چڪي هئي.

اگنس ڪاسٽس Agnus casts Q جي هڪ خوراڪ ڏينهن ۾ 3 دفعا استعمال ڪرائي ته پيهر اها عورت جوشيلي ۽ صحتمند ٿي وئي.

ڪلڪ ڪارب Calc.carb 30 هڪ اهڙي دوا آهي جيڪا جزوي نامردي ۾ استعمال ڪئي ويندي آهي. مباشرت دوران تمام جلد انزال ٿي وڃي ۽ بعد ۾ نهايت ڪمزوري ۽ نقاهت محسوس ٿئي ته ڪلڪ ڪارب Calc.carb 30 شفاءَ بخشي ٿي.

هن ڳالهه کي ختم ڪرڻ کان پهريان هڪ ڳالهه لکڻ فرض سمجهان ٿو ته شهوت انگيز (Aphrodisias) بازاري دوائن جي باري ۾ چوندو هلان ته اهي تمام مُضر صحت هونديون آهن. اهڙيون شهوت انگيز دوائون جيڪي جنسي خواهش کي وڌائڻ ۽ طاقت وڌائڻ جي لاءِ مارڪيٽ ۾ پاتيون وينديون آهن. انتهائي ناقابل تلافي نقصان پهچائن ٿيون ۽ وقتي طورتي جنسي استعمال ڏئي بعد ۾ تمام گهڻو نقصان پهچائن ٿيون ان جي استعمال سان مرد وزن پهريان کان به بُريءَ حالت ۾ اچي ويندا. اهي دوائون وقتي خواهش ته وڌائن ٿيون مگر لطف اندوزي ختم ٿي ويندي آهي. ذهن ۾ سوال ايري ٿو ته پوءِ هي دوائون جن کي مٿي بيان ڪيو ويو آهي سي جنسي بيمارين ۽ بد عادات ۾ ڪهڙو ڪردار نڀائن ٿيون.

مريض کي مڪمل صحتياب ٿيڻ لاءِ بهترين منتخب ڪرده هوميوپيٿڪ دوائن سان گڏ صاف سٿرو ماحول، بهتر غِذا ۽ ذهني طورتي انهن عادتن کي برائي تسليم ڪرڻ ئي مريض کي شفاء ڪُلي سان همڪنار ڪري سگهجي ٿو. اڪيليون دوائون نه صرف جنسي بيمارين ۽ بدعادتن جي لاءِ ناڪافي هونديون آهن انهن تمام مرضن ۾ ذهن جي صفائي سُٿرائي ضروري هوندي آهي. هڪ دفعو صحتياب ٿيڻ بعد پيهر


ان ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ انجو علاج مُشڪل هوندو آهي.

## اعصابي نامردي (Nervous Impotence)

حقيقت ۾ جنهن کي اعصابي نامردي چيو ويندو آهي اها نامردي ناهي هوندي بلڪ چند ذهني جذبات جو نتيجو عارضي هوندو آهي. ان ۾ اهڙا نوجوان مبتلا هوندا آهن جيڪي گهڻو عرصو مشتِ زنيءَ جو شڪار نہ رهيا هُجن، بلڪ مُشت زني ترڪ ڪري چڪا هُجن. ڪجهہ اهڙا هوندا آهن جيڪي رات جي وقت ٿيڻ واري انزال کان ڊڄندا هُجن ۽ ڪجهہ طوائفن ۽ گهٽين ئي عورتن سان مباشرت ڪندا رهيا هُجن ۽ ان جي لاءِ اهي پنهنجو پاڻ کي ڪمزور خيال سمجهندا آهن، ۽ اهي پنهنجي بيجا وڃايل طاقت سبب پنهنجو پاڻ کي مباشرت جي اهل نہ سمجهندا آهن هي ڳالهہ انهن جي جسم ۾ ويهجي ويندي آهي ۽ پوءِ اهي تمام گهڻو غمگين ۽ اَفُسرده رهندا آهن. اهڙي طرح ان قسم جي نامردي يعني اعصابي نامردي ۾ ذهن جوئي عمل دخل هوندو آهي ۽ انهي ڳالهہ کان ڊڄندا آهن تہ ماڻهو ڇا سوچيندا ۽ انهن جي ڪمزوريءَ تي کلندا، ڇاڪاڻ تہ انهن جي ملڻ جلڻ وارا ماڻهو انهن جي سامهون وڏا دعويٰ ڪندا آهن، قوت باهہ جي ياري ۾ انهن تمام حالتن ۾ قوت ارادي جي ڪمزوري هوندي آهي. دوائون اهڙي حالت مان مريض کي ڪڍي ويندیون آهن، اهڙن ڪيسن ۾ ايناڪارڊيم Anacardium 200 نهايت ئي موزون دوا هوندي آهي. اهڙي طرح ان اعصابي نامرديءَ جو هڪ سبب جنهن کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي ليڪن اهو شادي شده ماڻهن ۾ نهايت اهميت رکي ٿو اهو آهي جنس مخالف جي لاءِ دل ۾ محبت جو نہ هُجڻ. شروع ۾ تہ اهو ظاهر نہ ٿيندو آهي پر وقت گذرڻ سان گڏ گڏ مرد يا عورت هڪ ٻي جو پيار وڃائي ويهندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي ناپسند ڪرڻ جو نتيجو اهيو نڪرندو آهي تہ انجو بلاشبہ ڪو دوا حل

آهي ئي ڪونہ پر اتي مان مردن کي هدايت ڪندس تہ شادي اتي ڪجي جت چاهہ ۽ پسند هجي ۽ اهڙي طرح عورت کي پسند جو حق حاصل آهي ورنہ گهر ۾ ماحول اجڙڻ ۾ دير نہ لڳندي آهي.

## ورم سُپاري (سوپاري) (Balanites)

هي هڪ اهڙي حالت يا بيماري آهي جنهن ۾ سُپاري سرحُشفہ جي سوزش تي ويندي آهي، ۽ انجي سوزش ۽ ان سان گڏ هلڪو زردي مائل ميوڪس (Mucus) جيان ناگوار مواد خارج ٿيندو آهي. درحقيقت هي بيماري گندي رهڻ ۽ صفائي سُترائي جو خيال نہ رکڻ سان پئدا ٿيندي آهي. جيڪڏهن وڏيڪ نہ هُجي تہ گرم پاڻي ۽ صابڻ سان صفائي ڪرڻ سان ئي افاقو ٿي سگهي ٿو. پر دوائن جي ضرورت پيش ايندي آهي.

### علاج Treatment

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid : هي چوٿيءَ جي دوا آهي. جنهن سُوپاري جي کل جي خارش ۽ ان ۾ جلن هجي ۽ ان سان گڏ

قلوڪٽا ۽ داڻا جَن مان چلهر لهن.

<u>پلسٽلا Pulstilla</u> : هي دوا ان وقت ڪارگر ثابت ٿيندي آهي جڏهن سوپاري جي کل جي صفائي رکڻ باوجود زردي مائل سبز رنگ جي رطوبت جو مسلسل آلہ تناسل جي هيٺان اخراج ٿيندو آهي، پرجي مٿان ڪو ڦوڙو يا ڪا نئين پئداوار سامهون اچي تہ پوءِ ٿوجا Thuja 200 ڏيو.

<u>سوزاڪ (Gonorrhoea)</u>

انفيڪشن ٿيڻ ڪانپوءِ هن مرض جون علامتون سامهون ايندڀون آهن شروع ۾ پيشاب جي نالي ۾ چڪ، خارش ۽ جَلن محسوس ٿيندي آهي. هن مرحلي ۾ چلڻ دار اخراج رطوبت بہ ٿيندي آهي ۽ پوءِ مرض ۾ شدت ايندي آهي. اخراج رطوبت پهرين کان گهاٽي، ڪجهہ وڏيڪ شفاف ۽ چلردار هوندي آهي. پوءِ زردي مائل ۽ سبزي مائل زردي ۽ خون پونءِ بنهيءَ جي آميزش وارو مواد خارج ٿيندو آهي.

ساڙي سان پيشاب، اعضاء تناسل کي ڇُهي نہ سگهجي، پيشاب ۾ ڏکيائي، پيشاب جي ڏار ڦاٽي پوي، ان لاءِ پيشاب ڪيترن ئي ڏارن ۾ اچي. مريض کي شديد پردرد شهوت ٿئي. هن بيماريءَ جو دورانيو ڇهہ هفتا هوندو آهي يا تہ بيماري ٺيڪ ٿي ويندي يا مزمن شڪل اختيار ڪندي آهي.

تجربيڪار معالجين جو خيال آهي تہ هيءَ پُرزَهر بيماري جنهن مان مڪمل افاقو نٿو ملي سگهي ڇاڪاڻ تہ هن بيماريءَ ۾ مبتلا ماڻهن جو اهو خيال هوندو آهي تہ تڪليف جيڪا ظاهري هوندي آهي اها ختم ٿي وئي تہ جڻ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويو اُها انهن جي ڀُلَ هوندي آهي. سوزاڪ بعد پئدا ٿيل بيماريون جن سان

انهن مرضن کي اڳتي هلي منهن ڏيڻو پوندو پري پري تائين انهن شين جون انهن ماڻهن کي شڪ يا شبهو نہ هوندو آهي جيڪي صرف سوزاڪ سبب اڳتي هلي ظاهر ٿينديون آهن.

عرصي کان دنيا ڀر جا ماڻهو هن مخصوص پيشاب جي نالي جي سوزش واري بيماري معمولي نوعيت جي بيماري سمجهندا آهن ۽ ان کي اهميت نہ ڏيندا آهن. هي بيماري جيئن تہ وچڙندڙ آهي، ان لاءِ مريض مان ٻئي مريض ۾ منتقل ٿيڻ وڏيڪ خطرناڪ هوندو آهي، تمام وڏي تعداد ۾ خطرناڪ نوعيت جي سوزش مثانہ پيشاب جي نالي (Urethra) جي تنگي، غده قداميہ (Prostaste) جو وڏي وڃڻ، سنڌن جي سوزش ۽ ٻيون وڏيڪ خطرناڪ بيماريون اصل ۾ سوزاڪ ئي هوندو آهي. هي ضروري ڳالهہ تہ ڪافي مهينا گذرڻ بعد وري ٻيهر جيڪو حملو ٿيندو آهي اهو وڏيڪ خطرناڪ هوندو آهي، جيڪو شديد مايوس ڪندڙ هوندو آهي. جيڪڏهن مريض صحتياب ٿيڻ گهري ان کي کپي تہ وڏيڪ سخت قسم جي مشقت کان پرهيز ڪري، شراب نوشي، چانهن، ڪافي، تماڪ کان مڪمل پرهيز ڪرڻ کپي. دوران علاج مريض کي خوراڪ سادي ۽ مڪمل آرام اهڙيون شيون آهي جيڪي مرض تي غالب اچي صحت سان همڪنار ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون.

مريض کي مباشرت کان پرهيز ڪرڻ کپي جيستائين مڪمل صحتياب نہ ٿئي، جنسي اجتناب نہ صرف ٻين جي لاءِ پر ان جي ذاتي فائدي ۾ پڻ آهي.

علاج (Treatment)

سوزاڪ جي علاج جي لاءِ تقريباً 60 دوائون بيان ٿيل آهن. هلمٿ سرجري جي صفہ نمبر 210 تي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ

سوزاڪ جي سوزشيَ ڪيفيت شروع ٿي وڃي ته ميٽريا ميڊيڪا ۾ ايڪونائيٽ Aconite 200 تمام پروسي جهڙي دوا آهي.

ايڪونائيٽ جي پهرين يا ٻي طاقت جو ڊائيلوشن جي صورت ۾ هوندي آهي، هي دوا سوزش کي دور ڪرڻ جي لاءِ مريضن کي سَڪُون پهچائي ٿي، اگرچہ هي خارج ڪندي آهي مواد کي ناهي روڪيندي

سوزاڪ جي علاج لاءِ سڀ کان گهٽي استعمال ڪرڻ واري دوا **ڪينابس اسٽيوا** آهي. هي عام طورتي ان وقت ڪارگر ثابت ٿيندي آهي جڏهن نفس جي سُپاري سجيل هجي ۽ انجو رنگ گهرو سُرخ هُجي، تيڙائپ هُجي ۽ پردرد شهوت هُجي، پيشاب کان پهريان ۽ پوءِ جلڻ، مريض چڏا تيڙي هلي (Urethra) ۾ مٿين طرف چڪ واقع هُجي. ڊاڪٽر جي- جي گلڪرسٽ (Dr: J.G Gilchrist) جيڪو سرجري جو ڪم ڪندي لکي ٿو ته ڪيترن سالن تائين اهڙن ڪيسن ۾ جيڪي پيشاب جي قلت جو شڪار هُجن. ڏنگ لڳڻ جهڙا سُور استسقائي سوج ۽ پنڙي پوڻ ۽ خون جو اخراج، جڏهن ٻيون دوائون ناڪام ٿين ته ايپس ملفيڪا (Apis melfica) تجويز ڪئي ويندي آهي.

<u>نڪس واميڪا Nux vomica 200</u> اهڙن تمام ڪيسن جي لاءِ جتي ايلوپيٿي (Allopathy) ناڪام رهي هجي اتي Nux vomica بهترين نتيجا ڏيندي آهي. ان کانپوءِ ٻيون دوائون ناڪام رهيون هُجن حالانڪ ڪيترن ڏينهن تائين انهن کي آزمايو چونہ ويو هجي. نڪس واميڪا جو اڪثر استعمال فائديمند رهندو آهي. جنهن وقت اخراج رڪجي ويو هُجي پيشاب جي نالي ۽ مثاني ۾ تڪليف باقي رهي هُجي ۽ سوزش مثاني تائين ڦهلجي وئي هُجي.

پلسٽلا Pulstilla : پلسٽلا عورتن جي اهڙي سوزاڪ (Gonohorea) لاءِ فائديمند هوندي آهي جن ۾ اخراج گهاٽو ڪير جهڙو ۽ بغير سُور جي هُجي. پلسٽلا جو مواد سبزي مائل بہ ٿيندو آهي.

سيپيا Sepia: ڊاڪٽر جهار( jhar ) صاحب سيپيا جي مريض لاءِ هي فرمايو آهي تہ سيپيا مرض کي ڪڏهن ڪندڙ دوا آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ صبح شام Sepia جي هڪ خوراڪ مفيد آهي، جيڪڏهن (Urethra) جي مُنهن ۾ هَلڪي سرخي ظاهر ٿئي ۽ چنبڙڻ وارو هلڪو مواد خارج ٿئي، هي دوا وڌيل بيماريءَ کي روڪيندي آهي. جڏهن سوزاڪي انفيڪشن جو مشڪ هُجي ۽ علامتون بيشڪ مرض کي ظاهر نہ ڪن تڏهن بہ Sepia جو استعمال مفيد رهندو. ڊاڪٽر فرينڪلن صاحب مطابق هي دوا ان وقت بهتر رهندي جڏهن بيماري گهٽو وڌي چُڪي هُجي. پيشاب پردرد هُجي ڪيراٿو مواد خارج ٿئي ۽ عُضوو تناسل جي سامهون جي کَلَ يعني خشفہ جي مٿين کل ۾ ڪتڪتايون، خارش ۽ ڏوهہ اٿي. ڪيترن ڪيسن ۾ انتخاب ڪيل دواٿون ناڪام رهن تہ اثر انگيز طور سلفر (Sulfer) جو استعمال تمام نفع وارو ثابت ٿيندو. اهڙن ڪيسن ۾ پڻ Sulfer فائدو ڏيندو جن ۾ مرض عروج يا پراڻي شڪل (Chronic) اختيار ڪري ويو هُجي. خاص ڪري اهڙن ڪيسن ۾ هي مريض مرد جنهن کي پيشاب جي مستقل حاجت رهندي هجي ۽ وري عورتن ۾ جلڻ ۽ شديد اذيت ناڪ خارش موجود هُجي. جيڪڏهن ٻيون دوائون ناڪام ٿيون هجن تہ Sulfer ئي دوا فائديمند ثابت ٿيندي.

هت ڊاڪٽر Hoyne جو هڪ ڪيس پيش ڪيون ٿا.

هڪ اهڙو مريض جنهن جي عمر اٽڪل 45 سال هئي، جنهن کي سوزاڪ جو مرض لاحق هيو ۽ ٻيا طريقہ علاج مثلاً سُيون، زنڪ

سلفيٽ وغيره جي استعمال ڪانپوءِ بہ مريض پيشاب جي اخراج ۾ دقت محسوس ڪري رهيو هُيو. پيشاب جي ڌار تمام ڪمزور هُئي ۽ قطرن جي شڪل ۾ پيشاب خارج ٿيندو هُيو شهوت جي شدت، چڙن ۾ تشنجي ڇڪ هئي. انکي آگريڪس Agaricus 6 ڏينهن ۾ 3 دفعہ ۽ هڪ هفتو استعمال ڪرائڻ بعد مڪمل آرام ملي ويو.

ڪينٿرس Cantheris : جڏهن پيشاب ۾ دقت ٿئي ۽ پيشاب گذرڻ وقت تمام گھڻو سُور ٿئي، گھاٽو پيلو مواد خارج ٿئي، خاص ڪري شديد نوعيت جي ڪيسن ۾ جڏهن سوزش مثانہ بہ هجي.

جيلسيميم Gelsimum : هي دوا پيچيده ڪيسن ۾ زياده مستعمل آهي. جڏهن سوزش مثانہ، حرارت، چِيڙ دار سُور هن دوا کي طلب ڪري ٿو.

ايڪونائيٽ Aconite : تمام گھڻي سوزشي حالتن ۾.

ڪيوبيبا اوليم مذليم: جڏهن ايڪونائيٽ جي استعمال ڪانپوءِ سوزش اجا باقي هُجي ۽ ٻنهي دوائن جي بهتر معاونت جو ڪردار اداڪن ٿيون يعني ايڪونائيٽ ڪانپوءِ انجو استعمال مفيد هوندو آهي.

مرڪيورس ڪار : Mesc.cor اهڙن ڪيسن مفيد آهي جن ۾ مواد سبز رنگ جو هجي.

تربنٿينا Terbenthena : اهڙن مريضن جي لاءِ مفيد آهي جن مان سفيد رنگ جو مواد خارج ٿيندو هُجي ۽ سوزش مثاني تائين ڦهليل هجي.

ڪينابس استيوا Canabis stiva ڏهن پيشاب جي نالي تمام گھڻي حساس هُجي، ڪپڙا برداشت نہ ڪري، مريض ٽنگون

(تيزي) هلي.

<u>ٿوجا Thuja</u> ڊيل سوزاڪ جي لاءِ تمام وڏي دوا آهي، جڏهن سوزاڪ ڊبڻ ڪانپوءِ موهيڙا ۽ مَسا (warts) پيدا ٿين.

گنڪوڪس جراثيم: جيڪڏ سبب بيماري ٿئي ٿي تہ انهيءَ کي ختم ڪرڻ بعد بہ بيماريءَ جون ڪجهہ علامتون ضرور رهجي وينديون آهن. ڇاڪاڻ تہ هن جراثيم جي ڪري زهر پوري جسم ۾ ڦهلجي ويندو آهي. چڱي طرح طرز زندگيءَ گذارڻ ۽ بهتر علاج سان ان کان ڇوٽڪارو ممڪن آهي. اهوئي هوميوپيٿيءَ جو طرز طريقہءَ علاج جي صداقت ۽ حُسن طرز آهي جيڪا بيماريءَ جو نہ بلڪ بيمار جو علاج ڪندي آهي ۽ مريض کي بهتر ڪري انجي مرض تي غالب اچي بيماريءَ کي ٻاهر اڇلائي مڪمل شفاء سان همڪنار ڪندي آهي.

هڪ مريض کي ڏسڻ لاءِ مونکي اڌ رات جو گهرايو ويو. مون ڏٺو تہ مريض آنڊي جي سُور ۾ مبتلا آهي. سور گهٽائڻ لاءِ مريض خود شراب، ادرڪ ۽ سور ختم ڪندڙ دوائون واپرايون هيون. مون ان کي صرف Nux vomica ڏني جنهن سان صرف ٽن منٽن ۾ ان کي آرام اچي ويو. ٽن چئن ڏينهن ڪانپوءِ ان تي ٻيهر ان تڪليف جو حملو ٿيو وري بہ مون انکي نڪس واميڪا سان صحتياب ڪيو.

ڪجهہ ڏينهن ٿي مَس گذريا تہ انکي آنڊن جو قولنج ٿي پيو نڪس واميڪا ڏيڻ بعد مزيد تفصيل وٺڻ جو سوچيم، جيئن مرض جي حقيقت معلوم ڪجي، هسٽري معلوم ڪرڻ بعد خبر پئي تہ هڪ عورت سان جام جماع ڪندو رهيو آهي، ان دوران انکي هڪ دفعو سوزاڪ ٿيو پر ان مان آهستي آهستي انجيڪشن ذريعي آرام مليو هاڻي مان بلڪل ٺيڪ آهيان، زهريلو مواد وهڻ رڪجي ويو.


بلڪل خشڪ ٿي ويو. هو پنهنجي مَعالج جي تعريف ڪري رهيو هيو ته ان جي علاج مان ٺيڪ ٿي ويس. انهن سيني ڳالهين مان مونکي معلوم ٿي ويو ته سوزاڪ جي دٻجڻ سان انکي درد قولنج ٿيو. مون انکي **ميڊورنيم** Medhorhinum 1m هڪ هزار طاقت ۾ ڏني ۽ هفتي بعد واپس موٽڻ لاءِ چيو جڏهن هو واپس موٽيو انکي سوزاڪ جي ٻيهر تڪليف ٿي پئي. ميڊورنيم1m جون چند خوراڪون سوزاڪ کي هميشه ختم ڪرڻ جون سبب بڻيون ۽ نه وري ٻيهر قولنج جي شڪايت ٿي.

وون گريوگل (Von_Grauvogl) باٻريرين آرمي ڊائريڪٽر جنرل هيو. هن جو پيروسو نيٽرم سلف ( Nat: sulph) تي گهڻو هيو. بايوڪيمڪ Bio_chemic دوائون گورين يا سفوف جي شڪل ۾ ورتيون وڃن ته بهتر ٿيندو.

بايوڪيمڪ دوائون بلڪل هوميوپيٿڪ طريقي سان تيار ڪيون وڃن ٿيون جيئن سليشيا Siltcia ۽ Nat mur کي ڊاڪٽر هنيمين (Dr: hanneman) تيار ڪيو. بايوڪيمڪ بلڪل هوميوپيٿي دوائن جيان آهن, بس صرف ٿيوري (Theory) ۾ فرق آهي. عملاً بايوڪيمڪ دوائون هوميوپيٿيءَ جيان ئي ڪم ڪن ٿيون.

هوميوپيٿي هڪ آرٽ به آهي ۽ سائنس به جنهن ذريعي مريض کي مڪمل شفايابي طرف موٽايو ويندو آهي. ادوياتي انتخاب جي لاءِ (History) ۽ علامتن کي بنيادي اهميت حاصل آهي, هڪ ئي بيماري ۾ مبتلا مريض جن جو الگ الگ علامتن بعد هڪ دوا نه ٿيندي بلڪ الگ الگ دوائون ٿينديون, اهي ئي هڪ سٺي معالج ۾ خوبيون هجڻ گهرجن.


# مرداڻي عضوي جو ٽيڙو (Chordea) ٿيڻ



(سوزاڪ ۾ مرد جي عضوي مخصوص ۾ ٽيڙائپ جو جلدي ٿيڻ)

ان حالت کي وڌيڪ بهتر ائين بيان ڪري سگهجي ٿو ته جڏهن تمام گهڻو سوزاڪي (سوزش) سوزش آلهٔ تناسل ۾ ٽيڙائپ پئدا ڪري جيڪا هميشه هيٺين طرف هجي ان کي Chordea جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

N.B سٽريڪچر/ (Stricture) سڪڙاءُ واقع ٿيڻ.




هن حالت ۾ گهڻا معالج ٿڌي پاڻي جو استعمال ڪرائڻ لاءِ چوندا آهن ۽ تمام گهڻا اهڙي حالت ۾ آلهٔ تناسل کي گهٽ زور سان ٽيڙائپ جي مخالف طرف پڌڻ جو مشورو ڏيندا آهن. Aconite جو اندروني استعمال پڻ فائديمند آهي.

ڪينٿرس Cantheris : Stricture جي لاءِ يقيناً سٺي دوا آهي. ان سان گڏ هڪ ٻي دوا Clematis ۽ Staphsegria سان ان ڪيفيت کان نجات حاصل ڪري سگهجي ٿي ان کان علاوه گرم پاڻي جو غسل به ان تڪليف کي سڪون فراهم ڪندو آهي.

## سوزاڪي ڳنٺيا (Gonorrhoeal Rhumatism)

ايڪونائيٽ Aconite : سوزاڪي ماده جي سبب اچڻ واري ان ڳنٺيا جي لاءِ چمڙي گرم ۽ خُشڪ هجي تہ ايڪونائيٽ مفيد هوندي آهي. مريض مُضطرب ۽ بيچين هوندو آهي، علامات مرض شديد هونديون آهن.

پلسٽلا Pulsatilla : جيڪڏهن سُين (انجيڪشن) سَبب سوزاڪ دٻجي وڃي تہ Pulsatilla مفيد رهندي.

رسٽاڪس Rhustox : پجي پوڻ ۽ سرديءَ جي بد اثرن جي لاءِ بهترين دوا آهي.

ٿوجا Thuja : انهن دوائن مان هڪ آهي جيڪي سوزاڪ جي دٻجي وڃڻ ڪانپوءِ پئدا ٿيڻ واري ڳنٺيا جي لاءِ بهترين ڪم ڪندي آهي، دردن ۾ ڏيپهري ۽ شام جو زيادتي ٿيندي آهي ۽ گرمي ۾ افاقو ٿيندو آهي.

برائي اونيا Bryionia: جوڙن ۾ شديد درد ۽ ڪم ڪار ۾ وڌي وڃن.

ڪاسٽي ڪم (Causticum) : سوزاڪ جي دٻجي وڃڻ بَعدِ جوڙن جي سختي ۽ ڇڪ لاءِ مفيد آهي.

سمي سي فيوگا Cimicifuga : سوزاڪ جي دٻجڻ کان پئداشده سنڌن ۽ مُشڪن جا سُور جيڪي پنهنجي جڳهہ بدليندا رهن ان لاءِ سمي سي فيوگا مفيد هوندي آهي.

روڊنڊران Rhodendron : بستر جي گرمي ۾ درد وڌي وڃن.

ليڊم پال Ledum pal : هي دَوا سوزاڪي دردن جي لاءِ اڪسير هوندي آهي ۽ ننڍين جوڙن ۽ آڱرين ۾ هجن.

مرڪسال Mercsol : سوزاڪ جي دٻجي وڃڻ کانپوءِ

پئداشده دردن لاءِ تمام گهڻو پگهر ۽ ان سان گڏ ان ۾ رات جي وقت زيادتي بستر تي، وات مان گگ لاءِ مفيد آهي.


**سوزاڪ سبب پونءِ دار آشوب چشم (Gonorrhoeal ophthalmia)**

هي هڪ اهم پيچيدگي آهي ۽ ان جي لاءِ مڪمل طورتي هوميوپيٿڪ معالج کان استفادو وٺڻ گهرجي. ڊاڪٽر برجيو Dr: Berjev مطابق هن وڏيڪ حساس بيماري ڏي فوراً توجهہ ڏيڻ گهرجي، غير احتياطي طريقي سان غفلت ڪرڻ جي نتيجي ۾ اک جي ضايع ٿيڻ جو وڏيڪ خطرو هوندو آهي، ان جي پهرين حملي جو چوويهن ڪلاڪن اندر فوري ۽ مڪمل توجہ جي ضرورت هوندي آهي. سوزاڪي مواد کي صاف ڪرڻ جي لاءِ مؤثر احتياط ضروري هوندو آهي. جيڪڏهن اهو مواد ٽوال، رومال، يا ڪنهن ٻي ڪپڙي سان صاف ڪيو ويو هُجي ۽ ان سان اک صاف ڪئي وڃي تہ سوزاڪ جو جراثيم اک ۾ داخل ٿي ڪري هڪ اهڙي صورتحال ٿي پوندي آهي. جو جراثيم اک تائين پهچي ٿو ۽ ان جو چار وڃائي ٿو. ان لاءِ مريض کي فوراً معالج سان رجوع ڪرڻ گهرجي.

**ايڪونائيٽ۔نائٽرڪ ايسڊ ۽ سلفر** هڪ ٻئي پٺيان اندروني استعمال لاءِ بهتر ثابت ٿيندو آهي. اگر سوزاڪي مواد جو اخراج رُڪجي وڃي تہ سوزش باقي رهجي وڃڻ تي پلسٽلا جي آزمائش تي ڊاڪٽر جاهر (Jahr) صاحب گهڻو زور ڏنو آهي.

**آتشڪ جو ڦلوڪڙو ۔ سفلس پاڪس (Syphilis pox)**

هي ٻن يوناني لفظن جو مرڪب آهي، Swine or sow ۽ Deavoc loving جنهنجي معني آهي ٻج : يعني هن نجس بيماري متعلق پراڻي وقت ۾ اهڙا خيالات هُيا.



سفِلس (Syphilis) هڪ وچڙندڙ مرض آهي جيڪو سفلس ۾ مبتلا مريض جي جنسي ميلاپ جي ذريعي يا براهہ راست سفلس جي وائرس (Virus) جو چمڙي جي زخمي حصي ۾ داخل ٿي ڪري بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ جو باعث ٿئي ٿو. ابتدائي طورتي جراثيم (Infection) لڳڻ ڪانپوءِ سفلس آلہ تناسل تي هڪ ڦلوڪڙو ظاهر ٿيندو آهي، جيڪو آهستہ آهستہ Chancre يعني آتشڪي زخم ۾ تبديل ٿي ويندو آهي يا عام طورتي آلئہ تناسل تي ڦرڙيءَ جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، هي ننڍو سرخ رنگ جو نشان جيڪو هاڻي زخم ۾ تبديل نہ ٿيو آهي سُڄي پوندو آهي ۽ وچ ۾ ڦلي ويندو آهي ۽ ان مان جلائڻ وارو مواد خارج ٿيڻ لڳندو آهي. پوءِ هي زخم بڻجي پوندو آهي ۽ گوشت خور ٿي پوندو آهي ۽ اردگرد جي حصي کي کائي ڇڏيندو آهي ۽ اهڙو اڪثر غلط قسم جي علاج ڪانپوءِ ٿي ٿيندو آهي.

جيڪڏهن اتي مرض کي روڪي نہ سگهيو تہ مرض جو وائرس ڦهلجي ويندو آهي ۽ هي وائرس جسم جي ڪنهن بہ ٻي حصي کي پنهنجو نشانو بڻائي سگهندو آهي ۽ جنهن حصي تي حملہ آور ٿيندو آهي ان کي آهستي آهستي کائيندو ويندو آهي، سفلس سان گڏ اڪثر ۽ مسلسل Blue balls or buboes يعني ران ۽ بغل جا غدود سوزش زده ٿي پوندا آهن.

سفلس هڪ هيبتناڪ بيماري آهي، ايتري قدر خطرناڪ آهي جو پاڙ کان ختم ڪرڻ ۾ سالن جا سال لڳي ويندا آهن ڇاڪاڻ

تہ ھي پوري جسم ۾ سُرايت ڪري ويندي آھي.

سفلس (Syphilis) جسم جي مختلف اعضاءَ تي حملہ آور ٿي مختلف قسم جا روپ اختيار ڪري وٺندي آھي جن جو ھتي بيان ڪرڻ ناممڪن آھي، عام طورتي ان بيماري کي ٽن مرحلن ۾ ورھايو ويو آھي.

ابتدائي مرحلي ۾ گوڙھيون ٻڻبيون آھن. ثانوي مرحلي ۾ غدود (Mucus Membene) متاثر ٿيندا آھن ۽ ٽين مرحلي ۾ انکي گھڻو وقت لڳندو آھي، ھڪ سال يا ان کان بہ وڌيڪ چاڪاڻ تہ ھن مرحلي ۾ سفلس جسم جي ڪنھن بہ حصي تي اثرانداز ٿي سگھي ٿو ايستائين ھڏين تي بہ ھن جڳھ تي ھانيمين جي ڪرانڪ ڊزيز جو حوالو ڏيڻ ضروري آھي جيڪو اسانجي لاءِ وڏي ميڊيڪل جي درس ڪتاب ھجڻ سان گڏ رھنمائي مھيا ڪندڙ ڪتاب پڻ آھي.

ھنيمين فرمائي ٿو تہ Cancre عام طور تي انفيڪشن لڳڻ جي ستن ڏينھن کان چوڏھن ڏينھن تائين ظاھر ٿيندو آھي، ہي علامت تمام گھٽ يا ڪڏھن ڪڏھن ظاھر ٿيندي آھي، چاڪاڻ تہ پھريان ھي مرض جنھن جاءِ تي حملو ڪندو آھي، اتي يعني آلہ تناسل تي ھڪ ننڍو ڦلوڪڙو ظاھر ٿيندو آھي. باقي علامتون بعد ۾ ظھور پذير ھونديون آھن. آلہ تناسل تي ظاھر ٿيڻ وارو زخم ان حالت ۾ مريض جي سڄي زندگي باقي رھندو آھي ۽ باوجود انجي ھي وڌو ٿي وڃي ۽ سفلس جي ثانوي درجي جي علامتن ۾ ظھور گھٽ ھوندو آھي.

ايلوپيٿڪ معالج اھو نٿا ڄاڻن تہ مريض جو باطني جسم پھريان سفلس مياز (Syphlis miasm) سفِلسي زخم جي ظاھر ٿيڻ کان پھريان متاثر ھيو ۽ جلدي ئي گندي مباشرت اھو ڪم ڏيکاريو ۽

ان بعد زخم ظاهر ٿيو.

ايلوپيٿڪ معالجن کي صرف مقامي ۽ سادي زخم طورتي ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ان جي لاءِ ان داغ کي ساڙي سُڪائي ڇڏيندا آهن. زخم نظر کان اوجهل هوندو آهي ۽ مريض کي صحتياب خيال ڪندا آهن. اهي سمجهندا آهن تہ ائين ڪرڻ سان زخم غير مضر ٿي ويو آهي، حالانڪ سفلس جو زخم ۽ زهر اندروني طورتي خون جي نالين ۾ سرايت ڪري عام سوزاڪي بيماريون پئدا ڪندو رهندو آهي، اهيو سبب سفلس کي بيروني علاج جي دبائڻ سبب ٿيندو آهي. بيروني علاج ذريعي دبائڻ تمام وڏي غلطي هوندو آهي. بيماري پنهنجي قوت ۾ اضافو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ٻئي مرحلي جون علامتون مرض ۾ تمام جو تمام ظاهر ٿي وينديون آهن.

هنيمين وڏيڪ چون ٿا تہ صحيح طرح سان علاج ٿيو هجي ۽ تڪليف ٻيهر ظاهر ٿي هجي اهو 50 سال علاج دوران ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي.

هو پنهنجي دعوي جي حق ۾ وڏو دليل پيش ڪن ٿا تہ هي مرض نوع انسانيءَ ۾ نسل در نسل منتقل ٿيندو رهندو ۽ رفتہ رفتہ ان مرض جي نوعيت ۽ شڪل تبديل ٿي ويندي ۽ هاڻي انسان پنهنجي مرض جي پاڻ Vaccination جيان سلفائيزد Sulphised ڪري ڇڏيو آهي ان لاءِ هي مرض هاڻي ٻهريان جيان وڏيڪ خطرناڪ ناهي رهيو.

ڊاڪٽر هنيمين هئين بہ چوي ٿو ٿہ سفلس جو مرض انسان مان ڳئون ۾ منتقل ٿيو هيو جنهن طرح ڪيترن ئي امراض ۾ (Vaccination) ڪئي ويندي آهي جنهن مان انسانن ۾ قوت مُدافعت پئدا ٿيندي آهي ۽ ان مرض کان محفوظ تصور ڪيو ويندو

آهي. اهڙي طرح سفلس نسل درنسل منتقلي مان اهو ڪم ڪري چڏيو آهي جيئن هڪ آرسينڪ (Arsenic) کائڻ وارو ماڻهو سينکو کائڻ ڪانپوءِ اوترو آرسينڪم جو مقدار بيهر کائي سگهي ٿو جيترو ڪيترن ئي ماڻهن جي هلاڪت جو باعث ٿي سگهيو. اهڙا تجربا ڪي عقلي دليل نہ آهن.

علاج Treatment

اسانجو طريقہ علاج جو اهيو طرۂ امتياز آهي تہ هنيمين صاحب فرمائن ٿا تہ مرڪسال (Mercsol) هڪ تيز دوا آهي جنهن کي تجربن سان ڪيترا دفعا آزمايو ويو آهي ۽ اها ڳالهہ بلڪل دُرست آهي هن دوا جا ڪيترائي قسم آهن. انهن جي عين مُطابق Syphlis جي علاج جي لاءِ انهن تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو.

جڏهن بہ ڪنهن مرض جو انديشو هجي يا Cancere پيدا ٿي چڪو هُجي، **مرڪسال** ئي دوا ٿيندي، هي دوا سفلس جي زهر کي بي اثر ڪري تباهہ ڪري ڇڏيندي. جيڪڏهن مرڪسال ناڪام رهي تہ انجو سبب صرف اهو ٿيندو تہ نظام جسماني ۾ ڪا بي رڪاوٽ بہ آهي جيڪا ڪنهن بي شيء جي طلب ڪري رهي آهي. ان لاءِ مرڪسال سان گڏ اضافي طورتي ڪا دوا استعمال ڪرائي مريض کي ان کان نجات ڏياري مڪمل شفاياب ڪري سگهجي ٿو.

مرڪسال (Merc.sol) هميشہ سفلس جي حالتن ۾ بهترين دوا هوندي آهي. ڊاڪٽر شينائيڊر (Schneider) چوي ٿو تہ هن اٺ سئو مريض جيڪي سفلس جو شڪار هُئا مرڪسال سان شفاياب ڪيا.

ڊاڪٽر والز (Walze) صاحب جو هڪ ڪيس پيش ڪجي ٿو. هڪ مريض جنهن جي عمر 47 سال هئي ان کي انن

مهينن کان سفلس جو مرض هيو. بين طريقہ علاج سان ڏبجي ويو هُيو. آلہ تناسل تي سفلس جون حقيقي علامتون موجود هُيون. زخم کي ڪاسٽڪ (Caustic) سان ڏنيو ويو هيو ۽ ساڙي وينڊز سلوشن زخم کي پورو پورو دٻايو ويو هيو جنهن سان انن ڏينهن ڪانپوءِ هڪ پوري رنگ جو زخم ٻڌجي ويو انکي اهيوئي چيو ويو تہ اهائي شفا آهي ۽ مريض هاڻي بلڪل نيڪ آهي. ان کان چار هفتا پوءِ ڳلي ۾ سُور شروع ٿي ويو ۽ مريض سمجهڻ لڳو تہ ان کي سردي لڳي آهي. ٿڪ جي رطوبت وڌڻ لڳي. وات جو ذائقو خاص نوعيت سان بدلجڻ لڳو تارونءَ جي چوڌاري ننڍا ننڍا زخم ٻڌجي پيا هي زخم ڳلين ۽ حُشفا تي بہ ظاهر ٿيڻ لڳا.

سفلس جي معالج خاص عزاري ڪرڻ ۽ سارساپريلا يعني عُشبہ جو جوشاندو پيئڻ جي هدايت ڪئي. ان باوجود حالت بگڙندي وئي ۽ ڳلو (Throat) پهريان کان بہ وڌيڪ خراب ٿي ويو. جنهن ۾ جڏهن مون ڏٺو تہ ڪليون (Tonsils) گهٽيون سُجي ويو هيون ۽ گولائيءَ ۾ زخم هُئا جن جي سائيز اڌ انچ هُئي جنهن جي سطح چربي جهڙي هُئي. ڪاڪڙو وڌيل هُيو مهارون سُجيل ۽ انهن مان رَتُ آسانيءَ سان نڪرندو هيو. مٿي تارون ۽ ڪاڪڙي جو رنگ سرخي مائل پورو هيو. سُوزش پردرد هُئي. وات جو ذائقو ڏاتي ۽ ٿڪ جي زيادتي يا گهٽائي انهن تمام علامتن ۾ هفتن کان مريض مبتلا هُيو. ان کي مرڪسال جو سفوف ڏنو ويو جنهن جي استعمال جي ٽن هفتن اندر آلہ تناسل تي Chancre بيهر ظاهر ٿيو پر ان کي بي ڪابہ دوا نہ ڏني وئي پر مريض 6 کان 8 هفتن ۾ نيڪ ٿي ويو ٿوري دير بعد ايتري شدت سان مرض ظاهر ٿيو جو تمام ضدي نوعيت جو هُيو. تارون ڦليل. ڪليون سُجيل ۽ رنگ سرخي مائل پورو ڳلي جي سوزشي

استسقائي حالت باعث ڳيت ڏيڻ ۾ دقت هئي.

اهڙي حالت ۾ مريض کي مرڪيورس ريوبر Merc: _Rub جو استعمال ڪرايو ويو. 2D طاقت جو سفوف اٺ ڏهه ڏينهن استعمال ڪرائڻ سان Tonsils نارمل صحيح حالت ۾ اچي ويا. وات جا زخم ۽ تارونءَ جي سوزش جون تمام علامتون وينديون رهيون ۽ مريض مڪمل شفاياب ٿي ويو.

مرڪار Merc.Cor : تمام گهڻي مهلڪ خطرناڪ حالتن ۾ ڪم ايندڙ دوا آهي، جڏهن مٿو ڪنڌ سڄيل هُجن، ڪنن مان پونءِ جو اخراج هجي، نڪ ۾ سوزش هجي ۽ ان مان خون وهي، ڪليون ۽ وات ۾ زخم موجود هُجن ته مرڪار تمام مفيد دوا ثابت ٿيندي.

آرسينڪ البم Arsenic Album: هي دوا سفلس ۾ ان وقت مفيد ثابت ٿيندي آهي جڏهن زخمن ۾ گهڻي سوزش ۽ سور هجي ۽ ڳرڻ، سڙڻ وارو مواد خارج ٿئي.

هيپرسلف Heper sulf : هيپر سلف ان وقت ڪارگر ٿيندي آهي جڏهن جسم تمام گهڻو خُشڪ ۽ وار ڇڻندا هُجن.

ڪالي هائيڊرائيڊڪم Kalli. Hydridicum : جڏهن سفلس جي بيماري ٻئي ۽ ٽين مرحلي مان گذري چُڪي هُجي مريض خنازيري مزاج ( Sacrofulous Constitution) هُجي. ڪجهه مُصنفين چون ٿا ته خنازيري مزاج وراثتاً ٽين مرحلي مان گذري چڪو هُجي ۽ مريض خنازيري اثر ۾ هُجي ته مرڪسال بعد سفلس ۾ استعمال ٿيندڙ ٻين دوائن ۾ نائٽرڪ ايسڊ ۽ kalli hydride به اهم دوائون آهن.

هتي ڊاڪٽر گرسني (Dr: Guernsey) صاحب جو هڪ

ڪيس پيش ڪجي ٿو جيڪو هڪ وڏي اسپتال مان لاعلاج قرار ڏئي فارغ ڪيو ويو هيو. آلهٔ تناسل جي ڪل اڌڙي وئي هئي ۽ ناسوري قسم جو زخم پيشاب جي نالي کي ڪائيندو وڃي رهيو هو ان کي بيروني طورتي زيتون جو تيل صاف ڪرڻ ۽ اندروني طورتي کائڻ لاءِ Nitric Acid مٿين طاقت ۾ ڏنو ويو جنهن سان هو مڪمل طورتي شفاياب ٿي ويو.

اهڙي طرح ڊاڪٽر ايڊمنڊسن (Dr: Edmundson) هڪ اهڙو ئي ڪيس پيش ڪيو آهي، هڪ مريض جيڪو گذريل چئن سالن کان سفلس جي مرض ۾ مبتلا هُيو جڏهن مون وٽ آيو ته ان وقت ڳلي ۾ زخم، ذڪڙ، زبان جي پاڙ ۾ زخم، ڪليون زخمي ۽ وات مان گندي بوءِ اچي رهي هُئي. ڪنهن به قسم جي غذا کائڻ وقت ڳلي ۾ شديد سُور جو سبب بڻجي رهي هُئي. تناسل ڦاٽڻ جي ويجهو هُئا. نائٽرڪ ايسڊ6 طاقت ۾ ڏنو ويو. مريض بلڪل صحتمند ٿي ويو ۽ هڪ ٻيو مريض جنهن کي ايلوپيٿڪ وارن پاري جو استعمال ڪرائي ۽ انجيڪشن ذريعي علاج ڪرڻ بعد به شِفا نه ڏياري سگهيا. ڇهن مهينن کان اهڙي ڪيفيت ۾ مبتلا مريض جنهن جي آلهٔ تناسل جي کل به لهي وئي هُئي **نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid** سان ئي شفاياب ٿيو.

__فاسفورس Phosphorus__ : جڏهن Necrosis هڏن ۾ پُورن شروع ٿي ويو هُجي ته (Phosphorus) مفيد هوندو آهي، ساڻ ڪمزوري به واقع هُجي.

__فاسفورڪ ايسڊ Phosphoric Acid__ : فاسفورڪ ايسڊ ۾ ڪٽيون اوڳرايون اينديون آهن. پيشاب ڪيرائو جنسي عضوي جا وار ڪِرن انهن تمام حالتن ۾ هي دوا بهتر نتيجا ڏيندي آهي.

**سلفر Sulfer** : جڏهن تامي جي رنگ جا نشان جيڪي چهري ۽ جسم تي موجود هُجن، کوپڙي ڦرڙين سان ڀريل ۽ اکيون رطوبت سان ڀريل هجن، چهري تي داڻا، خارش جسم تي هجي تہ سلفر مفيد دوا آهي. هي دوا خاص اهڙن ٻارن لاءِ مفيد آهي جيڪي وراثت سفلس زده والدين مان شڪار ٿيا هجن يا اهڙيون ڦرڙيون ۽ داڻا جن پويان سفلي مادو ڪارفرما هجي. هي مواد زير سطح اٿي ڪري ٻاهرين طرف خارج ٿي شفاءِ ڪلي ڪان همڪنار ڪري اهڙي صورت ۾ انهن جلدي ايارن لاءِ سلفر بهترين دوا آهي.

**آرم ميٽ Aurm met** : مريض ۾ ٻڌڻ، ڏسڻ جي حس ڪمزور هجي، ياداشت ڪمزور ۽ مريض مايوس هجي، منٽي جو سُور، متي ۾ بوني (Bony tumor) هُجن، پراڻو نزلو زبان تي ڦٽا ۽ مريض پنهنجي صحت جي باري ۾ مايوس خودڪشيءَ جو رحجان هجي تہ هن دوا سان ٺيڪ ٿي ويندو آهي.

**براٽتا ڪارب Baryta carb** : جڏهن خصيا سڄيل هُجن، تمام گهٽي سردي لڳي، دل جي ڌڙڪن وڌي وڃي ۽ مريض تمام گهڻو ڪمزور هُجي، نہ رڪجڻ وارا چڪر ۽ پيرن ۾ بيقراري هن دوا جي خاص علامت آهي.

**ڪريازوٽم Kreosotum** : جڏهن کوپڙي تمام گهٽي پردرد هُجي، وار گهڻو ڪري ڇڻي ويا هجن ۽ پيشاب خارج ڪندي دقت ساڙو ڪريازوٽم جون علامتون آهن.

**ليڪسس Lechasis** : جڏهن اکين جي سفيدي زرد ٿي وڃي، نڪ جي چوٽي سُرخ، نڪ تي ڪرنڊ، ڳلو خشڪ، ڪنهن بہ حصي جي گينگرين، شيمڪ (Gangrene) ليڪس ۾ ڳلي جي هڪ خاص علامت هوندي آهي. مريض کي ننڊ شين بدران مايع


شيون ڳيت ڏيڻ ۾ تڪليف ڏينديون آهن. مريض ڳلي جي چوڌاري ڪالر وغيره يا ڪپڙو ڍلو ڪري رکڻ پسند ڪندو آهي.

**ڪاربو ويج Carbo_veg** : مريضن جي چمڙي سبزي مائل، نظام انهضام (Digestive system) بگڙي چڪو هجي، قوت حيات بڌندي وڃي آڪسيجن جي خون (رت) ۾ انتهائي ڪمي، ضعف، نزاعي ڪيفيت، ڪاربوويج کي طلب ڪندي آهي.

**سارساپريلا Sarsaparilla** : جڏهن جسم تي خارش سرخي، ۽ داغ هجن خون انتهائي زهريلو هجي تہ سارساپريلا واپرائجي.

**توجا Thuja** : سفلس يا ڪنهن بي جنسي بيماري باعث پئدا شده موهيڙن ۽ گوبيءَ جي گُلن جيان ڦڙن جي پيدائش، توجا جو بيروني استعمال بہ فائديمند رهندو. 30 طاقت اندروني طورتي بهترين آهي. ڪنن مان سفلي مواد، ڪنن جون ڦرڙيون نڪ جا زخم ڇهري ۽ چپن جي زخمن ۽ وات جي تارون ۽ ڪنارن جي زخمن ۽ سفلي علامتن لاءِ توجا وڏي دوا آهي. سفلي هڏن جا سور بہ توجا سان نيڪ ٿيندا آهن.

## زنانيون بيماريون Female Diseases



## حيض۔ ايام۔ ماهواري Menstruation

اهي تمام بيماريون جيڪي عورتن سان وابسته هُجن انهن سيني جو تعلق اعضاء توليد سان آهي، بلڪ مزاجي تغيرات ۽ جذباتي رحجان اِن سبب رونما ٿيندا آهن. منهنجي دعويٰ آهي ته جيڪڏهن توهان حيض سان لاڳاپيل علامتون نظر ۾ رکي دوا تجويز ڪندؤ ته عورتن ۾ ڪامياب ٿي ويندؤ. مايه ناز هوميوپيٿڪ مُعالج ڊاڪٽر جيفرسن مطابق، (Dr: Jafferson) عورت جڏهن ٻچپڻ جي عمر ڪان نڪري جوانيءَ شباب جي حالت تائين پهچي ٿي ته ان وقت هر مهيني بذريعه شرمگاهه هڪ طرح جي سيال (پاڻياٺي) رطوبت جيڪا گندي خون جيان هوندي آهي خارج ٿيندي آهي، هر مهيني ان سيال رطوبت (خون) جو خارج ٿيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اها عورت صاحب اولاد ٿيڻ جي لائق ٿي وئي آهي. هر مهيني رتويتي طورتي خارج ٿيڻ واري خون کي حيض يا ماهواري (Menstruation) چوندا آهن. جڏهن نسواني عَضوون جي تڪميل ٿي ويندي آهي ته حيض جو آغاز جواني مستانيءَ جو اعلان هوندو آهي جنهن جو اظهار خاموشيءَ ۾ جهن جهڪ سان ٿيندو آهي. عورتن ۾ اها تبديلي انتهائي توجه طلب هوندي آهي. جسماني تغير سان گڏ اهو اخراج شروع ٿيندو آهي ۾ انهن جو صحيح ۾ مقرر وقت کي اچڻ ئي صحت جي علامت تصور ٿيندو. حيض جو دورانيا 3 کان 5 ڏينهن تائين ۾ مقدار 4 کان 6 اونس (Ouns) تائين مختلف عورتن ۾ جسماني صحت مُطابق خارج ٿيندو آهي. تندرست ڇوڪريءَ ۾ حيض جو خون گهري سُرخ ۾ بغير لوٿڙن جي هوندو آهي، ۾ کُلي وهندو آهي، حيض اچڻ کان پهريان ٿڪاوت ۾ سُستي ظاهر ٿيندي آهي، پهرين ڏينهن خون جو رنگ ڦڪو هوندو آهي ۾ ٻئي ڏينهن گهرو

قاتي پوندي آهي يا خون جي الٽي اچڻ شروع ٿي ويندي آهي يا وري کنگهه ۾ خون اچڻ شروع ٿي ويندو آهي. اهو ڇو ٿيندو آهي هڪ سوال آهي. انجو جواب هي آهي تہ جسم انساني ۾ جڏهن خون مان اولاد پيدا ڪرڻ وارو انڊو (بيضو) ٺهيو آهي تہ تخم Sperm مان ملي حمل قرار پائيندو آهي اهوئي خون يا انجو گندو حصو هر مهيني نوبتي طورتي خارج ٿيندو آهي، ماهواري تقريباً 14 ڏينهن (Ovulation) بيضي انسئي مان (Ovum) اخراج ٿيندو آهي، اگر ان وقت (Sperm) رحم ۾ داخل ٿي وڃن تہ ان جي مُلاقات بيضي (انڊي) (Ovum) سان ٿيندي آهي جنهن مان حمل قرار پائيندو آهي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ وري اڳين مهيني حيض جاري ٿي ويندو آهي. اهو ڇو آهي، تہ ان جي لاءِ اهو چوڻ مناسب ٿيندو تہ قدرت عورت جي نسل ڪي واڌ لاءِ هڪ ذريعو ٺاهيو آهي، پيو تہ جيڪڏهن عورت جي رحم مان هر مهيني خون جو خارج نہ ٿئي تہ عورت جي صحت نيڪ نہ رهندي ۽ اهڙي طرح قانون قدرت ئي ختم ٿي وڃي. حالانڪہ خون نڪرڻ سان صحت خراب ٿيڻ بجاءِ صحتمند رهي ٿي اهو قدرت جو ڪرشمو آهي.

### اولين حيض (First Menstruation)

هي بنهي حالتن درميان. وقفي وارو حصو هوندو آهي، ماهواري حيض جي شروع ٿيندي ئي باراٽائپ واري عمر ختم ٿي ويندي آهي ۽ دور شباب شروع ٿي ويندو آهي ۽ چهري تي هڪ عجيب معصوميت ۽ شرم محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ۽ اکين ۾ شوخي ۽ نشيءَ جيان محسوس ٿيندو آهي. جسم جي هر حصي مان قدرتي حُسن ڇلڪندو آهي ۽ گڏ جسم پرجي ويندو آهي ۽ پستانن ۾ اڀار ۽ گول ٿي ويندا آهن اٿين محسوس ٿيندو آهي جڻ تہ عورت پنهنجي

ٿي وزن مان خود اڳتي جھڪل محسوس ٿيندي آهي. هڪ لفظ (ماءُ) جون تمام خوبيون ان عورت ۾ اچي وينديون آهن جيڪي هُن ۾ ماءُ ٿيڻ لاءِ ازخود ظاهر ٿي وينديون آهن.

ماهواريءَ جي پهرين ڏينهن کان وٺي 5 کان 7 ڏينهن تائين حيض جو زمانو چوائي ٿو اهڙي طرح جديد تحقيق مطابق ماهواري يا حيض جي چوڏهين ڏينهن تي (عمل تبويض) (Ovarclation) بيضہ انسي (Ovum) حنصية الرحم (Ovary) مان خارج ٿيندو آهي جنهن جي زندگي 14 ڪلاڪ هوندي آهي. جيڪڏهن دوران مباشرت (Intercourse) جي نتيجي ۾ (Sperm) ميٽازون رحم ۾ پهچي وڃن تہ حمل (Fertilization) قرار پائيندو آهي. حمل ٿي وڃڻ کانپوءِ رحم جو مُنهن بند ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن قسم جو مرض وغيره آهي تہ جنهن سبب حمل ڪري ٿو يا صرف وضع حمل وقت ئي رحم جو مُنهن کلندو آهي.

پر جيڪڏهن حمل نٿو ٿئي تہ پوءِ 27 يا 28 ڏينهن بعد حيض اچڻ شروع ٿي ويندو آهي ۽ حيض جو اهو سلسلو 50 کان 55 سالن تائين تقريباً عورتن کي جاري رهندو آهي، ان کانپوءِ حيض اچڻ بند ٿي ويندو آهي. ان زماني کي Menopause يا سن ياس جو زمانو چئبو آهي. هي دور بہ ٻن حالتن جو دور هوندو آهي يعني جواني ختم ٿي ڪراڙپ جو دؤر شروع ٿيڻ. عورت کي جيترو جلدي يا دير حيض ايندو اهڙي طرح جلدي يا دير ۾ سن ياس جي زماني کي پُهچندي.

حيض يا ماهواري جي باري ۾ عام ڳالهيون مٿي ٻڌائي چڪيون آهن انهن جي ـجاڻب عام طرح بذريعہ شرمگاهہ جيڪو خون جاري ٿيندو آهي. انهيءَ کي ئي حيض چوندا آهن ۽ هڪ حيض کان ٻي

ويندي آهي. ان هارمون بدولت قاتل فاليڪيول ۾ ڪارپس ليوتم ٺهيو آهي جيڪو Progestrone هارمون پيدا ڪندو آهي. جڏهن هارمون خون رستي (Uterus) تائين پهچندو آهي ته Endometrim تلهو ٿيڻ لڳندو آهي. Blood Vessels جو تعداد وڌي ويندو آهي، غدود وڏا ٿي ويندا آهن ۽ مواد پيدا ڪرڻ لڳندا آهن. Blood vessels خمدار هوندا آهن ۽ Uterus اندلان تر رهندا آهن. اها حالت انبڙي (Ovum) کي خوش آمديد چوڻ لاءِ پيدا ٿيندا آهن. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن انبڙو (Uterus) ٻچي دانيءَ ۾ پهچي ڪري (Fertilize) (حامل) ٿي وڃي ته پوءِ ان نرم Endometrim سان گڏ چنبڙي ويندو آهي ۽ وڌڻ لڳندو آهي ۽ جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته Uterus ٽين حالت ۾ هليو ويندو آهي.

Menster wal phase 3 : مينسٽروال فيز:

هي حالت پچوٽرٽي هارمون ايل-ايچ (L.H) جي ڪميءَ سبب پيدا ٿيندي آهي جنهن جي ڪري Corpus Leutun جي نشونما گهٽجي ويندي آهي. پروجسٽرون هارمون جي گهٽتائي ٿي ويندي آهي. جنهن جي ڪري (Endometrim) ڳرڻ لڳندو آهي ۽ ڳري ڪري ٻاهر انبڙي سميت وهي نڪرندو آهي ۽ ان عمل کي ماهواري يا حيض چوندا آهن. جڏهن پروجيسٽرون هارمون جو مقدار خون ۾ گهٽ رهجي ويندو آهي ته پچوٽري گلينڊ جو هارمون ايف-ايس-ايچ (F.S.H) پيدا ٿيڻ لڳندو آهي جنهن سان ماهواري جو سائيڪل پوءِ ورجايو ويندو آهي. حمل قرار پائڻ جي صورت ۾ ماهواريءَ جو سلسلو منقطع ٿي ويندو آهي ۽ جي حمل ٿي وڃي ته ٻچي جي اوور (Placenta) هڪ هارمون پيدا ڪندي آهي جنهن کي ڪوريان ڪوڪيندوترافِن چوندا آهن. ان جو عمل بلڪل L.H

جيان هوندو آهي. هي هارمون ڪارپوس ليوٽم کي ڳرڻ ناهي ڏيندو جنهن جي ڪري پروجسٽرون جي مقدار ۾ گهٽتائي پئدا ناهي ٿيندي جنهن ڪري ماهواري ناهي ايندي ۽ ٻار رحم اندر نون 9 مهينا پرورش پائيندو آهي.

## حيض جا مقاصد Why Menstruation?

خون حيض جو ماهانہ اخراج بنيادي طرح ٻن مقصدن ڪري ٿيندو آهي.

1 ـ ماهواريءَ جو پهريون فائدو هي آهي تہ رحم جو فاضل خون خارج ٿي صحت جي ضمانت مُهيا ڪندو آهي جڏهن تہ حمل ٿيڻ سان اهيو ئي خون ٻار جي پرورش لاءِ ڪم ايندو آهي.

2 ـ عورت جي قوت شهواني کي گهٽ ڪرڻ ۾ خون حيض جو ڪرشمو شامل آهي ۽ جتي ائين ناهي ٿيندو اتي بيشمار امراض ۽ دماغي فتور بہ پاتو ويندو آهي.

مختصر اهو تہ حيض اچڻ تندرستيءَ جي علامت آهي، عورت ۾ مرض خلاف قوت مدافعت پئدا ڪندو آهي ۽ ائين نہ ٿيڻ سان طرح طرح جا مرض پئدا ٿيندا آهن.

## حيض جو بيقاعدگيون ۽ علاج

## Disorders & Treatment of Menstruations:

1 ـ حيض جو بند هجڻ يا نہ اچڻ. Amenorrhoea.

2 ـ حيض جو سور سان گڏ اچڻ. Dysmenorrhoea.

3 ـ حيض جو مقدار ۾ گهٽو اچڻ. Metrorrhagia.

4 ـ حيض جي بي ترتيبي. Irregular menses.

5 ـ ڪثرت حيض. Menorrhagia.

6 ـ حيض جو دير سان اچڻ. Delayed menses.

7 ـ حيض جو قليل مقدار ۾ اچڻ .Scenty menses

8 ـ حيض جو بلوغت کان قليل اچڻ .Premature menses

9 ـ متبادل حيض .Vicarious menses

10 ـ موقوفيءَ حيض (سن ياس) .Menopause (change of lifclimex)

**1 : حيض جو بند هُجڻ يا نه اچڻ : Amenorrhoea**

هن بيماريءَ ۾ شروع ۾ ئي حيض ناهي ايندو يا ڪجهه دير اچي بند ٿي ويندو آهي. حيض جو ڏبجڻ به ان عارضي جي هڪ صورت آهي.

**مرض جا سبب Cause Of Diseases**

ورم رحم، حمل، ايام رضاعت (ٻار کي کير پيارڻ وارو وقت) سن ياس (Menopause) رحم جو منن بند ٿيڻ، ڪمي خون، مزمن مرض (Chronic Diseases) سيلان رحم، ٿڌ لڳڻ، ڪجهه دموي مزاج يا ٿلهي تازي عورتن ۾ به اڪثر حيض گهٽ يا بند ٿي ويندو آهي.

**علامتون : Symptoms**

هٿن پيرن ۾ جلن هوندي آهي، طبيعت سُست ۽ ڪسلمند رهندي آهي هاضمو خراب رهندو آهي، بحالت ڪمزوري ڏڙڪڻ ٿيڻ لڳندي آهي، عضوا پچندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن حيض بند ٿيڻ سان ڪن. نڪ ۽ وات مان خون ايندو آهي.

جيڪڏهن نوجوان ڇوڪريون جن کي حيض نه اچي ۽ نرن ۾ سور هُجي ته رحم يا خصية الرحم جي خرابي تصور ڪيو وڃي، ٿلهين تازين عورتن ۾ نرن ۾ ڳورائپ، ڳُلهن ۽ رانن ۾ سُور بخار جون علامتون به ٿي پونديون آهن. ڪميءَ خون سبب جيڪڏهن حيض گهٽ مقدار ۾ اچي يا دير سان اچي يا بلڪل رڪجي ويو هُجي ته

مريض ۾ اختلاج ۽ نقاهت وڪمزوري جون علامتون ٿينديون آهن. جسم جو رنگ زرد پئجي پوندو آهي.

مزمن مرضن جو دوران خون حيض هڪدم بند ناهي ٿيندو بلڪ آهستي آهستي گهٽ ٿي ويندو آهي ۽ بالا آخر بند ٿي ويندو آهي.

سبب : Cause

حيض جي بند ٿيڻ جا مختلف سبب هوندا آهن ۽ حيض عورت جي زندگيءَ ۾ هڪ يا ڪيترن ئي حالتن ۾ بند ٿي سگهي ٿو. حيض جي بند ٿيڻ جي انهن مختلف شڪلن کي ٽن صورتن ۾ منقسم ڪري سگهجي ٿو.

1۔ جڏهن حيض ڪڏهن بہ نہ آيو هُجي. 2۔ يا حيض ظاهر ٿي رڪجي ويو هُجي. 3۔ يا وري حيض لڳاتار جاري رهيو هُجي يا صرف ڪڏهن ڪڏهن جاري رهيو هُجي ۽ انجو دور نهايت بي قائده هجي.

علاج : Treatment

<u>پلسٽلا Pulstilla 30_200</u> : نرم طبيعت مزاج ۾ گهڙي گهڙي تبديلي, وات خُشڪ اڃ نہ لڳي, هيٺيون چپ اڪثر ڏريل, موٽاپو اکيون آليون, حيض جي بندش ڪڏهن جاري ڪڏهن بند, بک گهٽ, معدي جي خرابي, ترشيات جي خواهش, حيض ڪجهہ ڏينهن چڙهي وڃي, سڄو جسم يا پير پجڻ سان حيض بند, هن دوا ۾ اڪثر بيمارين سان گڏ نزلي يا معدي جي شڪايت بہ رهندي آهي.

زيادتي: شام جو پجڻ سان.

<u>ڪلڪيريا ڪارب Calc:carb 30_200</u> : ٿلهو مريض, پيٽ وڏيل, هٿ ٿڌا پيرن تي چنبڙندڙ پگهر, مٿي تي پگهر.

ابتدائي حيض ۾ دير, ذائقو ٽُرش, وات ۾ ڪتو پاٽي, حبس حيض, دل جي ڌڙڪڻ, مٿي جو سُور ۽ سر دي,مٿي ڪائڻ جي عادت.

زيادتي: ڪپڙن ڌوئڻ ۽ ڏاڪڻ چڙهڻ سان.

فيرم ميٽ Ferum met 30_200 : هٿ ٿڌا، حرارت غريزي جي گهٽتائي، غير هضم غذا جي اُلٽي، ٿورڙو ڳالهائڻ يا گهمڻ سان ڪمزوري، نازڪ مزاج.

خون جي گهٽتائي شروعات ۾ حيض دير سان اچي، مٿي ۾ سخت سُور، حيض هڪ ٻه ڏينهن رهي وري بند ٿي وڃي، ساهه ۾ ڏڪڙ کائڻ ڪانپوءِ رفع حاجت لاءِ ڊُڪي (يجي) غير هضم پاخانه.

زيادتي: پگهر اچڻ سان يا وهنجڻ سان.

سمي سي فيوگا Cimi cifuga 30_200 : تمام عضوون ۾ ڀوراپ، جسم ۽ سنڌن ۾ مفاصلي سُور، مسلسل ڳالهائڻ جي عادت واريون عورتون، اک جي پورن ۾ سور، بيخوابي ۽ ڇهري تي داغ.

عصبي مزاج ۽ وائي جي سُور واريون عورتون، جن کي بندش حيض هُجي، رعشو مٿي ۾ ڀوراپ، چڪر، نرن ۾ سُور، رحم ۾ سُور. جيڪڏهن ڪڏهن دوا جون نمايان علامتون نه هُجن ته هر قسم جي بندش حيض ۾ اڪثير مفيد رهندي آهي.

گريفائيٽس Graphites 30_200 : فربه اندام، ڪٽڪائو رنگ، قبضي جو شڪار سردي کان ڏکيءِ چمڙيءَ جون بيماريون.

ماهواري دير سان، ڪجهه ڏينهن چڙهي وڃن، خون زرد، تمام گهٽ حيض سان گڏ زڪام، کنگهه، چيلهه ۾ ڪمزوري، پستانن ۾ سُور ۽ پگهر جي ڪثرت.

خون دوران بيقائدگي، پگهر سان ڪپڙن تي زرد داغ.

**زيادتي:** حيض دوران هر مرض ۾ زيادتي.

ليڪسس Lechasis 30_200 : چمڙي تي نيرا داغ، گرم پگهر، تارونءَ تي بار جلڻ، ناسون حساس، زبان خُشڪ چوٽي

ڏريل، مهارون سُجيل، حيض ۾ رڪاوٽ جڏهن ته جسم جي گرمي جڻ شعلا نڪرن، ڏڙڪڻ، پستان متورم، دمچيءَ جي هڏيءَ ۾ سُور، ننڊ مان بيدار ٿيڻ تي ئي مٿي ۾ سُور.

**زيادتي:** ننڊ دوران سمهڻ کانپوءِ حيض جاري ٿيڻ تي سڀ علامتون گهٽجي وينديون آهن.

نوٽ: جيڪڏهن ساهه ۾ رڪاوٽ، ساڄي ڪلهي ۾ سور سان گڏ حيض بند هجي ته **سينگونيريا Sangoneria** : سردي يا خوف مان حيض هڪدم بند ٿي وڃي ته Aconite حيض بجاءِ نڪهير اچي ته Bryionia.

- سرد خشڪ هوائن جو اثر، حيض بند ٿي يا رڪجي وڃي. Aconite 30
- بارش ۾ پِجي وڃي يا ٿڌ ۽ نميءَ جا اثر. Dulcamara 30
- پير پِجي پون ۽ حيض رڪجي وڃي. Pulstilla 30
- غمگين، حليم الطبع مريضائون، چڪر کليل هوا ۾ تڪليف. Cyclamin 30
- غمگين مريض، چڪر، کليل هوا ۾ آرام محسوس ٿئي. Pulstilla 200
- جيڪڏهن پلسٽلا جڻ بعد ۾ ڪم نه ڪري. Nat mur 200
- جيڪڏهن نيترم ميور سان به مقصد حاصل نه ٿئي Kalli carb 200
- حيض رڪجي وڃي ۽ ان بجاءِ سيلان شروع ٿي وڃي. Xanthoxylum 30

## حيض جو درد سان اچڻ

(Dysmenorrhoea painfull mensum)

حيض جو درد سان اچڻ ۾ خون قليل ۽ وقفي وقفي سان پر درد

نموني ايندو آهي. اها ڪا جسماني تبديلي نہ آهي، هي علامت نوجوان عورتن ۾ عام ملندي آهي. رحم جي اندروني ڄارين جي ورم جي صورت ۾ انجي درد جو احساس رهندو، جنهن کي Endonetresis يعني ورم بطن نہ رحم بہ چيو ويندو آهي. حيض جي تڪليف جي صورت ۾ رحم جي بلغمي ڄاري ۾ ورم جي ڪري ٿيندو آهي، چاهي اهو ورم رحم جي منهن ۾، رحم جي جسم ۾ يا ٻنهي طرف ٿيندو آهي. جيڪڏهن خصية الرحم ۾ ورم هُجي ۽ رحم جي چوڏاري رسيشن ۾ ورم هُجي تہ بہ هي تڪليف ٿي سگهي ٿي، ڪجھ ورمي ڪيفيتن ۾ ائين بہ ٿيندو آهي، جن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تڪليف ناهي ٿيندي. ورم بطانہ رحم جي ڪيفيت ۽ عام سُور واري حيض جي تشخيص اها آهي تہ پهرين علامت ۾ حيض نہ ٿيڻ تي تہ بہ هلڪو هلڪو سور رهندو آهي ۽ ٻي حالت ۾ حيض جي وقت صرف سور ٿيندو آهي.

**مرض جا سبب Cause Of diseases**: رحم ورم هُجڻ، رحم جو پنهنجي جڳھ کان هٽي وڃڻ، رحم ۾ رهڻ، وضع حمل کانپوءِ رحم جو پنهنجي جڳھ تي واپس نہ اچڻ، رحم جا اعصاب ڏکي الحس، سردي لڳڻ، ڪثرت مباشرت.

**علامتون :Symptoms**

حيض اچڻ کان ٿي چار ڏينهن پهريان نرن ۽ چيلهہ ۾ سُور، مٿي ۾ سُور ۽ طبيعت بوجهل ۽ متوحش رهي. حيض مقدار ۾ گهٽ ۽ نهايت تڪليف سان خارج ٿئي. بعض اوقات ايتري شدت جو سُور ٿيندو آهي جو مريض هوش ۽ حواس وڃائي ويهي.

**پرهيز ۽ هدايت (Precautions)**

مريضہ کي آرام ده ۽ هوا دار ڪمري ۾ ليٽائي رکو. نقل و

حرڪت نہ ڪرڻ ڏيو نرن تي سيڪو ڏيو. جيڪڏهن رحم پنهنجي اصل جڳهہ کان هٽي ويو هجي ۽ پردرد حيض هجي تہ ڪنهن هوشيار ليڊي ڊاڪٽر کان اصل جڳهہ تي ڪٽي بيهاريو. مباشرت ۾ اعتدال کان ڪم وٺو قبضي نہ ٿيڻ ڏيو. ڪٽيون شيون مرچ ۽ بادي شين کان پرهيز ڪريو.

اقسام مرض Kinds of Diseases

1 تشجي (Spasmotic) جنهن ۾ شديد تشنجي درد نہ آهن.

2 عصبي (Nervous) بيضہ دانيءَ جي خرابي سبب.

3 عفونتي يا اجتماع خون (Infection)

4 رڪاوٽي يا سدي سُور رحم جي نالين جي تنگيءَ سبب (Obstructive)

5 غشائي سور عضلاتي (Membranous) جنهن ۾ جنون سان گڏ جاريون خارج ٿين.

6 اِمتلائي (نفسياتي مرض) نفسياتي عوامل (Congestive)

علاج Treatment

<u>وائبرنم اوپولس Vibranum opols Q</u>: مُسلسل اوڪارا، اکين ۾ سُور، پيشاب جي باربار حاجت مقدار ۾ وڌيڪ، رنگ زرد، ڏکميون عورتون، هر مهيني سُور سان حيض اچي، درد ۾ آڪڙ جيڪو چيلهہ کان بچي دانيءَ تائين هلي، هيٺ طرف دباءُ حيض درد سان ۽ اُن ۾ چچڙا، نرن ۾ سُور ۽ ذڪر.

سنڍ عورتن ۾ ايام جي خرابي.

**زيادتي**: گرم جڳهہ ۾ ۽ رات جو.

<u>زينٿو زائلم Xantho xylum 30_200</u>: گهپرايل ۽

افسوس ده عورتون، متي جي پُٽِ ۾ سُور، ٿڪ جي ڪثرت، بيخوابي، سُمهڻ بعد تازه، دم نہ ٿئي. پردرد حيض، ڪجهہ حالتن ۾ ڪيترائي مهينا حيض رُڪجڻ ڪانپوءِ جاري ٿيندو آهي، نرن ۾ سُور، خون گهاٽو ۽ ڪارو. بک نہ لڳندي آهي، حيض جو سُور، پيٽ ۾ سُور ۽ اسهال.

**زيادتي** : صُبح ۽ چئين بجي.

**پلسٽلا Pulstilla 30_200**

مزاج ۽ علامتون بدلجنديون رهن، وات خُشڪ، هيٺيون چپ سُڄيل ڦاٽل ۽ وچ ۾ احوال ڏيندي مريض روئي ويهي. خون حيض مقرر وقت ڪانپوءِ سور سان، خون جو رنگ ڪارو، درد جي زيادتي سان گڏ سرديءَ جي زيادتي، گهري رنگ جا ڇيڇڙا ۽ خون جنهن جو رنگ بدلبو رهي، تمام عضوا سهميل، سيلان خون ڪڏهن بند ڪڏهن جاري.

**ويريٽرم ورائيڊ Vert.viride 30_200** : متي تي بوجهہ، هاءِ بلڊ پريشر، جسم جو درجہ حرارت گهٽ يا وڌيڪ. زبان سُفيد يا زرد ليڪن وچ ۾ هميشہ سرخ ليڪ جهڙي طرح پلسٽلا عام طورتي نوجوان ڇوڪرين جي سُور واري حيض ۾ اڪثر مفيد رهندي آهي اهڙي طرح اڌيڙ عمر جي عورتن جي درد واري حيض ۾ جڏهن اوڪارا ۽ اُلٽي بہ گڏ هُجي، جسم ۾ خون جي گهٽائي هُجي، معدي ۽ خوراڪ جي نالي ۾ جلڻ هُجي، ڦڦڙن ۽ دماغ ۾ بہ خون جو اجتماع هُجي.

**زيادتي** : صبح جاڳڻ ڪانپوءِ دماغ ۾ بہ خون جو اجتماع، گرمي ۽ سرديءَ ۾ وجهڻ سان.

**بيلاڊونا Belladona 30_200**: متو گرم، پير ٿڌا، اک جا سفيد پردا ڳاڙها، چمڙي گرم ۽ خشڪ ڍڪيل حصن تي پگهر. پردرد حيض، ٻچي دانيءَ جي هيٺين طرف دٻاءُ جيئن ٻاهر نڪري پوندي

رانن ۾ چڪ. درد مسلسل نہ ٿئي پر رُڪجي رُڪجي ٿئي، خون جو رنگ چمڪدار ۽ سرخ، پنهي ڪلهن ۾ سُور. درد شدت سان اچي پوءِ ڪجهہ دير لاءِ غائب ٿي وڃي.

**زيادتي :** چهڻ سان، جهٽڪن سان، شور سان تيز.

**نوٽ:** جيڪڏهن ڪنهن دوا جون نمايان علامتون نہ ملي سگهن تہ Mag_phos 6x گرم پاڻيءَ سان واپرايو. هر قسم جي پردرد حيض ۾ مفيد آهي.

**مختصر معالجات**

درد تڪليف ڏوڙن جي صورت ۾، سيڪڻ سان آرام

Mag.phos 12x

چڙچڙو مزاج، درد ناقابل برداشت Chammomella 30

پيٽ ۽ زيرناف درد شديد، آڪڙ دار Caulophylum 30

خون گهٽ، ڪارو، گهاٽو درد سان Pulstilla 30

حيض شديد درد سان گڏ، خون جي چاپن سان ٽڪر Borar 30

خون وڏيڪ ۽ قبل ازوقت ۽ شديد درد ناڪ

Xanthoxylum 30

درد حيض ڪان پهريان Lechasis 30

درد حيض دوران Mag.phos 30

درد حيض بعد Cimicifuga 30

جيئن جيئن سيلان وڌيڪ درد ۾ وڌيڪ آرام

Lechasis 30

## ڪثرت حيض Menorrhagia

اهڙي طرح ۾ حيض جي مقرره پنهي صورتن ۾ خون وڌيڪ

خارج ٿيندو آهي ۽ قبل ازوقت بہ اچڻ شروع ٿيندو آهي.

## تـــعـــريف Deffination

ڪثرت حيض يا ماهواري جو تمام گهڻو اچڻ. ماهواريءَ جي ڏينهن ۾ گهڻو اخراج خون جي ڪثرت کي ڪثرت حيض چئبو آهي ليڪن ٻنهي حيض جي وچ ۾ جيڪڏهن اندام نهاني (Vagina) مان ٿورو گهڻو خون اخراج ٿئي تہ انکي استحاضہ چئبو آهي. ٻنهي ۾ فرق ٻڌائڻ ضروري آهي، ڪنهن عورت کي مهيني ۾ ٻہ دفعہ جريان خون ٿيندو آهي ۽ ڪنهن کي هڪ دفعو ئي ٿيندو آهي، پر ٻنهي جو مقدار وڌ کان وڌ ڏينهن تائين جاري رهندي ڪڏهن نوبتي. جريان خون جي مقدار گهٽي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هرهر جريان خون ٿيندو آهي، ۽ ڪڏهن ٻنهي حيضن وچ ۾ غير قدرتي جريان هوندو آهي، هي جريان خون مختلف قسم جو هوندو آهي، ڪڏهن چمڪيلو لال، هلڪو نيرو ڪارو پاڻي جهڙو سيال ۽ سارو گهاٽو خون. لوٿڙي يا ڳنڍيدار هوندو آهي، ڪڏهن ان ۾ بوءِ رهندي آهي ۽ ڪڏهن نہ هوندي آهي.

**مرض جا سبب :** رحم جو ڍلو هُجڻ. باربار حمل جو ڪرڻ ڪثرت جماع. شهوت خيز ڳالهيون. رحم ۾ خراش. رحم ۾ ڪنهن ناليءَ جو منهن کليل رهجي وڃي. رحم پنهنجي جاءِ تان هٽي وڃي، رحم ۾ ڦرڦٻون ۽ رمولي وغيره. امراض جگر ۽ قلب جسم ۾ خون جي ڪثرت دل ۽ ڦڦڙ جي بيماري باعث رحم جي نالين ۾ خون جو جمع ٿيڻ ۽ رحم اندر اوڙجو ٽڪرو رسولي وغيره رهجي وڃڻ وغيره.

**عـــلامتون Symptoms:** خون حيض بڪثرت اچي، ڪڏهن مسلسل هڪ ئي رفتار سان اچي ۽ ڪڏهن ڪڏهن رُڪجي وڏيڪ مقدار ۾ خارج ٿيندو رهي، بعض وقت خون جو سيلان ايترو شديد ٿيندو آهي جو مريض ٿوري ٿوري عرصي بعد بيهوش ٿي ويندو

آهي ۽ مستورات قلب ۽ ڦڦڙ جي عارضي ۾ مبتلا هُجن، ان جي لاءِ هي حالت تمام تشويشناڪ هوندي آهي. ڪجهه حالتن ۾ هلاڪت جو انديشو هوندو آهي.

علاج Treatment

اپيڪاڪ Ipeacac 30_200 : نظري يا خارجي علامتون: هر وقت اوڪارا، اڪين مان ڳوڙهن جي ڪثرت، اکين جي چوڌاري نيرا نشان، زبان صعاف، وات ۾ ٿڪ جي ڪثرت. حيض بڪثرت، خون چمڪدار سُرخ، اخراج تيزيءَ سان ۽ ان سان اوڪارا حيض وقت کان پهريان ۽ اوڪارا ۽ الٽي رڪجي رڪجي اچي، خون بڪثرت ڦڦڙن جي بيماريءَ ۾ حيض جي ڪثرت.

زيادتي: ليٽڻ سان.

ٽرليم. پنڊوليم 30_200 : هٿ پير ٿڌا، نبض تيز. سيلان خُون سان گڏ معدي جي ويهڻ جو احساس، مٿي جو سُور شور.

حيض هر ٻئي هفتي، زيادتيءَ سان گڏ رحم پنهنجي جڳهه کان هٽيل. حرڪت سان خون جي ڪثرت. خون چمڪدار سرخ مقدار ۾ تمام گهڻو گهٽا ڏينهن جاري رهي، ڪُلهن ۾ سُور چيلهه ٻڌڻ سان آرام. برف جي پاڻي جي خواهش باقي سيني شين جي بي رغبتي ان کان علاوه حَسب علامات ملي فوليم (Millifolium) ۽ Hammamelis مفيد آهن.

سبائنا Sabina 30_200 : دمچي کان نرن تائين سُور، وات ۾ خُشڪي، ڏائڦو ڪڙو جوڙجوڙ ۾ سُور، گردن ۾ جَلن، مٿي جو سُور چڪر. خون حيض ڪثرت سان پاڻيءَ جهڙو پٽڙو ڄميل، وڏيڪ ڏينهن تائين حيض ۾ سرخ لوٿڙا، ٻن حيض درميان بہ خون رسَي، خوني بواسير واريون عورتون، حيض بڪثرت، پاخانو هميشہ خون مليل.

**ٿلاسپي برسا 200_ 30** : اخراج خون سان گڏ چيلهه يا تمام جسم ۾ سُور زبان تي سفيد مَير، وات ۾ چپ ڦاٽل، ساڄي اک پردرد، ماهواري جلدي جلدي ۽ گهٽي مقدار ۾، رحم ۾ سُور سان اخراج خون، خون جميل، هر ٽين مهيني ڪثرت حيض، خون جو ڏهو ڏوئڻ سان بہ نہ لهي، پهرين ماهواري ختم ٿي تہ ٻئي شروع ٿي وڃي.

هي دوا ٻچي داني جي مُخفي عوارض جي لاءِ مفيد آهي. آپريشن بعد اخراج خون کي روڪي ٿي.

**سڪيل ڪار Secal cor 30_200**: ڏبري، ڪمزور عورتون، چهري تي گُهنج، مٽي جا وار ڇٽن، زبان خُشڪ، جسم ۾ گرمي ليڪن بدن ٿڌو.

ڪثرت حيض، خون لوٿڙي دار سياهي مائل، ٻچي دانيءَ ۾ جلن ۾ سُور هڪ حيض کان ٻي حيض تائين خُون ٽپڪڻ. هن دوا جو خون وهڻ بجاءِ ٿمندو آهي.

**زيادتي**: گرمي کان، ڪپڙا ويڙهڻ سان.

**ڪلڪيريا ڪارب Calc.carb 200** : موٽي ڦربہ جسم، مٿي تي پگهر، هٿ پير ٿڌا، هلڻ ڦرڻ سان ساهہ مُنجهي.

ماهواري قبل ازوقت ۽ بڪثرت وڌيڪ وقت جاري رهي، ماهواري کان اڳ مٿي جو سُور، چڪر، دوران حيض اندام نهاني ۾ جلڻ ۽ خارش هي دوا خون ۾ جماءُ آڻيندي آهي ان کان علاوه ڪثرت حيض ۾ چاڻنا بہ مفيد آهي.

**مختصر معالجات**

. سڏ ۾ سيلان، مُدت حيض ختم ٿيڻ بعد عرصي تائين خون جاري : ونڪامائزر (Vincaminor) 30

. سڏ ۾ سيلان خُون، حيض کان علاوه ڏينهن ۾ جاري رهي

Ustilago 30

. خون جو سيلان تمام.گهٽو تـمـام جسـم بـرف جيـان ٿـڌو Siliua 30

. خون وڏيڪ سياهہ ۽ منجبد China 200

. مريضہ ڏبري، ہن حيضن درميان وقفي ۾ مُسلسل خون، پـٽـڙو ۽ سرخ Secal cor 30

. خون چمڪدار سرخ، اوڪارن سان گڏ ۽ بغير الـٽـيءَ جي Ipeacac 30

. ہن حيضن جي وچ ۾ خون معمولي ڳاڙهاڻ ڇهري تـي، مـٿـو گرم پير ٿڌا. Belledona 30

. ہن حيضن جي وچ ۾ خون معمولي سبب ڪري Ambra 30

. ہن حيضن جي وچ ۾ سياهہ Hammamelis 30

. سيلان خُون، اسقاط حمل کان پوءِ سن ياس ۽ درد دار حـيـض پيشاب ۾ بوءِ Nitric Acid 30

. حيض وڏيڪ ۽ خون جو رنگ ڪارو حصية الـرحـم جـون تڪليفون Hammamelis 30

. حيض تمام جلد، تمام گهٽو ۽ گهٽن ڏينهن تائين لهي، رحم ڪريل Aloes 30

. خون جو مُسلسل سيلان بغير ڪـنـهـن خـاص سـبـب جـي . Thelaspi bera Q

. خـون حـيـض جـي لڳـاتـار ڏار، سـخـت ڪـمـزوري Vinca minor 30

. دل جي شڪايت کان ڪثرت حيض Digitalis 30

. ڏڪ کان ڪثرت حيض Arnia 200

. دق (Tuberculosis) واريون عورتون
Phosphorus 30, kalli carb 30

. حيض جلد جلد مقدار ۾ گهٽو ۽ هر دفعي مٿي جو سُور ۽ بخار Rodendron 30

. سن ياس جي زماني ۾ ڪثرت حيض Ustilago 30

. ڏبرين عورتن ۾ ڪثرت حيض Phosphorus 30

. ليٽڙ سان ڪثرت حيض Kreostum 30,200

## عورتن ۾ عام بيماريون
## Common Diseases in Females

**مباشرت دوران ۽ بعد ۾ تڪليف Complains in Coitition**

مباشرت کان نفرت ۽ نهائيءَ (Vagina) ۾ خشڪي
Sepia 200

ڪميءَ خون ۽ وات جي خشڪي عورتن ۾ مباشرت کان نفرت Nat mur 200

مباشرت جو خيال ئي نہ سوچي، خيال ئي تڪليفده، مباشرت جي رغبت ئي نہ هُجي لڪوريا اندي جي سفيدي جهڙو
Hydrasts 200

مجامعت دوران سهڪو (Asthama) شروع ٿي وڃي
Ambra agrasea 30

نهائين (Vagina) ۾ جماع دوران ۽ بعد ۾ جَلڻ، خارش
Kreosotum 30,200

مجامعت جي خاتمي تي تنگي تنفيس، رحم جو ڪينسر، نئين شادي شده عورت کي مجامعت بعد سور تڪليف ۽ خون

Staphsegeria 200

مجامعت کان نفرت، وڏيل ٻچي داني، رحم ۾ ڏکڻ ۽ سختي
Graphites 200

جماع دوران نهائين (Vagina) ۾ سُوڪڙ Cactus 30

جذبات جي گهٽتائي مباشرت دوران Bromium 200

مجامعت دوران ڇهڻ تي حساس ۽ ڏکڻ Pulstilla 200

ڪنڊ وارا سور، ڏکڻ وارا درد Ferum met 200

جماع دوران نهائين (Vagina) ۾ شديد ڏکڻ Platina 200

مجامعت دوران لطف نہ اچي Phosphorus 200

مجامعت دوران ۽ بعد ۾ فرج ۾ جلڻ Lycopodium 200

مباشرت دوران سهڪو. Ambra agarasia 200.

**مباشرت کان لطف نہ ملي Enjoyment_Absent**

مباشرت دوران بلڪل لطف نہ اچي ۽ حصا پاڻ ۾ چنبڙي
وڃن Berberis 30

جنسي خواهش تمام ڪمزور ۽ لُطف نہ اچي Causticum 200

مباشرت کان نفرت سان گڏ لطف نہ اچي Sepia 200

**(غلبہ شهوت)**

**(Senasation of pleasure in Genital organs)**

آسانيءَ سان غلبهءَ شهوت جيئن پير ٿهلائي ناقابل برداشت
غلبو Stanum 200

شهوت دير سان يا لطف نہ اچي Berberis vulg 30

مزو ۽ لطف غائب (Ocimium Can) 30

انزال وقت سُرور لُطف گهٽ Oeimium can 30

**مباشرت تڪليف ده Painfull coition**

مجامعت تڪليف ڏهہ ۽ بعد ۾ خون اچڻ، رحم ۾ ڏکڻ وارا سور Ferum met 30

مجامعت دوران ۽ بعد ۾ تڪليف Kreosotium 30

تڪليف دهہ مباشرت ۽ نفرت ٻار جي پيدائش بعد وڌي Mesrc_cor 200

اخراج تڪليف دهہ ۽ گهٽي دير رهي Berberis vulg 200

جنسي خواهش گهٽ Decreased Desire

ٻچي دانيءَ ۾ رحم جي سختي، وڏيل خروج رحم ۾ سروڪس (Cervics) جي سختي ۽ ناسور سان گڏ Conium 200

جنسي خواهش مڪمل طورتي تباهہ. رحم جي ٻين خرابين سان گڏ Onsmodium 200

## رحم ۾ ٻچہ دانيءَ جي سوزش
## Inflamation of uterus/ovarics

Nux_Vomica 200: ٻچي دانيءَ جي حاد سوزش، پيرتونيم جي سوزش ۾ انڪان بغير جڏهن بخار گهٽو هُجي، پيٽ جي هيٺين حصي ۾ چيلهہ ۾ سُور رحم جي سوراخ جي سوزش، پيٽ تي بوجهہ ۽ جلڻ

Sepia 200: ٻچي دانيءَ جي حاد سوزش، نهائين (Vagina) جي تڪليف دهہ سختي هيٺين طرف دٻاءُ، هر شي ۾ رحم جي رستي خارج ٿيڻ جو خدشو رحم جو ڪرڻ

Graphites 200: رحم جي حاد سوزش، ٻچي دانيءَ جي سوزش سان گڏ ۽ جلدي بيماريون

Graphites 200: رحم جي حاد سوزش ۽ ٻچي داني جي

حاد سوزش، جنسي خواهش وڌيل رحم جي خارش

Conium 200: رحم جي مزمن سوزش ۽ ٻچي داني ۽ چارين جي سوزش سان گڏ ۽ بغير پيٽ ۾ هوا

Bryionia 200: پيٽ اٽريل، پالي لڳڻ جهڙو سُور، ڏکڻ، بخار ۽ ٿڌي پاڻي جي اڃ سان گڏ

Chammo mella 30: نئين سوزش رحم، شديد محرومي، غصي جو دؤرو حيض دوران ۽ زچگي ڪانپوءِ هوا سبب پيٽ ڦليل

Colorynth 200: جڏهن دبيل حيض ۽ نفاس جي دٻجي وڃڻ ڪانپوءِ ۽ ڪيموميلا فائدو نہ ڪري سگهي تہ هي دوا ڪارايو

Kroosotum 200: ٻچي داني ۽ جي مزمن سوزش، فرج ۽ رحم ٻجلي جي جهٽڪن جيان چيڻ وارا، لڪوريا، ڪپڙي تي پورو داغ پوي

Pulstilla 200: پير ٿڌا حيض دٻجي وڃي ڪير جي گهٽتائي اڃ نہ لڳي هيٺين حصن ۾ سڪڙن

شهوت جي زيادتي Nymphonia Desire (Increased)

Moscheus 200: بغير ڪنهن ظاهر سبب جي وڌيل خواهش

Platina 200: نوجوان ڇوڪرين ۾ ناقابل ڪنٽرول جنسي خواهش ۽ زچگي واري عورتن ۾ شديد خواهش

Hyosymus: جنسي بُک، بي حيائي اگهاڙو ڪري پاڻ کي

Kalliphos 200: ڪنواري ڇوڪرين ۾ جنسي خواهش شديد هر حيض ڪانپوءِ

Lillium tig 30: ٻچي داني ۽ جي تڪليف سان گڏ، جنسي بک، نهائين ۾ خارش

Orginium : جڏهن عورتن ۾ شديد جنسي خواهش سان
گڏ انگشت زني ڪن

Nat_carb 200: ڳلي ملڻ يا ياڪر پائڻ تي عورت کي
انزال ٿي پوي

Phosphorus 30: بيوه عورتن ۾ شديد جنسّ خواهش

## آلہ تناسل جي خارش Itching of the Genitals

خشڪ خارش جيڪا شديد هُجي، مريض خارش ڪري
ايتري تائين جو خون نڪري پوي Sulfer 200

اندام نهائين (Vagina) جي خارش خاص طورتي حمل
دوران Collinisonia 200

خارش جنهن سان نهائين مان هوا خارج ٿئي Terentulla
200

فرج جي خارش جلن سان گڏ، سختيءَ سان بند ٿيڻ جو
احساس Caladium

فرج جي خارش جلڻ، فرج جي چپن جي سوزش ۽ موٽاپو
Urticaria 30

فرج ۽ نهائين جي خارش لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي
Caladium 200

لڪوريا سان نهائين جي خارش Sepia 200

فرج ۾ گهري ۽ مزيدار خارش نهائين (Vagina) جي چپن
جي سوزش جلڻ ۽ خراشدار لڪوريا Kreosotum 200

شهوت انگيز خارش متعلقہ حيض ۾ پراءِ Lillium tig
200

خارش جيڪا پيشاب لڳڻ سان وڌي. لڪوريا خراشدار ۽ رات جي وقت وڌيڪ Mercuris sol 200

لڪوريا Lecorrhoea

Sepia 200: قبضي سان گڏ پٽڙو لڪوريا. خراشدر ڪائڻ وارو جسم ڪي، پاڻيءَ جيان سرخي مائل. سبز لڪوريا. فرج ۾ گرمي، خارش. حيض ڪان پهريان بيروني اعضاءِ تناسل جي ڏکڻ سان گڏ نندين ڇوڪرين ۾ لڪوريا.

Mercuris 200: خراشدار لڪوريا. جلڻ. خارش. ڏکڻ سان گڏ. هميشہ رات جو تڪليف. خارش جيڪا پيشاب لڳڻ سان وڌي.

Borax 200: ڏهي جيان گهاٽو لڪوريا. انڊي جيان سُفيد لڪوريا. احساس تہ گرم پاڻي هيٺان وهي رهيو آهي خراشدار لڪوريا.

Calc.carb 200 ڪلڪ ڪارب: پٽڙو کير جيان لڪوريا.

Cubeba 30: شديد زرد. سبزي مائل خراشدار بدبودار لڪوريا نندين بارن ۾.

Hydrasts 200: گهاٽو چنبڙڻ وارو. رحم يا فرج ۾ ڏگهن ڌاڳن جيان هڪ قسم جي خارش ڪرڻ وارو.

Arsenic Iodide 30: جڏهن اخراج جَلڻ پيدا ڪرڻ وارو هُجي.

Acid Nitric 200: خراشدار چلڪي دار پرت. فرج جا چَپ ۽ بچي دانيءَ جا حصا جلڻ ڦاڙڻ وارا سور هُجن.

Pulstilla 200: لڪوريا پيشاب جي تڪليف سان گڏ.

Lycopodium لائيڪوپوڊيم : ڪڏهن گهٽ ۽ ڪڏهن وڌيڪ کير جهڙو پيٽ ۾ هيٺين حصي ۾ سور.

Phosphorus 30,200: حيض بجاءِ لڪوريا. حيض کان پهريان اندي جي سفيدي جيان لڪوريا. روئڻ جي رَغبت ۽ پيشاب ۾ اڪثر زيادتي مهارون سُڇيل

Nat carb 200: گهاٽو زرد، بدبودار لڪوريا

Stanum met : گند گهاٽو زرد لڪوريا. اعصابي سور

Graphites 20: حيض بجاءِ لڪوريا. حيض دوران شديد سُستي نهائين جي شديد خارش حيض کان پهريان

Kreosotum 200: ڏهن اخراج خارشدار. خوني هُجي، سفيدي مائل لڪوريا. چيلهه ۾ سُور. ٽنگن جي ڪمزوري

Alccmia 200: جڏهن لڪوريا ايترو گهٽو هُجي جو ڪڙين تائين وهي پوي. هي خراشدار چيڙ وارو تمام گهٽو چلجڙ وارو زرد فرج جي خارش

Ova_tosta 3x : مخصوص دوا صرف لڪوريا لاءِ

**حمل ۽ زچگي دوران ڪم اچڻ وارا نسخا**

Medicines during pregnancy and labour

Vibranum op 30_Q : دوران حمل، خصوصاً ابتدائي ڏينهن ۾ جيڪڏهن خون جاري ٿي وڃي. وائبرنم اڪسير جو درجو رکي ٿي، هن جو دوا جي 30 يا مدرٽنڪچر تائين استعمال ڪرائي سگهو ٿا.

حمل جي آخري ڏينهن ۾ جيڪڏهن خون جاري ٿي پوي ته اوپيم Opiuium 200. زچگي جي وقت اوڙ جي بار کان اڳ ۾ اچڻ Placenta prava اوپيم Opiuim 1m ڪارائڻ سان ٻن ٽن

ڪلاڪن ۾ اوڙر ڪي سڪڙائي رحم جي ديوار سان لڳائي ڇڏيندي ۽ ٻار جو مٿو وضع حمل جي قدرتي حالت سامهون نظر اچي ويندو. ياد رکو صرف هڪ خوراڪ ڏيڻي آهي ۽ وڌ ۾ وڌ 8 ڪلاڪ تائين انتظار ڪري سگهو ٿا. انشاءَالله آساني ٿي پوندي.

**زنده يا مرده ٻار پيٽ ۾**

ٻار مرده هجڻ جي حالت: پيٽ ٿڌو پريشاني، حرڪت مفقود، ٿنگن ۾ بيچيني، پيٽ وزني هجڻ جو احساس، ڪلاڪ ڪان بعد نا معلوم سُور Stethoscope لڳائڻ سان ٻار جي دل جي حرڪت نہ ٻڌڻ ۾ اچي، جيڪڏهن حرڪت بلڪل نہ هجي يا تڪليف ده هُجي ينهي حالتن ۾ Opuium 200 ڪان 10M تائين.

**حرڪت مفقود سُست** : جيڪڏهن پيٽ اندر ٻار جي حرڪت بلڪل سُست هجي تہ Opicum cm جي هڪ خوراڪ انهيءَ ڪيفيت کي ختم ڪري ڇڏيندي.

**پاڻيءَ جي ٿيلهي نہ ڦاٽڻ سبب:**

Gelsinium cm : پاڻيءَ جي ٿيلهيءَ ۾ پاڻيءَ جي زيادتي سبب رڪاوٽ هجي ٻار هيٺين طرف نہ سرڪي تہ هن دوا مان ٿيلهي ڦاٽي پوندي ۽ تاخير ختم ٿي ويندي.

ٻار جي حالت درست (Bridge position) نہ هجي. ٻار پاسيرو هجي، ڦهرين يا ٻي سور ۾ مري وڃي يا نڪرندي نڪرندي مري وڃي. Aurm met cm ۽ ڏهن منٽن بعد Radicum bromi 30 ۽ ان ڳالهہ جو يقين ٿي وڃي تہ ٻار پيٽ ۾ ئي مري ويو آهي. تہ Opium 200 اوپيم. يا ان ڪان وڌيڪ طاقت ۾ ڪارايو.

**جيڪڏهن عارضي طورتي ولادت روڪڻي هجي**

مثلاً سفر ۾، جهاز يا ريل گاڏي ۾ ولادت کي ڪجهہ تائيم

روڪٽو هجي. اچانڪ وضع حمل جا سور شروع ٿي وڃن Gelsimium 1000 چند ڏينهن تائين ولادت کي ملتوي ڪري ڇڏيندي ۽ منزل تي پُهچي ٻيهر درد زهہ پئدا ڪرڻ لاءِ (Gelsimium cm) جي هڪ خوراڪ ڏيڻ سان درد ٻيهر شروع ٿي ويندا.

### تيز مگر ڪوڙا سُور

اگر تيز قسم جا ڪوڙا سُور هُجن، جن جي ولادت ۾ ڪا مدد نہ ملي تہ رحم جو مُنهن نرم هُجي، لهر جيان درد ۽ حساس رحم ڪان نڙي تائين اچي، چند منٽن لاءِ تنگي بادم گهٽجي اهڙي موقع تي Cm يا Gelsimium 6 تائين ڏجي.

### نهائين (Vagina) ٻاهر نڪرڻ جو احساس

رحم جو منهن سخت، شديد تيز ترين سُور، ائين محسوس ٿئي جيئن عضوا ۽ ٻاهر نڪري پوندا. جيئن تمام عضووا ۽ نهائين جي رستي نڪري پوندا Belladona cm_6

### حامل ڪمزور هجي ٻار کي ٻاهر ڌڪي نہ سگهي

حامل ڪمزور هُجي، وضع حمل ٿڪائڻ وارو سور ظاهر ٿي ڪونہ مريضہ ڪمزور هُجي، زور لڳائيندي بيهوش ٿي وڃي، غشي اچي، پگهر ۾ ٻڏل، ليڊي ڊاڪٽر حامل کي زور لڳائڻ لاءِ چوي ۽ حامل جي همٿ جواب ڏئي چُڪي هُجي تہ Kalli phos 200 جي هڪ خوراڪ ڏيو انشاءَالله ٻهرين خوراڪ ڏيڻ سان ولادت ٿي ويندي. خون جي ڪميءَ واري عورتن ۾ ستين مهيني ۾ Kalli phos 3x_6x هر روز هڪ خوراڪ کارائڻ سان ولادت جو وقت آرام سان گذري ويندو.

**زَچہ خوش مزاج :** درد ناڪافي هُجن، قليل ۽ ڪمزور هُجن، تاهم عورت خوش مزاج هُجي Pulstilla 30 دوا ڏيندي.

**نهائينءَ جي تنگي:** ڪالوفائيلم هڪ لک طاقت وقتي طورتي نهائين کولي ڇڏي ٿي، صرف هڪ ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پوندو جنهن جي ڪري ولادت ۾ رڪاوٽ پيش ايندي آهي. ولادت کان هڪ هفتو اڳ Rhuctox cm هڪ لک خوراڪ ڏيو. عين وقت تي جيڪڏهن ضرورت ٿئي ڪالوفائلم ڏيو.

**رحم اونڌي ٿي پوي:** بظاهر عجيب ڳالهہ آهي، عين ولادت جي موقع تي رحم اونڌي ٿي وڃي، ڇاڪاڻ تہ بار جو پنهنجو وزن هوندو آهي، جنهن جي ڪري رحم جو مُنهن هيٺين طرف هوندو آهي. هڪ ڪيس ۾ ليڊي ڊاڪٽر ٻڌايو تہ رحم اونڌي ٿي پئي آهي جنهن جي تمام حيراني ٿي پر ان کي secal cor 30 ڏني وئي، ڏهن منٽن بعد دائي اچي ٻڌايو تہ ٻار پئدا ٿي ويو آهي، دوا جو ايترو جلد اثر ڏسي حيرانيءَ جي حد نہ رهي ۽ دوا جادو جيان اثر ڪيو.

**ڪوڙا سُور:** رحم جو منهن سخت، ڪوڙا سُور شروع ٿي ڊُنَ تائين پهچي لرزي جي شڪل ۾ ختم ٿي وڃي تہ Caulophylum 6_200 ننڍي طاقت ۾ مفيد آهي هرهر ڏيو.

هڪ ٿلهي مريضہ Calc.carb ٽائيپ کي سور نہ ٿي رهيا هئا، اسپتال ۾ آپريشن جي لاءِ داخل ڪئي وئي، مريضہ آپريشن کان گهبرائي رهي هُئي، سندس گهر واري کي ڪنهن هوميوپيٿڪ دوا جو ٻڌايو Caulophylum 6 جي ٻن ٽن خوراڪن سان ولادت ٿي وئي.

## درد وضع ناقابل برداشت Severe Labour Pains

شديد اعصابي بيچيني، بي قراري، درد ناقابل برداشت هُجن تہ ڪافيا Coffea 1x استعمال ڪرايو.

### زچگيءَ جو بخار Labour fever

پائيرو جينم Pyroginum 200: زچگي بعد عفونتي بخار ٿي پوي تہ بخار ۽ تڪليف ڪمزوري دور ٿي ويندي.

### زچگي جي ماليخوليا Hysteria in delievery

آرم ميٽ Aurm met 1m : ماليخوليا، وضع حمل ۾ ٿي پوي تہ هي دوا استعمال ڪرايو.

### زچگيءَ جو جنون

بہ دوائون ملن ٿيون، هڪ پلسٽلا pulsatilla 30 ۽ ٻي آهي سمي سي فيوگا Cimicifuga 30.

### عجيب الخلقت ٻار پئدا ٿين.

عجيب الخلقت ٻار پئدا ٿين، ماءُ جي رحم ۾ سفلسي مادي جي موجودگي سبب اڪثر اها تڪليف ٿئي، اهڙي حاملہ عورتن جي شروع حمل ۾ Syphylinum cm ڪارايو.

### مرده ٻار پئدا ٿين Expired Child Birth

ٻار مرده پئدا ٿين، پئدا ٿيڻ کانپوءِ چند ڏينهن ۾ مري وڃن دوران حمل (9) مهينن تائين هر روز Cimicifuga 1x جي هڪ خوراڪ کارايو. ان سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن سيڪل ڪار 200 ـ Secal cor 200 جي هڪ خوراڪ مڪمل شفايابي جي ضمانت هوندي آهي.

وضع حمل کانپوءِ رحم سُڪڙجي پنهنجي جاءِ تي نہ اچي، نرن ۾ گولو محسوس ٿئي ۽ سُور تمام گهٽ هُجي ۽ ڪثير مقدار ۾ خون جاري هجي تہ ٽن ڏينهن تائين هر روز Arnica 30 جي هڪ

خوراڪ ڏيو.

## زچگيءَ ڪانپوءِ اوڙ رڪيل Stopped placenta

جن عورتن جي اوڙ ولادت بعد رُڪجي وئي هُجي، هميشہ ائين ٿيندو رهي تہ چوٿين پنجين مهيني Hydrasts 3x صبح شام استعمال ڪرايو. آئينده اوڙ (Placenta) نہ رڪبي. جتي هائڊراٽس دوا هوندي اتي پنيءَ ۾ سُور بہ ضرور هوندو. اوڙ جي اخراج لاءِ Visum Album 200 بہ بهترين دوا آهي.

## زچگيءَ دوران ڪم ايندڙ دوائون
## Medcines During Delievery

جيلسميم، ڪالوفائلم، بيلاڊونا، آرم ميٽ، ريڊم، ڪالوسنٽ، سور دن ڪان شروع ٿئي ۽ هيڏي هيڏو ڦهلجي وڃي Ipeacac 6_30 غشيءَ جا دؤرا پون آرم ميٽ Aurm met 10M. جيڪڏهن رحم جو منهن کلي ويو هجي پر درد سست هجن ۽ ولادت ۾ دير ٿي رهي هُجي تڏهن بہ آرم ميٽ Aurm met 10M ئي ڪارائبو.

## درجہ دوئم Secondry stage

رحم جو منهن کليل پر ڪنڌ مڪمل طورتي کليل نہ هجي Gelsimium 10M جيلسميم ڪارايو.

## درجہ دوئم ۾ ڪم ايندڙ دوائون
## Medicines in second stage

جيلسميم، ڪالي فاس، سيڪل ڪار، اوپيم، آرم ميٽ.

## احتياط : Preceaustions

جنهن دوا جي علامت سامهون اچي اهائي ڏيو. هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر وٽ وضع حمل ۽ حمل جي علاج لاءِ هي دوا پاڻ وٽ رکڻ ضروري آهن جيئن وقت سر اهي ڪم آڻي سگهجن.

جيلسميم 10m کان cm تائين، ڪالوفائلم 6 کان 10m تائين، بيلاڊونا 6 کان 10m تائين، آرم ميٽ 10m، اوپميم 200 کان 1000 ۽ 10m تائين، پلسٽلا 10m کان cm تائين، رسٽاڪس 10m، ڪالي فاس 200، آرنيڪا 30، ڪافياڪروڊا 1x، ڪيلنبڊولا مَلَمَ بيروني استعمال لاءِ جڏهن ٽاڪا يا زخم لڳي پوي.

**رحم مان خون زچگي بعد Bleeding after delivery**

اپيڪاڪ Ipeacac 200: خون سرخ چمڪدار اوڪارن سان.

سبائنا Sabina 6 کان 10m: خون سرخ، چمڪدار، گهاٽو ليسدار.

ڪيموميلا Chammomella 30 کان 200: خون سياهي مائل، تکر، مريضہ چيڙاڪ.

چائنا China 6_30: خون سياهي مائل سرخ، گهاٽو تکر.

فيرم فاس Ferum_phos 6_3_: رت ڳاڙهو، گهٽو مقدار ۾ گوشت جي ڏوپ جيان.

فاسفورس Phosphorus 30_200: رت تمام پتڙي نہ جمڻ واري، رنگ گلابي.

ليڪسس Lechasis 200 1M: رت سياهہ، گهاٽو جميل.

پلسٽلا Pulsatilla 30_200: رت ڪڏهن رُڪجي، مڪاهن هَلي.

آيوڊين Iodine 30: خون ڪثير مقدار ۾ رحم جو ڪينسر.

### اسقاط حمل ڪان پوءِ خون جو جاري ٿيڻ
### Bleeding after Abortion

اسقاط حمل بعد ڊگهي عرصي تائين خون جو جاري رهڻ، اندروني طورتي ڏکڻ جو احساس

ٿلاپسي برسا Thelaspi Bersa Q: اسقاط ڪان پوءِ شديد دردن سان گڏ خون جاري رهي، خون جمي يا نه جمي ته هر حال ۾ مُفيد آهي ۽ خون کي بند ڪري ڇڏيندي.

### اسقاط حمل Abortion

ڪالي ڪارب Kalli_carb 1M: ٻي مهيني تيڻ وارو اسقاط (Abortion) عادي اسقاط سُور چٽڻ ڪان رانن تائين وڃي

ٽين مهيني عادي اسقاط ڪالي ڪارب Kalli carb 30، سبائنا Sabina 30، ڪريازويٽ Kreosotum 30.

سيپيا Sepia_200_1M_10M: ستين مهيني ٿيڻ وارو عادي اسقاط.

وائبرنم Vibranum op Q: اسقاط ڪوڙا سُورَ خون جاري ٿي وڃي، هرهر اسقاط ٿي پوي، خصوصاً حمل جي پهرين ٽن مهينن دوران ته هن دوا جو فعل يقيني آهي. هر حالت ۾ خون جو بند ڪرڻ ۾ هن دوا جو وڏو ڪردار ٿيندو.

وائبرنم پري فوليم Q Vibranum prefolium: رحم جي تري هئي وچڙ ۾ عادي اسقاط

اپيڪاڪ Ipeacac 200: چمڪدار ڳاڙهو رت، اوڪارن

سان، شرمگاهه کان ڪڙين تائين جاري هُجي.

اوپيم Opuim 200 1M يا 10M : ستين اٺين مهيني يا نائين مهيني خون جاري ٿي وڃي ۽ اوڙ رحم کان الڳ ٿي وئي هجي ته صرف هڪ ئي دوا ڪم ڪندي.

## دق جي طبعيت واريون عورتون
## Tendencey of T.B in Females

انهن عورتن کي استقرار حمل کان اڳ Silcica cm هر مهيني ۾ روزانو 30 جي هڪ خوراڪ ڏيو Silcica 30_cm.

## آتشڪي، سوزاڪي يا خنازيري مزاج
## Psoric, Syphititic or Syeotic constitution

هر مهيني هڪ لک طاقت جون ٽي خوراڪون هڪ خوراڪ ڏهن ڏينهن بعد، دوران حمل، آرم ميٽ Aurm met هر روز هڪ خوراڪ Aurm met 10m.

آخري مهيني ۾ اسقاط (Abortion in last month)
شروع ۾ هر مهيني Arum met cm ۽ ٽين مهيني سفلي نم Syphlinim cm جي هڪ خوراڪ.

## ڪجهه وڌيڪ بيماريون مردن ۾
## Some more Diseases in Males

Bacillus_coli : پيشاب ۾ جراثيم

توجا Thuja 200 1M : پيشاب ۾ جراثيم لاءِ مخصوص دوا آهي، فائدي جي صورت ۾ مهيني ۾ هڪ دفعو ڪارايو 1M طاقت ۾.

فارميڪا Formica 200: پيشاب جي لاءِ موزون دوا آهي،

رت جي وقت گدلو ۽ ڪنيءَ بوءِ وارو پيشاب.

بسيليس ڪولائي B.(E) Coli: جراثيم جي ظاهري حالتن ۾ مفيد آهي.

## گردن جي سوزش Inflamation of kidneys Nephrits

ايڪونائيٽ Aconite 200: جڏهن ٿڌي زمين تي ليٽڻ يا پگهر جي اچانڪ دٻجي وڃڻ يا ٿڌ لڳڻ کان بيچيني، اُجَ مٿي جو سُور پيشاب جو اچانڪ دٻجي وڃڻ.

ايپس ملفيڪا Apis melifia 1m: گردن جي سوزش، بغير اُڃ جي، ان مان چهري هٿن پيرن تي سوزش، استفاءَ مٿي چيلهه ۽ پاسن ۾ گردن ۾ سُور پيشاب اڪثر پر مقدار ۾ گهٽ.

هيلي بورس Helliborus: گردن جي سوزش جي ڪري اشتقاء، پيشاب گهٽ ۽ گهرو پيشاب ۾ زهر، بيهوشيءَ سان گڏ، پتليون ڦهليل، پيشاب گهٽ ۽ رنگ ۾ گهرو روشنيءَ کان بي حس آڪڙ جسم مان پيشاب جي سخت بوءِ.

آرسينڪ البم Arsenic Album 200: گردن جي سوزشي استسقا ۾ پيشاب گهٽ ۽ گهرو گردن جي سوزش جي تمام حالتن کي ڪنٽرول ڪرڻ جڏهن پاڻي جهڙا اسهال، زرد جلد، پيشاب ۾ چربي، ٿوري وقفي سان ٿوري اُجَ، چهري تي سوڄ، موت جو خوف.

ڪنيابس اسٽيوا Canabis stiva: پيشاب جي نالي ۾ پونءِ مواد جي بندش، پيشاب گدلو سرخي مائل، قطرو قطرو پيشاب جي نالي ۾ سُئي لڳڻ جيئان، جَلن.

مرڪار Merc.cor: سُفيد گردا، مظهر، پيشاب مقدار ۾ گهٽ سرخ ايلبومن ۽ چارين سان گڏ، حمل دوران سوزش گرده، پونءِ گرده حمل پنجين کان ستين مهيني تائين پيرن تائين سوزش.

فاسفورس Phosphorus: پيشاب ۾ خُون، ڳاڙهو رنگ، گدلو پيشاب سرخ واري ۾ خون.

**غده قداميه - پروسٽيٽ گليند- Prostaste Gland**

Crotalus Horedes 200: پروسٽيٽ غدود ۾ ڪينسر ۽ ان مان خون اچي.

**ايڪونائيٽ + بيلاڊونا** : ابتدائي سوزش لاءِ مفيد دوائون.

**براٽتاڪارب** Baryta carb 200: ڪراڙپ ۾ غدودن جو وڌي وڃڻ.

**اوسميم ڪين** Ocimium can 30_200: پيشاب ۾ رت اچي، غدودن جي ملوث هُجڻ سَبب، پروسٽيٽ جو بواسير.

**ڪونيم** Conium 30_200: غدود وڌي وڃن، چوٽيءَ جي دوا آهي.

**سوليڊاگو** Soledago 2x: مزمن يا پراڻي غدودن جي سوزش ۾ واڌ.

**سابل سيروليٽا** Sabal serolita Q 3x: مزمن يا نئين تڪليف غدود وڌي وڃن، پيشاب رڪجي وڃي تہ هن دوا سان پيشاب آرام سان اچي ويندو.

**دجيتيلــــس** Digitalis 30: دل جي تڪليف سان گڏ غدود وڌي وڃن، پيشاب رڪجي وڃي، قطرو قطرو اچي، پيشاب دبجڻ سان جسماني سوج، نبض ڪمزور.

**چمافيلا** Chemphella Q: هي دوا بہ غده قداميہ جي وڌي وڃڻ ۾ شاندار ڪم ڪندي، هن جي استعمال سان غدود پنهنجي پنهنجي ماپ ۾ اچي ويندا ۽ تڪليف هٽي ويندي.

**خَصيا Testicles**

Aurm met 200: چوڪرن جا خصيا لاغر ۽ سُن، چوڪرن ۾ بزدلي.

Iodium 200: خصيا آهستي آهستي ننڍا ٿيندا وڃن، خواب ۾ منيءَ جو اخراج نامردي

Conium 200: خصيا (Testicles) پٿر جيان سخت ۽ انهن ۾ سُور.

آرسينڪ البم - Arsenic Album 1M: خصين ۾ ڪينسر، مريض بيچين.

Sachrinium 200: نوسوڊ دوا، جڏهن ڪينسر ۾ ٻي دَوا ڪم نہ ڪري.

Ignatia 1M: خصين ۾ اعصابي سور، جنسي غلط ڪارين سبب.

برائي اونيا - Bryionia 200: خصين ۾ پيدائشي طور پاڻي پريل هجي.

آرم سلف - Aurm sulf 200: خصين ۾ پاڻي، ننڍن ٻارن ۾ خصيا سخت، للي سڄيل.

ٿوجا - Thuja 200: خصين جي سوزش هرهر، سوزاڪ، ڦڙا ۽ ڳوڙهيون.

Arum mur Nat 2x: خصيا هيٺ نہ لهن، چوڪرن جو چوڪرين جهڙو رويو.

ڪلڪ ڪارب - Calc.carb 200: خصين جي ٽي بي (T.B) ۾ ڪار آمد، خنازيري مريض، سور دٻائڻ وارو ۽ خراشدار سور.

سنڍپڻ (Sterlity) عورتن ۾

سيپيا Sepia 200: سنڍپڻ جي چوٽيءَ جي دوا آهي،

خصين جي باقائدگي، لڪوريا ۽ قبضي.

برائٽا ڪارب Bryta carb 200: ٻچي دانيءَ ۽ پستانن جي گهٽجي وڃڻ سبب سنڍپڻ، پر غدود وڌي وڃن.

آرم ميور نيٽ Aurm mur Nat 6x: سنڍپڻ جي مخصوص دوا آهي، ٻچي دانيءَ ۾ نا سُور سختي، مزمن سوزش ۽ اهڙيون ڳوڙهيون جن سان اسقاط حمل ٿي وڃي، خروج رحم.

آرم ميٽ Aurm met 200: دماغي افسردگيءَ سَبب سنڍپڻ.

پچوٽرين Pitutrin 200: هي دوا عورت جي مَني ڪرڻ بعد بيضہ دانيءَ کي ڦهلائي متوازن ڪندي آهي.

اگنس ڪاسٽس Agnus_casts 200: جڏهن جنسي خواهش گهٽ ۽ حيض نہ اچي، زرد داغ لڪوريا.

پلاٽينا Platina 200: شديد جنسي خواهش واريون عورتن ۾ سنڍپڻ. پراڻي کان پراڻو سنڍپڻ نيڪ ٿي وڃندو.

ٿوجا Thuja: لڪوريا سان گڏ سنڍپڻ، ڪمي خون عورت جي چهري ۽ ٽنگن تي وار هجن.

## مردن ۾ سنڍپڻ Infertility

## ٻي اولادي منيءَ ۾ توليدي اسپرم گهٽ يا نہ هجن Olego spermia

آرم ميٽ، ارجنٽ ميٽ، ٿوجا، لائيڪوپوڊيم مخصوص دوائون آهن، هفتي ۾ هڪ دفعو ٿوجا 1M ڏيو ۽ چار هفتہ صبح شام ارجنٽ ميٽ 6 ۽ آرم ميٽ 6 ۽ پوءِ ارجنٽ ميٽ 1000 جون چار خوراڪون هفتي هفتي ۾ ڏيو جنهن کانپوءِ لائيڪوپوڊيم 1000 جون چار خوراڪون ڏيو. جيڪڏهن Mumps جي ڪري خصين يا

Sperms تي اثر پيو هجي تہ پيرائينڊينم Paraedinium 1m
ڪارايو.

**جزا صفا نہ هجن Azospermia**

ڊاميانہ، ڪونيم، لائيڪوپوڊيم خاص دوائون آهن. **توجا cm**
**۾ لائيڪوپوڊيم** Lycopodium cm ٻن ٻن هفتن جي وقفي سان
ڪارايو ۽ وچ ۾ آرم ميٽ 6 ۽ ارجنٽ ميٽ 6 صبح شام ڏيو گڏ
Damiana بہ ڪارائيندا رهو انشاءَالله رزلٽ اچي ويندي. **آيوڊيم،**
**چاٽنا سلف** بہ هن تڪليف لاءِ ڪار آمد دوائون آهن. غدودن جي
ٽيسٽ بہ ڪرائيندا رهو.

***

# باب چوڏھون

## پيٽ ۽ هاضمي جون بيماريون

## Digestive system and abdomin Diseases





Diagram provided by Know Your Body,
The Atlas of Anatomy, Published by Ulysses Press, 1999.

انسان اَن جو جيت آهي، پيٽ پرڻ خاطر ئي محنت ڪندو آهي. فرض ڪيو جيڪڏهن انسان کي خبر پوي تہ هُن کي کائڻو ئي ڪونهي موريو تہ هو محنت ۾ ڪم ئي نہ ڪري، ان لاءِ ئي تہ سياڻن سچ چيو آهي تہ، کائڻ لاءِ زندگي هوندي آهي، يعني زنده رهڻ لاءِ کائو پر اڄڪلهہ انجي ابتڙ آهي.

در اصل مزوئي انسان کي وڏيڪ ڪارائي ٿو جڏهن تہ انجو

احساس ۾ لذت جو تعلق صرف نڙي (حلق) تائين آهي، ان کان اڳتي جيڪا به شيءِ گذرندي آهي اها معدي، جگر ۽ آنڊن کي خبر هوندي، لذت کي اهميت ڏيڻ وارا ڏينهن رات ان ۾ لڳا پيا هوندا آهن. رنگ برنگي کاڌا نوان نوان ذائقہ ماڻهوءَ کي بيچين ڪري ڇڏين ٿا.

جڏهن تہ صحتمند ۽ توانو هجڻ لاءِ الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن مان جيڪڏهن اعتدال سان کائجي تہ ماڻهو مورڳو بيمارئي نہ ٿئي. معدي جو هڪ حصو پاڻيءَ لاءِ هڪ حصو خوراڪ ۽ هڪ ساهہ کڻڻ لاءِ خالي رکجي. اڄ اسان جي نظر ڦيرايون ٿا تہ دنيا جا خوشحال ۽ خوش ماڻهو جن مرضن ۾ مبتلا آهن انهن ۾ سڀ کان وڏيڪ حصو بسيارخوري جو (گهڻو کائڻ) وڏيڪ آهي، سٺو کاڌو ڏسڻ سان انهن جو وات پٽيو پوي ۽ هو پنهنجي زندگي ۾ آخري کاڌو سمجهي ان تي ٽٽي پوندا آهن. اُهي اِهي ئي ماڻهو آهن جن لاءِ چيو ويندو آهي تہ پنهنجي ڏندن سان پنهنجي قبر کوٽڻ وارا. حديث پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ کاڌو فقط ان وقت کائو جنهن وقت بک محسوس ڪيو ۽ ان وقت کاڌي مان هٿ ڪڍو جنهن وقت اڃا بُک هُجي.

**نظام هضم** Digestive Ststem : اسان جنهن صورت ۾ غذا کائيندا آهيون ان صورت ۾ اها اسانجي خون ۾ شامل ناهي ٿيندي، بافتن (Tirssues) ۾ وڃڻ کان پهريان غذا ۾ ڪيترن ئي قسمن جي تبديلي واقع ٿيندي آهي، غذا ۾ تبديليون وقوع پذير ٿيڻ جو اهو عمل ”عمل انهضام“ يا عمل هضم چوائي ٿو. عمل انهضام کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگجي ٿو.

**مڪينڪل نظام هضمي** Mechanical Digestion: مڪينڪل نظام هضم وات ۽ معدي ۾ هوندو آهي، ڏند غذا کي باريڪ ذرن ۾ تقسيم ڪري ڇڏين ٿا جڏهن تہ معدي ۾ غذا مزيد تقسيم در تقسيم

مراحل مان گذري جزوبدن ٻڻبي آهي.

**ڪيميڪل نضام هضم Chemical Digestion**: نظام هضم جا سارا عُضوا جتي جتي انزائم جو افراز هجي اُتي ڪيميڪل نضام هضم وقوع پذير هوندو آهي، جيئن معدي مان هائڊروڪلورڪ ايسڊ ۽ لَبلَبي مان صفرا جو افراز ٿيندو آهي ۽ انزائم غذا کي ڪيميڪل پروسيس مان گذارن ٿا. عمل انهضام دوران غذا پهريان تقريباً 30 فٽ ڊگهي غذائي نالي Ailementry canal مان گذرندي آهي، جيڪا انهضامي رستو چوائيندي آهي ۽ هي انهضامي رستو وات، ڳلي، معدي ۽ ننڍي آنڊي ۽ وڏي آنڊي تي مشتمل هوندو آهي ۽ مقعد (Anus) جي جاءِ تي وڃي ڪري اختتام پذير ٿيندو آهي. هاضمي جي عمل ۾ ٻہ غدود جگر (Liver) ۽ لبلبو (Pancreas) تمام اهم ڪردار ادا ڪندا آهن ۽ در حقيقت اهي غدود ئي غذائي نالي آهن جيڪي نظام هضم ناهن ٿا.

غذا هضم ٿيڻ جو عمل ان وقت شروع ٿيندو آهي جڏهن اسان پنهنجي وات ۾ ڏندن ذريعي چٻاڙي رهيا هوندا آهيون ۽ اهوئي عمل نظام هضم جو پهريون مرحلو هوندو آهي. غذائي جزن ۾ هڪ جُزو نشاستو هوندو آهي، اهڙي غذا جنهن ۾ نشاستو هُجي جڏهن وات ۾ چٻاڙي ويندي آهي تہ وات مان هڪ سيال مادو (اهڙو مانع جيڪو غذا کي جسم جي قابل استعمال بنائڻ ۾ مدد ڏئي) خارج ٿيندو آهي جنهن کي رطوبت يا (Enzyme) چوندا آهن. مختلف غُدود مختلف رطوبتون خارج ڪندا آهن جيئن لعاب دَهنِ. لعابي غدود (Salivary gland) مان خارج ٿيندي آهي، هي لعابي غدود وات جي مٿين ۽ هيٺين حصي ۾ مُوجود هوندا آهن. غِذا ڪنهن بہ قسم جي هجي، جڏهن غذا کي وات ۾ ڏندن سان چٻاڙيو ويندو آهي تہ غذا

باريڪ باريڪ ذرڙن ۾ تبديل ٿي ويندي آهي جنهن ۾ لعاب دَهنَ شامل ٿي ويندي آهي. جيئن تہ لعاب دهن هڪ گهاٽي رطوبت آهي ان لاءِ اها ڳاريل چباڙيل غذا کي نڙي کان هيٺ لهڻ ترڪڻ ۾ مدد ڏيندي آهي جنهن ڪري غذا آسانيءَ سان ڳيتي ويندي آهي. معدي ۾ غذا تي جيڪو عمل ٿيندو آهي اهو ڪير ولوڙڻ سان مشابهت رکي ٿو. ان عمل دوران غذا معدي مان ننڍي آنڊي ۾ هلي ويندي آهي. غذا جي هضم ٿيڻ جو گهڻو عمل ننڍي آنڊي ۾ ئي ٿيندو آهي، اتي لحميات ۽ سٽيپ بافتن/بنڌڻ (Tissues) جي لاءِ قابل استعمال حالت ۾ تبديل ٿي ڪري خون ۾ شامل ٿي ويندا آهن. هاضمي جي عمل ۾ جگر (Liver) هڪ مايو صفرا يا پت (Bile) ننڍي آنڊي ۾ داخل ڪندو آهي جيڪو غذا کي هضم ڪرڻ ۾ ما.د ڏيندو آهي. لبلبي ۾ لبلبائي رَسُ (Pancreatic Juice) غذا ۾ شامل ٿي ان کي حل ٿيڻ ۾ مدد ڏيندو آهي. غذا ننڍي آنڊي ۾ هڪ عضلاتي حرڪت جنهن کي حرڪت دُوري (Perisistalisis) چوندا آهن. جي ذريعي وڏي آنڊي ۾ هلي ويندي آهي. ننڍي آنڊي جي سطح تي ڏاڳي نما اڀار هوندا آهن جن کي خمل (Villi) چوندا آهن. هضم شده خوراڪ جيڪا مايع جي شڪل اختيار ڪري چُڪي هوندي آهي اخمال (Villi) جي ذريعي جذب ٿي ڪري اخمال جي اندروني سطح تي مُوجود عروق شعريہ (Capillareis) ۾ پهچندي آهي، اتي پهچي ڪري غذا خون ۾ شامل ٿي ويندي آهي ۽ خون ۾ شامل ٿيڻ ڪانپوءِ خُلين ۽ بافتن ۾ پهچندي آهي، جنهن مان طاقت ۽ توانائي ملندي آهي. غذا جو اهو حصو هضم ناهي ٿي سگهندو وڏي آنڊي مان گذري سڀ کان هيٺين حصي امعاءِ مستقيم (Rectum) ۾ هليو ويندو آهي ۽ آخرڪار اتان مبر (Anus) جي ذريعي خارج ٿي ويندو آهي.

**غذا جي نالي** (Oesophagus): وات جي رستي کان غذا ٽيندي معدي تائين ويندي آهي، ان خوراڪ جي نالي يا غذائي نالي کي (Oesophagus) چوندا آهن.

**معدو** (Stomach): خوراڪ ڳيتڻ بعد ايسوفيڪس معدي ۾ پهچندي آهي، معدو پيٽ ۾ ڇاتيءَ جي هڏي کان ٿورو هيٺ کٻي طرف واقع هوندو آهي. معدو انگريزي حرف ”J“ جي شڪل جيان هڪ ٿيلهي نُما عُضوو آهي ۽ انساني جسم جو سڀ کان وڏيڪ لچڪدار عضوو چوائيندو آهي، واضع هجي تہ هر فرد ۾ معدي جوهَجم ۽ هئيت مختلف هوندي آهي. معدي مٿان جو رُخ جيئن تہ گول هوندو آهي، خوراڪ جي نالي (Oesophagus) سال مليل هوندو آهي ۽ هينين طرف سوڙهي ۽ سنهو هوندو آهي ۽ سنهي آنڊي سان جڙيل هوندو آهي جنهن کي (Dudenum) چيو ويندو آهي. ڊيوڊينم جو پهريون حصو معدي جي رُخ ڏانهن واقع هوندو آهي ۽ اهو پائيلورس (Pylorus) چوائي ٿو. معدي جي تمام عضوون کي مجموعي طورتي Fundus جو نالو ڏئي سگهجي ٿو.

**ننڍو آنڊو** (Small intestine) : ننڍو آنڊو در اصل نالي نما هڪ ڊگهو رستو آهي، هي ٽن حصن تي يعني آنڊي (Duodenum) خالي آنڊي (Jejunum) ۽ پيچيده آنڊي (Illeum) تي مشتمل هوندو آهي، انهن ٽنهي حصن جي ظاهري ۽ ڪرداري اعتبار کان چڱي مشابهت پاتي ويندي آهي.

ننڍي آنڊي ۾ غذا جي هضم ٿيڻ جو دارومدار ان تي نہ هوندو آهي تہ ڪهڙي غذا پهريان کاڌي وئي آهي، بلڪ غذا جي هضم ٿيڻ جو انحصار ان تي هوندو آهي تہ ڪهڙي غذا پنهنجي بنيادي حصن ۾ تقسيم ٿيندي آهي، غذا جي مختلف جُزن جي هضم ٿيڻ جي

ترتيب حسب ذيل آهي. نشاستو لحميات، سٽيٽ ۽ خياتين.

**وڏو آنڊو** (Large intestine): وڏو آنڊو جنهن کي قولون يا ڪولون بہ چوندا آهن، ٽن حصن قولون Colon، ريڪٽم Rectum ۽ Anal canal تي مشتمل هوندو آهي. ڪولون ساڄي طرف انڊي آنڊي (Caecum) کان شروع ٿيندو آهي، هي بطور (Ascending colon) ساڄي طرف پاسير هيٺان شروع ٿيندو آهي ۽ ٻي طرف Transverse colon جي شڪل ۾ دائرو بڻائيندو آهي، ان شڪل انگريزيءَ جي حرف (n) سان ملندڙ جلندڙ هوندي آهي. وڏي آنڊي جو اهم ڪمُ ننڍي آنڊي ۾ پهچڻ لاءِ سيال شين جو پاڻي جذب ڪرڻ هوندو آهي. آنڊي جي اڳين حصي ۾ ٿيڻ واري حرڪت مان آنڊي جي ديوار سُڪڙجي نيم سيال فضلي کي آهستي آهستي اڳتي ڌڪيندي آهي. قولون جو سڀ کان آخري حصو فضلو جمع ٿيڻ جو مقام آهي. اتي آنڊي جي حرڪت مٿي کان هيٺ طرف جاري رهندي آهي ۽ فُضلو آهستي آهستي مبرز طرف وڌندو آهي ان لاءِ اجابت کان فارغ ٿيڻ جو عمل هڪ مقرر وقت تي پورو ڪرڻ ضروري هوندو آهي.

وڏو آنڊو ننڍي آنڊي کان 3 دفعہ ويڪرو هوندو آهي پر ڊيگهہ ۾ ننڍي آنڊي کان تقريباً 5 گز ننڍو هوندو آهي ان جي ڊيگهہ 5 فٽ هوندي آهي ۽ پيٽ ۾ ننڍي آنڊي کي ويڙهيل هوندو آهي، هن جو وڏو چورائڻ صرف هن جي ويڪر ڪري آهي. هي جڏهن ننڍي آنڊي کان ڌار ٿئي ٿو تہ اتي هڪ واڌو حصو هيٺين طرف رهجي وڃي ٿو جنهن کي Appendix چوندا آهن.

**پتو** (Gall Bladder) : جگر جي هيٺان ناسپتي شڪل جي هڪ ٿيلهي هوندي آهي جنهن کي عام زبان ۾ پتو ۽ عربي ۾ مراره

۾ انگريزي ۾ "Gall Bladder" چوندا آهن. هي ڏسڻ ۾ شهادت آڱر برابر لمبائي، ڊگهائي ۾ بغير هواءِ ڀريل ڦوڪڻي جيان معلوم ٿيندو آهي. ان جي مثان بلغمي جاري جي هڪ باريڪ تهه مثل هوندي آهي، ان جي هڪ سنهي ملائم ديوار (پت) به هوندي آهي. جگر جي نالي (Hepatci Duct) ۽ ثانوي نالي جيڪا پتي (Gall Bladder) جي اندر ويندي آهي، انگريزي حرف (Y) جي ٻانهن جي شڪل ٺاهيندي آهي ۽ ان سان گڏ هڪ مشترڪ نالي هوندي آهي جيڪا آنڊي جي پهرين حصي يعني اثناعشري (Dudenum) ۾ داخل ٿيندي آهي. هي حرف (Y) جو هيٺيون حصو سمجهبو. پتو صفرا جي رطوبت جو ذخيرو هوندو آهي. صفرا هڪ نالي ءَ جي ذريعي پتي اندر پهچندو آهي ۽ هڪ ڪپ جي پنجين حصي جيترو صفرا ذخيرو ڪندو آهي ۽ جڏهن خوراڪ جي انهضام جي لاءِ ان جي ضرورت هوندي آهي ته هي اثناعشري آنڊي ۾ خارج ٿي ويندي آهي، خوراڪ جي انهضام دوران ڪجهه صُفرا جگر مان Dudenum ۾ خارج ٿيندو آهي. خوراڪ جي هاضمي دوران پتي جي ذمي ڪجهه ڪمَ هوندا آهن هڪ ته اُهي صفرا کي جمع ڪندا آهن ۽ ان کان علاوه پاڻي جذب ڪري صفرا کي گهاٽو ٺاهيندا آهن. ڪنهن حد ڪجهه معدني لوڻ جذب ڪندو آهي ۽ ڪوليسٽرول کي به هڪ حد تائين خارج ڪندو آهي، پتي ۾ پاتو ويندڙ ڪوليسٽرول ڪانپوءِ ڪجهه وقت ننڍيون ننڍيون پٿريون ٺهڻجي ونديون آهن جيڪي تمام تڪليف ده هونديون آهن. باقي تمام رطوبتون صفرا (Bile) به نظام هَضم ۾ شامل هوندي آهي سائي رنگ جي اها رطوبت مختلف ترشيءَ جو آميز هوندي آهي ان ۾ جگر ۾ موجود خاص خليات تيار ڪندا آهن اها رطوبت مختلف نالين کان ٿيندي پتي ۾ جمع ٿيندي

رهندي آهي، اهڙي طرح چڪنائي جو هاضمو ٿي ويندو آهي ۽ صفرا ڳاڙهي خون ۾ تشڪيل پائيندو آهي. خون جو صرف هڪ سرخ خليو چئن مهينن تائين زنده هوندو آهي. پتو هڪ مفيد افعال سر انجام ڏيندو آهي، ڪجهه جانورن ۾ پتو هوندو ئي نه آهي جيئن ڳيرو گهوڙو ڪوئو وغيره.

**لبلبو Pancreas**: لبلبو جنهن کي عربيءَ ۾ بانقراس ۽ انگريزيءَ ۾ ”Pancreas“ چوندا آهن. انساني جسم جو هڪ اهم عضوو آهي، هي شڪم ۾ کٻي طرف مٿي طرف جگر جي وچهو سيني هيٺان واقع آهي. ننڍي آنڊي ۽ پتي جي پرسان واقع هوندو آهي، هڪ عضوو نظام هضم ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪندو آهي. لبلبو هڪ نالي دار غدود آهي جيڪو معدي جي پويان هوندو آهي. هن جي وچ مان هڪ نالي گذرندي آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي ننڍيون ننڍيون ناليون مليل هونديون آهن. ان عضوي جي چوٽي جگر سان ننڍي آنڊي ۾ اچڻ واري صفراوي نالي سان جڙيل هوندي آهي. اهڙي طرح صفرا ۽ لبلبي ۾ اچڻ واري رَسُ ننڍي آنڊي ۾ ڪرندي آهي، هي 17.7 سينٽي ميٽر ڊگهو ۽ ان جو وزن تقريباً 98 گرام هوندو آهي. ان اندر بافتن جا ننڍا ننڍا ٽڪرا هوندا آهن جيڪي انسولين (Insulin) ناهيندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري انسولين ۾ ڪمي ٿي پوي ته دور حاضر جو عام مَرض ذيابيطيس (Diabeties) ٿي پوندو آهي. انسولين خون ۾ کنڊ جي مقدار کي گهٽ ڪندي آهي ۽ جڏهن لبلبي ۾ تيار ٿيڻ وارو هڪ هارمون Glocogem هوندو آهي. خون ۾ کنڊ گهٽ ٿي ويندي آهي پر انجي مقدار کي وڌائي ٿو.

جڏهن غذا ڊيوڊينم جي طرف اَچڻ لڳندي آهي ته غذا ۾

شامل هائڊرو ڪلورڪ ايسڊ ۽ ڪنڊ جي ذريعي لبلبي جو انجي آمد جو اطلاح ملندي آهي، جڏهن لبلبي کي اهو پيغام موصول ٿيندو آهي تہ هي تقريباً هڪ ليٽر يا ڪجهہ وڌيڪ پنهنجي طرف نندي آنڊي ۾ موڪلڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي، هي رطوبت جيڪا "انسولين" چوائي ٿي هڪ نالي (Pancreatic Ducut) جي ذريعي نندي آنڊي تائين پهچندي آهي.

**لبلبي جون رطوبتون :** لبلبي ۾ بہ رطوبتون تيار ٿينديون آهن هڪ اهم رَسُ هاضم خمير هوندو آهي، جيڪو پروٽين نشاستي ۽ سٽين جي هضم ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. هي لبلبي جي نالي مان گذرندو آهي. لبلبي ۾ تقريباً 10 لک خليہ ۽ انهن جا گُچا ٻٽيل هوندا آهن. جنهن کي طب ۾ (Langerhans Island) لينگر هانز جزيرو چئبو آهي. هڪ خاص رَسُ تيار ڪندا آهن جنهن کي انسولين (Insulin) چئبو آهي. اها رَسُ نالي ءَ کان بغير ئي خون ۾ شامل ٿيندي رهندي آهي هي رَسُ جيڪڏهن تمام گهٽ تيار ٿئي تہ انجي ڪمي جي ڪري خون ۾ شگر (ڪَنڊُ) جو مقدار وڌي ويندو آهي جيڪو بلا آخر پيشاب ۾ شامل ٿيڻ لڳندي آهي. انسولين کان عَلاوه لبلبي ۾ گلوگاڪون نالي (Glycogem) نالي هڪ رَسُ تيار ٿيندي آهي جنهن جو ڪم انسولين جي بر خلاف هوندو آهي، يعني خون ۾ ڪنڊ گهٽ ڪرڻ بجاءِ انجي طرف وڌي ويندو آهي. هي رطوبت دراصل جگر ۾ جمع گلائيڪو جن کي ٽوڙي قابل هضم بڻائيندي آهي.

## جيرو، جگر، ڪبد Liver

جيرو نظام هضم جو هڪ اهم حصو آهي، هي انساني جسم جو سڀ کان وڏو عضوو چوائي ٿو جگر جو وزن تقريباً ٽي پائونڊ

هوندو آهي. هي عضوو پيٽ جي ساڄي طرف واقع هوندو آهي، ۽ انجو گھٽو حصو هيٺ پاسيرن جي هيٺان ڍڪيل هوندو آهي، انجا ٻہ حصا هوندا آهن. ساڄي طرف وارو حصو کاٻي حصي کان ٿورو وڏو هوندو آهي، انجو کاٻو حصو اگرچہ واضع طورتي ورهايل نہ هوندو آهي، پر معدي ۽ Dudenum جي ڪجهہ حصي جي مٿان هوندو آهي. هڪ سائنسي اندازي مطابق انساني جسم ۾ تقريباً 500 اهڙا افعال آهن جيڪي جگر جي ذمي هوندا آهن. انساني جسم ۾ جگر پنهنجي وزن ۽ حجم ۾ مختلف سرگرمين جي اعتبار کان انتهائي مؤثر عضوو جي حيثيت رکي ٿو ٻيا وڏا عُضوا مثلاً گردا، ڦڦڙ، جگر جي بنسبت ڪافي حدتائين فاضل هوندا آهن. چنانچہ ضرورت پوڻ تي جگر جو ٽيون حصو ڪپي سگهجي ٿو. اهڙي صورت ۾ جگر جو فعل بند ناهي ٿيندو بلڪ جاري رهندو آهي. هڪ صحتمند انسان جي جگر جو وزن هڪ دل يا گردي جي وزن کان چار دفعہ وڌيڪ هوندو آهي. هي ڪئپسول جيان هڪ هموار چاري ۾ ملفوف هوندو آهي. جگر هڪ گول گنبذنما هوندو آهي جيڪي خميري، ڊايا فرام جي مخالف صحيح بيهندو آهي. انساني جگر جي شڪل صورت بلڪل ڳئون جي جگر جهڙي بيهندي آهي.

## جگر جا افعال Functions of Liver

جگر جا ڪجهہ خاص افعال هيٺ پيش ڪجن ٿا :

0. جگر جا خليات ٻيا افعال انجام ڏيڻ کان علاوه صُفرا جو بہ افراز ڪندا آهن. جيڪو خون ۾ شامل ناهي هوندو ۽ نشاستہ تي عمل ڪري ان کي گلوڪوز ۾ تبديل ڪري گلائي ڪوجن (Glycogen) جي صورت ۾ زخيرو ڪندو آهي، گلائي ڪوجن جي صورت ۾ توانائي زخيره ٿي ويندي آهي ۽ جڏهن بہ خون ۾ کنڊ جي

سطح گھٽبي آهي تہ جسم کي توانائي جي ضرورت هوندي آهي تہ هي گلائي ڪوجن ٻيهر گلوڪوز ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. صفرا، سوڊيم ڪاربونيٽ تي مشتمل هوندو آهي ۽ هي سبزي مائل زرد رنگ جو ڪڙو ۽ ليسدار مائع هوندو آهي. انجي اهميت اها آهي تہ اسانجي غذا ۾ جيڪي سڙيَ هوندا آهن انهن کي هي ٺوڙي ڳاري ٿو ۽ معدي کان آنڊن ۾ وڃڻ واري غذا جي تيزابيت کي گهٽ ڪندو آهي ۽ صفرا ڪا واحد شيءَ ناهي بلڪ هي مختلف مادن جو هڪ پيچيده مجموعو هوندو آهي جيڪو جزوي طورتي جگر ۾ ٺهندو آهي ۽ جزوي طورتي ان مان ٻيا عضوي خُليہ ٺهيا آهن. صفرا ۾ تقريباً 97 فيصد پاڻي هوندو آهي، 3 فيصد لُون صفرا (Bile pigment) غير نامياتي لوڻ، صفرا جا لوڻ، زردين (Lecithen) ۽ ڪوليسٽرول (Cholestrol) نالي چربيون هونديون آهن. لوڻ صفرا مثلاً سرخ صُفرا (Billusben) وڏي پيماني تي هيموگلوبن جي ٽٽڻ ڦٽڻ تي ٺهندو آهي، جيڪو خون جي ڳاڙهن خَلين جي مادي رنگي هوندو آهي. جگر جي صفرا جو اخراج مُسلسل جاري رهندو آهي. اگرچہ خوراڪ يا دوائون ۽ انهن جو اثر ۽ مقدار ۾ ڪمي پيشي ٿيندي رهندي آهي. ايتري تائين جو ان تي جذبات جو بہ اثر ٿيندو آهي. درد ۽ غُصي کان انجو وهڪرو دَٻجي ويندو آهي. چوويهن ڪلاڪن دوران جگر مان عموماً ايتري مقدار ۾ صفرا خارج ٿيندي آهي جو ان مان ٻہ يا ٽي گلاس لباب ڀري سگهجن ٿا. صفرا جگر ۾ ڦهليل نالين ۾ وهي ٿو ايتري تائين جو هي عضوو ٻاهرين طرف بنيادي جگر جع نالي، ۾ پهچي ويندو آهي.

جگر اسانجي جسم جي تغذيہ (Nutrition) ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. وڏي پيماني تي خون ۾ پروٽين (Albumen)

ٻڌائيندو آهي ۽ ان مان گلائيڪوجن تيار ڪري ذخيرو ڪندو آهي.

خون جي ڄمڻ جو تعلق بہ جگر سان آهي. هي سڀ کان وڏيڪ مقدار ۾ خون مايہ پروٽين (Fibrogen) پيدا ڪندو آهي جيڪو فائبرين لختہ خون جي پيشتر هوندي آهي (prothrombin) جو تمام گهڻو ذريعو هوندو آهي، هي هڪ پروٽين آهي جيڪو خون جي ڄماءُ جي عمل ۾ داخل ٿيندو آهي، جڏهن تہ چڪنائي ۾ حل پذير وٽامن K مناسب مقدار ۾ آنڊي اندر جَذب ناهي ٿيندي، جگر پروٿرومبن ناهي ناهيندو ۽ سٽيپ جي جَذب ٿيڻ جي لاءِ صفرا جي نمڪيات ضروري هوندي آهي. هڪ مايع ترتيب پروٽين هيپارين (Heparin) جگر ۾ جزوي طورتي ٻڻبو آهي ان مان جگر جا نوان خُليا ٻڻبا آهن. بلڪ اساسي خليہ ٻڻبا جگر ۾ خاص طورتي با افراط هوندا آهن.

جگر تمام حفاظتي سرگرميون انجام ڏيندو آهي، هي بي ضرر مرڪبات ٻڌائڻ جي لاءِ نقصان پهچائيندڙ مادن کي مادن سان مِلائي ڏيندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ بي ضرر مرڪبات تشڪيل پائيندا آهن. ڪجهہ نقصان دهہ عاملين يڪسر تباهہ ڪري ڇڏيندا آهن جڏهن اهڙا ذخيرو ٿين تہ قابل مقدار آهستي ڇڏي ڏيندو آهي.

جگر ڪجهہ هارمونز جي مقدار تي بہ اثرانداز ٿيندو آهي. مثال طورتي مرد جو صحتمند جگر جزوي طورتي مادي جنسي هارمون ايستروجن کي ختم ڪندو آهي. اهڙي طرح بيمار مَرد جي جگر جي ان عمل ۾ ناڪامي جي صورت ۾ ان مرد ۾ نسواني خصوصيتن جو آغاز ٿي ويندو آهي.

اسان جيڪو ڪجهہ کائيندا پيئندا آهيون، ان مان جگر متاثر ٿيندو آهي انساني هاضمي جو عمل ان وقت شروع ٿيندو آهي،

جڏهن غذاوات مان گذري معدي ۽ آنڊي ۾ پهچندي آهي ۽ ان عمل جو انحصار امينوا ايسڊ (Ameno Acid) گلوڪوز ۽ روغني تيزابيت تي هوندو آهي. مقويات جذب ڪرڻ جو عمل ننڍي ۽ وڏي آنڊي ۾ هوندو آهي، اگر معدي جو فعل ۽ هاضمي جو عمل ٺيڪ هجي تہ آنڊن جي مقويات کي جذب ٿيڻ بعد خارج ٿيندو آهي. هن پوري نظام جو اثر انسان جي رت جي دوري تي پوندو آهي ۽ جلد ئي جگر متاثر ٿيندو آهي.

ماهرين چون ٿا تہ جگر جي صحت لاءِ سبزيون کائو، زيتون جو تيل، ماکي صوف ۽ انگور جو رَسُ فائدي مند آهي. هفتي ۾ هڪ ڏينهن فاقو ڪرڻ جگر لاءِ بهتر آهي.

## آنڊن جا زخم Ulcrative Colites

هن بيماريءَ ۾ وڏي آنڊي جي اندروني سطح تي سوزش ۽ زخم ٺهجي ويندا آهن. هي زخم وڏي آنڊي جي ڪنهن خاص حصي يا پوري آنڊي تي ڦهليل هوندا آهن. جيڪڏهن هي زخم وڏي آنڊي ۾ هجي تہ انکي Ulcerative colitis چوندا آهن ۽ جيڪڏهن هي زخم ننڍي آنڊي ۾ هجي تہ ان کي Crohns Diseases چوندا آهن ۽ زخم جيڪڏهن معدي يا ننڍي آنڊي جي ابتدائي حصي ۾ هجي تہ انکي Peptic ulcer چوندا آهن.

## علامتون Symptoms

اسهالن جي مسلسل شڪايت رهندي آهي مرض جي ابتدا ۾ روزانو چار يا پنج دفعا دست ايندا آهن ۽ انکان پوءِ مقدار ۽ تعداد وڌندو ويندو آهي.

1. ان ۾ ڪافي مقدار ۾ خون بہ شامل هوندو آهي.
2. پاخاني ۾ خون بہ شامل هوندو آهي.

3. پيٽ ۾ سور رهندو آهي جيڪو عموماً کاٻي طرف هوندو آهي ۽ مروڙ به اٿندي آهي. هي ڪيفيت عموماً پاخاني ڪرڻ کانپوءِ گهٽجي ويندي آهي.

4. مريض بخار ۽ جسماني دردن ۾ بالخصوص چيلهه جي سور جو شڪار رهندو آهي.

5. اعصابي دٻاءُ، چڙچڙاهٽ، وزن ۾ گهٽتائي، بک نه لڳڻ جهڙيون علامتون به پئدا ٿي سگهن ٿيون.

6. خوني پاخانن جي ڪري مريض ۾ خوف جي ڪمزوري ذهني وچي ٿي.

7. چمڙي ۽ وات اندر ڳاڙها داڻا نمودار ٿيندا آهن.

8. اکين ۾ جَلن ۽ سرخي نمايان هوندي آهي.

9. مريض جي چهري تي سوج جا آثار نظر ايندا آهن.

10. ليبارٽري ٽيسٽ سان خبر پوندي آهي ته مريض جي (E S R) ۽ خون جا سفيد ذرات وڌي ويا آهن.

## مرض جا سبب Cause Of Diseases

1. ذهني پريشانيون ۽ نفسياتي دٻاءُ. 2. مزمن بدهضمي جي شڪايت. 3. معدي ۾ تيزابيت جي زيادتي. 4. بي وقت کاڌو ۽ مرغن شيون واپرائڻ. 5. هٽرادو گرم مصالحه ۽ انهن جو ڪثرت سان استعمال.

## علاج Treatment

<u>آرسينڪ البم 30۔ Arsenic Album30</u>: آنڊن جي شديد سوزش، امعاءِ مستقيم ۾ سُور بيچيني جي ڪيفيت پاتي ويندي آهي. هي دوا نافع آهي. مريض کي ٿڌي پاڻي جي اُڃ، پرٿدو پاڻي پيئڻ سان تڪليف وڌي، مريض کي ائين محسوس ٿئي چڻ ته

معدي ۾ باهہ رکيل آهي، شديد اوڪارا اچن، نقاهت، تشويش، معدي جي جَلَڻ ۽ دردن جو مختلف طرفن ۾ وچڻ.

Bryonia برائي اونيا 30_200: معدي جي جاءِ تي ائين محسوس ٿئي جڻ تہ پٿر رکيل هُجي، ان درد جو احساس معدي خالي هجڻ يا کائڻ سان پيريل هُجڻ، تقيل شين جو کائڻ ۽ تڪليف ۾ زيادتي پاتي ويندي آهي، پيٽ کي دبائڻ سان سور ٿئي، اوڳرايون اچڻ سان تڪليف ۾ گهٽتائي.

Rhustox30 رستاڪس 30: پيٽ سخت هُجي ۽ ان ۾ شديد سور پاتو وچي Ascending colon ۾ شديد سُور هُجي، ان درد جي ڪري مريض ڪُبو ٿي هلڻ تي مجبور هُجي، مريض جي زبان خُشڪ، سُرخ ۽ قاتل هُجي، اج جي زيادتي ۽ زبان ۽ نڙي ۾ شديد خشڪي هُجي.

Cuperm met30 ڪيوپرم ميٽ30: سوزش معده ۽ امعاء مستقيم لاءِ بهترين دوا آهي. آنڊن ۾ وڪڙ پوڻ جي ڪيفيت ۽ ان ۾ شديد سور، شڪم تاٿيل ۽ گرم هُجي ۽ ڇهڻ سان ڏکي، اوڪارا اسهال سبز رنگ جا اچن.


Cactus30 ڪيڪٽس30: آنڊن ۽ ڊايا فرام جي سوزش ۾ هي دوا نافع آهي، جڏهن تہ ان ۾ تيز گولي لڳڻ جهڙو سُور هُجي ۽ سڪڙاءُ محسوس ٿئي، شڪم جي جَڪڙ جنهن سان گڏ تيز ۽ شديد قسم جا سور هُجن.

Symphytum 3x سمفائيٽم: بہ هفتا لڳاتار ڏيڻ سان تمام گهڻو افاقو ٿيندو، پرهيز ضروري آهي.

Colosynth 200 ڪالوسنٿ: ڪاوڙيل ماڻهن جي آنڊن جي مرض جي لاءِ هي هڪ بهترين دوا آهي. اهڙيون بيماريون

جيڪي آنڊن جي خرابي سبب ٿيون هُجن ۽ ان لاءِ ڪالوسنٿ بهترين دوا آهي.

## ننڍي آنڊي جي سوزش ۽ زخم (Corohn's Disease)




آنڊن جي سوزشي زخم. ان بيماري جو نالو Crohn's Disease آهي. 1884 ۾ هڪ امريڪي ڊاڪٽر گيسٽرو انٽرولوجسٽ Burrill Bernard Crohn هن بيماريءَ جي نشاندهي ڪئي، ان وقت ان بيماري کي ڪروهون جي نالي منسوب ڪري ڇڏيو ويو.

علامتن جي لحاظ کان هي آنڊن جي زخمن واري بيماري جي بلڪل ويجهو آهي، ان جا زخم بہ سوزشي زخمن جيان هوندا آهن. هي بنيادي طورتي ننڍي آنڊي جي بيماري آهي ليڪن ڪڏهن ڪڏهن وڏي آنڊي کي بہ متاثر ڪندي آهي. عمومي طورتي هي بيماري بالغ ماڻهن کي لڳندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻار بہ ونجي ويندا آهن.

### علامتون Symptoms:

1. پيٽ ۾ شديد سُور جيڪو دؤرن جي شڪل ۾ هُجي. 2. کاڌو هضم نہ ٿئي. 3. مسلسل اسهال. 4. مريض کي شديد بخار هجي ۽ ڪمزوري محسوس ٿئي. 5. پيشاب ۾ آگزيليٽ (Oxxalate) خارج ٿيندا رهن. 6. معدي سان گڏ مريض جا گردا بہ متاثر ٿيڻ جو خدشو.

## مرض جا سبب Cause Of Diseases

1 . بادي ۽ ڳؤريون شيون واپرائڻ، چٽپٽي شين جو مسلسل استعمال.

2. حفظان صحت جي اصولن کان انحراف.

3. شديد قبضي.

4. بدهاضمو معدي جا امراض ۽ مزمن حالت ۾ هي مرض وجود ۾ ايندو آهي.

## علاج Treatment

**آرسينڪ البم Arsenic Album 30_200 :30_200**

آنڊن جي شديد سوزش، امعاءِ مستقيم ۾ سُور بيچيني جي ڪيفيت پاتي ويندي آهي ۽ هي دوا نافع آهي. مريض کي ٿڌي پاڻي جي اُڃ هوندي آهي، پر ٿڌو پيئڻ سان تڪليف فوري، جلد ۽ ڍڪ ڍڪ پاڻي پيئي.

**ايلوز Aloes 300_200:** هن مرض ۾ علامتن جي حساب سان بهترين دوا آهي. پيٽ جي هيٺين حِصي ۾ مروڙ ۽ سُور ٿئي، پاخاني جي حاجت فوري طورتي، هڪ منٽ بہ صبر نہ ٿئي، هوا خارج ڪرڻ وقت بہ پاخانو نڪري پوي. پاخاني کانپوءِ مقعد ۾ سُور آنڊن تائين وَڃي، مقعد ۾ باهہ لڳڻ جو احساس پاتو وڃي.

**چائنا China 30:** معدي جي جاءِ تي ٿڌ جو احساس ۽ ڇهڻ سان سور ٿئي، مريض کي التي ٿئي ۽ جنهن ۾ غير هضم شده ڪثير مقدار ۾ نڪرندا آهن کاڌي کائڻ کان پوءِ معدي تي بوجهہ محسوس ٿئي، شڪم ۾ نفخ سان گڏ قولنج هُجي جنهن کي دُهرائڻ سان آرام محسوس ٿئي.

**مرڪ ڪار Merc Cor 30:** هن مرض جي مريض جي

هڪ خاص علامت پاڻي ويندي آهي ۽ هي دوا نافع هوندي آهي ۽ مريض پاڻي يا ڪا سيال شيءَ پيئي ته فوراً نڪ جي رَستي ٻاهر نڪري اچي، اوڪارا اچن ۽ الٽي اچي ته هي دوا فائديمند آهي. ٿي ۾ خون جي لس نڪرندي آهي جنهن مان ظاهر ٿيندو آهي ته آنڊن جي حالت تشويشناڪ آهي.

## آنڊن جي سوزش (Enteritis)

آنڊن جي سوزش جا ٻه قسم آهن.

1 . آنڊن جي نُزولي سوزش Follicullar or Cattarreal.

2. آنڊن جي جُناقي سوزش (Diphtheric). 3. آنڊن جي فليگمونس سوزش (Phlegmonous)

1 . **آنڊن جي نُزولي سوزش:** هي معدي ۽ آنڊن جي حاد سوزش هوندي آهي جيڪا عموماً 2 سال يا ان کان گهٽ عمر جي ٻارن ۾ وڌيڪ پاتي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن خطرناڪ ثابت ٿيندي آهي. هي بيماري آنڊن جي لمفاوي خلين (Lumphatic Cells) جي سوزش سبب ٿيندي آهي ۽ ٿيلهي نُما ٿي ويندي آهي. ان ڪري ان کي (Follicullar) چوندا آهن.

2 . **آنڊن جي خناقي سوزش:** هي سوزش خناقي جراثيم جي ڪري ٿيندي آهي. ان سوزش جي ڪري آنڊن جي اندروني سَطَحَ تي هڪ ڪاذب جاري ٺهي ويندي آهي ۽ اها جاري دراصل آنڊن جي اندروني سَطَح جي مُرده خلين ۽ سوزشي زَهَرَ کان ٺهي آهي ۽ ڪُجهه عرصي بعد آنڊن ۾ زخم ٺهڻ شروع ٿي ويندا آهن.

3 . **آنڊن جي فليوگمونس سوزش:** هي سوزش هڪ بيڪٽريا Straptococus جي ڪري پئدا ٿيندي آهي ۽ گهڻو ڪري Caecurm ۽ ڪولون (Colon) ۾ هوندي آهي. هن مرض ۾

آنڊا ڪمزور ٿي ويندا آهن جنهن ڪري آنڊن جي حَرڪت Perislattic movement بہ متاثر ٿيندي آهي، جيڪا آخرڪار غذا جي آنڊن ۾ رڪاوٽ جو باعث بڻبي آهي، جنهن جي ڪري آنڊا بند ٿي ويندا آهن.

**علامتون** Symptoms:

مريض کي بخار ٿيندو آهي. پاخاني جي هرهر حاجت جنهن ۾ خون (رت) ۽ مِڪُ جي آميزش هُجي. پيٽ ۾ سُور درد ۽ مروڙا ٿين. مريض ۾ ڪمزوري نمايان هُجي. مريض کي بُکَ بلڪل نہ لڳي.

**مرض جا سبب** Cause of diseases

هي مرض هيٺين سبب ڪري وڌندو آهي.

1. بيڪٽريا خصوصاً ڪلاسٽريڊيم باٽولينم (Clasteridum Botulinum) اسٽيفلوڪوڪائي (Stepholococu) ۽ شڪليہ جي ڪري 2. سينڪيو (Arsenic) ۽ پاري جو زَهر ۽ انجو سبب. 3. غذائي قلت جي ڪري.

**علاج** Treatment

<u>**آرسينڪ البم** Arsenic Album 200</u> : ڪاڌي ۾ زهر آلودَ عناصر جا بُرا نتيجا ۽ انهن لاءِ بهترين دوا آهي. مريض پاڻ کي اذيت ۾ مبتلا محسوس ڪندو آهي. حد درجي جي بيچيني پاتي ويندي آهي. ڪمزوري ٿڪاوٽ، اهو احساس جڻ تہ ساهہ جي نالي بند ٿي وئي هُجي، کائڻ پيئڻ بعد اوڪارن جي ڪيفيت، ڪاڌي جي نالي ۾ جلندڙ پاڻي متي ايندي محسوس ٿئي، نا اجهامڻ واري اُڃَ، بيهوشي جي ڪيفيت، مريض جو سڄو جسم ٿڌو.

<u>**ارجنٽ نائٽ** Argent Nit 200</u> : خوردوني شين جي لڳاتار الٽي، پاسير هيٺان ۽ اندر چٿني طرف ڦهليل هُجي. سُور ۽ السر جي

ڇيڻ امعاءِ مُستقيم ۾ ڳئوري تناءُ جو احساس، پيٽ ۾ ڦهلاءُ. ڪائڻ پيئڻ جي فوراً بعد اسهال، اوڳرايون، تازي هوا ۾ وڃڻ جي حالت ۾ بهتري واقع هوندي آهي.

<u>ويرٽرم البم Veratrum Album 200</u> : تيز الٽي، مسلسل اسهال جي ڪيفيت، چانور جي پاڻي جيان پتڙو ۽ ڪافي مقدار ۾ پاخاني جو اخراج، امعاءِ مستقيم مان درد اٿي ۽ مٿين طرف ۽ ٻنهي طرفن ڦهليل هُجي، پيٽ ۽ ٽنگن ۾ آڪڙ، جسم جي تمام عضوون ۾ برفيلي ٿڌ محسوس ٿئي.

## آنڊن جي رڪاوٽ (Intestinal Obstruction)

آنڊن ۾ غذا رُڪجي وڃڻ ۽ آنڊن جي بندش يا رڪاوٽ چوندا آهن. هي عموماً ٻن قسمن جي هوندي آهي.

### 1. حاد رڪاوٽ (Acute Obstruction)

آنڊن جي حاد رڪاوٽ بعد ۾ خود بخود صحيح ٿي ويندي آهي، هي رڪاوٽ فوري طورتي ٿيندي آهي. 30 سيڪڙو ماڻهو ان جي ڪري جنهن جو سبب مڪينڪل هوندو آهي ۽ 50 سيڪڙو آنڊن ۾ رڪاوٽ سبب ٿيندي آهي. آنڊي جي مڪينڪل رڪاوٽ جو مطلب ڪا اهڙي شيءِ آنڊن جي اندر اچي ڦاسي ويندي آهي ۽ آنڊي جي ديوارن ۾ ڪا چيز (شيءِ) پئدا ٿي ويندي آهي، جنهن جي پت ٿُلهي ٿي آنڊي کي بند ڪري ڇڏيندي آهي ۽ آنڊن تي دٻاءُ پوڻ جي ڪري آنڊو بند ٿي ويندو آهي. آنڊن اندر سخت غذا جو ٽڪر ٻـ ڦاسي پوندو آهي. ٻارن ۾ مختلف ميوا، فروٽ ۽ وڏا ٻَـجَ يا ڳـڪڙي ڦاسي سگهي ٿي، ان کان علاوه ننڍا رانديڪا، سِڪا وغيره ٻار وات ۾ وجهي ڇڏيندا آهن جيڪي وَڃي رڪاوٽ جو باعث بڻبا آهن ۽ آنڊن جي ديوار ۾ ٽيومر بڻجي ديوار ٿُلهي ٿي ويندي آهي ۽ جيڪا

رڪاوٽ جو باعث بڻبي آهي. آنڊن جي ٻاهر بہ جيڪڏهن تيومر (Tumor) پئدا ٿي وڃي تہ بہ رڪاوٽ پئدا ٿي پوندي آهي.

**2. پراڻي رڪاوٽ (Chronic Obstruction):**

**هيءَ وڏي آنڊي جي بيماريءَ سبب ٿيندي آهي.**

**علامتون Symptoms:**

1. پيٽ ۾ شديد سُور ٿيندو آهي، البتہ آنڊن جي فالج جي صورت ۾ درد جي نوعيت گهٽ ٿيندي آهي. 2. اُلٽي ٿيندي آهي جيڪا شروع ۾ غذا هوندي آهي ۽ بعد ۾ صفرا خارج ٿيندو آهي ۽ آخر ۾ پاخانو بہ الٽيءَ ذريعي ايندو آهي. 3. قبضي ايتري شديد هوندي آهي جو نہ صرف پاخانو بلڪ گئس بہ خارج نہ ٿي سگهندي آهي، ۽ اهڙي قبضيءَ کي Absolute Constipation چوندا آهن.

4. پيٽ ڦهليل، جيڪڏهن رڪاوٽ آنڊن جي هيٺين حصي ۾ هُجي تہ پيٽ تمام گهڻو ڦليل هوندو ۽ رڪاوٽ مڪينڪل هُجي تہ آلہ سماعت مان آنڊن جي گڙگڙاهٽ ٻڌڻ ۾ ايندي.

**مرض جا سبب Cause of Diseases**

1. آنڊن جو فالج هميشہ Peritonium جي سوزش ڪانپوءِ ٿيندو آهي جنهن جي نتيجي ۾ آنڊن ۾ موجود غذا حرڪت ناهي ڪري سگهندي ۽ اهڙي طرح غذا جي رڪيل رهڻ جي ڪري آنڊن ۾ رڪاوٽ پئدا ٿيندي آهي.

2. پيروٽونيم جي سوزش کان علاوه پتي جي سوزش جي سَبب بہ آنڊن ۾ رڪاوٽ پئدا ٿي سگهي ٿي.

3. لبلبي (Pancreas) جي سوزش بہ انجو سبب ٿي سگهي ٿو.

4. آنڊن ۾ سوراخ ٿي پوندو آهي. بعد ازان رڪاوٽ باعث

آهي.

5. پيٽ جي زخم ۾ بعض اوقعات آنڊن ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندي آهي.

6. حرام مغز جي شديد ڏک جي ڪري به رڪاوٽ پئدا ٿي سگهي ٿي.

7. هڪ آنڊي ڪان ٻي آنڊي ۾ Telescope جيان داخل ٿي ويندو آهي، جنهن کي Intesusception چوندا آهن ۽ رڪاوٽ جو باعث بڻبو آهي.

8. آنڊي ۾ وڪڙ پوي ڳنڍ لڳي وڃي جنهن کي (Volvulus) چوندا آهن ۽ رڪاوٽ جو باعث بڻبو آهي.

9. ڇڻُ (Hernia) به انجو سَبب آهي.

## (ليباريٽري تشخيص) (Laboratory Tests)

مريض جو بيٺل حالت ۾ پيٽ جو سادو ايڪسري (x_ray) ۾ مايو نظر ايندو، ليٽل حالت ۾ (x_ray) ڪرڻ تي آنڊا قليل نظر ايندا.

## علاج Treatment

ايلومينا Alumina 30: آنڊن جي رڪاوٽ جي لاءِ قيمتي دوا آهي. مريض کي ائين محسوس ٿيندو آهي جيئن وقت تمام آهستي گُذري رهيو آهي، مريض کي پاخاني وَڃڻ جي حاجت ئي ناهي ٿيندي، مقعد جو فعل معطل ٿي ويندو آهي ۽ نرم پاخانو به خارج ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻي پوندي آهي.

اوپيم Opium: آنڊن جي رڪاوٽ جي سبب درد قولنج ۽ تشنُج جا دؤرا پوندا آهن مريض کي پاخاني جي قي (الٽي) ايندي آهي، ننڍي آنڊي ۾ پاخاني جي سبب ٿيڻ واري رڪاوٽ لاءِ بهترين

دوا آهي پيٽ سخت قليل ڍول جيان هوندو آهي.

بيلاڊونا Belladona 30: آندن جي رڪاوٽ جي لاءِ هن دوا سان علاج ڪرڻ کپي. مريض کي بخار هُجي جنهن سان گڏ هذياني ڪيفيت تي هُجي. دوران خون مٿي طرف وڌيڪ ٿي وڃي.

پلمبم ميٽ Plumbum met 30: پيٽ جو سُور جڏهن عُضلات اندر طرف ڇڪيل هجن، قبضي جي حالت جڏهن تہ پاخانو گول ڪارو نڪري، آندن جي رڪاوٽ جي سَبب مريض کي ائين محسوس ٿئي تہ پيٽ جي پت اندر طرف ڇڪي ڪنهن ٻڌي آهي.

ليڪس Lechasis 30_200: مقعد ۾ سُور ۽ سُڪڙاءُ جو احساس، آندن جي رڪاوٽ جنهن سان گڏ سُور جي لڳاتار حاجت، مبرز ۾ هٿوڙا لڳڻ جو احساس پاتو ويندو آهي، پيٽ انتهائي حساس ٿي ويندو آهي، مريض انجي چوڌاري ڪپڙو بہ برداشت نہ ڪري سگهي.

ليڪ ڊيفلوريٽم Lac_Defloratum 200: آندن جي رڪاوٽ جنهن سان سَخت قسم جي قبضي، مريض کي شدت جو سور ٿيندو آهي. اهڙن مريضن جي لاءِ مفيد دوا آهي. جنهن جي نشونما صحيح نہ ٿي هجي.

نڪس واميڪا Nux_vomica 30_200: قولون (وڏي آندي جو اهم حصو) جتان امعاءِ مستقيم شروع ٿيندو آهي اتي تڪليف سان گڏ رڪاوٽ هُجي، رڪاوٽ واري طرف ليٽڻ سان يا دٻاءُ وجهڻ سان تڪليف ۾ افاقو مريض هوا يا پاخاني خارج ڪرڻ کان قاصر.

## آندن جو دق (Intestinal Tuberculosis)

متعدي بيمارين ۾ ٽپ دق هميشہ کان نسل انساني جي

دهشت جو سرچشمو رهيو آهي. اج تائين ماڻهو هن کي صرف ڦڦڙن جي بيماري تصور ڪندا رهيا آهن. انساني قوت مدافعت ڪمزور ٿي وڃي يا ڪاڏو پيتو ضرورت آهر نہ ملي يعني معاشي بدحالي ڪان متاثر ماڻهو کي هيءَ بيماري گهيري وٺندي آهي. جسم جو ڪوبہ حصو دق ڪان محفوظ تصور نٿو ڪري سگهجي پر آنڊن تي انجو حملو اڃا تائين بحث جو سبب بڻبو آهي.

آنڊن جو دق عام طورتي ڦڦڙن کي متاثر ڪرڻ بعد ٿيندو آهي، مريض جڏهن پنهنجي جراثيم زده ٿُڪَ ڳهيندو آهي تہ جراثيم آنڊن ۾ وَڃي انهن کي متاثر ڪري وجهندو آهي پر ڪيترا دفعا ڏٺو ويو آهي تہ مريضن جي ڦڦڙن ۾ ڪجهہ ناهي ملندو پر آنڊن ۾ جراثيم ملندو آهي، اڪثر اهو تڏهن ٿيندو آهي جڏهن جراثيم کي ڦڦڙن کي متاثر ڪرڻ جو موقعو ناهي ملندو تہ هو ٻي جڳهہ تي حَملي آور ٿيندا آهن جن ۾ آنڊا بہ متاثر ٿي سگهندا آهن. ان لاءِ اهڙا مريض بہ رڪارڊ تي آيا آهن جن جا صرف آنڊا متاثر مليا. عموماً اهڙيون دوائون جيڪي ڦڦڙن جي دق ۾ ڪم ڪنديون آهن اهي ئي دوائون آنڊن جي دق ۾ ڪم ڪري سگهنديون.

**علامتون Symptoms:** 1. مريض کي اڪثر و بيشتر بخار رهندو آهي.

2. انتهائي ڪمزوري محسوس ٿيندي آهي. 3. اسهال ۽ پيٽ ۾ درد اهم علامات آهن. 4. پيٽ جو سُور دُن جي هيٺان ۽ ساڄي طرف هوندو آهي. درد جي دوران اجابت ٿي وڃي يا اُلٽي ٿي وڃي تہ درد جي شدت ۾ گهٽتائي ٿيندي آهي. 5. پاخاني ۾ عام طورتي پونءِ يا خون جي آميزش ناهي هوندي البتہ گهاٽاڻ ۽ سٽيءَ جي ڪافي مقدار ملندي آهي. 6. مريض کي 5 يا 6 پاخانو ايندو آهي. 7. پيٽ

جي هيٺين حصي ۾ گولو محسوس ٿيندو آهي، جنهن کي دٻائڻ سان سور ٿيندو آهي. 8. بک مريض جي ختم ٿي ويندي 9. جڏهن آنڊا گهٽا مُتاثر هُجن تہ پوءِ بخار 3 يا 4 ڪلاڪ رهڻ لڳندو آهي. 10. اهڙا مريض جن کي پهريان ئي ڦڦڙن جو دِقُ ٿيو هُجي انهن جا آنڊا ضرور متاثر ٿيندا آهن ان لاءِ اهڙي صورتحال ۾ ڦڦڙ ۽ آنڊن جون علامتون گڏجي ويندي ون آهن.

## مرض جا سبب Cause Of Deseases

1. جراثيم واري ٿُڪَ ڳهڻ. 2. گهٽ خوراڪ يا اهڙي خوراڪ جنهن ۾ وافر مقدار ۾ حياتين ۽ لحميات موجود نہ هجي. 3. مريض جا ڪپڙا ٿڪ دان ۽ ٻين آلوده (متاثر) مشين جي ذريعي.

4. دِق جا جراثيم اٻارڻ سان ناهن مرندا ان لاءِ مريض جي آلوده شين کي براهہ راست اس لڳائجي تہ بيماري ڦلجڻ جا اسباب گهٽ ٿي سگهن ٿا.

5. هي هڪ معتدي مرض آهي جيڪو هڪ ماڻهوءَ کان ٻي کي لڳي سگهي ٿو.

## علاج Treatment

ايسٽڪ ايسڊ Acetic Acid: ڏٻرا، سنهڙا ۽ ڍلا ڪمزور ماڻهن جي خاص دوا آهي. آنڊن جي دق سان گڏ معدي ۾ سُور جَلن هوندي آهي. معدي ۾ تيزابي مادي جي زيادتي پاتي ويندي آهي. بدهاضمي جو پاڻي ۽ لعاب دَهن (ٿُڪَ) جي وات ۾ زيادتي.

اگاريڪس Agarics: شرابي ماڻهو جن جو هاضمو ڏينهون ڏينهن بگڙندو وڃي ۽ آنڊا ٽي بي (T.B) طرف مائل هجن تہ مفيد دوا آهي.

ٽيوبر ڪلينم Tuberculinum200: ٽي بيءَ جي مريض

جي لاءِ حفظ ماتقدم طورتي بہ استعمال ڪئي ويندي آهي. مرض جڏهن گهڻو بگڙيل رهيو هُجي تہ نافع دوا آهي، اهڙا ماڻهو جن جي خاندان ۾ T.B جو عنصر بدرجہ اُتَم موجود هُجي تہ هي دوا فائديمند هوندي آهي، ان مقصد لاءِ ڪنهن بہ دوا سان گڏ Itercurrent Remedyطوربي ڏئي سگهجي ٿو.

ڊوسرا Droserra 30: مريض ڏينهون ڏينهن بدن ڪمزور ٿيندو وَڃي، آنڊن ۽ ڦڦڙن جي T.B جنهن سان گڏ شدت جي کنگهہ هُجي ۽ اِئين محسوس ٿئي جڻ تہ ڳلي ۾ خارش ٿي کنگهہ کي اياري رهي هُجي، اوڪارن ۽ اُلٽيءَ جي ڪيفيت مريض ترش شيون کائي نہ سگهي.

سلفر Sulfer 30_200:خنازيري مزاج وارن ماڻهن جي 8 فيصد دوا آهي، هن مرض جي لاءِ بيهڻ مُشڪل هوندو آهي. آنڊن جي دَقِ جنهن ۾ اسهال هُجن جيڪي اڌ رات کانپوءِ وڌيڪ ٿين ۽ علي الصُبح مريض بستر ڇڏڻ تي مجبور ٿئي. مريض جا آنڊا پاخانو روڪڻ کان قاصر نظر اچن. بعض اوقات قبضي ۽ اسهال واري سان ٿين، قبضي جي صُورت ۾ پاخانو ڳنڊدا، سخت ۽ خُشڪ جَليل اچي. مريض کي پاخاني ڪرڻ جي لاءِ ويٺي رهڻ لاءِ شديد درد ٿيندو آهي ان لاءِ مريض کي ويهڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي ۽ ان لاءِ هو (مريض) پاخاني کي روڪي رکندو آهي.

ڪاربوويج Carbo_veg 30: مريض انتهائي ڪمزور ۽ جَلد بيهوش ٿي وڃي، ڦڦڙن جي T.B جا بد اثر جيڪي آنڊي جي دق جو موجب بڻجي رهيا هُجن، انهن لاءِ هي دوا فائديمند ثابت ٿيندي آهي. مريض کي هر وقت تازي هوا جي خواهش ٿيندي آهي. مريض جو جسم نيرو، ٿڌو ۽ ان تي نيرا حلقا، نشان ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

**كالي كارب kalli Carb 30_200**: ٿُلهن ۽ عمر رسيده ماڻهن لاءِ خاص دوا آهي. بدهاضميءَ جي ڪيفيت جنهن سان گڏ مريض کي هر وقت چيلهه ۾ سُور رهندو آهي جيڪو شڪم ۾ آنڊن تائين پُهچي ويندو آهي. مريض جي آنڊن ۾ دق جو عنصر پاتو ويندو آهي ان لاءِ مفيد دوا آهي، مريض جو معدو تاڻيل محسوس ٿيندو آهي، ڇُهڻ سان درد ڪندو آهي ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ته ڇُهَڻ سان ڦاٽي پوندو. تمام کاڌل پيتل شيون گئس ۾ تبديل ٿي وينديون آهن.

**نوٽ:**۔ آنڊن جي دِق ۾ ڪنهن ٻي دوا سان گڏ Tuberculinum وڏي طاقت ۾ هفتي يا 15 ڏينهن استعمال ڪرائڻ سان بهتر نتيجا نڪرندا آهن.

**اسهال Diarroea**: هرهر پتڙا ۽ نرم پاخانہ خارج ٿين تہ انهن کي اسهال يا دستن جو نالو ڏنو ويندو آهي. هي اصل ۾ ڪا بہ بيماري ناهي بلڪ بيماري جي علامت آهي. اصل مرض آنڊن ۽ معدي جي مخاطي چاري جي سوزش هوندو آهي جنهن جي ڪري هاضمي جو نظام خراب يا ڪمزور ٿيندو آهي. هن مرض ۾ عام طورتي پيچش جيان مروڙ ناهي ٿيندو ۽ زور بہ ناهي لڳائڻو پوندو. اسهال پوري دنيا ۾ لکن ماڻهن جي موت جو سَبب بڻجندڙ مرض آهي. پنجن سالن جي عمر جي ٻارن ۾ موت جو ٽيون حصو دست ٿي هوندا آهن. هڪ رپورٽ مطابق پاڪستان جي هر ٻار کي 4 سالن جي عمر ۾ گهٽ ۾ گهٽ 4 دفعا دستن جو شڪار ٿيڻ پوي ٿو.

اسِهالن جو هڪ قسم Giardiasis هڪ طُفيليءِ Giardia Lamblia جي ذريعي ڦهلبو آهي. هي Parasite غير صاف پاڻي جي ذريعي جسم ۾ داخل ٿي ننڊي آنڊي ۾ انفيڪشن پئدا ڪندو آهي جنهن جي ڪري شديد اسهال جي ڪيفيت پئدا ٿيندي آهي.

مريض ۾ درد شڪم تبخير ۽ مروڙ جهڙيون علامتون ظاهر ٿي پونديون آهن (Giardia) جي ذريعي ٿيڻ وارن دستن جي مزمن ٿي وڃڻ تي جسماني ڪمزوري ۽ وزن جي ڪمي ظاهر ٿيندي آهي.

اسانجي آنڊن جو اهيو ڪم آهي تہ اسانجي غذا مان سنها رقيق ماده ۽ مقويات کي ۽ الڳ الڳ ڪندا آهن ۽ غير هَضم شُده مادا اجابت جي شڪل ۾ جسم مان خارج ڪندا آهن. جڏهن آنڊن جو اهو فعل دُرست نہ رهي ت اسهالن جو سِلسِلو شروع ٿي ويندو آهي. شديد اسهالن جي نتيجي ۾ جسم مان پاڻي جي گھٽتائي (Dehyderation) واقع ٿيندي آهي.

**اسهال پئدا ڪرڻ وارا جراثيم:**

1 . **روٽا وائرس** (Rota Virus): هي وائرس ٻہ سالن جي عمر تائين جي ٻارن کي گهڻو متاثر ڪندو آهي، ننڍين ٻارن ۾ شديد قسم جاءِ جان ليوا قسم جا اسهال ۽ انهن جو سبب اهو ئي وائرس (Virus) هوندو آهي. اسهالن جو ٽيون حصو انهيءَ ئي جراثيم سبب هوندو آهي.

2 . **نارواڪ وائرس** (Norwalk Virus): وڏن ٻارن ۾ الٽيون ۽ دست هن (Virus) ڪري پئدا ٿيندا آهن.

3 . (E_Colic): ٻارن ۽ وڏن ۾ پاڻي جهڙا پتڙا دست جن جو سبب هڪ بيڪٽريا هوندو آهي، اهڙا Bactria عموماً خراب پاڻي غذا ۾ پنهنجو مسڪن بڻائيندا آهن، ان جي ذريعي ئي انساني جسم تائين پهچندا آهن.

4 . **وبريو ڪولريڪ** (Vibro_Cholerac): هي بيڪٽريا ڪالرا پئدا ڪرڻ جو موجب بڻبو آهي، هن بيڪٽريا کان پئدا شده اسهال مريض ڪُجهہ ڪلاڪن ۾ Dehydration جو شڪار ٿي

موت جي مُنهن ۾ هليو ويندو آهي.

5. **ڪمپائيلوبيڪٽر جيجوني (Compylobacter Jejuni)**: عام طورتي ٻارن کي لڳندڙ اسهال هن بيڪٽريا جي ڪري ٿيندا آهن. هي بيڪٽريا حيوانن کي متاثر ڪندو آهي، خصوصاً ڪڪڙين ۾ هي وائرس گهڻو پاتو ويندو آهي، هي بيڪٽريا آلوده فُضلو ڇُهڻ سان ۽ آلوده غذا پاڻي يا کير معدي ۾ پهچي ڦهلو آهي. هن بيڪٽريا کان متاثر ٿيڻ وارا ٻار کير پئياڪ ٻار، پاڻي جهڙا دست ۽ انهن کان شڪار ٿي ويندا آهن. بقيہ ٻارن کي پيچش جو مرض لاحق ٿيندو آهي.

6. **شگليہ Shigella**: هن بيڪٽريا ۾ عام طورتي پيچش جو مرض لاحق ٿيندو آهي، بعض اوقات عام اسهال بہ شروع ٿيندا آهن. هي بيڪٽريا هڪ انسان کان ٻي انسان ۾ منتقل ٿيندو آهي.

7. **سالمونيلا Salmonella**: هي بيڪٽريا گهڻو ڪري حيوانن ۾ پاتو ويندو آهي، اهڙن حيوانن جو گوشت يا کير استعمال ڪرڻ سان انسانن ۾ منتقل ٿيندو آهي. **علامتون Symptoms**: 1 هڪ انسان کي روزانو 200 گرام کان وڌيڪ پاخانو اچي تہ ان کي دست سڏبو.

2 اسهال جي ابتدا عام طورتي علي الصبح ٿيندي آهي.

3 مريض جڏهن صُبح جو اٿندو آهي تہ طبيعت ڳوري محسوس ڪندو آهي.

4 پنڙي نرم اجابت، اسهال (دست) چوائن (سڏائن) ٿا.

5 جيڪڏهن اسهال گهڻي مقدار ۾ يا ليسدار گهٽ هجن تہ ننڍي آنڊي جي بيماري ظاهر ڪندا آهن ۽ ان جي ابتڙ هجي تہ وڏي آنڊي جي سوزش سمجهبو.

## پاڻيءَ جي گهٽتائي Dehydration

### علامتون : Sympotoms

1 پاڻيءَ جي ڪمي (Dehydration) جا شڪار ٻار جيڪي ڪراڙن جيان بيجان ۽ چمڙي ڪراڙي لڳي، چهرو خُشڪ ٿي وڃي ۽ ان ۾ گُهنج. 2 معمولي گهٽتائي سبب ٻار ۾ چڙچڙاهٽ اچي ويندي آهي. 3 وچولي ڪميءَ ۾ ٻار جي نبض ڪمزور ٿي ويندي آهي. 4 پيشاب گهٽ مقدار ۾ اچي. 5 اکين جا ڪوپا ڏلا ۽ اندر گهٽيل. 6 چپ ۽ وات اڃ جي ڪري شديد خُشڪيءَ جو شڪار.

### سَنگين قسم جي ڪمي Severe Dehydration:

7 ٻار بيحس ٿي وڃي. 8 هٿ پير ٿڌا ٿي وڃن، جڏهن ته جسم جا باقي حصا صحتمند. 9 خون ۾ تيزابيت وڌي وڃي ۽ ساهه جي رفتار تيز ٿي وڃي. 10 وات جون جاريون ۽ ڳوڙها خشڪ ٿي وڃن ۽ پيشاب بند ٿي وڃي ۽ ان جي مقدار تمام گهٽ ٿي وڃي.

**مرض جا سبب** Cause of diseases: دستن جو سبب الرجي Allergy، زيادتي غذا ۾ سٽيپ يا مرچ مصالحن جو بيحد استعمال ۽ ڪچيون ۽ خراب سبزيون ۽ انهن جو استعمال، ڪُجهه ماڻهو هڪ جڳهه کان ٻي جاءِ سفر ڪندا آهن ته اسهالن ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن ڇاڪاڻ ته انهن جي جسم کي نوان جراثيم ۽ انهن جي مدافعت ۾ وقت لڳندو آهي ۽ انهن کي پچڻ لاءِ ٻه ٽي ڏينهن لڳي ويندا آهن.

وائرس سبب (Viral Infection) جي نتيجي ۾ ٿيڻ واري معدي امعاءِ جي سوزش، مروڙ ۽ الٽي هڪ عام وجهه هوندي آهي، تعدير جي شدت جي صُورت ۾ جسم ۾ پاڻيءَ جي شديد ڪمي ۽ Blood Electro Lytes جو عدم توازن واقع ٿيندو آهي.

## علاج Treatment

1 آرسينڪ البم Arsenic Album 200_30: هن دوا جي مريض ۾ حد درجي جي بيچيني پاتي ويندي آهي، گهرا پاخانہ سائي سبز رنگ جا يا سياهي مائل جيڪي بدبودار هوندا آهن ٿورا ٿورا ڪري ٿيندا آهن. خون آلود لئي جيان، اگر برف جو پاڻي پيئڻ يا آئسڪريم کائڻ سان دستن ٿيڻ تي هي دوا اڪثير ثابت ٿيندي، هن جون خاص علامتون هي آهن 1 ٿوري مقدار ۾ پاخانو. 2 پاخاني جو رنگ سياهہ 3 گندي بوءِ وارو ڪاڪوس. 4 پاخاني ڪانپوءِ سخت قسم جي ڪمزوري.

اپيڪاڪ Ipeacac 30: هن دوا جا پاخانہ سبز ۽ زرد رنگ جا هوندا آهن. ليڪن انهن تي گج ناهي هوندي، اهڙا اسهال جيڪي گهڻي کائڻ پيئڻ سبب ٿين. سبز پاخانہ هلڪي پيلي رنگ جا. رات جو اضافو بارن جا ڏند نڪرڻ دوران علامتن جو اضافو حرڪت سان پيٽ ۾ سُور ۽ فوري حاجت. هي دوا عام طورتي اهڙن دستن ۾ بهتر ڪم ڪندي آهي.

ايڪونائيٽ Aconite: ڪاڪوس پاڻيءَ جيان ڪاره ڪتريل پالڪ جيان. سبز صفراوي، ريح خارج ڪرڻ وقت غير ارادي طورتي پاخاني جو اخراج. موسم گرما ۾ اضافو غصو ۽ خوف. جنهن ڪانپوءِ اضافو اسهالن سان گڏ بخار بيخوابي ۽ تشويش.

ايٿيوزا سيناپيم Aethusa Cynapum 30: پاخانو صفراوي، هلڪي زرد ۽ سبزي مائل سيال، سبزي مائل خاڪ جيان. غير منهضم. گهڻي مقدار ۾ بغير بوءِ وارو. ڏند نڪرڻ دوران اسهال. صُبح جو اضافو پاتو وچي، ڪاڏي ڪان ٿوري دير بعد اضافو.

ايلوز Aloes 30_200 1M: پاخانو زرد. خون آلود. لعاب

جيان، سبز مک، شفاف جيلي جيان، سبزي مائل، صفراوي خاڪستري Jelly جيان ڪثير پاڻيءَ جيان، پُورا زور سان نڪرڻ وارا، گرم غير منهضم، غير ارادي طورتي، پيشاب يا ريح، خارج ڪرڻ وقت پاخاني جو اخراج، نيم سيال پاڻي جيان گرم مرطوب موسم ۾ اضافو صبح سويري اضافو صبح 5 بجي کان ڏهين بجي تائين.

ايلو دستن ۽ پيچش ٻنهيءَ لاءِ تمام قيمتي دوا آهي، هي بيشڪ هڪ گهري اثر واري (Antipsoris) دوا آهي. اهڙا اسهال ۽ دست جيڪي مزمن هجن انهن لاءِ ڪافي قدرو قيمت رکي ٿي.

<u>اينٽم ڪروڊ Ant:Crudum 30_200</u>: پاخانہ پاڻيءَ جيان، اڪثر مقدار ۾ گهٽا، هڪبئي پٺيان قبضيءَ سان گڏ، غير منهضم لئي جيان، ڇميل کير جي سخت ڳوڙهن جيان، زردي مائل، ناگوار بوءِ وارا، جهلجڻ وارو مک، زبان تي سُفيد تهہ، ٿڌي پاڻيءَ جي غُسل ڪانپوءِ اضافو حمل دوران اضافو صبح سوير اضافو موسم گرما جي تپش کان اضافو پاخاني کان الڳ شديد سُور، پاخاني ڪرڻ دوران مبرز ۾ درد جو احساس ۽ مبرز جو ٻاهر نڪرڻ. جذباتي يا شڪي مزاج مريض.

<u>اينٽم ٽارٽ Antim_tart 30_200</u>: پاخانہ هلڪي رنگ جا پورا، زرد، لئيءَ جيان، پاڻيءَ جهڙا، خون آلود صفراوي، خمير جيان، نمونيہ دوران ٿيڻ وارا اسهال، پاخاني ڪرڻ دوران چڪ، اوڪارا، مقعد جي جاءِ تي گرميءَ جو احساس، دستن کان پهريان، قولنجي سُور، دستن سان گڏ الٽي ۽ اختلاج قلب، شديد غنودگي پاتي وجي، سمهڻ جي خواهش پاتي وڃي.

<u>ايپس ملفيڪا Apis melifica 30</u>: هي دوا کير پيئاڪ ٻارن جي لاءِ اهڙا اسهال جن ۾ خون، مِکُ ۽ غذا جي، پاخانو ٽماٽي جي

سوپ جيان (Tomato Soup) جڏهن بہ ٻار اٿي، ويهي يا حرڪت ڪري تہ انجو پاخانو خارج ٿي وڃي. پاخانو سبزي مائل، زرد، بغير درد جي خارج ٿئي. اهڙا ٻار جيڪي انتهائي ڪمزوريءَ کي پهچي چُڪا هُجن، انهن جي دستن لاءِ مفيد آهي.

بيلاڊونا Belladona 30_200: عام طورتي گرمين ۾ سردين جي شدت باعث ٻارن ۾ اسهال شروع ٿي وڃن تہ بهترين دوا آهي، اسهالن سان گڏ تشنج، آنندن جي سوزش پاتي ويندي آهي، پاخانا پنڙا سبز مڪ جو اخراج، مٿي تي گرمي سان گڏ اسهال ٿين، ڪٽي بوءِ وارا غير ارادي طورتي خارج ٿيڻ وارا پاخانہ هي دوا وڏن بنسبت ٻارن جي لاءِ بهتر ڪم ڪندي آهي، وارن ڪترائڻ ڪانپوءِ ٿڌ لڳڻ ڪانپوءِ اضافو ڪميوميلا ۽ بيلاڊونا جي علامتن ۾ موافقت پاتي ويندي آهي.

پوڊوفائلم Podophylum 30: جيڪڏهن پاخانہ مقدار ۾ تمام گهڻا اچن ۽ نهايت بدبودار هُجن ۽ پاڻي جيان پچڪاريءَ جي صُورت ۾ خارج ٿين تہ هي دوا ڪارآمد ٿيندي آهي. هن دوا جي مريض کي اُجَ گهڻي لڳندي آهي، پاخاني جي ايتري قدر شديد حاجت هوندي آهي جو مريض Toilet طرف ڀڄندو آهي. عموماً اهڙا اسهال تيز مرچ مصالحہ کائڻ ڪانپوءِ لاحق ٿيندا آهن. دست ڪرڻ وقت مقعد ٻاهر نڪرندي آهي، گرمين جا اسهال انهن لاءِ مفيد دوا آهي، اجابت کان اڳ، ساڄي طرف گئس جي گڙگڙاهٽ پاتي ويندي آهي، صبح بستر مان اٿڻ وقت اٿي ويهڻ تي ناقابل برداشت حاجت، اٿي جي پوري ۽ واري جيان پاڻيءَ جا پاخانہ زرد لئي، سياهہ زيد پاڻيءَ جهڙا، گندي پاڻي جيان، لعاب مانند، صبح جو اضافو.

پلسٽلا Pulsatilla 30_200: هي دوا عام طورتي نازڪ

مزاج ٻارن ۾ وڏن جي لاءِ آهي. عموماً اهڙا ماڻهو جيڪي ڪنهن دعوت کان واپسي تي آئسڪريم کائڻ کانپوءِ اسهال جو شڪار ٿين.

سٽيپي ڳوري خوراڪ بعد اسهال، پاخانه رنگ مَٽائين ڪڏهن سبز ڪڏهن زرد ۽ ڪڏهن سفيد. پاخانه خاص ڪري رات جو ٿين، اهڙا ٻار جيڪي صرف کير تي پلجن. سيٽي غذا. کير ڏهي، پيسٽري، آئسڪريم، مليل جليل کاڌو، ٿڌو کاڌو سردي لڳڻ. ٻجي پوڻ ۾ اچانڪ خون زرد ٿي وڃڻ سبب اسهال.

جيلسميم Gelsimium 30_200: خوف ۽ ڏج باعث اسهالن جو ٿيڻ. انتظار سبب اهڙي ڪيفيت پئدا ٿي ويندي آهي. مريض ۾ غنودگيءَ جا آثار نمايان هجن. بلڊپريشر گهٽ. مريض ۾ ٿورڙي دير ويهڻ جي سگهه به نه هُجي.

جلاپا Jalapa 30_200: پاخاني کان پهريان ۽ بعد ۾ پيٽ ۾ ڪٽڻ وارا درد. هي علامت رات جي وقت شدت اختيار ڪري. اهڙيون علامتون جيڪي اسهالن سبب پاتيون وڃن انهن لاءِ انتهائي نافع آهي.

چائنا China 30: ٻاٽيءَ جيان پاخانه جنهن ۾ غير هضم شده غذا جا ٽڪر ۽ ڪثير ريح خارج ٿئي سياهي مائل پورا پاخانه، صفراوي، خون آلود. جهڳدار کاڌي کانپوءِ اضافو. صُبح سويري تڪليف ۾ اضافو کير پيئارڻ وارين عورتن ۾ اسهال. تمام ڪمزور ڪرڻ وارا اسهال. هن دوا جي اسهالن ۾ ضعف معده سبب. ٻار جيئن ڪجهه کائيندو آهي ته فورا اجابت ٿيندي آهي. رات جي وقت اسهال.

ڊلڪمارا Dulcamara 30: هي دوا ٻڳل موسم جي دوا چوائي ٿي. جڏهن يڪدم موسم بدلجي وڃي ۽ ان سبب ڪري

اسهال لاحق ٿين. گرمين جي موسم ۾ برف جو ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو ۽ انهن ۾ اسهال جي شڪايت پئدا ٿي وڃي، جڏهن ڏينهن گرم ۽ راتيون ٿڌيون هجن.

ريوم Rheum 30: ٻار جي سڄي جسم مان کٽي بوءِ اچي ۽ اهڙي بوءِ جا پاخانہ بہ اچن ۽ هي بوءِ وهنجارڻ کانپوءِ بہ برقرار رهي، مريض جا پاخانہ رنگ جا ڀُورا ۽ جهڳدار هُجن.

سلفر Sulfer 30: پاڻيءَ جهڙا ڀوري رنگ جا پاخانہ ڪپڙن تي سبز داغ. چڏڻ وارا پاخانہ. مک سبز. خون آلود. پوڻ‌ءِ واري قبضيءَ سان گڏ پاخانہ دفعتاً اخراج ۽ اڪثر غير ارادي طورتي، ڪالرا جي وبا دوران اسهال جيڪي صُبح جي وقت شروع ٿين، پيٽ ۾ شديد گڙڪو جڏهن مجوزه دوا ڪم نہ ڪري تہ هن دوا جون چند خوراڪون آرام ڏياريندڀون.

فيرم ميٽ Ferum Met 30_6: پاڻيءَ جيان اسهال، هن دوا جا مريض ۽ انهن جون علامتون هي آهن تہ مريض جيئن ئي ڪاڏي کائڻ ويهندو آهي تہ فوراً پاخاني جي حاجت ٿيندي آهي ۽ ڪاڏي کي ڇڏي پاخاني وڃڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي، فراغت بعد مريض جڏهن ٻيهر کائڻ ويهندو آهي تہ وري ساڳي صورتحال پئدا ٿيندي آهي.

فاسفورس Phosphorus 30: مزمن اسهالن جي خاص دوا آهي، اسهال علي الصبح، سبز رنگ جا جن ۾ اڪثر ڪچي غذا، خوراڪ خارج ٿئي ان لاءِ نافع آهي، هي دوا اڪثر ڊگهن ۽ سنهن ڏٻرن ماڻهن جن جي ڇاتي ڪمزور هُجي جي لاءِ مفيد هوندي آهي، هي دوا اڪثر ڊگهن ماڻهن جن جي ڇاتي ڪمزور هجي لاءِ مفيد آهي. مريض کي ٿڌي پاڻي پيئڻ جي زبردست خواهش هوندي آهي پر

جيئن پاڻي معدي ۾ پهچندو آهي تہ الٽي (قي) ذريعي خارج ٿي ويندو آهي. مريض محسوس ڪندو آهي تہ جڻ مقعد ڪليل آهي.

**ڪلڪيريا ڪارب Calc Carb 30_200**: پاخانہ زردي مائل لئي جيان، خاڪستري، چيڪي مٽي جيان پاڻي جيان گجي دار، سفيدي مائل، خون سان گڏ، ملائي جهڙا، تيز بوءِ وارا، متعفن، جميل ڪير تي مشتمل، پاخاني سان گڏ آنڊن ۾ جيت، ٿلهن ٻارن ۾ ڪير پياڪ ٻارن ۾ ڪليل تارونءَ سان گڏ اسهال، ڏندن نڪرڻ جي زيادتي ۾ دست اسهال، ٻڳل گوشت کائڻ کانپوءِ اسهال، مضوعي غذائن ۽ منايڻ کائڻ کانپوءِ تڪليف ۾ اضافو.

**ڪلڪيريا فاس Calc Phos 6x_30**: ڪلڪيريا ڪارب جي برعڪس هن دوا جو ٻار ڏٻرو ڇهري تي جُهريون پاخانہ سبز، چيڙهالا، غير منهضم، گرم پاڻيءَ جيان، پڙپڙ ڦرڦر جي آواز ۾، انتهائي ناگوار بوءِ، سُفيد رنگت، نرم پاخانہ ليڪن اخراج مشڪل هُجي، خنازيري ۽ ڳنيناوي ٻارن جي اسهالن ۾ مفيد دوا آهي، ڏندن نڪرڻ جي زماني جا اسهال پاخاني کان اڳ پيٽ ۾ چوندي پوڻ جهڙا سُور.

**ڪيموميلا Chammomella 30_200**: ٻارن جي تقريباً مرضن ۾ شافي دوا آهي، ٻار، بدتميز، چڙچڙو بي صبر، چوي تہ کڻي گهمايو دست سبز رنگ جا چيڙهالا، ڪتريل سفيد ۽ زرد مڪ سان، غير منهضم غذا جو اخراج، خراب انڊن جي بوءِ وارا پاخانہ، ڏندن نڪرڻ جي زماني ۾ اسهال دست، سردي لڳڻ کانپوءِ اضافو، پاخاني ڪرڻ کان اڳ پيٽ ۾ ڪپڻ وارا سُور.

**ڪروٽن ٽگ Croton tig 30**: کنهن بہ سبب کان اسهال، گرمين ۾ اضافو هڪ ٿي دفعو زور لڳائڻ تي وڏي آواز ۾ پاخانہ ۽ انهن

جو اخراج، ان کانپوءِ مريض کي شديد ڪمزوري، جيئن ٿي ڪائي پيئي فوراً پاخاني جي حاجت، پاخاني کان اڳ قولنجي سور، آندن ۾ گڙڪو مستقل پاخاني جي حاجت، ننڊ دوران غير شعوري طورتي پاخاني جو اخراج.

ڪاربوويج Carbo_Veg 30: هن دوا جا مريض، پيٽ ۾ ريح جي ڪثرت هوندي آهي، انهن جو اخراج بدبودار هوندو آهي، دستن جا رنگ، رنگ برنگي، هي دوا دوائن جي بداثر کي دُور ڪندي آهي، هن دوا کي ڏيڻ سان پهريون پاخانو کلي ايندو آهي ۽ پوءِ ان بعد مريض بهتري طرف گامزن ٿي ويندو آهي.

ڪالوسنٿ Colosynth 30_200: اسهالن جي بهترين دوائن مان هڪ دوا آهي، شديد نوعيت جي پيٽ جي پنن جي مروڙ ۽ سور بار انتهائي غصيلو چڙچڙو اسهالن سان گڏ، بک ختم ٿي وڃي، وات جو ذائقو خراب، پاٽي جيان، بوءِ دار پاخانہ ۽ دست.

مرڪار Merc Cor 30: خون آلود پاخانہ، بلغمي چارين جي ڇيچڙن وارا، ناگوار بوءِ سبز صفراوي، حرڪت سان اضافو اڌ رات کانپوءِ اضافو.

مرڪسال Merc Sol 30_200: پاخانہ گهرا سبز، صفراوي، جڳهدار، انڊن جيان، پورا سبزي مائل، پاٽي جهڙا، غير منهضم، کٽي بوءِ وارا، گرمي ۽ زور سان نڪرڻ وارا پاخانہ، پاخاني جي لاءِ زور لڳائڻ وقت جسم تي پگهر، هن دوا جي خاص علامت اهيا بہ آهي تہ هر پاخاني ڪرڻ بعد ائين محسوس ٿئي تہ پاخانو اڃا هوندو لهذا مريض بيت الخلا ۾ گهڻي دير ويهي رهندو اٿڻ جي اجازت نہ ملندس، شام جي ٿڌي هوا ۾ اضافو ڏندن نڪرڻ دوران اضافو.

نڪس واميڪا Nux_Vomica 30_200: قبضيءَ سان

گڏ واري واري يا هرهر تيندڙ دست. اخراج ڪارو پاخانو پيچي (لئي) جيان، تيز اثر ڪرڻ واريون دوائون استعمال ڪرڻ بعد اضافو ڪامڻ دوران، سردي لڳڻ ڪانپوءِ تڪليف ۾ اضافو گهٽي محنت ڪانپوءِ ۽ صبح جي وقت تڪليف ۾ زيادتي، پيٽ ڀري کائي دوائن جو استعمال ۽ رات جو جاڳڻ وارن جا اسهال ۾ انهن لاءِ بهترين دوا آهي، پاخاني وچڻ جو مسلسل خيال.

وريٽرم البم Veretrim Album 30_200: ڪالرا ۾ اسهالن جي بهترين دوا آهي. بلڪل پاڻي جيان وافر مقدار ۾ پاخانه، ناگوار بوءِ وارا، موسم گرما ۾ اضافو معياري بخار دوران رات جو حرڪت ڪرڻ سان ۽ پيئڻ سان الٽي تي وڃي، فروٽ ميوو کائڻ ڪانپوءِ، پاخاني کان اڳ پيٽ جو سُور، پاخاني ڪرڻ دوران پيشاني تي ٿڌو پگهر، پاخاني ۾ غذائي شين جا چلهر چانورن جهڙا، مواد خارج ٿئي، ٿڌي پاڻيءَ جي شديد خواهش، دست اچڻ کان پهريان سخت سُور جو ٿيڻ ۽ هي سُور بعض اوقات دست اچڻ وقت به سور ٿيندو رهي جڏهن اچي چڪو هجي ته سور به ختم ٿي ويندو آهي. دستن سان گڏ اڪثر اوڪارا، ٽنگن ۽ ٻانهن تي چڪ. اسهالن سان مريض کي اڪثر علامتون آرسينڪ البم ۽ وريٽرم البم ۾ مليل هونديون آهن ۽ معالج ٻنهيءَ ۾ فرق ڪري نه سگهندو آهي.


آرسينڪ البم Arsenic Album : 1 پاخانو مقدار ۾ ٿورو ٿورو اچي. 2 بيچيني، تفڪر ۽ درد ناقابل برداشت. 3 اُڃ گهٽي پر ٿوري ٿوري مقدار ۾ هرهر. 4 نقاهت ڪمزوري دستن جي پيٽ ۾ وڏيڪ هوندي آهي.

وريٽرم البم Veretrum Album

1 پاخانو مقدار ۾ گهڻو اچي. 2 بيچيني بلڪل ڪونه. نه وري

درد کي برداشت ڪرڻ جي اهليت هوندي آهي.
3 اُڄ گهٽي پر مريض تمام گهٽو پاٽي پي وڃي، ٿڌي پاڻيءَ جي طلب.
4 پاخاني ڪرڻ ڪانپوءِ نقاهت هُجي پر ايتري نه جو جيترا دست اچن.

## السر (زخم) معده Gastric/Peptic Ulcer




السر جي معني "زخم" جي آهي، جهڙيءَ طرح انسان جي چمڙيءَ تي تيزاب هارجڻ ڪري زخم بڻجي ويندو آهي اهڙي طرح معدي ۽ آنڊي جي اندروني سطح تي ٿيڻ واري زخم کي السر (Ulcer) جو نالو ڏنو ويو آهي، هي مرض نظام هاضمہ جي ڪنهن به حصي ۾ ٿي سگهي ٿو مثلاً خوراڪ جي نالي (Esophagus) معدہ (Stomch) ننڍي آنڊي (Small Intestine) وڏي آننڊي Large Intestine) تقريباً 90 کان 95 سيڪڙو السر معدي ۾ بڻيا آهن. جنهن کي Gastric Ulcer چئبو آهي. پهريان پهريان اهو تصور ڪيو ويندو هيو ته معدي جو زخم Pepsin جي زيادتيءَ ڪري ٿيندو آهي ان لاءِ ان کي Peptic Ulcer به چيو ويندو آهي پر بعد ۾ تحقيق مان اها خبر پئي ته معدي ۾ موجود هائڊرو ڪلورڪ ايسڊ جي زيادته سان معدي ۽ Dudenum ۾ زخم بڻبا آهن. جيڪڏهن زخم معدي

هُجي تہ ان کي Gartiric Ulcer چيو ويندو آهي ۽ پر جي هي زخم بنهي جڳهن تي پاتا وڃن تہ انکي (Peptic Ulcer) چئبو آهي.
معدي جي السر بڻجڻ جو سبب اهو بہ آهي تہ مريضن جي معدي جي اندروني تهہ تي هائيڊروڪلورڪ ايسڊ جي خلاف مزاحمت ڪمزور ٿي ويندي آهي، يعني معدي اندر (ان تيزاب کي محفوظ رکڻ) واري جاري ڪمزور ٿي ويندي آهي، جنهن جي ڪري Hydro Choloric Acid خلاف مزاحمت ڪمزور ٿي ويندي آهي، ننڍي آنڊي يعني (Dudenum) ۾ پاتو ويندڙ السر Ulcer ان حصي ۾ نمودار ٿيندو آهي، جتي ننڍي آنڊي ۾ معدي جو ميلاپ يا ڳانڍاپو ٿيندو آهي واضع هُجي تہ ڊيوڊينم جي اندروني حصي ۾ ڪا بہ اهڙي حفاظت واري جاري ناهي هوندي ان جي لاءِ جڏهن السر جي مريض ۾ معدي جو حرڪتون وڌيڪ واقع ٿيندا آهن تہ معدي ۾ مُوجود مواد خوراڪ ۽ هاضمي ترشي (Dudenum) اندر ڪرندا آهن، جڏهن اهيو عمل ڪجهہ عرصي جي لاءِ جاري رهندو آهي تہ Dudenum جي اندروني تهہ تي السر (Ulcer) بڻجي ويندو آهي.

ڊاڪٽر تائيلر (Tylor) مطابق معدي جي السر ۾ جڏهن غذا کاڌي ويندي آهي تہ ٿوري وقت جي لاءِ افاقو ٿيندو آهي ان کانپوءِ درد شروع ٿي ويندو آهي ۽ ان وقت ختم ٿي ويندو آهي، جڏهن معدو خالي ٿي وڃي جڏهن تہ Dudenum جي السر ۾ جڏهن غذا کاڌي وڃي تہ لمحہ پرجي لاءِ سَڪون هوندو آهي ۽ ان کانپوءِ درد شروع ٿي ويندو آهي، ليڪن ان وقت سُور ۾ افاقو نہ ٿيندو آهي، جيستائين ٻيهر غذا نہ کاڌي وڃي.

## علامتون Symptoms

ڪيترن ئي مريضن ۾ السر (Ulcer) موجود هُجڻ باوجود

ڪا علامت يا تڪليف محسوس ناهي ٿيندي 50 فيصد مريضن کي السر معده کان مٿان واري منهن ويجهو ٿيندو آهي ۽ ڪيترا دفعہ هڪ کان وڌيڪ السر پئدا ٿي سگهن ٿا. هڪ محتاط اندازي مطابق 90 فيصد مريضن کي هڪ ئي السر هوندو آهي جڏهن تہ 10 فيصد کي هڪ کان وڌيڪ السر هوندا آهن.

السر ۾ پيٽ ۾ سور هوندو آهي جيڪو ڪاڌو کائڻ سان هٽجي ويندو آهي، ڪنڌ ۽ ڪلهن ۾ سُور اڪثر ٻن ڪاڌن وچ ۾ ٿيندو آهي، درد سان گڏ اوڪارا، الٽيءَ جي ڪيفيت، يَرجي الٽي ٿئي تہ تيزاب جو ڪافي مقدار ٻاهر نڪري پوندو آهي ۽ مريض کي ڪافي دير تائين افاقو ٿي ويندو آهي، آنڊن طرف معدي جو منهن جزوي طور تي بند ٿي ويندو.

پيٽ جي وچ ۾ پاسيرين هيٺان جلڻ جي بيماري جي ابتدا جو اندازو ڪري سگهجي ٿو جنهن کي عرف عام ۾ Heart Burning بہ چيو ويندو آهي.

عمومي طور تي السر جي پهرين علامت خون جي الٽي هوندي آهي، ضروري ناهي تہ ان ۾ سور هجي، ڪافي دفعا خون الٽيءَ جي شڪل ۾ نڪرڻ بجاءِ آنڊي مان گذري سياهہ ليسدار تار نمايان مادي جي شڪل ۾ پاخاني رستي خارج ٿيندو آهي، السر جي خون وهڻ جي ڪري معدي ۽ اندروني سطح جي هيٺان بيشمار رڳون هونديون آهن جيڪڏهن السر گهرو هوندو تہ هن رڳن ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندو ۽ ان مان خون وهڻ لڳندو آهي، ڪافي دفعہ السر معدي جي ديوار ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندو آهي جنهن سبب تيزاب پيٽ ۾ ڦهلجي ويندو آهي، ان صورت ۾ مريض کي شديد سُور سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. ابتدائي مرض ۾ فهم معده بوجهہ ۽ جڪڙڻ ڪانپوءِ اتي هلڪو هلڪو

سور رهڻ لڳندو آهي، جيڪڏهن عموماً هر وقت رهندو آهي. معدي جي جاءِ تي بوجهه پوڻ سان ان درد ۾ اضافو ٿيندو آهي.

ڪاڏي ڪائڻ ڪانپوءِ ان سور ۾ زيادتي ٿيندي آهي، ان سور جي شدت ڪان مريض بيچين ٿي ويندو آهي ۽ آخر ۾ غذا بہ التي ٿي ويندي آهي، ڪجهہ عنصر هيٺ پيش ڪجن ٿا جيڪي عام سبب بہ ٻڌبا آهن، السر جو غذا، موروثيت (Heridety) غدود (Gland) خون جو گروپ (Blood Group) عموماً اهو ڏٺو ويو آهي تہ جن ماڻهن ۾ خون جو گروپ ۾ "0" هوندو آهي تہ اهي (Dudnol Ulcer) ۾ وڌيڪ مبتلا ٿيندا آهن ۽ جڏهن تہ گروپ "A" وارا معدي جي السر ۾ وڌيڪ مبتلا ٿيندا آهن.

خالي پيٽ دوا جو استعمال بہ اڪثر نقصانڪار ٿيندو آهي.

معدي ۽ Deudenum جو السر.

علاج Treatment

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album 30</u>: معدي ۾ باهہ جيان جلڻ پاتي ويندي آهي، ننڊ دوران سخت ۽ پريشان ڪرڻ وارا سُور ۽ جنهن جي ڪري مريض جي اک کلي وڃي، سرد مزاج، صفائي پسند، قائدي قانون جو پابند. مريض کي هرهر التي اچي جنهن سان گڏ نقاهت ۽ بيچيني وڌي وڃي، اُڃ گهٽي لڳي، شديد حالت ۾ ٿوري ٿوري دير بعد هڪ هڪ ڍُڪ پاڻيءَ جي طلب هوندي آهي ۽ مريض جي جسم مان ڳريل سڙيل بوءِ اچي.

<u>ايسٽڪ ايسڊ Astic Acid 30</u>: معدي جا زخم، خون جي التي، ڪاڏي ويل غذا جي التي، معدي ۾ ڪترڻ جهڙا سُورَ ۽ ڦهلاءُ.

<u>ارجنٽم نائٽريڪم Argentum Nitricum 30_200:</u>

معدي جي زخم ۽ ڪابي طرف پاسير هيٺان سُور، معدي ۾ بجليءَ جهڙا

جهٽڪا، سور، پيٽ ڦليل، مريض کي مٺين شين جي خواهش رهندي هُجي، گرم مزاج مريض جيڪي گرمي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪري سگهن، معدي ۾ آڦري جنهن سان گڏ زوردار اوڪارا، ٺڪارون، تمام معدو لوڻ جي تيزاب سبب متورم هُجي يا ان ۾ زخم هُجي جنهن سبب خون جي الٽي بہ اچي سگهندي آهي.

ايٽروپين سلف Atropin Sulf Q_30: معدي ۾ درد، جلن هُجي، وات ۽ نڙي ۾ ايتري قدر خشڪي جو ڪا شيءِ ڳيتي نہ سگهي، الٽي هرهر، شديد حالت ۾ هي دوا هيٺين طاقت ۾ تي چار دفعہ استعمال ڪرائي وڃي تہ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ افاقو ٿي ويندو آهي.

فاسفورس Phosphorus 30_200: نازڪ مريض جن جي معدي ۾ شديد سُور ۽ جلڻ هُجي، مريض کي ٿڌي پاڻيءَ جي شديد طلب هوندي آهي ليڪن پاڻي معدي ۾ گرم ٿي الٽي ٿي ويندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن الٽيءَ ۾ خون بہ ايندو آهي، کٽين اوڳرائين جي ڪثرت هوندي آهي.

ڪاربوويج Carbo_Veg 30_200: شڪم ۾ گهٽي هوا، هي دوا جريان خون جي هڪ اعليٰ دوا آهي، چاهي جريان خون بہ هُجي، خون ڪنهن بہ مُخرج مان نڪري رهيو هُجي تہ ان سان گڏ حددرجي جي ڪمزوري پاتي وڃي، مريض جي قوت حيات نهايت ڪمزور ٿي چڪي هُجي تہ هي دوا نافع هوندي آهي. هي دوا اهڙن ماڻهن جي لاءِ وڌيڪ موزون هوندي آهي جيڪي ڪنهن بيماريءَ پوءِ ڪان پوري طرح شفاياب نہ ٿيا هجن.

ڪالي بائڪروميم Kalli Bichromium 30_200:
معدي جو گول السر، چمڪيلي زرد پاڻيءَ جي الٽي، سرد مزاج مريض جنهن کي کاڌي بعد تڪليف ۾ افاقو محسوس ٿئي، درد جون سٿون

سجي پيٽ ۾ محسوس ٿين بلڪ ڪرنگهي جي هڏي تائين پهچن ۽ صفراوي الٽي.

**گريفائيٽس Graphites 30_200**: مريض جو جسم موٽاپي طرف مائل هُجي، چمڙي کُهري ۽ خراب سخت. ان کان علاوه مريض کي چمڙيءَ جو تڪليفون هُجن. معدي جي زخم ۾ سورءِ جلڻ، پاتي ويندي آهي.

**ليڪسس Lechasis 30_200**: جڏهن خون جو اخراج ٿي رهيو هُجي، مقعد جا ڪنارا نيرا ۽ ارغواني رنگ جا هُجن، انهيءَ لاءِ هي شافي دوا آهي.

**ميزيريم Mezerium 30**: معدي جي زخم ۾ جڏهن تمام گهڻي جلڻ هُجي.

**مرڪار Merc Cor 30_200**: معدي ۽ آنندي ۾ ورم، معدي ۾ زخم هُجي جنهن سبب سجي پيٽ ۾ سُور، مروڙ جلڻ پاتي وجي، جلڻ رات جو ڪنين شين ۽ مرچ کائڻ سان زيادتي.

**نڪس واميڪا Nux_Vomica 30_200**: ڪاروباري پريشانيون، گهڻو وقت ويهي ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو فڪرات، جذباتي ڇڪ، شراب نوشي جي ڪثرت سبب ٿيڻ وارو زخم ۽ معده لاءِ مفيد آهي.

**هائڊراٽس Hydrasts 30**: معدي ۾ زخم، ورم جنهن جي ڪري پيٽ ۾ لڳاتار ذڪڻ، وات جو ذائقو ڪڙو سبزين سان تڪليف وڌي، مريض کي اڪثر قبضي جي شڪايت رهي.

**يورينم نائٽ Urinum Nit 200_30**: معدي يا ڊيوڊينم ۾ زخم جنهن سبب درد، جلن، اوڪارا، الٽي پاتي وجي، بک گهٽي، اڃ شديد ۽ هرهر پيشاب اچي، پيٽ ۾ گئس ۽ آڙي هن دوا متعلق چيو

ويندو آهي تہ السر جي رحجان کي بہ ختم ڪري ڇڏيندي آهي.

**اينا ڪارڊيم** Anacardium 200: Duodenal السر جي خاص دوا آهي، هن ۾ مريض کي ڪاڏو ضرور ۽ هرهر کاڌو پوندو آهي ۽ نہ تڪليف وڌي ويندي آهي ۽ مريض چيڙاڪ ۽ ويسر وارو هوندو آهي.

**استسقاء، جلندر (پيٽ ۾ پاڻي پوڻ) (Asuites_Dropsy):**



استسقاء، جلندر يا پيٽ ۾ پاڻي پرجڻ، بذات خود ڪا بيماري ڪونهي بلڪ هي ٻين بيمارين جي علامت آهي، اهو مايو اصل ۾ پاڻي نہ پر Serum هوندو آهي، جيڪو خون جمي وڃڻ بعد باقي رهجي ويندو آهي، ان ۾ خون جا ذرا تہ عُموماً ناهن هوندا ليڪن ٻيا جُزا مثلاً گلوڪوز سوڊيم، پوٽاشيم وغيره ان تناسب سان موجود هوندا آهي، جنهن تناسب ۾ اهي خون ۾ هوندا آهن، ان مائع ۾ پروٽين جو ٿورو مقدار بہ موجود هوند آهي، دل، گردن ۽ غذا جي گهٽتائي پوڻ وارو پاڻي صرف پيٽ تائين محدود ناهي رهندو بلڪ جسم جي ٻين حصن ۾ ورم باعث بڻبو آهي، يعني اگر هي مرض دل يا ڦڦڙن جي خرابي ڪان ٿيندو تہ

سوڄ پھريان پيرن تي ظاھر ٿيندي پر مٿي پيٽ ۽ تمام جسم ۾ ڦھلبي، جيڪڏھن اھو مرض گردُن جي خرابي کان ٿيندو تہ اکين جا ڇپر ۽ چھري جي سوزش ايندي آھي، بعد ازان ديگر جسم ڦوڪبو آھي. گردن جي بيماري سبب پيرن تي سوڄ پئدا ٿيندي آھي ۽ آرام ڪرڻ سان وڌندي آھي ۽ ھلڻ ڦرڻ سان گھٽ ٿيندي آھي. جگر جي بيمارين ۾ پيٽ سُڄندو آھي ۽ باقي جسم بعد ۾ جڏھن بين بيمارين ۾ ابتدا جسم تي ورم سان ٿيندي آھي دل ۽ گردن جي ڪري جيڪڏھن جسم تي ٻيون بيماريون، ابتدا جسم تي ورم کان ٿيندي آھي، دل ۽ گردُن جي ڪري جيڪڏھن جسم تي استسقا جون علامتون ظاھر ٿينديون آھن.

**دل جي ڪري استسقاء (Oedemafrom Heart Trouble)**

تمام جسم تي ورم، ھي ورم پيرن کان شروع ٿيندو آھي، شام جو ورم ۾ زيادتي ٿيندي آھي. مريض جا چپ نيرا تي ويندا آھن. ايڪسري ڪرڻ تي دل جو ڦھلاءُ ٿيندو آھي. جگر جي مقام تي پردرد ۽ جگر وڏيل پيشاب ۾ خاص تبديلي واقع ناھي ھوندي.

**گردن جي ڪري استسقاء : Oedema Due to kidneys**

تمام جسم تي ورم. ھن ۾ مريض جو پھريان چھرو سڄندو آھي. صُبح جي وقت ورم ۾ زيادتي پاتي ويندي آھي. چھرو زردي مائل ٿيندو آھي. دل جي حجم ۾ ڪو فرق ناھي پوندو جگر معمولي وڏيل ھوندو آھي ۽ ڪڏھن ڪڏھن سُور بہ رھندو آھي، پيشاب ۾ لحميات جو مقدار وڏي ويندي آھي.

**جگر جي بيمارين ۽ چارين جي دق جي ڪري پئدا ٿيڻ واري ورم درميان فرق:**

**علامتون: Symptoms**

**عمر** : جگر جون علامتون درمياني عمر، ٻارين جي دق

**پاڻي جو مقدار:** ڪافي گهڻو ڪڏهن گهٽ ۽ ڪڏهن وڌ

**جگر جي طاقت:** سڪڙجي ويندو آهي، پاڻي جي موجودگي ڪري محسوس نہ ٿيندو آهي، جگر تي ڪو اثر ناهي ٿيندو.

**بخار:** عموماً گهٽ، اڪثر رهندو آهي.

**پيٽ کي دٻائڻ سان سور:** تمام گهٽ، اڪثر رهندو آهي.

**علامتون ديگر:** هاضمو، بلغم، ڇاتيءَ ۾ سور.

**علامتون Symptoms**

پيٽ جو ڦهلاءُ نمايان طورتي نظر ايندو آهي. تري وڏي ويندي آهي. دل جي ڌڙڪڻ، اختلاج قلب جون علامتون. دل جو معمولي ڦهلاءُ. مريض ينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندو وڃي. مريض جو ساهُ آسانيءَ سان ڦولجي وڃي. خون جون ناليون پيٽ تي نظر اچن. پيٽ جي چمڙيءَ تي چڪ جا نشان نمايان.

**مرض جا سبب Cause Of diseases**

استسقاء عارضي بنيادن تي مرض ناهي هوندو بلڪ ڪنهن بي مرض جي علامت هوندو آهي، اهي جگر ۽ تريءَ جي ساخت ۽ فعل ۾ خرابي ۽ پيٽ جي لمفي نظام ۾ گڙٻڙ واقع ٿي تہ ان جي نشاندهي ڪندو آهي، جڏهن جگر ۾ تيز تناءَ يا سيروسس باعث خون جي وڏي وريد تنگ يا بند ٿي وڃي تہ سيرم رسي رسي پيٽ ۾ جمع ٿيڻ لڳندو آهي ۽ ان کان علاوه پيٽ اندر لمفي لعاب جي پئداوار بہ وڌي ويندي هي، اهڙي طرح پيٽ ۾ ڪيترائي ليٽر پاڻي جمع ٿي ويندو آهي ۽ پيٽ گهڙي جيان ڏيکاربو آهي، بعض اوقات اهو مايو پيٽ کان سيني جي جوف ۾ بہ گهري پوندو آهي ۽ مريض جو سڄو نظام درهم برهم ٿي ويندو آهي ۽ انجي تمام اعضاءِ رئيسہ جي ڪارڪردگي بري

طرح متاثر ٿي ويندي آهي. ان کان علاوه جيڪو استسقاء سبب بڻجي سگھي ٿو اهو درج ذيل آهي. غذا جي گھٽتائي بالخصوص، حياتين، لحميات جي.

دل جي بيمارين ۾ جيئن Congestive heart Falure ۾. گردن جي بيماريءَ ۾ جيئن Nephrets. جگر جي بيمارين ۾ جيئن پيٽ جا ڳوڙها (Tumors)، لبلبي جي سوزش ۽ پيٽ جا ڪنيئان وغيره. پيٽ جي جارين جي سوزش خاص ڪري ٽپ دق جي ڪري ٻچي دانيءَ جي بيمارين جي ڪري نيفراٽڪ سينڊروم Nephrotic Syndrom. خوراڪ جي تمام گھٽي ڪمي. دل جو فيل (Heart failure) ٿيڻ.

آنڊن جي T.B.

**پيٽ ۾ پاڻي پوڻ جي تشخيص** Analysis of peritoneal fluid: الٽراسائونڊ تشخيص يقيني ٿي ويندي آهي، ان کان علاوه پيٽ مان پاڻي ڪڍي ليبارٽري موڪليو وڃي، جنهن ۾ ان پاڻي جو مڪمل تجزيو ڪيو ويندو آهي، هڪ نارمل انسان ۾ پيري ٽونيل فلڊ (Peritoneal Fluid) (پيٽ ۾ آنڊن جو جاريءَ ۾ پاڻي) جي مقدار 100 ملي ليٽر کان بہ گھٽ هوندو آهي، جي ان کان مقدار وڌيڪ هوندي تہ ان کي بيماري تصور ڪيو ويندو. اهو پاڻي بي رنگ ۽ صاف هوندو آهي.

WBC جو تعداد 500 في ڪيوبڪ ملي ليٽر ۽ RBC جو تعداد 10 هزار في ڪيوبڪ ملي ليٽر کان وڌيڪ هجڻ بيماري تصور ڪيو ويندو.

علاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album 30_200: استسقاء

جي عارضي ۾ نهايت مفيد دوا آهي. جڏهن جگر ۽ تري بہ وڌيل هُجن. مريض تيزيءَ سان ڪمزور ٿيندو وڃي. ان جي نبض نحيف، هٺ، پير ٿڌا. چمڙي خشڪ ۽ هر جڳهہ اندر ۽ ٻاهر جلڻ محسوس ٿئي. هي دوا پنهنجي مخصوص علامتن جي ڪري آسانيءَ سان سُڃاڻي سگهجي ٿي. هرهر اُڃَ، بيچيني، نقاهت، ساهہ کڻڻ وقت تڪليف، سرديءَ سان تڪليفون وڌن جڏهن تہ ايپس ملفيڪا (Apis Melfica) ۾ اُڃَ سرديءَ ۽ گرمي کان اختلاف آسانيءَ سان سڃاڻي سگهجي ٿو.

<u>ايپس ملفيڪا Apis Melfica</u>: هن جون خاص پنج علامتون آهن.

1 اُڃ جو قطعي نہ هُجڻ. 2 پيشاب بند ٿيڻ. 3 چمڙيءَ جي چپاڪ ظاهر ٿيڻ. 4 اکين هيٺان پنبڙيون تي ٿيليءَ نما سوجڻ. 5 هر طرح جي گرميءَ ۾ تمام جسماني علامتن جو وڌڻ.

<u>ايپوسائنم Apocynum Q</u>: مريض کي شدت جي اُڃَ لڳندي آهي ۽ پاڻي پيئڻ کانپوءِ پيٽ ۾ سُور پئدا ٿيندو آهي. ان دوا ۾ آرسينڪ البم جيان سردي کان تڪليف وڌندي آهي. بيچيني ۽ نقاهت آرسينڪ البم جيان ناهي هوندي. مريض پر سُڪون هوندو آهي. هي دوا هر قسم جي آماس ۾ مفيد رهندي آهي ۽ مريض جي نبض ڪمزور ۽ سُست هوندي آهي. پنيءَ پرسمهڻ سان ساهہ ٻُوساٽبو آهي.

<u>ڊجيٽلس Digetalis</u>: دل جي مرض سبب، استسقاء ٿيڻ. جڏهن تہ مريض جي نبض ڪمزور ۽ بيقاعده هُجي، چپ نيرا هُجن. مريض کي ائين محسوس ٿئي جڻ تہ دل ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هجي.

<u>ٿلاسپي برسا Thelaspi Bersa Q</u>: پيشاب جي تڪليف ۾ مفيد دوا آهي. پيشاب جي بندش ۽ پيشاب ۾ واريءَ جا ذرا اچن تہ

هي ڪار آمد دوا آهي، ان سان گڏ پيٽ ۾ پاڻي پوڻ جي شڪايت هوندي آهي.

چائنا China: جسماني رطوبتون بڪثرت ضايع ٿيڻ ڪانپوءِ جي بيماري (گهڻو ڪري گهٽي خون جي اخراج) ڪانپوءِ پيٽ ۾ آڦري، خصوصاً پيٽ جي وچين حصي ۾ (دن جي چوڏاري) هوا جو بڪثرت اخراج جنهن ۾ وقتي طورتي تڪليف ۾ گهٽتائي.

زنڪم ميٽ Zincum Met 30: گُردن جي جڳهه تي سُور، بيچيني ۽ جي ڪيفيت، جنهن سان گڏ معدي جي تڪليف، جنهن ۾ هٽڪي، صفرا جا اوڪارا، منين شين کائڻ ۾ معدي جي جلڻ ٿيندي آهي، ڏينهن جو 11 بجي ناقابل برداشت بُکَ، مريض لچائي کائي ۽ سمجهي تہ مان تمام آهستي کائي رهيو آهيان، معدي ۾ ڳوري يا وڏي ڪمزوري جو احساس پاتو وجي، ڏُن جي هيٺان پُر درد پيٽ ۾ گُڙڪو ۽ مروڙ جنهن جي ڪري سُور ۽ بالخصوص کاڌي کائڻ ڪانپوءِ مروڙ اٿن.

ڪالي فاس Kalli Phos 6x: پيٽ ۾ سوجڻ جنهن جو سبب استسقاء (Dropsy) هُجي، ذهني طورتي مريض هذياني ڪيفيت ۾ هُجي، بدبودار دست هُجن، اهڙا دست جيڪي خوف سبب هُجن، ان سان گڏ جسماني ٿڪاوٽ شامل هُجي، کاڌي کائڻ سان ئي پاخاني جي حاجت ٿئي، خوني پيچش پاخاني ۾ خالص خون خارج ٿئي، ڪڏهن ڪڏهن مريض جو پچو (Rectum) نڪري پوي (خروج المقعد).

لائيڪوپوڊيم Lycopodium 30: جگر جي بيمارين سبب استسقاء (Arcites)، پيٽ جو هيٺيون حصو ساڻيل (ڦوڪيل)، تري وڌيل (Enlarged Spleen) مريض کي روزانو شام جو بخار

اچي، ساهہ جي تنگيءَ جي ڪيفيت بہ نمايان. مريض کي پيشاب گهٽ مقدار ۾ اچي جيڪو گهري رنگ جو هُجي، مريض قبضيءَ جو شڪار رهي.

**ليڪسس Lechasis 30_200**: معدو نهايت ذڪي حساس، مريض هر وقت بُکَ جو شڪار رهي، ڪاڏي جو انتظار نہ ڪري سگهي، معدي ۾ ڏندن سان ڪترڻ جهڙو احساس جو ڪاڏي کائڻ سان گهٽجي وڃي، پر ڪجهہ وقت کانپوءِ وري پيهر درد ۽ سُور شروع ٿي وڃن، پيٽ جي مٿين حصي ۾ لرزي جي ڪيفيت.

**ليڪ ڊيفلوريٽم Lac.Defloratum 30_200**: ناقص غذا جا بہ اثر، پيٽ جو جلندر، مريض عموماً قبضيءَ جو شڪار جنهن ڪري پاخانو وڏن وڏن سُدَنِ جي شڪل ۾ نڪري، مريض کي اهي سُده ڪڍڻ لاءِ وڏيڪ زور لڳائڻو پوي جنهن جي ڪري مقعد تي پر درد چير اچن.

**هيلي بورس Helliborus 30_200**: استسقاء جي ڪري پيٽ سُجيل ۽ نهايت ذڪي الحس هُجي، آندن ۾ اهڙي گڙگڙاهٽ ٿيندي آهي جيئن پاڻي پريل هجي، مريض جا پاخانہ سفيد رنگ جا مِکَ سان گڏ ۽ ڪڏهن ڪڏهن بلا اراده وهي وڃن.

5_5 قطرا 30 طاقت، بايوڪوڪيمڪ دوا 4 ٽڪيون ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ ۽ Q مڌرٽنڪچر 15 قطرا في خوراڪ 3 دفعہ کان 5 دفعہ ڏجن.

اپينڊيسائيٽس Appendicites: اپينڊڪس (Appendex) دراصل نما هڪ عضوو آهي. ميڊيڪل سائنس تاحال ان جي فعل کان ناواقف آڳر آهي، البتہ ان سلسلي ۾ تحقيق جاري آهي، هي ننڍي آنڊي ۽ وڏي آندي جي سنگم تي پاتي ويندي

آهي، جيڪڏهن ان ۾ (Infection) پئدا ٿي پوي تہ ان کي Appendicitis يا ڪاٽي آنندي جو ورم چوندا آهن. هي پنهنجي پوزيشن ۾ حالت جي حساب سان درج ذيل جڳهہ تي هوندو آهي.

1 پوسٽ اليل.

2 پرومونٽورڪ Promontoric. ايليم آنڊي کان پهريان پاتو ويندو آهي.

3 پيرا ڪولڪ Para Colic. هي ڪولون آنندي جي پرسان هوندو آهي.

4 ريٽروسيڪل Retero Caecal. مقصد پرسان

5 (Vermoform) هي اپنڊڪس، سيڪم نالي آنڊي سان لڳل هوندو آهي.

6 سب سيڪل Sub Caecal. هي سيڪم نالي آنڊي جي هيٺان هوندو آهي.

7 پيلوڪ Pelvic. هي مثانہ پرساه ۾ هوندي آهي.

علامتون Symptoms

اپنڊڪس جي مرض جي متاثر هر فرد ۾ هر علامت جو موجود هُجڻ ضروري ناهي هوندو بحرحال Appendicits جو درد حرڪت سان، گهري ساهہ کڻڻ سان، نشن سان وڌندو آهي. 1 اپنڊڪس جو سور. پيٽ جي ساڄي طرف هيٺين حصي ۾ خاص جڳهہ تي ٿيندو آهي، هن کي Mac_Burneys چوندا آهن. 2 الٽي اچي، ۽ ڪاڏي تي دل نہ ڪري. 3 بخار ٿي بہ سگهي ٿو ۽ ڪڏهن نہ بہ. 4 ريٽروسيڪل اپنڊسيٽائيش ۾ دست بہ ٿي سگهن ٿا. 5 بُکَ ختم ٿي ويندي آهي. 6 اوڪارا ۽ اُلٽيءَ جي ڪيفيت پئدا ٿي ويندي آهي. 7 مريض کي ڪڏهن دست ۽ ڪڏهن قبضي. 8 مريض هواٰ بہ

خارج نہ ڪري سگهي. 9 پيٽ تي سوڄ.

10 تڪليف جي شروعات عام طورتي ڌن جي چوڌاري، بلا آخر اها تڪليف Mac_Burney جي جاءِ تي محدود ٿي ويندي آهي.

11 هڪ طريقو Rebound Tenderness چوائي ٿو. ان طريقہ ڪار تحت مريض جي ڳالهين ۾ لڳائي ساڄي طرف دٻائي ڏسبو تہ کبي طرف سور ٿيندو.

12 اهڙي طرح هڪ ٻيو طريقو Psoas Sign چوائي ٿو. جيڪڏهن ريٽروسيڪل هوندو آهي ۽ اپينڊڪس ريٽروسيڪل ۽ موس نالي مُشڪ جي مٿان پاتو وجي تہ ران بلڪل سڌي ڪرڻ تي سور ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان سوس نالي مُشڪ سُجيل هوندي آهي. اپنڊڪس سان ٽڪرائجي ائين محسوس ڪرائيندي آهي تہ سوس سائين مشبت سمجهيو ويندو آهي. عام طورتي اپنڊڪس ۾ اها ٽيسٽ ڪئي ويندي آهي.

13 Obturator Sign تحت جيڪڏهن مريض جي ران کي سڌو ڪري انجي اندر گردش ڏني وجي تہ ائين ڪرڻ سان Obturator نالي مُشڪ ڇڪبي آهي. جيڪڏهن ريٽروسيڪل اپنڊڪس سجيل حالت ۾، ان ۾ سور هجي تہ ان کي (+ Positive) سمجهبو.

14 جيڪڏهن Appendex صرف Infection جي آنبي تائين محدود رهي تہ پيهر 36 ڪلاڪن اندر آهستي آهستي ختم ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن Infection پوري Peritonium تائين ڦهلجي وجي تہ سُور تيز ٿي ويندو آهي. پيٽ جو ساڄو طرف سخت ۽ آڪڙجي ويندو آهي، ساهہ کڻڻ دوران سُور ٿيندو آهي، درد واري جاءِ

تي ڇُهڻ سان مريض ڪان رڙ نڪري ويندي آهي ۽ ان دوران بخار ۽ نبض تيز ٿي ويندي آهي ۽ الٽي (Vomiting) جاري ٿي ويندي ان حالت ۾ يا ته تڪليف وڌي ويندي آهي يا گهٽجي ويندي آهي، متاثر حصي ۾ پوڻ ۽ پئجي ويندي آهي. جيڪڏهن بروقت علاج نه ڪيو وڃي ته Appendex ڦاٽي پوندو آهي ۽ تمام گهڻيون پيچيدگيون پئدا ٿي وينديون آهن جن سبب مريض 36 ڪلاڪن ۾ هلي پوندو آهي.

## علاج Treatment

آرنيڪا ۽ رسٽاڪس اپنڊڪس لاءِ بهترين نشتر (چاقو) ثابت ٿينديون آهن جيڪڏهن اهي ٻئي دوائون شروع ۾ ئي استعمال ڪرايون وڃن ته ڪنهن پيچيگي ڪان بچي وڃبو.

آئرس ٽينڪس Iris Tenex Q_30: ورم زائده جو علاج شروع ڪرڻ ڪان پهريان دوا آهي، اپنڊيڪس ۾ ننڍي آنڊي جي ملڻ جي جڳهه ته شديد سُور ٿيندو آهي، دٻائڻ سان ان ۾ انتهائي شدت پئدا ٿيندي آهي، مريض جو واتُ بيحد خشڪ هوندو آهي، ڏُن جي ويجهو واري جاءِ تي موت جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي، مريض مرض جي شدت ڪان رڙيون ڪندو آهي.

آرسينڪ البم Arsenic Album 200_30: جڏهن عفونتي حالت هُجي يا جراثيمي حالت هجي ته هي دوا ڪاگر ٿيندي، مريض جي جسم ۾ سرديءَ جي لَهر اٿندي آهي. مريض ۾ دق جون علامتون پاتيون وينديون آهن. مريض حد درجي جو بيچين هوندو آهي ۽ مريض جي طاقت جواب ڏئي وڃي.

اگنيشيا Ignatia 30_200: اپنڊڪس ۾ شديد سُور مريض کي آپريشن جو ڀئو (خوف) جسم گرم ۽ سخت هُجي، مريض

نهايت حساس هُجي، آنڊن ۾ سُور جيڪو سُئي چُڀڻ جيان ٿئي، اعصابي مريض جو علاج هن دوا سان شروع ڪرڻ کپي.

برائي اونيا Bryionia 30_200 1m: شديد جلڻ، سور سان ساهہ کڻڻ ۽ ٿورڙي حرڪت سان وڌي وڃي، مريض کي اُڃ گهڻي لڳي، وات خشڪ ٿئي ۽ مريض قبضيءَ جو شڪار هُجي دٻاءُ درد واري جڳهہ تي درد واري پاسي ليٽڻ سان افاقو. پيٽ جي ساڄي طرف تي شديد سور هُجي، مريض پيٽ جي مشڪن کي ڇهڻ، هٿ لائڻ برداشت نہ ڪري سگهي.

بيلاڊونا Belladona 30_200 1m: هي آئرس ٽينڪس جهڙيون علامتون رکندڙ دوا آهي، Appendix ۾ ٻيون دوائون ڪم نہ ڪرڻ تي هي دوا آزمائجي، مقام درد کي ڇهڻ برداشت نہ ٿي سگهي، ايتري تائين جو مريض هلڪو لوڏو بہ برداشت نہ ڪري سگهي، شدت تڪليف ۾ ننڊ اچي پر سمهي نہ سگهي، مريض ڍلا ڪپڙا پائڻ پسند ڪري.

ڊائسوڪوريا Dioscorea 30_200 1m: مريض کي ڪنهن بہ حالت ۾ سڪون نہ ملي. آنڊا هوا سان ڀريل، پيٽ ۾ سُور مريض پوئين طرف جُهڪڻ سان ٿورو آرام محسوس ڪري (Q) طاقت ۾ گرم پاڻيءَ سان جلد ورجايو آرام اچي ويندو.

ڪالوسنٿ Colosynths 200_1m: جڏهن سور نهايت شدت اختيار ڪري وڃي تہ وڏي طاقت ۾ هي دوا بهترين ڪم ڪندي ۽ مريض کي پرسڪون ڪري ڇڏيندي اهڙو سور جيڪو مريض کي ٻيڻو ٿيڻ تي مجبور ڪري ڇڏي. وات جو ذائقو ڪڙو پاخانو Jelly جيان، مريض جي تڪليف ۾ غصو يا ٻدهامي جي حالت.

ليڪسس Lechasis 1m: هي دوا مزمن ۽ گينگرسيني التهاب ۾ بهترين ڪم ڪندي آهي، سڄي پيٽ ۾ ڏکڻ جو احساس پاتو وڃي، سُئي چُڀڻ جهڙا سُورَ درد جيڪو سوزش واري جاءِ تي هُجي، مريض کي گرمي محسوس ٿئي مريض سرد موسم ۾ بہ ڪپڙا جسم تي برداشت نہ ڪري.

لائيڪوپوڊيم Lycopodium 1000: جڏهن مرض جو حاد حملو ختم ٿي چڪو هُجي، مرض کان ڇوٽڪاري لاءِ هي دوا وڏي طاقت ۾ واپرايو. هر پندرهن ڏينهن بعد هڪ خوراڪ.

مرڪار Merc.Cor 200_1m: زبان تي زرد پشم جو تهہ، التهاب پوري پيٽ جي سيرمي استر تي ڦهلجي وڃي ۽ زاندع ۾ پوڻ پئجي وڃي.

**نوٽ:** مريض کي برائي اونيا، بيلاڊونا، ۽ آئرس ٽينڪس جنهن بہ دوا جون علامتون هُجن، علامتن مطابق دوا ڏجي ۽ اڌ اڌ ڪلاڪ ۾ دهرائجي، گرم پاڻيءَ جي بوتل سان ٽاڪور ڪجي، پيئڻ لاءِ صرف گرم پاڻي استعمال ڪجي، سور گهٽجي وڃي تہ دوا ۾ وقفو ڪجي، جڏهن سور صفا گهٽ ٿي وڃي تہ هلڪي غذا مريض کي کارايو ان کانپوءِ ڪجهہ عرصي لاءِ Lechasis يا Mercor مريض کي کارايو جيڪڏهن حالت بگڙي وڃي تہ مريض کي Surgeon ڊاڪٽر ڏي موڪليو.

**چند مفيد دوائون**

مرض جي شروعات ۾ لائيڪوپوڊيم Lycopodium 200 رات جو هڪ خوراڪ.

شديد سُور مريض کي موت جو خيال اچي، آئرس Iristenx ٽينڪس هر اڌ ڪلاڪ ۾.

ڪٽيندڙ وڍيندڙ چنبيندڙسور ساڄي طرف، ليڪسس، Lechasis 1m هر اڌ ڪلاڪ ۾.

اپنڊڪس جي جڳهه تي چٿڻ (ڪچلڻ) وارو سُور، Belladona 1m اڌ ڪلاڪ ۾.

جڏهن مريض ڪا به شيءِ کائي نه سگهي، ڪالچي ڪم Colchicum 200 حسب ضرورت.

لڳاتار سور مريض کي پوئتي جُهڪائي ڇڏين، Q Diosiorea هر اڌ ڪلاڪ ۾.

مرض جي هرهر حملي کان بچاءَ جي لاءِ، Psorinum 1m سورائينمر هر مهيني پهرين تاريخ.

مرڪب نسخو: آئرس تينڪس+بيلاڊونا ۽ آرنيڪا 1000 هر هزار طاقت ۾ ملائي هرهر ورجائجن.

## امعاءِ مستقيم جو ڪينسر (Rectum Caricoma)

هي عارضو گهڻو ڪري اڌيڙ عُمر ۾ ڏٺو ويو آهي، هن جا 3 قسم آهن.

1 ڪجهه حالتن ۾ مقعد ويجهو ڪينسر پاتو ويندو آهي، ڪينسر جي هن قسم ۾ شديد سُور پاتو ويندو آهي.

2 ٻي قسم جي ڪينسر ۾ مقعد جي سوراخ 2 يا 3 انچ مٿان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ (Tumor) پاتا ويندا آهن.

3 امعاءَ مستقيم جي چوٽيءَ تي موجود ڪينسر يا تيومر موجود هُجي ته ان قسم جي ڪينسر کي 3 قسمو چئبو.

مقعد ۾ ننڍي آڱر وجهي تيومر جي سختي محسوس ڪري سگهجي ٿي. تيومر عموماً سخت هوندا آهن ۽ ان ۾ ڳنڍيون هونديون آهن، تيومر جيترو مقعد کان پري هوندو درد ايترو ئي گهٽ ٿيندو.

## علامتون Symptoms

1 امعاءِ مستقيم ۾ دٻاءُ ۽ وزن محسوس ٿيندو آهي. 2 رانن جي مٿان جلڻ، گرمي محسوس ٿيندي آهي. 3 ٽيومر (Tumor) واري حصي تي پراءُ جو حساس ٿيندو آهي ۽ ڪنڊ وارا سُور. 4 مقعد ويجهو پونءِ 5 پاخانو رُڪجي وڃي ته آنندن ۾ اعصابي دٻاءُ وڌي ويندو آهي. 6 تڪليف جي شدت سبب مريض کي ننڊ ناهي ايندي 7 امعاءِ مستقيم مان خون مليل پاخانو خارج ٿئي. 8 هي ڪينسر ريڪٽم ۽ قولون جي حصي ۾ به ٿيندو آهي.

## مرض جا سبب Cause Of diseaes

هِنَ مرض جا اُهي ئي سبب آهن جيڪي معدي جي ٻين مرضن سبب جنم وٺندا آهن. معدي جي پراڻن عارضن جو جيڪڏهن باقاعده علاج نه ڪيو وڃي ته اُهي ڪينسر ۾ تبديل ٿي ويندا آهن.

## علاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album 30 to 1M: سرديءَ کان مريض کي تڪليف ۾ اضافو ٿئي، گرمي وڻي، حد کان گهٽي ڪمزوري پاتي وڃي، اُلٽي ۽ ٻيا اخراجات جن مان مُردي جي بوءِ اچي، مريض ۾ بيچيني، سخت قسم جا ورم، جلڻ، سوزش ۽ يالي لڳڻ جهڙا سور مريض کي شديد اُڃ لڳي، پر پاڻي پيئڻ کان قاصر صرف ڍُڪ ڍُڪ پي سگهي.

ايلومينا Alumina 30 to 1M: جسم جي خود اختياري عضوون، مُبر ۽ نظام عصبي وغيره ۾ حد کان وڌيڪ ڪمزوري پاتي وڃي جنهن جي ڪري عضووا پنهنجو فعل بخوبي انجام ڏيڻ کان قاصر هوندا آهن. مريض کي ڪمزوري ۽ ٿڪاوٽ ايتري قدر ٿيندي آهي جو مريض جي چيلهه جو هيٺون حصو سُن ٿي ويندو آهي ۽ پيرن

تي بيهڻ مُشڪل ٿي ويندو آهي، پيشاب جي ڌار ڪمزور ۽ نرم پاخاني خارج ڪرڻ لاءِ بہ زور لڳائڻو پوندو آهي.

روٽا Ruta 30_200 1M: مريض ٿورڙو پري هلڻ سان شديد ڪمزوري محسوس ڪندو آهي، تمام عُضووا جيئن ڌڪ لڳل هُجن، پُٺيءَ ۽ رانن ۾ شديد سُور ٿيندو آهي، هلڻ وقت رانون سُور ڪن مبر (Anus Rectum) ۾ ڦاٽڻ وارا سور هُجن، هرهر اوڳرايون، وات جو ذائقو بد مزه، ڏينهن ۾ هرهر ننڊ جو غلبو، رات جي وقت ننڊ نہ اچي تہ بہ مفيد دوا آهي.

سيپيا Sepia 30 to 1M: هن مرض کا متاثر مريض بيحد ڪمزور ۽ ڏڪڻيءَ وارو هوندو ننڊ ڪانپوءِ جاڳڻ تي ٿڪاوٽ، وات جو ذائقو لوڻياٺو خون مليل ڪاڪوس، هرهر بي فائدي حاجت، ڪپڙن ڌوئڻ سان تڪليف وڌي، ڌوبيءَ جي دوا.

. فائٽولاڪا Phytolacca Q: پيٽ جي مشڪن جو ڳنڍياوي سُور، پيٽ جي مٿين حصي ۾ سور، پاخاني واري آنڊي مان خون (رت) ۾ مجرب دوا آهي.

ڪارڊوس ميرنياس Cardus marinias Q: مُزمن اسهال جيڪي ڪينسر جو موجب بڻجن، هي دوا شافي هوندي آهي. وات جو ذائقو تلخ ۽ نمڪين هوندو آهي، گوشت کان نفرت پاتي ويندي آهي، زبان گندي ۽ ميري هوندي آهي، الٽي ۽ اوڪارن جي ڪثرت پاتي ويندي آهي، الٽي ۾ سائو خراشدار مواد نڪري، پتي جي پٿري ۽ جگر وڌيل.

ڪالي ڪارب Kalli Carb 30 to 1M: پگهر جي ڪثرت، چيلهہ ۾ سُور ۽ ڪمزوري نمايان هُجي، مريض کي ريح ۽ آڦري رهي، دفَع حاجت غير تسلي بخش تہ بہ فائبديمند دوا آهي.

ڪاڪوس ۾ رت ۾ پنڙو بڪريءَ جي ڦينگڙين جيان، صبح جاڳڻ تي جسم ۾ ڳوراڻپ پاتي وڃي.

نيوفرليٽم NupharLutum Q: مسلسل اسهال، مريض انتهائي ڪمزور، خون جي گهٽتائي پاتي وڃي، نبض ڪمزور اکين جو قدرتي رنگ تبديل ٿي وڃي، زبان تي مِيرَ جو تهه جمي وڃي، آندن ۾ ٿولون ۾ شديد سوزش.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 30 to 1M: جسم جي هر حصي ۾ سُور پاتا وڃن، جنهن سان گڏ بيحد لاغري، مريض ۾ قبضي جي عارضي سان گڏ يرقان جون علامتون پاتيون وڃن، هڏين ۾ سُور، ڪمزوري ايتري قدر جو مريض ليٽڻ تي مجبور، پيچش جنهن سان گڏ پيٽ ۾ شديد سُور هُجي، پاخاني سان گڏ نڪرڻ وارو خون ڪارو ۾ متعفن هُجي، جگر جي جڳهه تي سيون چڀڻ جو احساس هُجي.

هائڊرائٽس Hydrasts Q 30 1M: معدي ۾ خالي پڻ، دل ويهڻ جو احساس، مريض اڪثر قبضيءَ جو شڪار، تپ دق جو تاثر، ڪراڙا مريض هن دوا مان وڏيڪ فائدو حاصل ڪندا آهن، مريض ڪمزور لاغر ۾ جلد ٿڪجڻ وارو.

**مرڪب سنخه:** سلفر 200، سليشيا 6x، ڪلڪيريا فلور 6x.

**نوٽ:** ڪينسر جي هر ڪيس ۾ Carcinouim 200 يا ميڊورنيم (Medhorhinum 200) هفتي ۾ هڪ دفعو دهرائجي.

## بواسير (Piles_ Haemorrhoidds)

بواسير جنهن کي (Hammorrhoids) يا پائلز چوندا آهن، هيموَرائڊز يوناني زبان جو لفظ آهي جنهن ۾ ( جي معنيٰ خُون ۾ رائڊز رين (Rheein) جي معنيٰ وهڻ آهي، يعني خون وهڻ. بوسير لفظ



"باسوره" جو جمع آهي. باسوره گوشت وڏي وچڻ کي چوندا آهن آنڊن جي هيٺين حصي يعني اختتام تي وريدن جي سوزش ۽ ڦلجڻ کي بواسير چوندا آهن.

پاخاني جي رستي (مقعد) کي قدرت انهيءَ انداز سان بڻايو آهي تہ ارادتاً موزون موقع مهل تي اجابت ڪرڻ يا ريح خارج ڪرڻ کان علاوه غير ارادي طورتي ان ۾ عمل ممڪن ناهي هوندو. قدرت جي ان حيرت انگيز ڪم کي انجام ڏيڻ جي لاءِ مقعد جي خاص بناوٽ جو هٿ آهي. مقعد جي طرفن کان مختلف پٺن (Muscles) کان علاوه خون جو انتهائي باريڪ نالين عام طورتي 3 ڳچا (Anal Cuhions) هوندا آهن جيڪي Tap:Washer جيان مڪمل (Anal Continence) کي بحال رکڻ ۾ مدد ڪندا آهن.

خون جي انتهائي باريڪ نالين کي سهارا ڏيڻ جي لاءِ قدرت جي ان طرف فوم جيان خاص قسم جا پتا ريشا بڻائيندا آهن. بلڪل فوم جيان ڪم ڪندا آهن. بواسير (موڪن) ۾ خاص ريشا ڪمزور ٿي ويندا آهن. ان سبب خون جي ان باريڪ نالين کي جيڪا مدد ملندي آهي اهي ڪمزور ٿي ويندي آهن. نتيجاً هي ناليون ڦلي ڪري بواسير جي (موڪن جي) شڪل اختيار ڪري ڇڏيندي آهي. موڪا وڏا ٿي يا تہ مقعد کان ٻاهر اچڻ لڳندا آهن ۽ انجي اجابت

دوران خون وهڻ جي شڪايت لاحق ٿي ويندي آهي، ان حصي جي وريدن ۾ رحجان پاتو ويندو آهي، اُهي سُجي ويندي يون آهن ڇاڪاڻ ته انهن ۾ (Valves) ناهن هوندا ۽ ٻيو اهيو ته هي نظام بابي (Portal System) ۾ سڀ کان هيٺ واقع هوندي آهي.

بواسير عموماً ٽن قسمن جو شمار ڪيو ويندو آهي، هڪ اندروني بواسير، بيروني بواسير ۽ مخلوط بواسير ان تقسيم کي سمجهڻ لاءِ ڦهريان سمجهڻ ضروري آين. مقعد جا ڪنارا جتي رطوبتي ڄاريون مُلحق هُجن اُتي ٻه گول عضلات جي مدد سان آنڊو بلڪل بند رهندو آهي. هي عضلات عاصره داخلي (Internal Sphincter) چوائيندا آهن، عاصره خارجي هڪ ڪمزور عُضله آهي جيڪو چمڙي جي هيٺان جڏهن عاصره داخلي هڪ مضبوط عضله جيلي نما هوندو آهي تقريباً هڪ انچ تائين ويندو آهي.


**بواسير جا قسم Kinds Of Piles**

**اندروني بواسير Internal Piles**: اندروني بواسير ۾ موڪا آنڊي اندر هڪ انچ کان وڌيڪ مٿي ناهن هوندا، عضله عاصره داخلي حدتائين پاتا ويندا آهن، اندروني مسا مقعد جي سوراخ اندر واقع هوندا آهن، ان جي مٿان رطوبتي جهلي هوندي آهي، هي چمڪدار سرخ هوندا آهن، اندروني بواسير شڪار مريض کي تڪليف معمولي هوندي آهي ۽ بعض اوقات سواءِ انجي ڪڏهن ڪڏهن خون ايندو آهي، خون جي آميزش سان رطوبت مسلسل خارج ٿيندي آهي جنهن ۾ مريض جا ڪپڙا خراب رهڻ لڳندا آهن تاهم جڏهن تڪليف شديد نه هجي ته سور به ناهي ٿيندو جيڪڏهن اندروني موڪا سائيز (حجم) ۾ وڌي وڃن ته آنڊن جي حرڪت ۾ رفع حاجت وقت هيٺ ٻاهر نڪري ايندا آهن، وقتاً فوقتاً ڀر درد رهندا آهن.

**بيروني بواسير External Piles:**

**مخلوط بواسير، خشڪ يا بادي بواسير، خوني بواسير.**

**بواسير جا درجا (Stages Of Piles):** مريض کي مقعد ۾ مَسَا محسوس ھُجڻ، ان ۾ درد ھجڻ، مريض سخت حساس ھوندو آھي،




جريان خون عموماً اندروني بواسير ۾ ھوندو آھي، ان جي تشخيص عموماً طبي معائني سان ٿيندي آھي.

1 مقعد ۾ سور ٿيندو آھي، اھو سور مقعد جي سوراخ يا نالي ۾ ٿي سگھي ٿو. امعاءِ مُستقيم ۾ عام طورتي درد محسوس ناھي ٿيندو ڇاڪاڻ تہ ان جڳھ تي درد محسوس ڪرڻ وارا اعصاب ناھن ھوندا.

2 مَسا عام طورتي سور ناھن ڪندا پر ڪڏھن ڪڏھن ان ۾ سُور، خارش ۽ تشنج جي ڪيفيت پئدا ٿي سگھندي آھي، مقعد جا عُضلہ عاصرہ خارجي ڪجھ بيا سبب بہ تشنج پئدا ڪندا آھن. عام طورتي اندروني ناليءَ جي ڇاري ۾ شگاف جي ڪري، خارش پوڻ ۽ جي ڪري ورم يا ڪنھن بيروني شيءِ جي ڪري ٿي سگھي ٿو.

3 مقعد مان خون جو اچڻ صرف بواسير جي علامت ناھي بلڪہ ھي زخم ڏڪ ۽ سرطان (Cancer) جي ڪري بہ ٿي سگھي ٿو.




4 مقعد تي سوج بہ بواسير جي علامت آهي.

5 مقعد جي خارش ۾ الرجي طفيلي، ڪينئن جي موجودگي اينٽي بايوٽڪس (Anti biotics) دوائن جو استعمال، جذباتيت، چمڙيءَ جون بيماري ۾ ذيابيطس جي مريضن ۾ پاتي ويندي آهي.

4 بواسير (موڪن) جا بہ قسم هوندا آهن هڪ اندروني ٻيو بيروني، جڏهن موڪا ٻاهر نڪري اچن تہ هي بيروني موڪا هوندا آهن ۽ اڪثر ڳوڙهيءَ جي شڪل ۾ محسوس ٿيندا آهن.

بواسير جو اهم سبب پيٽ جي هيٺين حصي ۾ تنگن جو دوران خون ۾ بيهڪ بيان ڪئي وئي آهي، جيڪي ماڻهو پيدل ناهن گهمندا اهي فوم (Foam) واري گدي تي اڪثر ويٺا رهندا آهن. هن عارضي جو وڌيڪ شڪار ٿيندا آهن. ان جي خون جون ناليون دوران خون کي مُتاثر ڪنديون آهن. جنهن جي ڪري مقعد ۾ ان جي

چوڏاري واقع وريدُون سُجي ويندڀون آهن. هي بيماري موروثي بہ ٿيندي آهي.

علاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album 30_200: ساڙيندڙ سور ۽ بيچيني پاتي وجي، مريض جون تڪليفون گرم ٽڪور ۽ گرمي پهچائڻ سان آرام ملي. مريض کي شدت جي اُڃَ لڳندي آهي، اُڃَ ڏُک ڏُک پاڻي پيئي.

ايڪونائيٽ Aconite 30_200: اهڙن ماڻهن جي لاءِ وڌيڪ فائديمند هوندي آهي ڪي دموي مزاج جا هوندا آهن. خوني بواسير سان مقعد پريل هوندي آهي، چمڙي تي خُشڪيءَ چَڪر اچن. سڄي جسم تي سُور پيشاب ٿورو ٿورو طبيعت ۾ گهبراهٽ. مريض کي ڪنهن بہ پاسي تي آرام نہ اچي.

ايلوز Aloes 30_200 1M: جڏهن بواسير ۾ خُون اهڙي طرح خارج ٿئي جيئن نلڪي مان پاڻي نڪري تہ هي دوا نافع آهي، بواسير (موڪا) انگورن جي ڳُچن جيان ٻاهر نڪري اچن. مقعد جا عضلات بي حس ۽ بي قابو مريض ريح خارج ڪري تہ ڪاڪوس بہ نڪري وڃي. ٿڌي پاڻيءَ سان استنجا ڪرڻ سان وقتي طورتي فرحت محسوس ڪري.

ايسڪيولس هپ Aesculus Hip 30_200: هن دوا جي مريض ۾ رت تمام گهٽ خارج ٿيندو آهي يا صفا خارج نہ ٿيندو آهي پر تڪليف، تمام گهٽي هوندي اٿيس. بادي بواسير جي لاءِ زود اثر دوا آهي پر درد بواسير مسا ٻاهر نڪري اچن. جيڪي وانگڙائي رنگ جا هُجن ۽ انهن ۾ سخت ذڪڻ هُجي، مقعد ۾ جلڻ. مقعد ۾ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ ننڍيون ننڍيون ڪانيون هجن. سخت پاخانو جيڪو

مشڪل سان خارج ٿئي، ان بعد مقعد بہ ٻاھر نڪري پوي (Poolapre Rectum) حاملہ عورتن جي ٻواسير لاءِ خاص دوا، چيلھہ ۾ سُور ۽ رت وھي پوڻ سان آرام.

ايپس ملفيڪا Apis Melfica 30: مقعد ۾ اھڙو سُور جڻ ماکيءَ جي مَکِ ڏنگ ھنيو ھُجي، ھن سور کي ٿڌي پاڻيءَ سان استنجا ڪرڻ سان افاقو محسوس ٿيندو آھي.

اگنيشيا Ignatia 30: بادي ٻواسير، مريض کي اُٿي ويھڻ يا ويھڻ ۾ شديد تڪليف محسوس ٿئي ٿي، جڏھن تہ ھلڻ ڦرڻ ۾ تڪليف گھٽ ٿيندي آھي.

ايلومينا Alumina 30_200: شام جي وقت ٻواسير ۾ تڪليف جي زيادتي پاتي ويندي آھي، جيڪو رات ڀر آرام ڪرڻ کانپوءِ صُبح جو بھتر ٿي ويندو آھي، مقعد مان خون جا ٽڪر خارج ٿيندا آھن، براز سخت ۽ رڍ جي ڦينگڙين جيان ھوندا آھن جنھن سان گڏ مقعد ۾ ڪپڻ دار سُور ۽ ان بعد خون (رت) وھي.

ايسٽڪ ايسڊ Acetic Acid 30: حبس، حيض کانپوءِ ۽ آنڊن مان خون خارج ٿئي، خوني ٻواسير جي شڪايت اونڌي منھن ويھڻ سان سور ۾ گھٽتائي، چھرو ۽ سڄو جسم سڄيل.

پيونيا Paeania 30: زخم سان گڏ ٻواسير، مقعد جي، چوڌاري حصا واڱڻائي رنگ جا ھُجن ۽ مقعد سُڄيل، زخمن جا ڪرنڊ پيھر زخم بڻجي وڃن، مقعد اندر شدت جو سُور ٿئي، مقعد ۾ خارش، تمام رطوبتي جارين ۾ زخم ۽ چير پاتا وڃن، مقعد ۾ ساڙو ايتري تائين جو مريض محسوس ڪري تہ باھہ تي وينو آھي، ھيٺان بدبودار پگھر، ڪاڪوس ڪرڻ وقت انتھائي اذيئت ناڪ سُور ٿيندو آھي.

پوڊوفائلم Pod phylum 30_200: زچگي (Labour)

ڪانپوءِ بواسير جنهن سان گڏ خروج مقعد (Prolapse Rectum) مريض قبضيءَ جو شڪار ڪڏهن اسهال جگر ۾ اجتماع خون.

پلسٽلا Pulsatilla 30: جيڪڏهن پتڙا دست اچن، وات جو ذائقو خراب ۽ اُڃ گهٽ لڳندي آهي، مريض کي گرم، مُرغن ۽ ثقيل شين کان نفرت هوندي آهي، اوڳرايون بڪثرت اچن، جيڪو ڪجهه ڪائي انجو ذائقو دير تائين وات ۾ رهي، برف پيئڻ ۽ ميون ۽ روغني شين کائڻ ڪانپوءِ جون تڪليفون، مقعد ۾ اهڙو سور جيئن اتي زخم هجي.

پلانٽيگو Plantigo Q: پاخاني جي حاجت جو زور بيهي نه سگهي بواسير جي ڪري، دست پتڙا پوري رنگ جا، بواسير ۾ بيروني استعمال جي لاءِ بهترين دوا آهي، علامتن مُطابق اندروني طورتي استعمال ڪرڻ سان گڏ بيروني طور به استعمال ٿيندڙ دوا آهي.

جيلسيمير Gelsimium 30: بواسيري موڪا اهڙا هجن جيئن انگور جا چڳا، ان ۾ بڙڇي لڳڻ جهڙو سُور ٿئي جيڪو جگر تائين وڃي، اُڃ نه لڳندي آهي، هڏڪي جنهن ۾ شام جي وقت تڪليف وڌي، معدي جي هيٺين حصي ۾ خالي پڻ ۽ ڪمزوريءَ جو احساس.

رسٽاڪس Rhustox 30: بادي بواسير يعني بغير خُون جي بواسير جي مفيد دوا آهي، هر پاڻي ڪانپوءِ موڪا ٻاهر پون، مقعد ۾ ٻاهرين طرف دٻاءُ، مريض اڪثر چيلهه جي سور ۾ مُبتلا، ڪجهه به کائڻ نه چاهي، کاڌي کان بي رغبتي ليڪن اُڃ اهڙي جيڪا ڪنهن به صورت نه لهي، اُلٽي، اوڪارا، کاڌي کائڻ ڪانپوءِ زبردست آڦري، هي دوا مقعد جي چوڏاري پونءِ کي ابتدائي طورتي روڪي ڇڏيندي آهي.

ريٽينيا Ratanhia 30: مقعد ۾ ايتري قدر درد جڻ ڪنهن

مقعد ۾ شيشا ڪُني وڏا هُجن، مقعد وڍيل ۽ ڦاٽل ان ۾ باهہ جيان جلڻ، رفع حاجت کانپوءِ ڪلاڪن تائين جلڻ، مريض مقعد تي هرهر ٿڌو پاڻي وجهي جنهن سان وقتي طورتي سُڪون ملي، ۽ ڪُجهہ دير کانپوءِ اهائي صورتحال موٽي اچي، مقعد ۾ خشڪي ۽ گرمي جو احساس، ڇُري لڳڻ جهڙو سُور مسلسل محسوس ٿئي. پاخاني ڪرڻ لاءِ زور لڳائڻو پوي جنهن جي ڪري موڪا ٻاهر نڪري اچن، مقعد جون تمام علامتون خوني بواسير ۾ بہ پاتيون وينديون آهن، مقعد مان هر وقت ڪجهہ نہ ڪجهہ ٽمي، مقعد ۾ سنها ڪينئان ۽ خارش.

سلفر Sulfer 30_200: خوني يا بادي بواسير، مقعد چوڏاري، جلڻ ۽ ڏکڻ، هرهر رفع حاجت جي بي سود ڪوشش ۽ خواهش، پراڻو قبض، پاخاني بعد پڇو نڪري پوي، پيشاب ڪرڻ ۾ جلڻ ۽ سُور، مريض کي هلڻ ڦرڻ ۾ ڪمزوري ۽ چڪر اچن.

بواسير جنهن ۾ آپريشن ضروري هجي توجا 200+سليشيا 200+ نائٽرڪ ايسڊ 200 رات جو نڪس واميڪا ۽ صُبح خالي پيٽ سلفر جو مُسلسل استعمال هر قسم جي بواسير لاءِ اڪثير آهي.

فاسفورس Phosphorus 30_200: هر دفعي پاخاني کانپوءِ رت جي ڌار پاخاني سان، مريض ڏبرو سنهو ڊگهو، کاڌي کائڻ کانپوءِ جلد ٻيهر بک لڳي ۽ وات جو ذائقو ترش هوندو آهي، کاڌي کانپوءِ هوا ۽ اوڳرايون اچن، جيئن ئي پاڻي معدي ۾ پهچي گرم ٿئي، فوراً وڏيون وڏيون اُلٽيون ٿي وڃن، فهم معده چڻ تہ سُڪڙجي ويو هُجي، خوراڪ کي ڳيت ڏيڻ ۾ ڏُشواري ٿئي، معدي جو سُور جنهن کي برف يا ٿڌي خوراڪ سان آرام ملي، سوزش معده جنهن سان گڏ جلڻ ۽ آنڊن تائين ڦهلجي وڃي، مريض وڏيڪ لوڻ کائي ۽ ان بعد متفرق علامتون پئدا ٿي وينديون آهن.

**ڪاسٽي ڪم Causticum 200 1M**: بواسير جي عارضي ۾ ناقابل برداشت سور پاتو ويندو آهي، هلڻ سان تڪليف ۾ اضافو ٿيندو آهي، پاخانو ننڍين ننڍين سُدن جي صُورت ۾ خارج ٿئي جنهن سان گڏ مِڪُ ويڙهيل هجي، پاخانو گريس (Grease) جيان نظر اچي، مريض جي پاخاني کي خارج ڪرڻ جي لاءِ تمام گهڻو زور لڳائڻو پوي ۽ اتي بيهي پاخانو خارج ڪرڻو پوي، مقعد ۾ سخت خارش ٿئي، بواسير جا وڏا وڏا موڪا جيڪي بالعموم ٻاهر نڪري اچن.

**ڪالن سونيا Collunsonia 30_200 Q**: پيٽ واري عورتن جي بواسير لاءِ خاص دوا آهي، بواسير سان خارش بواسير جا اهڙا مريض جن کي دل جو عارضو بہ هُجي، انهن لاءِ خاص دوا آهي، بواسير جو رت رڪجي ويو هُجي ۽ دل جي تڪليف وڌي وئي هُجي، بواسير خوني هُجي يا خون کان بغير هي دوا مفيد هي، بواسير سان گڏ مريض قبضيءَ ۽ چيلهہ جي سُور جي شڪايت ڪندو رهندو آهي، مقعد ٻاهر نڪري اچي، موڪا ٻاهر نڪري اچن. قبضي ۽ اسهال واري واري سان، ائين محسوس ٿين جيئن پاخاني جي آنندي ۾ نهايت تيز چبهدار شيشي جا ٽڪرا وڏا ويا هُجن، شديد قبضي سان گڏ موڪا ٻاهر نڪري اچن، مقعد ۽ زيرين شڪم ۾ هلڪو هلڪو سور ٿئي، ڊاڪٽر وليم بورڪ (William Boerk) هن دوا متعلق لکي ٿو تہ جيڪڏهن پاخاني جي آندي جي آپريشن کان پهريان هي دوا استعمال ڪرائي وڃي تہ بهتر نتيجا سامهون ايندا آهن.

**ڪيپسيڪم Capsicum 30**: مقعد ۾ جلڻ، خارش، ورَم، ٽپڪڻ ۽ ذڪڻ جو احساس، اهڙو بواسير جنهن ۾ هر وقت رطوبت جو اخراج جاري رهي، خون ملِيل مِڪ جو اخراج، مريض کي زبردست

قسم جي اُڃ لڳندي آهي پر پاڻي پيئڻ سان لرزو ڏڪڻي ڪاڪوس ڪرڻ وقت ڏنگ لڳڻ جهڙو سُورُ اهڙن ماڻهن جي دوا جيڪي جلد تڪجي پون ۽ ٿُلها هُجن.

**ڪلڪيريا فلور Calc_Flour 6x**: بايوڪيمڪ (Biochemic) طريقي علاج ۾ بواسير جي لاءِ بهتر دوا آهي، بواسير بادي هُجي يا خوني، هي دوا باقاعدي اثر ڪندي آهي، آنڊي جي هيٺين حصي ۾ سُورُ مقعد ۾ خارش، قبضي اجتماع خون Rush Of) (Blood متي طرف (Head) مقعد جا ڪنارا ڦاٽي پون، بواسيري موڪا تمام سخت هُجن، جسم ۾ ڪٽي به ڊِلائپ واقع ٿئي ته هي دوا ان ڊِلائپ کي دور ڪري ڇڏيندي.

**ليڪسس Lechasis 30_200**: خوني بواسير جنهن سان گڏ موڪا ٻاهر نڪري پون جڏهن موڪن ۾ ورم پئدا ٿي وڃي ته ان ۾ هٿوڙا لڳن ۽ سُئي تنبجڻ جهڙو سور ٿئي، مريض کي اڪثر قبضي جي شڪايت، پاخانو بدبودار، مريض کي مقعد تنگ محسوس ٿئي، ڪاڪوس نه ڪري سگهي، کنگهڻ ۽ نشن سان مقعد تائين ڪا شيءِ چُڀي، آنندن مان ڪاري رنگ جو رت وهي، امعاءِ مُستقيم (Rectum) ۾ لاڳيتو ڪاڪوس ڪرڻ جي خواهش.

**ميوڪانا Mucona Q**: خوني بواسير ۾ هي دوا مدّرتنڪچر (Mòther tincture) جي صُورت ۾ صرف هڪ قطرو في خوراڪ پيئاريو وڃي اڪثير دوا آهي.

**ميوريٽڪ ايسڊ Muriatic Acid 30_200**: حساس موڪا، انگور جا ڳُڇا، واڱڻائي رنگ جا، ڇُهڻ سان جلڻ، ٻارن ۾ موڪا، موڪا ٻاهر نڪري اچن، موڪن جو رنگ سرخي مائل نيرو مريض جي معدي ۾ تُرشي گهٽ نهي، جيڪو ڪُجهه کائي انجو

خمير ٻڌجي وڃي، پيشاب ڪندي وقت پاخانو (ڪاڪوس) ٻاهر نڪري وڃي، پيشاب ڪندي وقت پچو نڪري پوي، مقعد ۾ خارش (Itching) حمل ۾ خوني بواسير لاءِ مفيد دوا. گرم پاڻيءَ سان استنجا ۾ آرام.

مرڪسال Merc_Sol 30_200: اسهال ۽ پيچش سان گڏ بواسير جو عارضو هُجي تہ شافي دوا آهي، مريض جي وات ۾ هر وقت ٿڪ (Saliva) جو اجتماع رهي. سائي رنگ جو ڪاڪوس خون آلود. ڪاڪوس سنهو ۽ رات جو ڪاڪوس ڪرڻ وقت سُور. مروڙ ۽ وڪڙ. ڪاڪوس جي حاجت ختم ئي نہ ٿئي، پاخاني ڪرڻ کانپوءِ مريض کي سخت سردي لڳي. معدو عموماً خراب رهي جنهن جي ڪري مريض قولنج (Colic) جو شڪار هُجي ۽ پيٽ جو سُور.

نڪس واميڪا Nux_Vomica 30_200: مريض اڪثر قبضيءَ جو شڪار اهڙا مريض جيڪي شراب ڪباب جا عادي هُجن ۽ گهڻو وقت عيش و عشرت ۾ گذاريندا هُجن. موڪن ۾ خارش جنهن ڪري مريض سڄي رات سُمهي نہ سگهي، خوني يا بغير خوني موڪا. مقعد ۽ مبرز (Rectum & Anus) ۾ جلڻ ۽ خارش، هرهر ناڪام حاجت ڪاڪوس جي.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 30_200: اهڙا موڪا جن مان خون جو اخراج تہ رُڪجي وڃي پر سُور بدستور قائم رهي، موڪا لڙڪي هيٺ اچي وڃن، مقعد ۾ سُئي چيڀڻ جهڙو سُور رفع حاجت جي وقت زور لڳائڻو پوي، پر ڪُجهہ بہ خارج نہ ٿئي، قبضي جنهن سبب مقعد ۾ چير محسوس ٿين، پاخاني وقت چيرڻ ڦاڙڻ جهڙا سُور ٿين، سور ڪاڪوس ڪرڻ کانپوءِ بہ ختم نہ ٿئي ۽ ڪيترائي ڪلاڪ جاري رهي، آنندن مان خون بڪثرت اچي، اڪثر پچو نڪري پوي


مريض کي پاخاني کانپوءِ ٿڪاوٽ محسوس ٿئي ۽ مزاج ۾ تلخي اچي وڃي.

هيما ميلس Hamamelis 30_200: بغير درد جي خون جو اخراج، رت جو اخراج، مريض ڪمزور نڍهال ۽ ڪري پوي، خون سياهہ رنگ جو، گهٽي بک باوجود ڪميءَ خون پاتو وڃي، مريض تنگيءَ تنفس جو شڪار، مريض جي زبان چڙ تہ سڙي پئي هُجي، زبان جي ڪنارن تي ڦلوڪٽا ڪاري خون جي الٽي.

هائپريڪم Hypericum 30_200: سُور ۽ چهڻ ڪان حساس، خوني بواسير، مريض کي هر وقت حاجت، آنڊا خشڪ ۽ دٻاءَ وارو سور.

سينگونيريا Sangoneria 30_200: پاڻي جيان مقعد مان خون وهي، اندروني ۽ بيروني ٻنهي بواسير ۾ مفيد دوا آهي.

## بدهاضمو (Dyspepsia –Indigestion)




بدهاضمو جنهن کي Dyspepsia ۽ Indigestion چوندا آهن تہ هڪ عام بيماري آهي، جنهن جو مطلب بدهاضمو ڪڍبو جنهن ۾ معدي جي فعل ۾ نقص واقع ٿي پوندو. بدهاضمو نئون ۽ پراڻو بہ قسم هوندو بہاضمي جا 3 قسم هوندا آهن. ضعف معده Atonic Dyspepsia,

مزمن سوزش معده Irrelative Dyspepsia ۽ (3) اعصابي خرابيءَ وارو بدهاضمي.

Nervous Dyspepsia بک جو گهٽ لڳڻ، اوڪارا، سيني جي جلڻ، ريح، بک گهٽجي يا گهٽ، پيٽ کي دٻائڻ سان ڏکڻ جو احساس، وات ۾ کٽو پاڻي، صبح جو اٿڻ سان ذائقو ڪسيرو ڪڙو ۽ خراب.

علاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album 30: برف جي استعمال کان بدهاضمو ضعف معده، جلڻ، اوڪارا، ترش ماده نڪرن، تڏين شين کان دست، معدي کي دٻائڻ سان سور.

ايناڪارڊيم Anacardium 30: هاضمي جي ڪمزوري، آڦري، خالي پڻ، کائڻ سان فرحت، ڳلي ۾ گهٽڻ، مريض جلد جلد کاڌو ڳهي، اوڪارا، اوڳرايون بڪثرت.

انگسچورا Angustura 3x: ڪڙو ذائقو ڦهوو پيئي مريض، اوڳرايون بڪثرت، نقاهت سبب بدهاضمو، سور دن کان جوف سيني تائين.

اپيڪاڪ Ipecac 30: اهڙو بدهاضمو جيڪو ٻه ٽي ڪاڏا ڳڏجي کائيندو هجي، جنهن سبب متي ۾ سور، معدي لڙڪڻ جو احساس، الٽي (قي) بعد بہ آرام نہ اچي.

اينٽي مونيم ڪروڊ Ant Crud 30_200: دست ۽ پيچس، بدهاضمو ڳِگ، کائڻ کانپوءِ پيٽ ڦلجي وڃي، لڳاتار اوڳرايون، اوڳرائي، الٽي جنهن ۾ هيانءُ سڙي.

• ايبس نائيگرا Abies Nigra: ڪراڙي ماڻهن جو بدهاضمو اپريل آني ۽ پٿر جو احساس معدي ۾، صبح جي وقت بک نہ لڳي،

شام جو ناقابل برداشت بک. بدبودار ساھ. ڪنيون اوڳرايون بدبودار. معدو ڪمزور.

<u>ايسڊ سلف Acid Sulf 30</u>: ڪثرت شراب نوشيءَ سبب بدهاضمو جلد باز بيقرار مريض. هيانو سڙي، ترش اُلٽي. پاڻي پيئڻ سان پيٽ ٿڌو ھڏڪيون.

<u>برائي اونيا Bryionia 30</u>: گرم موسم جي بدهضمي. فم معده معدمي کي ڇهڻ سان سُور. ڪڙو ذائقو قبضي خشڪ شده مٽي جو سور چڙ. هلڻ سان تڪليف.

<u>پلسٽلا Pulsatilla 30</u>: بدهاضمي جي مفيد دوا. گرم ۽ مرغن غذائن بعد بدهاضمو ڪاڌي بعد ٻه ڪلاڪ وقت نڙي ۾ ان ڪاڌي جو ذائقو هيلڻ ۽ سڙي.

<u>چائنا China 30</u>: بدهضمي سبب دست. پيٽ ۾ هوا. اوڳرائي سان فرحت نه ٿئي.

<u>سلفر Sulfer 30</u>: صبح جو 11 بجه شديد بک. صبح جو سوير دست. قبضي. بواسير.

<u>ڪاربوويج Carbo_veg 30</u>: پراڻو بدهاضمو آڦري پيٽ جي مٿين حصي ۾.

<u>لائيڪوپوڊيم Lycopodium 30</u>: هر شي ترش لڳي. ٻن گرهن ۾ پيٽ ڀرجي وڃي. رات جو بُکَ. ڪائڻ بعد نفخ.

<u>نڪس واميڪا Nux Vomica 30</u>: پيٽ ۾ سور بد ذائقو اوڳرايون ڪاڌي ڪانپوءِ تڪليف. ضعف معده سُست مريض.

## پيچش شديد ۽ اميبيائي Dysentry_Acute & Amoebic

نرم پاخانو جيڪو هرهر اچي. ڪاڪوس سان مروڙ ۽ ڪڏهن ڪڏهن خون کي پيچش (Dysentry) چئبو مريض

ڪمزور ٿيندو وڃي، پيچش جا ٻہ قسم هوندا آهن. جراثيمي پيچش ۽ اميبيائي. جراثيمي پيچش (Acute dysentery) هڪ بيڪٽيريا Shigella سبب جيڪا ڪاڏي ذريعي پيٽ ۾ داخل ٿي وڃي ۽ ٻيو نمبر پيچش هڪ جراثيم Entamoeba (Histolytica) سبب ٿيندي آهي، اميوبيا مريض جي پاخاني ۾ خارج ٿيندو آهي ۽ هر خوراڪ جيڪا پاخاني سان بلواسطہ آلوده خراب ٿئي اها ٻي صحتمند ماڻهوءَ تائين پهچي ان کي پيچس ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي. عام طورتي ٻنهي پيچش کي پيچش ڪاذب ۽ پيچش صادق چئبو آهي.

علاج Treatment

Amoebic پيچش کان بچاءَ جي لاءِ Arsenic Album 200 بهترين دوا آهي. Baccllae يا جراثيمي پيچش لاءِ انجو بچاءُ Mer Cor 200 بهترين دوا آهي.

ايڪونائيٽ Aconite 30: گرم موسم جي پيچش، بيچيني، مرڻ جو ڀئو پيچش ۾ خون ئي خون ۽ سور جي شدت.

ٿوجا Thuja 200: اميبيائي پيچش لاءِ شاندار دوا، سلفر ۽ ٻيون دوائون جڏهن ناڪام وڃن.

ٽرامبيڊيم Trombidium 20_200: جڏهن ڪاڏي پيتي ڪانپوءِ پيچش ۾ اضافو پاخاني کان پهريان ۽ ڪرڻ وقت سُور.

سلفر Sulfer 30_200: مرض پراڻو هُجي ڪا بہ دوا خاطر خواه فائدو نہ ڏئي، صبح جو خالي پيٽ هڪ وزن ڏيڍ سان آرام ملي ويندو؟

ڪرچي kurchi Q: هر قسم جي پيچش جي مجرب دوا آهي، ڪنهن بہ ٻي دوا سان گڏ مددگار طور استعمال ڪري سگهجي ٿي.

**کينٿرس Cantharis 30**: پيچش سان گڏ پاخانو ان ۾ ائين محسوس ٿئي جڻ آنڊا وڍجي ٽڪر ٽي ڪريا هجن. پاخاني بعد جلڻ. بي سود حاجت. پيشاب قطرو قطرو.

**مرڪار Merc Cor 30_200**: خوني پيچش جي دوا. پاخاني ۾ رت گهڻو ۽ مِڪُ گهٽ. پاخاني سان گڏ لڳاتار پيٽ ۾ سُور مروڙ خون سان گڏ لعابدار چڇڙا. پيشاب ۾ جلڻ. مريض کي ٽنگن تي پگهر.

**مرڪسال Merc Sol 30_200**: اجابت سان گڏ سُفيد لعابي مادو ۽ گڏ ۽ گڏ ٿورو خون. مروڙ اجابت بعد ڪاڪوس. گهڻو وقت مريض ڪاڪوس لاءِ پاخاني جي جڳهه تي ويهي رهي. مرڪار ۾ رت گهڻو ۽ مرڪسال ۾ مِڪُ گهڻو هوندو آهي.

**نڪس واميڪا Nux_Vomica 30**: پيٽ جو سُور پاخاني جي هرهر حاجت. پاخاني کانپوءِ مريض کي وقتي سُڪون. پاخاني کانپوءِ پيٽ کي ڪجهه وقت آرام وري ناڪام حاجت.

**پيٽ جا ڪينئان Worms:**

انساني جسم ۾ طفيلي ڪرم (پيٽ جا ڪينئان) هجڻ هڪ متعدي مرض آهي. گرم علائقن ۾ هي تڪليف عام آهي. جتي موسم جو درجہ حرارت (Temperature) گرم هجي جيڪو ڪينئن جي نشونما لاءِ موزون هوندو آهي. طفيلي ڪرم جي نشونما انهن ماڻهن ۾ ٿيندي آهي جيڪي عام طورتي پنهنجي صحت جو خيال نہ رکندا آهن. طبي اعتبار کان هن کي Ascaris Lumbricoides چوندا آهن. ان کان متعلق مرض کي Ascarcasis چوندا آهن. هي ڪينئون انساني جسم ۾ عموماً ننڍي آنڊي ۾ پرورش پائيندو آهي. انجي واڌ ويجهہ مختلف مرحلن مان گذرندي آهي. مادي ڪيئون

اندا ڏيندو آهي جيڪو متيءَ ۽ پاڻي ذريعي اسانجي ڪاڏي پيتي ۾ شامل ٿي ويندو آهي، ڪينئن جي ڊيگهه 15 سينٽي ميٽرن ڪان 30 سينٽي ميٽرن تائين هوندي آهي، هن جيت جي موجودگيءَ ۾ جسم انسانيءَ ۾ توانائي ۽ لحمياتي نا مناسب غذائيت Prolien Energy Malnuatrition هجڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن، خوراڪ جي نالي، معدي ۽ آنندن ۾ رڪاوٽ ٿي پوندي آهي جنهن جي ڪري الٽي ۽ اوڪارن جي ڪيفيت معدي ۾ شديد سور ۽ بک گهٽي يا صفا گهٽ ۽ مريض جي چهري تي سوج ۽ ڪمزوري نمايان ٿي پوندي آهي.

علاج Treatment

ابراٽينم Abrotinium 30: ٽيپ ورم Tap_worm جنهن ۾ مريض جي بک وڌي وڃي، مرض جي شدت ۾ رات جو ننڊ ڦٽي وڃي.

ٿائيمول Thymol 30: هڪ ورم Hook Worm جي قسم واري ڪيئنن لاءِ اڪسير دوا آهي، هي دوا آلات تناسل ۽ آلات بول جي مرضن لاءِ مفيد آهي.

ٽيوڪريم Teucrium 30: ننڊا ۾ ڏکڻا. گول ڪينئان جيڪي امعاءِ مستقيم ۾ پريشاني پئدا ڪن. رات جي وقت گرميءَ • جون علامتون.

چينوپوڊيم Chenopodium Anthel menticum (30: هي دوا بہ هڪ ورم (Hook Worm) لاءِ بهترين آهي، مريض چيڙاڪ معدي ۾ تڪليف چينوپوڊيم جو تيل اهڙن ڪيئن لاءِ آهي جن جي منهن ۾ هڪ (Hook) هجي لاءِ مفيد آهي.

چيلون گليبرا Chelone Glabra Q: Thread and

Round Worm کي ڪيڙن لاءِ مجرب دوا آهي.


سائنا Cina 30: هي ڏاڍي جهڙي گول، ڪدو داڻن کي ڪيڙن لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي، جڏهن ڪرتي ڏند پيهي بيچين هجي لڳاتار نڪ مهتي.


سينٽونائن Santoninum 30: سائنا جي فيل ٿيڻ تي هي دوا ڪارايو.

سائناپس نائيگرا Sinapis Nigra Q: Pin Worm لاءِ بهترين دوا آهي، ٿيوڪريم جڏهن ڪم نہ ڪري، نڪ ۾ بين رطوبتي جارين ۾ عفونت پاتي وڃي.

فلڪس ماس Filix Mas Q 30: قبضيءَ سان گڏ ڪدو داڻا (Tape worm) متاڻ سان تڪليف وڏي.

تبخير معده ـ آڦري Flatulence:



نظام هضم ۾ غذا کي هضم ڪرڻ دوران ، ڪيترن ئي قسمن جا ڪيميائي خميا (Enzymes) ان ۾ ملندا آهن. انهن جي ملڻ سان غذائي عنصرن ۾ ردعمل پئدا ٿيندو آهي، ان جي نتيجي ۾ هڪ طئي شده مقدار ۾ هوا پئدا ٿيندي آهي جنهن کي ريح، آڦري، نفخ يا تبخير سڏبو آهي، عموماً اها گئس پاخاني سان گڏ ٻاهر خارج ٿيندي آهي.

معدي يا آنندي ۾ بڪثرت ريح جي موجودگي ۽ پيدائش آنڊن جي جراثيم جي عمل تبغير جي ڪري ٿيندي، جيڪڏهن کنهن کاڌل مواد ۾ خمير ۽ تعفن پئدا ٿئي تہ ان جي نتيجي ۾ نفخ ۽ ريح نمودار ٿيندو آهي ۽ جنهن بہ جڳهہ تي جمع ٿئي ان کي اتي نفخ ۽ ريح سڏبو مختصراً اهو تہ معدي يا آنندي ۾ گئس جمع ٿيڻ کي آڦري سڏبو آهي جيڪو تڪليف جو باعث بڻبو آهي.

علاج Treatment

اورنٿو گليم Ornithogalum umb 30: زخم معده جي مريضن ۾ آڦري، بدبودار گئس، اوڳرايون بڪثرت، دوا جو مرڪز Pyporus هوندو آهي، پائلورس معدي جي زيرين حصي جو اهو ڇيد هوندو آهي جيڪو معدي ۽ Dudenum جي وچ ۾ Gate Keeper جو ڪم ڪندي آهي، پائيلورس جي جاءِ تي هڪ وار محسوس ٿيندو آهي هي دوا مدرٽنڪچر جي هڪ خوراڪ بهتر ڪم ڪندي آهي.

ارجنٽ نائٽ Argent Nit 30: پيٽ جو ڦلجي وڃڻ ،خاص قسم جون اوڳرايون، مٺين شين جي گهڻي خواهش، اعصابي مزاج مريض بيچين ۽ چيڙاڪ.

ايسافوئيٽيڊا Asafoetida 30: هنگ جو استعمال پيٽ جي بين خرابين ۾ بہ تمام گهڻو مفيد آهي، اهڙا مريض جن جا اخراجات دبجي ويا هجن. مريض ڳهڻ لاءِ مجبور، سيني ۾ چڪ، جوف معده ۾ ريح، مريض ڏڪي، پيٽ خالي هُجڻ تي ضعف جو احساس.

ٿوجا Thuja 200: پيٽ گئس جي ڪري انتهائي سخت، پيٽ جي بالائي حصي ۾ ڪنڊ دار سور بصر ڪائڻ کانپوءِ تڪليف،

ڪاڌي ڪائڻ ڪانپوءِ پيٽ ۾ سُور.

چائنا China 30: پيٽ جي وچ حصي ۾ آڦري، پيٽ تاڻيل، مريض ڪمزور، مٺيل قسم جي ڪاڌن ڪائڻ جي خواهش، خالي اوڳرايون، اوڪارا، ريح جي ڪثرت.


ڪاربوويج Carbo_Veg 30: پيٽ ۾ گئس جي زيادتي، اهڙي گئس جنهن جو رُخُ مٿي هُجي، ڪائڻ پيئڻ ڪانپوءِ تڪليف وڌي، هر وقت معدو ڀريل، ساهہ جي تنگي.

ڪيموميلا Chamomella 30: رياحي قولنج لاءِ بهترين دوا، آڦري جنهن ۾ اوڳرائن سان سڪون، هن دوا سان گئس گهٽجي ويندي آهي.

لائيڪوپوڊيم Lycopodium 30: دماغي ڪم ڪرڻ وارن مريضن ۾ گئس، پيٽ جي هيٺين حصي ۾ هوا، ٿي تي لقما ڪائڻ سان پيٽ ۾ هوا ۽ گئس.

## تيزابيت Acidity

تيزابيت معدي جو هڪ عام مرض آهي، ڏسڻ ۾ تہ معمولي




مرض آهي پر انجو صحيح ۽ وقت تي علاج نہ ڪيو وڃي تہ زخم ۽

السر (Ulcer) جي شڪايت پئدا ٿي ويندي آهي، ان لاءِ جيئن ئي هن مرض جون علامتون پئدا ٿين فوراً انجو تدارڪ ڪرڻ کپي.

**علامتون Symptoms**: معدي ۾ شديد جلڻ، هي جلڻ سيني ۾ غذائي نالي تائين محسوس ٿيندي آهي.

مريض کي ائين محسوس ٿئي جڻ سيني يا نڙي ۾ باهه هجي. ڪڏهن ڪڏهن مريض ڪوتاهه دمي جو احساس ٿئي. مرض وڌندو وڃي معده جي جڳهه تي درد ٿيڻ لڳي. اوڪارا ۽ الٽي جي ڪيفيت، هر ڪاڌي کانپوءِ خاص ڪري رات جي وقت مريض کي سيني ۾ جلڻ ۽ بيچينيءَ جو احساس.

چانهن، سگريٽ، مرچ مصالحن ۽ گوشت جو گهڻو استعمال، تماڪ نوشي هن بيماري جا خاص سبب آهن.

**علاج Treatment**

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album 30</u>: برف وارو پاڻي پيئي يا آئسڪريم کائڻ کانپوءِ تيزابيت جون علامتون.

آئرس ورس Iris Vers 30: هاضمي جي خرابي، تيزابيت ۾ السر (Ulcer) کٽيون ۽ تيزابي رطوبتون، اهڙي الٽي (Vomiting) جيڪا معدي کان وات تائين پوري حصي کي ڇلهي وجهي، اُلٽي، تيزابيت سان گڏ مريض کي اڌ مٿيءَ جو سور.

<u>ايسڊ فاس Acid Phos 30</u>: وات ۾ ترش (کٽو) پاڻي، رس واريون شيون پسند ڪري، ننڊ جو غلبو ڪاڌي بعد، معدي ۾ آڦري ۽ بوجهه.

<u>ايناڪارڊيم Anacardium 30</u>: مريض کي ڪاڌي کائڻ بعد آرام پيٽ خالي ٿيڻ تي تڪليف موٽي اچي، بدهاضمو قبضي ۽ مٿي جو سُور پر ڪاڌي کائڻ بعد گهٽجي وڃي، مريض کي قسم کائڻ

جي عادت ٿيندي آهي.

Argent Nit 30_200: پيٽ ۾ گھٽو گئس، آواز سان اوڳرايون خارج ٿين، مٺي کائڻ جي شديد خواهش، مٺي کائڻ کانپوءِ علامتن ۾ شدت.

فلورڪ ايسڊ Floric Acid 30: تيزابيت جي لاءِ مفيد دوا آهي، معدي ۾ ڳورائپ ۽ بوجھ جو احساس، مريض کي ٿڌي پاڻيءَ جي اُڃ، مريض جيئن گرم مشروب پيئي ان کي دست شروع ٿين، مريض کي تمام گھٽي بک کاڌي بعد جلد ئي پيٽ خالي محسوس ڪري، لهذا ڪجھ نہ ڪجھ مريض کي کائڻو پوي.

برائي اونيا Bryionia 30: کاڌي کانپوءِ معدي اندر بوجھ ائين محسوس ٿئي جيئن پٿر ہڏل، مريض قبضيءَ جو شڪار مٿي ۾ چڪر، ذائقو ڪڙو، چڙچڙاهٽ، هر وقت غصو.

پلسٽلا Pulstilla 30: سيني ۾ جلڻ، مٿي کي چڪر، زبان خشڪ پر اُڃ نہ هُجي، وات جو ذائقو نمڪين، ڪڙو يا کٽو، سٽيون خوراڪون کائڻ بعد پيٽ خراب ٿئي، ميوو يا آئسڪريم واپرائڻ بعد معدو خراب ٿي وڃي.

چائنا China 30: جسماني رطوبتون، ڪثرت ضياء بعد معدي جي خرابي ۽ تيزابيت جون علامتون پئدا ٿي وڃن تہ هي دوا نانع رهندي آهي، هن دوا جي مريض کي ريح جي ڪثرت هوندي آهي، پوري پيٽ ۾ ريح جنهن کي خارج ڪرڻ سان بہ آرام نہ اچي، ڪاربوويج جي ريح ۾ بدبو هوندي آهي.

روبينيا Roninia 30: هي دوا تيزابيت لاءِ تير بحدف نسخو آهي، معدي ۾ هلڪو هلڪو سُور الٽي، ترش، اوڳرايون، انتهائي تڪليف ده ۽ آقري.

زنجبار Zingbar 30: هي دوا معدي جي تيزابيت جي لاءِ بهترين آهي، مريض جيڪو ڪجهه کائي انجو ذائقو دير تائين وات ۾ رهي، صبح اٿڻ سان ڳورائپ جو احساس، معدي کان سيني تائين سُور جيڪو کاڌي کائڻ بعد شدت اختيار ڪري، اُڃَ جي شدت.

سلفر Sulfer 30: هي دوا بہ معدي جي تيزابيت لاءِ مفيد آهي، معدي جي جڳهہ تي جلڻ، درد، چڙ پوجهہ رکيل هُجي، منجهند کان اڳ مريض کي شديد ڪمزوريءَ جو احساس، پاڻي گهڻو ۽ ماني گهٽ وٺي.

فاسفورس Phosphorus 30: تيزابيت جنهن ۾ برف ۽ آئسڪريم جي خواهش، ٿڌو پاڻي معدي ۾ گرم ٿي الٽي (Vomiting) ٿي وڃي.

ڪاربوويج Carbo_veg 30: هن دوا جي بدهضمي بدبودار هوندي آهي، خصوصاً جڏهن هوا خارج ٿئي، پيٽ هوا سان پريل، هواءِ جو رخ دل طرف گهڻو معدي جي جڳهہ تي باهہ ۽ ساڙي جو احساس.

نڪس واميڪا Nux Vomica 30: هي دوا معدي جي تقريباً تمام تڪليف ۾ اڪسير جو درجو رکي ٿي، بالخصوص اهڙن ماڻهن ۾ جيڪي تماڪ نوشيءَ جا عادي هجن، گوشت خور، ترش ذائقو آڻري، جنهن سان گڏ ساڙو صبح جو اوڪارا.

**تيزابيت جي خاتمي لاءِ :**

Ferum Phos 6x + Nat Phos 6x + Nat Sulf 6x + Nat mur 6x.

**حساب آنڊو: پيٽ ۾ اعصابي تڪليف I B S +**

Irritable Bowel Syndrome

هي مرض بذات خون ڪا بيماري ڪونهي، بلڪ مجموعہ علامتن جو نالو آهي جنهن ۾ ڪنهن قسم جو انفيڪشن (Infection) يا الرجي يا زخم پاتو ويندو آهي. هن جي علامتن ۾ نفخ، اسهال، قبضي، پيٽ جو سُور، اوڪارا، الٽي ۽ ريح شامل هوندو آهي. پڻيءَ جو سُور، ٿڪاوٽ، اها ڪيفيت تڏهن پيدا ٿيندي آهي جڏهن وقفي وقفي سان آنڊي ۾ وڪڙ ۽ آڪڙ ٿئي، وڪڙ ختم ٿيڻ بعد ڪڏهن دست ۽ ڪڏهن قبضي، ان ڪيفيت ۾ مريض جو پيٽ ڦلي ويندو آهي ۽ ان وقت ئي آرام ايندو آهي جڏهن ريح خارج ٿئي.

عورتن ۾ ماهواري کان پهريان علامتون شديد ٿي وينديون آهن، جنهن جي ڪري نسواني هارمون جا اثر هُجن. مردن بنسبت عورتن ۾ هي عارضو وڌيڪ ڏسڻ ۾ آيو. عموماً عورتن ۾ هي بيماري (I B S) لاحق ٿيندي آهي.

ماهرين مطابق هن بيماريءَ جو سبب معلوم ڪونهي، مرض کان بچڻ لاءِ کٽين منين ۽ مصالحدار شين کان بچڻ گهرجي، اهڙين شين جو مستقل استعمال هن بيماري (Irritable Bowel Syndrome) جو سبب بڻجي ٿو. آقري پاخاني ۾ مِڪُ، پاخانو سخت ڪڏهن نرم، غير مناسب آنڊي جي حرڪت، آنڊن ۾ معمول کان تمام گهٽ يا تمام وڌيڪ، معدي ۾ سور ۽ بي ڪيفي جي مسلسل حالت هن تڪليف جون خاص علامتون آهن.

علاج Treatment

<u>ايلومينا Alumina 30</u>: مريض جي ذهني حالت، خون يا ڇري چاقون ڏسي خودڪشي ڪرڻ گهري. پاخاني ۾ سُده خارج ٿين ۽ جڏهن نرم پاخانو به مشڪل سان خارج ٿئي، ريح جو اخراج مريض کي جنهن سان سڪون ملي.

Ant: Crud 30: مريض کي بيچيني هُجي ۽ هذياني ڪيفيت جو شڪار پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي، زيرناف سريض کي بار ڪاڏي ڪائڻ ڪانپوءِ تمام تڪليفون وڌي وڃن.

Sepia 30 سيپيا: مريض ذهني طورتي بيقرار لاپرواهه، ڪم چور خانداني ذميدارين کان لا تعلق، پيٽ جي آڪري جنهن سان گڏ شديد سُور، جنهن کي ساڄي طرف ليٽڻ سان آرام قبضي ۾ ڏگها سُدا نڪرن.

Hydrasts 30 هائڊراٽس: مريض هر وقت سمجهي ته موت ويجهو آهي. معدي ۾ ٻڏڻ جو احساس، قبضيءَ جي ڪري مٿي ۾ سور، آنڊي ۾ چيڙ وارو سور. سلفر 200 صبح ۽ نڪس واميڪا 200 رات جو کارائجي.

## ننڍي آنڊي جو السر (Duodenal Ulcer)

هي هڪ پراڻو مرض آهي، جيڪو خاص ڪري 30 سالن جي عمر کان وڏيڪ وارن ماڻهن ۾ ٿيندو آهي.

## علامتون Symptoms

1 پيٽ جي مٿين حصي ۾ درمياني سطح تي سور جو احساس. 2 سور ۽ ساڙو ٻئي محسوس ٿين. 3 اڌ رات جو سور ۾ اضافو. 4 پيٽ جو مٿيون حصو ساس دٻائڻ سان سُور ۾ شدت واقع ٿئي. 5 کاڌي کائڻ کانپوءِ سور ۾ وقتي افاقو کاڌي کانپوءِ 3 يا 4 ڪلاڪن اندر سور واپس موٽي اچي. بدي شين جو استعمال. ڪافي، چاءِ، مرچ مصالحن واري کاڌي جي رغبت مريض ورزش صفا نه ڪري، مزمن قبضي، ۽ پاخاني جي حاجت کي دٻائڻ سان هي مرض ٿي ويندو آهي.

**علاج Treatment**

**سمفائيٽم Symphytum 30** : نيندي آندي جي السر ۾ مفيد دوا آهي، معدي جي پين علامتن سان گڏ ننڍي آنڊي جو السر پاتو وڃي تہ هي دوا تيز بحدف آهي.

**ڪالي بائيڪروميم Kalli Bichrom 30** : ننڍي آنڊي جو السر ان سان گڏ معدي جي سائيز وڏي وڃي، زبان تي سفيد ميرُ جو تهہ، ڪاڌي کائڻ سان ٿي پيٽ ۾ سُور شروع ٿئي.

**مرڪسال Merc_Sol 1M** : ننڍي آنڊي يا معدي ۾ سردي جو احساس علامتي دوا ڪم نہ ڪري رهي هُجي يا ايلوپيٿڪ (Allopathic) علاج ڪانپوءِ مابعد اثر ختم ڪرڻ لاءِ بهترين دوا آهي، وڏي طاقت ۾ استعمال ڪريو.

**يورينيم نائٽ Urinium Nit 3x** : هي دوا بہ ان مرض ۾ سٺو ڪم ڪندي آهي، مريض ۾ اُڃ جي شدت اوڪارا التي، ڪاڌي کائڻ ڪانپوءِ پيٽ ۾ تيز سور.

**نوٽ:** 30 ۽ 3x طاقت جون دوائون 200 طاقت ۾ ڏينهن ۾ هڪ دفعو ۽ وڏي طاقت ۾ ماهر فزيشن جو مشورو وٺو.

## غذا جي ناليءَ جي سوزش Oesophagitis

غذا جي نالي (Oesophagus) جيّ سوزش ٻن قسمن جي ۽ ٻن جڳهن تي ٿيندي آهي، پهرين قسم جي سوزش جنهن کي حاد سوزش چوندا آهن، ان ۾ عام طورتي ان ناليءَ جو هيٺيون حصو متاثر ٿيندو آهي جنهن کي Oesophagitis چوندا آهن. جڏهن تہ ٻيو قسم (Oesophagus) جي مزمن سوزش کي Phummer Vinison Syndrom چوندا آهن.

**علامتون Symptoms**

سيني ۾ جلڻ خصوصاً رات جو ليٽڻ وقت وڌي وڃي. الٽي ۽ اوڪارا بعد ۾ آرام ملي. مريض کي ويهڻ سان آرام ملي. ٿڌي کير پيئڻ سان وقتي طورتي آرام ملي.

رات جو بستر ۾ ئي جلڻ وڌي ويندي آهي، رات جو مريض جي وات ۾ معدي جون رطوبتون مٿي اچي کٽو ذائقو پيدا ڪنديون آهن.

خوراڪ جي نالي جي هيٺين حصي ۾ زخم بڻجي ويندو آهي ۽ ان جاءِ تي سور رهندو آهي.

معدي ۾ پيدا ٿيڻ واروتيزاب ڊايافرام جي رستي غذائي نالي ۾ داخل ٿي وڃي جيڪو سوزش جو باعث بڻبو آهي.

بادي شيون هن مرض جو اهم سبب آهن.

دائمي قبضي، دٻي ۾ بند غذائون هن جو وڏو سبب آهي.

علاج Treatment

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album 200_30</u> : هن مرض لاءِ بهترين دوا آهي، ڪاڏي ڏسڻ ۽ انجي بوءِ بہ ناقابل برداشت هوندي آهي، مريض کي بيحد اُڃ پر پاڻي نہ پيتو وڃي. ڪاڏي پيتي ڪانپوءِ معدي ۾ تڪليف ۽ جلڻ دار سُور، ترش شين جي خواهش.

<u>آگزيلڪ ايسڊ Oxalic Acid</u> : معدي جي مٿين حصي ۾ سُور جيڪو هوا خارج ڪرڻ سان گهٽ ٿئي، ڪاڏي کائڻ ڪانپوءِ پيٽ ۾ شديد سُور جيڪو جلڻ سان گڏ مٿي اُٿي، هوا محسوس ٿئي، ڪڙيون ڪنيون اوڳرايون جيڪي رات جي وقت وڏيڪ ٿين.

<u>سيپونيريا Saponaria 30</u> : معدي ۾ جلڻ ۽ سور جي ڪيفيت لاءِ بهترين دوا آهي، اوڳرايون بڪثرت اچن، مگر انهن سان آرام نہ اچي، رات جو شدت، خوراڪ ڳيتڻ ۾ ڏکيائي، معدو نهايت ذڪي الحس، ڇهڻ

اجابت ڪانپوءِ طبيعت مُطمئن نہ هُجي، تہ ڪيفيت کي قبضي چوندا آهن. ايتري تائين روزاني جو لفظ استعمال ڪيو وڃي. هي هڪ اصطلاح آهي، ورنہ ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي ڏينهن ۾ ڪيترائي دفعہ بيت الخلا ويندا آهن ۽ ڪي وري ٻن ٽن ڏينهن بعد ويندا آهن يا انهن کي حاجت ٿيندي آهي. عمومي طورتي قبضي جو مرض ٽن نوعيتن جو هوندو آهي.

1 سهولت سان فضلي (ڪاڪوس) جو اخراج. 2 ناڪافي مقدار ۾ فُضلي جو اخراج. 3 غير معمولي طورتي خشڪ ۽ سخت فضلي جو اخراج.

فراغت نامڪمل هُجي تہ پيٽ تي بوجهہ محسوس ٿيڻ لڳندو آهي. اتي نامڪمل جي وضاحت جسم مان خارج ٿيڻ واري فضلي جو مقدار آهي. اوسطاً هڪ صحتمند انسان جو فُضل جو روزانو مقدار 250 کان 350 گرام هُجڻ کپي. هڪ هفتي ۾ فضلي جي اخراج جو تعداد 3 يا 12 دفعا هُجڻ کپي. عام طرح کاڌي جي قسم جو فُضلي جي مقدار تي فرق پوندو آهي. جن ماڻهن جي خوراڪ ۾ گوشت جو تناسب گهٽ هوندو آهي، انهن ماڻهن فضلي جو مقدار گهٽ هوندو آهي.

### اجابت ڪيئن ٿيندي آهي How to Stool

مقعد ۾ قائم پاخاني کي ٻڌڻ واري عنصر ۾ تحريڪ (Stimulation) جي ڪري اجابت (Daefection) جو عمل ٿيندو آهي. عام طورتي امعاءِ مستقيم خالي رهندي آهي. آنٽڊن کان اڳتي وڌڻ جي عمل جي ڪري پاخانو وڏي آنڊي ۾ امعاءِ مستقيم ۾ ويندو آهي. ان لاءِ امعاءِ مستقيم ڦُلي ويندو آهي ۽ ان رد عمل طورتي انسان کي اجابت جي خواهش پيدا ٿيندي آهي. ان خواهش جي نتيجي ۾

مقعد جي نالي کي کولڻ وارا رڪاوٽي پٺا (مشڪون) ۽ اندروني مُشڪون ڪلنديون آهن. انهي امعائي حرڪت جي عمل ڪان پيٽ جون مشڪون پاخاني کي ٻاهر ڌڪڻ جي لاءِ دٻاءُ وجهندا آهن. ان عمل ڪان مقعد جي نالي کلي ويندي آهي، پاخانو ٻاهرين طرف حرڪت ڪندو آهي، اجابت جي خواهش ٿيڻ تي جيڪڏهن ڪو شخص جاڻي واڻي خواهش کي دٻائي ته ان جي اجابت تيستائين ناهي ٿيندي جيستائين آنڊن جي امعائي حرڪت دوديہ (Periastalsis) ٻيهر نہ ايندي آهي ۽ جيڪڏهن اجابت جي ضرورت کي هرهر دٻايو وڃي تہ قبض جو عارضو پيدا ٿيندو آهي.

## علاج Treatment

اهڙا ٻار جن کي قبضيءَ جي شڪايت هُجي، جن جو مائرون ڪافي گهڻي مقدار ۾ استعمال ڪنديون هُجن، انهن کي نڪس واميڪا سان شفا ٿيندي آهي.

اهڙا ٻار جيڪي بوتل جي کير تي پلجي رهيا هجن، قبضي جي لاءِ ميگنيشيا ميور انهن لاءِ بهترين دوا آهي.

اهڙا ٻار پيدائش ڪانپوءِ قبضي جو عارضو لاحق هُجي Mazarin بهترين دوا آهي.

هر عمر ۽ هر جنس جي فردن جي قبضيءَ جي لاءِ Selicia marica مجرب دوا آهي.

اوپيم Opium 30 : آنڊن جي ڪم نہ ڪرڻ ۽ خشڪ ٿيڻ باعث قبضي، مقعد جي خَفيف فالج سبب، قبضي ٿيڻ، مقعد جا عضلات بلڪل حرڪت نہ ڪري سگهن. نرم پاخاني جو بہ خارج نہ ٿي سگهڻ. جڏهن براز خارج ٿئي تہ سخت خُشڪ ۽ سياهہ سُدن جي شڪل ۾، مريض کي ڪيترائي ڏينهن رفع حاجت جي خواهش نہ

ٿئي، ان جي باوجود مريض کا تڪليف محسوس نہ ٿئي، ڪيترا دفعا ائين پاخانو ابتي رُخ هلڻو پوي مرض جي شدت ۾ مريض جي وات مان پاخانو خارج ٿيڻ لڳي.

اينا ڪارڊيم Anacardium 30 : جڏهن پاخاني جي بي سود حاجت امعاءِ مستقيم ۾ محسوس ٿئي، رفع حاجت کانپوءِ امعاءِ مستقيم ۾ بوجهہ.

ايسڪيولس هپ Aesulus Hip 30 : هي دوا آنڊن جي هيٺين حصي تي خاص اثر ڪندي آهي، هي دوا هيٺين حصي ۾ پراءَ جو احساس پئدا ڪندي آهي مريض کي اهو احساس هوندو آهي جڻ مقعد ۾ ڪاني جا ننڍا ننڍا تڪر ڪثير مقدار ۾ جمع ٿيل هجن، مريض کي قبضي هُجي يا بواسير مقعد جو سُور پاتو وچي، ڪرنگهي جي هڏي جي هيٺين حصي ۾ ڪمزوريءَ جو احساس، اجابت کانپوءِ مقعد ۾ شديد سُور.

ايلومينا Alumina 30 : آنڊن جي خُشڪي جي ڪري قبضي يا آنڊن جي حرڪت فقدان باعث قبضي ۽ جيستائين امعاءِ مستقيم ۾ تمام گهڻي مقدار ۾ براز جمع نہ ٿئي ان وقت تائين رفع حاجت نہ ٿئي، ۽ نہ ئي ان جي خواهش، مريض پاخاني لاءِ تمام گهڻو زور لڳائي، اهڙا مريض جن کي پٽاٽا موافق نہ اچن.

امونيم ڪارب Amonium Carb 30 : نهايت ضدي قبضي پيٽ جي آڦري، براز وڏو ۽ سخت، هوا خارج ڪرڻ جي لاءِ مريض تمام گهڻي ڪوشش ڪري، ليڪن بي فائدي، مقعد مان نڪرڻ کانپوءِ ڪاڪوس ڪري، ڪافي دفعہ سائي رنگ جي مڪ جو اخراج اهڙا مريض جن جي پيٽ تي تمام گهڻي چربي جمع هجي.

برائي اونيا Bryionia 30 : خشڪ ۽ ڏگهو پاخانو جيڪو

رطوبت کان خالي هُجي، براز خشڪ چڙ ته سڙيل هجي، خشڪي جي ڪري آنڊن جو فعل ختم ٿي وڃي، مريض ۾ اُڄ جي زيادتي پاتي وڃي Appendiuts جي عارضي سان گڏ پاتي ويندڙ قبضي موسم گرما جي قبضي.

پلاٽينا Platina 30 : اهڙا ماڻهو جن کي سفر ڪرڻ ڪانپوءِ قبضي جو عارضو ٿي پوي، انهن لاءِ مُجرب دوا آهي، هرهر رفع حاجت جي خواهش، براز جو اخراج انتهائي مُشڪل هُجي، براز ليسدار نرم گاري جيان سيهي (Lead) جي زهر سبب ٿيڻ وارو قبض.

پلبم ميٽ Plumbum 30 : مزمن قبضي جي انتهائي مفيد دوا آهي، هن دوا جي قبضي اوپيم جي قبضي جيان هوندي آهي، مگر هن دوا جا مرض آنڊن ۾ ڪُجهه نه ڪُجهه حرڪت ٿيندي آهي، آنڊن جي غدودن جي رس تمام گهٽ پئدا ٿيندي آهي انتهائي سخت قبضي جيڪ ڪنهن به طرح نه کلي، براز ڦينگڻن جيان خارج ٿئي. خشڪ ۽ سُدن وارو ڪاڪوس، مقعد ۾ انقباض ۽ تشنج جو سبب سُور.

سلفر Sulfer 200 : هرهر بيسود حاجت، مقعد ۾ حدت، پراءَ ۽ تڪليف جو احساس، براز سخت، ڳنڍيدار، چڙ ته ساڙيل هجي، ڪاڪوس خارج ڪرڻ ان پهريان تڪليف، براز جو وڏو حجم جيڪو درد جو باعث بڻجي، بارانهي خوف کان بيت الخلا نه وڃي، رفع حاجت ڪانپوءِ اهو احساس ته پاخانو اجا باقي آهي مقعد ۾ مريض غير مُطمعن، صبح جو خالي پيٽ ڪارائجي.

سليشيا Silicia 6x 30 : پاخاني ڪرڻ جي قوت زائل. مريض جيڪڏهن پاخاني دوران زور لڳائي بند ڪري ته نڪتل پاخانو واپس مقعد ۾ هليو وڃي، انتهائي بدبودار ريح ۽ پاخانو.

سلينمر Selenium 30 : پاخانو ايتري قدر سخت جو مقعد ۾ جمع ٿي وڃي ۽ انکي خارج ڪرڻ لاءِ هترادو طريقا واپرائجن. براز تمام سخت ۽ وڏي Size واري. وارن جيان سُوتي ڪينئا ۽ ريشا. قبضي ۽ جگر جا پراڻا عارضا ان لاءِ سود مند دوا آهي. ڪڏهن ڪڏهن پاخاني ڪانپوءِ ٿورو رت اچي. ڪاڪوس خارج ڪرڻ لاءِ زور لڳائڻو پوي تہ مَني يا مزيءَ جا قطرا خارج ٿين. ڪاڪوس ڏکيو ۽ تلهو خارج ڪرڻ مشڪل. مقعد جي ڦاٽي پوڻ جو خدشو.

سيني ڪيولا Sanicula 30 : قبضي لاءِ مفيد دوا آهي. هن دوا جا مريض جن جو ڪاڪوس وڏو ۽ سخت هوندو آهي. جنهن ڪي خارج ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. پاخاني خارج ڪرڻ وقت شديد سور جيستائين مقعد ۾ تمام گهڻو پاخانو جمع نہ ٿئي ايستائين خواهش پئدا نہ ٿئي. تمام گهڻي ڪوشش ۽ زور لڳائڻ ڪانپوءِ ٿورو ڪاڪوس باهر اچي ۽ اندر هليو وڃي. بدبودار پاخانو.

استينمر ميٽ Stanium 30 : ڪجهہ ڏينهن آرام ڪرڻ ڪانپوءِ قبضي جو عارضو ٿي پوي. ان لاءِ مؤثر دوا آهي. ڊاڪٽر هيئرنگ هن دوا کي قبضي جي دوا (Monday Constipation) سڏيو آهي ۽ هن عارضي لاءِ هن دوا جي 3 ۽ 6 طاقت تجويز ڪئي آهي.

ڪالن سونيا CollinsOnia 30 : براز خُشڪ. نهايت ضدي ۽ سخت قبضي. بواسير (مَوڪا) باهر نڪري اچن. قبضي ۽ اسهال واري واري ٿين ۽ پيٽ سخت. آڦري. زمانہ حمل جي قبضي.

گريفائيٽس Graphites 30 : عورتن جا ايام حيض ۾ تاخير ٿيڻ سان گڏ اهڙو پاخانو جيڪو ڏکيو. گوڙهيون ۽ گولين


جيان جنهن تي مک چنبڙيل هجي، مشڪل سان نڪري ڪيترائي ڏينهن پاخاني جي حاجت ٿي نہ ٿئي، سخت پاخانو اچي جنهن جي ڪري مقعد ۾ چير پئجي وڃن.

ميگنيشيا ميور Mag_Mur 30 : رفع حاجت کان اڳ سور رفع حاجت ڪانپوءِ مقعد ۾ جلڻ پاتي وڃي، آنڊن ۽ مثاني جو صحيح طرح فعل انجام نہ ڏيڻ، پيشاب صرف ان وقت خارج ٿئي جهڙي وقت مريض هيٺ جُهڪي يا پيٽ تي دٻاءُ وجهي، پاخانو گهٽ مقدار ۾ سخت، رڍ جي ڦينگڙين جيان، جليل پاخانو مقعد جي ڪنارن تي ڪاڪوس پهچي ٿي پوي، اهڙي قبضي عموماً کير پيئاڪ ٻارن جي ڏندن نڪرڻ جي زماني ۾ پاتي ويندو آهي.

هائڊرائيٽس Hydraits : پراڻي قبضي سان گڏ بواسير، گهٽي مقدار ۾ قبض ڪُشا دوائن جو استعمال ڪرڻ وارن ماڻهن ۾ مابعد اثر ختم ڪرڻ لاءِ مفيد دوا آهي، هن دوا جا مريض پيٽ اندر گهريل، زمانہ حمل ۽ بعد ازحمل پئدا ٿيڻ واري قبضي هن دوا جي مدر ٽنڪچر 5_5 قطرا ڪارائجن.

## معدي جي سوزش (Gastritis)

سوزش معدي جو سبب ڪان وڏو سبب ڪائڻ پيئڻ ۾ بي اِحتياطي آهي، مثال طور تمام گهڻو ڪائي وڃڻ، استعمال ٿيل خوراڪ جو غلط امتزاج، ڪاڏو پچائڻ ۾ ڪاڪسر رهجي وڃڻ، تيز پتيءَ واري چانهن جو مُسلسل استعمال، تقيل ۽



بادي شين ۽ تيز مرچ مصالحي وارين شين جو گهڻو استعمال وغيره هن بيماريءَ جا سبب آهن. بعض اوقات مريض ڪنهن بيماريءَ ۾ ڪافي عرصو مبتلا رهڻ ڪانپوءِ معدي جي سوزش ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي.

معدي جي سوزش جا 3 قسم هوندا آهن.

**شديد يا حاد سوزش معده Acute or Severe Gastritis**

معدي جي اندروني ديوارن تي شديد ورم ۽ سوزش هجي، معدي جي لعاب دار جاري متورم ۽ سرخ ٿي وڃي، ان مان سُفيد ۽ غليظ رطوبت بڪثرت نڪرندي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ان تي ننڍا زخم ٿي پوندا آهن جن مان خون جاري ٿي پوندو آهي. جيڪڏهن ورم شديد نہ هجي تہ پيٽ ۾ بيچيني محسوس ٿيندي آهي. اوڪارا ٿيندا آهن وات مان گگ بڪثرت پيدا ٿيندي آهي. مريض کي بُکَ بلڪل نہ لڳندي آهي جڏهن تہ اُڄَ جي زيادتي پاتي ويندي آهي. قبض ۽ شديد مٿي جو سُور. شديد بخار فهم معده تي دٻاءَ سان شديد سور عموماً پنڙا دست اچن جن سان گڏ مروڙ بہ هجي.

**علاج Treatment**

**ارجنٽ نائٽ Argent Nit 30** : معدي ۾ ورم ڪنهن بہ قسم جو هن دوا سان افاقو ٿي ويندو. آڱري اوڪارا معدي ۾ ذڪڻ جو احساس.

**ٿوجا Thuja 30** : ڪائڻ ڪان بي رغبتي پاتي وڃي. مريض گوشت ۽ پٽاٽن ڪان نفرت ڪري. مرغن غذائون ۽ بعد ۾ اوڳرايون ڪثرت سان. ڪاڌي ڪائڻ ڪانپوءِ معدي ۾ سُور محسوس ٿئي.

**فاسفورس Phosphorus 30** : پاڻي پيئندي ئي الٽي ٿي وڃي، گرم خوراڪ ڪان نفرت. مريض کي ٿڌيون شيون وڻن هن دوا

جا مريض عموماً ڏکيا ۽ سنها هوندا آهن.

**ڪلڪ ڪارب Calc Carb 30** : شديد ورم معده جي بهترين دوا آهي، هرهر ڪتيون اوڳرايون. پيٽ ۾ آڪڙ معدي تي سوڄ، پيشاب جو رنگ سُرخي مائل، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن خون جي آميزش.

**ڪينٿرس Cantharis 30** : معدي ۾ خوراڪ جي ناليءَ ۾ساڙو اُڃ اهڙي جو پاڻي پيئڻ سان به نه لهي، مريض ۾ ڪائڻ پيئڻ جي شين کان نفرت اوڪارا، اُلٽي جي ڪثرت. پيشاب ڪرڻ وقت شديد جلڻ.

**ويريٽرم البم Veratrum Album 30** : ٿڌي پاڻيءَ جي اُڃ پر پاڻي پيئندي ئي سڀ تڪليفون وڌي وڃن. مريض نڍال ۽ ڪمزور.

## مزمن سوزش معده Chronic gastritis

مريض جي معدي جي سائيز (Size) وڌي وڃي، معدي جي اندروني چاري خاڪستري رنگ جي ٿي وڃي. معدي جي ديوارن جو ضعيف ٿي وڃڻ، مريض جو هاضمو خراب، بُک نه لڳي، ڪاڌي ڪائڻ ڪانپوءِ معدي ۾ بوجهه، پيٽ ۾ گئس، نفخ ۽ هرهر اوڳرايون وات ۾ ڦلوڪڙا ۽ ڇالا، وقت ۾ بدبو اچي، سيني ۾ جلڻ ۽ مٿي جو سُور هُجڻ ۽ هن مرض جو پيش خميو ثابت ٿئي، قبضي ۽ پاخانو غير هضم شده. هٿن پيرن ۾ جلڻ شديد. ورم معده جي مريض جو بروقت علاج نه ڪيو وڃي ته اهو مزمن صورت اختيار ڪري ويندو آهي، غذا ڪائڻ جا غير صحتمند اصول جيڪي وقت به وقت ڪاڌو ثقيل ۽ بادي شين جو بڪثرت استعمال به هن مرض جو سبب آهي، ڪاڌي ڪائڻ ڪانپوءِ دماغي ڪم ڪرڻ، رنج غم ذهني تناءُ، تشويش ۾ مُبتلا رهڻ وارا ماڻهو معدي جا بيا مرض، معدي جي سوزش جا شڪار ٿي ويندا آهن.

## علاج Treatment

اڪثر ڪري اهي ئي دوائون ڪم ايندڻون جيڪي Acute Gastrits ۾ ڪم ايندڻون آهن. ڪجهه وڌيڪ دوائون هيٺ ڏجن ٿيون.

بسمٿ Bismith : هي دوا معدي جي پراڻي ورم جي لاءِ مفيد آهي، معدي ۾ تشنج ۽ سور سان گڏ الٽي پاڻي وڃي، بدهاضمي جي شديد ڪيفيت، مريض ٿڌين شين ڏي مائل ڇاڪاڻ تہ ٿڌيون شيون آرام ڏين. زبان تي سفيدي مائل تهہ.

ريوميڪس Rumex 30 : معدي جو پراڻو ورم جنهن جي ڪري معدي ۾ مُسلسل سور رهي، هن دوا جي مريض کي حرڪت ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ بہ تڪليف ٿيندي آهي، معدي ۾ ڪنهن سخت شيءِ جو احساس، اوڪارا، الٽي گوشت سان تمام تڪليفون وڌن.

### معدي ۽ آنڊن جو سوزش Gastrsenteritis

هي مرض عموماً گرم علائقن ۾ پاتو ويندو آهي، جتي گرمي گهڻي پوي اتي آنڊن جي سوزش هُجڻ عام مسئلو آهي. جراثيم جي جسم ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ 4 کان 48 ڪلاڪن اندر علامتون ظاهر ٿيڻ شروع ٿي وينديون آهن ۽ جيڪڏهن مريض جو علاج مُڪمل نہ هُجي تہ هو تندرست هجڻ جي باوجود هن جي جسم مان جراثيم 4 کان 8 هفتن تائين خارج ٿيندا رهندا آهن اهڙن اجسام کي Carriers چوندا آهن يعني اهي مريض پاڻ تہ بيمار نہ هوندا آهن بلڪ ٻين ماڻهن جي بيماريءَ جو سبب بڻبا آهن. عام حالتن ۾ اوڪارا ۽ الٽي ظاهر ٿيندي آهي. اسهال بڪثرت ايندا آهن. مريض کي مٿي ۾ سُور ۽ بخار بہ ٿي سگهي ٿو هن مرض کان متاثر مريض ڪالرا جهڙي موزي مرض جو بہ شڪار هوندا آهن، مريض ۾ حد

درجي جي بيقراري ۽ بيچيني پاتي ويندي آهي.

6 بلڊپريشر ۾ ڪمي پاتي ويندي آهي، جنهن جي ڪري مريض گهبراهٽ جو شڪار ٿي ويندو آهي. 7 پيشاب ۾ رڪاوٽ بہ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. 8 پوري جسم سنڌن ۾ سُور ۽ سوجڻ ۽ آڪڙ جو محسوس ٿيڻ بہ پاتو ويندو آهي. 9 علامتن جي وڌڻ جي صورت ۾ گردا متورم ٿي ويندا آهن. 10 بعض اوقات معمولي قسم جي بدهضمي بہ هن مرض جو اهڃاڻ بڻبي آهي.

## علاج Treatment

هي مرض زهريلي ۽ خراب کاڌي جو نتيجو هوندو آهي، جنهن ۾ آنڊن ۽ معدي جي جارين ۾ سوزش واقع ٿيندي آهي، ان سوزش جي ڪري مختلف عارضا جنم وٺندا آهن، ان لاءِ عموماً اُهي ئي دوائون جيڪي، اسهال، پيچش ۽ Food poisoning جي لاءِ مُستعمل آهن، پنهنجي پنهنجي علامتن مطابق استعمال ٿينديون آهن. بحرحال ڪجهہ دوائون هن عارضي جي لاءِ مخصوص بيان ڪيون ويون آهن.

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album 200</u> : کاڌي ۾ زهر آلود عَنصر ۽ بُرن نتيجن جي پهريون نمبر دوا آهن. مريض کي شديد قسم جي ذهني اذيت سان منهن ڏيڻو پوي، ڪمزوري، ٿڪاوٽ ۽ بيچيني سان منهن ڏيڻو پوي. سڙيل ۽ خراب سبزيون، پاڻيءَ وارا ميوا ۽ سڙيل گوشت کائڻ جا خراب نتيجا. مريض کي اهو احساس ٿئي تہ جڻ کاڌي جي نالي بند ٿي وئي هُجي. کاڌي پيتي کانپوءِ اوڪارا، الٽي ۾ کٽو ۽ ڪڙو مادو نڪري. کاڌي جي نالي ۾ جلندڙ پاڻي مٿين طرف اچي، نہ اجهامڻ واري اُڃ رات جي وقت تمام تڪليفن ۾ واڌ.


<u>ارجنٽ نائٽ Argent Nit 200</u> : خوردني شين جي لڳاتار

التي، پاسيرن هيٺان چئن طرفن ۾ ڦهلجندڙ سُور، السر (Ulcer) جهڙي چِڀڙ، امعاءِ مستقيم ۾ ڳوراڻپ، چڪ، پيٽ قليل، ڪاڏي پيتي کان فوراً پوءِ اسهالن جي ڪيفيت پئدا ٿي وڃي، فُضلي ۾ مِڪُ جا ٽڪرا خارج ٿين، مريض جي حالت تازي هوا ۾ اوڳرايون ڏيڻ سان بهتر.

<u>وريٽرم البم Veretrum Album 200</u> : تيز قسم جي التي، مسلسل ۽ لڳاتار رهڻ وارا اسهال جيڪي چانورن جي پاڻي جيان هُجن، امعاءِ مستقيم ۾ شديد قسم جو سور ٿي ۽ مٿين طرف ڦهلجي وڃي، پيٽ قليل هوا جنهن ۾ ناقابل برداشت سُور هُجي، جسم جا تمام عُضوا برفيلي ٿڌ جي احساس سان پاتا وڃن.

اوڪارا ۽ التي Naurea – Q Vomiting

دل ڪچي ٿيڻ يا التي جو اچڻ ڪو عارضو ڪونهي بلڪ




هي ڪنهن مرض جي هڪ علامت آهي جيئن معدي، آنندي يا جگر جو ڪو عارضو هي عورتن جي نسواني بيمارين دوران يا حمل جي دوران التي ٿيڻ، ان کان علاوه مختلف دوائون، ڪنن جي خرابي جي ڪري، دماغ سان مُتعلق ڪنهن بيماري جي ڪري يا چند اهڙيون ذهني حرڪتون هونديون آهن، جن سبب التي (Vimiting) ٿيندي

آهي، ڪيترن ئي ماڻهن کي دوران سفر گاڏي يا جهاز ۾ الٽي ٿيڻ لڳندي آهي، معمولي الٽي جيڪا عموماً کاڌي پيتي جي خرابيت يا بخار جي ڪيفيت ۾ ٿي پوندي آهي، ڪنهن وڏي قسم جي خرابي جو باعث ناهي بڻبي، بلڪ ان قسم جي اُلٽي مريض کي هلڪو ڦلڪو محسوس ڪرائيندي آهي ڇاڪاڻ جو ان سان معدي تي بوجهہ ۽ طبيعت تان بار هٽي ويندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن الٽي مريض جي زندگي بچائڻ لاءِ ڪرائي ويندي آهي، جيئن ڪا زهريلي يا نشي آور شي کائي وجڻ جي صورت ۾ فوري طورتي الٽي ڪرائڻ جي تدبير استعمال ڪرائي ويندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن الٽي تمام شدت اختيار ڪري ويندي آهي، مريض هڪ ڍڪ پاڻي يا هڪ لقمو غذا جو کائڻ جي قابل ناهي رهندو اهڙي صورتحال ۾ پاڻي ۽ لوڻ وڏي مقدار ۾ جسم مان خارج ٿي ويندا آهن ۽ مريض (De hydration) جو شڪار ٿي ويندو آهي. مريض تي غشي ۽ بيهوشي طاري ٿي ويندي آهي، گردا متاثر ٿي پوندا آهن، معدي مان هائڊرو ڪلورڪ ايسڊ مسلسل ضايع ٿيڻ لڳندو آهي، مريض کي دؤرا ٿيڻ لڳندا آهن ۽ ڪافي پيچيدگيون پئدا ٿي پونديون آهن جن ۾ زندگيءَ کي خطرو لاحق ٿي پوندو آهي.

انساني دماغ ۽ حرام مغز (Medula Oblangata) ۾ الٽيءَ جا ٻہ مرڪز هوندا آهن. انهن مان هڪ کي الٽيءَ جو حقيقي مرڪز چوندا آهن، جيڪو ڪنهن تحريڪ باعث اُلٽي شروع ڪرائيندو آهي، جڏهن تہ ٻيو مرڪز اهو آهي جيڪو مختلف دوائن يا تماڪ ۽ ٻين نشي آور شين جي ڪري جسم ۾ پئدا ٿيڻ واري مختلف زهرن جي ڪري تحريڪ پڪڙيندو آهي، اتي اسان تمام سبب بيان ڪنداسين.

1 معدي جي امراضن ۾ عموماً ڪاڏي ڪائڻ ڪانپوءِ اُلٽي ٿيندي آهي. 2 ڪڏهن ڪڏهن پيٽ خالي تي به الٽي ٿيڻ لڳندي آهي. 3 مريض کي غذا کان نفرت ٿيڻ لڳندي آهي. 4 عموماً مريض غذا ڏسندي ئي اُلٽي ڪندو آهي. 5 ڪُجهه مريض غذا مُتعلق سوچيندا آهن تہ الٽي جي ڪيفيت پئدا ٿيندي آهي. معدي ۾ سوزش جي ڪري هي عارضو پئدا ٿيندو آهي. نامناسب غذا جو مسلسل استعمال اوڪارن جو سبب بڻبو آهي. معدو پنهنجي جڳهہ کان هٽي ويندو آهي، اُلٽي ۽ قي جو سبب بڻبو آهي. شديد قسم جي درد گرده ۾ درد جگر ۽ Appendex جي سُور ۾ بہ هي علامتون پئدا ٿينديون آهن. ڪثرت شراب نوشي، آفيم، يا ڪنهن نشي آور شي سان اوڪرا ۽ الٽيءَ جي ڪيفيت پئدا ٿيندي آهي. آنڊن ۾ رڪاوٽ ۽ سوزش وغيره بہ اُلٽيءَ جو سبب بڻبي آهي. ڪن جو Vestibular Part جيڪو جسماني توازن برقرار رکڻ جو ذميدار آهي انجو بہ الٽيءَ جي مرڪز سان قريبي تعلق آهي.

ڪراڙن ماڻهن ۾ بہ الٽي ۽ Meniers Disease بہ ڪجهہ مثال آهن.

اهڙا تمام دماغي مرض جيڪي Intracranial pressure کي وڌائيندا هُجن اهي براهہ راست الٽيءَ جي مرڪز تي دَٻاءُ وجهي الٽيءَ جو باعث بڻبا آهن. مثال طور دماغي رسوليون (Brain Tumor) ۽ دماغي ڄارين جو ورم بہ اهڙي صورتحال جو موجب بڻبو آهي.

مختلف ذهني محرڪ جيئن اعصابي تناءُ، تشويش جذباتي هيجان ۽ هسٽريائي ڪيفيت بہ الٽيءَ جو سبب بڻبي آهي.

اهڙيون دوائون جيڪي معدي ۾ زخم ۽ سوزش جو سبب

ٻڌجن. الٽيءَ جي مرڪز ۾ تحريڪ پئدا ڪن تہ الٽيءَ جو عمل شروع ٿي ويندو آهي.

**تشخيص Diagnosis** : اُلٽي عموماً صُبح جو سير ٿيڻ واري الٽي حمل يا (Uramea) شراب پيئڻ جي سبب ورم معده جي نشاندهي ڪندي آهي.

اُلٽي جو مواد بدبودار هوندو تہ اهو آنڊن تي بيڪٽريا جي عمل جو نتيجو هوندو آهي.

الٽي جي مواد ۾ تيزابيت موجود نہ هُجي تہ اهو معدي جي سرطان جي نشاني آهي.

الٽيءَ ۾ خون جو اخراج اهو ظاهر ڪندو آهي تہ معدي يا آنندي ۾ زخم ٿي پيو آهي.

## علاج Treatment

**اپيڪاڪ Ipeacac 30** : مسلسل اوڪارا ۽ الٽيءَ جو اچڻ. ڪنهن بہ قسم جا اوڪارا ۽ الٽي ۾ مفيد دوا آهي. وات ۾ ڳِگ جي ڪثرت. زبان صاف هوندي آهي. معدو ڍلو هُجڻ جو احساس پاتو ويندو آهي.

**ايٿيوزا Aethusa 30** : ٻار کير هضم نہ ڪري سگهي. اُلٽي ڌهي جيان ڦٽڪين ۾. الٽيءَ ڪانپوءِ جلد ئي بک لڳي. ڪاڏي ڪائڻ ڪانپوءِ هڪ ڪلاڪ اندر الٽي ٿي وڃي. سفيد ڳج واري الٽي. ڪاڏو ڏسندي ئي الٽي ٿي وڃي. معدي ۾ تڪليف ده چڪ. معدي ۾ شديد سُور جيڪو خوراڪ جي نالي جي منهن تائين اچي.

**اينٽي مونيم ڪروڊ Ant Crud 30** : هيانو جو ساڙو اوڪارا. الٽي. زبان تي سُفيد تهہ ڄميل. ٻار ماءُ جو کيرُ پيئڻ بعد الٽي ڪري ڦٽ ڦٽ جيان.

اينٽي مونيمر ٽارٽ Antimonium tart 30 : مريض کي ساڄي طرف ليٽڻ سان افاقو انڪان سواءِ ڪنهن بہ حالت ۾ ليٽي تہ الٽي ڪري، الٽيءَ جي ڪثرت، بيحد ڪمزور ٿڌي پاڻيءَ جي اُڃ، خوفناڪ اوڪارا.

ايپومارفيا Apomorphya 30 : الٽيءَ سان گڏ ڪا تڪليف هُجي تہ دوا نافع آهي، الٽيءَ کان اڳ اوڪارن جي ڪيفيت، سُستي ۽ پگهر بڪثرت، وات ۾ گِگَ ۽ گِفَ جو مقدار وڌي وڃي، مٿو چڪرائي، اوڪارا ۽ اُلٽي جي زبردست خواهش.

ايپوسائينمر Apocynum 6x : اوڪارا ۽ ان سان گڏ غنودگي زبردست قسم جي الٽي، مريض جيڪو ڪجهہ کائي فوراً الٽي ڪري، پيٽ جو مٿيون حصو ۽ سيني ۾ گُهٽ جو احساس، معدي ۾ ڪمزوريءَ جو احساس.

برائي اونيا Bryionia 30 : بستر مان اٿڻ تي اوڪارا ۽ بيهوشي پاتي وڃي، ذائقي جي حس ختم، مريض گهٽي مقدار ۾ پيئي، کاڌو کائيندي ئي الٽي ڪري ڇڏي، گرم پاڻي چانهن ۽ کير سان تڪليف ۾ اضافو.

بسمٿ Bismuth 6 : نظام هضم جي حد درجي جي سُستي، مريض کي عموماً ڪيترائي ڏينهن اجابت نہ ٿئي، پيٽ ۾ ڳورائپ ۽ جلڻ جو احساس پاتو وڃي جنهن سان گڏ اوڪارن جي ڪثرت، ان سان گڏ مريض جون ذهني علامتون خاص ڪري تشويش تمام گهٽي، اهڙيون علامتون جلد نيڪ ٿي وينديون.

ويرٽرمر البمر Veretrum Album 30 : الٽيءَ جي پراڻي شڪايت جي لاءِ مفيد دوا آهي، پاڻيءَ جي اُڃ پر پاڻي جيئن ئي معدي ۾ پُهچي تہ الٽي مان مواد بڪثرت نڪري، پاڻي پيئڻ سان ۽ حرڪت

ڪرڻ سان تڪليف ۾ اضافو ٿيندو آهي، الٽي ڪرڻ ڪانپوءِ انتهائي ڪمزوري پاتي ويندي آهي.

**ڪالچي ڪم Colchicum 30** : کاڌي جي خوشبو کان اُلٽي پيدا ٿئي، وات خُشڪ هوندو آهي، زبان ۾ جلن هوندي آهي، معده ۾ سُور آڦري پاتي ويندي آهي، وات ۾ ڳِگ جي ڪثرت، وات خشڪ هُجي، هر قسم جي حرڪت ڪرڻ سان تڪليف ۾ اضافو.

## وات جا ڦلوڪڙا (ڇالا) (Stomatitis)

اڪثر ماڻهو انکي بخار چڙهڻ جي شڪايت چوندا آهن، هن مرض ۾ وات اندر ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻاهرين طرف ڦلوڪڙا نڪرندا آهن جن ۾ شديد درد ۽ ساڙو هوندو آهي، هن مرض ۾ هر اهو شخص مبتلا ٿي سگهي ٿو جنهن جا ڏند خراب هُجن. مهارن ۾ ورم هُجي، سوزش، تماڪ نوشي يا تماڪ خوري وارا فرد به هن مرض جا شڪار ٿي سگهن ٿا، پر هن مرض جو وڏو سبب معدي ۾ گهٽي تيزابيت يا معدي جي گهرائي مان اچڻ واري بدبو هوندي آهي. اهڙي صورت ۾ وات جي صفائي ۽ دوائن سان گرڙيون ڪرڻ بي سُود هوندو آهي.

## علامتون Symptoms

وات اندر ڳاڙهي رنگ جا ڇالا (زخم). چپن جي چوڌاري ٻڄڻ وارا ڦلوڪڙا به هن مرض جو تسلسل هوندا آهن. وات اندر جلڻ ۽ درد جو هُجڻ. وات مان گندي بوءِ جو اچڻ هن مرض جي علامت آهي.

## مرض جا سبب Cause of diseases

وات مان ٻڄڻ واري لعاب جي ڪمي سبب هي مرض لاحق ٿيندو هي.

ڏندن جي صفائي نه ڪرڻ سان هي مرض لاحق ٿي سگهي

ٿو.

ڪاڏي ڪائڻ ڪانپوءِ وات صاف نہ ڪرڻ وارا ماڻهو عموماً هن عارضي جا شڪار رهندا آهن.

نظام استحالہ (Metablism) جي خرابي بہ هن مرض جو هڪ سبب آهي.

گهٽ خوراڪ، چاڪاڻ تہ جسم ۾ موجود چربي جلڻ سان ايسيٽون (Acetone) خارج ٿيندي آهي جيڪا بوءِ جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

گهٽو ڪري کير پياڪ ٻار جن جي پرورش کير تي هجي تمام گهڻا ڪمزور هجن، اهي هن مرض جو شڪار ٿي ويندا آهن.

تپ دق، مدي جو بُخار خسرو وغيره. بہ هي مرض ٿي پوندو آهي.

ڪراڙپ ۾ قوت زيست جي ڪمزوري جي ڪري وات جا قلوڪٽا بڻجي ويندا آهن.

طب جديد جي ڪينسر جي دوائن بعد اثرات طور وات ۾ قلوڪٽا نڪري ايندا آهن.

مرڪري جي استعمال ڪانپوءِ وات اندر ۽ هٿن پيرن تي قلوڪٽا ٿي پوندا آهن.

علاج Treatment

<u>Arsenic Album 30</u>: جڏهن قلوڪٽا ڦهلجي معدي ۽ آنڊي تائين پهچي وڃن تہ هي دوا مفيد آهي، قلوڪٽا ڪاري رنگ جا هُجن. وات مان بدبو اچي.

<u>اينٽينيم ٽارٽ Ant tart 30</u> : جڏهن وات ۾ قلوڪٽا هُجن ۽ ٻار کير پيئندي ئي الٽي ڪري ڇڏي تہ هي دوا نافع آهي.

بوريڪس Borax 30 : ٻارن ۾ عموماً زبان تي ۽ ڳِڙن جي اندر ڦلوڪڙا پئجي وڃن، جنهن سبب کير نہ پئي، ٻار جو وات تمام گرم ۽ خُشڪ هُجي، ٻار کير پيئندي وقت پستان ڇڏي ڏي، ننڊ دوران چرڪي.

برائي اونيا Bryionia 30 : وات انتهائي خشڪ هُجي، ٻار وات خُشڪ هُجڻ ڪري کير نہ پيئي، اگر پستان ۽ وات کي تر ڪري ڇڏجي تہ ٻار پوري رغبت سان کير پيئڻ لڳي.

سلفيورڪ ايسڊ Sulfuric Acid 30 : ٻار ڪَتي الٽي ڪري، ٻار جي جسم مان ڪتي بوءِ اچي باوجود هر طرح جي صفائي جو خيال رکڻ جي.

سلفر Sulfer 30 : جڏهن ڦلوڪڙا دٻجي ويا هُجن ان دوا جون چند خوراڪون ڏيڻ سان مرض بلڪل ٺيڪ ٿي ويندو آهي.

ڪالي ميور Kalli mur 30 : مريض جي زبان سُفيد هوندي آهي، بعض اوقات قبضيءَ جو عارضو بہ هوندو آهي، هي دوا 3x ۾ بيروني طورتي ڦلوڪڙن تي لڳائڻ جو ڪم بہ ڪندي آهي.

مرڪسال Merc Sol 30 : وات جي ڦلوڪڙا لاءِ اڪسير دوا آهي، بشرطيڪ وات ۾ ٿڪ بڪثرت ٺڄي، ٻار جي وات مان هر وقت ڳِگ وهي، ڪنڌ جا غدود بہ متورم هجن. سبز رنگ جا اسهال تقريباً هر حالت جنهن ۾ گهري سوزش آميز سُرخي ۽ مهارن جي پاڙن جي سوڄ هجي تہ هي دوا تجويز ڪئي ويندي آهي. هن دوا جو وڏي طاقت ۾ گهڻو استعمال تمام جسم تي ڦلوڪڙا بنائڻ جو موجب بڻبو آهي.

**وات مان بدبو اچي Offensive/ Fetid O dour from mouth**

هن مرض ۾ مريض معاشرتي طورتي پنهنجو پاڻ کي تمام

اڪيلو محسوس ڪندو آهي، ڇاڪاڻ تہ مريض ڪنهن سان ملي يا ڳالهائي تہ انتهائي ناگوار بوءِ ايندي آهي، جنهن جي ڪري مريض پنهنجو پاڻ کي بلڪل الڳ ٿلڳ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪنهن سان ملندي گهٻرائيندو آهي.

### مرض جا سبب Cause Of diseases

هن مرض جا اسباب جن ۾ هي ڳالهيون قابل ذڪر آهن:

مريض جو وات خراب رهندو آهي.

ڏندن ۾ خوراڪ جا ذرا رهجي وڃن.

ڏندن تي ٿارٿر Taster جي جمع هجڻ سان بہ هي عارضو ٿي ويندو آهي.

ڏندن جو بوسيده ٿيڻ، مهارن جو خراب ٿيڻ بہ هن مرض جو هڪ سبب آهي.

معدي جي پراڻين خرابين سان مريض جي وات مان مستقل بوءِ اچڻ شروع ٿي ويندي آهي.

### علاج Treatment

<u>آرنيڪا Arnica 30</u> : وات مان ڳريل سڙيل انڊن جيان بدبو اچي، مريض جي ان بوءِ جي ڪا خاص وجهہ نظر نہ اچي ايندي، وات خشڪ رهندو آهي جڏهن تہ اُڃ جي شدت پاتي ويندي آهي.

<u>پلسٽلا Pulsatilla 30</u> : بدهاضمي جي باعث وات مان بدبوءِ ايندي آهي، ان لاءِ مفيد دوا آهي. مريض جو هاضمو چٽپٽيون شيون کائڻ سان عموماً خراب رهندو آهي.

<u>اسپائي جيليا Spigelia 30</u> : زبان ڏريل جنهن سان گڏ مريض جي وات مان بدبو اچي تہ هي دوا نافع آهي، زبان جي پوئين حصي ۽ مهارن ۾ شديد سُور محسوس ٿيندو آهي، هن دوا جي مريض

ڪي خود بوءِ محسوس ناهي ٿيندي.

سليشيا Silicia 30 : ڏندن جي پاڙن ۾ پونءِ جي ڪري وات مان بدبو اچي، ماسخور جي لاءِ بهترين دوا آهي.

ڪاربوويج Carbo_Veg 30 : مهارون سُڄيل هُجن ۽ انهن مان رت وهي ۽ ڏندن کان الڳ ٿي رهيا هُجن. وات ۾ ننڍا ننڍا داڻا هُجن.

ڪالي فاس Kalli_Phos 6x : مريض جو وات بلڪل خشڪ هُجي، زبان تي بادامي رنگ جو ٿهُ ڄميل هُجي، مهارن مان خون نڪري ۽ ان تي سرخ رنگ جي ليڪ هجي.

ڪريازوٽ Kreozote 30 : ڏند بوسيده ۽ ڪمزور حالت ۾ هُجن، ڏندن تي ڪاري رنگ جا داغ هُجن، مهارون اسفنج جيان ڦليل هُجن.

مرڪسال Merc Sol 30 : ماسخوري ۾ جي لاءِ نافع دوا آهي، ڏندن جي مٿان حصو ڳري وڃي، گرم ۽ ٿڌيون شيون ٻئي تڪليف جو سبب بڻجن ۽ وات مان ڳِگ وهي جيڪا رات جو وڌي.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid : زبان جي ڪنارن تي داڻا، تارونءَ تي زخم هُجن، ڏند لڏي رهيا هُجن، وات ۾ ٿُڪَ گهڻي بڻجي، مهارون نرم ۽ اسفنجي هُجن.

نڪس واميڪا Nux Vomica 200 : معدي جي خرابيءَ سبب وات مان بدبو اچي.

## وات مان گهڻو پاڻي اچي (Salivia Excess)

هي مرض عموماً وات جي ڦلوڪڻ (ڇالن) جي ڪري ٿيندو آهي يا معدي جي ڪنهن به مرض جي هڪ ذيلي ڪيفيت طور ظاهر ٿيندو آهي، عام ڪري هي مرض ننڍين ٻارن ۾ گهڻو ظاهر ٿيندو آهي،

پر وڏا بہ ان مان متاثر ٿي سگهن ٿا، هي مرض جيڪڏهن پُراڻو ٿي وڃي تہ گهڻي تڪليف جو سبب بڻبو آهي، وات مان گهڻي پاڻيءَ جو اچڻ. پاڻي صرف ڏينهن جو پر اڪثر رات جو ڳِگ جي صورت ۾ وهاڻو پسي آلو ٿي ويندو آهي.

علاج Treatment

برائي اونيا Bryionia 30 : وات مان تيزابي پاڻيءَ جو اچڻ جيڪو بغير ڪنهن ذائقي جي هُجي ۽ گڏ اوڪارا بہ هُجن. اڪثر مريض کي وات جي خشڪيءَ جي شڪايت بہ رهندي آهي.

پيٽروليم Petrolium 30 : وات مان پاڻيءَ جي ڪثرت جنهن سان گڏ صُبح جي وقت اوڪارا اچن.

پلسٽلا Pulstilla 30 : حيض دوران يا هڪ ڏينهن اڳ ۾ رات جو پاڻي وات ۾ گهڻي مقدار مان خارج ٿئي.

چيلنڊونيم Chelendonium 30 : وات جو ذائقو ڪڙو ۽ پاڻي جي ڪثرت.

سليشيا Silicia 30 : تڏ لڳڻ سان پاڻي جي زيادتي وات ۾.

سيپيا Sepia 30 : شرابي ماڻهن جي وات ۾ هر وقت پاڻيءَ جي زيادتي رهي.

ڪاربو اينيملس Carbo_animals : وات ۾ لوڻيانو پاڻي اچي ۽ ٻاهر وهي ڪثرت سان.

لائيڪوپوڊيم Lycopodium 30 : حمل دوران وات مان پاڻيءَ جي زيادتي، آڪڙ سان گڏ دل ڪچي ڪچي ۽ بدهاضمو.

Lechasis 30 ليڪسس: وات مان خراشدار پاڻيءَ جي زيادتي جنهن جي ڪري وات ۾ ڦلوڪڙا ظاهر ٿين.

مرڪسال Merc Sol 30 : وات مان پاڻيءَ جي ڪثرت،

مريض عموماً پاڻي ڳيتڻ سان اوڪارا ڏئي.

**ميگنيشيا ميور Mag_Mur 30** : مٿي جي سور سان گڏ پاڻيءَ جي ڪثرت پاتي وڃي تہ هي مفيد دوا آهي، مريض کي کير هضم نہ ٿئي، گنديون اوڳرايون.

**نڪس واميڪا Nux_Vomica 30** : هيانو جو ساڙو وات مان پاڻيءَ جي زيادتي، قولنج (Colic)، بدهاضمو تڪليف ڪائڻ ڪانپوءِ.

## مقعد پچو ٻاهر نڪرڻ Prolapse of Rectum

هي مرض عموماً ننڍين ٻارن ۾ ٿيندو آهي، مقعد جي ڪمزوري يا بغير ڪنهن سبب جي ٿي سگهي ٿو هن جا سبب پراڻي قبضي ۽ اسهال، پراڻي پيچش وغيره يا پوءِ انهن ماڻهن ۾ پاتي ويندي آهي جيڪي ڪاڪوس ڪرڻ لاءِ زور لڳائيندا هُجن. ڪينئن جو پيٽ ۾ هجڻ ۽ ان سان گڏ خارش ٿيڻ مقعد ۾ اهي علامتون بہ ملنديون آهن.

### علاج : Treatment

هر قسم جي ڪيس لاءِ Podophylum پوڊوفائلم بهترين دوا آهي، پر جي Podophylum ڪم نہ ڪري تہ Ruta سان آرام ملي ويندو آهي.

**اگنيشيا Ignatia 30** : هن مرض جي خاص دوا آهي، هن دوا جي خاص علامت اها آهي تہ تيز چاقوءَ لڳڻ جهڙا سور ٿين جيڪي مقعد کان ٿي مٿي وڃن، پاخاني بعد چڪ ۽ تقريباً هر ڪاڪوس ڪانپوءِ مقعد ٻاهر نڪري پوي.

**ايلوز Aloes 30** : اسهالن سان گڏ خون وهي، امعاءِ مستقيم جي سوزش جنهن سان گڏ مقعد ٻاهر اچي.

ايسڪيولس هپ Aesculus Hip 30 : پاخاني ڪانپوءِ خروج مقعد. وڏا وڏا مَساَ جيڪي امعاءِ مستقيم کي بند ڪري ڇڏين، مقعد ۾ چاقو لڳڻ جهڙا سور ٿين.

ايسڊ ميور Acid Mur 30 : جڏهن پيشاب ڪرڻ لاءِ زور لڳايو وڃي تہ مقعد ٻاهر نڪري پوي تہ هي دوا بهترين فائدو ڏيندي.

بيلاڊونا Belladona 30 : امعاءِ مستقيم (Rectum) جي ٻاهر نڪرڻ جي لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي، پيٽ ۾ زبردست قسم جو تناءُ مقعد ٻاهر نڪرڻ سان گڏ اسهال بہ هُجن.

گيمبوجيا Gambogia 30 : جلڻ دار، سبز ناڪافي پاخانو پاخاني جي شديد خواهش ٿيندي آهي ليڪن ڪاڪوس لاءِ زور لڳائڻو پوي ۽ مقعد ٻاهر نڪري پوي.

مرڪسال Merc Sol 30 : پيچش جي ڪري مقعد ٻاهر نڪري پوي تہ هي دوا نافع هوندي آهي، پاخاني ڪرڻ وقت ۽ بعد ۾ بہ پاخاني جي حاجت.

نڪس واميڪا Nux Vomica 30 : جيڪڏهن مريض مستقل طورتي قبضي جو شڪار هُجي ۽ انجي ڪري مقعد ٻاهر ٿيڻ جي شڪايت هُجي تہ هي دوا تمام مُفيد هوندي آهي.

## مقعد جي خارش Anal Itching_Prurtis Ani

مقعد پرسان چمڙي ۾ سوڄ، سرخي لالاڻ ۽ خارش هوندي آهي جنهن کي (Prurctis Ani) بہ چوندا آهن، انجو مطلب تہ مقعد جي آس پاس خارش ڪرڻ سان بيچيني وڌي ويندي آهي، اها شڪايت عموماً گندگيءَ جي ڪري ٿهلبي آهي، اهڙا مريض عام طرح خارش صفائي نہ هجڻ جي ڪري محسوس ڪندا آهن، ڪينئن جي موجودگي بہ ڪنهن حدتائين خارش جو سبب بڻبي

آهي، ان کان علاوه بواسير جا مريض بہ مقعد جي خارش جو شڪار رهندا آهن. بهرحال مقعد جي خارش هوميوپيٿي دوائن سان ختم ٿي ويندي آهي.

**علاج Treatment**


**ايڪونائيٽ Aconite 30** : مقعد ۾ چيڙ، رات جي وقت خارش ٿئي جنهن سان گڏ سور بہ ٿئي.

**سلفر Sulfer 200** : خشڪ خارش، خارش جي ايتري شدت ٿيندي آهي جو مريض کنهي کنهي چمڙيءَ کي زخمي ڪري وجهي، مقعد پرسان کنهڻ ڪري حِصَا سرخ ٿي ويندا آهن. خارش رات جي وقت تمام وڌي وجي.

**سائنا Cina 30** : ڪينئن جي ڪري ٿيڻ واري خارش جي لاءِ مفيد دوا آهي.

**ميوڪونا Mucona Q** : بواسيري خارش جي لاءِ نافع دوا آهي، ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي آرام ملي ويندو آهي، هڪ قطرو روزانا هڪ خوراڪ استعمال ڪرايو.

**نڪس واميڪا Nux Vomica 200** : امعاءِ مستقيم تي مسلسل بوجهہ، بيچيني، خارش حاجت جي خواهش هوندي آهي، پر ڪوشش ناڪام ٿيندي آهي. هي دوا سلفر سان گڏ ڏيڻ ۾ تمام گهڻو فائدو ڏيندي آهي. Sulfer صبح جو خالي پيٽ ۽ Nux vomica رات جو استعمال ڪرائجي.




## مقعد جو ڦاٽڻ ڏرڻ، چيرجڻ Fissure

مقعد جي چمڙيءَ تي هڪ وڏو زخم ٺهجي وڃي تہ ان کي شقاق المقعد (Fissure) چئبو آهي، هي مرض عموماً گهٽو ڪري عورتن ۾ عام آهي ۽ جوانيءَ ۾ ئي تي پوندو آهي. ڪراڙپ ۾ چمڙي جي لڙڪڻ جي ڪري بيماريءَ جا امڪان گهٽجي ويندا آهن.

## Symptoms علامتون

اجابت جي وقت شدت جو سُور ۽ بعد ۾ بہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ سُور جيترو گهرو زخم هوندو اوتروئي شديد سُور تيندو آهي، هي سور خود ختم ٿي ويندو آهي، جيستائين بي اجابتدنہ ٿئي، سور جي شدت سبب پيشاب جي حاجت بہ هرهر تيندي آهي، ڪاڪوس رت لڳل هوندو آهي، مقعد جي سڪڙڻ جي ڪري پاخانو

ننڍو ۽ زرد سيلان بہ مقعد مان ٿيندو آهي.

## مرض جا سبب Cause of diseases

1 قبضيءَ جا پراڻا مريض، انهن ۾ تڪليف اڪثر ٿيندي آهي. 2 بواسير جو بروقت علاج نہ ڪيو وڃي تہ هن مرض جا امڪان وڌي ويندا آهن.

## علاج Treatment

بربرس ولگرس Berberis Vulgars : اندروني چير جيڪو نظر نہ اچي جنهن مان گهاٽو زرد مواد اچي، مقعد ۾ جلڻ محسوس ٿئي.

پيونيا Paeonia 30 : زخم پر درد، زخمن جو رنگ واڱڻائي، زخمن تي ڇُونڊا، مقعد جا ڪنارا ڦاٽڻ بعد پاڻي وهندو رهي، مقعد ۾ ڪترڻ جهڙو سُور، مقعد ۾ خارش ۽ چير، پاخاني وجڻ بعد جلڻ، پاخاني وجڻ بعد مريض کي سردي محسوس ٿئي، چڏن ۾ بدبودار پگهر.

ريٽينا Rathania 30 : مقعد جو ڦاٽڻ، مقعد جي سڪڙڻ ۽ جلڻ جڻ اُتي ڪوئلا پيا هُجن، مقعد ۾ باهہ جهڙي جلڻ، اجابت ڪانپوءِ مريض تڙپندو رهي، سور پاخاني کان پهريان ۽ اچڻ دوران ناهي ٿيندو جيترو پاخاني بعد ٿيندو آهي ۽ هي سُور گوڏن تائين ويندو آهي، مريض کي ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ پاخاني جي جاءِ پريل هُجي، مقعد ۾ خشڪي ۽ گرميءَ جو احساس، مقعد ۾ سنها ڪينئان هُجن، مقعد جي ڦاٽڻ جي اعليٰ دوا آهي.

گريفائيٽس Graphites 30 : مقعد جي ڦاٽڻ لاءِ مُفيد دوا آهي، جيڪڏهن علامتون موجود هُجن تہ قبضي، پاخانو ڳنڍ دار، ڏگها

۽ ٽڪر مڪ سان ويڙهيل، پاخاني بعد مِڪُ جو اخراج، مقعد ۾ ڏڍ Eczema هجي.

**نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid** : مقعد تي هي دوا باقائد اثر ڪري ٿي، اجابت دوران ۽ بعد مقعد ۾ شدت جو سور، پاخانو چاهي ڪيترو به سنهو ڇو نه هُجي، پوءِ به سور پاتو ويندو آهي، پاخانو انتهائي سخت هوندو آهي جيڪو مقعد کي وڏيڪ بگاڙي ڇڏيندو آهي، پاخاني ڪرڻ کان هڪ ٻه ڪلاڪ ڪانپوءِ تائين سور سان مريض تڙپندو آهي.

**نيٽرم ميور Nat mur 30** : مقعد جي خُشڪي جنهن ۾ چير جي ڪيفيت پئدا ٿي وڃي، وات، چَپ، آنڊا ۽ مقعد ۾ خشڪي پاتي ويندي آهي، خشڪي ۽ خارش جي ڪري مقعد جو ڦاٽڻ، چَپ ۽ وات جا ڪنارا به ڦاٽي پون.

### مقعد جو ناسور (Fistula of Anus)

فسچولا (Fistula) لاطيني زبان ۾ نالي يا پائيپ کي چوندا آهن، طب جي اصطلاح ۾ ان مان مراد نلي جيڪا غير قدرتي رستو هُجيءِ جيڪا جسم جي اندروني ٻن عضوون جي وچ ۾ يا ڪنهن عضوي کان جسم جي ٻاهرين سطح تي پئدا ٿيندو آهي، عربي ۾ هن کي ناسور چوندا آهن، مثلا ڏند ۾ ناسُور، اک جي ڳوڙهن جي ٿيلهيءَ ۾ ناسُور، ڌُن ۾ ناسُور، عورتن ۾ دوران زچگي ڪا پيچيدگي پئدا ٿي وڃي ته مثاني ۾ ناسور (Fistula) بڻجي ويندو آهي جنهن جي ڪري اهڙي عورت جي باقي زندگي انتهائي تڪليف ۾ گذرندي آهي. فسٽولا جو لفظ جيڪڏهن بغير ڪنهن لاحقه جي استعمال ڪيو وڃي ته انجو مطلب مقعد جو ناسُور ونبو اردو ۾ ناسور جو جمع نواسير ٿيندو مقعد جي ڦرڙيٰ جيڪا ازخود ڦاٽي پوي يا آپريشن ذريعي

خراب ٿي وڃي تہ اهو ناسُور جي صورت اختيار ڪري وينـدي آهـي، اهڙي صورتحال ۾ مريض جي مقعد مان مُسلسل پونءِ دار مواد رسنـدو آهي، جڏهن مواد رسڻ بند ٿي وڃي تہ مريض کي شديد سُور ۽ آرامي ٿيندي آهي.

## علامتون Symptoms

شروع شروع ۾ سڌو آنڌي ۾ هڪ طرف ننڍي ڦرڙي نڪرندي آهي جيڪا بعد ازان وڏي ٿي ڪري مريض کي بي آرامي ۽ درد جي ڪيفيت کان دوچار ڪندي آهي ڪجهہ ئي ڏينهن کانپوءِ آس پاس جي جڳهہ سُڄي ويندي آهي ۽ ان پونءِ دار مواد شروع ٿي ويندو آهي، ۽ ناسور جو مُنهن کلي ويندو آهي ۽ پونءِ جو اخراج ٿيڻ لڳندو آهـي ۽ سُور گهٽ ٿي ويندو آهي، عموماً هي علامتون پاتيون ويندیون آهن.

1 مُسلسل پونءِ آلود سيلان جو خارج ٿيڻ. 2 مريض انتهائـي سور ۽ تڪليف جي حالت ۾ هوندو آهي. 3 ناسُور رسڻ واري نـالـي مقعد لڳ هڪ کان ڏيڍ انچ جي مفاصلي تي هوندي آهي. 4 ڪڏهـن ڪڏهن ان ناليءَ جو منهن خودبخود پرجي ويندو آهي ۽ مواد جمع ٿي ڦرڙي جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي، ناسور جي پرسان چمڙي ۾ ڦڙڪڻ ۽ چمڙي سخت ٿي ويندي آهي.

## مرض جا سبب Cause Of diseases

فسچولا ۽ مبرز جي چوڌاري پونءِ جمع ٿي ويندي آهي، آنڊي ۾ جهلي جاريءَ ۾ زخم ٿي وڃڻ جو سبب بڻبو آهي. فضـلـي ۽ گـئـس جو دباءُ زخم کي جلدي پرڻ ناهي ڇڏينـدو ۽ اهـڙي طـرح هـي زخـم عرصي تائين سائو رهندو آهي ان کان علاوه هاضمي واري نـظـام جـا اهڙا امراض جيڪي نيڪ نہ ٿي رهيا هُجن جيئن بواسير. مـقـعـد جـا معمولي زخم ۽ بيو مقعد جون اهڙيون بيماريون جيڪي بعد ۾ ناسور

جو سبب بڻبيون آهن.

## علاج Treatment

ايسڊ فلور Acid Flour 6 : ڪنهن بہ قسم جي فسچولا جي لاءِ مجرب دوا آهي، هر ڇهن ڪلاڪن بعد خوراڪ ڏيڻ ڪانپوءِ تمام ڪيس ٺيڪ ٿي ويندا آهن.

بربرس ولگرس Berberis Vulgaris 30 : مقعد جي آس پاس ڪترڻ جهڙو شديد سُور ۽ جلڻ جو احساس پاتو وڃي ٿو. مريض کي هر وقت اجابت جي خواهش رهندي آهي، پاخانو ٻڪري جي ڦينگڻن جيان ٿئي.

ٽيوبرڪلينم Tuberculium 200 : اڪثر ناسور، تپ دق جي علامت ٿيندو آهي، ناسُور جي جاچ ڪرڻ تي تقريباً 10 فيصد مريض تپ دق ۾ پاتا ويندا ويندا ويندا آهن. ان جي لاءِ مقعد جي ناسُور جي مريض جو علاج شروع ڪرڻ کان پهريان هن دوا جون چند خوراڪون ڏيڻ مفيد رهنديون.

سليشيا Silicia 200 : مقعد جي ناسُور جي اعليٰ دوا آهي، هن دوا جي مريض ۾ پاخانو سخت قسم جو ايندو آهي. اڌ ڪاڪوس نڪري وري واپس موٽي ويندو آهي. مقعد جي ڀرسان ڪترڻ جهڙو سُور پاتو ويندو آهي. مقعد ۾ انتهائي خارش پاتي ويندي آهي ۽ جلڻ ٿيندي آهي، ناسور مان مُسلسل پاڻي رسي.

سلفر Sulfer 30_200 : ناسور مان مُسلسل سبز يا زرد رنگ جو ميوڪس رسي، مريض کي شدت جو سُور هجي.


اسٽيفلوڪوڪين Staphylococin 30_200 : ڪنهن بہ ٻي دوا سان معاون طور استعمال ڪرائڻ سان مرض تمام جلد ٺيڪ ٿي ويندو آهي.

لیڊم پال Ledum Pal 200 : هي دوا زخم پرڻ جي لاءِ ترياق مڃي ويندي آهي، مقعد جي ناسُور ۾ ڪاميابيءَ سان استعمال ڪئي ويندي آهي، مريض جي مقعد جي آس پاس اعصابي سُور جيڪو نرن (نهائين) تائين ڦهلجي ويندو آهي.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid : زخمن ۾ ڪنڊي جهڙو احساس پاتو ويندو آهي، پاخاني ڪانپوءِ سُور ۽ پاخاني ۾ انتهائي بدبو ڪاڪوس چمڙي کي لڳي پوي تہ اهو حصو ڇلهجي پوي ۽ سرخ ٿي وڃي.

## هيضو Cholera

هي آنڊن جي حاد (Acute) بيماري آهي جيڪا Vibrio



Cholera بيڪٽريا جي ڪري ٿيندي آهي، هن بيڪٽريا جي شڪل "و" جيان هوندي آهي، هن جو دورانيو چند ڪلاڪن کان

چند ڏينهن تائين رهندو آهي، مغربي مفسرين هن کي ايشيائي کالرا به سڏن ٿا. کالرا جا جراثيم پنهنجي ڪيميائي مادي Entero toxins پئدا ڪندا آهن. جيڪا ننڍي آنندي ۾ پاڻي ۽ لوڻ جي انجذاب کي روڪيندا آهن ۽ لوڻيات (نمڪيات) کي خارج ڪندا آهن. اهڙي طرح جسم مان تمام گھڻو پاڻي خارج ٿي ويندو آهي ۽ مريض پاڻي جي گھٽتائي (Dehydration) جو شڪار ٿي ويندو آهي، عام طورتي تيزڻ واري کالرا ۾ الٽي ۽ دستن سان گڏ پيٽ ۾ سخت مروڙ جي ڪيفيت هوندي آهي، ليڪن بند کالرا ۾ دست ۽ الٽي بلڪل نه هوندي آهي، صرف وڪڙ سان گڏ پيٽ ۾ شديد سُور ٿيندو آهي ۽ مريض کي گهبراهٽ ٿيندي آهي، مريض انتهائي ڪمزور ۽ ڏبرو ٿي ويندو آهي، هي هڪ شديد وچڙندڙ بيماري آهي جيڪا هڪ ماڻهوءَ کان ٻي کي لڳندي آهي، ان بيماري جي خصانت (Period of Incubation) ٻن کان 5 ڏينهن تائين رهندي آهي. مرض جي شدت مختلف حالتن ۾ مختلف هوندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن مرض ايترو خفيف هوندو آهي جو مريض ڪمزور به نه هوندو آهي جو مريض آرام ڪري ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايترو شديد هوندو آهي جو مريض 24 ڪلاڪن اندر موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهي.

### علامتون Symptoms

1 مريض کي بڪثرت الٽي ۽ دست ايندا آهن. دستن جو رنگ چانورن جي پاڻي جيان هوندو آهي. 2 پيٽ ۾ زبردست قسم جي مروڙ ٿيندي آهي. 3 جسم جا تمام عضوا سخت آڪڙجي پوندا آهن. 4 نبض جي رفتار تيز. 5 جسم ڪمزور ۽ ٿڌي پگهر سان تر. 6 رت جو دؤرو صفا گهٽ. 7 جسم ۾ پاڻي جي شديد ڪمي واقع ٿي وڃي،

پيشاب جو مقدار گھٽجي وڃي. 8 ڪلاڪن جي اندر جا ڪوپا (تارا) مٿي چڙهي وڃن.

## علاج Treatment

ڊاڪٽر جي ايچ ڪلارڪ مطابق جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪالرا جي مرضن وچ ۾ رهڻ چاهي ۽ ڪالرا کان به بچڻو هجيس ته انکي Cuperm Aceticum 3x ٿوري پاڻي ۾ وجهي ونڻ گهرجي.

آرسينڪ البم Arsenic Album : مريض ۾ بيچيني حد درجي جي، بار هيڏي هوڏي پاسا ورائي. اُڃ پر ٿوري مقدار ۾ پيئي، جسم ۾ جلڻ هي دوا اسهال بلڪل پتڙا گهرا سبز. خوني ۽ جلدي جلدي حاجت. چهرو زرد مُردن جهڙو. چمڙي سُڪل، جسم سرد، اندروني طور گرمي محسوس ڪري. هن دوا جي مريض کي گرميءَ سان آرام ملندو آهي ۽ سرد شين سان علامتون وڌنديون آهن. ڪالرا جا اهڙا مريض انهن لاءِ مفيد آهي جن ۾ بغير سبب جي اچانڪ بيماري ٿي پوي.

اٿيوزا Aethusa 30 : بار بيهوشيءَ جي حالت ۾ پيل رهي، اکيون ٽِڪ ٻڌي ڏسي، پتليون ڦهليل هُجن. مريض کي کير بلڪل موافق نه اچي. بار کير پيئي ته جلدي جلدي ڦٽ ڦٽ ٿي الٽي ڪري ڇڏي، الٽيءَ بعد بار نڍال. ليڙو ٿي ڪري پوي. جهڳدار سفيد اجو مواد اچانڪ الٽي جيڪا کير سان مليل هُجي.

ايپس ملفيڪا Apis Melfica : بار بيهوشيءَ طرف مائل ۽ وڏيون وڏيون رڙيون ڪري، زبان خشڪ ۽ وات اندر چمڙي ڳاڙهي، مريض کي اُڃ بلڪل نه لڳي، پيٽ تي دٻاءُ پوڻ تي شديد سُور، مريض جيئن ئي حرڪت ڪري پاخانو نڪري وڃي ۽ ائين محسوس ٿئي ته مقعد کليل هُجي.

**اپيڪاڪ Ipeacac 30** : مُسلسل اوڪارن جو احساس پاتو وڃي ڪائڻ ٻيئڻ ڪانپوءِ فوراً الٽي، چهرو زرد، تنگي تنفس، هر هر نڪهير اچي. مريض جي زبان صاف هجي، مريض کي ننڊ دوران عضلات ۾ ڦڙڪڻ محسوس ڪري. مريض تي عموماً غنودگي ڇانيل، ٻار رڙي ۽ بيچيني محسوس ڪري. ڪالرا جو عارضو عموماً هن دوا ۾ علامتون ملنديون آهن.

**ايلوز Aloes 30** : سردي ۽ گرمي جي ٻي درجي ۾ احساس، مريض شديد ڪمزوري ۽ بيچيني بيحد پاتي وڃي، اسهال صبح جو 4 بجي اچن ۽ جنهن ڪري مريض صبح جو جلدي اٿي، ننڍيا ننڍيا دست جيڪي گهٽ وقفي سان اچن.

**ايڪونائيٽ Aconite** : ڪالرا ۾ ايڪونائيٽ ايتري تائين مفيد آهي جو گهڻا دفعا دست ۽ اُلٽي اچڻ سان مريض هڪ دفعي ۾ ئي ڪمزور ٿي وڃي، اها نقاهت ايتري تائين وڌي وڃي جو مريض ڳالهائي بہ نہ سگهي.

**بيلاڊونا Belladona 30** : جڏهن مريض ۾ دماغي لُچَ ۽ غنودگي جون علامتون نمايان هُجن، هي دوا مفيد رهندي آهي، مريض جو چهرو ڳاڙهو تاٽيل، اکين جو پتليون ڦهليل محسوس ٿين، خون جو دباءُ مٿي طرف وڌيڪ، ٻار ننڊ ۾ اچانڪ ڇرڪي ۽ اچلي تڏي ٻار جو مٿو گرم ۽ پير ٿڌا. زبان تي سفيدي ۽ سرخ.

**ڪيمفر Camphora** : هي مرض جي شروع جي دوا آهي، جڏهن الٽي ۽ اسهال شروع نہ ٿيا هجن، ابتدا ۾ جڏهن اچانڪ حملو ٿيو هُجي ۽ مرض تمام جلد خراب صورت اختيار ڪري ويو هُجي، مريض تي مرض جي زهر جا اثرات تمام جلد نمودار ٿيا هُجن ايستائين جو اسهال شروع ٿيڻ کان اڳ بہ مريض جي چمڙي نيري ۽

سرد ٿي وڃي، پر مريض ڪپڙو ويڙهڻ برداشت نہ ڪري، انتهائي ڪمزوري، الٽي، اوڪارن جي شدت، پيٽ ۾ جلڻ ۽ سخت گهبراهٽ، مرض جي پهرين درجي ۾ بہ انتهائي مفيد رهندي آهي، جسم برف جيان ٿڌو بيحد بيچيني ۽ مريض جو مٿيون چپ سُڪڙيل.

ڪاربوويج Carbo_Veg : هي دوا ڪالرا جي آخري درجي ۾ بهتر ڪم ڪندي آهي، جڏهن مريض چپ چاپ پيو هجي، سخت ڪمزوري ۽ تنفس سرد. الٽي ۽ اسهال نہ هجن نہ ئي ڪو سُور هجي، مرض جسم چڏي چڪو هُجي مگر ڪمزوري ناتواني ايتري قدر جو مريض جي بقا خطري ۾ پئجي وڃي، چهرو زرد ۽ چپ نيرا، مريض کي پکو ڪائڻ جي خواهش، پيرن کان وٺي گوڏن تائين جسم ٿڌو.

ڪيوپرم ميٽ Cuperm met 30 : چمڙي بظاهر ٿڌي ۽ نيري، عضون ۾ آڪڙ، تشنج ۽ وڪڙ، هٿن پيرن جي آڱرين کان شروع ٿين سطح جسم سرد. نيراڻ مائل، مريض جو وات خُشڪ هُجي ۽ اُڄ جي شدت پاتي وڃي، فهم معده جي جاءِ تي بيچيني، سور ۽ اوڪارا هن دوا جا اسهال ۽ الٽي شديد هوندا آهن. پر پگهر ناهي هوندو.

ڪالي فاس Kalli phos 6x : ڪالرا ڪانپوءِ ناتواني ڪمزوري جي لاءِ اڪثير دوا آهي، پاخانو چانورن جي بج جيان ۽ بدبودار، مريض برف واري پاڻي جي خواهش ڪري.


وريٽرم البم Veretrum Album 30 ڪالرا جي ٻي درجي ۾ هي دوا ڪاميابيءَ سان استعمال ڪرائي ويندي آهي، اسهال ۽ اوڪارا بڪثرت اچن. جنهن سان گڏ سرد پگهر اچي، رفع حاجت کان اڳ پيٽ ۾ سُور هجي، رفع حاجت ڪانپوءِ شديد ڪمزوري،

اندروني طورتي جلڻ جو احساس. نبض انتهائي سست. جيڪا محسوس نہ ٿئي. ٿڌي پاڻيءَ جي اُڃَ. پيٽ ۾ سُور.

هائڊرو سيانڪ ايسڊ Hydro Cycanic Acid : جڏهن نبض غائب هجڻ سان گڏ ساهہ جي رفتار انتهائي سُست ٿي وڃي. ساهہ گهرو مشڪل سان ۽ ڍگهن ڍگهن وقفن سان. تشنج جي صورت ۾ اچي، تنفس دوران وقفن ۾ مريض تي موت ڇائنجي وڃي، تمام فائديمند دوا آهي.

## آنندو لهڻ، ڇن Hernia

فتق لغوي طرح ڦاٽڻ کي چئبو آهي. هي هڪ اهڙو مرض



آهي جنهن ۾ پرده صفاق (صفاق اها جاري هوندي آهي جيڪا پيٽ. معدي. اماءِ جگر تري ۽ گردن وغيره کي ويڙهيل هوندي آهي) ڦاٽي پوندي آهي، چوڌاري شاخن ۾ يا سوراخ ۾ ڪنهن عضوي يا عضوي جي حصي جو غير معمولي طورتي ٻاهر نڪري پوڻ. اها ڪل جي

هيٺان ڳوڙهي جيان نظر ايندي آهي ۽ انجي شڪل ۽ جسامت وقت سان گڏ تبديل ٿيندي رهندي آهي، هرنيا جو مطلب آهي ڪو عضوو يا اعضا جيڪي ڦلجي وڃن ۽ پنهنجي چوڌاري Cavity جي ديوار ۾ داخل ٿي وڃن ۽ ان مان گذري وڃي.

هرنيا کان متاثر ٿيڻ واريون 3 اهم جڳهون، پيٽ جو هيٺيون حصو دن ۽ انجي چوڌاري وارو حصو ۽ Surgery باعث ٿيڻ واري زخم جو حصو يا علائقو. هرنيا (چن) وقت سان گڏ وڌندو آهي ۽ عموماً هڪ ٺئي حصي کي گهٽي کان گهٽو متاثر ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ٻي عضووي تائين به پهچندو آهي، شروع ۾ پيٽ جي ديوار جي تقريباً تمام هرنيا پاڻ ٺي واپس پيٽ ۾ هليا ويندا آهن يا انهن کي هٿ سان دٻائي پيٽ اندر ڌڪيو ويندو آهي، پر وقت گذرڻ سان اها واپسي مشڪل ٿي پوندي آهي.

هرنيا جو مسئلو پيچيده ٿي سگهي ٿو جڏهن ته آندن جي ان حصي کي خون جي پهچ (Supply) منقطع ٿي ويندي آهي عموماً پيٽ جي پٽ جو نقص يا زخم پيٽ جي ديوارن ۾ دٻاءَ (Abdominal Cavity) ۾ اضافو آندن جي چن (Hernia) جو سبب بڻبو آهي.

**هرنيا جا قسم**

1 Shanguteled hernia2 Femoral hernia 3 Pundendal Hernia 4 Reducible hernia 5 Hernia6 Diaphragmatic hernia 7 3Epiplocela Incacerated Hernia8 Umbilical Hernia 9 Scrotal Hernia 10 Irreducible Hernia 11 Abdominal Hernia12 Intestenal Hernia13 Gastric Hernia 14

Orgenital Hernia 15 Inflamed Hernia 16 After Surgery Hernia

## علامتون Symptoms

هرنيا ۾ شديد سور ٿيندو آهي، اوڪارا ۽ الٽيون، رفع حاجت وقت تي نہ ٿئي، پاخاني جي حاجت هرهر.

پيٽ ۾ آڪري ۽ قولنج جو سُور علاج فوراً نہ ڪرڻ سان خون ۾ زهر ڦهلجي ويندو آهي.

## علاج Treatment

جيڪڏهن چڻُ لهي پوي تہ مريض کي اهڙي حالت ۾ ليٽايو جو ان جا پير ۽ ڪُلها مٿي (Head) کان نسبتاً مٿي هجن، هاٿي فتق کي آهستي آهستي دٻائي ۽ مٿين طرف ڌڪيو جڏهن اها اندر هلي وڃي تہ پٽي يا ڪپڙي جي پٽي ٻڌي ڇڏيو ۽ جيئن اٿڻ تي اهو لهي نہ پوي، جي اجا آرام نہ ملي تہ مريض کي Surgen ڏي موڪلي ڇڏيو.

## علاج Treatment

نڪس واميڪا Q ۽ Aconite ايڪونائيٽ Q ٻئي دوائون پاڻ ۾ ملائي ٿوري ٿوري وقفي سان پياريو.

چڏي جي چڻ Inguinal Hernia لاءِ Aesulus Q بهترين دوا آهي.

آرم ميٽ Aurm met 30_200 : ٻارن جي چڏي جي هرنيا (چڻ) ۾ بهترين دوا آهي، جڏهن ڪا دوا ڪم نہ ڪري رهي هُجي تہ هي دوا جادو اثر آهي.

ايسڪيولس هپ Aesulus Hip : چڏي جي چڻ (Hernia) ۾ هي نافع دوا آهي، خاص ساڄي چڏي جي حصي ۾ ڪپڻ واري سور هجي.

پلبم ميٽ Pulmbum met : آنڊي جي وڪڙ ۾ چڻ لاءِ اهو چڻ خواهه ران جو چڏي ڏنَ جو هجي هر قسم جي چڻ ۾ فائديمند آهي.

ٿوجا Thuja : کابي طرف Inguinal چڻ ۾ بلخصوص ٻارن ۾ ٻار سور ۾ رڙي، صرف ان صورت ۾ آرام اچي جڏهن ڪبي يا پاسي کي دٻايو وڃي، ٽنگن کي پيٽ سان گڏ لڳايو وڃي، اهري حالتن ۾ بهترين دوا آهي.

استفي سگريا Staphsegria 200 : مثاني جي چڻَ لاءِ نافع آهي مريض کي ڪپڙ وارا سور هُجن.

سليشيا Silicia 200_30 : چڏي جا غدود ڦلي وڃن، ڇهڻ تي سور ٿئي، پر درد هجي چڏي جي چڻ لاءِ مفيد آهي.

ڪلڪيريا ڪارب Calc Carb 200_30 1M : چڻ جي لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي، عموماً هر قسم جي چڻ جو علاج هن دوا سان شروع ڪيو وڃي، پيٽ جون پتيون (ديواريون) سنهيون هجن جڏهن تہ پيٽ کي ٻڌڻ لاءِ پٽي نہ ٻڌي سگهجي.

ڪاڪولس Coculus 30 : جڏهن لائيڪوپوڊيم ۽ نڪس واميڪا Nux vomica پنهنجو اثر ڏيکارڻ ۾ ناڪام وڃن تہ هي دوا 30 طاقت ۾ ڏيو انشاءَالله مريض خطري جي حالت مان نڪري ويندو.

لائيڪوپوڊيم Lycopodium 30_200 1M : ساڄي طرف جو چڻ، آنڊن ۾ وڪڙ پيٽ ۾ گئس، جنهن جي ڪري پيٽ ۾ شديد گڙڪو هن دوا جي شديد حالت ۾ هڪ هزار ۾ استعمال ڪرايو.

ليڪسس Lechasis 200 : آنڊن ۾ الجهاءُ ۽ چڻ آنڊا ڳرن

۽ سڙن.

نڪس واميڪا Nux Vomica 200 : ڪابي طرف جو ڇڻ، آنڊن ۾ وڪڙ وارو ڇڻ. هي دوا ساڄي ۽ ڪابي ٻنهي طرفن لاءِ فائديمند آهي، مريض کي هر هر ناڪام حاجت ٿئي ڪاڪوس جي.

## هڏڪي Hiccough

هڏڪيءَ کي هڪ معمولي مرض سمجهيو ويندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن هي نهايت سخت ۽ تڪليف ده ثابت ٿيندي آهي، هي معدي جي بيماري ناهي بلڪ حجاب حاجز (Diaphram) ۾ جڏهن ڪنهن سبب تشنج پئدا ٿي ويندو آهي تہ اهو سُڪڙجي ويندو آهي ۽ جنهن جي ڪري هڏڪي جيان آواز پئدا ٿيندا آهن. هي دراصل هڪ علامت آهي جيڪا معدي جي فتور جي ڪري پئدا ٿيندي آهي، هڪدم هواءِ ڳيتڻ، بي ربط ڏڪَ پاڻي پيئڻ، گرم ڪاڏو ڳهڻ يا ڪائيندي تيز گفتگو ڪرڻ سان هڏڪي لڳندي آهي، ان ڪان علاوه هر شيءِ جيڪا غير معمولي طورتي پيٽ ۾ ان جي پردي کي تحريڪ ڏئي Diaphram کي ڪنترول (Control) ڪندي آهي ۽ حنجري (نڙي) جي رڳ ۽ وات ڪان حلق جي ڪلڻ واري حصي کي ڪنترول ڪندي آهي، انهن مختلف جڳهن تي ارتعاش (سٽ) باعث هڏڪي تي پوندي آهي.

## علاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album 30 : سَرد مشروب پيئڻ بعد ٿيڻ واري هڏڪيءَ لاءِ زود اثر دوا آهي.

اگنيشيا Ignatia 30 : هستريا جي مريضن جي هڏڪي جي لاءِ زود اثر دوا آهي، ٻيپهري جي ڪاڏي ڪانپوءِ شروع ٿيڻ واري هڏڪي لاءِ مفيد دوا آهي، مريض کي تماڪ نوشي ڪرڻ سان مرض

۾ زيادتي جڏهن هڏڪيءَ جو حملو ٿئي ته رنج ۽ غم يا ڪنهن امر ۾ مايوسي ٿيڻ باعث هي عارضو ٿي پوي ته هي دوا ڏيو.

جنسنگ Ginsing Q_30 : هن مرض ۾ مجرب دوا آهي، ڊاڪٽر بورڪ بقول هڏڪي جي هر ڪيس ۾ شافي دوا آهي، پر جيڪڏهن هي دوا بہ اثر نہ ڪري تہ نڪس واميڪا 3x ڏيو.

ڪاجو پٽم Cajuputum 3x : معدي ۾ ٿورڙي گرمائش سان هڏڪي.

ڪيوپرم ميٽ Cuper met 30 : هي دوا بہ هڏڪيءَ لاءِ خاص دوا آهي، مريض جو ساهہ قلي، اوڳرايون بہ ڪثير، پيٽ ۾ گڙڪو الٽي ۽ هڏڪيءَ جو اچڻ.

ميگ فاس Mag Phos 6x : عموماً معدي جي خرابي جنهن جي ڪري هڏڪي پر هر طرح جي هڏڪي ۾ آرام اچي.

نڪس واميڪا Nux Vomica 30 : معدي جي خرابي، گوشت ۽ مرغن غذائون کائيندڙ ماڻهو لاءِ مفيد دوا آهي. بدهاضمو ٿڌو پاڻي پيئڻ سان هڏڪي.

## حامله جي هڏڪي Hiccough of Pregnancy


Cyclemen 30 حمل واري عورت کي جيڪڏهن هڏڪيءَ جي شڪايت ٿي پوي تہ هي دوا 3 دفعا ڪمت ۾ گهٽ استعمال ڪرايو آرام ملي ويندو انشاءَالله تعاليٰ.

***

# باب: پندرهون

## پيشاب جو نظام ۽ بيماريون
## Urinary system and diseases


URINARY SYSTEM (ANTERIOR VIEW)




گُردن جو ڪمُ خون جي صفائي ڪرڻ ۽ انهن زهريلن مادن کي پيشاب جي ذريعي خارج ڪرڻ آهي جيڪي جسم ۾ فساد ۽ بگاڙ پئدا ڪندا آهن. ان کان علاوه جسم ۾ پاڻي ۽ لُوڻ جو توازن قائم رکڻ به گردن (kidneys) جي زميواري آهي. گُردا رت جي دوري (Blood pressure) کي صحيح (Normal) رکڻ ۾ مدد ڪندا آهن. گردن ۾ عام طورتي ٽن قسمن جا عارضا ٿي سگهن ٿا. گردن ۾ پٿري (Calculi) جو پئدا ٿيڻ، گُردن جو ورم (Nephrits) يا سوڄ ۽ گردن جو خراب ٿيڻ (Renal failure).

## ايڊيسن جو عارضو (Addison's Disease)

ايڊيسن جو عارضو گهڻو عام ته نه آهي پر جي خدانخواسته





**Addison's disease:**



- Note the generalised skin pigmentation (in a Caucasion patient) but especially the deposition in the palmer skin creases, nails and gums.

- She was treated many years ago for pulmonary TB. What are the other causes of this condition?

اها تڪليف ٿي پوي ته خطرناڪ ثابت ٿيندي آهي. هن مرض ۾ چمڙيءَ جو رنگ ڪاراڻ مائل ٿي پوندو آهي. رت ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿيڻ لڳند آهي. وزن به گهٽ ٿيندو ويندو آهي. رت جو دٻاءُ به گهٽ رهندو آهي ڪمزوري ايتري ته ٿي ويندي آهي جو مريض چُرڻ پُرڻ کان لنوائيندو آهي. هاضمو خراب ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسهالن جي شڪايت به ٿي پوندي اٿس. هن عارضي سبب بر گردوي غدود (Adrenal glands) جي ڪم ڪار ۾ به گهٽتائي ٿي ويندي آهي. هن غدود جو ڪم Adrenocortical Cortical Hormone پئدا ڪرڻ آهي. ان جي گهٽتائي جون به حالتون هونديون آهن. هڪ شروعاتي ٻي ثانوي، اصل ۾ Adrenocortical

Harmone جي شروعاتي گهٽ پئداور ئي Addison جي بيماري چوائي ٿي. هي عارضو نئون شديد(Acute) بہ ٿي سگهي ٿو ۽ پراڻو ڪُهنو(Chronic) بہ ڪڏهن ڪڏهن پُراڻي حالت شديد صورت اختيار ڪري ويندي آهي. ايڊيسن عارضي جا هيٺيان سبب هوندا آهن. 1 شروعاتي طورتي Adrenal gland جو سُڪڙاءُ (سُڪڙجي وڃڻ) 2 ٽپ دق Tuberclosis. 3 ڇُوت Infection. 4 جريان خون. 5 گرم دوائن جو مسلسل استعمال. 6 ڪينسر جي ہي حالت. 7 آپريشن جي ذريعي Adrenalgland جو باهر ڪڍي ڇڏڻ. 8 پئدائشي طورتي غدودن جو نقص.

ثانوي حالت: Adrenacartal Harmone

ايڊنيوڪارٽيڪل هارمون جي ثانوي پئداواري حالت Pitutory غدود يا Thelamas غدود جي خراب ڪم ڪار سبب ٿي سگهي ٿي.

علامتون Symptams

مريض کي شروع ۾ تہ خبر ئي ناهي پوندي تہ Adeno cortical hormone جي پئداوار گهٽجي رهي آهي ۽ پوءِ شدت اختيار ڪري ويندي آهي. مريض ڪمزوري محسوس ڪندو آهي ۽ سُست رهڻ لڳندو آهي ۽ انجو وزن گهٽبو ويندو آهي, ٿڪاوٽ تمام جلد ٿيندي آهي. چڪر بہ ايندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن غشي بہ طاري ٿي ويندي آهي, بک ناهي لڳندي, هر وقت دل ڪچي ڪچي, اوڪارا ۽ مريض سُست بہ ٿي پوندو آهي. مريض اعصابي ۽ چيڙاڪ ٿي پوندو آهي. هر شيءَ کان بيزار جنسي خواهش نہ هُجن برابر. مريض نہ ٿڌ برداشت ڪري سگهي نہ گرمي. Addison جي عارضي ۾ مريض جي چمڙي پتل جيان ۽ ڪاراڻ مائل ٿي پوندي آهي, هر جاءِ تي تر( Mole) ۽ چهرو ڇائين سان پرجي ويندو آهي. مريض ۾ لوڻ

ڪائڻ جي خواهش وڌي ويندي آهي.

ايڊينو ڪارٽيڪل هارمون جي گهٽتائي وارا مريض جن جو پچوٽري غدود (Pitutory gland) پورو ڪم نہ ڪري رهيو هُجي، ان ۾ مذڪوره بالا علامتن کان علاوه ڪجھہ وڌيڪ علامتون بہ پاتيون وينديون آهن، مثلا: 1 نظر جي خرابي يا بصارتي وسعت ۾ نقص. 2 مٿي جو سُور. 3 اُس ۾ چَمڙي جي رنگ تي اثر پوڻ. 4 ذهني پريشاني. 5 ماهواريءَ جو ڏبجڻ. 6 نامردي، جسم جا وار ڪرڻ، ڏاڙهي نہ وڌي. 7 ٻارن جي واڌ ويجھہ رڪجي وڃي. 8 غير معمولي اُڃ ۽ ڪثرت بول. 9 هن حالت ۾ لوڻ جي طلب گهٽي ڪونہ ٿيندي آهي.

## علاج Treatment

جيئن ئي ڪنهن مريض جي بدن يا چهري تي ڪاراڻ مائل داغ ٻڌجڻ لڳن ۽ گڏئي ڪمزوري ۽ سُستي بہ هُجي تہ فوراً Adeno cortical hormene جي ڪميءَ جي طرف ڌيان ڏيڻ کپي ۽ بيون علامتون بہ موجود هُجن تہ باقاعدي چڪاس ڪرايو ۽ خصوصن ACTH ٽيسٽ لازمي آهي.

آرسينڪ البم 200 Arsenic Album: نفاست ۽ صفائي پسند قاعدي قانون جو پابند مريض جنهن جي لاءِ هر قسم جي ٽيڙائپ ناقابل برداشت هُجي، بيقرار ۽ بيچين هُجي، گهڙي گهڙي جاءِ بدلائي، سردي گهٽي لڳي، ڳلو خشڪ، هرهر ٿورو ٿورو پاڻي پيئي، بدن ۾ جَلن، نقاهت روز روز وڌندي وَڃي ۽ وزن ڪرندو وڃي ٿوري مشقت سان انتهائي ٿڪاوٽ، خون جي پراڻي ڪمي، چهري تي تڪليف جا آثار نُمايان، ڪارا داغ، مريض تي موت جو خوف طاري، اڪيلائيءَ جو پيئو اڌ رات جو تڪليفون وڌن.

آيوڊيم Iodium: گرم مزاج ڏٻرو سنهو مريض جنهن جا

لمفي غدود (Lymphatic glands) وڏيل هُجن ۽ تمام غدود سُڪڙ جي وَڃن، ڪائي پيئي خوب پر وزن لهندو وَڃي، ائين لڳي جڻ خوراڪ ڪي نہ پر خوراڪ هن کي ڪائيندي هُجي، شديد ڪمزوري ٿورو ڪم ڪندي پگهر پگهر ٿي وَڃي، بُک، اُڃ تمام گهڻي، لاغري، ان جو Thyroid gland صحيح ڪم نہ ڪري، هٿن ۾ ڏڪڻي، مريض جو حافظو ڪمزور هجي، ان تي هروقت تشويش ۽ اُداسي ڇانيل رهي، ماڻهن کان ڊڄي ۽ انهن کان پري رهڻ جي ڪوشش ڪري.

ايڊرينلن Adrenalin: هي دوا هيٺين طاقت ۾ بلڊپريشر کي وڌائيندي آهي، مٿين طاقت ۾ گهٽ ڪندي آهي، هن جي استعمال ۾ احتياط جي ضرورت آهي، پر ڪنهن نہ ڪنهن مرحلي تي هي دوا ضرور استعمال ٿئي ٿي.

ٽيوبرڪلينم Tuberclunium 1m: ٻين دوائن جي وچ ۾ هن جي هڪ خوراڪ ڏئي علامتن مطابق ٻيون دوائون شروع ڪجَن.

سُپررينل ايڪستريٽ Superrenal extract 2x: ايڊرنالِن جيان هن دوا جي بہ ضرورت پوندي آهي.

سليشيا Silicia 200: مريض کي سردي گهڻي لڳي، خوراڪ صحيح طورتي تحليل ناهي ٿيندي، حرارت غزيري گهٽ رهندي آهي، جسماني طورتي گهٽ ۽ نحيف هوندي آهي، اخلاقي طورتي بلند ڪردار ناهي هوندو اعصابي ۽ بزدل ليڪن ضدي ۽ بي لچڪ هوندو آهي، مريض جا زخم جلد خراب ٿي ويندا آهن ۽ انهن ۾ پونءِ پئجي ويندي آهي ۽ مريض کي اڪثر هڏين جي بيماري لڳي پوندي آهي، مٿي تي تمام گهڻو پگهر ايندو آهي جيڪو بدبودار رهندو آهي، پير ٺڏا رهن ۽ انهن مان بدبودار پگهر.


ڪلڪيريا ڪارب Calcaria Carb: موٽا ۽ ٿلها پلپلا


مريض جن کي سردي لڳي، پير ٿڌا رهن، هڏيون ڪمزور ۽ پيٽ وڏيل ۽ لڙڪيل، انجا تمام غدود قليل هُجن ۽ خوراڪ جي تحليل ناقص هجڻ سبب جسم ۾ طاقت جي گهٽتائي ۽ انجي پچوتري ۽ ٿائيرائيڊ غدودن جي ڪار ڪردگي تسلي بخش ناهي هوندي.

**نيٽرم ميور Nat mur200:** گرم مزاج مريض شرميلو جيڪو ماڻهو سان ميل جول گهٽ رکي ۽ خاموش طبع هجي پر انجي دماغ ۾ خيال ڦرندا رهن. مريض اداسي ۽ مرده دلي جو شڪار هُجي، ماڻهن جي اظهار همدردي ناگوار گذري، مريض کي لوڻ کائڻ جي عادت هُجي جيڪا بدن ۾ خون جي ڪمي ۽ اماس پئدا ڪري، صبح جو سوير ڪمزوري محسوس ڪري، جلدي ٿڪجي پوي مريض کي متي ۾ سُور رهي، پورو متو يا اڌ متي ۾ سُور اُڃ نہ لهي بک گهٽي لڳي خوراڪ جزو بدن ناهي بڻبي.

## گردي جي پٿري Renal Calculi.

Anti_biotic دوائن ۽ غير مناسب خوراڪ، غذا ۾ پروٽين



جي زيادتي ۽ پيئڻ جي پاڻي ۾ ڪئلشيم جي موجودگيءَ جي سبب گردن (Kidneys) ۾ پٿري پئدا ٿيڻ جو اُهڃاڻ هوندو آهي. هيءَ گهڻو ڪري اڌوهيءَ عمر جي بيماري آهي پر ڪڏهن ننڍي عمر واري ڇوڪرن ڇوڪرين کي بہ پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيندي

آهي، ڪجھ ماڻھن ۾ تہ خانداني عارضي طور ظاهر ٿينديون رهنديون آهي. اهي پٿريون ٻاجھر جي داڻي کان وٺي ڪبوتر جي آني جيڏيون بہ ٿينديون آهن. پٿريون جيڪڏهن ننڍيون ننڍيون هُجن تہ پيشاب جي نالي مان گُذري مثانہ (Bladder) ۾ هليون وينديون آهن ۽ پيشاب سان گڏ خارج ٿينديون آهن. وڏيون پٿريون گردي ۾ ئي پيل هونديون آهن.

**مرض جا سبب** Cause Of diseases

گردي جون پٿريون پيشاب جي نُوس شين سان ٺهيون آهن، نوعيت جي لحاظ کان ان جا ڪيترائي قسم هوندا آهن ۽ انهن جي ٺهڻ جا سبب بہ مختلف هوندا آهن.

**ڪئلشيم آگزليٽ ۽ ڪئلشيم فاسفيٽ پٿريون:** انهن جي ٺهڻ جو سبب پيشاب ۾ ڪئلشيم ۽ آگزليٽ يا ڪئلشيم فاسفيٽ جو مقدار گهٽجو هئڻ هوندو آهي.

**ميگنيشيم فاسفيٽ پٿريون:** هي عموماً اهڙن ماڻهن ۾ ٺهنديون آهن جن جو پيشاب ۾ الڪلي (Alkali) هوندو آهي.

**سسٽين پٿريون (Cystine):** هي انهن مريضن ۾ پيدا ٿينديون آهن جن جي پيشاب ۾ پئدائشي طورتي گندرف (Amino Acid) وڌيڪ ڏنو ويندو آهي.

**يوريٽ پٿريون (Urate Stones):** انهن جو تعلق عموماً خون ۽ پيشاب ۾ Uric Acid جو گهٽو مقدار ۽ ابتدائي ۽ ثانوي ڳٺيا (Gout) کان ٿيندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙن مريضن جي گردن ۾ بہ يوريٽ پٿريون ٺهيون آهن جن جي خون ۽ پيشاب ۾ يورڪ ايسڊ جو مقدار وڌيڪ ناهي هوندو.

**علامتون** Symptoms

جيڪڏهن بيڪٽريا جو Infection نہ هُجي تہ پٿريون بغير ڪنهن تڪليف جي عَرصي تائين گُردي ۾ پيون رهنديون آهن ۽ اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ پٿري جيتري وڏي هوندي انجون علامتون اوتريون گهٽ ملنديون، اهڙا مريض اڪثر هينين چيلهہ ۾ ڏکڻ ۽ بوجهہ محسوس ڪندا آهن، درد جو شديد دورو ڪڏهن ڪڏهن پوندو آهي جنهن دوران پيشاب سان گڏ خون (رت) بہ ايندو آهي. گردي جو قولنج ايترو شديد هوندو آهي جو مريض جو ساهہ نڪرندي محسوس ٿيندو آهي. درد گردي کان پيشاب جي نالي کان ٿيندو مثاني، خصين ۽ قضيب تائين وڃي پهچندو آهي. پيشاب خون آلود هوندو آهي. پيٽ جا عضلات آڪڙ جي ويندا آهن. درد جا دؤرا وقفي وقفي سان پوندا رهندا آهن. ايتري تائين جو پٿري نڪري وڃي ۽ گردي ۾ تهہ نشين ٿي وَڃي ٿي، مريض کي هينين ڪمر (چيلهہ) ۾ لڳاتار سور ۽ بوجهہ محسوس ٿيندو آهي جيڪو مُشقت جي جهٽڪن دَٻاءَ ۽ ناموافق خوراڪ کائڻ سان وڌندو آهي. جڏهن پٿري گردي کان نڪري مثاني جي طرف يا مثاني کان قضيب ذريعي ٻاهر نڪرندي آهي تہ درد جي شدت اچا وڌي ويندي آهي ۽ پيشاب جون ناليون ڇلجي پونديون آهن. بعض اوقات ان ۾ زخم ٿِجي ويندا آهن ۽ پونءِ ٿِجي ويندي آهي.

## علاج Treatment

سڀ کان پهريان تہ گردن ۾ پٿري ٿِجڻ ۽ سُور پيدا ڪرڻ وارا قابل رفع سبب دُور ڪيا وڃن مثلا: سٽيپون خوراڪون. شراب نوشي، ناڪافي ورزش، گهٽي مُشقت، فڪرات ۽ هر قسم جون بد اعتداليون. گردي جي پٿري واري مريض کي ٽماٽو گوشت ۽ ساڳ پلي کان پرهيز ڪرڻ کپي، غذا هَلڪي ۽ متوازن هُجي، مريض کي

اهڙي جڳهه تي رهڻ کپي جتي صاف ۽ هَلڪو پاڻي ميسر هُجي يا پاڻي اباري پيئڻ گهرجي. هڪ صحتمند انسان کي روزانو چار پنج ليٽر پاڻي پيئڻ کپي، مريض کي ته ان کان به وڌيڪ پاڻي پيئڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي.

علاج Treatment

<u>بربرس ولگرس Berbesis Vulageris</u>: گردن ۾ پٿري خصوصاً کابي طرف. چارئي طرف درد ڦهلجي، پيشاب جون ناليون مثاني جي نالين، مثاني ۽ قصيب يا فرج ۾ اچن، پيشاب جي حاجت هرهر ٿئي، پيشاب ڪرڻ وقت جلڻ هُجي ۽ ان ۾ لعابي مادو ۽ ڳاڙهي واري موجود هُجي، ڪڏهن ڪڏهن خون به اچي. گردن جي پٿري، قولنج ۽ سور جي بهترين دوا آهي.

<u>لائيڪو پوڊيم Lycopodium</u>: ساڄي بُڪيءَ ۾ پٿريون هُجن، ڳاڙهي رنگ جي واري اچي، پيشاب ڪرڻ کان پهريان چيلهه ۾ سُور هُجي، لائيڪوپوڊيم بربرس جي مددگار طورتي سنو ڪم ڪندي آهي.

<u>اوسمير ڪين Ocimium can</u>: پيشاب ۾ سرخ يا زرد واري اَچي، پٿري ۽ ورم وڌيڪ ساڄي گُردي ۾ هُجي ۽ سور ايتريقدر تيز هُجي مريض جون رڙيون نڪري وڃن. پيشاب گهاٽو گدلو پوڻ ۽ دار ۽ خون آلود هجي. مريض کي هر اڌ ڪلاڪ کانپوءِ Ocimium30 يا 6 جي خوراڪ ڏيو. شديد حالت گذري وڃڻ کانپوءِ دوا جو مقدار گهٽ ڪري ڇڏيو ۽ هڪ به دفعه ڏينهن ۾ کارايو.

<u>سارساپريلا Sarsaparella</u>: پٿري ۽ درد ساڄي طرف وڌيڪ پيشاب گهٽ ۽ ريگدار خُون آلوده ڪڏهن خون آلوده نه هُجي ته ٿوري دير کانپوءِ پيشاب جو رنگ گدلو ٿي وَڃي، پيشاب کانپوءِ ۽

شديد سور مثاني ۾ ۽ مروڙ.

پريرا بريوا Perera Brava: گردي ۾ پٿري ۽ شديد سُور جيڪو رانن تائين ڦهلجي وَڃي، پيشاب خون آلود، رنگ سياهي مائل، گهاٽو پيشاب، مسلسل حاجت ۽ دٻاءُ پر پيشاب ڪرڻ دُشوار جيستائين مثاني تي بيٺو تي دٻاءُ نہ وجهي تيستائين پيشاب جو اخراج نہ ٿئي.

هائڊرنجيا Hydrangea: گردن ۾ پٿري، پيشاب خون آلود، قولنجي سُور، پيشاب ۾ سفيد چُورو.

ڪوڪس ڪيڪٽائي Cocus Cactia: گردي ۾ يوريٽ قسم جي پٿري، گهري رنگ جو گهاٽو پيشاب خون آلود جنهن ۾ يوريٽ يورڪ ايسڊ، ڳاڙهي واري ۽ سور جون گُهٽون Pus In Kidneys جيڪي گردي کان مثاني تائين وڃن.

بيلاڊونا Belladona: پيشاب قليل، سياهي مائل فاسفيٽ سان پريل، گردن ۾ پٿري ۽ شديد انفيڪشن گردن ۾ سخت سُور ۽ مثاني ۾ مروڙ سور سان.

## گردن ۾ پونءِ پئجي وڃي Pus in Kidneys

پٿري يا ورم باعث ٿيندو آهي، ڏڪ لڳڻ سبب بہ ٿي سگهندو آهي. درد کي رفع ڪرڻ جي لاءِ هيٺيون دوائون آهن.

علاج Treatment

بربرس وگلرس Berberis Velgaris، درد ويهڻ سان وڌي.

لائيڪوپوڊيم Lycopoduium سُور بيشاب ڪرن کان پهريان.

ايسڪيولس هپ Aesculus Hip. سُور پيشاب دوران وڌيڪ ٿئي.

كالي بائيڪروٽيم Kalli Bichrotim،درد پيشاب جي نالين ۽ مثاني تائين.

بربرس، Sulfer Berberis سلفر، درد جهڪڻ تي گهٽو ٿئي،

نڪس واميڪا Nux vomica حرڪت ڪرڻ سان وڌي،

ڪيموميلا Chammomella ،درد دٻاءَ سان وڌي،

## گردن جو چرٻي وارو بگاڙ Albumin in Urine

آرسينڪ البم، فاسفورس، ڪيوپرم ايسڊيم، نائٽرڪ ايسڊ ڪم ايندڙ دوائون آهن.

## گردن ۾ غلبءِ خون Pressure in kidneys

ايڪونائيٽ، بربرس، بيلاڊونا، ڪينٿرس، هيلي بورس ۽ هيلونياس دوائون هن مرض ۾ فائديمند هونديون آهن، علامتن تي دوا ڏيو.

**نوٽ:** مصنف جو ناهيل تيار ڪيل نسخو هر قسم جي گردي جي انفيڪشن ۽ هر قسم جي پٿريءَ لاءِ تير بحدف آهي. دوا جو نالو Hit Stone آهي، جيڪا هر هوميوپيٿڪ اسٽور تي دستياب آهي.

## ( متحرڪ گردا Flonting or moving Kidneys)

هن عارضي ۾ اڪثر ڪري ساڄو گردو پنهنجي جڳهه تان هٽي ويندو آهي ۽ هيڏي هوڏي ٿيندو رهندو آهي. هي عارضو اڪثر عورتن ۾ گهڻو ڪري وضع حمل دوران زور لڳائڻ سبب ٿيندو آهي.

## علامتون Symptoms

پيٽ ۾ گئس، آندن ۾ سُور ڪڏهن ڪڏهن ماهواري دوران

شديد سُور جو دؤورو جنهن سان گڏ الٽي ۽ اوڪارا، مريضہ بيهوش ٿي وَڃي، پيشاب ڪلي اچڻ سان افاقو.

**علاج Treatment**

عام حالتن ۾ مريضہ پيٽ تي پٽي ٻڌي رکي، ماهواري دوران حفظ ماتقدم جي طورتي بستر تي ليٽي رهي تہ درد جو خطرو گهٽ ٿي وڃي، شديد درد دوران مريضہ بلڪل آرام سان ليٽي پَوي ۽ دوائون علامتن ۽ مزاج مطابق استعمال ڪرايو.

**اگنيشيا Ignatia، بيلاڊونا Belladona، ڪلڪيريا آئيوڊائيڊ.**

## گردن جو ورم Infection of kidney

## پائيلو نيفرائيٽس Pylo_nephrits

يعني گردن جي اندروني پيٽ جو ورم، هي عام تڪليف آهي، پر گهٽ خطرناڪ آهي، التهاب يا ورم بيڪٽريا جي Infection جي ڪري ٿيندو آهي، جيڪو ان ۾ خون جي ذريعي يا پيشاب جي ذريعي پهچندو آهي. گردي ۾ پٿريءَ يا ڪنهن ٻي سبب جي ڪري پيشاب رُڪجي وڃي تہ سُوج جلدي ٿي پوندي آهي، هن عارضي ۾ گردن جي سطح تي جڳهہ جڳهہ تي پونءِ پئجي ويندي آهي. شروع ۾ مرڪز ۾ هوندي آهي پر پوءِ آهستي آهستي ننڍين ننڍين نالين تائين وڃي پهچندي آهي ۽ پوءِ پيشاب جو سڄو نظام پيشاب جون نالين، مثانو ۽ پراسٽيٽ غدود (غده قداميہ) سڀ متاثر ٿيندا آهن. هن عارضي جو حملو يڪدم ٿيندو آهي. چيلهہ ۾ سُور، لرزو بخار، ڪمزوري هن جون عام علامتون آهن. مثانو ۽ پيشاب جون نالين بہ سور ڪنديون آهن. پيشاب ڪرڻ جي حاجت هرهر ٿيندي آهي، شديد حالتن ۾ پيشاب بند ٿي ويندو آهي بروقت علاج نہ ڪيو وڃي تہ گردن جو شديد نقصان ٿي پوندو آهي.

## گردن جو التهاب ۽ ناقص ڪارڪردگي

## Renal Failure and inflammation and there symptoms

1 چهري تي پيلاڻ 2 هٿن پيرن تي سوج ۽ آڱر دٻائڻ سان اتي کڏ پئجي وڃي. 3 چمڙي خشڪ ۽ گهري. 4 پيشاب جي حاجت هر هر ليڪن انجو مقدار گهٽ ۽ رنگ گهرو دونهين جهڙو. 5 پيشاب ۾ پروٽين ۽ ان جو وزن مخصوص وڌيل. 6 بلڊپريشر وڌيل، نبض تيز ۽ وزن مخصوص وڌيل. 7 بک گهٽ اُڃ گهٽي، اوڪارا ۽ الٽي. 8 چيلهه ۾ سُور، پيشاب جي نالين ۽ مثاني ۾ سُور، جَلڻ مزمن صورت ۾ پيشاب جو رنگ هلڪو ۽ انجو وزن گهٽجي وڃي.

## التهاب ۽ فيل ٿيڻ جا سبب Cause of Renal Failure

1 بيڪٽريا جو حملو. 2 معيادي بخار، ڳاڙهو بخار، خسرو ڳنٺيا. 3 نامناسب ايلوپيٿڪ دوائن جا اثر. 4 بدن جي مزاحمتي (Imunity System) تي اثر. 5 سرديءَ ۾ اڪثر ٻيجي ٻوڙ. ( ٻُسي پوڙ) 6 رهڻ سَهڻَ ۾ بد اعتدالي ۽ شراب نوشيءَ جي ڪثرت.

## علاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album: مسلسل اوڪارا، الٽي ۽ بي چيني، تشويش، ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي، موت جو خوف، اُڃ هرهر پر هڪ ٻه ڍڪ پي سگهي، اڌ رات جو ليٽڻ سان تڪليف ۾ اضافو سڄي بدن تي آماس، ڪمزوري نئين ۽ پراڻي تڪليف.

ايپس Apis melifica: پيشاب گهٽ، بدن تي سوج، گرمي گهٽي لڳي ۽ اُڃ گهٽ، مريض تي غنودگي ڇانئيل رهي، گردن ۾ ڏنگ لڳڻ جهڙو سُور.

ايپوسائينم ڪين Apocynium can: گردا سُڄيل،

هاضمي جو نظام درهم برهم، اوڪارا التي ۽ غنودگي، ساهه کڻڻ ۾ تڪليف، مريض کي سردي گهٽي لڳي ۽ اُڃ بہ گهٽي لڳي، پيشاب گهٽ ڇهري ۽ هٿن پيرن تي سوڄ.

آرم ميور Aurum mur: پراڻي سوزش ۾ هي دوا گهڻو عرصو استعمال ڪرائجي.

ايڪونائيٽ Aconite: هڪدم ٿڌ لڳي وڃڻ سبب گردا متورم ٿي وڃن، چمڙي کُهري ۽ خشڪ، نبض تيز بي چيني، اُڃ ۽ موت جو خوف، پيشاب گهٽ يا بند.

بربرس ولگرس Berberis vulgaris: وائيءَ جي سور وارا مرض ڇهري تي پيلاڻ، هڪ يا ٻئي گردا متورم، چيلهہ ۾ هر طرف سور جيڪو مَنيءَ جي ڏوري، خصين ٻَلڪ رانن تائين ڦهلجي وَڃي. پيشاب جي حاجت هرهر پر ان دوران جلڻ ۽ سُور، پيشاب ۾ Uric Acid جو مقدار وڌيل، هر قسم جي سوزش ۾ فائديمند.

پلبم ميٽ Plumbum Met: گردن جي پُراڻي سوزش، پيشاب جو مقدار گهٽ جنهن ۾ Protien چربي هجي، سُور گردن ۽ پيٽ ۾ محسوس ٿئي.

ٽربنٽينا Terbenthena: گردا سُڄيل، پيشاب خون آلود، سياهي مائل ڌُونهين جهڙو ان ۾ گل بنفشہ جهڙي بوءِ، پيشاب گهٽ، ڇهري ۽ پيرن تي سوڄ، پيشاب ۾ پروٽين، گردا فيل ٿي رهيا هُجن.

زنجبار Zingbar: گردا فيل ٿيڻ جو تمام علامتون. هاضمو ڪمزور، اڌ مٽي جو سُور، اکين اڳيان ڪارا ٽبڪا.

فيرم ميور Ferum mur: گردن ۽ مثاني جي سوزش، مريض سرد مزاج، جنهن ۾ خون جي ڪمي، ڇهري تي زردي ۽ سوڄ ان سان گڏ اُلٽي ۽ نڪهير جون شڪايتون.

**فاسفورس Phosphorus**: جيڪڏهن گردن جي بيماريءَ سان گڏ ذيابيطس (Diabeties) جي تڪليف بہ هجي تہ فاسفورس تمام ستو ڪم ڪندي آهي.

**ڪالي آئيوڊائيڊ Kalli Iodide**: سوزش گرده ۾ مفيد آهي.

**ڪالي بائيڪروميم Kalli Bichromim**: گردن ۾ شديد سُور، پيشاب ۾ خون ۽ ريشي دار مِڪ جي آميزش.

**ڪالچي ڪم Colchicum**: وائي ۽ ڳنيا وارا مريض جن کي خوراڪ جي بوءِ کان اوڪارا، پيشاب گهٽ، سانوري ۽ ڪاري رنگ جو يورڪ ايسڊ وڌيل (Uric Acid) سُور شديد، سرد مرطوب موسم ۾ اضافو.

**ڪينٿرس Cantheris**: پيشاب خون آلود پيشاب جي حاجت هرهر پر ان دوران شديد جَلڻ ۽ سُور.

**لائيڪوپوڊيم Lycopodium**: ساڄي طرف وارو گردو متورم، پيشاب ۾ ڳاڙهي واري، چهري تي هيٺائي، ڦڪاڻ، قبضي ۽ آڦري، پيشاب ۾ يورڪ ايسڊ گهٽو رات جو پيشاب جي حاجت هرهر، چيلهہ ۾ سُور پيشاب ڪرڻ سان افاقو.

**مرڪار Mer Cor**: مريض جون مهارون سُجيل، وات ۾ بدبو پيشاب ۾ يورڪ ايسڊ ۽ پروٽين، رات جو تمام تڪليفون وڌي وڃن.

## يوريميا Uramea

جڏهن پيشاب جي ذريعي ناڪاره نائٽروجن مادن جو پوري طرح اخراج نہ ٿئي ۽ جنهن جو سَبب گهٽو ڪري گردن جي ناقص ڪارڪردگي سبب هُجي، ليڪن دوران خون جي نظام ۾ ڪا خرابي يا ڪو قلبي عارضو بہ انجو سبب ٿي سگهي ٿو خون ۾ يوريا 7 سيڪڙو جو مقدار وڌي ويندو آهي ۽ هي عارضو يوريميا چوائيندو

آهي. انجون بہ صورتون هونديون آهن نئين ۽ پراڻي.

### علامتون Symptoms

شديد يوريميا ۾ يڪدم بيهوشيءَ جو دؤرو پوندو آهي، جنهن سان گڏ اوڪارا، اُلٽي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هذياني ڪيفيت بہ ٿي پوندي آهي، جنهن سبب مريض کي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي ۽ آخر ۾ ان تي غشي طاري ٿي ويندي آهي جيڪا اڪثر موت جو سبب بڻبي آهي، پراڻي يورميا ۾ غَنُودگي، عُضون ۾ آڪڙ، پيشاب گهٽ، ان ۾ چربي هوندي آهي ۽ يوريا ۽ فاسفيٽ جو مقدار گهٽجي ويندي آهي، مزمن يوريميا جو انجام بہ آخر غشي ۽ بيهوشي هوندو آهي.

### علاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album، ايپس Apis، ايل سيرم El serum، امونيم ڪارب Amonium carb، بيلاڊونا Belladona، ڪيوپرم آرس Cuperm ARS، مٿي جي سور ۾: گلونائين Glonion، زنڪم پڪ Zincum pic، تشنج لاءِ: بيلاڊونا Belladona، سيڪويٽا Ciuta، هيلي بورس.

### مثاني جو التهاب (سوزش) Cystitis

هن تڪليف جا ٻہ قسم هوندا آهن. شديد ۽ مزمن التهاب عام طورتي سوزاڪ(Gonohorrea) يا ڪنهن ٻي مرض، پٿري، زخم مثانہ جي يا ڪنهن قسم جي اوزار جي داخل ٿيڻ سبب ٿيندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ٿڌ لڳڻ يا پيچي پوڻ سبب بہ ٿيندو آهي. بروقت مُناسب علاج نہ ڪيو وڃي تہ التهاب جي شدت گهٽجي ويندي آهي ۽ اهو مزمن (Chronic) صورت اختيار ڪري وٺندو آهي.

### علامتون Symptoms

پيشاب دوران سُور ۽ جَلڻ، مثاني تي بوجهہ، پيشاب زور لڳائڻ ۽ تڪليف ڪان بغير نہ اچي، پيشاب ۾ مِڪ ۽ پونۍ خون مليل ۽ مزمن التهاب جون علامتون ملنديون آهن. جڏهن گردن جي سوزش ۽ سُور جو رُخ مٿي ڪان هيٺ طرف هُجي ۽ مزمن التهاب پر استيٽ گليند (Postate gland) جي ڪنهن عارضي يا پيشاب جي بندش سَبب ٿيندو آهي جيڪڏهن پيشاب مثاني ۾ گهڻي دير تائين رُڪيل رَهي تہ خراب ٿيڻ لڳندو آهي، يوريا تبديل ٿي امونيم ڪاربونيٽ بڻجي ويندو آهي، مثاني جي لعابي استر ۾ سوزش پئدا ڪندو آهي جيڪو بعد ۾ سوز التهاب ۽ ورم جي شڪل اختيار ڪندو آهي.

### علاج Treatment

<u>اپي جيا Epigia</u>: مزمن التهاب، پيشاب ڪرڻ دوران سُور ۽ جَلڻ بعد ۾ مثاني ۾ مروڙ پيشاب ۾ پونۍ، مِڪ، چربي، يورڪ ايسڊ ۽ واري ڪاري رنگ جي.

<u>ايپس ملفيڪا Apis melfica</u>: مريض کي گرمي گهڻي لڳي، اُڃَ گهٽ لڳي پيشاب گهٽ قطرو قطرو اچي، جَلڻ، بدن تي سوزش.

<u>ايڪونائيٽ Aconite</u>: شديد التهاب، چمڙيءَ جي دوا، پيشاب گهٽ، گرم ڳاڙهو جنهن سان گڏ جلڻ ۽ مروڙ.

<u>ايڪوزيٽم Equisetuium</u> : مثانو ڀَريل، پيشاب جي حاجت هرهر قطرو قطرو آچي، پيشاب ڪان پوءِ شديد سُور ٿئي.

<u>بينزونڪ ايسڊ Benzonic Acid</u>: مثانو متورم، پيشاب نهايت بدبودار جيڪو قطرو قطرو اچي.

<u>بيلاڊونا Belladona</u>: پيشاب گهٽ، سياهي مائل، فاسفيٽ

سان پرپور، مثاني ۾ مروڙ غده قداميه وڌيل.

پريرا بريوا Perara Brava: سياهي مائل خون آلود گهاٽو پيشاب، مريض گوڏا کوڙي ئي پيشاب ڪري سگهي، مثاني جو ورم ۽ لڙڪيل مثانو.

تربنٿينا Terbenthena: پيشاب خون آلود، رُڪجي رُڪجي اَچي جنهن ۾ بنفشي جهڙي بوءِ، مثاني ۾ مَروڙ.

چمافيلا Chimaphella: پيشاب قليل، بدبودار، ليسدار، چربيءَ وارو پيشاب ڪرڻ وقت جَلَڻ ۽ سُور مريض کي پيشاب ڪرڻ لاءِ تنگون سوڙهيون ڪرڻيون پون ۽ بيهي پيشاب ڪري.

ڊلڪمارا Dulcamara: سردي لڳڻ يا سرديءَ ۾ ڀڄڻ پوڻ سان مثانو متورم ٿي وڃي.

سارساپريلا Sarsaparella: مثاني ۾ مروڙ پيشاب ڪرڻ بعد شديد سُور پيشاب جي ڏار سنهي ۽ ڪمزور ۽ مريض صرف بيهي پيشاب ڪري سگهي.

سابل سيروليٽا Sabal Serolitta: مثاني ۾ مروڙ پيشاب ڪرڻ ڪانپوءِ شديد سُور پيشاب جي ڌار سنهي ۽ ڪمزور مريض بيهي پيشاب ڪري سگهي.

اسٽفي سيگريا Staphsegria: مثانو متورم، مثاني تي بوجهه، پيشاب ڪرڻ وقت تڪليف ۽ ان کان بغير بہ پيشاب جي نالي ۾ سُور جَلڻ، پيشاب جي حاجت هر هر، ڪجهہ خواتين جو مثانو شادي بعد متورم ۽ سڄي ويندو آهي.

سيپيا Sepia: مثاني جو مزمن التهاب، آهستي آهستي ٻچي داني هيٺين طرف جهڪي.

ڪوپيوا Copava: مثانو متورم، پيشاب ۾ رُڪاوٽ، حاجت

لڳاتار هجي ۽ پيشاب سور سان قطرو قطرو.

<u>ڪينابس اسٽيوا Canabis Stiva</u>: پيشاب جي حاجت دوران سُور، پيشاب ۾ رُڪاوٽ ۽ شديد جلڻ سان پيشاب اچي، بہ ڦارون نڪرن، سوزاڪي اثر سبب پيشاب ۾ پونءِ ۽ مِڪ، چربي.

<u>ڪينٿرس Cantheris</u>: پيشاب جي ناقابل برداشت هر هر حاجت، مثاني ۾ مروڙ پيشاب جي تمام عضون ۾ شديد جَلڻ، پيشاب ۾ خون، پيشاب ڪرڻ وقت مريض ڪي پگهر اچن.

<u>مرڪ ڪار Merc_cor</u>: پيشاب قليل گرم، خون آلود، پونءِ دار جنهن ۾ پروٽين بہ هُجي، مثاني ۾ مروڙ ۽ پيشاب جي نالي ۾ ايتري شديد جَلڻ جو پيشاب ڪرڻ وقت مريض ڪي پگهر اچن.

**مثانو پريل Pressure on Bladder** : آرسينڪ البم Arsenic Album، ايپس Apis، ايڪوزيٽم Equisetum، ڪاسٽي ڪم Causticum.

## مثاني ۾ پٿري Stone in Bladder

مثاني ۾ پٿري عموماً گردن کان نڪري اچي ٿي ۽ اتي پئي پئي وڏي ٿي وَيجي ليڪن ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ مثاني ۾ پٿري پيدا ٿي پوندي آهي.

### علامتون Symptoms

1 پيشاب هر هر اچي، خُصوصاً حرڪت ڪرڻ دوران ۽ ڏينهن جي وقت چاڪاڻ تہ ڏينهن جي وقت حرڪت جي زيادتي سبب تڪليف وڌيل رهندي آهي ۽ رات جو افاقو رهندو آهي. 2 پيشاب ڪرڻ دوران ۽ ان کان فوراً پوءِ پيشاب جي نالي ۽ مثاني ۾ سُور ٿيندو آهي. 3 پيشاب ۾ پونءِ ۽ چربي مليل هُجي. 4 ڪڏهن ڪڏهن پيشاب بعد خون اچي.

### علاج Treatment

يُوااُرسي، بربرس ولگرس، بينزونڪ ايسڊ، سارساپريلا، سيپيا، ڪلڪيريا ڪارب، ڪينٿرس، ليٿم ڪارب، نڪس واميڪا ڪم ايندڙ دوائون آهن.

### پيشاب جي نالي ۾ رڪاوٽ ۽ گوشت Stricture

پيشاب ۾ رڪاوٽ، پيشاب جي ڏار ڦاٽي پوي، ايلوپيٿيءَ ۾ ان جو علاج سرائي گهمائڻ آهي پر هومبيوپيٿيءَ ۾ هن جون به بهترين دوائون آهن.

سڀ کان پهريان ڪليميٽس Clematus آزمايو" بي نمبر تي استفي سگريا Staphsygaria ۽ آخر ۾ ٿوجا Thuja 1m ڏيو.

### ذيابيطس Diabeties

هڪ اهڙو عارضو جنهن ۾ ڪاربوهائيڊريٽ، پروٽين ۽ سٿي جي ڪيميائي ۽ طبعي تبديلين جو عمل (Metabolism) بري طرح متاثر ٿيندو آهي، يعني خلين جي پيدا ٿيڻ ۽ انهن جي پرورش جي لاءِ قوت پهچائڻ جي عمل ۾ نقص واقع ٿي ويندو آهي. ڪاربوهائيڊريٽ جي قوت تبديل ڪرڻ ۽ انهن خلين ۾ قوت پهچائڻ جو عمل انسولين (Insuline) ڪندي آهي جيڪا هڪ هارمون Hormone آهي ۽ لبلبو (شيردان) (Pancrease) جي اندر لينگرزهينز اسفنجي ڳوٽرين مان نڪرندو آهي، جڏهن ڪا شيءِ کائڻ سان خون ۾ گلوڪوز جو مقدار وڌڻ لڳندو آهي ته دماغ پنيڪرياز کي وڌيڪ انسولين ٺاهڻ لاءِ چوندو آهي. ڪنڊ جو مقدار معمول تي اچي وڃڻ بعد انسولين جي نهڻ جو مقدار گهٽجي ويندو آهي. جيڪڏهن مقدار ۾ گهٽتائي يا ڪنهن سبب انسولين گلوڪوز کي قابل جذب بنائڻ يا ان کي بيين خلين تائين پهچائڻ ۾ ناڪام رهي

تہ پوءِ وڌيڪ کي رهندي آهي ۽ ڪجهہ حصو پيشاب سان گڏ خارج ٿيندو آهي.

کنڊ يا گلوڪوز جي جَذب نہ ٿي سگهڻ ۽ خلين تائين نہ پُهچڻ سبب طرح طرح جون تڪليفون پئدا ٿي پونديون آهن ان حالت کي ذيابيطس چوندا آهن.

ذيابيطس جا ٻہ قسم آهن ذيابيطس انسپيڊس ۽ ذيابيطس ميلائسٽس Diabeties Meeitus ۽ Deabeties Inspedis ، انسپيڊس ذيابيطس ۾ ڪثرت بول، بُکَ، اُڃَ ۾ شدت لاغري، ڪمزوري ۽ چمڙيءَ جي خشڪي تہ هوندي آهي پر پيشاب ۾ کنڊ يا ايلبيومن ڪڏهن ظاهر ٿيندي آهي ۽ ان جو وزن مخصوص نارمل کان گهٽ تقريباً 1.003 يا 1.007 . ذيابيطس مان مُراد ذيابيطس ميلائيش هوندي آهي، ان جا ٻہ قسم آهن. 1 اصلي ذيابيطس. 2 ثانوي ذيابيطس جو پينڪرياز جو التهاب سرجري قرڙين يا ڪنهن ٻي عارضي باعث لينگز هينز غدودن جي تباهہ ٿيڻ سبب پئدا ٿيندو آهي. اصلي ذيابيطس ميلائيٽس جون ٻہ شاخون آهن. انسولين منحصر ذيابيطس ۽ ٻيو انسولين مزاحميد ذيابيطس.

اسباب Cause: انسولين مُنحصر ذيابيطس (IDD) جو سَبب انسولين جي اوزار جي شديد ڪمي (گهٽتائي) يا انجي بلڪل عدم موجودگي هُجي تہ اڪثر محققين جو خيال آهي تہ پينڪرياز Pancrease اندر لينگر هينر ٻُوٽرين جا خليا جيڪي انسولين تيار ڪندا آهن اهو غالباً ڪاڪيسڪي وائرس جي حَملي سَبب تباهہ ٿي ويندا آهن ۽ اهڙي طرح انسولين جي پئداوار رُڪجي ويندي آهي.

2 انسولين جي مزاحمتي ذيابيطس جي مريض جي خون ۾

شروع شروع ۾ انسولين جي گھٽتائي ناهي ٿيندي مگر بَدن جا خليا جتي انسولين گلوڪوز کي پهچائيندي آهي اها انسولين کي قبول ناهي ڪندي، ان جي خلاف مزاحمت ڪندا آهن ۽ اهڙي طرح ڪافي انسولين موجود هُجڻ باوجود خون ۾ گلوڪوز جو مقدار گھٽ ناهي ٿيندو بلڪ وڌندو رهندو آهي ۽ بدن کي گلوڪوز نہ ملڻ باعث ڪمزوري، لاغري ۽ ذيابيطس جون بيون تمام تڪليفون پئدا ٿي ويندون آهن. هن صورتحال کي سنڀالڻ لاءِ Pancrease وڌيڪ انسولين خون ۾ موڪليندا آهن. جڏهن اهو عمل ڪُجھ عرصو جاري رهي تہ آهستي آهستي انسولين جي پئداوار ۽ افراز گھٽجي ويندو آهي ۽ اهو ڳجھ اچ تائين ظاهر نہ ٿي سگھيو آهي تہ بدن جا ڪجھ خليا انسولين جي خلاف مزاحمت ڇو ڪندا آهن.

3 مذڪوره بالا اسباب کان علاوه ماحولياتي ۽ جسماني عُوامل اهڙا آهن جيڪي پنهنجي جينز (Genes) ۾ موروثي اثر رکڻ وارن ماڻهن جي چمڙيءَ جي عارضي جي منهن ۾ موڪلي ڇڏيندا آهن، جن ماڻهن جي والدين ۾ ذيابيطس هوندو آهي انهن کي ذيابيطس ٿيڻ جو خطرو وڌيڪ هوندو آهي، انهن جي جينز ۾ انجو اثر موجود هوندو آهي.

4 نامناسب غذا (کنڊ، مناڻ) الڪوحل (شراب) نشاستي دار شيون ۽ سٽپ جو حد کان وڌيڪ استعمال.

5 پُرخوري، شڪم پَروري.

6 ذهني دٻاءُ، جذباتي تڪليف، ذهني سُڪون جتي اسانجي جسم جون بيون ڪارڪردگيون صحيح هجڻ ضروري هونديون آهن. خوراڪ جي هضم ۽ جذب جي عمل جي لاءِ بہ لازمي آهي.

7 ٿلهائپ، اهو عام مُشاهدي ۾ آيو آهي تہ انسولين مزاحمتي

ذيابيطس ۾ مبتلا ماڻهن ۾ 80 فيصد ٿلها ماڻهو هوندا آهن.

8 حمل دوران انسولين جي ڪارڪردگي گهٽجي ويندي آهي ۽ ان جي خلاف خلين جي مزاحمت وڌي ويندي آهي ۽ ان لاءِ حامله عورتن کي ذيابيطس جو خطرو هوندو آهي.

9 ورزش نہ ڪرڻ. جيڪڏهن ماڻهو روزانہ ورزش نہ ڪري يا ڪم ڪار جسماني مشقت نہ هُجي تہ ان جي خوراڪ ۾ نشاستي دار شين (سٽيپ) جي ضرورت گهٽ ٿيندي آهي پر ان جو مقدار انهيءَ حساب سان گهٽ ناهي ٿيندو ۽ آخر ڪار ان کي ذيابيطس ٿي پوندي آهي.

## علامتون Symptons

ڪثرت بول، شدت جي اُڃ، حريصانہ بُکَ، تحفيف وزن، ڪمزوري، نقاهت، ٽيمپريچر نارمل کان گهٽ، چمڙي خُشڪ ۽ کُهڙيون ڦرڙيون، ڪاربنڪل، پيشاب ۾ گلوڪوز (شگر) جو اچڻ ۽ خون ۾ انجو مقدار نارمل کان وڌيڪ هُجڻ ۽ گلوڪوز (Tolerenace) گهٽ هُجڻ عام طورتي غير حامله بالغن جي خون ۾ ناشتي کان اڳ جو مقدار 100 ـ 80 ملي گرام فيصد ملي ليٽر هوندو آهي، غير حامله بالغن جي خون ۾ جيڪڏهن ٻن ٽن موقعن تي ناشتي کان اڳ گلوڪوز جو مقدار 120 ملي گرام ۽ ناشتي کانپوءِ 160 ملي گرام فيصد ليٽر کان وڌيڪ هُجي تہ ذيابيطس جي نشاندهي ٿيندي آهي.

ٻارن جي خون ۾ ناشتي کان اڳ گلوڪوز جو مقدار 115 ـ 100 ملي گرام فيصد ملي ليٽر هوندو آهي، پيشاب ۾ ايسٽڪ ايسڊ يا ايسٽون جي موجودگي رهندي آهي.

## اثرات Effect

ذيابيطس ۾ تقريباً تمام عُضوا ۽ انهن جي ڪارڪردگي بُري طرح متاثر ٿيندي آهي خصوصاً شريانين ۽ وريدن ۽ ان جي ديوارن ۾ لَچڪ گهٽ ٿي ويندي آهي يعني (Areteriosclerosio) ٿي پوندو آهي. ان کان علاوه ان ۾ ايرو چربي دار مادو ۽ ان جا تهه جمي پوندا آهن ۽ اهي تنگ ٿي پونديون آهن. مريض جو بلڊپريشر وڌي ويندو آهي ۽ دل جون شريانيون ۽ انهن ۾ ايترو مادو جمع ٿي ويندو آهي جنهن سَبب مايو ڪارڊيل انفارڪشن (Myo Cardial Infarction) جو حملو ٿيندو آهي. لهذا ذيابيطس جا اڪثر مريض هن تڪليف سبب مري ويندا آهن. گردا ذيابيطس جو سڀ کان پهريون حدف (نشانو) هوندا آهن ۽ مختلف قسم جي عارضن ۾ مبتلا ٿي گردا پنهنجو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن. اعصاب، دماغ، جگر ۽ چمڙيءَ تي ذيابيطس جو وڏو اثر پوندو آهي. مريض ڪي داڻا ڦرڙيون تمام گهڻو تنگ ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪاربنڪل به نڪرندا آهن. ان کان علاوه ذيابيطس ۾ مبتلا مريض ڪي انفيڪشن لڳڻ جو وڏو خطرو رهندو آهي، خصوصاً ٽي بي، نمونيه انفيڪشن يا گينگرين اهڙن مريضن جا زخم به ناهن ڇٽندا.

## علاج Treatment

پرهيز علاج کان بهتر آهي، ۽ اهو مقولو جيڪڏهن ڪنهن عارضي جي باري ۾ ثابت ٿئي ٿو ته اهو ذيابيطس آهي. هن مرض ۾ جيڪڏهن مڪمل پرهيز نه ڪئي وڃي ته علاج ڪارگر ناهي هوندو. ان سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ توجهه مريض جي خوراڪ هوندي آهي، هڪ بنيادي اصول اهو آهي ته اسانجو جسم پنهنجي ڪارڪردگي دوران سڄي ڏينهن ۾ جيترا حراره صرف ڪندو آهي. اسانجي خوراڪ جا حراره ان جي برابر يا ٿورو گهٽ هُجڻ کپن.

ذيابيطس جي مريضن ۽ فربہ (ٿلهن) ماڻهن لاءِ تہ لازمي طورتي گهٽ هجڻ کپن. حديث شريف ۾ آهي تہ مومن هڪ آنڊي سان کائيندو آهي ۽ ڪافر ستن سان يعني مومن ڪنهن بہ حالت ۾ پرخوري ناهي ڪندو حضور پاڪ جن جو سڀ کان اهم فرمان اهيو آهي تہ پنهنجي کائڻ پيئڻ جي شين ۾ تور ماپ ڪريو يعني اندازو لڳائي کائيندا ڪريو.

1 اسانجي خوراڪ جا چار اهم جز آهن. 1 لحميات. 2 ڪاربو هائڊريٽ. 3 روغنيات. 4 حياتين.

علاج Treatment

سائيزجيم جمبولينم Syzygiumjnb: هي ذيابيطس جي هڪ بنيادي دوا آهي. هن جا پندرهن پندرهن قطرا هڪ ڏُڪَ پاڻيءَ ۾ وجهي پيهريءَ ۽ شام جو کاڌي کانپوءِ استعمال ڪرايو پر هي هڪ اڪيلي دوا ڪافي ناهي ان سان گڏ علامتن جي حساب سان ڪا بي دوا ڏيڻي پوندي.

يورينيم نائٽريڪم Urinium Nitricum

ڪثرت بول. شديد اُڃ. بيحد بُکَ. ڪمزوري. لاغرزي. تنهنيف وزن ۾ گهٽتائي. پيٽ ۾ آڦري. نظام انجذاب. خوراڪ ۾ نقص هيءَ دوا ڏينهن ۾ بہ دفعہ ڏيو.

فاسفورڪ ايسڊ Phosphoric Acid 1x/3x: پيشاب جي حاجت هرهر. چڏن ۾ سُور لاغري نقاهت ۽ اعصابي ڪمزوري. هي دوا ان حالت ۾ مؤثر ثابت ٿيندي آهي جڏهن مرض جو وڏو سبب اعصابي چڪ جذباتي صَدمو هجي. هي دوا ڏينهن ۾ بہ دفعا ڏيو.

هيلونياس Helonios 3x 30: چَپَ خُشڪ. اُڃَ شديد. چڙچڙاهپ نقاهت. وزن جي ڪمي. ڪثرت بول. اُداسي. پير سُنَ. مٿي

جي چوٿي ۾ جَلڻ، ڏينهن ۾ ٻه دفعا ڏيو.

فلاربڊزين Phellardizen: پيشاب ۽ خون ۾ گلوڪوز جو مقدار گهٽ ڪرڻ ۾ وڏي مؤثر دوا آهي. ڏينهن ۾ ٻه دفعا ڏيو.

نيٽرم سلف Nat Sulf 6x:بلغي مزاج مريض جن جو تمام تڪليفون مرطوب ماحول يا موسم ۾ وڌي وَڃن، خشڪ ماحول ۽ خشڪ موسم ۾ خوش رهن. پيشاب ۾ ڳاڙهي واري، صفرادو مادا اچن، ڏينهن ۾ ٻه دفعا ڏيو.

فسيولس Phasiolus: ذيابيطس جون بيون علامتون، مريض جي نبض جي ضرب ڪمزور ۽ رفتار تيز هُجي ۽ انجي دل ٻه ناساز رهندي آهي، ڏينهن ۾ ٻه دفعہ ڏيو.

مرٽنس ڪميونس Murtus Cumunis: پيشاب ۾ گلوڪوز جو مقدار گهٽ ڪرڻ ۾ عمدو ڪم ڪندي آهي. پيشاب ۾ ايسٽون بہ گهٽ ڪندي آهي، ڏينهن ۾ ٻه دفعہ ڏيو.

ليڪٽڪ ايسڊ Lactic Acid: بي حد اشتها، شديد اُڃ، زبان خُشڪ ۽ اوڪارا، چمڙي خشڪ ۽ کهري، ڪثرت پيشاب، ڏينهن ۾ هڪ دفعو ڏيو.

ايسٽڪ ايسڊ Acetic Acid: ذيابيطس کان علاوه مريض خون جي ڪميءَ جو شڪار، ان جا پير ۽ ٽنگون سُجيل هيون، پيشاب، اُڃ، ڪمزوري گهٽي، ڏينهن ۾ هڪ دفعو ڏيو.

ايلاڪسن Elaxan 6: هي دوا ٻه ذيابيطس لاءِ فائديمند آهي، مريض تمام گهڻو ڪمزور، حرارت عزيزي گهٽ، سُستي ۽ ٿڪاوٽ ڪنهن ڪم تي دل نہ چوي، مريض تنهائي پسند، بُکَ گهٽي، پر جلد پيٽ پرجي وڃي، چَهريون شيون نہ وڻن، پيٽ ۾ آڦري، چمڙي خُشڪ ۽ کهري ڏريل، پيشاب ڏينهن جو گهڻو اچي.

سيفلينڊرا انڊيڪا Syphlandra Indica 3x: تمام جسم ۾ جَلڻ، وات خشڪ، اُڃ شديد، پيشاب گهٽ، نقاهت، چڪر، بک گهٽ، پيٽ ۾ آڦري.

آرسينڪ البم Arsenic Album 30: ذيابيطس دوران گينگرين جو حملو ٿئي ته آرسينڪ البم استعمال ڪرايو ڏينهن ۾ ٻه دفعا ڪارايو.


ڊولي ڪوز Dolicos 6: ذيابيطس دوران شديد خارش، جيڪا سلفر سان به گهٽ نه ٿئي.

ڪيوراري Curare 6: ذيابيطس دوران حرڪتي اعصاب ڪمزور يا مفلوج ٿي وڃن. ڏينهن ۾ ٻه دفعا استعمال ڪرايو.


ايلومينم مٽ 200_اوپيم: جيڪڏهن مريض تي غشي طاري ٿي پوي ته پندرهن منٽن بعد ايلومينم ميٽ يا اوپيم هڪ خوراڪ ڪارايو. هوش ۾ اچڻ تي علامتي دوائون استعمال ڪرايو. ان کان علاوه نڪس، لائيڪوپوڊيم، آرس، ۽ پلبم ميٽ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

## پراسٽيٽ گلينڊ غُدد قدامية Prostate Gland

پراسٽيٽ گلينڊ مردن جي مثاني جي مُنهن ويجهو مبال (يوريٿرا Urethera) سان چنبڙيل سُرخ نسواري رنگ جو هڪ غُدود آهي. بارڻائپ ۾ ته هڪ بادام برابر هوندو آهي ليڪن بلوغت



Normal Prostate



Enlarged Prostate

بعد وڏندي اخروٽ جيترو ٿي ويندو آهي. نسل انسانيءَ جي توسيع ۾ هن جو وڏو حصو آهي. ڇاڪاڻ تہ توليدي مايع سان گڏ ٻچي داني ۾ پهچندو آهي. 80 فيصد پراسٽيسٽ گليند ۾ ٺهبو آهي ۽ جمع رهندو آهي، ان مايع يعني مَني ۾ ناتوان اسپرمي خلين جي پرورش جي لاءِ لطيف ترين پروٽين. ڪيترن ئي قسمن جي انزائيم، گلوڪوز ۽ چڪناهٽ موجود هوندي آهي، سپرم مَني ۾ ترندي، ماده بيضہ جي طرف ويندا آهن ۽ جيئن تہ مائع الڪلي هوندو آهي، ان لاءِ ٻچي داني جي تيزابيت کان محفوظ رهندا آهن. جيڪڏهن پراسٽيسٽ گليند نہ هُجن يا ان جي ڪارڪردگي ختم ٿي وڃي تہ مرد جي جنسي حالت. فعاليت ۽ صلاحيت تہ گهٽ ناهي ٿيندي پر اهي اولاد پيدا ڪرڻ جي قابل ناهن رهندا. مثاني مان پيشاب جي نالي مبال (يورٿرا) ۾ ويندي آهي، اها پراسٽيسٽ غدود جي وچين حصي جي مٿان گذرندي آهي ۽ جيڪڏهن پراسٽيسٽ متورم ٿي وڃي تہ Infection ٿي پوندو آهي يا پراسٽيٽ غدود وڏي وڃي تہ مبال (Urethra) تي دباءُ پوندو آهي ۽ پيشاب ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ پيشاب بلڪل بند ٿي ويندو آهي ۽ مثاني مان واپس گردن ۾ هليو ويندو آهي ۽ پوءِ اتان خون ۾ ملي ويندو آهي اهي اهڙي طرح يوريميا (Uramia) سميت خون جي ڪيفيت پيدا ٿي پوندي آهي ۽ عارضي التهاب ۽ انفيڪشن تي ڪنٽرول ٿي ويندو آهي پر غدود قدامہ جو سپ کان گهٽو ۽ عام عارضوانهن جو وڏي وڃڻ ئي هوندو آهي.

## پراسٽيٽ گليند جو وڏي وڃڻ Enlargment of prostat gland

هي عارضو مردن ۾ عموماً عمر جي ماٺهن اڪثر لاحق ٿيندو آهي. عورتن ۾ هي غدود ڪونہ هوندا آهن. ان ڪري انهن کي هي

عارضو ڪونہ ٿيندو آهي. 50 سال جي عمر ۾ هي خطرو 20 سيڪڙو 70 سال ۾ 50 سيڪڙو ۽ 80 سال ۾ 80 سيڪڙو ماڻهو هن ۾ مبتلا ٿي پوندا آهن ۽ هن جي سائيز وڌي وڃي تہ مبال (Urethra) ۽ مثاني جي مُنهن تي دباءُ پوڻ سبب پيشاب جي وهڪري ۾ رڪاوٽ اچي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو بلڪل بند ٿي ويندو آهي ۽ مثانو متورم ٿي پوندو آهي ۽ ان ۾ پٿري بڻجڻ لڳندي آهي. گردن جي فعل ۾ نقص اچي ويندو آهي ۽ يوريميا جو خطرو ٿي پوندو آهي ۽ پيا بہ ڪيترا عارضا شروع ٿي ويندا آهن جنهن مان گهڻو خطرناڪ غده قداميہ جو ڪينسر آهي.

## علامتون Symptoms

پيشاب جو هرهر اچڻ، رڪجڻ، جَلڻ سان اچڻ، غدودن جي وڌڻ جون علامتون آهن. پيشاب عموماً رات جو هرهر اچي، ياد رهي تہ جيڪڏهن پيشاب ڏينهن ۾ هرهر ۽ رڪجي رڪجي اچي تہ انجو سبب مثاني جي پٿري هوندو آهي، ۽ پراسٽيٽ گلينڊ وڌي وڃڻ باعث تڪليف رات جو وڌيڪ ٿيندي آهي، مريض کي رات جو ڪيترا ئي دفعا اٿڻو پوندو آهي، ۽ پوءِ صُبح جو سوير بستر مان سڌو غسل خاني وڃڻو پوندو آهي ۽ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ پيشاب جي رفتار ڏار سُست ۽ ڪمزور آهي، جيڪڏهن هو سمجهندو آهي تہ پيشاب ختم ٿي ويو آهي تہ پوءِ ڏار نڪرندي آهي ۽ مثانو خالي ڪرڻ لاءِ زور لڳائيندو آهي، پر مثانو خالي ناهي ٿيندو ۽ اها تڪليف هرهر ٿي پوندي آهي.

## مرض جا سبب

پراسٽيٽ گلينڊ جو التهاب شراب نوشي جي ڪثرت، جنسي بي اعتدالي ۽ سردي لڳڻ آهي، جڏهن عمر سان گڏ اهي وڌي

ويندا آهن ۽ اهو قدرت جو هڪ راز آهي جيڪو اجا تائين ڪلي ناهي سگهيو. عموماً پراستيٽ جي واڌ جنسي هارمون جي ڪمي باعث ٿيندي آهي. حالانڪ منطقي طورتي انهن ڪي سُڪڙ جي پارٽائپ واري سائيز بعد ننڍو ٿيڻ کپي.

علاج Treatment

جن ماڻهن جو پراستيٽ گليند وڏيل هجي. متورم نہ هُجي، شراب، مرچ مصالحہ، چانهن ڪافي ۽ ٻيون شيون رهڙ (خراش) پيدا ڪرڻ واري غذا کان پرهيز ڪرڻ کپي، مريض کي هيٺين دوائن مان علامتن مطابق دوا استعمال ڪريو.

ايپس Apis: پراستيٽ متورم، مريض گرم مزاج ۽ گرمائش کان تڪليف وڌي، اڃ بلڪل گهٽ، پيشاب گرم هجي ان سان گڏ جلڻ ۽ ڏنگ لڳڻ وارو سُور.

برائتا ڪارب Baryta Carb: مريض کي سردي گهٽي لڳي، پراستيٽ غدود وڏيل، ڪلين ۾ سوڄ، پراستيٽ وڏيل، تمام علامتون موجود هجن، ڪراڙا ماڻهو انهن ۾ وڏيڪ فائديمند آهي.

پلسٽلا Pulsatilla: پراستيٽ جو شديد التهاب، پيشاب قطرو قطرو اچي، مثاني ۾ مروڙ گرمائش ۾ تڪليف ۾ اضافو ٿئي.

چمافيلا Chimaphella: پراستيٽ جي وڏي وڃڻ يا متورم ٿيڻ سبب پيشاب ۾ گهٽي رڪاوٽ هجي تہ ڊجٽليس (Digitalis) غدد جي وڏي وڃڻ يا متورم ٿيڻ سبب پيشاب ۾ گهٽي رڪاوٽ.

ڪونيم ميڪ Conium Mac: پراستيٽ وڏيل، مثاني تي دباءُ، مثانو خالي نہ ٿي سگهي، ٿورو سُور بہ هُجي.

سابل سيروليتا Sabalserolita: پراستيٽ وڏيل ۽ متورم مثانو پيشاب سان گڏ مني نڪري، خصيا سُڪڙجي وڃن، قوت مرد

جي گهٽ ٿي وڃي، پيشاب هرهر اچي، خصوصاً رات جو پر رُڪجي رُڪجي وڃي، جنهن سان گڏ سُور ۽ جَلڻ.

**سلينم Selenium**: پراسٽيٽ متورم هَلَڻ ڦرڻ اٿڻ ويهڻ، ڪاڪوس ڪرڻ دوران مني جو اخراج هُجي، مريض جا وار ڇڻي پون، گرمي ۽ جماع ڪانْ پوءِ تڪليف ۾ اضافو.

**ڦيرم پڪريڪم Ferum Picric**: پراسٽيٽ تمام وڏيل، رات جو پيشاب هرهر اچي ان ۾ رڪاوٽ هُجي، مقعد تي بوجهه، مثاني جي ڪنڌ ۾ دباءُ محسوس ٿئي، ڪراڙن ماڻهن لاءِ مفيد آهي.

**ٿوجا Thuja**: پراسٽيٽ وڏيل، مثاني جي ڪنڌ ۾ سُور جَلڻ، پيشاب هرهر تيز خواهش، رات جو سردي ۾ تڪليف گهٽي.

**ٽرائيٽڪم Triticum**: پراسٽيٽ وڏيل، پيشاب ۾ رڪاوٽ، مثانو متورم، پيشاب جي مسلسل حاجت.

**ٿوجا Thuja**: پراسٽيسٽ وڏيل، مثاني جي ڪنڌ ۾ سُور جَلڻ پيشاب جي هرهر تيز خواهش رات جو ۽ سردي ۾ تڪليف زياده.


**هائڊرنجيا Hydrangia**: پراسٽيٹ وڏيل، پيشاب جي نالي (مبل) (Urethra) ۾ جلڻ، پيشاب جي خواهش هرهر، پيشاب جا تمام اعضا ۽ چيلهه ۾ سُور، پيشاب ۾ مِڪُ ۽ سفيد لوڻ، اڄ گهٽي، معدو ڪمزور.

**استفي سيگريا Staphsegaria**: پراسٽيٽ وڏيل، متورم، مثانو خالي نه ٿئي، پيشاب هرهر، نالي ۾ جلڻ ۽ سُور.

***

# باب: سورهون

# سنڌن، هڏن ۽ جوڙن جا مرض Diseases of Bones, Joints and Muscles





هڏي ڇا آهي What is bone?: انساني جسم ۾ 206 هڏيون آهن ۽ اها حقيقت تہ انساني جسم هڏين جي ميڪانيڪي صلاحيت جو هڪ لاجواب نمونو آهي، انساني جسم ناهڻ واريون هڏيون، پروٽين (Protein) ۽ ٻين ڪيميائي جزن سان ٺهيون آهن، قدرت هڏين کي مضبوطي بہ ڏني آهي ۽ لچڪ بہ، جيئن اهو انساني جسم جا تمام عُضوا حفاظت جو فريضو انجام ڏئي سگهن، انساني

جسم ۾ جنهن جاءِ هڏين جو ميلاپ ٿيندو آهي، ان کي جوڙ (Joints) چوائيندو آهي، هي تمام جوڙ پنهنجي جڳهه تي انتهائي اهم هوندا آهن. ليڪن چند جوڙ اهڙا هوندا آهن جن جي ذمي ڪيترائي اهم ڪم هوندا آهن. جيئن ڪُلهي جي جوڙ جي حرڪت ۾ صلاحيت بي مثال هوندي آهي جڏهن تہ ڪُجهہ جوڙ ساڪت تي وَڃن ٿا جيئن کوپڙي (Skull) جي هڏي جا جوڙ. حرڪت ڪرڻ وارن جوڙن کي رباط (جهلي وارو بند) (Ligaments) سهارو ڏيندا آهن ۽ انهن جي افاديت بہ مُسلمہ آهي. ان کان علاوه انساني جسم جا پٺا (مُشڪون) (Muscles) جوڙن جون حرڪتون ڏيڻ ۾ تعاون فراهم ڪندا آهن.

مرد ۽ عورت جي هڏين جي سائيز ۽ بڻاوٽ ۾ ڪجهہ فرق هوندو آهي ۽ فرق جو پنهنجو فائدو آهي، جيئن تہ مرد جي هڏين جو ڍانچو عورت جي ڍانچي نسبت وڏو ٿيندو آهي ۽ مضبوط بہ ڇاڪاڻ تہ مردن کي بيروني حالتن جو مقابلو ڪرڻو هوندو آهي، جڏهن تہ خواتين جو جسم نازڪ ۽ گهر جا ڪم ڪار انجام ڏيڻ لاءِ بهترين هوندو آهي. ليڪن مرد جي نهائين (Pelvis) عورت جي نهائين (Pelvis) کان تنگ هوندي آهي، ان ۾ اها حڪمت هوندي آهي تہ عورت کي ٻار ڄڻڻو هوندو آهي جنهن جي لاءِ ڪليل نهائين جو هُجڻ ضروري آهي. انساني ڍانچو يا (Skeletone) هڏين سان ٺهيل هوندو آهي جنهن جي ڪري هڪ خاص انساني شڪل جو بنياد نظر ايندو آهي. هڏيون جسم کي مضبوط سهارو مُهيا ڪنديون آهن. اهي اسانجي جسم جي نازڪ حصي، دماغ، حرام مغز ڦڦڙن ۽ دل وغيره کي ضرب، يا ڌڪ کان محفوظ رکندو آهي، جسم جي ڪارڪردگيءَ ۾ هڏيون خاص ڪردار ادا ڪنديون آهن. وڏين هڏين اندر موجود گودو (Bone Marrow) کي اسانجي خون جا ڳاڙها جزا ٺاهيندا آهن.

**انساني ڍانچي ۾ موجود هڏيون:** هڪ بالغ ماڻهوءَ جي جسماني ڍانچي ۾ 206 هڏيون هونديون آهن: مرڪزي ڍانچو Axial Skeleton ريڙهہ (ڪرنگهي) جي هڏين جو تعداد 26 عدد هوندو آهي، کوپڙي جي هڏين جو تعداد 22 عدد هوندو آهي، هائيڊ نوڙهي، ٻُياڙي جي هڏي 01 عدد، پاسيرين ۽ سيني جون هڏيون تعداد 25 عدد توٽل 74

**گڏيل ڍانچو Appendicular Skeleton**: متين ڏڙ جون هڏيون ڪل تعداد 64 عدد. هيٺين ڏڙجي هڏين جو تعداد 62 عدد. ڪن




جي هڏين جو تعداد 06 عدد. توٽل 126 عدد. ڪُل توٽل 206 عدد.

ڍانچي کي سمجهڻ لاءِ ان کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي، مرڪزي ڍانچو (Skeleton Axial) هن ۾ 80 هڏيون پاتيون

قاصر ٿي ويندو آهي، ۽ هر وقت ڪڙين کي مهٽيندو رهندو آهي. هي سور مزمن نوعيت جو هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ حاد نوعيت ۾ مريض کي خبر ناهي پوندي ڇاڪاڻ تہ جڏهن مرض شروع ٿيندو آهي تہ انتهائي معمولي نوعيت جو هوندو آهي، تنهن ڪري مريضن کي درگزر ڪندو رهندو آهي. تڏهن هي مرض وڏي ويندو آهي ۽ انتهائي تڪليف ده ثابت ٿيندو آهي، هي درد عموماً يورڪ ايسڊ جي وڌڻ سبب لاحق ٿيندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن يورڪ ايسڊ (Uric Acid) نارمل هُجڻ جي باوجود بہ سور وڌندو ويندو آهي. اهڙا ماڻهو ڪڙي جي سُور کي نظر انداز ڪندا رهندا آهن ۽ سور ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن.

ڪڙيءَ جي سُور جو هڪ وڏو سبب ڪُڙيءَ جو ڪنڊو هوندو آهي جنهن کي Spur چيو ويندو آهي. هن بيماريءَ جو شڪار بڻي جنسون ٿي سگهن ٿيون، ۽ اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ هن مرض ۾ مبتلا ماڻهو سنڌن جي ٻين عارضن جا بہ شڪار هوندا آهن. هن مرض جي ڪُڙيءَ جي ڪنڊي يا ڪڙي جي ٿوري چوڻ جو سبب اهو ئي آهي تہ جيئن وٽن جا ڪجهہ ڏار ۽ ڪجهہ حصا وڏي ڪنڊي يا ڏانڊي جي شڪل ۾ ٻاهر نڪري ايندا آهن اهڙيءَ طرح ڪُڙيءَ جي هڏيءَ جو ڪُجهہ حصو ٻاهر نڪري ايندو آهي، ٻاهر جي طرف ظاهر ٿيڻ وارو اهيو حصو انتهائي معمولي هوندو آهي ۽ ان جي ٻاهر نڪرڻ جو سبب اهو هوندو آهي تہ ڪڙيءَ جي ان نس يا رابطي جي ڏورين جي طرف ڪئلشيم جمع ٿيندو آهي ۽ ڪڙي جي پير سان جوڙي ٿي. ظاهري طرح اهيو ڪنڊو هُڪ (Hook) يا ڪنڊيءَ جيان نظر ايندو آهي ۽ ائين نظر ايندو آهي جيئن ڏند ٻاهرين طرف نڪري ايندو آهي.

### مرض جا سبب Cause Of diseases

هن مرض ۾ عموماً اهڙا ماڻهو مبتلا ٿيندا آهن، جن کي پهريان هڏين جي مزمن سوزش ۽ درد جي شڪايت رهي هُجي، ڪُڙيءَ جي ٿور جي سور جي ڪيفيت اهڙي هوندي آهي جو جڏهن مريض ليٽي پوندو آهي تہ درد کي آرام اچي ويندو آهي ليڪن جڏهن اٿندو آهي تہ درد شروع ٿي ويندو آهي، هن درد کي پيرن جو "درد دندان" بہ سڏيندا آهن.

### علامتون Sympotoms

1 عام طورتي سور صبح جو اٿڻ سان ئي شروع ٿيندو آهي. 2 درد جي شدت جي اصل سبب ٿوريا ڪنڊو نہ پر هلڻ دوران جڏهن کُڙي تي وزن پوندو آهي تہ ان ڪُنڊي جي چوڌاري سوزش ٿي پوندي آهي جيڪا درد جو سبب بڻبي آهي. آرام ڪرڻ وقت گهٽتائي واقع ٿيندي آهي، جڏهن تہ گهٽي هَلڻ ڦرڻ سان سور شديد ٿي ويندو آهي.

### علاج Treatment

ارسٽولوچيا Aristolochia: ڪڙين ۾ سُين چُيڻ جهڙو سُور هُجي تہ نافع دوا آهي، مريض جي چيلهہ ۽ هٿن پيرن ۾ بہ سُور جي ڪيفيت طاري رهندي آهي، ٽنگن ۾ آڪڙ محسوس ٿيندو آهي ۽ پيڏين جي رڳن ۾ سور ٿيندو آهي.

ايلومنيا Aluminia: ڪڙيون بيحس هُجن ۽ سُور ڪَن، جڏهن مريض ٽنگ تي ٽنگ رکي ويهي تہ شديد درد هجي تہ مجرب دوا آهي، هن دوا جي مريض جي پيرن جا ترا نازڪ ۽ ڦليل هوندا آهن. ڪُلهن ۾ سُور جيڪو نونين تائين اچي تہ هي دوا ضرور آزمائجي.

بربرس وِلگرس Berberis Vulgaris 30: ڪڙين جو سُور

جنهن تي گهڻو وزن وجهڻ سان آرام، گردن جا مرض ڳنڍنيا جا سُور.

**چيلنڊونيم Chelendonium**: ڪرڙين ۾ ناقابل برداشت سُور جيئن سوڙهو جُوتو پائڻ سان ٿيندو آهي، ساڄي پير ۾ کٻي پير جي نسبت سُور جي شدت وڌيڪ هوندي آهي. ڪرڙبن ۾ سُور جنهن سان گڏ آڱرين جون چوٽيون برف جيان ٿڌيون هُجن. ڪارائيءَ ۾ سُور جيڪو ٻانهن تائين وڃي ۽ انتهائي شدت اختيار ڪري.

**رينن ڪيولس بلب Ranun Culisbulb 30**: ڪرڙبن ۾ سُور ۽ جهٽڪا لڳڻ جي ڪيفيت هجي ته نافع دوا آهي. شرابي ماڻهن جي سُورن جي لاءِ خاص دوا آهي، مريض جي سڄي جسم ۾ جهٽڪا لڳن ۽ شياٽيڪا (Siatica) جا پراڻا مريض ۽ ڪرڙبن جي سور ۾ فائديمند دوا آهي.

**ڪالي بائيڪروميم Kalli Bichromium 200**: ڪرڙين جي سُور لاءِ بهترين دوا آهي، مريض گهمي ته شديد سُور ٿئي ۽ هي دوا ضرور ڏيڻ کپي. هڏيون ڪمزور هُجن ۽ ان ڪري سُور ٿئي، هن دوا جي خاص علامت اها آهي ته ڪُرڙين جو سُور سردي لڳڻ ڪري وڌي وڃي، تمام سنڌن ۾ سُور ۽ سوج جنهن سان گڏ سختي ۽ ڪڙڪڙاهٽ لاءِ مجرب دوا آهي.

**ڪالچي ڪم Colchicum**: ڪرڙين جي شديد سُور لاءِ، چورڻ ڇُهڻ ناقابل برداشت هُجي، هن دوا جي مريض جا گوڏا هلڻ وقت پاڻ ٽڪرائجي وڃڻ تائين. ٽنگ ۽ پيرن تي استقسائي سوج نمايان هوندي آهي پيرن جا آڱونا سوزش وارا. سور شام جو ۽ گرم موسم ۾ وڃن.


**ليڊم پال Ledum pal 200**: ننڍن جوڙن جو ڳنڍنيا. ان لاءِ بهترين دوا آهي، ڳنڍنيا جو سُور پيرن طرف شروع ٿئي، ڪرڙيون متاثر

ٿين. ڪڙين سان گڏ مريض جي ترين ۾ بہ سُور ٿئي جنهن جي ڪري هلڻ ڦرڻ کان لاچار.

**ويليريانا Valeriana 30**: مريض جڏهن ويهندو آهي تہ ڪڙين ۾ شديد سُور ٿيندو آهي ۽ هلڻ ڦرڻ سان سُڪون ملندو آهي. ڳنڍيا جو سُور ۽ ان ۾ نافع دوا آهي. جڏهن سُور سان گڏ جهٽڪا لڳڻ جون علامتون هُجن.

## رڪٽس Rickets

ٻارن جي واڌ ويجهہ دوران لوڻ جذب ٿيڻ جي قوت ۾ گهمي



واقع ٿي ويندي آهي ان جي ڪري هڏين جي واڌ ويجهہ رُڪجي وڃي تہ هن مرض کي Rickets چيو ويندو آهي. جڏهن ڪئلشيم جي اها گهمي ڇهہ مهينن يا ان کان گهٽ عمر جي ٻارن ۾ ٿيندي آهي ۽ انهن ٻارن کي جهٽڪا لڳڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ 5 سالن جي عمر تائين جي ٻارن ۾ تہ هڏيون ڪمزور ٿي وينديون آهن اهڙي ڪيفيت کي Rickets جو نالو ڏنو ويندو آهي ۽ هيٺيون علامتون واضع ٿي پونديون آهن.

## علامتون Sypptoms

1 شديد بيچيني ۽ چڙچڙاهٽ نمايان ٿي پوندي آهي ۽ مريض ننڍين ننڍين ڳالهين تي بگڙجي پوندو آهي. 2 جسماني ۾ تاخير ٿيندي آهي. 3 هڏين جي بيهڪ ۽ شڪل ۾ بگاڙ واقع ٿيندو آهي. 4 ذهني طورتي پسماندگيءَ جا آثار پاتا ويندا آهن. 5 شديد جسماني ڪمزوري ٿيندي آهي. 6 ڪُلهن ۽ ڪنڌ جي مُشڪن ۾ سُور رهندو آهي. 7 ڇاتيءَ جي پتين ۾ بيقاعدگي پاتي ويندي آهي. 8 ڪُلهن جا جوڙبد وضع ۾ بيقاعده هوندا آهن. 9 سينوا پريل جيئن ڪبوتر جو هوندو آهي. 10 جسم جون مُختلف جايون جيئن ڪارائي، گوڏا ۽ ڇاتيءَ تي ڳلتيون بڻجي وينديون آهن جن ۾ درد ناهي هوندو.

## مرض جا سبب Cause Of diseases

وٽامن D جي شديد ڪميءَ جي سَبب اهيو عارضو لاحق ٿيندو آهي. ٻار اهڙي گهر ۾ رهندو آهي جتي اُس جو گذر بَسر نہ ٿيندو هُجي ۽ هي عارضو لاحق ٿيڻ جا خدشا هوندا آهن. غذائي قلت هن بيماريءَ جي وڏي وجهہ هوندي آهي. ٻار وقت کان پهريان پئدا ٿئي تہ هن مرض جي ٿيڻ جا قوي امڪان هوندا آهن. خاندان ۾ هن قسم جون بيماريون موجود رهن تہ ہn مرض لاحق ٿيڻ جا امڪان وڏي ويندا آهن. ماءُ کي هرهر حمل ٿيڻ جي عادت هجي تہ رحم جي ڪمزوريءَ سبب ٻار کي هي مرض ٿي سگهي ٿو. اهڙا ٻار جن کي ماءُ جو کير مُيسر نہ هُجي ۽ ٻاهريون کير انجي خوراڪ هُجي تہ هي مرض ٿي پوندو آهي.

## علاج Treatment

<u>ايسافوٽيڊا Asafoetida 30</u>: جڏهن ماءُ علالت باعث ٻار کي صحيح ۽ پوري مقدار ۾ کير نہ ڏئي سگهي ۽ ٻار (Rickets) جو

شڪار هجي تہ هي دوا نافع آهي.

سليشيا Silicia: رڪٽس جو شڪار ٻار جن جي مٿي ڪي قرڙيون ٻڌجي وڃن، ان لاءِ خاص دوا آهي، ٻارن جي ڪنن مان پونءِ خارج ٿئي.

سلفر Sulfer 30: هن مرض جي شروع ۾ هن دوا جون چند خوراڪون ڏيڻ سان مرض قابو ۾ ايندا آهن. هن ڪان علاوه ديگر منتخب ڪيل دوائون پنهنجا اثرات جلد ظاهر ڪرڻ لڳنديون آهن.

فيرم فاس Ferum_Phos 6x: هي دوا ٻارن ۾ خون جي ڪمي کي پوري ڪندي آهي، اهڙا ٻار جن کي آلات تنفس جا عارضا بہ لاحق هجن ان ۾ ڪاميابي سان استعمال ڪئي ويندي آهي.

فاسفورس Phosphorus: رڪٽس (Rickets) جو شڪار اهڙا ٻار جن جو پيٽ ڦوڪيل، اسهال، اڇو پيشاب يا گدلو پيشاب هجي تہ ڪاميابيءَ سان ڪارآيو.

## ڪنگيءَ - سڪي جو مرض Marasmus

اهڙا ٻار جيڪي شديد غذائي قلت جو شڪار هُجن ۽ انهن کي ضروري غذائي حراره مُيسر نہ اچن اهي ڪنگيءَ (Marasmus) جي مرض ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. اهڙا ٻار جن کي لحميات سان گڏ ضروري حرارن جو مقدار (Vitamins) نہ ملي



سگهي، اهي هن مرض جو گهڻو شڪار ٿيندا آهن. ميراسمس مرض غذا ۾ پروٽين ۽ حرارن جي قلت باعث پئدا ٿيندو آهي، ٻارن کي بوتل جو کير هن مرض جو وڏو ڪارڻ آهي جنهن جي وَبا اڄڪلھ شهرن،

ڳوڙن تائين پهچي چڪي آهي، ناواقفيت جي بنياد تي مائرون اڪثر کير کي صحيح طورتي صحت جي اصولن جي مطابق تيار ڪري نـ سگهنديون آهن جنهن جي ڪري کير جراثيم آلود ٿي ويندو آهي ۽ ٻار مسلسل دستن ۽ اسهالن جي بيماري جو شڪار رهندو آهي ۽ بالآخر هي مرض ٻار جي جان وٺي ڇڏيندو آهي اهڙن ٻارن جو وزن ڏينهون ڏينهن گهٽبو ويندو آهي جنهن جي ڪري ٻارن ۾ هيٺيون علامتون ظاهر ٿينديون آهن.

## علامتون Symptoms

1 اهي ٻار بظاهر سڪي ڏٻرا ٿي هڏين جو ڍانچو بڻجي ويندا آهن. 2 وزن انتهائي گهٽبو ويندو آهي. 3 جسم تي چربي گهٽبي ويندي آهي ۽ عضوا ڪمزور ٿيڻ لڳندا آهن. 4 ٻار ڪراڙن ماڻهن جيان نظر ايندا آهن. 5 پاسيرين ۽ هڏيون نمايان ٿي پونديون آهن. 6 ڪجهہ ٻارن جو پيٽ ڦوڪجي ويندو آهي ۽ ڪنهن جو اندر هليو ويندو آهي. 7 جسم جو درجہ حرارت (Temperature) نارمل کان گهٽ رهندو آهي. 8 دست ۽ اسهال هوندا آهن.

**نوٽ:** واضع هجي تہ سُڪيءَ جي مرض ۾ ٻار ڏٻرو، ڪمزور هڏين جو ڍانچو ( پڃرو ) هوندو آهي، جڏهن تہ ڪواشيور (Quarashior) جي مريض ۾ سوڄ (Oedemar) سبب ڍلائپ ۽ پلپلائپ هوندي آهي.

## علاج Treatment

<u>آيوڊم Iodium 30</u>: بک گهڻي لڳي ليڪن ان باوجود ٻار ڪمزور ٿيندو وڃي، پيٽ وڏيل ۽ ان اندر غدودن جي سوزش هُجي.

<u>ابراٽينم Abrotinum 30</u>: لاغري جيڪا هيٺين ڌڙ ۾ هُجي، سُڪيءَ جي مرض ۾ پيٽ ڦوڪيل ۽ پيٽ وڏي وڃي، قبضي ۽

اسهال هرهر هُجن، ٻارن جي جسم تي گهنج پئجي وڃن.


ايٿيوزا Aethusa 30: کير پيئندي ئي جهٽڪي سان ٻاهر نڪري اچي، الٽي ڇميل کير جي، ڪمزوريءَ سبب ٻار ويهي به نه سگهي.

سليشيا Silicia 30: مٿي تي پگهر جي زيادتي ۽ جسم ٿڌو پنڙو پاخانو به خارج نه ٿئي، آندو ڪمزور هُجي، ٻار هر وقت ڍڪيل رهڻ گهري.


ڪلڪيريا ڪارب Calcaria Carb: ڏند دير ۾ تڪليف سان نڪرن، پيٽ ٿلهو ۽ وڏو معلوم ٿئي، مٿي جون هڏيون تمام دير بعد هَلن، پرورش ۾ فرق هجي، ٻار کير هضم نه ڪري سگهي، مٿي تي پگهر جي گهڻائي، هٿ پير ۽ جسم ٿڌو.

نيٽرم ميور Natmur 6x: ڳنڍُ ڏٻرو ڪمزوري پهريان ڪنڌ کان شروع ٿئي ۽ هيٺين طرف وڌي وڃي، بک جي زيادتي ليڪن ڪمزوري وڌي وڃي، ٻار ڪڏهن قبضيءَ جو شڪار ته ڪڏهن دستن جو ٻار کي ٿلهو ۽ صحت مند بنائڻ ۾ هن جو اهم ڪردار آهي، هن مقصد لاءِ 12x ۾ ڏينهن ۾ 3 دفعه کارايو.

## هڏن جو ڳرڻ ڀُرڻ Osteoprosis




هڏين جو ڳرڻ ڀُرڻ (Osteoproses) هڏين جي اهڙي بيماري آهي جنهن ۾ هڏين جو حجم (mass) گهٽ ۽ ساخت




ڪمزور هُجڻ آهي، لهذا (Osteoprosis) جو مطلب هڏين جو ڪمزور ۽ پورو هُجڻ آهي . هي هڪ خاموش مرض آهي جنهن ڪان لاعلمي سَبب ان جي تشخيص بروقت مُشڪل هوندي آهي. هي اهڙو مرض آهي جيڪو آهستي آهستي مريض جي ڍانچي کي ڪمزور ڪندو رهندو آهي ۽ جيڪڏهن مناسب وقت تي انجو علاج نہ ڪيو وڃي تہ هڪ مَرحلي تي هڏيون پُرڻ لڳنديون آهن ۽ ٿورڙي بہ ڌڪ سان ٽٽي پونديون آهن. هن مرض کان متاثر ماڻهو جون هڏيون بغير ڌڪ جي بہ ڀُرڻ شروع ڪنديون آهن. هي عموماً ڪمزور ۽ اهڙن ماڻهن جيڪي تمام گهٽي عرصي تائين بک جي ڪمي يا معدي جي خرابيءَ جو شڪار رهيا هجن يا ڪا نشي واري شيءِ استعمال ڪندا رهيا هُجن ۽ مرض سبب هڏيون ڪمزور ٿي ويون هُجن تہ هي مرض لڳي ويندو آهي.

هي مرض اڪثر عورتن جو مرض سمجهيو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ هي وڏي عمر جي عورتن ۾ عمر وڌڻ سان لاحق ٿيندو آهي، هڪ محتاط اندازي مطابق Menopasuse گذارڻ واريون عورتون هن مرض جو شڪار ٿينديون آهن. ڇاڪاڻ تہ عورتن ۾ پنجاهہ کان سٺ سالن جي عمر دوران ڪرنگهي جي هڏي جو گودو ختم ٿيڻ لڳندو آهي، جنهن جي ڪري معمولي حرڪت يعني اڳتي جُهڪڻ

وغيره بہ هڏي ڀڄڻ فريڪچر جو سبب بڻبو آهي، هڏين جي ڪمزوري باعث ڪيترين ئي عورتن جي قد ۾ گهٽتائي، ڪبڙائپ (ريڙهہ جي هڏي اڳين طرف جهڪيل) جي بہ شڪايت ٿي پوندي آهي، هي مرض نہ صرف ترقي پذير ملڪن پر ۽ يورپ ۾ بہ ڪيترين ئي عورتون هن مرض کان متاثر ٿي ٻنهنجي هڏين کي ڀڃرائي ويهنديون آهن. ريڙهہ، ڪُلهي ۽ ڪارائي جون هڏيون سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿينديون آهن، هن مرض کان نہ صرف هڏيون متاثر ٿينديون آهن پر ٻيا بہ مرض لاحق ٿي پوندا آهن. اڪثر مُهرن ۾ Fracture (ڀڄڻ، پرڻ) سيني جي اڳين طرف نڪري پوڻ، ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف، هاضمي جو خراب ٿيڻ.

بظاهر هي مرض وڏي عمر جي ماڻهن کي ٿيندو آهي پر اها بہ حقيقت آهي تہ هن جو بنياد ٻهريان ئي پئجي ويندو آهي. هڏين جي بيهڪ، مضبوطي برقرار رهڻ هڪ قدرتي عمل آهي جيڪو ٻن مختلف خُلين (Ostes blasts) جيڪو هڏين بناڻ وارن خلين (Osteo Clests) جو هوندو آهي جيڪي هڏين جي ٽوڙ ڦوڙ وارن خلين جي درميان توازن قائم رهڻ سان ممڪن هوندو آهي، نوجواني ۽ سُن بلوغت ۾ (Osteo Blasts) جو عمل تيز ۽ (Osteo Clasts) جو عمل گهٽ ٿيندو آهي ليڪن اگر ان عرصي ۾ بيماريون لاحق رهنديون هُجن تہ غذا ناقص رهي هُجي تہ هڏين جو حَجم گهٽجي ويندو آهي ۽ هڏيون ڪمزور ٿيڻ شروع ٿي وڃن ٿيون جيڪي مستقبل ۾ (Osteo Porosis) جهڙن عارضن جو سَبب بڻجنديون آهن.

## مرض جا سبب Cause Of diseases

1 سن ياس (Menopause) مان گذرڻ واريون عُورتون. 2

حيض يا ماهواري جو وقت کان پهريان بند ٿيڻ. 3 بيضہ دانيءَ (Ovaries) جو آپريشن جي ذريعي ڪيرائڻ. 4 گهٽ وقفي سان ٻارن جي پيدائش. 5 ڪنهن سبب جي ڪري ٻُڪَ جو نہ لڳڻ. 6 مرگهي جون يا گهٽو وقت گرمُ دوائون واپرائڻ. 7 خانداني يا مورثي اثرات. 8 سنڌن جا ٻيا مرض جيئن Arthritis. 9 غدو ورقيہ (Thysoid gland) جون بيماريون. 10 تماڪ نوشي ڪرڻ. 11 غذا ۾ ڪئلشيم جي گهٽتائي ۽ وٽامن D جي ڪمي. 12 سُستي يا ورزش نہ ڪرڻ. 13 صحت جي باري ۾ شعور ۽ ڄاڻ جو فقدان. 14 ننڍپڻ ۾ غير متوازي خوراڪ جو استعمال. 15 ڪثرت شراب نوشي. 16 ننڍو قد هُجڻ (عورتن ۾). 17 عرصہ دراز تائين غير متحرڪ زندگي گذارڻ. 18 ضرورت کان وڌيڪ متحرڪ زندگي گذارڻ. 19 براعظم ايشيا ۽ سُفيد نَسل جي ماڻهن کي هي مرض گهٽو ٿيندو آهي.

## علاج Treatment

آرم ميٽ Aurm met: آتشڪي مريضن ۾ جن پارو گهٽو استعمال ڪيو هُجي، ان کانپوءِ هڏين جو ڳرڻ، سَڙڻ شروع ٿي ويو هُجي، خاص دوا آهي، بالخصوص سروائيڪل ريجن (Cervical Region) جو هڏيون ۽ تارونءَ جو هڏيون پهريان متاثر ٿينديون آهن، مرڪريءَ جي استعمال کانپوءِ هڏين جي عارضي لاءِ بهترين دوا آهي، هن دوا جو بروقت استعمال سان هڏين جو ڳارُ ۽ نيڪروسس (Necrosis) جو عمل رڪجي ويندو آهي.

ايسافوٽيڊا Asafoetida: هڏين جو ڳرڻ، سڙڻ جنهن سان گنڌ بدبودار مواد جو اخراج ٿئي ان لاءِ نافع دوا آهي، مريض جي هڏين ۾ ناقابل برداشت ذڪڻ.

**انگسچورا Agustura vera**: وڏن جوڙن جي درد ۽ فالجي ڪيفيت ۾ مُفيد دوا آهي. مُشڪن ۽ جوڙن ۾ آڪڙ، چڪ. وڏين هڏين جي ڳرڻ، ڀُرڻ لاءِ خاص دوا آهي.

**ايسڊ فلور Acid Flour 30**: وڏين هڏين ۾ پوڻ ۽ پوڻ ڪانپوءِ ڳرڻ سڙڻ، شديد ڪمزوري ۽ سور ٿيڻ جيڪي رات جي وقت وڌن. هڏين جي ڳرڻ جي ڪري ڪنن ۽ نڪ مان بدبودار مواد جو اخراج.

**پلاٽينم Platinium**: هڏين جو ڳرڻ، سڙڻ. خاص طورتي پيڏين جي هڏين جو ڳرڻ.

**سلشيا Silicia** : هڏين جو ڳرڻ، سڙڻ، تيڙو ٿيڻ ان کان علاوه مريض جي تمام مخارج مان بدبودار مواد جو اخراج.

**فاسفورس Phosphorus**: ڪرنگهيءَ جو ڳرڻ، سڙڻ ۽ ٽي بي T.B ۾ فائديمند دوا آهي. جڏهن سليشيا فائدو ڪرڻ کان قاصر ٿي وڃي.

**ڪلڪيريافاس Calcaria Phos 6x**: ٽٽل هڏيون، ڳريل سڙيل هڏيون جيڪي نرم ٿيڻ لڳن. هڏين جي ڳرڻ سڙڻ کانپوءِ جُهڪي وَڃڻ هن دوا جي خاص علامت آهي. ڪبڙائپ جي خاص دوا آهي.

**ڪلڪيريا ڪارب Calcaria Carb 200**: ريڙهه جي هڏين جو ڳرڻ. انهن جي T.B ٻارن جي هڏين ۾ واڌ (غير فطري) ۽ ڏندن جو نڪرڻ متاثر ٿئي تہ هي دوا ڏيو.

**ڪلڪيريا فلور Calcaria Flour 6x**: هڏين جي بغير ڪنهن سبب جي وڌڻ ۾ ڳرڻ، سڙڻ ۾ ڪلڪيريا فاس سان ملائي ڪارايو.

**ڪالچي ڪم Colchicum 30_200**: هڏين جو ڳرڻ،

سڙڻ، هن دوا جي خاص علامت آهي، خاص طورتي هڏين جي وڌڻ ۽ چوٽين جو ڳرڻ سڙڻ لاءِ مفيد دوا آهي.

هيڪلا لاوا Hekla_Lava 3x: هڏين جي بيماري جنهن ۾ هڏين جو ڳرڻ، سڙڻ، ڪينسر بہ شامل آهي، خنازيري مزاج وارا ماڻهو آتشڪي بيمارين ڪانپوءِ هڏين جو ڳرڻ، سڙڻ ۾ نافع آهي، هباڙين جي هڏين جا عارضا، انتهائي ڪاميابي سان استعمال ڪري سگهبي آهي.

هڏين جي سوزش (Osteomyelitis) هڏين جي تيڙائپ، هڏين جي نرم ٿي پوڻ، هڏين جي ڪينسر ۾ ڪم ايندڙ دوائون: آرنيڪا Arnica، روٽا Ruta 200، سمفائيٽم Symphytum 200، ڪلڪيريا آيئوڊائيڊ Calcaria Iodide 30، سليشيا Silicia 30، سمفائيٽم Symphytum 200، ڪالي ڪارب Kalli Carb 200، ڪالي هائڊائيڪم Kalli Hydridcum، سلفر Sulfer 200، ايسڊ فاس Acid Phos 200 وغيره.

## جوڙن جا مرض Diseases of Joints



جوڙ ڇا آهي ?What is joint. ٻن هڏين جي ميلاپ

(اتصال) کي جوڙ يا Joint چيو ويندو آهي. انساني جسم ۾ ٻن قسم جا جوڙ پاتا ويندا آهن هڪ متحرڪ ۽ ٻيو غير متحرڪ. متحرڪ جوڙن ۾ هٿن پيرن جو آڱريون، گوڏا، ڪُلها ۽ ڪارائي وغيره جا جوڙ شامل آهن. ننڍا وڏا جوڙ بناوت جي لحاظ کان تقريباً يڪسان هوندا آهن. انهن جوڙن کي جهٽڪن کان محفوظ رکڻ جي لاءِ قدرت ان کي (Shock observer) جي طورتي سنڌن جي چوٽين تي ڪريون هڏيون رکيل هونديون آهن. ان سان گڏ جوڙن کي سٽيو ۽ تر رکڻ جي لاءِ انجي چُوڌاري هڪ جاري استر چڙهيل هوندو آهي، جنهن ۾ هڪ قسم جو تيل موجود رهندو آهي، جنهن جو ڪم جوڙن ۾ کي رهڙ کان محفوظ رکڻ آهي. ليڪن ڪنهن نامعلوم سبب ڪري جهلي (جاري) جي سوزش ٿيڻ سان ان مادي جي پئدائش ۾ اضافو ٿيندو آهي جنهن جي ڪري جوڙ متورم ٿي ويندا آهن ۽ وقت گذرڻ سان گڏ ان ۾ سختي پئدا ٿيڻ لڳندي آهي، ڪري جي هڏين جي هڏين جن جو ڪم جوڙن جي رڳڙ کان محفوظ رکڻ هوندو آهي، اهي ڳري يا تباهه ٿي وينديون آهن. اهڙي طرح جوڙن جو درد شروع ٿي ويندو آهي. ماهرين مطابق سنڌن جي سُور جو تعلق ڪنهن حدتائين ذهني ڪيفيتن سان بہ هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ طبي تاريخ ۾ اهڙن واقعن ۾ بہ اچانڪ پوڻ واري ڪنهن نتيجي ۾ سنڌن جي سُور جو حملو ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مرض درميان موجود چڪناهٽ جو فقدان بہ هوندو آهي ۽ جوڙن جي باهمي رڳڙ کان درد جي ڪيفيت پئدا ٿيندي آهي.

## انساني جسم جا مختلف جوڙ
## Different Joints of Human body

**هٿ Hand**: انساني جسم جو سڀ کان وڌيڪ استعمال ٿيڻ

**ڪارائيءَ جو جوڙ Wrist Joints**: ڪارائيءَ جو جوڙ ننڍيون ننڍيون اٺ هڏيون جيڪي ٻن گروپن يا لائينن ۾ مضبوط ريشي دار مُشڪن (Ligaments) جي ذريعي جڙيل هوندا آهن ۽ زيرين ٻانهن جي ٻنهي هڏين Ulna ۽ Radius سان ملي ڪري ٺهيو آهي.

**زيرين ٻانهو Fore Arm**: زيرين ٻانهون ٻہ عَدد ڊگهين هڏين يعني Ulna ۽ Radius تي مشتمل هونديون آهن انهن هڏين جو مٿيون حِصو نوٽ جي جوڙ ۽ هيٺين حصي ڪارائيءَ جي جوڙ ٺاهڻ ۾ مدد ڏيندا آهن.

**نُوٽ جو جوڙ Elbow Joint**: هن جوڙ جو شُمار بوجہ ٺاوٽ انساني جسم ۾ مضبوط ۽ مُحفوظ جوڙن ۾ ٿيندو آهي چاڪاڻ تہ فائبرس ٽشو (Fibrous tissue) جو هڪ مڪمل ٿهہُ هوندو آهي جنهن ۾ سيني طرفن کان اهو ويڙهيل هوندو آهي، ان کان علاوه ٻنهي طرفن کان مُشڪون ان کي وڌيڪ مضبوط ٺاهن ٿيون.

**بالائي ٻانهن Arm**: مٿين عُضون ۾ سڀ کان ڊگهي هَڏي مٿين ٻانهن (Humrus) چوائي ٿي، هن جو هيٺيون ڇيڙو (Inferior part) زيرين ٻانهن جي ٻنهي هَڏين سان ملي ڪري نوٽ جو جوڙ ٺائي ٿي، جڏهن تہ هن جو مٿيون (Superior) حصو جنهن کي مٿو (Head) چوندا آهن ڪُلهي جي جوڙ سان ملي ڪري ڪُلهي جو جوڙ ٺائي ٿي.

**ڪُلهي جو جوڙ Shoulder Joint**: هن جوڙ جو شمار بال ۽ ساڪيٽ (Ball and Socket) جي قسم ۾ هوندو آهي. قدرت هن جوڙ کي مضبوطي بخشڻ لاءِ هن جي چوڌاري فائبرس ٽشوز جو چار ٺائي رکيو آهي. ڪُلهي جي X_ray ۾ عموماً جوڙ جو لهڻ، حرڪت

نہ ڪرڻ (Shoulder Frozen) جوڙ جي سختي، آڪڙ يا حرڪت ختم ٿي وڃي جنهن کي Sclerosis چوندا آهن. جنهن ۾ ڪنهن (Tissue) ۾ سختي اچي ويندي آهي.

**زيرين ٽنگھ** Lower Leg: ٽنگ جي هن حِصي ۾ ٻه ڊگھيون هڏيون هونديون آهن جن کي Tibia ۽ Fibula چوندا آهن. ٽنگ جي اندروني طرف Tibia ۽ بيروني طرف تي Fibula هوندي آهي، ٽنگ جي اندروني هڏيءَ کي Skin Bone به چوندا آهن.


**گوڏي جو جوڙ** Knee Joint: گوڏي جو جوڙ ۽ زيرين عضوي ۾ گوڏي جو جوڙ هيٺن جوڙن ۾ سڀ کان مضبوط جوڙ هوندو آهي، زيرين ٽنگ جي مٿين حصي ۽ بالائي ٽنگ جي زيرين حصي کي ملائي ڪري هي جوڙ ٺهيو آهي، هن کان علاوه هن جوڙ ۾ چپڙي هڏي (Ptella) به هوندي آهي، سنڌن جي سور (Rhumatoid Arthrits) جي بيمارين جو اثر سڀ کان پهريان هيٺن عضوون جي انهيءَ جوڙ ۾ ٿيندو آهي ۽ هن بيماريءَ جي ڪري مريض جي گوڏن جي جوڙن ۾ حرڪت گهٽجي ويندي آهي ۽ ان ۾ نقرسم، آڪڙ ۽ سوج ڪانسواءِ سختي پئدا ٿي پوندي آهي جنهن سان گڏ جوڙن ۾ شديد سُور به پاتو ويندو آهي ۽ ان کان علاوه هڏيءَ جي ڪنارن تي اپارن جو ٺهجي پوڻ يا جوڙ جي وچ ۾ پاتل وٿفو (Space) گهٽ ٿي وڃڻ وغيره شامل آهن.

**ڪنڌ جا مُهرا** Cervical Spine: هن حصي ۾ سَت مُهرا (Vertebrae) هوندا آهن. مريض جي عمر سان گڏ مهرن جو درمياني وٿفو گهٽ ٿي ويندو آهي جنهن کي طبي اصطلاح ۾ Disc_lesion چيو ويندو آهي. هن ۾ مريض کي اڪثر ڪنڌ جي اعصابي تڪليف سان گڏ ڪُلهن ۾ سُور، ٻانهن ۾ سُيون چيڻ، ڪيولين جو ڇُرڻ جيان

احساس پاتو ويندو آهي ۽ ڪُجهه مريضن ۾ هٿ جي آڱر يا هڪ ڪان وڏيڪ آڱرين جي سُن هُجڻ جون علامتون به ملنديون آهن.

## چيلهه جا مُهرا (Lumbar Spine)

چيلهه جي مُهرن جو تعداد 5 هوندو آهي. چيلهه جو پنجون




مُهرو ڪنڍي هڏي (Sacrum) سان گڏ هوندو آهي. انهن مُهرن جي ڏک سبب تڪليف لاحق ٿي ويندي آهي ۽ عموماً اهڙي صورت ۾ ڪنڌ ۽ ڇاتي جي مُهرن جيان انهن مُهرن ۾ به درمياني وقفو گهٽجي ويندو آهي. اهڙي تڪليف سان گڏ و گڏ ڇاتيءَ جي مُهرن جيان انهن مُهرن ۾ به درمياني وقفو گهٽ ٿي ويندو آهي. ان تڪليف سان گڏ ڪُجهه مريضن ۾ هڏين جي ڪنارن تي نوڪدار اُڀار پئدا ٿي پوندا آهن جنهن ڪري چيلهه ۾ سُور آڪڙ ۽ تشنج جهڙيون علامتون پئدا ٿينديون آهن. حرام مغز (SpinalCord) ۾ چيلهه جو حصو وڏو اهم

هوندو آهي ان حصي ۾ ڪنهن به قسم جي پيچيدگي هيئين ڏڙ کي ماؤف يا اپاهج ڪري سگهي ٿي، هڪ خاص تڪليف جنهن کي عام زبان ۾ ڪُن رڳ سڏيو ويندو آهي. حڪمت ۾ عرق النساءِ ۽ طبي ۾ Sciati Pain چوندا آهن جيڪو Sciatia Nerve ۾ تڪليف جي ڪري ٿيندو آهي، هن بيماريءَ جو سبب به Disc Lesion ئي هوندو آهي. چند مريضن ۾ ڪبڙائپ جيڪا چيله (Back) جي ڪري ٿي ٿيندي آهي طبي اصطلاح ۾ ان ۽ (Lor dosis) چوندا آهن. جيڪو فزيڪلي (Physically) به ڏسي سگهجي ٿو ۽ ايڪسري ۾ به بخوبي انجو مشاهدو ڪري سگهجي ٿو. ان کان علاوه هن جو هڪ ٻيو قسم Scoliosis به هوندو آهي ۽ ان تڪليف ۾ چيله ۾ خم ٻاهر طرف يعني (Lateral Curvature) تي هوندو آهي ۽ اها تڪليف (X_Ray) ايڪسريز ۾ به ڏسي سگهجي ٿي.

**ڏُمچي مُهرا** Coccygeal Spine: ڏمچي مُهرا تعداد ۾ چار هوندا آهن انهن جي سائيز باقي مُهرن جي مقابلي ۾ ننڍي هوندي آهي، هن جي اڪثر هڏي نامڪمل هوندي آهي، حرام مغز يا اسپائينل ڪارڊ ان کان ٻهريان ختم ٿيندي آهي، هيءَ هڏي اندرين طرف ٿوري جُهڪليل هوندي آهي. ڏمچي هَڏي ۾ اڪثر شديد سُور جي تڪليف هوندي آهي ۽ هن هڏي تي ڪنهن قسم جو ڏڪ يا بيقائده اُڀار پئدا ٿيڻ ايڪسري ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

## جوڙن جا قسم Kinds of Joints

افعالن جي لحاظ کان جوڙ ٽن قسمن ۾ ورهايل آهن.

1. حرڪت ڪرڻ وارا Immovable: هن قسم جا جوڙ حرڪت نه ڪري سگهندا آهن بلڪ هڪ ٻي سان Fix هوندا آهن.


2 Partly movable: هن قسم جي جوڙن ۾ ڪنهن

حدتائين حرڪت ڏئي سگھبي آهي جيئن مُهرا وغيره.

3 Synovial: هن قسم جي جوڙن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق موڙيا حرڪت ڏئي سگهجي ٿي ۽ انهن جوڙن ۾ سائنووال مادو پاتو ويندو آهي جيڪو انهن کي حرڪت ڪرڻ ۾ معاونت فراهم ڪندو آهي، هن قسم جي جوڙن جو مثال ڳلهي جي هڏي جو جوڙ آهي.

**حرڪت ڪرڻ وارن جوڙن جا قسم Kinds of movable Joints**

حرڪت ۾ رهڻ وارن جوڙن کي وڏيڪ ٽن قسمن ۾ بيان




ڪيو ويو آهي. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا

1 Hinge Joints: هن قسم جي جوڙن ۾ هڪ طرف کان آسان حرڪت يا موڙن جي طاقت پاتي ويندي آهي جيئن گوڏي (Knee) ۽ نونين (Elbow) جا جوڙ وغيره.

2 Pivot Joints: هن قسم جي جوڙن ۾ ٻنهي طرفن ۾ مُڙڻ

جي صلاحيت پاتي ويندي آهي جيئن انساني مٿو ﭘنهي طرف حرڪت ڪري سگهي ٿو.

Ball and Socket Joints 3: هن قسم جي جوڙن ۾ هر طرف حرڪت ڪرڻ جي صلاحيت پاتي ويندي آهي، انجو بهترين مثال ڪلهي جو جوڙ يا ڪنڌ جو جوڙ آهي، هن قسم جي جوڙ ۾ هڏي هڪ ساڪيٽ (Socket) نُما ٻي هڏيءَ ۾ حرڪت ڪندو آهي.

## جوڙن جا مرض ۽ انهن جو علاج

## Diseases of Joints and theie treatment

جوڙن جو سُور هڪ انتهائي تڪليف ده ۽ ڪنهن حدتائين خطرناڪ مرض هوندو آهي، سنڌن جي سُور جا مختلف قسم هوندا آهن، قسم جي لحاظ کان مختلف طبي نالا ڏنا ويا آهن جيئن آرٿرائيٽس، نقرس يا گائوٽ وغيره هيٺ انهن مرضن جو مڪمل تفصيل ڏنل آهي.

### جوڙن ذريعي سوزش آرٿرائيٽس Arthritis:



جوڙن جي سوزش (Arthrits) چيو ويندو آهي، هن مرض ۾ جوڙن جي سوزش واقع ٿيندي آهي، جيئن نقرس يا گائوٽ ميٽابولڪ پرالبم آهي جنهن جي ڪري سنڌن ۾ ڪنن وغيره جي هڏين ۾ سوڊيم بائي يوريٽ جمع ٿي ويندو آهي جنهن جي

ڪري انتهائي تڪليف ده صُورت پيدا ٿيندي آهي، عمومي طورتي مريضن جي پيرن جا آڱوٺا سُڄي پوندا آهن.

**علامتون Symptoms**

هن مرض کان متاثر مريض ۾ عموماً هيٺيون علامتون نمايان هونديون آهن.

جوڙن ۾ سوڄ ۽ سُرخي. جوڙن کي حرڪت ڏيڻ ۾ تڪليف. سنڌن کي ڇُهڻ سان سُور ۽ گرميءَ جو احساس. بخار جي ڪيفيت. بک گهٽ يا ختم ٿي ويندي آهي. پيشاب گهٽ مقدار ۾ ايندو آهي ۽ پيشاب ڪرڻ وقت جلڻ ٿيندي آهي

**مرض جا سبب Cause Of diseases**

جسماني طورتي ڪا به سوزش، جيڪا ڳلي جي سوزش ٽانسلز جي سوزش يا سائنس جي سوزش.

1 ٽائيفائيڊ بخار Typhoid Fever. 2 اسڪارليٽ فيور Scarlet Fever، 3 سوزاڪ جو عارضو Gonohorrea، 4 طبي ۽ يوناني دوائون معالج جي مشوري کان بغير.

**علاج Treatment**

هن عارضي جي علاج جي لاءِ وجع المفاصل تحت علاج ٿيندو آهي ۽ علامتن مطابق ڪا دوا منتخب ٿيندي.

**سفيد سوزش آرٿرائيٽس ٽيوبرڪلوسس**
**Arthritis tuberculosis**

آرٿرائيٽس ٽيوبرڪلوسس Arthrits tuberculosis کان متاثر ماڻهن ۾ ٽي بي يا تپ دَق جو عارضو جوڙ کي متاثر ڪندو آهي، عرف عام ۾ هن بيماريءَ کي سُفيد سوزش چيو ويندو آهي، ٽي بي جي ڪري عموماً هڪ جوڙ ئي متاثر ٿيندو آهي ليڪن ڪُجهه ماڻهن ۾

هڪ ڪان وڌيڪ جوڙ بہ متاثر ٿيڻ لڳندا آهن. ٿي بيءَ جي عارضي عموماً ڦڦڙن ۾ موجود هوندا آهن ۽ اتان ڪان جوڙن تائين پهچندا آهن. هي عارضو عموماً اهڙن جوڙن کي متاثر ڪندو آهي جنهن کي ماضي قريب ۾ ڌڪ لڳڻ يا ڪو صدمو آيل هجي ڌڪ ڪانپوءِ ٽي بي جا جراثيم زده جوڙ وڌيڪ متاثر ڪرڻ جي صلاحيت رکندا آهن. جن جوڙن کي وڌيڪ متاثر ڪرڻ جي صلاحيت رکندو آهي. جن جوڙن کي هي بيماري وڌيڪ متاثر ڪندي آهي اهي هيٺ ڏجن ٿا.

(ڪرنگهي) جي هڏي. پيڏيءَ جو جوڙ. ڪُلهي جو جوڙ. گوڏي جو جوڙ.

ٺوٺ جو جوڙ ڪلهي جو جوڙ ڪارائيءَ جو جوڙ.

جڏهن هن بيماريءَ کي سُفيد سوزش جو نالو ڏنو ويو هجي تہ ان مان مُراد گوڏي جي سوزش ٿي هوندي آهي. هي بيماري ماضي بعيد ۾ تمام عام هئي ليڪن موجوده دؤر ۾ ڪجهہ ڪنٽرول ۾ اچي وئي آهي. هي بيماري ڳئون جي کير جي ذريعي انساني جسم ۾ پهچي ڪري پنهنجو ديرو ڄمائيندي آهي.

## علامتون Symptoms

هن مرض کان متاثر ماڻهو عموماً هيٺيون علامتون ڏيندا آهن.

1 مرض جي ابتدا ۾ متاثر جوڙ سُڄڻ شروع ٿي ويندو آهي ليڪن ان ۾ درد يا سرخي ناهي هوندي. 2 مرض جو حملو عموماً جوڙ جي ويجهو واقع هڏي ۾ هوندو آهي ۽ جڏهن ان کي روڪي نہ سگهجي جوڙ متاثر ٿيڻ لڳندو آهي. 3 بروقت علاج نہ ڪيو وڃي تہ جوڙ ناڪاره ٿي ويندو آهي. 4 مريض جي حرڪت مڪمل طور تي بند ٿي ويندي آهي. 5 مريض ۾ حد درجي جي ڪمزوري نمايان ٿيڻ لڳندي آهي جنهن جي بنيادي وجهہ خون جي ڪمي هوندي آهي. 6


مريض کي روزانو بخار ٿيندو آهي. 7 جوڙ کي دٻائڻ سان سور ٿيندو آهي ۽ عموماً جوڙ سُن ٿيندو آهي. 8 ٻُک گهٽ ٿي ويندي آهي جنهن جي ڪري حرڪت محدود ٿي ويندي آهي. 9 متاثر جوڙ جا پٺا آڪڙجي ويندا آهن جنهن جي ڪري حرڪت محدود ڪري ويندا آهن. 10 متاثر جاءِ تي پوڻ ۽ وارو ڳوڙهو (ڦرڙي) ٺهجي ويندو آهي ۽ بعد ۾ قاتي پوندو آهي.

## علاج Treatment

هن عارضي جي لاءِ وجع المفاصل تحت درج ڪيل دوائون حسب علامت استعمال ڪجن.

## اوستيوآرٿرائيٽس Osteo Arthriis

هي عارضو عموماً آهستي آهستي ظاهر ٿيندو آهي ۽ عموماً هن مان مُراد گوڏي جي سوزش هوندو آهي ۽ هي بيماري ماضي بعيد ۾ تمام عام هئي ليڪن موجوده دؤر ۾ ڪجهه حدتائين ان تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو. هي بيماري ڳئون جي کير جي ذريعي کان انساني جسم ۾ پُهچي ڪري پنهنجو اثر ڏيکاري ٿي هن عارضي جو علاج بہ وجع المفاصل ۾ ڳولهيو.




Normal joint    Osteoarthritis

## چيلهہ جو سور Backach

چيلهہ جو سُور "بيڪ ايڪ" (Backach) هڪ مزمن عارضو آهي جنهن کي طبي زبان ۾ Lumbago چيو ويندو آهي. هي مرض عام طورتي سردي لڳڻ، گهٽي وزن کڻڻ يا جسماني ڪمزوريءَ



جي سَبب ڪرنگهي جي هڏي جي مُهرن جي خرابيءَ سبب ٿيندو آهي، هن مرض ۾ متاثر ماڻهوءَ کي شديد قسم جو سُور ٿيندو آهي. جنهن جي ڪري مريض سڌو هَلڻ ڦرڻ کان بہ قاصر ٿي ويندو آهي.

چيلهہ جو سُور، چيلهہ جي ڪنهن بہ حصي ۾ ٿي سگهي ٿو ان سان چيلهہ ۾ جڪڙ اچي ويندي آهي، جنهن جي ڪري مريض روزمره جي ڪم دوران جهڪڻ ۽ ڪمر موڙڻ کان قاصر ٿي ويندو آهي، چيلهہ جو سُور جيترو بالغن ۾ ڏٺو ويو آهي اوتروئي ٻارن ۾ بہ هوندو آهي، ٻارن کي جيئن ئي درد جو احساس ٿيندو آهي ۽ ٻڌائڻ جا اهل ٿي ويندا آهن تڏهن اهي چيلهہ جي سُور جي شڪايت ڪندا آهن. ننڍي عمر ۾ اڪثر هن سُور جي شڪايت ڏسڻ ۾ آئي آهي، اڪثر چيلهہ جو سُور ڪنهن تڪائڻ واري ڪم جي ڪري هوندو آهي ان سان چيلهہ جي مُشڪن ۽ Ligaments ۾ تناءُ ايندو آهي. چيلهہ جو سور عموماً معمولي قسم جو هوندو آهي جيڪو علاج کان بغير خُود بہ خود ٺيڪ ٿي ويندو آهي ليڪن جڏهن بہ هي عارضو ڪافي عرصو رهي ۽ سُور ۾ شدت اچي تہ معالج جي مشوري سان علاج ضروري آهي.

علامتون Symptoms

1 چيلهہ جو سُور، 2 مُشڪن ۾ ڇڪ، 3 آڪڙ، 4 چيلهہ جو سُور مشڪن جي ڇڪ جي ڪري ٿيندو آهي، 5 هي سُور جهڪڻ ۽

مُڙڻ سان وڌندو آهي، 6 مريض چيلهه سڌي ڪري هلڻ کان قاصر هوندو آهي، 7 مريض هر وقت چيلهه تي هٿ رکي ويهي.

**مرض جا سبب Cause of diseases**

1 گردن ۾ ڪا خرابي يا انفيڪشن. 2 ڪرنگهي جي هڏي جي غير معمولي ٺاهوٺ. 3 دٻاءَ يا فريڪچر. 4 ڌڪ لڳڻ جي ڪري ڪرنگهي جي هڏيءَ جو زخمي ٿيڻ. 5 مُهرن جا مرضِ جيئن مُهرن جو فاصلو گهٽجي وڃي يا وڌي وڃي. 6 ٿلهائپ بالخصوص پيٽ جي چربي جو مطلب آهي چيلهه جو سور ٿيندو. 7 دٻاءُ، وزن، ذهني يا جسماني چيلهه جي سور جو باعث بڻجي. 8 عورتن ۾ وڏي کُڙي وارو جُوتو پائڻ چيلهه جي سُور جو هڪ سبب بڻبو آهي. 9 اٿڻ ويهڻ يا هلڻ ڦرڻ جو غلط انداز ۾ حرڪت چيلهه جي سور جو باعث بڻبي آهي.

10 جوڙن جا مرض جيئن Arthrits وغره.

**علاج Treatment**

چيلهه جي سُور کي ۾ انهن سببن کي نظر ۾ رکي علاج ڪيو وڃي ته جيئن جلدي بهتري پيدا ٿيڻ لڳي، ڪجهه دوائن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

**آرنيڪا Arnica 1000_200**: ڌڪ لڳڻ باعث يا گهڻي جسماني مشقت ڪرڻ ڪانپوءِ چيلهه جو سُور هجي ته هي دوا فائدیمند آهي، گهڻي ٿڪاوٽ سبب مريض کي چيلهه جي ڪمزوري سان گڏ سور جي شڪايت هجي ته هي دوا فائدو ڪندي.

**ايڪونائيٽ Aconite 200**: سردي لڳڻ کان ٿيڻ وارو چيلهه جو سُور نئون هجي يا پُراڻو ته هي دوا فوراً نيڪ ڪندي. مريض ۾ سُور سان گڏ شديد بيچيني.

اوگزيلڪ ايسڊ Oxalic Acid 200_30: چيلهہ ۾ شديد سُور جيڪڏهن پاسي ورائڻ سان آرام ملي تہ هي دوا ڏيڻ سان تمام جلد بهتري واقع ٿيڻ لڳندي آهي، مريض عموماً ائين چوندو آهي تہ منهنجي چيلهہ ڪمزور ٿي وئي آهي جنهن ڪري مان جسم ڪٽي نٿو سگهان، مريض جڏهن سُور مُتعلق سوچيندو آهي تہ سُور جون گُهٽون اٿڻ لڳنديون آهن. چيلهہ جو سُور ۽ سُن پڻ جو احساس هُجي تہ بهترين دوا آهي.

ايسڪيولس هپ Aesculus Hip: چيلهہ جو سُور جيڪو هلڻ ڦرڻ سان گهٽو ٿئي، مريض جيترو هلي درد ۾ اوترو اضافو هلڪو هلڪو سُور جيڪو آهستي آهستي شدت جي صورت اختيار ڪري.

اينٽم ٽارٽ Antimonium tart 200: ٽڪائڻ واري مُشقت ڪانپوءِ چيلهہ جو سُور، چيلهہ جي هيٺين حصي ۾ اذيت ناڪ سُور، هلڻ جي ٿورڙي بہ ڪوشش سان الٽي (Vomiting) مريض کي ٿڌ لڳي ۽ ٿڌو پگهر اچي ٽنگون لڙڪيل لڙڪيل محسوس ٿين.

امونيم ڪارب Amonium Carb 200: سردي ۽ بخار سان گڏ چيلهہ جو سُور جيڪو گردن کي بہ متاثر ڪري تہ هي دوا ڏيڻ سان بهتري ٿيندي.

بربرس ولگرس Berberis Vulageis 3x: پيشاب جون تڪليفون گردن جي تڪليف سان گڏ ٿيڻ وارو چيلهہ جو سُور هن دوا سان ٺيڪ ٿي ويندو آهي.

پلبم ميٽ Plumbum Met 30: ڪرنگهي جي هڏيءَ جي سختي، چيلهہ جو سُور جيڪو بجلي جيان اچي ۽ بجلي جيان غائب ٿي وڃي، دٻاءَ يا مساج سان عارضي سُڪون ملي.

ڊلڪمارا Dulcamara 30: جڏهن پاڻيءَ وارين جاين تي

گهڻو عرصو رهڻ بعد چيلهه جي سور جي شڪايت پئدا ٿي وئي هجي تہ هي دوا فائديمند رهندي.

رسٽاڪس Rhus_tox 200: چيلهہ جو سُور عموماً گرم سرد باعث لاحق ٿئي جيئن بارش ۾ پجڻ ڪانپوءِ يا پگهر اچڻ ڪانپوءِ فورًا هوا لڳي ۽ سُور ٿئي. چيلهہ سخت محسوس ٿئي ۽ ائين لڳي تہ جڻ چيلهہ ٽٽي رهي هُجي. چيلهہ جي اندروني عُضوون جي خرابيءَ باعث ٿيڻ وارو چيلهہ جو سُور ان لاءِ مخصوص دوا آهي. درد جي شدت ويهي اٿڻ سان ٿئي. مزمن نوعيت جو چيلهہ جو سُور ڪي جنهن ڪي دوا سان آرام نہ ايندو هُجي تہ هن دوا سان شفاءِ ڪامل ٿي ويندي.

سيپيا Sepia 200: عورتن جي چيلهہ جي سُور لاءِ خصوصي دوا آهي. رحم جي نقائص جي ڪري ٿيڻ وارو چيلهہ جو سُور ۽ اهڙيون عورتون جن کي عموماً لڪوريا جو مرض رهندڙ هُجي. شديد ڪمزوري سان گڏ چيلهہ جو سور هُجي تہ نافع دوا آهي. مريض کي ائين محسوس ٿيندو آهي تہ جڻ چيلهہ تي هٿوڙا لڳا هُجن.

اسٽفي سيگيريا Staphysagria: ڪثرت جماع ڪانپوءِ جيڪڏهن چيلهہ جي سُور جي شڪايت پئدا ٿي پوي تہ هي دوا فائديمند رهندي. مريض کي علي الصُبح بستري مان اٿڻ تي شديد چيلهہ جو سُور. اهڙا ماڻهو جيڪي تمام گهڻو جذباتي هُجن ۽ جلدي غصي ۾ اچن ۽ جيڪڏهن جذبات يا غصي کي دبائڻ سان اهڙا عارضا هُجن تہ نافع آهي.

سلفر Sulfer 200: عياش ماڻهن جي چيلهہ جو سُور هن دوا سان ٺيڪ ٿي ويندو آهي. هن دوا جو مريض چيلهہ کي سڌو نہ ڪري سگهي. اهڙا ماڻهو جن کي ڪُلهن جي وچ ۾ چڪ پئدا ڪرڻ وارو سُور ٿيندو آهي. درد عموماً آرام ڪرڻ سان وڌندو آهي هن دوا جي

خاص علامت اها آهي تہ مريض کي رات جي وقت پيرن ۾ ساڙو ٿيندو آهي.

**ڪلڪيريا فلور Calcaria Flour 200**: هي دوا بہ چيلهہ جي سُور کي نيڪ ڪرڻ جي لاءِ تمام گهڻي شهرت رکندي آهي. چيلهہ جو سُور هيٺين زيرين حصي ۾ هُجي ۽ حرڪت جي آغاز ۾ زيادتي پاتي ويندي آهي جڏهن تہ لڳاتار حرڪت ڪرڻ تي سُور ۾ گهٽتائي ٿيندي آهي.

**ڪالوسنٿ Colocynth 200_300**: چيلهہ جو سُور جيڪو ننڍي عمر تائين وجي ۽ آخر ڪُلهي ڪان متي وجي. سُور هڪ خاص جڳهہ (ننڍي جڳهہ) تي هُجي جنهن جي ڪري مريض منڊڪائي هَلي. مريض اٿي بيهڻ ۽ هلڻ کان قاصر. چيلهہ جو سُور جنهن سان گڏ ٽڪنڊي هڏي جي شديد جلڻ.

**ڪالي ڪارب kalliCarb 200**: چيلهہ جي هيٺين حصي ۾ سُور جڏهن ڪنهن دوا سان نيڪ نہ ٿيندو هُجي تہ هي دوا بطور معاون (Enter Current) جي استعمال ڪئي وجي ٿي.


**نيٽرم ميور Nat mur 200_30**: چيلهہ جو سُور جڏهن مريض هر وقت چيلهہ تي هٿ رکي درد جي جاءِ کي زور سان دٻائي. مريض ويهڻ وقت پنهنجي پويان سخت شيءِ رکڻ گهري ۽ اهڙي طرح سان ان کي سُڪون ملي. چيلهہ تي هٿ رکي گهمي ۽ اهڙن ماڻهن جي خاص دوا آهي.

**نڪس واميڪا Nux_Vomica 200**: هاضمي جي خرابين باعث يا تمام گهڻي عياشي واري زندگي گذارڻ وارا مرد جيڪي بالاآخر چيلهہ جي سور ۾ مبتلا ٿي وڃن. انهن لاءِ مفيد دوا آهي. رات جو بستر ۾ ليٽڻ وقت سُور ۾ زيادتي. پاسي ورائڻ لاءِ مريض

ڪي اٿي ويهي پاسو وراڻو پوي.

## گوڏي جو سُور Knee Pain

(گوڏي جو سُور Knee pain) انتهائي تڪليف ده عارضو هوندو آهي، هن جي ڪري مريض پنهنجي روزمره جا ڪم ڪار پورا




ڪرڻ ۾ شديد تڪليف محسوس ڪندو آهي، هي عارضو ڪراڙن ماڻهن ۾ عام ڏٺو ويو آهي ليڪن موجوده دؤر ۾ نوجوان ماڻهو به مبتلا ٿي وڃن ٿا. هن جو وڏو سبب غذا جي قلت ۽ خوراڪ ۾ ملاوٽ پڻ آهي.

جسم جي سنڌن ۾ گوڏي جو جوڙ بناوت جي لحاظ کان ڪافي پيچيده جوڙ هوندو آهي. گوڏي ۾ چار هڏيون گڏ جڙيل هونديون آهن ۽ جنگهه جي (Femur) هڏي هيٺين ٽنگ جي Tibia ۽ Fibula ۽ گوڏي جي ٽوپي نماهڏي (Ptella) ملي ڪري گوڏي جو جوڙ ٺاهين ٿيون. گوڏي جي عارضي ۾ متاثر ماڻهو ۾ عموماً گوڏي ۾ سور ۽ سوڄ پاتي ويندي آهي، ان کان علاوه ٽنگون سڌيون ڪرڻ ۾ به ڏکيائي پيش ايندي آهي.

## مرض جا سبب Cause Of diseases

1 ڏک لڳڻ سبب گوڏي جون هڏيون متاثر ٿي پونديون آهن. چاڪاڻ تہ جوڙ ساڪن ناهن هُوندا ان لاءِ سور هميشہ موجود رهندو آهي. 2 جسم ۾ خوراڪ جي قلت يا ضروري غذائي عضوون جي کمي واقع ٿئي. 3 گوڏي جي جوڙ جي هڏي جو خشڪ ٿي وڃڻ. 4 تمام گھڻو جماع ڪرڻ. 5 جنسي بي راهہ روي اختيار ڪرڻ. 6 بيون جسماني تڪليفون ۽ انهن سبب ڪمزوري 7 غلطي سان دوا واپرائڻ. 8 هاضمي واري نظام جا مسئلا. 9 بازاري شيون يا بادي شين جو ڪثرت سان استعمال. 10 ورزش جي گھٽتائي.

علاج Treatment


انگسچورا ويرا Angustura vera 6: وڏن هڏن جا سُور، گوڏن جا درد، فالجي ڪيفيت ۾ مفيد دوا آهي، مُشڪن ۽ جوڙن ۾ آڪڙ ۽ چِڪ، ڏگهين هڏين جي ڳرڻ پرڻ جي لاءِ خاص دوا آهي.

برائي اونيا Bryionia 30_200: چيرڻ ڦاڙڻ وارا سُورَ گوڏا سخت ۽ خشڪ ٿي وڃن جنهن جي ڪري ان مان آواز اچن مريض ٿورڙي بہ حرڪت ڪري تہ تڪليف وڌي، گرميءَ ۾ بہ تڪليف گھٽي.

پلسٽلا Pulsatilla: جڏهن سُور نقل مڪاني ڪندا هُجن هي دوا ڏيڻ کپي، مثلن هڪ ڏينهن هڪ جاءِ تي سور تہ ٻئي ڏينهن ٻي جڳهہ تي، گرمي ۽ شام جي وقت سُور جي شدت ٿئي، مريض هر وقت سور جي شدت گھٽ ڪرڻ لاءِ گھمڻ ڦرڻ پسند ڪري.

جنسگ Ginsing 3x: مردانہ ڪمزوري لاءِ بهترين دوا ۽ گوڏن جي سور ۾ بہ ڪم ايندڙ دوا. اهڙا ماڻهو جيڪي ڪثرت جماع سبب گوڏا ڪمزور ڪري ويهن ۽ پوءِ هلڻ ڦرڻ کان لاچار گوڏن ۾ هر وقت سور ۽ ٿڪاوٽ.

# عرق النساءِ Sciatica




ڪُنَ رڳ جو سُور (عرق النساءِ Sciatia) جنهن کي عرق النساءِ يا Sciatia بہ چيو ويندو آهي، هي سور انتهائي اذيت ناڪ سور هوندو آهي، هن بيماريءَ کي عرق النساءِ چوڻ جو سبب عربي زبان ۾ عرق (ع جي هيٺان زير) جي معنيٰ رڳ يا نس آهي ۽ عموماً هي عارضو عورتن کي متاثر ڪندو آهي ۽ ان لاءِ نساءِ کي جوڙيو ويو آهي، ڪرنگهي جي هڏي جي چوڏاري جيڪي اعصاب نڪري ڪري ڪُلهي ۽ ران کان ٿيندا نسائي اعصاب (Sicatia Nerve) تائين ويندا آهن. ان ۾ اگر ڪنهن سَبب يا ڪا رهڙ ڏڪ چڪ پئدا ٿي پوي

۾ پوءِ شديد سُور جون لهرون اٿن ٿـ Sciatia جا سُور. مختصراً ائين چئي سگهجي ٿو تـ پُٺيءَ جي هيٺان هڪ نس تنگ ۾ ويندي آهي جنهن ۾ سوزش يا چِڪ جي ڪري تنگ ۾ سور رهڻ لڳندو آهي ۽ عموماً مزمن مرض ٿي پوندو آهي ۽ شروع ۾ مريض ان مرض طرف توجهه ناهي ڏيندو ليڪن جڏهن هي مرض وڌي ويندو آهي تـ پوءِ علاج جي طرف ڌيان ڏيندو آهي.

**علامتون** Symptoms

1 چيلهه جي سُور سان گڏ سور هيٺ تنگن تائين وڃي. 2 درد عام طورتي صرف هڪ طرف ٿي ٿيندو آهي. 3 نشڻ ۾ کنگهڻ سان سُور ۾ اضافو ٿيندو آهي. 4 وزن کڻڻ يا چيلهه جي سُور جي حرڪت سان درد وڌي ويندو آهي. 5 درد واري جڳهـ تي ۽ مشڪون (Muscles) آڪڙيل. 6 متاثره جڳهه بيحس، يا سُن پڻ جو شڪار. 7 هن درد سان گڏ پيرن ۾ جُهرڪو سُن پڻ پاتو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن مرض ترقي ڪري وڃي تـ عموماً پير مستقل سُن رهڻ لڳندا آهن. 8 هلڻ ڦرڻ جي دوران مرض ۾ شدت هوندي آهي ۽ ٿورڙو هلڻ ڪانپوءِ مريض ايتري قدر شديد سُور محسوس ڪندو آهي جو مريض ويهي رهڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي.

**تشخيص** Diagnosis: جڏهن مريض جي متاثر ٽيل ڄنگهه تي بوجهه وجهڻ لاءِ چيو وڃي تـ پير جي اڳين حصي تي بوجهه وجهي ڪُڙي ڪي مٿي رکندو آهي جيئن انهيءَ نس تي ڪنهن بـ قسم جو زور دٻاءُ يا چِڪ نـ پوي، هن مرض جي صورت ۾ مريض تنگ کي ڍلو رکندو آهي، پير گهلي هلندو آهي ۽ عموماً ٿوري دير هلڻ ڪانپوءِ پيرن ير ويهي رهندو آهي.

**مرض جا سبب** Cause Of Diseases

1 قبضي، 2 گهڻي دير تائين پاڻي ۾ رهڻ، 3 گهر واري جڳهه تي ويهڻ يا سُمهڻ، 4 تمام گهڻو وزن کڻڻ، 5 شديد جهٽڪو لڳڻ، 6 ڪرنگهي جي هڏي جا مُهرا لڏي وڃن، 7 نفسياتي دٻاءُ پريشاني، 8 مسلسل فرش تي هڪ ئي پاسي ليٽي رهڻ، 9 غلط قدمن سان هلڻ، 10 حادثو ٿيڻ.

علاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album 200: درد جيڪو وقفي وقفي سان ٿئي تہ هي دوا نافع هوندي آهي، مريض کي کاٻي طرف ڪُلهي ۾ شديد جَلڻ سان سُور ٿيندو آهي، پُٺيءَ کان سُور شروع ٿي جنگهن تائين وڃي ۽ ٽنگن کان ٿيندو پيرن تائين وڃي تہ هي دوا ضرور ڏجي.

ايڪونائيٽ Aconite: مريض کي ائين لڳي تہ جڻ متاثر جڳهہ تي ٿڌو پاڻي وڌو ويو آهي، ٽنگن تي ڪنهن شيءِ جي رڙهڻ جو احساس مريض موت جي خوف ۾ مبتلا هُجي ۽ شديد ذهني تڪليف ۾ مبتلا رهي مرض جي حاد نوعيت ۾ ڪاميابي سان استعمال ڪرڻ واري دوا.

استرونيشيا Stronatia 30: پراڻي موهہ سبب لاحق ٿيڻ وارو ڪن رڳ جو سُور دوا سان نيڪ ٿي ويندو آهي، سور جي شدت کان مريض بيهوش ٿي وڃي تہ نافع دوا آهي، هن دوا جي مريض جو جسم ٿڌو ۽ شديد ڪمزوريءَ وارو هوندو آهي، ڪن رڳ جي سُور سان گڏ گوڏن جي سوج ۽ پاڻي پوڻ جي پراڻي شڪايت هجي تہ هي دوا مفيد آهي.

امونيم ميور Amonium mur 30: ڪن رڳ جو سُور جڏهن اعصابي پنا (مشڪون) نِنڊيون ٿي وڃن هُجن، مريض جون

تڪليفون ويهڻ ۽ هلڻ تي وڌن.

**پلبم ميٽ Plumbum Met 30**: جڏهن مشڪن جي ڪمزوريءَ سبب ڪن رڳ جو سور شروع ٿي وڃي تہ نافع آهي، درد بجليءَ جي ڪرنٽ جيان هجي ۽ عموماً آڪڙ وارو سُور هجي.

**ڊائسڪوريا Dioscorea 200**: ساڄي طرف ڪن رڳ جو سور جيڪو چنگھن تائين وڃي، هيٺين طرف وڌي، آڱرين ۽ آڱوٺي ۾ آڪڙ ۽ سُڪڙڻ هُجي، ڏينهن جي وقت مڪمل طورتي ساڪت ۽ سُڪون سان ليٽي پر رات جي وقت ليٽڻ سان حالت بدتر ٿي وڃي.

**رسٽاڪس Rhustox 1m_200**: ڪن رڳ لاءِ اڪثير آهي، ڪالوسنٿ دوا سان ملائي ڏيڻ سان تمام جلد فائدو ٿي ويندو آهي، گهم ۽ ٿڌي موسم ۾ شروع ٿيڻ وارا ۽ مشقت وارا ڪم ۽ بعد ۾ شروع ٿيڻ وارو ڪن رڳ جو سُور محنت طلب ڪم ڪرڻ تي زيادتي ۽ هلڻ ڦرڻ تي عارضي افاقو.

**روٽا Ruta Grav 200**: سرديءَ ۾ ليٽڻ سان ڪن رڳ جو سور سُور نسن تائين وڃي جيڪو ناقابل برداشت هُجي، ڪن رڳ جي سُور سان گڏ جسم مان ننڍين جوڙن ۾ سور هجي تہ فائديمند دوا آهي.

**ڪالي بائيڪرومير Kalli Bichronium 200**: کبي طرف ڪن رڳ جو سُور جنهن سان گڏ پنين جي هڏين ۾ نيزي لڳڻ جو احساس، جوڙن جو (Rhumatic) سُور جيڪو پنهنجي جاءِ بدلي، حرڪت سان آرام جڏهن تہ گرم موسم ۾ بهتري ٿئي.

**ڪاربونيم سلف Carbonium Sulf 30**: جهٽڪي وارو سُور جيڪو باقائدگي سان وقت مقرر تي اچي، چهري جو اعصابي سور (Neuralgia) ۽ ان سان گڏ ڪن رڳ جو سُور.

<u>ڪاسٽي ڪم Causticum 200</u>: ڪابي طرف جو سُور جنهن سان گڏ مريض جي حرڪت سان ڪمي واقع ٿئي، ان سان گڏ مشڪن جي طاقت ۾ مُسلسل گهٽتائي ٿئي ته هي دوا ضرور واپرائجي، ڪُنَ رڳ جو سُور جيڪو مزمن صورت اختيار ڪري وڃي ۽ مريض جون مُشڪون سڪڙجڻ لڳن.

<u>ڪيموميلا Chamomella</u>: ڪُنَ رڳ جو سُور جيڪو اعصابي نوعيت جو هُجي ته هي دوا ڏيڻ گهرجي ناقابل برداشت درد جنهن ڪري مريض رڙيون ڪري.

<u>ڪالوسنٿ Colosynth 1m_200</u>: ڪُنَ رڳ جو سُور جيڪو حاد نوعيت جو هُجي، ان لاءِ مجرب آهي، سور جيڪو بنيءَ کان هَلي پيڏين تائين اچي ۽ گوڏن جي جوڙن ۾ دَٻاءُ محسوس ڪري، تڪليف ۾ گرميءَ کان افاقو جڏهن ته چُرڻ سان سور وڌي وڃي.

<u>ڪالچي ڪم Colchicum 200</u>: ساڄي طرف جا تيز درد جيڪي گوڏن تائين وڃن درد حرڪت سان وڌيڪ درد اچانڪ شروع ٿين ۽ مستقل رهن ته هي دوا ڏجي.

<u>ليڪ ڪنائيم Lac_Camaium</u> : ساڄي طرف ٽنگن ۾ حسيت جي گهٽتائي ۽ آڪڙ جنهن سان گڏ پيرن ۾ آڪڙ هجي مشڪن جو (Rhumatic) سُور ٻه هن دوا سان نيڪ ٿي ويندو آهي.

<u>ماربيلينم Morbilinum 200</u>: جڏهن چيچڪ ڪانپوءِ ڪُن رڳ جو سُور شروع ٿئي ته هي دوا بطور انٽرڪرنٽ ريميڊي (معاون دوا) طورتي استعمال ڪرائڻ سان آرام ملندو آهي ۽ بعد ۾ علامت مطابق ٻي دوا ڏيڻي پوندي آهي.

<u>نيفائيليم Gnaphyluium 1m 200</u>: ڪُن رڳ لاءِ اڪسير دوا آهي جڏهن درد واري جڳهه بيحس (سُن) رهي عموماً سُور

۽ بيچيني هرهر اچن، سنڌن جو سُور جنهن سان گڏ اُتي سٽيءَ (چڪنائيءَ) جي ڪمي هُجي.

**ويريٽرم البم Veratrum Album 30:** ڪُن رڳ جو سُور جنهن سان بجليءَ جا جهٽڪا لڳن تہ هي دوا ڏيڻ سان بهتري تي ويندي آهي التي ۽ دست بہ هجن تہ ڪن رڳ ۾ آرام ڏيندي آهي.

**وسڪِم البم Viscum Album 200:** ڪُن رڳ جي سُور سان گڏ ڪُلهن ۾ سُور ۽ چنگهن ۾ نيش زني جو احساس هجي تہ هي دوا ڏيڻ سان بهتري ٿيندي آهي، هن دوا جا مريض ايئن محسوس ڪندا آهن جڻ باهہ ڪان سڄو جسم جلي رهيو هُجي.


## وجع المفاصل ڳنٺيا Rhumatism

وجع المفاصل يا ڳنٺيا جنهن کي Rhumatism بہ چيو ويندو آهي متاثره مريضن کي سنڌن اندر جڻ اطراف جا ريشي دار سخت تي ويڃڻ جي ڪري حرڪت ڪرڻ ۾ دُشواري ۽ تڪليف کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، هي حالت آتشڪي نوعيت جي بہ هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن شديد سردي لڳڻ سبب راند روند دوران سنڌن تي شديد ڌڪ. خون ۾ زهر ڦهلجي ويندو آهي، هاضمي جي خرابي ۾ هي مرض لاحق ٿيندو آهي، اهڙي صورتحال ۾ عموماً

Rheumatic Diseases



مريض جا جوڙ سخت معلوم ٿيندا آهن. رات جي وقت سُور ۾ زيادتي پاتي ويندي آهي جڏهن ته هلڪو ورم به ٿي ويندو آهي. بعض اوقات هي ورم شديد نوعيت اختيار ڪندو آهي. هن مرض کي Rhumatism چوڻ جو سبب اهو آهي ته اها تڪليف هڪ جوڙ کان ٻي جوڙ ۾ منتقل ٿيندي رهندي آهي. اهو ماٽزم يوناني زبان جو لفظ آهي. يوناني ۾ وهه جي معنيٰ باد ۽ رواني جي آهي. قديم اطباءِ غالبن ان جي ڪري هن مرض کي بادي جو شاخسانو به چوندا آهن.





هي بيماري عورت جي نسبت مردن ۾ ڪيترائي دفعا وڌيڪ ملندي آهي. نيز 35 سالن جي عمر ئي کان گهٽ عمر جي فردن ۾. شايد ئي هي بيماري لاحق ٿيندي آهي. هي بيماري عموماً خاندان ۾ سفر ڪندي آهي يعني موروثي طورتي منتقل ٿيندي آهي. عموماً خوشحال خاندان جيڪو خوش خوراڪي ۽ شراب نوشي جا عادي هُجن هن ۾ زياده هوندي آهي.

جسم ۾ ميٽا بولزم جي عمل جي دوران غذا توانائي ۾ تبديل ٿي ويندي آهي ان سان گڏ ڪجهه ردي شيون (Waste products) به پئدا ٿينديون آهن جن مان هڪ يورڪ ايسڊ به آهي. انکي خون مان الڳ ڪرڻ جو ڪم گردن جو آهي. گردا ان کي پيشاب جي ذريعي جسم مان خارج ڪندا آهن. جيڪڏهن يورڪ ايسڊ جو گهٽو مقدار جسم ۾ جمع ٿيندو رهي ته ان سان ڳنٺيا جو مرض پئدا ٿي

پوندو آهي اها ڳالهہ جديد تحقيق مان ثابت شده آهي تہ ڳنٺيا جي مريض جي شريانن ۾ جمڻ جو غصر پئدا ٿي پوندو آهي ۽ جنهن جي ڪري امراض قلب جا امڪان وڌي ويندا آهن.

ڳنٺيا ۽ دل جا عارضا Disease of Gout and heart:




ڳنٺيا جو مرض امراض دل جي هڪ عام وجهہ آهي، هي بيماري شروعاتي پندرنهن سالن ۾ شروع ٿيندي آهي. وڏن شهرن ۾ رهڻ وارن ۾ وڌيڪ عام ٿيندي آهي هن مرض جي بروقت خبر پوڻ ۽ علاج ٿائيم تي نہ ڪرڻ سان انتهائي مُهلڪ نتيجا نڪرن ٿا.

گذريل ٻہ سؤ سالن کان ڳنٺيا دل کي مائوف ڪندي آئي آهي ۽ دراصل انجي اصل خرابي بہ آهي، ان جو سبب دل جا عارضا مبتلا ماڻهن ۾ گهٽا ماڻهو ڳنٺيا جي مرض کان متاثر شده هجي، ڳنٺيا عموماً معمولي عارضي جي شڪل ۾ نمودار ٿيندو آهي ۽ انجي ڪري معالج ۽ مريض جا تيماردار ان غلط فهمي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن ۽ ان کي معمولي مريض سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن.

هن مرض ۾ گلي ۾ سوزش کان پوءِ جوڙن جي سوزش، درد ۽

گهبراهٽ هوندي آهي ليڪن اصل خطرو دل کي ٿيندو آهي جيڪو بادي النظر ۾ ڏسڻ ۾ آخرڪار ايتري قدر ناڪاره ڪري ڇڏيندو آهي جو زندگي گذارڻ عذاب بڻجي ويندي آهي. هي بيماري آهستي وڌندي آهي ان لاءِ شروع ۾ هن کي روڪڻ ضرور هوندو آهي، نه ته پاڻي مٿي تائين اچي ويندو آهي، عموماً هي مرض درجه به درجه ٽن مرحلن ۾ ظهور پذير ٿيندو آهي.

(الف) سوزش حلق. (ب) گنٺيا (التهاب مفاصل ۽ التهاب قلب) (ج) پيچيدگيون.

## گنٺيا جون علامتون Symptoms

1 بخار هلڪي نوعيت جو ٿي سگهي ٿو. 2 التهاب مفاصل، (جوڙن ۾ سوزش، ورم ۽ سُور) 3 التهاب القلب (دل جي سوزش) 4 اختلاف قلب. 5 جسم تي پٽ ۽ ڏڏر جون شڪايتون. 6 ارتعاش (ڪوريا). 7 بک جي گهٽتائي. 8 اوڪارا ۽ الٽيون. 9 پيٽ ۾ سُور. 10 مٿي جو سُور. 11 ساهه ڦلي ۽ سيني ۾ سُور. 12 سرعت نبض. 13 ٿڪاوٽ. 14 بُک جي گهٽتائي. 15 چمڙيءَ جي پيلاڻپ. 16 چمڙي اندر ڳليٽون. 17 نڪهير. 18 نمونيه. 19 گهبراهٽ، خوف، بيچيني طاري ٿيڻ لڳي. 20 سنڌن ۽ ان جي چوڌاري عضون جي ڪمزوري ۽ لاغري 21 ڪيترن ئي مريضن جا جوڙ ڦلي بدوضع (بد شڪل) ٿيڻ لڳندا آهن. 22 رات جو بستر جي گرمي ڪان دردن ۾ شدت. 23 مريض جوڙن جي بدصورتي ڏسي نفسياتي طرح تمام گهڻو بد دل ٿي ويندو آهي. 24 جوڙن جي سختي ۽ جڪڙڻ جي شڪايت به ٿي پوندي آهي. 25 ڪنگهه ۾ سفيد گج دار بلغم جنهن ۾ خون جي آميزش.

## مرض جا سبب Cause Of Diseases

1 سردي لڳڻ تمام وڏيڪ زور پوڻ. 2 ڪنهن زهر جو خون ۾ داخل ٿي وڃڻ. 3 نظام هضم تي بوجهہ واريون غذائون مسلسل استعمال ڪرڻ. 4 شراب نوشي ڪرڻ. هي مرض خانداني يا مرر وٽي بہ ٿي سگهي ٿو. غذا جو ناقص ۽ ناڪافي هجڻ. 7 يورڪ ايسڊ جي زيادتي بہ هن مرض جو هڪ سبب ٿي سگهي ٿو.

## پيچيدگيون Problems

شروع شروع ۾ جڏهن ڳنٺيا جي ابتدائي تڪليف رفع ٿيڻ بعد ڳنٺيا جي بيماري ياد بہ ناهي رهندي تہ ڳنٺيا جون پيچيدگيون ۽ علامتون وڌندي جنهن انداز ۾ مريض تي ظاهر ٿينديون آهن رفتہ رفتہ دل ڌڙڪڻ تيز ٿي ويندي آهي ۽ ساهہ قلڻ لڳندو آهي، مريض جي لاءِ انهن تڪليفن جي موجودگي ۾ روزمره جا معمولات پورا ڪرڻ مشڪل ٿي پوندا آهن، اهڙن مريضن جي پيرن تي سوج رهندي آهي ۽ ٻار کيڏندي سَهڪڻ لڳندا آهن جڏهن تہ متاثر خواتين گهر جي معمولي ڪم ڪار بعد نڍهال ٿي وينديون آهن.

ڳنٺيا سبب خطرناڪ پيچيدگيون جيڪي مزمن صورت اختيار ڪري وينديون آهن اهي دل کي بيمار ڪري ڇڏينديون آهن جنهن ۾ ڳنٺيا جا بداثر، دل جي والوز (Valves) ۽ مُشڪن تي پوندا آهن، ڳنٺيا ڪانپوءِ عموماً هي مرض هيٺ ڏنل شڪلين مان ۾ ڪا شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي.

1 صحيح علاج مُعالجي سان مريض بلڪل نيڪ ٿي ويندا آهن ۽ علامتون آهستي آهستي رفع ٿيڻ لڳنديون آهن.

2 ڳنٺيا ڪانپوءِ بظاهر تہ آرام اچي وڃي پر چند سالن بعد (اوسطاً ٻن سالن) ڪانپوءِ تڪليف ٻيهر شروع ٿي ويندي آهي ۽ معذوري جا آثار نمودار ٿيڻ لڳندا آهن ۽ ان وقت معائني تي خبر

پوندي آهي تہ ڳنٺيا جي ڪري دل جا صحام (Valves) خراب ٿي چڪا آهن. ڪڏهن ڪڏهن مريض ۾ بظاهر ڪا بہ تڪليف ظاهر ناهي هوندي پر اتفاقيہ معائني تي صَحام جي خرابي جو خبر پوندي آهي.

3 ڳنٺيا جو مرض لاحق ٿيڻ بعد آرام نہ اچي ۽ دل شروع کان ئي متاثر ۽ ماؤف رهڻ لڳي.

4 جيڪڏهن ڳنٺيا جو حملو سَخت ۽ شديد هُجي ۽ تشخيص ۽ علاج صحيح نہ ٿي سگهي تہ ان ڳالهہ جو قوي امڪان هوندو آهي تہ بيمار نيڪ نہ ٿي سگهندو ۽ عارضو انتهائي پيچيدگي واري صورت اختيار ڪري ويندو.

5 ڳنٺيا جي ڪري جڏهن دل متاثر ٿي پوندي آهي تہ دل جا والوز تنگ ٿي پوندا آهن يا ڪشاده ۽ اهڙي طرح اهي پنهنجا افعال پوري طرح انجام نہ ڏئي سگهندا آهن ۽ جنهن جي نتيجي ۾ دل جي ضخامت وڌي ويندي آهي جڏهن صحام وڌي ويندو آهي تہ خون جي رواني صحيح ناهي رهندي. صحام (Valves) جي ڪشادي هُجڻ جي ڪري خون اڳين طرف وڃي پوءِ واپس دل جي پويان پوئين خاني ۾ اچي ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ صحام (Valves) پوري طرح بند ناهي ٿي سگهندو جڏهن صحام تنگ هُجڻ جي ڪري خون جي گردش ۾ رڪاوٽ ٿيڻ لڳي ۽ خون دل جي اڳين خاني ۾ آسانيءَ سان نہ وڃي سگهي جنهن جي ڪري پويان واري خاني ۾ جمع ٿيڻ لڳندو آهي.

## علاج Treatment

سنڌن جا مرض ۽ انهن جا قسم جاڻڻ جي لاءِ مختلف قسم جا معائنا ڪيا ويندا آهن مثلاً ايڪسري (X_Ray) خون جي خصوصي قسم جو معائنو لپڊ ڪلچر جوڙ سنڌ مان پاڻي ڪڍي

انجو معائنو اليڪٽرو ڪارڊيوگرام ۽ پاخاني جو معائنو وغيره قابل ذڪر آهن. آرٿرائيٽس، اوسٽيو آرٿرائيٽس، اوسٽيومائي ليٽس، ريوماٽائيڊ آرٿرائيٽس وغيره نقرس ۽ ڳنٺيا يا وجع المفاصل جي علاج لاءِ درج ذيل هوميوپيٿڪ دوائون (حسب علامت) استعمال ڪرائڻ سان تمام جلدي بهتري ٿي ويندي آهي.

مرض جي حاد صورتحال ۾ رٽيڪايورنس (Urtica Urens 3x) پنج پنج قطرا ڏينهن ۾ 3 دفعہ استعمال ڪرائڻ سان شفا ٿي ويندي آهي، اهڙا درد جيڪي هڪ جوڙ کان ٻي جوڙ ۾ منتقل ٿي وڃن تہ پلاسٽلا Pulsatilla 30 ۽ ڪالي بائيڪروميم 30 واري ڏينهن ۾ 3 دفعہ استعمال ڪرائڻ کپن. جڏهن آڱرين جي جوڙن تي ڳنڍيون پئجي وڃن ۽ جوڙ بد وضع ٿي وڃن تہ امونيم فاس (Amonium Phos 3x) بهترين دوا آهي . جڏهن جوڙ سُرخ ۽ سُڄيل هُجن ۽ انهن ۾ سور جيڪو حرڪت سان وڌي وڃي ٻن ٻن ڪلاڪن جي وقفي سان تہ Bryionia 30 ڏيڻ مفيد رهندي آهي.

عمومي طورتي درج ذيل بہ دوائون واري واري ڏيڻ سان شفاءِ ڪاملہ ٿي ويندي آهي، ڪالچي ڪم Colchicum 200 ۽ گوائيڪم Gauicum ٻئي دوائون هڪ ڏڪ پاٽي ۾ وجهي ڏينهن ۾ 3 دفعہ (پنج ڏينهن) استعمال ڪرايو.

**نوٽ:** ڳنٺيا ۾ جوڙن جي سوزش واقع ٿيندي آهي، جڏهن تہ نقرس يا ڳنٺيا ميٽابولڪ (Metabolic) پرابلم آهي جنهن جي ڪري جوڙن جي سوزش واقع ٿي ويندي آهي، جڏهن تہ نقرس يا گائوٽ ۾ جوڙن ۽ ڪنن وغيره ۾ سوڊيم باءِيوريٽ جمع ٿي ويندو آهي جنهن جي ڪري انتهائي تڪليف ده صورت پئدا ٿي پوندي آهي، عمومي طورتي مريضن جا پير ۽ آڱوٺا سڄي ويندا آهن.

هيئيون حسبب ذيل دوائون استعمال ڪيون وڃن.

آرم ميٽ Aurm met 200: ڳنٺياوي سُور جيڪي هر جوڙ ۾ محسوس ٿين ۽ بالاآخر دل جي جڳهه تي وڃي بيهن جنهن جي ڪري مريض ۾ بيحد بيچيني پاتي وَڃي ۽ مريض هر وقت خاموشي سان ليٽيو رهي ۽ خودڪشي جا منصوبا (Plane) جوڙيندو رهي.

آرنيڪا Arnica 200: ڳنٺياوي سُور جيڪي مريض ڇُهڻ يا ويجهي اچڻ کان خوف کائن، مريض کي ائين محسوس ٿئي ته جيڪا بہ شيءِ ويجهو ايندي اها تڪليف پهچائيندي. ڳنٺياوي بخار جڏهن دل جا مرض بہ لاحق هجن.

ايڊونس ورنيلس Adonis Vernails 30: جڏهن دل جي قلجي وڃڻ يا وڏي وڃڻ کان اڳ ڳنٺيا جو حملو تي چڪو هُجي تہ هي دوا ڏيڻ سان شفا تي ويندي.

ايڪٽيا اسپائي ڪاٽا Acetea Spicata 3x: ننڍن جوڙن جو ماتيزم ان لاءِ بهترين دوا آهي، متاثره عُضون ۾ تڪائپ ۽ درد، آڱرين، گوڏن، پيڏين، پيرن جي آڱوني ۽ بين جوڙن تي تورڙي محنت سان سوڄ اچي ويندي آهي، ڪارائيءَ جي ڳنٺيا لاءِ ڪامياب دوا مڃي ويندي آهي، ڇُهڻ ۽ حرڪت ڪرڻ سان دردن ۾ اضافو.

ايسڊ فلور Acid Flour 30: هڏين جي ڳنڍين ۽ عضون جي ديگر جڳهن تي ٿيڻ واري، اضافي کي ختم ڪرڻ واري بهترين دوا آهي، هن دوا جي مريض کي سُور شديد نوعيت جا هوندا آهن جن سان گڏ ڪمزوري پاتي ويندي آهي، عموماً هن مرض ۾ جوڙن جي سور سان گڏ ڳاڙهاڻ (سرخي) بہ نمايان هوندي آهي.

ايڪونائيٽ Aconite Nap 20_30: ٿڌا پگهر ۽ ڇهري تي ٿڌائپ سان گڏ تيز بخار، جسم اندر ٿڌي لهر اٿندي آهي، ذهني

اذيت، بيچيني، بلا وجهہ خوف بنيادي علامتون آهن. هڏين ۾ شديد سور هُجي جيڪو ٿڌي ۽ مرطوب موسم ۾ وڌي وڃي.

ايپس ملفيڪا Apis Melifica 200_30: سنڌن جي سوزش سان گڏ جوڙن جو سُور، تمام سنڌن ۾ ڏنگ لڳڻ جهڙا سُور جيڪي گرم ڪمري ۾ وڌيڪ ٿين. استقسائي ڪيفيت نمايان هُجڻ تي هي دوا ضرور تجويز ڪرڻ گهرجي.

اوگزيلڪ ايسڊ Oxalic Acid 30: هن دوا جا مرض ۾ کابي طرف جي وجع المفاصل سان گڏ کابي ڦقڙ جي هيٺين حصي ۾ بہ سُور پاتو ويندو آهي. جوڙن جو وجع المفاصلي سُور ان لاءِ خاص دوا آهي، معدي جي خرابي ۽ وات جي لعاب ۾ ڪثرت ۾ هي دوا واپرائڻ کپي.

ابراٽينم Abrotanium 200_30: اهڙا مريض جن کي دستن روڪڻ جي لاءِ هاءِ پوٽينسي (High Potency) (وڏي طاقت) ۾ دوا استعمال ڪرائي وڃي ۽ ان بعد دست تہ رُڪجي وڃن ليڪن وجع المفاصلي درد شروع ٿي وڃن تہ هي دوا نافع آهي. اهڙو وجع المفاصل جيڪو جوڙن کي ڇڏي قلب طرف وڃي ان جي لاءِ بهترين دوا آهي، مريض جون تمام علامتون رات جي وقت ۽ ٿڌي هوا ۾ شديد ٿي وينديون آهن.

برائي اونيا Bryionia: نقرس ۽ وجع المفاصل جي اعليٰ دوا مڃي ويندي آهي، هن دوا جي مريض جا جوڙ سُجيل هوندا آهن، مريض جي جوڙن ۾ گرمي محسوس ٿئي ۽ ان ۾ چنيندڙ ۽ چيريندڙ سُور هجي تہ نافع آهي. گوڏن ۾ آڪڙ ۽ درد جنهن سان پيرن جي گرمي ۽ سوڄ ٿيندي هجي، مريض جڏهن آرام ڪري تہ درد نيڪ ٿي ويندا آهن ليڪن جڏهن هلڻ لڳي تہ وري شروع ٿي ويندا آهن جوڙن

۾ گهٽ لڳڻ وارو سُور هن دوا جي خاص علامت آهي. اهڙا مريض جن جي جوڙن ۾ خشڪي سبب سُور هجي تہ هي دوا ضرور آزمايو.

بيلاڊونا Belladona 200: بخار جي شدت جنهن سان گڏ پير برف جيان ٿڌا هُجن پر مٿو ۽ چهرو گرم هُجي تہ نافع دوا آهي، مريض جو مٿو ۽ چهرو گرم ۽ سرخ هُجي چاڪاڻ تہ رت جو دورو مٿي ۽ چهري طرف وڌيڪ هوندو آهي، مريض جي عضون ۾ جهٽڪا ۽ سور جنهن سان گڏ جوڙ سُجيل ۽ سرخ ۽ ان تي سرخ ڌاريون نمايان هُجن، هي سُور جي شدت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ فوري طورتي گهٽ ڪرڻ جي صلاحيت رکندي آهي.

بينزوئڪ ايسڊ Benzoic Acid 30: حصايت ۽ يورائيت خون (Lithemic and uremic) کان متاثره مريضن ۾ وجع المفاصل ۽ نقرس جو عارضو هجي تہ هي بهترين دوا آهي، اهڙا مريض جن ۾ پيشاب جو مقدار گهٽ ٿيڻ تي تڪليف وڌي وڃي ۽ پيشاب گهٽوا چي ۽ افاقو نہ ٿئي تہ هي دوا ضرور واپرائجي، مريض جو پيشاب گهوڙي جي پيشاب مثل هوندو آهي بوءِ ۾.

بربرس ولگرس Berberis vulgaris 30: ڪڙين جو سُور جنهن تي گهٽو وزن وجهڻ تي افاقو ٿئي گردن جا مرض ۽ ان سبب ڳنڍيا.

پلسٽلا Pulsatilla 30: جڏهن درد نقل مڪاني ڪندا هُجن تہ هي دوا ڏيڻ گهرجي، بالخصوص عورتن ۾ گرميءَ کان ۽ شام جي وقت سور ۾ شدت هُجي، مريض هر وقت درد جي شدت کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ گهمڻ ڦرڻ پسند ڪندو آهي، هن دوا جي مريضن ۾ گوڏا، پيڏيون ۽ هٿن پيرن جو وڌيڪ متاثر ٿيڻ.

جنسگ Ginsing Q: شياٽيڪا مزمن صورت اختيار

ڪري تہ هي دوا ڏيڻ سان بهتري ٿيندي آهي. تير چٺجڻ جي احساس وارا سُورَ ۽ رهيوماٽزم (Rhumatism) هن دوا جي خاص علامت آهي جنهن سان گڏ چيلهہ ۾ سور بہ هُجي. جوڙن جي سختي ۽ ڪرختگي سان گڏ ڪڙڪڙ جو آواز اچي تہ هي دوا ڏيڻ سان بهتري ٿي ويندي آهي هن دوا جي مريض ۾ هيٺين عضون ۾ ڳوراڻپ پاتي ويندي آهي. مريض جي جنسي خواهش جو وڌڻ ۽ پيشاب ڪرڻ جي هرهر حاجت هُجڻ بہ هن دوا جي خاص علامت آهي.

ڊلڪمارا Dulcamara 200_30: ٿڌ لڳڻ يا پجي پوڻ تي جوڙن ۾ سور ٿئي تہ هي دوا نافع آهي. اهڙا ماڻهو جيڪي گهٽي عرصي تائين گهم وارين جڳهن تي رهڻ سبب جوڙن جو سُور هجي تہ ان لاءِ بهترين دوا آهي. پگهر جي دبجي وڃڻ سان ڳنٺيا ۽ وائي سور.

رسٽاڪس Rhustox 200: جوڙن ۾ گرمي ۽ درد انگيز سوج. ريوماٽڪ سور. جسم جا وڏا حصا ۽ ڪنڌ جي پوين ڪُلهن ۾ هلندڙ سُور. گهمڻ ڦرڻ سان عارضي طورتي فائدو عضون ۾ آڪڙ جڻ فالج ٿيو هُجي.

روڊنڊران Rodendron 200_30: گوڏن جو وجع المفاصل ۽ جوڙن جي سوج ۽ سُرخي جي لاءِ بهترين دوا آهي. درد عموماً آرام جي حالت ۾ ۽ خراب طوفاني موسم ۾ وڌيڪ ٿين. جوڙن ۽ عضون ۾ چِڪَ سان گڏ چيرڻ وارا سُور ٿين تہ هي دوا نافع آهي.

روٽا Ruta 200: ننڍن جوڙن ۽ ڪاراين جي وجع المفاصل جي لاءِ نافع دوا آهي. مريض ڪُرسيءَ تان اٿي تہ ڪمزوريءَ باعث ٽنگون جسم جو بوجهہ نہ سنڀالي سگهن. ڪارائي ۽ هٿن جي آڱرين ۾ تشنجي ڪيفيت نمايان هوندي آهي. مريض کي ائين محسوس ٿئي جڻ ران جي پوئين طرف رڳون سُڪڙجي ويون هجن. ڪنڌ جي

پوئين حصي پشت ۽ زيرين چيلهہ ۾ سُور رهندو آهي عموماً دٻائڻ سان يا سڌي ليٽڻ تي گهٽ ٿيندو آهي جڏهن صُبح سويري بيدار ٿئي تہ درد شدت سان واقع ٿيندو آهي.

ريمنس ڪيلي فورنيا Rhamnus California Q: جوڙن ۽ پٺن جي درد جي لاءِ چند اهم دوائن ۾ هڪ دوا آهي (Rhumatism) جنهن سان گڏ سوزشي سوج نمايان هوندي آهي، اعصابي دردن جي لاءِ بهترين دوا آهي، مريض جا عُضوا ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي ويندا آهن، دل تي وجع المفاصل جا اثرات پوندا آهن، هي دوا مڌرتنڪچر ۽ 30 طاقت ۾ استعمال ڪرائي ويندي آهي.

سمي سي فيوگا Cimicifuga 200: وڏن مشڪن ۾ تيڻ وارو Rhumatism هن دوا سان ٺيڪ ٿي ويندو آهي، عورتن ۾ تيڻ واري جوڙن جي سُور لاءِ بهترين دوا آهي، درد يڪايڪ ۽ شديد هُجن، رات جي وقت سُورن ۾ تيزي ايندي آهي شديد بيچيني هوندي آهي ۽ مريضہ بيچيني جي ڪري گهمڻ ڦرڻ چاهيندي آهي پر درد جي شدت کان ائين نہ ڪري سگهندي آهي.

سليشيا Silicia 200: موروثي وجع المفاصل ۾ هن دوا جي ضرورت پوندي آهي، دائمي قسم جو Ostesmylits جو مريض هُجي تہ هي نافع دوا آهي، چمڙي ۽ هڏيءَ جي وچ ۾ مواد پئجي وڃڻ سَبب زخم هُجن ۽ انهن زخمن سان سيلان هُجي تہ بہ هي نافع دوا آهي، هن دوا جا مريض رات جي وقت يا ڪپڙا لاهڻ وقت شدت محسوس ڪندا آهن.

سلفر Sulfer: مزمن يا حاد صورت جا وجع المفاصلي سورن جي ثانوي اثرن کي رفع ڪرڻ جي لاءِ بهترين دوا آهي، مريض جي مٿي جي چوٽيءَ تي مُسلسل جلڻ رهندي آهي ان سان گڏُ هرهر غشي

۾ نقاهت جا دؤرا پوڻ هن دوا کي ڪنهن ٻي دوا سان گڏ بطور معاون استعمال ڪرائجي.

فائٽولاڪا Phytcollaca 200: آتشڪي زهر جي سبب وجع المفاصل جي شڪايت لاحق هُجي تہ هي دوا ڏيڻ سان شفايابي ٿي ويندي آهي. عضون جو آڪڙ ۾ سُورن جو هيڏي هوڏي ڦرڻ هن دوا جي خاص علامت آهي. هن دوا ۾ درد اهڙا هوندا آهن جڻ ڪرنٽ لڳي رهيا هجن. گولي لڳڻ جيان درد ٿين تہ بہ هي دوا ڏيڻ سان بهتري ٿي ويندي آهي چيڪ وارا درد ۾ بيچيني نمايان هُجي.

فاسفورس Phosphorus 30_200: تڏ لڳڻ باعث چيڪ ۾ تناءُ پيدا ڪرڻ وارا سُور هُجن. مريض جي ٽنگن ۾ شديد ڪمزوري ۾ لنگرائپ پاتي ويندي آهي مريض کي عموماً پيٽ ۾ خالي پڻ جو احساس پاتو ويندو آهي. ڪاڏي ڪائڻ ڪانپوءِ اوڳرايون مريض جو پاخانو ڏگهو ۾ سنهو سخت جنهن کي خارج ڪرڻ مشڪل هجي.

ڪاسٽي ڪم Causticum 200: آرٿرائيٽس ۾ نالج جو حَملو هڪ ئي وقت ٿئي تہ نافع دوا آهي. مشڪن جي طاقت ۾ مسلسل گهٽتائي ٿئي تہ هي دوا ڏيڻ سان مشڪون طاقتور ٿي ويندڙيون آهن. ساڄي طرف مرض جو وڌيڪ حملو سنڌ وڏا ۾ بد وضع. مريض جي تمام علامتن کي بستر جي گرمي کان بهتري ٿئي. جڏهن خُشڪ موسم ۾ طبيعت خراب ٿي وڃي. جوڙ آڪڙجي وڃن هن دوا جي خاص علامت آهي. عموماً مريض ۾ بندڻ عضلات ننڍا ٿي ويندا آهن. اعضاء بدشڪل ٿيڻ لڳندا آهن. سور جنهن ۾ چيڪ جو احساس ساڙو هُجي. عضون ۾ چيڪ ۾ ناطاقتي.

ڪالچي ڪم Colchicum 30_200: هي دوا گهٽو ڪري نقرس لاءِ مُفيد آهي ليڪن وجع المفاصل ۾ بہ ڪارگر دوا

آهي، گرم موسم دوران عضون ۾ چيرڻ جهڙا سُورَ درد جڏهن تہ سرد موسم دوران ڏنگ لڳڻ جهڙا سور ٿين، هٿن ۽ ڪارائين ۾ سُيون چڀڻ محسوس ٿين، متاثره ماڻهن جي آڱرين جي پورن ۾ بيچيني سُن پڻ.

**ڪالميا Kalmia**: نقل مڪاني ڪرڻ وارا وجع المفاصل انهن لاءِ بهترين دوا آهي، هي دوا ان وقت ڪارگر هوندي آهي جڏهن دل جي هائپرٽرافي ۽ ٿلاءَ ۾ ڳنٺيا جو مرض هُجي، ڪڏهن بانهن ۾ شديد سُور ۽ سُن پڻ پاتو وڃي، دل جي چوڌاري بيچيني ۽ گُهٽ پاتي وڃي، مريض ڪي ساهہ کڻڻ ۾ دقت ٿئي ۽ دل جي جڳهہ تي بوجهہ رهي نبض هر ٿن چئن ضربن کانپوءِ بدلجندي محسوس ٿئي.

**ڪالي ڪارب Kalli Carb 200**: وجع المفاصل دردن ۾ جڏهن مريض جي چيلهہ ۽ ٽنگون ڪمزور ڪن تہ نافع دوا آهي، انتهائي چير ڦاڙ وارا درد ٿيندا هُجن جنهن سان گڏ مريض کي شديد بيقراريءَ جو احساس ٿيندو آهي، گوڏن جي سوزش ۽ درد ڪُلهن تائين ويندو محسوس ٿئي، پيرن جا ترا حساس، گوڏن جي سوزش ۽ درد ڪُلهن تائين ويندو محسوس ٿئي، پيرن جي آڱوٺن ۾ خارش ۽ سُور ٿئي، هٿن پيرن ۾ سوڄ، ڪارائي جي جوڙ ۾ ائين سُور ٿئي چڻ انهن کي مروڙيو وڃي هن دوا جا تمام درد موسم جي تبديلي بالخصوص سردين کان وڌن.

**گوائيڪم Guaicum 200**: نقرس ۽ وجع المفاصل جي لاءِ خاص دوا آهي جڏهن هي مرض مزمن (Chronic) صورت اختيار ڪري وڃي تہ هي دوا ڏيڻ کپي، سوزاڪ جي Historyموجود هُجي ۽ مريض ۾ وجع المفاصل جون علامتون هجن.

**گالٽيريا Gaultheria Q**: سوزش، ڳنٺيا جنهن سان گڏ پاسيرين ۾ سُور ۽ ڪُن رڳ جو سُور هن دوا سان جلد ٺيڪ ٿي ويندو

آهي.

<u>ليڊم پال Ledum Pal 200</u>: وجع المفاصل ۽ نقرس جي لاءِ بهترين دوا آهي. نقرس جي لاءِ هي وڏي اهميت واري دوا آهي. هن دوا سان هيٺان درد مٿي ويندا آهن ۽ بستر جي گرمي ۽ حرڪت ڪان سورن ۾ اضافو جوڙن ۾ سيال، جي (Synoval fluid) گهٽتائي، ڳلتيون ٻڌجن. نقرسي سُور جيڪي گوڏن کي گهٽو متاثر ڪن ۽ مريض گوڏن جي سُور جي ڪري گهمڻ ڦرڻ ڪان محروم.

. <u>ليٿم ڪارب Lithium Carb 200</u>: يورڪ ايسڊ جي ڪري مزمن نوعيت جو ڳنٺيا هجي ته هي نافع دوا آهي، هن دوا جا مريض دل جي ڌڙڪڻ ۽ دل جي صدمي سان گڏ جوڙن جو سُور به هُجي، اهڙيون علامتون جنهن ۾ بهترين نتيجا ڏيندڙ دوا آهي هن دوا جي خاص علامت هي آهي ته مريض جي ننڍين جوڙن ۾ درد ۽ ساڙي جو احساس پاتو ويندو آهي.

<u>هيڊيوما Hedeoma Q</u>: آڱوٺي جي جوڙ ۾ درد ۽ يورڪ ايسڊ ليول وڏي وڃي، هن دوا جي خاص علامت آهي، مريض کي پيڏين ۾ شديد سور ٿئي جنهن جي ڪري گهمڻ ڦرڻ مشڪل ٿي پوي، مشڪن ۾ جهٽڪا لڳن ۽ فالجي ڪيفيت ٿي پوي.

<u>ميڊورنيم Medhorhinium 200</u>: سائيڪوس يا گنوريا (Gonohorea) مزمن نوعيت جو Rhumatism ۽ انجو حملو هُجي، جنسي مُتعدي مرض جي دبجڻ ڪان مرض شروع ٿئي ته هي دوا نافع آهي. رات جي وقت درد ۾ شدت پاتي وڃي ٿي، شديد قسم جي بيقراري هُجي، ڪڙين ۽ پيرن جي آڱرين جو هيٺيون حصو انتهائي نازڪ هجي ۽ پيرن جون تريون سُور ڪن، مريض هر وقت پنهنجي هٿن جا ٽڪاءَ ڪدي ٿو جنهن سان ان کي آرام ملي ٿو.

**میگنیشیا فاس Magnasia Phos 200**: هن دوا جي هڪ ئي خاص علامت آهي ڳنڍيا ۽ وجع المفاصل ۾ گرم ٽڪور ۽ دٻاءُ (Pressure) سان مريض کي آرام ملندو آهي. اعصابي ۽ جسماني سورن ۾ به ڪار آمد دوا آهي.

***


# باب: سترهون

# مشڪون ۽ انهن جون تڪليفون

# Muscles and their Complains or Diseases

## (What is Muscle) مُشڪ ڇا آهي.

انساني جسم ۾ هڏيون اڪيلي طورتي ڪجهه ناهن ڪنديون انهن کي حرڪت ڪرڻ جي لاءِ جوڙن (Joints) ۽ مشڪن (Muscles) جي مدد کپندي آهي، عضلات انساني جسم جي ڍانچي کي ڍڪي ڪري انهن کي محفوظ بڻائي ٿو ۽ انهن جي مجموعي کي عضلات جو نظام (Muscular system) چيو ويندو آهي.





عضلات پنن جي بدولت ئي ڪو انسان پنهنجي روزمره جا افعال بجا آڻيندو آهي ۽ انهن جي ڪري ئي انسان کائڻ پيئڻ جي عمل کي پوري ڪرڻ ۽ هاضمي جي مرحلن تائين پهچائيندو آهي، هڪ عام بالغ انسان ۾ 650 مشڪون هونديون آهن جيڪي هڪ عام انسان جي جسماني وزن جو اڌ هونديون آهن، مشڪون انساني

هڏين سان گڏ Tendons جيڪي تار جيان بافت نما هوندا آهن جي مدد سان جڙيل هونديون آهن.

## دماغ جي ساخت Structure of Brain

دماغ جسم انسانيءَ جو سڀ کان پيچيده عضوو آهي ليڪن هن عضوي جو جسم انساني جي هر عمل، حرڪت ۽ احساس ۽ جذبي ۾ پورو پورو دخل آهي، ان لاءِ هن جي پيچيدگي کي بہ سمجهڻ جي ضرورت آهي، دماغ ۾ 100 بلين جي لڳ ڀڳ




نيورانز(Neurons) پاتا ويندا آهن ۽ هر هڪ نيورون ڏهہ ڏهہ هزار تائين رابطہ (Connections) رکندو آهي. دماغ جي ساخت جي سلسلي ۾ هيٺ مختصراً تفصيل ڏجي ٿو.


مؤخر دماغ ۾ ڪيتريون اهم شاخون آهن جيڪي خود ڪار افعال (Automatic functions) کي منظم ڪندا آهن. هي اهڙا افعال آهن جيڪي زندگي جي بقاءَ جي لاءِ ضروري هوندا آهن. انسان جي شعوري پهچ کان باهر آهن. تماعي دماغ يا حرام مغز جي مٿان چوٽي جيڪا دماغي ٽڙ جو حصو (Brain stem) آهي اهو تنفس، دل جي ڌڙڪڻ ۽ خون جي شريانين جي قطري کي ڪنٽرول ڪندو آهي، هي حصو ارادي حرڪات کي ڪنٽرول ڪندو آهي ۽ هڪ اهم سنگم آهي. دماغي ٽڙ جي هيٺين حصي تي راس النخاع

(Medulla) آهي. دماغ ۽ حرام مغز جي درميان گذرڻ وارا سارا وهڪرا هن مان گذرندا آهن. هن نخاع مستطيل (Medulla oblargation) جي حرڪياتي سِگنل جي اعصابي رستي جو مقام انقطاع (Cross over) آهي، جنهن مان جسم جا هڪ طرف جا اعصاب پاسي کي عبور ڪري هليا ويندا آهن. اهڙي طرح کابي طرف جي اڌ حصي دماغ جو ڪنترول جسم جي ساڄي طرف تي هوندو آهي ۽ انجي مخالف طرف جو دماغ جي کابي طرف جي حصي تي ڪنترول هوندو آهي. نيز راس النخاع ڪيترن ئي اعصابي جوڙن وچ ۾ منزل بہ آهي، هي دماغ کي وچڻ ۽ نڪرڻ واري اعصابي رستن جي مخالف طرف جو گذرگاهہ آهي، ان جو اختيار سيني ۽ مشڪن جي ساختن تي آهي، ان کان علاوه متي ۽ ڪُلهن جي حرڪات، گيت ڏيڻ، لعاب ريزي ذائقي، ٻُڌڻ ۽ توازن قائم رکڻ تي بہ هن جو ڪنترول آهي، چهري ۽ متي جي ڪيترن ئي اعصابن جو آغاز پل دماغ مان ٿيندو آهي، هي اعصاب دماغ جي ڍِلن جي حرڪات، لعاب ريزي ۽ ذائقي کي منظم ڪندو آهي راس النخاع ۽ پل دماغ ٻنهي جي اعصابن ملي ڪري تنفس ۽ جسم جي توازن کي قابو ۾ رکيو آهي، وسطي دماغ جي اعصابن جو اکين جي ڍِلن جي بعض حرڪتن پتلي جي سائز عدسي کان علاوه اکين، متي ۽ ڌڙڪڻ جي اضطراري رد عمل انعڪاسي حرڪتن تي قابو هوندو آهي.

## دماغ جا حصا Parts of Brain

دماغ کي ٽئن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

1 مِخُ يا مقدم دماغ يا وڏو دماغ (Cereberum) : هن کي بطن دماغ بہ چوندا آهن. هي دماغ جو سڀ کان وڏو حصو آهي جيڪو کوپڙي جي سامهون ۽ درمياني ۽ پوئين جوفن ۾ هوندو آهي، هي




(a)

Copyright © 2009 Pearson Education, Inc., publishing as Pearson Benjamin Cummings

بيضوي شڪل جو هوندو آهي، ان جي وچ ۾ هڪ ڊگهو ڏار هوندي صرف مٿي سطح تي هوندي آهي، جڏهن تہ مغ ڪبير يا نصف چيڙا پاڻي ۾ ملي ويندا آهن، مغ ڪبير جو ساڄو نصف حصو جسم جي کاٻي حصي کي کاٻي نصف حصي جي جسم جي ساڄي حصي کي ڪنٽرول ڪندو آهي جيڪڏهن ساڄي حصي کي نقصان پهچي وڃي تہ جسم جو کاٻو حصو مفلوج ٿي پوندو آهي. جيڪڏهن کاٻي حصي کي نقصان پهچي وڃي تہ جسم جو ساڄو حصو مفلوج هوندو آهي، مغ ڪبير جي مٿين سطح تي ننڍا ننڍا تهہ (Folds) هوندا آهن. حيوانن ۾ هي تهہ گهٽ هوندا آهن ان لاءِ چيو ويندو آهي تہ انهن تهن جو تعلق ذهانت سان هوندو آهي.

مغ ڪبير جا چار وڏا حصا آهن جن کي قص لختيا (Lobes) چوندا آهن.

1 جهي قص (Frontal Lobe) : هي لوب انسان جي ارادي حرڪتن، روبي ۽ جذبات جي ڪُجهہ معاملن کي ڪنٽرول ڪندو

آهي.

2 جَداري فص Lobe Parietal : انسان جي ڇُهڻ جي حص ۽ ادراڪ (حس لامسہ) هن حصي سان تعلق رکندو آهي، ان جو تعلق انسان جي سکڻ جي عوامل سان هوندو آهي.

3 عقبي فص (Occipital Lobe): نظر اچڻ واريو شين، متعلق فهم جو ذميدار حصو هوندو آهي.

4 صدغي فض (Temporal Lobe): انساني ياداشت گفتگو ۽ زبان هن جي ڪنٽرول هيٺ هونديون آهن، انساني روين جا تمام پهلو بہ هن جي زير اثر ايندا آهن.

جهي فص جي جاءِ مقام پيشاني آهي، ليڪن هي درمياني خليج تائين پهچي ويندو آهي جنهن جي پٺ تي فص جداري موجود آهي، هن جي پويان دماغ جي عقب ۾ فص مَوخري آهي ۽ پاسن جي ٻنهي طرفن هڪ درز (Fissure of sylvius) آهي، جيڪا صدعي فص کي جهي فص کان جُدا ڪندي آهي، حرڪي رقبي جَهي فص ۾ لمس ۽ دباءَ جي رقبي جَداري فص ۾ ذائقي سنگهڻ ۽ حس جي رقبي صدعي ۾ ۽ بصري رقبي عقبي فص ۾ پاتا ويندا آهن.

2 مخيخ يا مؤخر دماغ (Cerabellum) : مؤخر دماغ مقدم دماغ جي پوئين حصي ۽ غشاءَ حيمي (يعني اهو پردو جيڪو ٻنهيءَ جي وچ ۾ مائل هوندو آهي ۽ ان جي هيٺان گديءَ جي هڏي جي زيرين ڪٽن ۾ واقع هوندو آهي ان کي ننڍو دماغ بہ چوندا آهن. هن جو وزن ڪل دماغ جو تقريباً ڏهون حصو هوندو آهي.

3 **نخاع مستطيل يا اوسط دماغ** Hypothalamus: اوسط دماغ کي جزو متوسط بہ چوندا آهن. هي دماغ کي پيندي جي هڏي کي جسم ۽ گدي (ڪياڙي) جي هڏي جي زائد سَريع تي رهندو آهي، هي

حرام مغز جي مٿان ۽ وڏي دماغ جي پٺيي ساڄن جي هيٺان ۽ ننڍي دماغ جي پٺيي طرفن جي وچ ۾ واقع آهي، لهذا هي حرام مغز مقدم دماغ ۽ مؤخر دماغ کي پاڻ ۾ ملائيندو آهي.

**4 پل دماغ يا مٿو حرام مغز Medulla oblangata**: هن کي طب جي اصطلاح ۾ راس النخاع به چوندا آهن. هي دراصل حرام مغز جو مٿو آهي يعني هن جو بالائي ۽ تُلهو حصو مٿين طرف اوسط دماغ ۾ ختم ٿيندو آهي. هي دماغ کي حرام مغز سان ملائيندو آهي، هي تقريباً سوا انچ ڊگهو منوانچ ٿلهو هوندو آهي، هن جي ساخت تمام پيچيده هوندي آهي ڇاڪاڻ ته هن ۾ تمام ريشا هوندا آهن جيڪي حرام مغز کان دماغ ڏي ويندا آهن ۽ دماغ کان حرام مغز ڏي ايندا آهن. هن حصي جو اگر بالائي حصي کي نقصان پهچي وڃي ته مخ ڪبير ۽ جسم جو تعلق ختم ٿي ويندو آهي ۽ انسان ڪنهن به قسم جي اختياري حرڪت (Voluntary movement) نٿو ڪري سگهي، جيڪڏهن هن حصي جي زيرين حصي کي نقصان پهچي وڃي ته ساهه کڻڻ جي سرشتي ۽ رت جي دوري جهڙا اهم افعال متاثر ٿي ويندا آهن ۽ انسان فوراً موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهي.

**دماغ جي ٻارهن جوڙن جا نالا ۽ انهن جا افعال**

**1 عصب شامه Olfactor Nerve.**

نڪ جي ڇاري کان هلي دماغ مقدم جي سامهون حصي جي هيٺين سطح ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ بوءِ جو احساس ڪرائيندو آهي، مريض جي هن عصب کي چيڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪا بدبودار شيءِ سنگهائي ڏسو بوءِ کي احساس هوندو آهي.

**2 عصب بصر (Optic Nerve):**

اک جي آخري پردي کان شروع ٿي کوپڙي جي خانه چشم

جي پوئين سوراخ کان گذرندي دماغ جي هيٺين سطح تائين پهچندو آهي، هي عُده نخاميہ جي مقابل صليب جي شڪل ۾ هڪ ٻي کي ڪٽيندي دماغ ۾ داخل هوندو آهي ۽ انجي عُقبي حصي تائين پهچندو آهي، ان جي ذريعي بينائي جي حس دماغ تائين پهچندي آهي، هي عَصب چيڪ ڪرڻ جي لاءِ مريض کي مقرره فاصلي کان ڪا تحرير پڙهائي ڪري ڏسويا سئي ۾ ڌاڳو وجهرائي ڏسو.

3 **عَصب محرڪ العين Oculomotor Nerve**: هي اک جي عضلات (Muscles) کي حرڪتون مُهيا ڪندو آهي، هن عَصب جي ڪارڪردگي ڏسڻ جي لاءِ مريض کي چئو تہ هيٺ مٿي ۽ اندرين طرف اک جي ڪوين کي حرڪت ڏي جيڪڏهن هو ائين نہ ڪري سگهي تہ اهو عصب متاثر آهي، نيز هن صورت ۾ اک جي پُتلي ڪليل رهندي آهي.

**عَصب اشتياقي چرخي Trocklear Nerve**: هي اک جي مٿان ترڇن عضلات کي حرڪت ڏيارڻ جا ذميدار آهن، هي عَصب متاثر هجن تہ هيٺ ۽ اندرين طرف ڏسندي مريض کي هڪ بجاءِ ٻہ شيون نظر ايندڻيون آهن.

5 **عَصب شاخہ/عصب ثلاثہ وجهي Trigeminal Nerve**:
هي عَصب قدري حَسي ۽ قدري حرڪي آهي، چهري جي اڪثر حصن مٿي لونڊڙي، نڪ جي جاري، وات جي جهلي ۽ ڪارنيہ جي حس هن عصب جي ذريعي منتقل ٿيندي آهي ۽ ٻاڙيءَ جون مشڪون اهڙي طرح حرڪت يا تحريڪ وننديون آهن، انهن جي متاثر ٿيڻ جي صورت ۾ چهري ۽ لونڊڙيءَ جي چمڙي، نڪ ۽ وات جي جارين جون اڪثر حسون ۽ Cornea بيحس ٿي ويندڻيون آهن، قرنيہ جي عدم تغذيہ ۾ بعض تخريبي علامتون رونما ٿي ويندڻيون آهن، زبان جي

سامُھون ٽيون حصو ذائقو محسوس نہ ڪندو ۽ غذا کي چباڙڻ جو ڪم بہ سرانجام نہ ڏئي سگھندو.

6 عَصب مغوي العين Abducens Nerve: هي اک جي مشڪن کي حرڪت ڏيڻ جي ذميوار رهندي آهي.

7 عصب الوجہ Facial Nerve: چهري جي مشڪن کي حرڪت ڏيڻ ۽ آٽڻ جي ذميوار هي عصب آهي. هن عصب جي مفلوج هُجڻ سان لقووتي ويندو آهي. لهازا مريض مائوف طرف اک بند ڪرڻ کان قاصر هوندو آهي. سيٽي وڄائڻ جي ڪوشش ڪري تہ وات تندرست پاسي ڇڪجي ويندو آهي. مٿي ڏسي تہ متاثر پاسو جي پرون مٿان گهنج ناهن پوندا آهن. متاثر طرف جي اک مٿان پاڻي ۽ وات مان لعاب ٽمڻ لڳندو آهي.

8 عصب السمع Auditory Nerve: هي عصب ڪَنَ جي اندروني عضون جي سماعت جي حِسَ دماغ تائين پهچائيندا آهن ۽ ڪن جي اندروني حصي کان شروع ٿي مقدم دماغ جي لونڊڙيءَ جي حصي تائين پهچندا آهن. هن حصي ۾ مرڪز سماعت آهي. هي عصب در حقيقت بہ جزن تي مشتمل هوندو آهي. هڪ جُز جو تعلق سماعت سان آهي. لهذا هن جا ريشا (ڌاڳا) ڪن جي اندران شروع ٿي ڪري دماغ تائين پهچندا آهن ۽ حس سماعت کي دماغ تائين پهچائيندا آهن. هن جي متاثر ٿيڻ جي صورت ۾ سماعت ۾ نقص واقع ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن نقص گهڻو هجي تہ مريض ۽ انجي دوستن ۽ عزيزن کي هن جي خبر پئجي ويندي آهي. پر جي نقص ٿورو هوندو آهي تہ هن کي پاڻ کي بہ احساس نہ ٿيندو آهي. سماعت جو صحيح جائزو وٺڻ جي لاءِ وڏا حساس (Sensitive) آلات استعمال ڪيا ويندا آهن. ليڪن عام طورتي گهڙي جي ٽڪ ٽڪ

Tick Tick جو هن جي فاصلي کان ٻڌي سگھڻ جنهن کي تندرست ماڻهو ئي ٻڌي سگھندو آهي معمولي اندازو ڪرڻ ڪافي آهي، سماعت هوا جي ذريعي بہ ٿيندي آهي ۽ هڏي (Bone) جي ذريعي بہ. لهذا جيڪڏهن گھڙي ڪن جي ڪجھ فاصلي تي رکي وڃي تہ انجو آواز هوا جي ذريعي منتقل ٿيندو ۽ اگر ڪن جي ڪجھ فاصلي تي رکيو وڃي تہ پوءِ آواز هڏي ذريعي منتقل ٿيندو. هوائي سماعت استخواني سماعت کان بهتر هوندو آهي، پر جي ڪَنَ جو وچيون حصو متاثر هجي تہ استخواني سماعت هوائي سماعت کان وڌي ويندي آهي، هن عصب جو ٻيو جُز جسم جي توازن کي قائم رکڻ مُتعلق آهي ۽ انجي متاثر ٿيڻ سان توازن کي برقرار رکڻ مشڪل ٿي ويندو آهي، اهڙي صورت ۾ چڪر ايندا آهن. ۽ ٻاهريون شيون گھمنديون معلوم ٿينديون آهن.

### 9 عَصب حلقي ولساني (Glassopharyngeal)

هي عصب حرام مغز جي چوٽيءَ مان نڪرندو آهي ۽ قدري حرڪتي ۽ حسي آهي. لهذا هي ڳيت ڏيڻ جي اعصابن کي حرڪت مُهيا ڪندو آهي ۽ زبان جي ڪُجھ حصي جي حس دماغ تائين پهچائيندو آهي. هي عصب عموماً زبان جي آخري ٽين حصي جي حس ذائقہ دماغ کي منتقل ڪندو آهي ان جي متاثر ٿيڻ تي زبان جي هن حصي جي حس ذائقہ مفقود ٿي ويندي آهي.

**10 عصب رلاجع Vagus Nerve**: هي عصب جوف دماغ کان نڪرندي آهي، ڪنڌ ۽ پوءِ سيني مان گذرندي پيٽ ۾ وَڃي اختتام پذير ٿيندي آهي، هي باقي دماغي اعصابن جي سبب ڊگھي هوندي آهي، هن جون 11 شاخون هونديون آهن جي معدي، لبلبلي، دل ۽ ڦڦڙن مان ٿهلبي آهي. هي آلات تنفس ۽ صُوق کي حس و

حرڪت ۽ حلق مري معدي ۽ دل کي حرڪت ڏيندي آهي هن عصب جا اهي ريشا بالعموم ماؤف ٿيندا آهن. جيڪي ڳيت ڏينـدو آهـي، وقت تارون کي ڪٽي ويندا آهن. لهذا مريض جڏهن غذا کي ڳيت ڏيڻ يا پاڻي پيئندو آهي ته انجو ڪجهه حصو نڪ ۾ هليو ويندو آهي. نيز آواز ۾ غڻن وغنائڻ پئدا ٿي پوندو آهي ۽ اهڙا فرد جيڪي هر لفظ کي نون نمنو شامل ڪندا. اها صورت ان وقت ٿيندي آهي جڏهن ٻنهي طرفن جي عصبن کي متاثر ڪندي آهي.

11 **عصب اضافي** Acessory Nerve: هي عصب ٻن شاخن جي ذريعي جوف دماغ کان شروع ٿيندي آهي ۽ ڪنڌ ۽ ڪُلهن جي پوئين طرف جي عضوون کي حرڪت پهچائيندي آهي، انجي متاثر يا خراب ٿيڻ سان ڪُلهن ۽ ڪنڌ جي حرڪت ۾ نقص پئدا ٿي پوندو آهي جنهن جي ڪري مريض پنهنجو ڪنڌ ٻي طرف گهمائي ناهي سگهندو.


12 **عصب زيرلسان** Hypoglassal Nerve: هي عصب زبان جي حرڪت ڏيڻ جي ذميدار هوندي آهي، هن جي متاثر ٿيڻ تي مريض پنهنجي زبان کي ٻاهر نه ڪڍي سگهندو آهي. فقط هڪ طرف جو عَصَبي ماؤف هجي ته زبان سڌي نه نڪرندي نيز اگر ان کي چٽبو ته چپن تي زبان ڦير ته هو نه ڪري سگهندو. واضع هجي ته دماغ کان نڪرڻ وارا 12 جوڙا انهن مان 5 جوڙا حرڪي (Motor) هوندا آهن ۽ 3 جوڙا حسي (Sensory) جڏهن ته 4 جوڙ حسي ۽ حرڪي مرڪب (Motor/Sensory) هوندا آهن. اهڙي طرح ملائي 12 جوڙا ٿيندا.

**مُشڪن جا مرض ۽ انهن جو علاج (Muscular Dis_Orders)**

انساني جسم ۾ مُشڪن جي هڪ خاص جڳهه ۽ مقام آهي،

جيڪڏهن مشڪون (Muscles) طاقتور ۽ پنهنجي صحيح جڳهه تہ نہ هونديون تہ هڏيون بہ ناڪاره ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ حرڪت ڪرڻ کان رهجي وينديون آهن. عمومي طورتي مشڪن کي جيڪي مرض لاحق ٿيندا آهن اهي درج ذيل آهن.

**اعصابي سُور Neuralgia**: اعصابي سُور ۽ نيورالجيا




(Neuralgia) جيڪو مشڪن جي مرضن جو شمار ناهي ڪيو ويندو ليڪن هي مرض بہ مشڪن کي متاثر ڪندو آهي، ان جي لاءِ هتي هن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اعصابي نوعيت جا سُور (Acute) اثرن جا حامل هوندا آهن ان لاءِ هي درد نهايت تڪليف جو باعث بڻبا آهن ۽ مريض کي جيستائين فوري طورتي علاج نہ ملي تہ تڪليف جو احساس وڌندو ويندو آهي.

**علاج Treatment**

آرسينڪ البم Arsenic Album 200: اهڙا ماڻهو جيڪي شديد ڪمزوري باعث اعصابي سورن جو شڪار هُجن ان جي لاءِ بهترين دوا آهي، هن دوا جا مريض عموماً زرد رطوبت جا هوندا

آهن ۽ هن ۾ خون جي ڪمي نمايان طورتي ڏني ۽ محسوس ڪئي ويندي آهي، نيز اهڙا ماڻهو جيڪي مليريا بخار جو شڪار هُجن ۽ اعصابي ڪمزوري يا اعصابي دردن جو شڪار تي ويا هُجن انهن لاءِ نافع دوا آهي، هن دوا جا درد عموماً مختلف وقفن سان ايندا آهن ۽ جلندار ۽ شديد نوعيت جا هوندا آهن جن کي گرمائش ڏيڻ سان آرام ملندو آهي.

ايڪونائيٽ Aconite: اهڙا سُور جيڪي ٿڌ لڳڻ باعث ٿيا هُجن ان جي لاءِ خاص دوا آهي، اهڙا ماڻهو جيڪي سردين جي موسم ۾ صُبح سويري يا رات جي اونده ۾ ٿڌي هوائن ۾ اُگهاڙي مٿي سفر ڪندا هُجن انهن جا چهرا عموماً اعصابي سور سبب متاثر ٿيندا آهن، اهڙي صورتحال ۾ هي دوا تمام مفيد هوندي آهي، دردن جي شدت سان گڏ وگڏ مريض کي خوف لاحق ٿيندو آهي ۽ مريض پنهنجي موت کي ياد ڪري گهروارن کي گڏ ڪندو آهي ته مان مرڻ وارو آهيان.

اپيڪاڪ Ipeacac 30: اعصابي نوعيت جو سُور جيڪو پيٽ ۽ معدي ۾ هُجي، جڏهن ته درد انتهائي شديد هجي جنهن سان گڏ اوڪارا ۽ الٽيءَ جي صورت به واضع هجي ته نافع دوا آهي.

بيلاڊونا Belladona 200: اعصابي سُور جيڪو عموماً چهري، ڏندن ۽ مٿي کي گهٽو ٿئي ۽ شديد نوعيت جي ڌماڪي دار درد سان هجي ته نافع دوا آهي، هن دوا جا درد عموماً شام يا رات جي وقت شدت اختيار ڪندا آهن ان کان علاوه شور ۽ روشني جي زيادتي ۾ به درد وڌي ويندا آهن، هن دوا جا مريض عموماً سرخ رنگ جا هوندا آهن ۽ انهن جي چهري تي سُرخي نمايان هوندي آهي، نيز هن دوا جا مريض جن جو مٿو گرم جڏهن ته پير ٿڌا هُجن هن دوا ۾ سور اچانڪ

ايندا آهن ۽ فورًا غائب ٿي ويندا آهن.

برائي اونيا Bryonia 200: هن دوا جا اعصابي درد شديد نوعيت جا هوندا آهن ۽ ٿورڙي حرڪت تي وڌي ويندا آهن. هي سُور ڪيترائي دفعہ وجع المفاصل جي سُورن سان لاحق ٿيندا آهن ۽ مريض جڏهن گهرو ساهہ کڻندو آهي تہ درد جي شدت ۾ اضافو ٿيندو آهي، درد جي جڳهہ تي ٿڌيون پٽيون رکيون وڃن تہ افاقو ٿيندو آهي.

پلسٽلا Pulstilla 200: دوران حيض يا حيض کان اڳ اعصابي سُورن جي لاءِ بهترين دوا آهي. هي دوا عموماً نوجوان ڇوڪرين جي لاءِ انتهائي مفيد هوندي آهي جيڪي حيض جي خرابين جو شڪار هُجن ۽ ان جي ڪري اعصابي سُورن ۾ مبتلا ٿي وڃن. هن دوا جون مريض عورتون روئڻيون ۽ مغموم هونديون آهن ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي روئڻ ويهي رهنديون آهن. پير پڇي وڃڻ وارو سُور جيڪو اعصابي نوعيت جو سور هجي هن دوا جي دائري اثر ۾ ايندو آهي.

جيلسميم Gelsimium 30: ڪنڌ يا مٿي جي جڳهہ تي اعصابي نوعيت جي سُورن کي فوري طورتي رفع ڪندي آهي. هن دوا جا مريض عموماً مهارن ۽ ڇهري جا اعصاب ۽ اکين جا ڍلا، انهن تائين محسوس ٿين. هن دوا جا مريض پنهنجي مٿي کي پوئين طرف ڌڪيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ اهڙي طرح انهن کي سُڪون ملندو آهي.

چائنا China 30: هي دوا ڪافي حد تائين آرسينڪ البم جي علامتن جي مشابهہ آهي. مريض کي اعصابي ڪمزوري ۽ اعصابي دردن جون شڪايتون عموماً ان وقت هونديون آهن جڏهن انهن جا جسماني سيال تمام گهٽا وهي چڪا هُجن. يعني خون جي وهي وڃڻ سان تمام گهٽي ڪمزوري يا درد لاحق ٿين تہ مددگار دوا

آهي، هن دوا جا مريض عموماً درد جي جڳهه تي ڇُهڻ برداشت نه ٿا ڪن، ڇاڪاڻ ته ان سان درد ۾ شدت واقع ٿيندي آهي.

رسٽاڪس Rhustox 200: پاٽياٽ واري جاين تي رهڻ وارن ماڻهن جا اعصابي ۽ عضلاتي سور انهن لاءِ اڪسير دوا آهي، ڪابي ڪُلهي جي جاءِ تي شديد نوعيت جا اعصابي سُور جيڪي چتڙن تائين ويندا محسوس ٿين ته هي دوا نافع آهي. هن دوا جا درد عموماً حرڪت سان وڌندا آهن، ليڪن جڏهن مسلسل حرڪت ۾ رهيو وڃي ته افاقو ٿيندو آهي، يعني پهرين حرڪت اضافي جو باعث بڻبي آهي، شديد قسم جا اعصابي سور ۽ بيچيني ۽ اعصابي درد هن دوا جي خاص علامت آهن.

سمي سي فيوگا Cimi C v fuga 200: اعصابن جي لاءِ چند بهترين دوائن مان هڪ دوا آهي، ننڍين جوڙن جي اعصابي سُورن جيئن آڱرين جي سُورن جيڪي بعد ازان وجع المفاصلي سورن ۾ تبديل ٿي وڃن انهن لاءِ بهترين دوا آهي، عورتن جي رحم جو سُور جيڪو اعصابي نوعيت جو هُجي ان لاءِ انتهائي فائدي واري دوا آهي.

اسپائيجيليا Spigellia 200: مٿي جو اعصابي سُور جيڪو کابي طرف کي وڌيڪ متاثر ڪري ان لاءِ خاص دوا آهي، سيني جو سُور به عموماً کابي طرف وڌيڪ ٿيندو آهي، ان جي لاءِ دل جي درد جي خاص دوا آهي.

ڪالوسنٿ Colosynth 200: پيٽ جي جڳهه پُردرد جتي اڳين طرف جُهڪڻ سان آرام ملي ته هي دوا ڏيڻ سان فوري افاقو ٿيندو آهي، هي دوا اعصابي نوعيت جي مرضن لاءِ سرفهرست آهي، بالخصوص ڳُن رڳ جي دردن لاءِ مجرب دوا آهي، ڪنهن به نوعيت جي دردن کي جڏهن دٻائڻ سان آرام ملي ته ڪالوسنٿ بهترين دوا


آهي.

**کيڪٽس Cactus 200**: حاد نوعيت جي اعصابي سورن جيڪي عموماً سيني ۾ کابي طرف ۾ کُلهي تي محسوس ٿين تہ هي دوا نافع هوندي آهي. هن دوا جا مريض ائين محسوس ڪنَ تہ سيني ۾ کابي طرف جا عضوا بالخصوص دل کي شڪنجي ۾ جڪڙيو ويو آهي.

**لائيڪوپوڊيم Lycopodium 200**: پيٽ ۾ اعصابي نوعيت جا سُورَ جن سان گڏ گئس بہ هجي تہ هي نافع ء ـهي. گردن جي جڳهہ تي اعصابي نوعيت جا سُورَ جيڪي عموما ڪردي جي پٿريءَ جي ڪري هجن تہ هي بهترين دوا آهي.

**نڪس واميڪا Nux_Vomica 200**: چڙ چڙا ماڻهو جن کي Gastralgia هُجي تہ اهي هن دوا سان ٺيڪ ٿي ويندا آهن. اهڙا ماڻهو جيڪي سجو ڏينهن چانهن، ڪافي ۽ Fast food جهڙيون شيون کائيندا آهن ان کان پوءِ معدي جي مرضن ۾ ۽ اعصابي مٿي جو سُور هجي انهن کي تہ هي دوا ٺيڪ ڪري ڇڏيندي آهي.

**مُشڪن جي لاغري Muscular dystrophy**




مشڪن جي لاغري جنهن کي طبي زبان ۾ Muscular dystrophy چيو ويندو آهي، هڪ مزمن عارضو (Chronic disease) آهي، هي عارضو اڪثر موروثي طورتي لاحق ٿيندو آهي، هن جي ڪري پوري جسم جون مشڪون

ڪمزور ۽ لاغر ٿي ويندا آهن. هن مرض جي وڏي وجهه هي آهي ته مريض جي مشڪن ۾ چربي جمع ٿيڻ لڳندي آهي جنهن جي ڪري انهن ۾ خون جي فراهمي (Supply) منقطع ٿي ويندي آهي ۽ مشڪون ڪمزور ٿيڻ لڳنديون آهن. ان کان علاوه ڪجهه ماڻهن ۾ هي عارضو ڪنهن نشي آور شيءِ جي مُسلسل استعمال ڪرڻ يا ڪنهن غلط نتيجي سبب لاحق ٿي پوندو آهي.

**علامتون Symptoms**

1 ٿورو ڪم ڪرڻ سان ٿڪاوٽ ٿي پوندي آهي. 2 جسم جا تمام عُضوا سور ڪندا آهن. 3 جسم جا مختلف عضوا ۽ انهن ۾ ڳلتيون ٿيڻ لڳن. 4 چيلهه ۾ شديد سور ٿئي ۽ مريض هر وقت چيلهه تي هٿ رکي گهمندو رهي. 5 مريض پنهنجي ٿڪاوٽ دور ڪرڻ لاءِ نشي آور شيءِ جي تلاش ۾ رهي.

**علاج Treatment**

**ارجنٽم نائٽريڪ Argentum Nitricum**: ڪرنگهي جي هڏي جي حساسيت. ڪرنگهي جي هڏي ۾ شديد سُور ٿئي ۽ رات جي وقت هٿ ۽ پيرن جو عمومي طورتي ڏکڻ ۽ ڪمزوري رهڻ. مريض اکيون بند ڪري هڪ قدم به نه هلي سگهي. پنين جي سختي ۽ ڪمزوري.

**ايسڊ ميور Acid Mur 30**: آفيم جو نشو ڪرڻ وارا ماڻهو جن جون مشڪون ڪمزور ٿي وڃن.

**برائٽا ڪارب Baryta Carb 30**: بلوغت جي عمر ۾ مشڪن جي لاغري جو مسئلو درپيش هجي ته هي دوا ڏيڻ کپي.

**پلبم ميٽ Plumbum Met 200**: مشڪن جي ڪمزوري ۽ لاغري جي لاءِ بهترين دوا آهي. سادو هيجان ۽ مشڪن جي مڪمل


تباهي تائين درست ڪرڻ جي صلاحيت رکندي آهي. هي دوا دماغي مشڪن کان وٺي ڏڻ هٿن، پيرن ۽ ٻين عضون جي مشڪن کي درست ڪندي آهي.

**فاسفورس Phosphorus**: ڪُجهه مشڪن جو وڏي وڃڻ ۽ ڪجهه ڪمزور ٿي وڃن، اها هن دوا جي خاص علامت آهي. هن دوا جو مريض ڏکهو سنهو ۽ ڪوڪلي ڇاتيءَ وارو هوندو آهي.

**ڪالي فاس Kalli_Phos 6x**: مشڪن جي ڪمزوري لاءِ لاجواب دوا آهي، ڪنهن ٻه ٻي دوا سان گڏ بطور معاون دوا طور استعمال ڪرايو.

## پوليو Polio

پوليو (Polio) کي ٻارن جو فالج چيو ويندو آهي، هي وائرس نہ ٿيڻ واري بيماري آهي جيڪا دماغ، اعصاب ۽ حرام مغز کي متاثر ڪندي آهي، جنهن جي ڪري مشڪون يا عضلات ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن. هي وائرس عموماً نڙيءَ (Throat) ۽ آنڊن ۾ رهندو آهي، هي عارضو ٻارن کي متاثر ڪندو آهي ۽ انهن



عضوون کي ناڪاره ڪندو آهي. هن بيماري جا جراثيم وائرس ڪي (Entero_Viruses) چيو ويندو آهي. هن وائرس جا 3 قسم آهن.

1 ٽائپ ون Brunhida : هي مرض جي 85 فيصد ٻڌبو آهي.

2 ٽائيپ ٽو Lasing : هي 12 فيصد ٽائين مرض جو سبب ٻڌبو آهي.

3 ٽائيپ ٽري Leon : هي مرض ڦلائڻ جو 3 فيصد ذمہ دار آهي.

هن بيماري جو زمانئہ سرايت (Incubation Period) ڏهن کان نوي 90 ڏينهن ٽائين هوندو آهي.

جڏهن تہ انفيڪشن جي حملي ڪرڻ جي مُدت ستن کان چوڏهن ڏينهن آهي. هن وائرس جو حملو عموماً موسم گرما ۾ مون سُون جي موسم ۾ هوندو آهي، ان کان علاوه جون کان ڊسمبر ٽائين هن جو زور هوندو آهي. هن بيماريءَ جو وائرس وات ۾ نڪ کان نش ذريعي هڪ کان ٻئي فرد ۾ منتقل ٿيندو آهي. هن بيماريءَ جو آغاز بيماري جي احساس، بخار متي جي سُور، اسهال ۾ الٽي سان گڏ هوندو آهي ڪُجھ ٻارن ۾ فالجي ڪيفيت بہ پاتي ويندي آهي. اهڙا ٻار ٻچپن ۾ هن بيماري کان بچاءُ جي لاءِ ويڪسين نہ ڪرائي وڃي. هن بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ جا تمام گهٽا امڪان هوندا آهن. هڪ اندازي مطابق 200 ٻارن ۾ مبتلا ٿيڻ جا تمام گهٽا امڪان هوندا آهن. ماهرين مطابق پوليو جو حملو ٻارن جي عمر جي پهرين سال ئي وڌيڪ هوندو آهي. ان لاءِ پيدائش کانپوءِ هن بيماري خلاف ويڪسين لازمي تصور ڪئي ويندي آهي. عمومي طورتي تپ دق T.B جي ويڪسين سان گڏ ئي پوليو جا قطرا پيار يا وڃن. هي قطرا

مختلف خوراڪن جي ذريعي هڪ مخصوص وقت ڪانپوءِ پيارڻا ڪپن.

### علامتون Symptoms

1 هلڪو بخار. 2 متي جو سور. 3 نڙي ۾ درد ۽ سوزش. 4 بيخوابي. 5 اوڪارا ۽ الٽي. 6 ڪنڌ ۽ چيلھ ۾ آڪڙ.7 ڪنڌ، پيٽ ۽ عُضون ۾ چِڪ. 8 جسم جي هيٺين حصي خصوصاً ٽنگن جي متحرڪ عضون جو مفلوج ٿيڻ.

### پوليو جا قسم Kinds of Polio

دمب پوليو Dumb Polio: هن قسم جي پوليو ۾ خاندان ۾ هي مرض پهريان ڪان پاتو ويندو آهي ۽ هن جو وائرس ٻار جي غذائي ناليءَ ۾ موجود رهندو آهي ليڪن ٻارن جي نظام اعصاب تي حملو ناهي ڪندو.

آبارٽو پوليو Abortive Polio: هن قسم جي پوليو جو حملو شديد نوعيت جو ناهي، هي بيماري پنڇن سالن تائين ٻارن ڪان وٺي 50 سالن تائين جي ماڻهن ۾ پاتي ويندي آهي، هي حامله عورتن کي متاثر ڪرڻ جي صلاحيت رکندو آهي.

Non_Paralytic Polio: هن قسم جي پوليو ۾ نظام اعصاب جي متاثر ٿيڻ جون علامتون پاتيون ويندون آحن، ليڪن فالج ناهي هوندو.

Paralytic Polio: هن قسم جي پوليو ۾ فالج جو شديد حملو پاتو ويندو آهي.

Bulbo Spinal Polio: هي مفلوج ڪرڻ وارا قسم آهن، هن ۾ نظام تنفس جا عضلات مفلوج هوندا آهن، جنهن سبب مريض ساهه مُشڪل سان کڻندو آهي ۽ ڳيت ڏيڻ جي صلاحيت به آهستي

آهستي ختم ٿي ويندي آهي.

علاج Treatment

امباليڪا آف Embelica off Q: هي دوا موماً پوليو زده ٻارن جي لاءِ مخصوص آهي، هن دوا جا 10 قطرا في خوراڪ ڏينهن ۾ ٻه دفعا استعمال ڪرايو.

ٿوجا Thuja 200: هن مرض جو علاج شروع ڪرڻ کان وڌيڪ چند خوراڪون ڪارائڻ ڪانپوءِ ۽ استعمال ڪرائڻ سان بهتر اثر ڪندي آهي.

جيلسيميم Gelsimium 30: هي دوا پوليو کان متاثر ٻارن جا اعضاءِ تمام جلد پنهنجي حالت ۾ ڪٽي ايندي آهي، هن مقصد جي لاءِ هن دوا کي 6 طاقت ۾ ٻه خوراڪرن هڪ مهيني جي لاءِ ان کان پوءِ 30 طاقت ۾ ٻه خوراڪون روزانو هڪ مهيني لاءِ ان کانپوءِ 200 طاقت ۾ هڪ خوراڪ روزانو هڪ مهيني جي لاءِ ان کانپوءِ هن دوا کي CM طاقت ۾ هر مهيني هڪ خوراڪ گهٽ ۾ گهٽ چار مهينا استعمال ڪرايو.

ليٿائرس اسٽيوا Laythyrus Sat 30: هي دوا پوليو زده ٻارن جي لاءِ تمام خاص نتيجا رکندي آهي، متاثره ٻارن کي هن دوا جون 3 خوراڪون روزانو جي حساب سان ڪجهه مهينا استعمال ڪرايو.


هائپريڪم Hypericum 30: اعصابي ۽ عُضلاتي طاقت جي بحالي لاءِ هن دوا جي ا- -عمال ڪرائڻ سان تمام جلد بهتري ٿي ويندي آهي، هن عارضي کان متاثره ٻارن ۾ هن دوا کي روزانو ٻه خوراڪن جي حساب سان چند مهينا استعمال ڪرايو.

ڪلڪيريا فاس، ڪالي فاس ۽ نيٽرم ميور ٽئي دوائون

12x ۾ 3 دفعا ڏينهن ۾ 3 مهينا استعمال ڪرايو.

### فالج Paralysis

اڌ رنگهو فالج يا لقو (Paralysis) اهڙو مرض آهي، جنهن ڪي مشڪن (Muscles) جو عارضو بہ چوندا آهن. فالج عموماً 45





سالن کان پوءِ ئي تقريباً لاحق ٿيندو آهي، ڪنهن زماني ۾ چيو ويندو هيو تہ 70 سالن جي ماڻهن ۾ هي ٿيندو آهي، ليڪن اڄڪلهہ جوان ماڻهن ۾ بہ هن ڪي ڏٺو ويو آهي. هن مرض جو حملو مريض ڪي معمولي نوعيت کان وٺي شديد نوعيت جي معذوري تائين مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي. فالج جو حملو اچانڪ ٿيندو آهي، مريض گهر تي آرام ڪري رهيو هجي يا ڪٿي ٻاهر هجي اچانڪ ان جي مٿي ۾ شديد سُور محسوس ٿيندو آهي، چڪر ايندا آهن ۽ هو بيهوش ٿي ويندو آهي. مريض کي هوش ۾ اچڻ کانپوءِ ئي هن ڳالهہ جو اندازو ٿيندو آهي تہ مريض تي فالج جا اثرات جسم جي ڪهڙي ڪهڙي حصي تي واقع ٿيا آهن. يعني دماغ جي ڪهڙن ڪهڙن حصن تي

حملو ٿيو آهي، عام طور تي دماغ جو ساڄو حصو متاثر ٿيندو آهي، جنهن جي ڪري جسم جو کاٻو حصو مفلوج ٿي ويندو آهي، ليڪن اهو ابتو به ٿي سگهي ٿو.

مريض کي هوش اچڻ تي اها خبر نه هوندي آهي ته هو ڪيترو عرصو بيهوش رهيو آهي ۽ هن کي ڪهڙي تڪليف ٿي هئي.

عضلات انساني جسم ۾ اهڙيون خصوصي مشڪون يا Tissues آهن، جن جي ذريعي انسان پنهنجي عضوون کي حرڪت ڏيڻ جي قابل هوندو آهي، تمام عضلات نروس سسٽم جي تابع هوندا آهن، نروس سسٽم (Nervous System) جي احڪام تحت ئي ڪو به عُضوو حرڪت ڪندو آهي ڪجهه حالات تحت نروس سسٽم جا خليا (Neurons) زخمي يا اهڙي بيماري جا شڪار ٿي پوندا آهن جن جي ڪري اُهي عضلات کي ڪنٽرول ڪرڻ کان قاصر ٿي پوندا آهن، اهڙي حالت کي فالج چيو ويندو آهي.

فالج انساني جسم جي مختلف عضوون جيئن چهري، ٻانهن، ٽنگ کي متاثر ڪندو آهي ۽ ڪڏهن هي جسم جي صرف هڪ طرف حملہ آور ٿيندو آهي جنهن کي Hemiplegia چيو ويندو آهي. اسپائنل ڪارڊ (Spinal Cord) جي خلين جي زخمي ٿيڻ تي جسم جي مختلف عضوون جو متاثر ٿيڻ ۽ ان جي متاثر ٿيڻ جو دارومدار خليات جي زخمي ٿيڻ يا ضايع ٿيڻ تي هوندو آهي، ٻنهي ٽنگن جي فالج زده ٿي وڃڻ تي اهڙي حالت کي Paraplegia جڏهن ته ٻنهي ٻانهن ۽ ٻنهي ٽنگن کي متاثر ٿيڻ کي ڪوارڊري پليگيا (Quadri Plegia) چيو ويندو آهي، فالجي عارضو مستقل نوعيت جو يا هر طرح جو ٿي سگهي ٿو هي بيماري خلين جي متاثر ٿيڻ تي منحصر آهي. فالج جو شمار نوع انسانيءَ جي تمام قديم ۽

پراڻين بيمارين ۾ هوندو آهي، پراڻي زماني ۾ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي اها تڪليف ٿي پوندي هئي تہ مختلف قسم جي طريقن سان انجو علاج ۽ مرض جي تشخيص ڪئي ويندي هئي پر هاڻي هن مرض جي باري ۾ شعور پئدا ٿي چڪو آهي، بدقسمتيءَ سان هي مرض دنيا ۾ اموات جو سبب جي لحاظ کان ٽين 3 نمبر تي آهي.

هن کان علاوه هي مرض طويل المعاد معذوري (Chronic disability) جو دنيا جو سڀ کان وڏو سبب آهي.

**فالج جو حملو ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيندو آهي؟**

ڪنهن شخص تي فالج جو حملو ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن دماغ جو ڪو حصو ڪنهن سبب خون جي گهٽتائي يا فراهمي ۾ رڪاوٽ جو شڪار ٿي وڃي، دماغ جي هن حصي کي خليا آڪسيجن کان محروم ٿي ناڪاره ٿي ويندا آهن، اهڙي صورت ۾ جسم جو اهو حصو بہ ناڪاره ٿي ويندا آهن جيڪي دماغ جي متاثره حصا ڪنٽرول ڪندو آهي، جسم جو اهڙي طرح ناڪاره ٿيڻ فالج يا (Paralysis) چيو ويندو آهي، يعني فالج جو تعلق خون سان ٿيندو آهي، دماغ ۾ موجود خون جي رڳن ۾ هن قسم جي اثر پيرالائسينس يا اسٽروڪ يا فالج چئبو آهي، هن کان علاوه راند روند دوران يا ڪار ايڪسيڊينٽ يا ڪنهن دوا غذا جا زهريلا اثرات ۾ سبب يا خون جي نالين جي بندش يا دماغ ۾ ٽيومر سبب فالج ٿي پوندو آهي.

**علامتون Symptoms**

1 جسم جو ڪوبہ عضوو سُن ٿيڻ لڳي ۽ ان ۾ خارش ٿئي. 2 جنهن طرف جو فالج يا لقود هُجي ان طرف جي ناسن ۾ خارش ٿيندي آهي. 3 مريض بي حوصلہ ٿي پوندو آهي ۽ ڪم ۾ دل ناهي لڳندي، 4

ٻُک گهٽجي ويندي آهي. 5 ننڊ ناهي ايندي مريض سڄي رات جاڳي گذاريندو آهي. 6 مردانہ طاقت ۾ واضع گهٽي محسوس ٿيندي آهي. 7 چڪر اچڻ، مٿي جو سُور ۽ مٿو ڦرڻ محسوس ٿئي. 8 هٿن پيرن ۽ جسم جي ٻين عضوون تي ڪوليون رڙهڻ جو احساس. 9 نظر ۾ ڏنڌ، خرابي ۽ شيون ٻہ ٻہ نظر اچن. 10 نسيان يعني ياداشت جي خرابي پئدا ٿيڻ لڳي. 11 لفظن جي ادائگي ۾ دقت محسوس ٿئي. 12 دماغي سوچ ۾ رڪاوٽ يا خلل پئدا ٿي پوندو آهي.

### علاج Treatment

ڪاسٽي ڪم Causticum، جيلسيميم Gelsimium، ايسڊ فاس Acid Phos، رسٽاڪس Rhustox، ڪونيم Conium، ليڪسس Lechasis، پلبم Plumbum ۽ ڪالي فاس Kalli Phos اهم دوائون آهن علامتن مطابق چونڊ ڪيو.

### قد نہ وڌڻ، پندرائپ Dawrfism

قد نہ وڌڻ جنهن کي Dawrfism بہ چيو ويندو آهي، هڪ




اهڙو مسئلو آهي جنهن کي اڄڪلهہ تمام گهٽي اهميت ڏني وڃي ٿي،


هي عارضو صرف هڏين ۾ مُشڪن جي عارضن جي زُمري ۾ رکي نہ ٿو سگهجي. بلڪ هي گروٿ هارمونن جي خرابين جي ڪري رکجي . بہ وجي ٿو انساني قد ان جي نسل ۾ قوميت تي بہ منحصر هوندو آهي جيئن سوڊاني يا آفريڪي ماڻهو انتهائي طويل القامت هوندا آهن ۽ جڏهن تہ منگولي يعني جاپاني، چيني ماڻهو پست قد هوندا آهن. ماهرين هڪ ريسرچ (Research) ۽ سروي (Survey) ڪانپوءِ هڪ دلچسپ ڳالهہ تي پهتا آهن تہ شام جي وقت انسان جو قد 2 سينٽي ميٽر گهٽ ٿي ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ انسان سڄو ڏينهن جي ڪم ڪار سبب ٿڪجي پوندو آهي جنهن جي ڪري ڪرنگهي جون هڏيون، مُهرا، درمياني پليٽون ۽ انهن تي دٻاءُ وجهي ڪنهن حد تائين هيٺ سُڪي ويندا آهن، ان جي خلاف آسٽروناٽ جڏهن خلا ۾ پهچندا آهن تہ انجو قد 2 سينٽي ميٽر وڌي ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ قوت جاذبہ زمين جو اثر ڪرنگهي جي هڏي تي ختم ٿي ويندو آهي، هڪ ٻي دلچسپ ڳالهہ تہ قد ۾ اضافو موسم خزان جي نسبت موسم ۾ بهار تيز ٿي ويندو آهي. انسان جي قد جو تعلق نہ صرف انجي عمر جنس ۽ قوميت سان آهي بلڪ خاندان غذا ۽ ماحول تي بہ انحصار هوندو آهي. انسان جي خلين ۾ ايڪس X ۽ Y ڪروموسومز پاتا ويندا آهن جيڪڏهن انهن جي تعداد ۾ غير طبعي طورتي گهٽتائي يا واڌ ٿي وڃي تہ انسان جي قد ۾ فرق بيهندو آهي، انسان جي قد و قامت تي چند غدود بہ اثر انداز ٿيندا آهن جيئن دماغ ۾ هڪ غده نخاميہ (Pitutary gland) هوندو آهي ۽ هڪ رطوبت خارج ڪندو آهي جيئن هارمون نمو (Growth Hormone) چيو ويندو آهي، هن رطوبت جا فراز جيڪڏهن وڌي وڃي تہ قد و قامت ۾ زبردست تبديليون رونما ٿينديون آهن. مثلاً جيڪڏهن مريض بالغ نہ هُجي تہ

# باب: ارڙهون

## چمڙيءَ ۽ ننهن جون بيماريون Skin and Nails diseases

ان کان پهريان جو امراض جلد (چمڙي جون بيماريون) ۽ انهن جو علاج بيان ڪيو وڃي، اسانکي چمڙي جي ساخت (بڻاوٽ)






افعال ۽ پوري جسم سان انجو تعلق بيان ڪرڻ ضروري آهي جيئن اسانکي چمڙيءَ جي مرضن جي ماهيت آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي سگهي.

چمڙي ڇا آهي؟ چمڙي اسانجي جسم جو فعال ترين حصو آهي ۽ اسانجي جسم جو سڀ کان وڏو آرگن (Organ) پڻ آهي، جنهن اندر اسانجو جسم ويڙهيل آهي، چمڙي ريشي دار ساخت (ڏاڳي دار) جي چارين سان ٻڌيل آهي، جيڪا جسم جي مختلف حصن تي ڪٿي ٿُلهي ۽ ڪٿي سنهي. چمڙي اخراجي عضوون مان هڪ آهي، جنهن جو سڀ کان پهريون مقصد ته هي آهي ته اها جسم جي اندروني عضوون جي حفاظت ڪري ٻيو ته اها جسم جي اندروني ۽ بيروني اهڙن عنصرن جي حفاظت ڪري جن ۾ مختلف عوامل ڪار فرما هُجن. جيئن چمڙي اسانکي سردي، گرمي، بارش ڪيميائي جُزن، جراثيم ۽ وائرس، گردو غبار ۽ ڏڪ وغيره کان محفوظ رکي ٿي ۽ هي اسانکي هر قسم جي بيروني اثرات ۽ انفيڪشن کان

بچائيندي آهي. هي اهيو سوال پئدا ٿئي ٿو تہ هي باريڪ سنهو تهہ کهڙي طرح اهي سڀ ڪم انجام ڏئي ٿو اها وڏي دلچسپ ۽ حيرت انگيز معلومات آهي جيڪا معلوم ڪري خدا جي وحدانيت ۽ قدرت تي اسانجو اعتقاد وڌيڪ مضبوط ٿي ويندو آهي. چمڙي انساني جسم جو اهو نمايان حصو آهي جنهن جي ذريعي انسان جون مختلف ذهني صلاحيتون مثال طورتي غصو خوشي، گهبراهٽ، پريشاني ۽ خوف جو نہ صرف اظهار ٿيندو آهي بلڪ مختلف بيمارين جي ڄاڻ بہ ملندي آهي. مثلاً چمڙيءَ جو سرخ ٿيڻ، چمڙي تي خارش ٿيڻ، چمڙيءَ جو پيلو ٿيڻ وغيره. چمڙي جي انهن تمام علامتن کان مخلتف انتهائي اهم بيمارين جي نشاندهي نمايان طورتي ٿيندي آهي جنهن جي ذريعي انهن تمام بيمارين جو علاج ڪرڻ ۾ وڏي حد تائين آساني ٿي ويندي آهي. مگر ان جي لاءِ هڪ نهايت ضروري اَمر اهو آهي تہ انساني چمڙيءَ تي ظاهر ٿيڻ واريون تمام علامتون ۽ انهن طرف گهري توجهہ ڏيڻ کپي ورنہ انهن بيمارين مان بِيا عُضوا مثلاً ڳن نڪ، جوڙ دل، ننهن وغيره متاثر ٿي سگهن ٿا. ان کان علاوه سرطان، ذيابيطس، جگر، گردا، آنڊا، معدو وغيره جون بيماريون شروع ٿيڻ کان پهريان ئي چمڙي متاثر ٿي سگهندي آهي، مثلاً چمڙي جي رنگ ۾ تبديلي واقع ٿيڻ، داڻا يا خارش جو محسوس ٿيڻ، ڦلوڪڻن جي نمودار ٿيڻ تي هي علامت ظاهر ٿيڻ تي انسان جي ڪنهن بيماري جو شڪار ٿيڻ کان پهريان احتياطي تدبيرون اختيار ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي تہ چمڙي حقيقي معنائون ۾ صحت ۽ بيماريءَ جي آئيندار آهي، چمڙيءَ جي اهميت اتي واضع ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن چوٿون حصو چمڙي سڙي وڃي تہ موت واقع ٿي ويندو آهي، ان لحاظ کان هي زندگيءَ کي قائم رکڻ جي لاءِ ازحد ضروري

آهي، ان جي لاءِ چمڙي جي هر قسم جي علامتن ۾ غفلت ڪرڻ نہ گهرجي، چمڙي جو علامتون ۾ انهن کان غفلت بيماريءَ کي ڏيڻ آهي. چمڙي نہ صرف اسانجي جسم جي محافظ آهي بلڪ بدن جو سڀ کان وڏو عضوو پڻ آهي جنهن جو وزن تقريباً 6 پائونڊ ٿيندو. اسانجي جسم جو تقريباً 3 هزار مربع انچ جڳهہ گهيريل هوندي آهي، چمڙي جي هر مربع انچ ۾ 72 فٽ نسون (Blood Cappalaries) موجود هونديون آهن جنهن بدولت چمڙي جا حساس حصا مثلاً آڱرين جا پور ۽ چَپَ، درد، سردي، گرمي ۽ دٻاءُ فورًا محسوس ڪري وٺندي آهي، اعصاب دماغ کي پيغام موڪليندا آهن، چمڙي دماغ جي سڄي جسم جو حالتون ۾ انهن کان باخبر رکندي آهي، چمڙي جو هڪ اهم ڪم جسم کي جراثيم کان محفوظ رکڻ آهي.

چمري ضرورت مطابق سڪڙجندي ۽ ڦهلبي آهي، چمڙي جي ساخت ۽ بڻاوٽ بدن جي هر حصي تي مختلف هوندي آهي مثلاً اسانجون اکين جي چمڙي جي موٽائي هڪ انچ جو پنجاهون حصو آهي ان جي لاءِ اسان اکين کي بند رکي بہ روشني محسوس ڪندا آهيون، مگر کڙي ۽ پيرن جي تري تي تقريباً هڪ ياڱي 3 انچ کان وڌيڪ ٿلهيءَ چمڙي جو تهہ هوندو آهي، اسانجا چپ سُرخ ٿيڻ جي ڪري بہ چمڙي جو باريڪ سنهو هجڻ جو اهوئي سبب آهي چپن جو رنگ آسانيءَ سان ظاهر تي ويندو آهي، انساني چمڙي ۾ کوپڙيءَ جي چمڙي جي هر مربع انچ ۾ 30 تيل پئدا ڪرڻ گليندز (Glands) پاتا ويندا آهن، عورتن جي نسبت مردن جي چمڙي ۾ ٻارن جي نسبت جوانن جي چمڙي وڌيڪ ٿلهي هوندي آهي.

**چمڙي جي ساخت ٻن تهن تي مشتمل هوندي آهي :** 1 بيروني تهہ Epidermis or Cuticle. 2 اندروني تهہ Dermis or

Coruim.بيروني تهہ (Epiderms) : چمڙيءَ جو ٻهريون يا بيروني تهہ جنهن کي ايپسي ڊرمس چون ٿا، ۽ اها چوڙي ۽ ٿُلهين خُلين سان ٺڦيل آهي ۽ جنهن کي (Stratifieed Squamous_ Epiderms) چوندا آهن، هي تهہ خلين جي گهٽ ۾ گهٽ 60 پرتن تي مشتمل هوندي آهي، هن تهہ جي هيٺان مُرده خليا هوندا آهن جن جي جڳهہ تي نوان خُليا ٺهيا رهندا آهن، ان تهہ جي موٽائي مختلف حصن ۾ مختلف هوندي آهي، ان بيروني تهہ ۾ حسي اعصاب ۽ خون جا خليا موجود ناهن هوندا مگر ان تهہ جي هيٺان باريڪ نسون پاتيون ويندڙيون آهن، هي باريڪ نسون خون جي انهن شريانين سان گڏ جڙيل هونديون آهن جيڪي جسم جي اهم حصن ۽ عُضوون کي خون پهچائينديون آهن، ان بيروني تهہ جا ٻہ تهہ هوندا آهن.

A: هارني زون (Horny Zone): هن بيروني تهہ جا سيل مرڪز کان بغير چنبڙيل ويڙهيل هوندا آهن انجو پروٽو پلازم (Protoplasm) هارني (Horny) قسم جي مادن ۾ تبديل ٿي ويندو آهي جنهن کي ڪيسٽين (Kestain) چوندا آهن. هي تهہ واٽرپروف جي طور تي ڪم ڪندو آهي ان تهہ جا وڌيڪ 3 تهہ هوندا آهن.

B: Stratum A: Stratum Cornerum

C: Stratum Granulosum Lucidum

A: Stratum Cornerum: استراٽم ڪارنرم: هي سڀ کان بيروني تهہ آهي، هن جا خليا (Cells) مرڪز (Centre) کان بغير ۽ ٿلها هوندا آهن ۽ هي مُرده خليا هوندا آهن ۽ مُسلسل ڇڻندا رهندا آهن ۽ هيٺين پرتن تي آسانيءَ سان نوان اينڊڙ سيلز (Cells) ان جي جڳهہ وٺندا رهندا آهن. هي عمل اهڙي طرح جاري رهندو آهي جنهن کي ڪَلَ متائڻ چوندا آهن.

(B): اسٽارٽم ليوسي ڊم Startum lucidum: هي هڪ شفاف تهه هوندو آهي ۽ 3 کان 5 چپٽا پاڙ ۾ جڙيل هوندا آهن. خليا ملي ڪري ٺٽبا آهن ۽ هي تهه بيروني تهه (Cornerum) جي هيٺان هوندا آهن.

(C): **اسٽارٽم گرينيولوسم Startum Granulosum**: هي تهه Lucidum جي هيٺان پاتو ويندو آهي. هن ۾ 3 يا 4 خليا ملي ڪري تهه ٺٽائيندا آهن. هن تهه جا خُليا داڻي دار هوندا آهن. ان ۾ نيوڪليس موجود هوندو آهي. ان تهه مان ڪيرٽين (Kertain) جي ابتدا ٿيندي آهي.

(B): **جرمينل زون Germinal Zone**: هي تهه Horny Zone جي هيٺان هوندا آهن ۽ ٻن تهن تي مشتمل هوندا آهن.
(B).Prickle Cell :(C) .Basal Cells

پرڪيل سيلز (Prickle Cells) (A): هي تهه تمام Poly Hederal خلين سان ملي ڪري ٺٽبو آهي ان جا خليا ۾ مرڪز موجود هوندا آهن. ان جا خليا ٿُلها هوندا آهن.

(B): باسل سيلز Basal Cells: هي ايپي ڊرمس (Epiderms) جو سڀ کان اندروني تهه هوندو آهي جيڪو خلين جي هڪ تهه سان ئي ترتيب وٺندو آهي. انهن جي سيلز جي مُسلسل تقسيم ٿيندي رهندي آهي. ان تهه جي هيٺان Dermal Layer هوندو آهي. چمڙيءَ جا خُليا Basal Cells ۾ ٺٽبا آهن ۽ Cornerum تائين ايندا آهن ۽ هتي جڙيل رهندا آهن. فعال سيلز جن ۾ پاڻي موجود رهندو آهي خشڪ تي سخت تي ويندا آهن ۽ پروٽو پلازم جي جڳهه تي ڪيراٽن اچي ويندو آهي جيڪو پروٽين ۾ ايلبيومن تي مشتمل هوندو آهي. ننهن، وار ۽ سنگ وغيره ڪيراٽن

مان ئي ٻڻبا آهن. ايپسي ڊرمس جا خُليا ڊرمس ۾ اندر تائين ايندا آهن جن جي ڪري ڊرمس ۾ ڪڏا پئجي ويندا آهن جن کي Papilac چوندا آهن. اهڙي طرح چمڙيءَ تي اڀار نمودار ٿيندا آهن جن کي (Ridges) چوندا آهن. هٿن ۽ پيرن جي آڱرين ۽ ترين تي انهن کي با آساني حاصل ڪري سگهجي ٿو.

2_ **اندروني تهه_ڊرمس Dermis**: هي ريشيدار ٽشوز جو مضبوط ۽ لچڪدار تهه هوندو آهي، جنهن ۾ بيشمار عصبي ريشا ڄار جي شڪل ۾ ڦهليل هوندا آهن. ان ۾ خون ۾ بيشمار ناليون ڦهليل هوندا آهن. انهن تهن ۾ بيشمار Papilac هوندا آهن. هتي حسي اعصاب پاتا ويندا آهن جن جو ڪم اسانجا احساسات مثلاً گرمي، سردي ۽ درد وغيره کي دماغ جي حسي اعصابن ۾ پهچائڻ هوندو آهي.


**چمڙي سان لاڳاپيل عضووا:** 1 چربي بنائڻ وارا غدود (Sebacous glands)، 2 پگهر جا غدود (Sweat glands)، 3 وار (Hair)، 4 ننهن (Nails)

1 **چربي بنائڻ وارا غدود Sebacous Glands**: هي سٽيپ جي ٿيلهي نما ننڍا ننڍا غدود هوندا آهن. جيڪي ڊرمس ۾ موجود هوندا آهن ۽ ايپيٿيل خلين تي مشتمل هوندا آهن. هي خلين جي شڪل صُرامي جيان هوندي آهي ۽ هڪ Duct جي ذريعي چمڙيءَ کان ٻاهر چمڙيءَ جي سطح تي کلندا آهن جنهن مان هڪ گهاٽي مادي جو اخراج ٿيندو آهي جنهن کي Sebum چوندا آهن. پيرن جي ترين ۽ هٿن جي ترين کان علاوه جسم جي تمام حصن ۾ هي گلينڊ موجود هوندا آهن. چهري، بغلن ۽ کوپڙيءَ ۾ انهن جو تعداد وڌيڪ هوندو آهي. Sebum حرارت پهچائيندو آهي ۽ چمڙي کي سٽيو ۽ نرم ملائم رکندو آهي ۽ ان کي چمڪدار بڻائيندو آهي،

گرمي ۾ حرارت جي زيادتي ۾ Sebum جو اخراج وڌيڪ هوندو آهي.

2 پگهر جا غدود Sweat Glands:

چمڙي جي ٻيروني سَطح تي پگهر جا ڪيترائي غدود موجود هوندا آهن. هٿن جون ترين، پيرن جي ترين ۾ بغلن ۾ انهن غدودن جو تعداد گهڻوهوندوآهي. پگهر جا غدود Merocrineقسم جا



هوندا آهن. هي غدود ايپي ڊرمس جي هيٺان هوندا آهن ۾ هڪ نالي ءَ جي ذريعي Derms ۾ ايپي ڊرمس کان گذري ڪري چمڙي جي سَطح تي اچي ويندا آهن. پگهر انهن غدودن جي ذريعي ئي خارج ٿيندو آهي، چمڙيءَ جي سَطح تي پگهر ايندا رهندا آهن ۾ جسم جو درجہ حرارت وڌيڪ ناهي وڌندو ۾ نارمل رهندو آهي. چمڙيءَ جي سَطح تي پگهر جي اچڻ سان جسم جو درجہ حرارت وڌيڪ ناهي ٿيندو ۾ نارمل رهندو آهي، هي پگهر جو نهايت اهم ڪم آهي، پگهر جو ٻيو ڪم فالتو مادن جو اخراج آهي ليڪن پگهر جو ضرورت کان وڌيڪ اخراج جسم جي لوڻن جي ڪمي پئدا ڪندو آهي جنهن جي ڪري ڪمزوري وغيره پئدا ٿيندي آهي.

3 وار Hair: وار ڏاڍگي نما ۾ لچڪدار هوندا آهن. وار هڪ

پاڙ جي ذريعي مٿي تي چنبڙيل رهندا آهن ان جي پاڙ ڊرمس ۾ موجود هوندي آهي، تڙ مٿي جي طرف آزادانہ حرڪت ڪندو آهي.

وارن جا 3 تهہ هوندا آهن.

Cortex 3 ,Medulla 2 ,Cuticle 1


Cuticle 1: هي سڀ کان ٻيروني خلوي تهہ هوندو آهي هن ۾ نظر نہ اچڻ وارو مادو پاتو ويندو آهي.

Medulla 2: هي وارن جو اندروني تهہ هوندو آهي، هي وار جي پاڙ تائين نہ ايندو آهي بلڪ ڪجهہ پهريان تائين موجود هوندو آهي، گهڻو باريڪ وارن ۾ موجود ناهي هوندو.

Cortex 3: ٻنهي تهن جي وچ ۾ پاتو ويندو آهي، هن تهہ جو رنگ ئي وارن جو رنگ هوندو آهي، وارن جي خلين ۾ هوا موجود هوندي آهي ۽ ان جي ڪري جڏهن Cortex جا خليا مرده ٿي ويندا آهن تہ وارن جو رنگ ختم ٿي ويندو آهي ۽ وار سُفيد ٿي ويندا آهن.

(Hair Follicle): هيئر فاليڪيل ۾ وارن جي پاڙ ۾ رڪاوٽ جي ڪري اها بند ٿي ويندي آهي ۽ وار پنهنجي ڇڻڻ جي مرت 2 کان 5 سال پوري ڪرڻ کانپوءِ ڇڻي پوندا آهن ۽ انهن جي جاءِ تي نوان وار ڦٽندا آهن ۽ هي عمل مسلسل جاري رهندو آهي.

4 ننهن Nails: Stratum Luciduim جيڪا ايپي ڊرمس



جي وچ ۾ پاتي ويندي آهي اها سخت ۽ ٿلهي ٿي ڪري هڪ پليٽ جي شڪل اختيار ڪندي آهي ۽ اسانجي آڱرين تي چڙهي ويندي آهي جنهن کي اسان ننهن جو نالو ڏيندا آهيون. ننهن مرده خلين تي مشتمل هوندا آهن انهن جو مقصد آڱرين ۽ پيرن جي چوٽين جي حفاظت ڪرڻ آهي. ننهن جي پاڙ چمڙي ۾ گهريل هوندي آهي. پاڙ جي طرف ننهن تي هڪ سفيد نيم سفيد دائرو ٺهيل هوندو آهي جنهن کي Lumulla چوندا آهن. ان تي چمڙيءَ جو هڪ تهه هوندو آهي جو (Cuticle) چوائيندو آهي.

ننهن جي درمياني حصي کي Bodyچوندا آهن. ننهن جي آخري حصي کي Freedge چوندا آهن جيڪو ٻاهرين طرف موجود هوندو آهي. آڱرين جي اڳيان نڪرندو آهي جنهن کي ڪٽيو ويندو آهي. ننهن جي هيٺان خون جون ناليون پاتيون وينديون آهن جيڪي ننهن جي رنگ جو ذميوار هونديون آهن جنهن جي ڪري خون جو رنگ گلابي يا سرخي مائل نظر ايندو آهي ۽ خون جي گهٽتائي جي ڪري ننهن سفيد يا پيلا نظر ايندا آهن.

## چمڙيءَ جو رنگ Skin Colour

عام طور تي انساني چمڙي جو رنگ علائقي، آبهوا ۽ موسم تي منحصر هوندو آهي. يورپ جي ماڻهن جو رنگ سفيد هوندو آهي، آفريڪي ماڻهن جو رنگ ڪارو سرو ۽ ايشيا ۾ رهڻ وارن جو رنگ ڪڻڪ رنگو هوندو آهي ليڪن ان جي باوجود چمڙيءَ تي موجود تي اهم Pigments تي رنگت جو انحصار هوندو آهي.

1 ميلانوائڊ پگمينٽ Mellanoid Pigment، 2 ڪيراٽن پگمينٽ Carotens Pigments، 3 ميلانن پگمينٽس Mellanin Pigments

1 ميلانوائڊ پگمينٽ Mellanoid Pigments: هي ناسي يا پوري رنگ جو پگمينٽ ٿيندو آهي جيڪو بيروني تهہ جي خلين ۾ موجود آهي. اگر پگمينٽ جي زيادتي مٿي وڃي تہ چمڙيءَ جو رنگ پورو نظر ايندو آهي.

2 ڪيروٽن پگمينٽ Caroten Pigment: هي پگمينٽ ايپي ڊرمس جي Stratum Luciduim تهہ ۾ پاتو ويندو آهي. چمڙيءَ جو رنگ ان پگمينٽ جي مقدار تي منحصر هوندو آهي. هن جي زيادتي رنگت کي گهرو ڪندي آهي ۽ گهٽ سفيديءَ جي صورت ۾ نمايان ٿي ويندي آهي.

ميلانن پگمينٽس (Mellanin Pigments) ڊرمس ۽ پگمينٽ جي وچ ۾ چربي پاتي ويندي آهي جيڪڏهن چمڙي ۾ پگمينٽ موجود نہ هُجن تہ ڊرمس ۾ پاتي ويندڙ خون جي نالين جي ڪري چمڙيءَ جو رنگ گلابي يا سرخي مائل نظر ايندو آهي. ان کان علاوه خون جي نالين ۾ خون جو وهڪرو ۽ رفتار ۾ گهٽ يا پيلي رنگ جو سبب ٿي سگهندي آهي.

## چمڙي جا افعال Functions of Skin

1 حفاظتي فعل. 2 اخراجي فعل. 3 قوت مدافعت جو فعل. 4 جسم جي درجہ حرارت جو متوازن رکڻ. 5 حساسيت محسوس ڪرڻ جو فعل.

1 حفاظتي فعل: چمڙي ۾ پاتو ويندڙ Pigment جنهن کي سج جي شعاعن جي اثر کان محفوظ رکندو آهي ۽ جراثيم جو بچاءُ بہ رکندو آهي. ان کان علاوه چمڙي جسم جي اندر موجود عضوون کي ڌڪن جي اثر کان محفوظ رکندي آهي.

2 اخراجي فعل: چمڙيءَ جي ذريعي مختلف عوامل جي

نتيجي طورتي ٻڄڻ وارا فالتو مادا خارج ڪيا ويندا آهن جيڪي پگهر جي صورت ۾ ٻاهر خارج ٿي سگهندا آهن مثلاً نمڪيات وغيره.

3 قوت مدافعت جو فعل: سج جا شعاع جڏهن چمڙي تي پوندا آهن تہ Ultra_Violet شعاع Vitamin D جي صورت ۾ تبديل ٿي ويندا آهن ۽ چمڙي مضبوط ٿي قوت مدافعت جو فعل سر انجام ڏيندي آهي.

4 جسم جي درجہ حرارت کي متوازن رکڻ: جسم جي مختلف عوامل ڪانپوءِ ٽوڙ ڦوڙ ٿيندي آهي، جنهن مان حرارت پئدا ٿيندي آهي ۽ پگهر جي ذريعي جسم مان خارج ٿي ويندي آهي ۽ جسم جو درجہ حرارت ناهي وڌندو.

5 محسوس ڪرڻ جو فعل: محسوس ڪرڻ وارا اعصاب چمڙيءَ جي چاري جي صورت ۾ موجود هوندا آهن جيڪي محسوس ڪرڻ ۾ معاون هوندا آهن. جنهن جي ڪري جسم ماحول کي محسوس ڪندو آهي.

6 سٺي چمڙي جنس مخالف جي لاءِ ڪشش جو باعث هوندي آهي.

7 چمڙيءَ جي ذريعي ڪجهہ وقت ۾ جذبات جي عڪاسي ٿيندي آهي مثلاً خوف ۾ چهرو پيلو ٿي ويندو آهي، غصي جي حالت ۾ سرخ ٿي ويندو آهي.

8 چمڙي پنهنجي قوت لامسہ جي ذريعي پنهنجي آس پاس جي شين جي خبر ڏيندي آهي.

### (الرجي) حساسيت Allergy

ميڊيڪل سائنس جي تاريخ ۾ جنهن شخص سڀ کان

پهريان الرجيءَ جي مسئلي تي ريسرچ ڪئي اهو هڪ مسلمان طبيب محمد ابوبڪر بن زڪريا الرازي هُيو جنهن پنهنجي ڪتاب ۾ موسم بهار دوران گلاب جي خوشبو ڪان پئدا ٿيڻ وارين بيمارين جو ذڪر ڪيو آهي، تاهم هن مرض جو ڪو اصطلاحي نالو تجويز ناهي ڪيو.

الرازي جي تقريباً 900 سالن ڪانپوءِ هوميوپيٿڪ جي باني ڊاڪٽر فيڊرڪ سموئيل هني مين پنهنجي مشهور ڪتاب آرگنين (Organon) جي دفعہ 31 ۽ 117 ۾ حساسيت (Idio syncracy) جي اصطلاح استعمال ڪيو آهي.

ڊاڪٽرهنيمين جي تقريباً 60 سالن ڪانپوءِ آسٽريليا جي هڪ ڊاڪٽر Clemens Freiherr الرجي اصطلاح استعمال ڪيو جيڪو اج مستند ترين اصطلاح سمجهيو ويندو آهي. ڊاڪٽر هني مين ۽ ڊاڪٽر فريئر جي تعريف ۾ ڪو اختلاف ڪونهي، تاهم سوچيو وچي تہ هني مين کي (Approach) هن مرض جي باري ۾ وڌيڪ عملي ۽ فلسفيانہ آهي.

الرجي جي تعريف Deffination of Allergy:



انساني جسم جو ڪنهن شيءِ جي خلاف حساس ٿي وڃڻ کي الرجي چوندا آهن. هيءَ حساسيت انهن شين جي ڪري نه هوندي بلڪ انساني جسم جي مدافتي نظام ۾ نقص واقع ٿيڻ تي ٿيندي آهي، جڏهن ته اها شيءِ ٻيا انسان استعمال ڪري بيمار ناهن ٿيندا مثلاً : هڪ ماڻهوءَ کي کير کان الرجي آهي اهو جڏهن کير پيئندو آهي ته ڳلي ۽ وات جي خرابي جسم تي ڇپاڪي ۾ مبتلا هوندو آهي، جڏهن ته ٻيا ماڻهو ڪنهن مرض ۾ مبتلا ناهن هوندا.

## الرجي ڇا آهي ?What is Allergy

الرجيءَ مان مُراد اهو ذريعو آهي جنهن جي استعمال مان مراد انسان جي بدن ۾ هڪ ردعمل جي طورتي محرڪات پئدا ٿيندا آهن جيڪي نشن جي شڪل ۾ هُجن ۽ نزلي، زڪام جي صُورت ۾ يا جسم ۾ خون جي بگاڙ جي ڪري جڳهه جڳهه تي خارشي حالتون پئدا ٿي وڃن. اسانجي آس پاس جا مادا هڪ خاص طريقي سان ردعمل جو مظاهرو ڪندا آهن. ان ردعمل جو طريقو ڪجهه هيئن آهي.

1 اثر ڪرڻ وارو مادو. 2 انساني جسم تي پهريون ڀيرو ٽڪراءُ ۽ متواتر ٽڪراءُ ڪجهه عرصي جي لاءِ. 3 جسم انساني جي ڪنهن خاص قسم جي خلين يا سيل (Cell) جو متاثر ٿيڻ. 4 بدن انسانيءَ ۾ خاص قسم جي مدافتي مادن جو ظاهر ٿيڻ. 5 جڏهن انساني جسم تي اثر انداز ٿيڻ وارا مادا ٻيهر ٽڪرا ٿيندا آهن ته جسم انساني ۾ الرجيءَ جو علامتون ظاهر ٿينديون آهن ۽ اثر ڪرڻ وارا مادا بدن انساني کي مختلف طريقن سان متاثر ڪندا آهن. : 1 ساهه جي نالين ذريعي. 2 وات جي رستي. 3 چمڙي جي ذريعي. 4 نفسياتي عوامل. 5 موسمي اثرات.

## علاج Treatment

هن مرض جو علاج ۽ مرض جي نوعيت ان جي مختلف سببن تي منحصر آهي. مڪمل علاج جي لاءِ مرض جو سبب ڄاڻڻ گهرجي ۽ ان کي دور ڪرڻ تمام ضروري آهي هن مرض جو علاج ڪرائجي ڪجھ هوميوپيٿڪ دوائون هيٺ ڏجن ٿيون.

1_Silicia CM : زهريلي سُئي ۽ دوائن جا بـ اثر زائل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرايو.

2_Thuja 200 : چاءِ جو بڪثرت استعمال ۽ بيا عارضا، ٿوجا.

3 _Hydrasts 20 : اهڙي الرجي جيڪا هر شيءِ کائڻ سان الٽي ٿئي.

4 _Nat mur 6x :گهٽو لوڻ کائڻ ڪري الرجي هجي تہ مفيد رهندي.

5_Ferum Met 30 : گهٽا اندا کائڻ سان الرجي ٿي پوي.

6 _Sulfer 30 : ڪپھ جو دهاٽو استعمال ڪرڻ سان الرجي.

7_Pulsatilla 30 : سٽيپ ۽ گيھ جي استعمال سان الرجي هجي تہ ڏيو.

8_Urtica_Urens 3x : کير پيئڻ سان جيڪڏهن چپاڪي هجي تہ کارايو.

9_Nat mur 12x : پٽاٽي کائڻ سان الرجي هجي تہ ڏيو.

10_Psorinum 200 سورائينم : ڪٽڪ کائڻ کان چنبل ٿي پوي تہ کارايو.

11 _ پوٿوز Pothos 200 : گرد و غبار کان الرجي هجي تہ

ڏيو.

روٽا 12_30 Ruta : گوشت کائڻ کان الرجي هجي تہ کارايو.

13_ سلفر 30 Sulfer : چاڪليٽ کائڻ کان الرجي ٿئي تہ ڏيو.

آرسينڪ البم 14_30 Arsenic Album : سردي لڳڻ ۽ کنهڻ سان الرجي جي ڪيفيت پئدا ٿي پوي تہ جلڻ ۾ خشڪي، سوڄ لاءِ بهترين دوا آهي.

15_200 Glonion : اس ۾ وجهڻ يا سج سان تپش جي چمڙي سرخ ٿي وڃي تہ بهترين دوا آهي.

16_30 Fragaria : اسٽرابيري کان جنهن کي الرجي هجي تہ انهن کي استعمال ڪرايو انشاءَالله شفا ٿيندي.

## چهري جا داڻا Pimples on face



اڪثر نوجوانيءَ ۾ چهري تي داڻا نڪري ايندا آهن يا اڪثر گرم دوائن ۽ غير معياري ڪاڏن کائڻ ۽ مختلف قسم جا صابڻ، ڪريم

۾ مختلف قسم جا لوشن استعمال ڪرڻ سان چهرو داڻن، موهيڙن ۾ نشانن سان ڀرجي ويندو آهي، پراڻا داغ تي چهري کي خراب ڪري ڇڏيندا آهن ۽ حسن تي اثر پوندو آهي، جنهن سبب اڪثر نوجوان عورتون ۽ ڇوڪرا پريشانيءَ جي عالم ۾ چمڙيءَ جي ڊاڪٽرن وٽ چڪر هڻڻ ۾ مختلف قسم جون دوائون ستعمال ڪري چهري کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيندا آهن، جڏهن ته هوميوپيٿڪ علاج ۾ انجو مڪمل ۽ مؤثر علاج موجود آهي.

علاج Treatment

استيرياز روبنس Astrias Rubins 30_200: بلوغت وقت چهري تي داڻن ۽ ڦرڙين جي لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي.

ڪالي برويٽم Kalli Bromitum 30: ايسترياز روبنس ڪم نه ڪري ته هي دوا واپرايو.

توجا Thuja: چهري جي داڻن ۾ نڪ جي چمڙيءَ جي سوزش.

آرسينڪ آيوڊائيڊ+سلفر آيوڊائيڊ Arsenic Iodide+Sulfer Iodide: ضدي قسم جا چهري جا داڻا جيڪي ڪنهن به دوا سان نه لهن ۾ شديد قسم جا هُجن.

هائڊروڪوٽائيل Hydrocotyl 30: چهري جي داڻن سان گڏ رحم جون خرابيون.

ايگريڪس Agaricus 200: چهري جي داڻن سان گڏ ڦرڙيون.

بربرس ولگرس Berberis Vulgaris: ڇوڪرين جي چهري جي داڻن، وڏين ڦرڙين، موهيڙن ۾ چهري جي رنگ کي نکارينڊي به آهي.

ڊلڪمارا Dulcamara: حيض کان پهريان چهري تي داڻا، وڏيون ڦرڙيون، تڏي ۽ گهميل موسم ۾ زيادتي هُجي.

اسٽريپٽوڪوڪين Streptococin: داڻا جيڪي انڊا کائڻ ۽ سردي کان وڌن، مٽي ۽ اڳين نرڙ جو سور جنهن کي هوا ۽ ٿڏي کان افاقو.

سورائينم Psorinium 200: چهري جا داڻا جيڪي چربيلي غذا، کنڊ يا مٺين شين، ڪافي ۽ گوشت کان وڌيڪ ٿين.

ڪلڪيريا فاس Calcaria_Phos 200: رت جي گهٽتائي وارين ڇوڪرين جيڪي بلوغت وقت مٽي جي چوٽي ۾ يا مٽي ۾ سُور ۽ گڏس سان گڏ ساهه کڻڻ جي تڪليف هجي ۽ جنهن کي ڪاڏي کائڻ سان آرام.

ٿوجا Thuja 200: چهري تي داڻا، ڪير، موهيڙا جيڪي سُئي (ٽُڪي) (Injection) لڳڻ سبب وڌيا هُجن.

بووسٽا Bovista 200: ڪاسميٽڪس يا ڪريم پاؤڊر لڳائڻ سان چهري تي داڻا خاص طورتي گرمين ۾ وڌيڪ ٿين.

آرم آرسينڪ Aurm Arsenic 200: چهري تي، مٽي تي داڻا، ڪير، موهيڙا چهري جي چمڙي جي ٽي بي (T.B).

سينگونيريا Sangoneria 30: چهري جي داڻن جو حيض دوران وڌيڪ هُجڻ، حيض گهٽ مقدار ۾ هُجي.

سلفر Sulfer 200: هي دوا بطور هڪ عمل انگيز طور ڏني وڃي سُٺي طرح منتخب ٿيل ۽ ٻيون دوائون آرام ڏيڻ ۾ جڏهن ناڪام وڃن.

هيپرسلف Hepersulf 200: ڦرڙيون، داڻا جن مان سفيد پونءِ نڪري ۽ سُور ڏکڻ.

آرسينڪ برروميٽم+ آرسينڪ سلف Arsenic :Bromitum+Sulf

**حجام جي پاڪي سبب خارش Barber's Itch**

حجم ڪان وار نهرائڻ يا Shave ڪرائڻ سبب خارش جو ٿيڻ، اڪثر ڪري اها پاڪي صاف ستري نہ هوندي آهي، ان ۾ جراثيم ڦهلجڻ سبب خارش ٿي پوندي آهي، بهتر اهيو آهي حجم ڪان Dispossible اوزار استعمال ڪرائجن ورنہ چمڙي خراب ٿي ويندي آهي.

**علاج Treatment**

لیٿیم ڪارب Lithuim Carb 200: خارش، رخسارن تي داڻا ۽ خارش، سرخ ڏڪڻ واري چمڙي.

پيٽروليم Petrolium 200: چمڙي خُشڪ، حساس، ڪُنهري ۽ قاٺل (زخم) ۾ داغن مان جلدي رت وهي پوي.

سلفر آئيوڊائيڊ Sulfer Iodide 30: چمڙي تي ڳوڙهيون ۽ اُيا وار هُجن.

تيليوريم Telleurium: گُول دائرن ۾ ڪَڏا، متاثر حصن مان بدبو اچي، چمڙي ۾ ڏنگ لڳن، ڏنگ جهڙو سُور.

رسٽاڪس Rhustox 200: حَجم جي پاڪِيءَ ڪان خارش جي لاءِ شاندار دوا آهي.

**زخم جي نشان تي اُيار ۽ داڻا Pimples on Wound**

ڪو زخم خراب ٿي پوي تہ ان جي مَٿان دَاڻا نڪري پوندا آهن.

**علاج Treatment**

ايگريڪس مسڪيرس Agaricus Mus 200: چوٽي جي

دوا آهي، ٿڌي موسم تڪليف ۾ ڦرڙيون، خارش ٿڌ جي ڪري زخمن جي لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي.

سورائينم Psorinium 200: چمڙيءَ جي کُهرائپ ۾ ڦرڙيون آسانيءَ سان ڦاٽي پون، ميرا ۽ غليظ زخم.

پيٽروليم Petrolium 200: آڱرين جي چوٽين ۽ هٿن جي پُٺ تي چير، چمڙي کُهري، ڦاٽل، خون وهي، مريض چيڙاڪ ۽ آسانيءَ سان ناراض ٿي وڃي، ڪنيل ڦاٽل هٿ.

رسٽاڪس Rhustox 200: سُڄيل ڦرڙيون انهن لاءِ مفيد آهي.

پلسٽلا Pulsatilla 200: دير سان گهٽ حيض واريون عورتون جن کي ڪليل هوا ۾ آرام ملي ۽ گرميءَ ۾ تڪليف وڌي.

ڪروٽيلس Crotalus 200: گينگرين ٽيڙ جي ويجهو مزمن پر تمام گرم موسم ۾ نه هُجن، ڪمزوريءَ سبب.

نائٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 200: پيرن جو پگهر، پنجن ۾ ذڪڙ پيدا ڪندڙ مرض، چرٻيليون ۽ نمڪين شيون پسند ڪري.

## چهري جو رنگ Colour of face

آئيوڊيم Iodium 200: جسم جو رنگ نکارڻ جي لاءِ شاندار دوا آهي، ڇهن مهينن تائين هر پندرهن ڏينهن ۾ 1000 هزار طاقت ۾ استعمال ڪيو.

سارساپريلا Sarsaparella 200: رنگ کي نکارڻ جي لاءِ.

ڪاسٽيڪم+لائيڪوپوڊيم Causticum+Lycopodium: هر هفتي ۾ هڪ پُڙي استعمال ڪرڻ کپي.

## ڪَڪڙا Corns



اڪثر ڪري پيرن ۾ سخت (Corns) ڪڪڙا ٿي پوندا آهن. خاص ڪري سخت، تنگ جوتي يا پيرين اگهاڙي گهمڻ يا پهاڙن تي گهمڻ سبب ڪَڪڙا ٿي پوندا آهن.

### علاج Treatment

فيرم پڪريڪم Ferum Picric: ڪَڪڙا، زرد، گندا ۽ رنگدار.

توجا Thuja 200: ڪڪڙن لاءِ چوٽي جي دوا آهي جيڪڏهن جُوتو ڪٽي ڪڏو پئجي وڃي ۽ وڏو ڪڪڙو ٿي پوي.

اگنيشيا Ignatia 200: پُر درد چڻ زخم هُجن.

اينٽم ڪروڊ Antium crod: ڪُڪڙا سُجيل، پيرن جي ترن تي چمڙي، پيرن جي ترين تي سنگ (سِنگَ) جيان. ترن جي شديد حساسيت. جسم تي استسقائي سوزش. ترين ۾ چمڙي جي ٿلهائپ.

## ڪل لهڻ Skin DisColouration

ڪن سين جي ڪري ڪل لهي وڃي ته ان لاءِ هوميوپيٿڪ علاج بهترين نموني سان حل پيش ڪري ٿو.

### علاج Treatment

آرسينڪ البم Arsenic Album 200: چمڙي جي داغن (Spots) سياهي مائل يا نيري.

سلفيورڪ ايسڊ Sulfuric Acid 200: چمڙي تي ڪارا سياهہ داغ.

فاسفورس Phosphorus 200: پيٽ تي زرد ۽ ڀُورا داغ.

آئيوڊيم Iodium 200: جڏهن زرد ڀُورا داغ.

ليڪسس Lechesis 200: بخار ڪانپوءِ چمڙي نيري ٿي وڃي چمڙي واڱڻائي.

ايٿيوزا Aethusa 200: سياهہ يا نيرا داغ تمام جسم تي ڪارا نيري رنگ جا داغ.

فائٽولاڪا Phytollaca 200: چمڙي سَيهي جي رنگ جهڙي ٿي وڃي.

لائيڪوپوڊيم Lycopodium 200: جگر جي داغن لاءِ مخصوص دوا آهي.

**چهري جو بدصورت ٿي وڃڻ**

**علاج Treatment**

ويريولائينم Variolinium 200: ماتا جي واڻن سَبب چهرو بدصورت ٿي وڃي ڏگهي عرصي لاءِ 200X طاقت ۾ ڪارايو.


سارسا پريلا Sarsapareela P 6X: هر پندرهين ڏينهن بعد واپرايو.

سليشيا Silicia 200: چهري جي داڻن ۽ زخمن جي نشانن لاءِ.

ڪلڪيريا فلور Calcaria Flour 30: جيڪي ناسور ۽ قرڙيون چڏي ويا هُجن.

**ڦٽ ڏڍ ايگزيما Eczema**

شديد جلڻ ۽ خارش واري چمڙيءَ جو زخم جنهن ۾ سور



خارش، مواد ۽ خشڪي ۽ گرمي جهڙيون علامتون. جسم جي ڪنهن به حصي تي هجن جيڪي موسم جي حساب سان ۽ گرمي ۽ سردي ۾ گهٽ وڌ ٿين.

علاج Treatment

سلفر Sulfer 200: خارش، جلڻ، ڏي جيڪو ڌوئڻ ۽ کنهڻ سان وڌي، چمڙي کُهري ۽ ٿلهي ۽ پرت وار جسم جا سڀ سوراخ باهه جيان سُرخ، چپن ۽ ڪنن وغيره جو سرخ هُجڻ. جسم مان بدبوءِ اچي، معدي ۾ ٻڏڻ جو احساس، هٿ ۽ مٿو گرم، بستر جي گرمي، هنڌ جي گرميءَ ۾ خارش وڌي، وهنجڻ ۽ صفائيءَ کان مريض لنوائي، وارن کي رنگ ڪرڻ سان ڏي.

گريفائيٽس Graphites 200: وهڻ وارو ڏڏ. کنهڻ سان ماکي جهڙو گهاٽو چنبڙڻ وارو مادو خارج ٿئي، هٿن چهري، چپن ۽ ڪنن جي پويان چمڙي ڳرڻ بعد ڏکي ۽ سخت ٿئي. گرميءَ کان رات جو گهٽي، حاد ڪيسن ۾ هينين.طاقتن ۾ ڏينهن ۾ 6 دفعه ۽ پراڻن ڪيسن ۾ 200 يا 1000 ۾ ڏيو.

رسٽاڪس Rhustox 200: خشڪ ايگزيما، سرخي ۽ سوزش سان گڏ. نا قابل برداشت خارش ۽ جلڻ سان گڏ گرمي گهٽي

هُجي، ٽئين پارن جي کوپڙي جو ايگزيما، ڦرڙيون ڪڏي جيان انهن مان پاڻي جهڙو مواد جيڪو انتهائي بدبودار هوندو آهي، پونءِ جو رحجان، 200 طاقت ۾ هفتي ۾ 15 ڏينهن، رسٽاڪس 1M ۾ ڪارايو.

آرٽيڪايورنس Urtica Urens 30: حاد (Acute) ڪيسن ۾ جڏهن جلڻ ۽ خارش هجي.

بووسٽا Bovista 30: هٿن ۽ پيرن تي ڏڏ، گوڏن جي اندرين طرف کان گهميل ايگزيما جيڪو پوري چنڊ تي ظاهر ٿئي، اڪثر عورتون جن کي پردرد حيض اچي.

ڪالي بائيڪروميم Kalli Bichromium 200: کوپڙيءَ جو اگزيما، گهاٽو وزني چلڪيدار، زرد، گهاٽو چنبڙڻ وارو وهڻ وارو مواد.

ايليومينا Alumina 200: خُشڪ ۽ هيجان وارو اگزيما قبضيءَ وارو.

نيٽرم سلف Nat Sulf 200: دَمَ سان گڏ ساهه کڻڻ ۽ چمڙيءَ جون علامتون.

سورائينم Psorinium 200: کوپڙيءَ (Skull) ۽ چهري تي خُشڪي ۽ چلهڻ وار ڪرڻ ۽ خارج ٿيڻ وارو مادو چلهرن کي مٿي ڪٽي تہ نوان گهرا زخم، بستر جي گرميءَ کان تڪليف وڌي، مريض مايوس نا اميد مواد پٽڙو بدبودار چيڻ وارو ڳريل گوشت. بدبودار اوڪارا، التيون ۽ بيمار ڪرڻ وارو مواد رَسي.

هيپر سلف Hepersulf 200: چمڙيءَ جي تهن ۾ پانيات واريون ڦرڙيون، جوڙن جي مڙڻ واري جڳهہ تي خارش، چمڙي تي پونءِ پئجي وَڃي، ڦرڙيون ڇهڻ تي حساس هُجن، خُشڪ ٿڌين هوائن ۾ وڌيڪ گهميل موسم ۽ گرميءَ ۾ اضافو.

**پيٽروليم Petrolium 200**: زردي مائل سبز تلها چلهڙ، ڇِري ۾ ڪنڌ تي جن مان گهٽو مواد وهي، هي خُوني چيرن وارا ايگزيما انهن لاءِ شافي آهي، ايگزيما خشڪ پرت دار يا گهميل گرمين ۾ غائب ٿي وڃي، سردين يا سرد موسم ۾ بيهر ٿي پوي، هٿن جي پُٺي تي ايگزيما، پنڙو پاڻيءَ جهڙو مواد وهي.

**ميزيريم Mezerium 200**: ناقابل برداشت خارش جيڪا بستر ۾ ڇهڻ تي گهٽي ٿئي، گهٽو خون ۽ پاڻيءَ جهڙو مواد وهي، چلهڙن سان پريل انجي هينان سفيد پونءِ جيان مواد وهي، وارن جي پاڙن ۾ ايگزيما، 200 طاقت ۾ ڏيو.

**ڪلڪيريا سلف Calcarea Sulf 200**: بارن ۾ خُشڪ ايگزيما، خارش، زرد پونءِ دار چلهڙن وارو ڏيو، وارن تي ننڍا ننڍا ڳوڙها جن کي کنهڻ سان خون وهي.

**آرسينڪ البم Arsenic Album 200**: جلد ۾ بيچيني سان گڏ ايگزيما، خارش ۽ جلڻ، سوزش جيڪا سرديءَ ۾ کنهڻ سان وڌيڪ، خشڪ، کُهري، پرت دار چمڙي، گرميءَ ۾ گرم مشروبات سان افاقو ٿورڙي به محنت ڪرڻ تي شديد ڪمزوري، آڱرين ۾ ڏڍ ۽ چوٽيون ڏريل، کوپڙيءَ ۾ ڇري تي پرت دار ڦرڙيون، بدبودار مواد خارج ٿئي، شديد جلڻ ۽ خارش.

**اينٽيمونيم ڪروڊ Antimonium Crude**: معدي جي خرابين سان گڏ ايگزيما ٿڌي پاڻيءَ ۾ وهنجڻ سان حساس، جڏهن بستر ۾ گرم ٿئي ته خارش تلهي ۽ سخت ۽ ماکيءَ جيان پرت، تمام گهٽي جلڻ رات جو زيادتي.

**گن پاؤڊر Gun Powder**: تمام وڏي اينٽي سورڪ دوا آهي، خون کي صاف ڪرڻ، چمڙيءَ جي تمام گهٽين بيمارين کي دُور

ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي آهي 3X ۾ ڊگهي عرصي تائين کائو.

تيوبرڪلينم TuberClunium 200: بطور عمل انگيز دوا جڏهن سڀني طرح منتخب ڪيل دوائون ناڪام ٿي وڃن. مريض نا اميد غمگين تمام جلد نزلو ۽ زڪام ٿي پوي.

### چمڙي هاٿيءَ جي کل جهڙي Elephantias



چمڙي ٿلهي ۽ هاٿيءَ جي کل جهڙي لڳي جيڪا ڏسڻ ۾ تہ بُري ٿي لڳندي آهي پر حرڪت جسم تي بہ تڪليف جو باعث بڻبي آهي.

### علاج Treatmen

هائڊروڪوٽائيل Hydrocotyl 6X: جڏهن انساني چمڙي هاٿي کل جهڙي کل ٿي وڃي, ايگزيما, ڪوڙهہ, ڦرڙيون ۽ ٻيون جلدي بيماريون ٿي پون.

### لاغري سُڪيءَ جي بيماري ڪنگي Marasmus

انساني جسم جڏهن کائڻ پيئڻ باوجود سڪندو ڏبرو ٿيندو

وجي، ڪل سڪي، هڏائون پچرو بچي تہ ان حالت ڪي سُڪيءَ جي بيماري سڏبو آهي.

ڪلڪيريا ڪارب Calcarea Carb 200: چمڙيءَ جي ڪمزوري، پيٽ وڏيل، چمڙيءَ تي گھنج پيل، هڏيون مڪمل تي نہ سگھن ۽ وڏڙ چڏي وڃن. ڏند نہ نڪرن.

ابروٽينم Abrotinium 200: ٽنگن جي ڪمزوري شروع تي وڃي آهستي آهستي مٿي وڌي.

ڪلڪيريا فاس Calcarea Phos 200: هي دوا ڪنگي (Marasmus) جي شاندار دوا آهي، هر مهيني 6 دفعہ دهرائجي، چمڙي ڪمزور ٿيڻ، خشڪ تي وڃڻ ۽ گھنج پوڻ هن دوا جون خاص علامتون آهن.

ٽيوبرڪلينم Tuberculunium 200: هي سُڪيءَ جي مرض جي خاص دوا آهي، بطور عمل انگيز دوا جي، ضرور ڏيڻ کپي.

نيٽرم ميور Natmur 200: ڪنڌ ۽ ٻانهن جي ڪمزوري جيڪا هيٺ طرف وڌي.

آئيوڊيم Iodium: جڏهن ٻار چڙچڙو هُجي، پنهنجي ويجهو ڪنهن ڪي بہ اچڻ نہ ڇڏي، گھڻو ڪائي پر پوءِ بہ ڪمزوري رهي.

سڪيل ڪار Secal Cor 200: لاغر، چمڙي ڪمزور، غير صحتمند چمڙي واڱٽائي، نيري، رت جو دورو خصوصي طورتي ڪمزور.

## ڪوڙهہ۔ جذام Leprosy

سخت مواد دار ڦرڙيون، داغ رنگين، چمڙيءَ جي پراٽي سوزش جيڪا ڪنهن بہ دوا سان نيڪ نہ ٿيندي هجي جنهن جو رنگ تبديل هجي، ڇلهڙ لهن، ڪل سخت ۽ بدبودار هجي.



علاج Treatment

**هائڊروڪوٽائيل** Hydrocotyl 30: ڪوڙهہ جي لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي.

**بسيلينم** Bacillinium: هي دوا بطور عمل انگيز 200 ۾ 15 ڏينهن ڏني وڃي، هن دوا سان هڪ ڏينهن پهريان ۽ هڪ ڏينهن بعد دوا هرگز نہ ڏني وڃي.

**آرسينڪ آيوڊائيڊ** Arsenic Iodide 200: جڏهن نڪ مان بدبودار مواد وهي، سُئي چڀڻ جهڙو احساس، گندو ڏسڻ ۾ اچي، آڱرين ۾ چنبن جو سجڻ غدود وڌيل.

**هونگ نان** Hoang nan 3x_200: هٿن پيرن جي سُن ٿيڻ سان گڏ ڪوڙهہ ۾ جذام.

<u>گريفائيٽس Graphites 200</u>: چيرن مان ليسدار مواد وَهي.
<u>اينٽم ٽارٽ Antimonium Tart 200</u>: مشڪون اندرين طرف جهڪيل هجن ۽ مريض ڪوڙهـ وارو.
<u>ٿائيرا ڊينم Thyrodinium 200</u>: آتشڪي قرڙين سان گڏ ڪوڙهـ، چمڙيءَ جي پراڻي سوزش، شديد سُرخي ۽ تنگن تي چلهڙ، چمڙي سفيد ٿيڻ.

## بگ- بَرص Leucoderma



چمڙيءَ جو رنگ ڦٽي وڃي ۽ سفيد نشان ۽ داغ ٿي پون جيڪي ڪنهن بہ علاج سان دور نہ ٿين. اصل ۾ معدي ۾ تيزابيت گهٽ وڌ ڪاڏي ڪائڻ ڪري Acids جمع ٿي ويندا آهن جن جو اثر چمڙي تي پوندو آهي ۽ بگ (برص) نڪري پوندو آهي.
<u>ٽيوبرڪلينم Tuberclunium 200</u>: هن دوا سان علاج شروع ڪرڻ گهرجي 200 ۾ هڪ خوراڪ ٻين دوائن سان بطور معاون ڏيڻ گهرجي.
<u>آرسينڪ سلف فليو Arsenic Sulf Flav 200</u>: بگ جي لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي، هي ڪافي ڊگهي عرصي تائين ڪارائتي ۽ طاقتون مٽائيبيون رهجن. يعني ننڍي طاقت ۾ شروع ڪري وڏين طاقتن ۾ بتدريج استعمال ڪرائجن.
<u>آرسينڪ البم Arsenic Album 200</u>: خنازير ۾ چمڙي

سُفيد.

ايپس ملفيڪا Apis Melfica 200: چمڙي سُفيد، پـچـي دانيءَ جي سوزش، استسقاءَ سان گڏ چمڙي جي سرخي.


ڪالي ڪارب Kalli Carb 200: جڏهن چمڙي ڪير جيان هجي.

هائڊروڪوٽائيل Hydro cotyl 200: جيڪڏهن آرسينڪ سلف ناڪام ٿي وڃي تہ هي دوا ڏجي ۽ نندي طاقت يعني 3x ۾ ڏني وڃي.

بوريڪس Borax 200: سُفيد چمڙي، سرخ قطعن سان گڏ.

سورائينم Psorinium 200: چمڙي سُفيد، وارن جا ڳُڇا، ان دوا سان وار ڪارا ٿي ويندا آهن.

## خارش Itch




سلفر Sulfer Cm: هر پندرهين ڏينهن ۾ هي دوا ڏني وڃي. خارش جو علاج هن دوا سان شروع ڪجي.

ڪالي برومِيٽم Kalli Bromitum 200: آتشڪي خارش، نيرا داغ، جُهريون وڏا وڏا ڳوڙها.


ٿائيرائڊنيم Thyrodinium: تـڏ محسوس ڪرڻ وارا، رت جي گهٽتائي، مريض ۾ خارش، خشڪ، ڪمزور چمڙي، هٿ ۽ پير ٿڌا.

ريڊيم برومِيٽم Radium Bromitum 200: آلـۃ تناسل جي خارش، چهري تي مواد نڪرڻ واري خارش ۽ ڦرڙيون، مٿي تي سرخ داغ، تمام جسم تي جلڻ جو احساس، خارش.

آرسينڪ آيوڊائيڊ Arsenic Iodide 200: خارش جيڪا ٿڌي ۽ گهميل پٽيون لڳائڻ سان گهٽجي، هيٺين طاقتن ۾ واپرايو.

پيٽروليم Petrolium 200: هٿن جي خارش، هٿ ڏري پون، ٿڌي موسم ۾ تڪليف گهٽجي.

## گول ڏڍ Ring Worm



بيسلينم Baielinium 200: ڏڍ جي چوٽيءَ جي دوا آهي، هفتي ۾ هڪ خوراڪ ڏني وڃي.

سيپيا Sepia 200: جيڪڏهن ڪا علامت نہ هُجي تہ هي دوا ڏجي.

ڪلڪيريا ڪارب Calc Carb Cm: ٿڌا، زرد، حد کان وڏيل خون وارا ماڻهو جن جا پير نمدار هُجن.

تيليوريم Tellurium 200: ذڪ جي خاص دوا آهي. ڇھري ۽ جسم تي پگھر جي بوءِ گندي ۽ تور جهڙي.

## لال بخار (سرخ) Red Fever


بيلاڊونا Belladona 200: لال بخار جي چوٽيءَ جي دوا آهي. هموار سُرخ ۽ چمڪدار ڦرڙيون. گرم خشڪ ۽ سُرخ چھرو معدو پرهيجان. اوڪارا الٽيون. درجہ حرارت مٿي. بطور حفظ ماتقدم جي ڪم ڪندي آهي.

رسٽاڪس Rhustox 200: لال بخار کان علاوه ڦرڙيون گھريون. گھلھ. هذيان.

ايپس ملفيڪا Apis Mellifica 200: هي صرف ان وقت فائديمند هوندي آهي جڏهن گردن جي تڪليف سان گڏ استسقا هجي. چمڙي تي داغ سرخ ۽ سُفيد. قطعي. چهرو زرد ۽ ڦليل. ڳلي جي سوج سان گڏ اُڃ گهٽ. گرمي سان تڪليف وڌي.

ليڪسس Lechasis 200: ڀھرين خون جو زهريلو ٿي وڃڻ ۽ پوءِ بلغمي جارين جي سوج. ڳلي ۾ ناسُور. ٽانسلز ۾ تڪليف.

## ناسُور Fistulae



سليشيا Silicia 200: ناسُور جيڪي مندمل نہ ٿين، بغير درد واريون ڦرڙيون، گرم پٽي ڪرڻ سان افاقو نيڪ ٿيڻ مشڪل، ڪِرندڙ اچن، زخم جا انگور.

ايسڊ فلورڪ Flouric Acid 200: ناسُور جيڪي ٿڌين دوائن ۽ پٽين لڳائڻ سان فائدو محسوس ڪن.

هيپر سلف Heper Sulf 200: ناسُورن کي نيڪ ڪرڻ لاءِ شاندار دوا آهي.

هائڊراسٽس ڪين Hydreasts Can 200: گهرا زخم، گوشت خور زخم، چمڙي جي چارين جا ناسور، ليسدار پونءِ سان گڏ.

ڪاربوويج Carbo_Veg 200: چمڙيءَ جي چارين جا ناسور نہ ڏکڻ وارا ناسور جن مان متواتر خون وهي، جلندار خراشدار پنڙو مواد وهي.

ڪالي سلف Kalli Sulf 200: گهٽن منهن وارو ناسُور، مريض کليل هوا ۾ افاقو محسوس ڪري.

ٽرنٽولا ڪيوبنز Terntulla Cubens 200: مهلڪ گينگرين وارا ناسور، ناسوري ڦرڙيون، پونءِ کي هرهر بڇڻ کان روڪيندي آهي.

ڪونڊرانگو Condunrango 200: گندي بوءِ وارا ناسُور، پنڙو مواد رسي، پراڻا ناسور، ڪرندڙ وارا.

سيني ڪيولا Saniculla 200: پنجن وارا ناسورءِ ڦرڙيون.

## ڏڏر – چپاڪ Urticaria

ايپس ملفيڪا Apis Mellifica 200: چپاڪيءَ لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي، بستر جي گرمي کان زيادتي، خارش ۽ جلڻ، پر اُڃ نہ هُجي، دائري دار سوزش، شديد خارش هُجي.



<u>آرٽيڪا يورنس Urtica Urens 200</u>: هي دوا ان وقت ڏني وڃي جڏهن ايپس ناڪام ٿي وڃي، ايپس جهڙيون علامتون پر هن ۾ پيشاب گهٽ ٿو ايندو آهي، جڏهن ته ايپس (Apis) ۾ گهٽ ايندو آهي.

<u>پلسٽلا Pulsatilla 200</u>: ڳئَس جي ڪري ڇپاڪيءَ لاءِ بهترين دوا آهي التي ۽ اسهالن سان گڏ ڇپاڪي.

<u>رسٽاڪس Rhustox 200</u>: جلڻ ۽ خارش، ڇپاڪي جيڪا گرميءَ سان گهٽ ٿئي، ڇپاڪي جيڪا سڄي جسم تي خارش سان گڏ، مزمن ڇپاڪي.

<u>ڊلڪمارا Dulcamara 200</u>: تمام جسم تي ڇپاڪي، ڪنهڻ سان خارش جلندار ٿئي، گرميءَ کان زيادتي ٿڏ ۾ افاقو. حيض کان پهريان ڏڏر.

<u>آرسينڪ البم Arsenic Album 30_200</u>: جڏهن مريض ٿوري ٿوري وقفي سان ٿڏو پاڻي پيئي ۽ مڇي کائڻ سان ڏڏر ٿئي ان لاءِ مخصوص دوا آهي. ايريل نشانن تي گهٽي خارش ۽ جلڻ، جسم تي ڇپاڪي.

## ڦڙا _ مَسا Warts

ڦِڙ يا مَسا (Warts) اعضاءِ تناسل تي يا ان جي چوڌاري پير ۾ 200 طاقت ۾ ڏينهن ۾ به دفعا ڏجي Thuja 200_1m.

<u>ڪاسٽي ڪم Causticum 200</u>: چهري، هٿن ۽ اکين تي

ڦٽڙا.

ڊلڪمارا Dulcamara 200: وڏا وڏا پر گوشت ۽ هموار چوڦيرا مَساَ جيڪي آڱرين، چهري ۽ اکين تي هُجن.

استفي سيگريا Staphsegaria 200: سوزاڪ جي ڪري فرج يا نفس جي چوٽيءَ جي گوبيءَ جي گل جيان وڏندڙ مَسا.

**آڱرو ويڙهو White Low**

مائرسيٽڪا Myristcia: هن تڪليف لاءِ شاندار دوا آهي، هيءَ پونءِ ڪڍي ڇڏيندي آهي ۽ سور ختم ڪري ڦٽ ڇٽائي ڇڏيندي آهي.

هيپر سلف Heper Sulf 200: هي ڦرڙي ڦاٽڻ ڪانپوءِ ڏجي، هي زخم کي ڇٽائڻ ۾ مدد ڪندي آهي، ننهن مان پونءِ وهندي آهي ۽ ڍلو ٿي ننهن ٻاهر نڪري پوندو آهي.

**ننهن جون عام بيماريون Common Diseases of Nails**

ٿوجا Thuja 200: آڱرين جي ننهن جون بيماريون، ننهن بيمار ۽ ڀريل، ٻي ڊنگا لڱن.

مائريسٽڪا سيبريفيرا Myristica SEB 200: آڱرين جي ننهن ۾ تڪليف، آڱرين جي هڏين جي سوزش سان گڏ.

ڪلڪيريا ڪارب CalCarea Carb 200: جهرين گهنجن وارا غير هموار ننهن، داغ سان بيقاعده ننهن.

سليشيا Silicia 200: پنجن جي ننهن جو گوشت دٻجڻ، مڙيل تڙيل ننهن هي ننهن، جي وڌڻ ۾ تحريڪ پيدا ڪندي آهي.

فلورڪ ايسڊ Floric Acid 200: ٿٽل ڦٽل طرف.


گريفائيٽس Graphites 200: جڏهن ننهن ٿلها هُجن ۽ سنگ جيان وڌن.

ايپس ملفيڪا Apis Mellfica 200: ننهن جي هيٺان خون جمع ٿي وڃي.

ڪاسٽي ڪم Causticum 200: جڏهن گوشت ۾ گهرڻ وارا ننهن جن ۾ سليشيا ناڪام ٿي وڃي.

ميگنيٽس پولس آسٽ Magnetes Pols Aust: ننهن جي اندرين طرف درد جيان هي گوشت ۾ گهريل. ڇُهڻ تي درد يا پنجن تي جُوتن جو دٻاءُ جنهن تي لفون ۽ ڪڪڙا.

ننهن ۾ پونءِ پئجي وڃي Pus in Nails



نيٽرم ميور Netrum Mur 200: آڱرين جي ننهن جي ويجهو خشڪ ٿيڻ ۽ آڱرين جو ڦاٽڻ. سُن ٿيڻ. ٻانهن ۽ گوڏن جي ڪمزوري. چپاڪي ۽ ننهن ۾ پونءِ.

ڪلڪيريا ڪارب Calcarea Carb 200: غير صحتمند چمڙي. آساني سان ناسور ٺهجي وڃن. ننڍا ننڍا زخم ننهن جي ويجهو پير ٿڏا. رات جي وقت تڪليف.

ننهن ڀُري پوڻ Cracked Nails

اينٽيمونيم ڪروڊ Antimonium Crod 200: ننهن ڀُرڀُرا. سخت ڦڙا هٿن ۽ پيرن جي ترين تي پئدا ٿين. چمڙي خشڪ. جڏهن بستر گرم ٿئي تہ خارش. پرهيجان ۽ زبان تي گهاٽي ليسدار



سفيد تهه، گرم ۽ ٿڌي پاڻي ۾ وهنجڻ سان وڌي.

<u>سليشيا Silicia</u>: آڱرين جي ننهن جي بيمارين ۾ جيڪڏهن انهن ۾ سفيد داغ هجن، خشڪ ٿڌا پير پگهر سان گڏ، بي ڍنگا ننهن.

<u>ايلومينا Alumina 200</u>: پُرپُرا ننهن، آڱرين جي هيٺان ڪپڻ وارا سُور، خشڪ چمڙي، ننهن آسانيءَ سان ٽٽن، جڏهن بستر گرم ٿئي تہ خارش ٿئي، آڱ ين جي چمڙي پرپري، قبضي.

<u>نائيٽرڪ ايسڊ Nitric Acid 200</u>: ٿڌا ۽ نيرا ننهن، هٿن تي ڦٽڙا جن مان خون وهي، سور چُڀڻ تي درد ۽ احساس.

<u>ٿوجا Thuja 200</u>: ننهن نرم ۽ پُريل، بي ڍنگا، ٽڙيل، ڦريل هٿن ۽ پيرن تي پورا داغ، سٽيي چمڙي، وارن تي خشڪي ۽ بقو پگهر منو ۽ زبردست.

<u>گريفائيٽس Graphites 200</u>: ننهن ٿلها ٿي وَجن، ڦاٽل، بي ڍنگا، مريض غمگين، نااُميد، روئيندڙ موت سِوا ڪنهن شيءِ متعلق نہ سُوچي.

<u>هيلي بورس Helliborus 200</u>: چمڙيءَ جو ڇلهجي پَوڻ، ننهن جو ڪري پوڻ.

<u>ايلومينا سليڪيٽ Alumina Silicate 200</u>: ننهن جو پرپرو پڻ، هٿ ڏريل، هٿن ۽ پيرن جو برف جيان ٿڌو هُجڻ، ننهن

ويجهو ناسُور.

<u>فلورڪ ايسڊ Floric Acid 200</u>: ننهن ٽڙيل ڦريل، مڙيل بي ڍنگا، ڊگهائي جو رخ، ننهن ۾ گهنج، ننهن تيزيءَ سان وڌن ۽ بد وضع ٿي وڃن، بي ڍنگا، ڪُجهه جڳهن تي تمام ٿلها ۽ ڪجهه جڳهن تي سَنها آساني سان ڀُري پون، ٽٽي پون.

❊❊❊

# باب اٺويهون

## بخار Fever

انساني جسم جو صحت مند درجہ حرارت 4_98 ڊگري F فارن هاسيٽ 37C سينٽي گريڊ آهي.

ٿرماميٽر زبان هيٺان رکڻ سان هڪ منٽ رکڻ بعد جيڪڏهن درجہ حرارت وڌيل ملي تہ ان کي بخار ڪونبو جسم گرم ٿيڻ لڳندو نبض جي رفتار وڌيل ملندي، يعني نبض هڪ ڊگري بخار وڌڻ سان 10 ضربون وڌيڪ هڻندي ساهہ جي رفتار بہ وڌندي. بخار ۾ درجہ حرارت 105F ۽ 96F سان گهٽ ٻئي خطرناڪ حالتون آهن.

جيئن تہ بُخار پنهنجو پاڻ ڪا بيماري ڪونهي، پر اهيو ڪنهن بيماريءَ سبب لاحق ٿيندو آهي، جڏهن اسانجي جسم ۾ ڪا تبديلي يا خرابي ٿي پوندي آهي تہ قوت حيات ان خرابيءَ کي دور ڪرڻ ۾ لڳي ويندي آهي. قوت حيات جي ڪوشش جي هڪڙي علامت بخار بہ هوندو آهي. بخار جي ڪا ظاهري دوا تہ ڪونہ هوندي آهي پر ان سبب کي دُور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جنهن ڪري اها علامت (بخار) ظاهر ٿيو آهي. بخار تڏهن بہ ظاهر ٿيندو آهي جڏهن ڪو ذهريلو مادو رت جي دؤري ۾ شامل ٿي ويندو آهي. شديد ڌڪئي، سردي سج جي گرمي تپش، شديد ٿڪاوٽ جي نتيجني ۾ بخار پڻ ٿيندو آهي.

اهڙن بخارن لاءِ هيٺيون دوائون ڏئي سگهجن ٿيون علامتون ۽ سبب معلوم ڪرڻ بعد :

ايڪونائيٽ Aconite 3x يا 30

هي دوا شروعات ۾ ڏئي سگهبي. هي ڪيترن ئي قسم جي بخارن لاءِ مفيد آهي. آلو ٿي وڃڻ، سج، اُس لڳڻ، برسات ۾ پچڻ، ٿڌي هواءِ سيءَ لڳڻ، وغيره. ايڪونائيٽ جو مريض بي آرام ۽ انڪي خوف هوندو تہ مان مري ويندس، ان جي چمڙي خشڪ ۽ گرم.

اُجارو پاڻ کي محسوس ڪري ۽ عذاب ۾ پاڻ کي سمجهي ۽ رات جي وقت وڌيڪ تڪليف. شروعات ۾ هڪ قطرو يا ٻہ گلوبلس زبان تي رکو ٻن ٻن ڪلاڪن جي وقفي سان جيڪڏهن بخار لهڻ شروع ٿي وڃي تہ دوا کي بند ڪري ڇڏيو ۽ (Follow up) دوا Sulfer 200 جي هڪ خوراڪ ڏئي ڇڏيو ۽ مريض کي پگهر لهڻ شروع ٿي ويندو پگهر اچڻ بعد جسم ٿڌو ۽ بخار ختم ٿي ويندو.

## علاج Treatment

ايڪونائيٽ Aconite: سخت بُخار بي چيني، شديد اُڃ، گهڻي مقدار ۾ پاڻي پيئڻ جي خواهش، چهرو پُر خون ٿڌي هوا لڳڻ سان، هي صرف ابتدائي حالت ۾ ڏني وڃي.

بيپٽيشيا Baptisia 30_200: اُڃ ۽ بک سان گڏ بخار ڪاڏي ڪائڻ ڪانپوءِ تمام جسم سخت گرم محسوس ٿئي، بي چيني ۽ بستر ۾ هيڏي هوڏي ڦري، تيز بخار مرڳالهائي، گندي بوءِ وارا اسهال، مريض گهري بيهوشيءَ ۾.

بيلاڊونا Belladona 200: چهرو پُر خون، چمڪدار ڳاڙهو گهڻو بخار اُڃ نہ هجي، آرام سان ليٽيو رهي، هن دوا جي نمايان علامت آهي، مٿي جو سُور ڪنڌ جو ناڙيون ڏونڪن، سج جي گرميءَ ۾ گهمڻ يا ڪم ڪرڻ سان بخار.

جيلسيمير Gelsimium 200: چهرو پُرخون، چمڪدار

سُرخ، گهٽو بخار اُڃ نہ هُجي، آرام سان ليٽڻ گهري، هن دوا جون نمايان علامتون آهن.

نڪس واميڪا Nux Vomica 200: مريض ڏينهن جي گرم ترين حصي ۾ بہ ٿڌ محسوس ڪري، اگرچہ ٿڌ محسوس ڪري پر ڪپڙا لاهڻ چاهي، پر چادر سان منهن ڍڪي، ضدي قبضي، وات جو ذائقو ڪڙو ڏينهن جي 10 يا 11 بجي بخار گهٽو.

آرسينڪ البم Arsenic Album 200: بي چينيءَ سان بخار ٿوري ٿوري وقفي تي ٿوري ٿوري اُڃ، ڪمزوري، لاغري، بخار جي سردي شديد قسم جي ائين معلوم ٿئي تہ جسم ۾ ٻوڙندڙ خون برفاني پاڻي آهي.

برائي اونيا Bryionia 200: خشڪ کنگهہ سان گڏ بخار تمام جسم ۾ سُور، آرام سان ليٽڻ گهري، ڪنهن جو ڳالهائڻ بہ پسند نہ ڪري، ڍگهي وقفي کانپوءِ گهٽو پاڻي پيئي.

ٽرائي اوسيٽيم Tri_Osetium 200: گئس يا ٽائيفائيڊ بخار جي لاءِ شاندار دوا آهي، هي هر قسم جي بخارن جي لاءِ مخصوص آهي.

ڪيليڊيم Caladium 200: هر شام بخار دوران سُمهي پوي ۽ جڏهن بخار لهي وڃي تہ جاڳي پوي.

اگنيشيا Ignatia: سرديءَ دوران بخار ۾ اُڃ، بي حالت ۾ نہ هُجي، بيروني گرميءَ ۽ سرديءَ ۾ افاقو بيروني طورتي لٿو ويڙهڻ سان گرمي وڌي، سردي دوران چهرو سرخ.

ايسڊ فاس Acid Phos 30: هلڪي قسم جو بخار.

**بخار جا ڦلوڪٽا Fever Boils**

نيٽرم ميور Nat mur 200: بخار جي ڦلوڪٽن جي شاندار

مقدار ۾ پاڻي پيئي.

**يوپي توريم پرف Eupetorium perf 200**: ڊينگي بخار جي لاءِ شاندار دوا آهي، درد ڳهرو هڏين تائين هُجي، الٽي ۾ بي چيني.

**رستاڪس Rhustox 200**: گردن توڙ بخار جي لاءِ جڏهن مشڪن ۾ تڪليف هُجي تہ ڏني وڃي.

## شديد بخار۔ تيز بخار High Fever

**بيلاڊونا Belladona 200**: تيز بخار خون ۾ زهر نہ هُجي، جلندار چپڙ وارا ٻاڦ جيان، گرمي، هٿ پير برف جيان سرد، اُڃ نہ هجي.

**وريٽرم ورائيڊ Veretrum Veride**: تيز بخار تبديلين وارو يعني ڪڏهن شديد بخار ۽ ڪڏهن گهٽ بخار.

## انفلوئينزا Influenza

**آرسينڪ البم Arsenic Album 200**: انفلوئينزا جي لاءِ چوٽيءَ جي دوا آهي، جيڪڏهن بغير سوچي سمجهي بہ ڏني وڃي تہ 95 فيصد ڪيسن ۾ درٻَر وقت فائدو ڪندي آهي.

**سلفر Sulferm**: هي هڪ عمل انگيز دوا آهي جيڪا انفلوئينزا ۾ ڪڏهن نہ وسارڻ کپي، جيڪڏهن بخار 48 ڪلاڪن ۾ نہ لهي تہ صبح جو 200 طاقت ۾ ڏني وڃي يا تہ مڪمل طورتي ٺيڪ ٿي ويندو مريض يا ٻي دوا جو رستو صاف ٿي وڃي.

**جيلسيمير Gelsimium 200**: فلو جي ابتدا ۾ ڏني وڃي، هن ۾ شديد سردي، نشون، چيلهہ ۾ سُور، چهرو سُرخ، نَڪ مان پاڻي جو اخراج، پنن جو مُستقل سور اُڃ نہ هُجي.

**يوپي توريم پرف Euopitorium Perf 200**: بخار، سردي

اوڪارن جي لاءِ مفيد آهي، هڏين ۾ گهري تڪليف، اڃ معلوم نہ ٿئي پر پاڻيءَ جو ذائقو نمڪين تيل جهڙو ذڪام نشن سان گڏ. جسم خشڪ.

ڪالي بائيڪرو ميم Kalli Bichromium 200: بخار ڪانپوءِ ڪنگهہ جيڪا ڦڦڙن ۽ ڇاتي ۾ تڪليف پئدا ڪري، جسم تي پگهر اچي، خشڪ ڪنگهہ. چنبڙڻ وارو بلغم. تارون ڇڪيل، تاردار بلغم. ڪمزوري.نڪ جي، بلغمي جارين جي، ڦرڙيون نڪ جي، پاڙ ۾ خشڪي، تڪليف سخت، مواد جو جمڻ.

نيٽرم سلف Natrum Sulf 200: هي دوا پاڻي انفلوئينزا جي لاءِ مخصوص آهي.

رسٽاڪس Rhustox 200: لڳاتار سردي لڳڻ سان گڏ فلو جهڙي تڪليف. جسم تي ٿڌو پاڻي ڪرايو وڃي جيئن وريدن ۾ ٿڌو خون جڙ گردش ڪري، ٻانهن ۾ سُور سان گڏ بيچيني، هيڏي هوڏي حرڪت ڪري جنهن سان ان کي افاقو ٿيندو آهي. ٽڪنڊي چوٽيءَ سان زبان خشڪ ۽ لال، سُرخي واري ڪنگهہ.

ڊلڪمارا Dulcamara 200: انفلوئينزا، اکيون ڇڙيل، مشڪن جي ڏکڻ، ڪنگهہ تڪليف دهہ نميءَ جي ڪري گرم يا ٿڌي موسم ۾ تبديلي تي وڃي.

ڪاسٽيڪم Causticum 200: تيز بخار، ڳاڙهو چهرو سردي نہ لڳي، شديد ڪمزوري بستر تان مشڪل اٿي سگهي، نڪ بند. ذڪام پرپور پاڻيءَ وارو ڳلو ويٺل، خشڪ ڪنگهہ 1M ۾ ڪارايو.

ڪارڊوس ميريناس Cardus marinas 30: جڏهن جگر متاثر ٿي چڪو هجي تہ فلو جي لاءِ.

انفلوئينزينم Influenzinium 200: هي هڪ نوسوڊ

آهي (بيماري جي مواد مان تيار ٿيل دوا) هي دوا بطور عمل انگيز ڏني وڃي، جڏهن چڱي طرح مُنتخب دوائون ناڪام ٿي وڃن. هي وبائي فلو ۾ بطور حِفظ ماتقدم طورتي ڏني وڃي.

ڪاربوويج Carbo_Veg 200: هي دوا انفلوئينزا کانپوءِ اثرات يا علامتن جيئن تہ ڪمزوري، طاقت جي گهٽتائي، برانڪائيٽس جي تڪليف تري ۾ جلڻ جڙ ڳاڙها مرچ پيا هُجن.

امونيم ڪارب Amonium Carb 200: انفلوئينزا کانپوءِ کنگهہ، جڏهن تہ برائي اونيا ۽ ٻيون دوائون ناڪام ٿي ويون هجن، اهڙي کنگهہ جي لاءِ پهريان امونيم ڪارب ڏني وڃي.

بيپشيا Baptisia 200: وبائي انفلوئينزا مدهوش چهرو مٿي ۾ سُور اکيون اندر ڳلو ڏکي، تمام جسم ۾ ڏکڻ ۽ سُور شديد ڪمزوري، مَدهوش، احمق لڳي، مدهوشي، مشڪل سان جاڳي.

لائيڪوپوڊيم Lycopodium 200: انفلوئينزا کانپوءِ ڪمزوري، ڪم ڪار نہ ڪري سگهي، هي دوا انفلوئينزا جي رهيل تڪليف ۽ ڪمزوري کي دور ڪري ڇڏيندي.

جيلسيميم Gelsimium: غنودگي سستي، ڪنڌ تي بخار جو اثر، نہ اڃ، نہ بک، ڇپر ۽ اکيون کولي نہ سگهي، پگهر لڳاتار.

ڪالي فاس Kalli phos 30: بدبودار اخراج، ريح ۾ بدبو ، معدو خراب، لاڳيتو بخار.

## مدي جو بخار


### ٽائيفائيڊ فيور Typhoid fever

ٽائيفائيڊ بخار کي آندن جو بخار سڏيو ويندو آهي. آندن جي بخار جي شدت ۾ ڪمي يا گهٽتائي ڪونہ ٿيندي آهي، هن بخار ۾ نبض بہ بخار سان گڏ وڌندي آهي 10_12 ضربون وڌيڪ هٽندي



# Typhoid fever





Infectious Disease

آهي، هڪ درجو (1 Degree) بخار وڌڻ ۾ صرف صُبح جي وقت 2 ڊگريون (2 درجا) بخار هتندو آهي ۽ زبان تي مختلف قسم جو تهه جمي ويندو آهي، اڪثر ڪري هن جو مدو 21 ڏينهن هوندو آهي ڪڏهن ڪڏهن اهو 14 ڏينهن تائين به اچي ويندو آهي ۽ ڪڏهن وري 40 کان 42 ڏينهن تائين رهندو آهي ۽ ڪو وري مُدي جو بخار 7 ڏينهن تائين هلندو آهي، جيڪڏهن بخار ۾ قبضي آهي ته اها هڪ فائدي واري علامت آهي. پر دست باعث تڪليف هوندا آهن، ايلوپيٿيءَ ۾ ته 4-5 ڏينهن ۾ علامتون بخار جون ته گھٽجي وينديون آهن پر ٻيون تڪليف ظاهر ٿينديون آهن، هوميوپيٿي دوائون محتاط ۽ خاص علامتن جي بنياد تي تجويز ڪيل بهتر فائدو ڏين ٿيون ۽ ٻيون تڪليف ده علامتون به نه ٿيون ايرن.

مدي يا آنڊي جو بخار جيڪو هڪ جراثيم نالي Salmoniltety کان ايندو آهي.

**مرض جو سبب** Cause Of disese

گندي پاڻيءَ جو واپرائڻ، پاخاني بعد هٿ جو صاف نہ ڪرڻ صحيح طريقن سان، روزمره ۾ اڻ صاف تيل شيون استعمال ڪرڻ ڦتل ۽ خراب خوراڪ ۽ شيون واپرائڻ وغيره.

## Symptomsعلامتون

آهستي آهستي مٿي جي سُور سان جسم ۾ سُور ٿڪاوٽ، بيقراري، ڳلي ۾ سُور بک جو نہ لڳڻ، زبان ڍڪيل ۽ اڪثر هڏن ۾ سُور ۽ مسلسل بخار جو رهڻ، ڪنهن بہ طرح بخار نہ لهي. اڪثر ڪري جوانن ۾ قبضي پر دست ۽ الٽيون ننڍين ٻارن ۾ ٿينديون شروعات ۾ ۽ بعد ۾ بروقت علاج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ بخار وڌي ويندو آهي ۽ تري (Spleen) محسوس ٿيندي ۽ هفتي جي آخر ۾ تريءَ ۾ سُور ۽ نرم محسوس ٿيندي، قبضيءَ جي جڳهہ تي دست ۽ پيٽ وڌي ويندو ۽ سُور پيٽ جي هيٺين ساڄي پاسي محسوس ٿيندو. ڳاڙهن داڻن جو پيٽ تي نڪري پوڻ، رت وهڻ ۽ ڪاڪوس ۾ رت اچڻ، آنڊي ۾ سوراخ ٿي پوڻ، پيٽ ۾ شديد سُور خاص ڪري ٽين هفتي ۾ سنڌن جو سُور پنيءَ جي تڪليف، گردن توڙ بخار دل جي تڪليف، ڇاتيءَ جي تڪليف، ڊڪيءَ جي تڪليف، رت جي خرابي، پيشاب جو نہ اچڻ ۽ دماغ جون بيماريون وغيره.

## Treatmentعلاج

**Bryeonia_200 برائي اونيا:** هن بخار جي وڌي ۾ وڌي دوا آهي. ڳنڍ تي ننڍا ننڍا داڻا. ڇاتيءَ ۽ پيٽ تي ٻئي هفتي ۾ بخار لهڻ شروع ٿئي جڏهن اهي داڻا پيٽ تي اچي وڃن. برائي اونيا انهن داڻن کي ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. قبضي سخت ڪاڪوس، اڃ سيءَ بعد، گهٽي مقدار ۾ پاڻي واپرائڻ. جيڪا برائي اونيا جي خاص

علامت آهي. مريض بي آرام نہ هوندو آهي پر خاموشي سان هڪ پاسي ليٽڻ پسند ڪندو آهي. حرڪت باعث تڪليف هوندي آهي 30 طاقت بہ ڪان 3 دفعہ روزانہ استعمال ڪرائجي.

رسٽاڪس Rhustox 30_200 : علامتون برائي اونيا جي مخالف. مريض بي آرام بستر ۾ پيو پاسو ورائي، زبان تي تهہ (Coated) پر چوٽي ڳاڙهي.

بپٽيشا Baptisia 30_200 : مدرٽنڪچر (Mother tincture) دَوا جو هڪ قطرو ڏينهن ۾ 3_4 دفعہ تمام فائديمند آهي، هي بہ هڪ خاص دوا آهي ان مرض لاءِ هي دست تي فائديمند آهي، آنڊن جي حفاظت سان گڏ بين تڪليفن تي اثرانداز ٿئي ٿي. هي دوا بين علامتن رکندڙ دوائن سان گڏ بہ ڪارائتي سگهجي ٿي.

آرسينڪ البم Arsenic Album 30_200 : صفا شروعات ۾ مريض بي آرام بي چين ۽ پُرتشويش هوندو آهي، اڄ ٿوري پاڻيءَ جي پر ٿوري ٿوري وقفي سان ۽ سستي.

هيلي بورس ۽ هائيوسائميس Helliborus and Hyoscyamus: هي دوائون ان وقت فائديمند هونديون جڏهن دماغ بہ متاثر هجي. مريض تي هذيان ۽ بيهوشي طاري هجي.

جيلسيميم ۽ اوپيم Gelsemium and Opium : هي دوائون پڻ هن بيماريءَ ۾ ڪم اينڊڙ آهن. مريض کي ٿڪايل پاڻي ۽ کير ۾ پاڻي ملائي استعمال

ڪرايو وڃي جيستائين بخار هيٺ لهي، دير هضم کاڌو هفتي ٻن تائين بند رکجي.

## لاڪڙو (خَسِرو) Measles

هي هڪ وچڙندڙ (چوت) بيماري آهي، هي اڪثر بهار ۾



ايندي آهي، جيڪڏهن هڪ خاندان جي ٻار کي هي بيماري ٿي پوي ته سڀني خاندان جا ٻار جلدي ان ۾ مبتلا ٿي ويندا. حقيقي فطرت هن زهر (بيماري) جي اڻڄاتل آهي، زهريلو اثر هفتي ٻن ۾ رت ۾ شامل ٿي ويندو آهي ۽ بيماريءَ جي شروعات، نزلي، زڪام بخار ۽ کنگهه کان شروع ٿيندي آهي. 4-3 ڏينهن بعد چهري ۽ سڄي جسم تي ڳاڙها داڻا ۽ داغ ظاهر ٿيندا آهن ۽ بخار 102 کان 104 تائين وڃي پهچندو آهي، داڻن نڪري وڃڻ بعد بخار ڏينهن ٻن ۾ لهي ويندو آهي، پر کنگهه موجود رهندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ جو اثر ڇاتيءَ تي رهجي ويندو آهي، ڇاتي ساهه واري نالي جي سوج (Bronchits) ۽ ڦڦڙن جو بخار (Pneumonia) ظاهر ٿي پوندو آهي. تيز بخار، دست ۽ هنديا سنيون علامتون نہ آهن.

<u>ايڪونائيٽAconite 3x</u>: هي دوا شروعات ۾ ڏني وڃي جڏهن تہ، ڏڪڻي، نڪ اکين مان پاڻي ۽ بخار نظر

اچي. اچ، بي آرامي ۽ ڏڪڻي مريض محسوس ڪندو آهي.

بيلاڊونا Belladona 3x_30: چهرو ڳاڙهو تيز بخار شديد متي جو سُور نڙيءَ ۾ سُور بڙ بڙائي ننڊ ۾، اکيون ڳاڙهيون ۽ اچ.

پلسٽلا Pulsatilla 6_30: بغير اچ جي، کنگهه شام ۽ رات جو دست، پتڙا پاخانه (گهاٽي) ۽ گِهراي رنگ جا اخراج نڪ مان.

برائي اونيا Byonia 3x_30: اچ گهٽي پاٽي جي ڍگهي وقت بعد. دبيل دائن ڪي هي دوا باهر ڪيندي.

جيلسيمير Gelsemium: مريض سست، داٹا دبيل، ۽ تيز بخار.

فيرم فاس Ferum phos 6x: بيماريءَ جي سيني درجن ۾ ڏجي 3ڪان 4 دفعه بہ تڪيون گرم پاٹيءَ منجهه.

انتم تارٽ Antim tart 3x.6: جڏهن ڦڦڙ متاثر هجن. ساهه جي نالي جي سوج ۽ ڦڦڙن جي بخار ۾ (Pneumonia) ڦڦڙن جي جاري جي سوج ۾.

ماربلينم Morbilinium 30_200: هي دوا هر درجي ۾ واپرائي سگهجي ٿي هي بيماري اڪثر بارن جي آهي بہ ننڍيون گوريون احتياط جو ڪم ڏينديون. جيئن هن بيماري جي موسم شروع ٿئي. پلسٽلا Pulsatilla هفتي ۾ هڪ خوراڪ بہ ساڳيو ڪم ڪندي مانع يا محافظ جو.

## ماتا Small Pox

هي بہ تمام وچڙندڙ بيماري آهي، جيئن لاڪڙو آهي
۽ هي بہ ٻارن تي حملو ڪندي آهي جنهن جو مدو 9 ڪان
15 ڏينهن آهي.
بخار 105 درجي تائين ويندو آهي، 5_6 ڏينهن ڪانپوءِ هن ۾



بہ پوري جسم تي ڦلوڪڙا نڪرندا آهن. 5_4 ڏينهن ۾ سيني
ڦلوڪڙن ۾ پوڻ پئجي ويندي آهي. داڻا نہ صرف جسم تي پر زبان
وات ۽ نڙي ۾ اکين تي نڪ تي بہ جيڪڏهن داڻا هڪ ٻئي سان رلجي
وڃن تہ سمجهي تہ حملو ۽ بيماري خطرناڪ آهي. 12_10 ڏينهن ۾
اهي داڻا خشڪ ۽ پوڻ سُڪي ويندي آهي. جن ٻارن کي هن بيماريءَ
جي بچاءَ جا ٽڪا لڳل هوندا اهي هن کان محفوظ رهندا، پر
جيڪڏهن حملو ٿيندو بہ تہ معمولي نوعيت جو.

## Treatment : علاج

ٿن دوائن مان ڪابہ هڪ استعمال ڪرايو دوائون آهي.

Malandrenim 30  Variolinum 30.  Viccininum 30.

ڏينهن ۾ بہ دفعا ڏيو پر جيڪڏهن بخار بہ آهي تہ پوءِ ويڪسينشن جو مشورو ڏجي مريض کي.

ويرولائينم Variolinum 30: ٻارن يا وڏن کي هفتي ۾ بہ دفعہ ڏجي، اها حملي کان بچائيندي. شروعات ۾ بيلاڊونا بيپٽشيا Baptisia – Belladona ڏجي پر جي ڦقڙ متاثر آهن تہ وريٽرم ورائيڊ (Veretrum veride) تجويز ڪجي. جيئن ڦلوڪٽا ٻاهر نڪرن ٿوجا رسٽاڪس Thuja – Rhustox ڏجي. جيڪڏهن ڦڦڙ تي شديد حملو آهي تہ انٽم ٽارٽ (Ant: tart) ڏجي.

سارسينيہ Sarracenia: هر درجي ۾ ڏئي سگهجي ٿي ۽ هي نقصانن جي اصلاح ڪري ٿي. انٽم ٽارٽ Ant: tart ۽ مرڪسال Merc.saul جڏهن پوءِ ٻڌجي وئي هجي تہ ان وقت استعمال ڪجي. ڪڏهن پوءِ ۽ اخراجات مڪمل طور تي دٻجي ويندا آهن پر اهو سٺو سنئوڻ نہ آهي.

Camphora – sulfer يا Thuja کي ڏنو وڃي اهڙين حالتن ۾ جو اهي ڇهري جي داغن کان ڇوٽڪارو يا بچاءُ جو سامان مهيا ڪنديون. مريض کي سج يا بجليءَ جي روشنيءَ کان بچائجي، ڳاڙها پردا ۽ ڳاڙهيون بتيون استعمال ڪجن. مريض جا اخراجات يا ڪپڙا جلد ۾ صاف نہ ڪٽجن جيستائين اهي خشڪ نہ ٿي وڃن. شديد خارش جي صورت ۾ (Olive Oil) استعمال ڪجي. ڪڏهن ڪڏهن چمڙيءَ جون بيماريون ويڪسين ڪرڻ بعد ۾ ظاهر ٿينديون آهن. ان لاءِ Thuja ۽ ڪالي مير Kallirinur بهترين آهن.

***

# باب: ويهون

## ميٽريا ميڊيڪا

اُهي آزمايل دوائون جيڪي روزاني ڪم ايندڙ آهن. مون ڪتاب ۾ به آزمايل ۽ ڪليدي علامتن کي نظر ۾ رکندي مختصراً دوائن بابت ان ڪري ئي هڪ باب شامل ڪيو آهي، جيئن هڪ دفعو وري ورجاءِ تي سگهي ڇاڪاڻ ته هڪ پريڪٽشنر (Practionar) لاءِ ميٽريا ميڊيڪا متعلق ڄاڻ هئڻ ايترو لازمي آهي، جيئن زنده رهڻ لاءِ پاڻي، اهڙي طرح مُعالج کي به دوائون ۽ انهن جي مزاج مطابق شناخت هجڻ ضروري آهي.

هوميوپيٿڪ دنيا ۾ تمام گهڻيون ميٽريا ميڊيڪا (Mataria Medica) لکيون ويون، اهو هڪ الڳ بحث تي ويندو پر منهنجي نظر ۾ اهائي ميڊيڪا ميڊيڪا وڌيڪ ڪامياب هوندي جيڪا مريض جو ڪُلي طورتي طبيعتاً مزاجً احاطو ڪري، ذهني ۽ جسماني علامتون، مزاج، طبيعت کي ظاهر ڪن. انتهائي ڪوشش ڪئي اٿم ته ان کي مختصره ۽ جامع بڻائجي جيئن ته مان پاڻ ميٽريا ميڊيڪا جو شاگرد ۽ ساڳي وقت هڪ ڪاليج ۾ استاد پڻ آهيان ان ڪان علاوه روزمره معالجات ۾ جيڪي ڪتاب نظر مان گذرن ٿا دوا ۽ مريض جي ميلاپ ۾ ڳانڍاپي کي ملائيندي هڪ قوس قزه نهي وئي آهي. گهٽي اميد ته پڙهندڙ دوست هن مان تمام گهڻو لاڀ حاصل ڪندا اهو انڪري ته جيڪڏهن هوميوپيٿيءَ کي سمجهڻو آهي ته مريض ۽ دوا ٻنهيءَ کي مڪمل طور تي سمجهڻو پوندو. دوا هڪ رستو ۽ مريض به هڪ علامتي رستو آهي، انهن جي صحيح ميلاپ سان ئي

ڪامل ۽ مستقل شفا ملندي ڊاڪٽر يا معالج ڪيڏو بہ ڏاهو ڇو نہ هُجي، دوا منتخب ڪرڻ ۾ ٿورڙي بہ غلطي شفا کان گھڻو گھڻو پري ٿي ويندي، ان لاءِ گذارش رکڻ جو مقصد اهوئي آهي تہ جيترو ٿي سگھي تہ ميٽريا ميڊيڪا ۽ دوائن دسترس حاصل ڪيو جيئن مريض کان تڪليف (History) معلوم ڪندي اوهان صحيح دوا تائين پهچي وڃو اهو ممڪن ٿي تڏهن ٿيندو جڏهن دوا اوهانجي دماغ ۾ سمايل هوندي، مختصراً دوائن جو احوال ڏنوئي انڪري اٿم تہ جيئن اوهانکي ڪا مشڪل پيش نہ اچي ۽ ڪتاب مان ٿي توهان جي دوا متعلق اُڃ اڃهامي وڃي ۽ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي نہ رهي ۽ ڪتاب پنهنجي مڪمل هجڻ جو ثبوت فراهم ڪري سو اڇو تہ انتهائي اهم دوائون جيڪي هن مختصرا ميٽريا ميڊيڪا ۾ ڏنل آهن ڪي پڙهون سمجهون ۽ ساهہ ۾ سانڍي ڇڏيون جيئن ڪو بہ مرض يا مريض هڪ هوميوپيٿ جي دست رس کان ٻاهر نہ هُجي.

ايڪونائيٽ نيپ Aconite Nap: ذهني ۽ جسماني بيچيني، شديد ۽ اچانڪ بخار سان گڏ تڪليف. ٿڌي خشڪ هوا کان پئدا ٿيڻ واريون شڪايتون يا شديد گرم موسم جون شڪايتون، شريانيون تاڻيل، انتهائي خوف ۽ تشويش، انديشا ۽ خوف موت جو خوف، مستقبل جو پئو حمل ۾ خوف، نَڪَ جي پاڙ ۾ سُور، بوءِ جي حس جي کبي طرف، اعصابي سُور، وات خشڪ. مهارون سوزش زدهہ ۽ زبان تي سُفيد تهہ، نڙي خشڪ ۽ ان ۾ چڪ. الٽي خوف سان گهٽي پيشاب سان گڏ پگهر، پاڻيءَ کان علاوه هر شيء جو ذائقو ڪڙو، شديد اُڃَ، قولنج (Colic) ڪنهن بہ پاسي آرام نہ اچي، پيٽ ڇهڻ سان حساس، ڪاڪوس مروڙ سان جيئن پيتاڙيل سبزي هُجي، پيشاب ٿورو ڳاڙهو گرم ۽ سور سان . بيچيني ۽ رڙ سان پيشاب بند، حيض

خوف يا سردي سبب دبيل، خشڪ ڪنگهہ، قاتل آواز ساهہ جي تنگي رات جو خاص ڪري اڌ رات جو دل جو تيز ڌڙڪو، ڪڇي ڳلهي ۾ سُور اختلاج تشويش سان گڏ. خاص ڪري آڱرين ۾ سرڪو نبض پرپور سخت. هٿن پيرن ۾ سُن پڻ. هٿ گرم پير ٿڌا. تشويش ناڪ خواب، ٻاجهري جهڙا داڻا، بخار ۾ سرديءَ جي لَهَرَ. اُڃَ ۽ بيچيني هر حال، بيچيني ۽ خوف ايڪونائيٽ جي سڃاڻپ آهي.

## آرنيڪا Arnica:

ميٽريا ميڊيڪا جي مشهور دوا جيڪا ڌڪ، زخم ڪرڻ لاءِ تجويز ٿيندي آهي، ڪائڻ ۽ زخم تي لڳائڻ جي دوا، ڪتي جي چڪ تي لڳائڻ ۽ ڪائڻ لاءِ سخت نقصاندهہ آهي، هن دوا جي سڃاڻپ ڏکڻ آهي، ٽائيفائيڊ ڪانپوءِ ڪمزوري ڪان جسم جي ڏکڻ ۽ بستر جو سخت محسوس ٿيڻ، سرجريءَ بعد (Surgery) مُتعلقہ عضووي جي ڏکڻ، ڳنٺيا جي ڏکڻ، بلڪ ذهني ۽ نفسياتي صدمي ڪانپوءِ دل جو ڏکڻ، قدرت هن دوا ڪي جبل تي ان لاءِ پئدا ڪيو هيو تہ اتي ڪرندڙ ترڪندڙ زخمي ٿيندڙ ماڻهن ڪي ڪم اچي، مٿو گرم جسم ٿڌو شيون بہ نظر اچن (Retenia) ماڻ اخراج خون ۽ اک جي عضوون جي فالجي حالت لاءِ مفيد آهي، وات مان ڪني آني جهڙي ساهہ ۾ بوءِ، ڏيرو چهرو تشنجي ڪنگهہ، دل جو سور (Angina) ڏکندڙ ڳنٺيا جا سُور چهري تي داڻا، موهيڙن لاءِ فائديمند دوا. ڌڪ، وضع حمل، معدي جي بخار سرجري (آپريشن) اک ۽ ڳنٺيا (Gout) لاءِ فائديمند دوا آهي.

## بيلاڊونا Belladona:

جلڻ، سوزش، ڳاڙهاڻ، هذيان (Delirium) هن جون بنيادي خصوصيتون آهن. (Calc.Carb) جي معاون دوا آهي، هن جون

تڪليفون اچانڪ شروع ٿي ختم ٿي وينديون آهن. بخار ۾ پيون علامتون شدت سان هن جون خاص نشانيون آهن. هي خون خاص ڪري (وريدي نظام) دل. ڦڦڙن. دماغ ۾ نظام اعصابي سان ويجهو تعلق رکي ٿي. تارا ڦليل. اک اُس برداشت نہ ڪري سگهي. شديد ٿڪاوٽ. مٿو گرم ننڊ دوران جهٽڪا. نڙي خُشڪ ۽ ڳاڙهي. چمڙي گرم ۽ سُرخ. مٿي ۽ چهري طرف رت (خون) جو زور ڪنڌ جي وڏي شريان (Artery) جي ٽپڪڻ. پيشاني ۾ سور ٽپڪڻ Pain Throbbing ڳاڙهو بخار. شديد ترين هذيان ڪنڌ جامي غدودن جو ورم ۽ گول بافتن سان ويجهو تعلق آهي. بيلاڊونا جو هن دوا ۾ ڪلڻ جا دؤرا. حس تين بڌڻ جي طاقت وڌيل. ڪنن جو وهڻ. دهشت انگيز خواب ۽ فساد جا خواب. ڪنهن راهگير کي قتل ڪري ڇڏڻ جو وهم هن کي لفظ (Birds) سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي جيئن Buring, Inflamation, Redness, Delerium and Spasm.

## برائي اونيا Bryionia

ڊاڪٽر نيش (E.B. NASH) هن دوا جو تعارف 6 لفظن ۾ ڪرايو آهي، حرڪت ۾ اضافو ديائڻ سان زور ڏيڻ سن آرام. خشڪي. هي دوا هڪ هزار طاقت ۾ چيلهہ جي سُور ۾ اڪسير ثابت ٿيندي آهي. چيلهہ جي مٿان ڀُنيءَ ۾ سُور ۾ شافي آهي. خُشڪي جو اهيو عالم جو چَپ خشڪيءَ سبب ڦاٽي پون. نڪ جي خشڪيءَ ڪان نڪهير. نڙيءَ جي خشڪيءَ ڪان کنگهہ. ڦڦڙن جي رطوبتي جاريءَ جي خشڪي (رطوبتي غلافي ۾ منتقل ٿيڻ سان) پليورسي (Pluericy) معدي جي خشڪي ڪان اُڄَ. آنندن ۽ مقعد جي خشڪيءَ ڪان قبض هن جو بنيادي علامتون آهن. اهڙين شين جي طلب جيڪي نہ ملي سگهن. بستر تان اٿڻ وقت حرڪت ڪان چڪر

۽ مٿي جو سُور استري ڪرڻ سان ڇهرو گرم ۽ ٿڌي پاڻي ۽ قبضي ۽ سبب مٿي جو سُور ڏندن جو سُور هڪ ڪان ٻئي يا مٿي ۽ ڳٽن ۾ گُهٽُون هڏڏڙ سور معدي ۽ آنڊن جي سوزش. فضلو (پاخانو) گهري رنگ جو سخت ۽ سڙيل. پستانن جا ڳوڙها. جن جي شروعاتي ڪيفيت دَم ۽ تشنجي ڪنگهه ۽ سيني ۾ چُوندبين پائڻ جهڙو سُور پير ۽ گوڏن جي جوڙن جو سُور ۽ ورم. خسرو ۽ ٻيڻ دائن دَبجڻ ڪان ڪنگهه ۽ ٻيا عرضا. سَندَ جي ڏَڪَ ۾ آرنيڪا ناڪام ويندي آهي پر Bryionia فائديمند ثابت ٿيندي آهي.

ڪيموميلا Chammomella: هن دوا جي علامتي صداقت جو اهڃو حال آهي تہ راقم جي ٿان ڪڏهن بہ اج تائين ناڪام ناهي ٿئي. نرم خو مهذت متحمل ۽ ٿڌي ذهن واري مريضن جي لاءِ هرگز مُناسب ناهي، هي خصوصاً ٻارن ۾ ڪم ايندي آهي جيڪي ضدي اڙيل. چيڙاڪ. تنڪ مزاج. تندخو غير مهذب. ترش جواب ڏيڻ وارا. جهڳڙالو ضدي ۽ غير مُتحمل هُجن انهن جي عارضن ۾ اڪسير آهي، کير پيئندڙ ٻار بلخصوص ڏندن نڪرڻ دوران ساون ۽ بدبودار دستن لاءِ خاص دوا آهي، هڪ رخسار ڳاڙهو ۽ گرم ٻيو ٿڌو ۽ زرد ڦڪو ٻار جهوليءَ ۾ لوڏڻ سان خاموش. دردن جي لاءِ برداشت نہ هجي، حساس. ڏندن جو سُور گرم مشروب کان تڪليف. ٻچہ داني (Uterus) مان گهري رنگ جو خُون ۽ زچگي (Labour) جهڙو سُورُ نڙي ۾ سَرڪو ۽ ڪنگهہ پيرن جي ترين ۾ رات جو گرمي. رات جو جان ۾ سُور پيٽ ۾ آڦري ۽ ريامي سُور ناقابلِ برداشت اعصابي سُور چيلهہ ۾ سور شديد ۽ ڪنڌ جي رڳن ۾ سختي، جيڪڏهن مريض اڙيل آهي تہ ان لاءِ (Chammomella) لازم آهي.

يوپي ٽوريم پرف Eupetorium perf:

نشه باز تڪيل جسم واري ڪُراڙن ۽ انهن مريضن جي لاءِ جيڪي صفراويءَ واري بخار ۾ مبتلا ٿي پون. جسم پوري ۾ درد خاص ڪري هڏن ۾ (Bones) پُٺي (پشت) سيني ٻانهن ۽ ٽنگن جي هڏين ۾ خاص ڪري ڪارائيءَ ۾ شديد ڏکڻ وارو سُور. زڪام ۾ اکيون سُور ڪن. چڪر ڪِني پاسي ڪرڻ جي حِس. 9 بجه صبح جو بخار جو اچڻ. اها ڪيفيت ٻهرين ڏينهن ٿيندي آهي پر ٻي ڏينهن تي بخار پيپهريءَ جو اچي. سرديءَ ڏڪڻيءَ دوران هڏين جو شديد سُور. پاڻي پيئڻ سان سردي ۽ الٽي (Vomting) نه اچهامڻ واري اُڇَ. مليريا (Malaria) ۽ زڪام (Influenza) معدي ۽ جگر. ساه جي نلين جي ڄارين (Mucus Menebrend) جي شڪايت. هر ستين ڏينهن متي جو سُور. سائي رنگ جا پاڻيءَ جهڙا اسهال (دست) هڏڪيون. سينو ڏکي. ڪنگهه ۽ زڪام سان نشون. پراڻي بلغمي ڪنگهه سان سيني ۽ متي ۾ جهٽڪا. سنڌن جي ڳنيياوي سوزش. حد کان وڌيل بيچيني جو مريض سڪون سان ويهي نه سگهي. اوڪارا ڪاڏي جي بوءِ ۽ ان ڪي ڏسڻ سان. ٿلودي آئسڪريم جي خواهش. اُڇَ ٿڏي پاڻيءَ جي (Dangue Fever) هڏ ڀڃُ بخار.

**نوٽ:**۔ هر صبح جو متي جو سُور اوڪارا. هڏين سان سفلسي سور هن دوا جي اهم علامت لکي وڃي ٿي.

**يوفريزيا Euphrasia:**

Euphrasia ڪي جيڪڏهن Eye_Freshia سڏجي ته به هرج ڪونهي ڇاڪاڻ ته هن ۾ اک جون علامتون هر دوا کان وڌيڪ واضع ۽ صاف هجن ٿيون. اک ۾ شديد اندروني خارش. پنبڻن جي سوزش. جنهن سبب ڪثرت سان ڳوڙها (Tears) اچن. اک ۽ نڪ جي نزلي واري حالت لاءِ بهترين دوا آهي. نڪ مان سادو ۽ اک مان

تيزابي پاڻي وهي (Alluim Cepa) جي برعڪس، بلغم بدبودار اک ۾ چٽنگن وارو نزلاتي سُور اک اُتڻ، هر وقت ڳوڙهن جو وهڻ، پنبڻن ۾ جَلڻ ۽ سوز (Worm) گهاتي ۽ زخمي ڪرڻ واري رطوبت جو اخراج (Cornea) تي ننڍڙو قلوڪٽو دُنڊ، مٿي ڇَپر جو فالج، پچو نڪرڻ ۽ (Psolapre of Recturn) ۽ قبض، اکين جي تڪليف سان گڏ حيض جي بندش، حيض صرف هڪ ڏينهن يا هڪ ڪلاڪ، حيض سور وارو، غده قدامية Prostasli جي سوزش، ڪنگهه سان گڏ سُڪي ڪنگهه جيڪا صرف ڏينهن جو هجي، نڪ جي ساڄي طرف زخم.

نوٽ:_ نڪ ۽ اک ۾ ان اخراج ۾ هي ايلم سيپا جي ابتڙ دوا آهي.

**جيلسيميم Gelsimium:**

هن دوا ۾ 3D پاتيون وينديون آهن جيئن: (1) (Dullness) (2) (Dizzness) (3) (Drowsiness) ۽ هڪ وڏيڪ علامت Trembling لرزو ڏڪڻ، هن ۾ Trembling ۽ Dullness عُضلاتي Musculr ڪمزوريءَ جو نتيجو هوندي آهي، عضلاتي ڪمزوري فالجي حدتائين، ارادي ۽ غير ارادي پئي عُضلا ڪمزور اکين جا پنبڻ وزني، غنودگيءَ جو غلبو اک جو اعصابي سُور پٺو ڏسي (شيون بيٽيون نظر اچن) عضلات چشم جي ڦڙڪڻ زبان ٿلهي ۽ ڏڪندڙ خراب خبر سبب (Rectum) مقعد جي عضلات جي ڪمزوري ۽ فالجي حالت ڪان اجابت جوعير ارادي اخراج ۽ دست (Diarrohea) مثاني جي فالجي حالت ڪان پيشاب بند، نشون صبح جو نبض (Pulse) سُست ڪراڙن جيان، چڪر ۽ ڪنڌ جي پاڙ ۽ اڏ مٿي ۾ سُور، لونڊڙيءَ جو سُور ڪنن تائين، نظر خراب

(Dephtheria) ڪانپوءِ فالج، نڙيءَ (Throat) ۾ جيئن ڪجھ اٽڪيل، حيض (Menses) تڪليف ده، بغير انگيز جي منيءَ جو اخراج (جريان) ساھ جي ناليءَ جو تشنجُ، عضلاتي ربَط جو فقدان ڪرنگھي (Spinal) سردي، هيٺ ڪرڻ ۾ هوائي حملي جو خوف دل جي بند ٿيڻ جي خوف ڪان مسلسل حرڪت ڪري، غم انگيز جذبات خراب خبر، اُس، طوفان، جنسي خودڪاري ڪان تڪليفون ٿين.

نوٽ:ــ هر قسم جي فالج لاءِ ڪارگر آهي.

ايپيڪاڪ Ipeacac: مُسلسل اوڪارا ڪنهن به تڪليف سان گڏ هُجن هي دوا Neumogastric Nerve تي ڪم ڪندي آهي، ڳاڙها چمڪدار خون جا جُزا گھٽجي وڃن ۾ اخراج خون ۾ سُرخ، بخار ۾ ٻنپ ڏئي سرخ خون نڪري جريان خون، تُنفس (Respuration) ۾ معدي جون علامتون، اوڪارن سان گڏ وات ۾ ٿُڪَ، چمڪدار بلغم، پيٽ هيٺ لڙڪيل، ڪاري ڪنگھ ٻار کي ساھ جي تڪليف، شديد سور جيئن هڏين جا ٽڪر اڏي ويا هُجن، غصي اذيت ۾ ذلت ڪان پئدا ٿيڻ واري عارضن لاءِ ڪارگر آهي، اڪين جو اعصابي سُور، ٿڏيون ۾ ناقابل هضم شين ڪان معدي جو نزلو، ساھ کڻڻ تي سيني تي بلغم جو آواز سيئي تي بوجھ ۾ تشويش، ساھ ۾ سيٽي (Whistle) جو آواز اوڪارا ۾ بغير الٽيءَ جي ڪنگھ، ڦقڙن مان خونُ، ننڍين ڇوڪرين ۾ اندروني عضوون جي سُوج، بخار ۾ ڇيلھ جو سُور واري جو بخار (Duedneum) ٻارنھن آڱر آنڊي ۾ رخم دَمُ (Asthana) ڦقڙن جي بادي ڦهلاءَ جي لاءِ ڪارگر آهي، پيچس ڪالرا، پتي جي پٿري ۾ سور ۾ جيڪڏهن اوڪارا هُجن تہ بهترين ڪم ڪندي.

**نوٽ:ـ** مليريا (Malaria) بخار ۾ اوڪارا ۾ الٽيءَ سان گڏ واحد دوا آهي. ڪونين جي ڪثرت سان استعمال بعد بهترين (Anti dote) دوا آهي.

**نڪس واميڪا Nux_Vomica:** مصروف زندگي، ذهن ۽ مزاج ۽ هاضمي تي جيڪي اثر پون ٿا انهن لاءِ هڪ بهترين دوا آهي، علامتون وسيع اٿس، علامتون بجاءِ مريض جي سڃاڻپ ياد رکجي ته وڌيڪ بهتر ٿيندو.

مريض حساس، سردي کان لنوائي، اعصابي، ويهن جو عادي، تماڪ ۽ مرچ مصحالي وارا کاڌا کائيندڙ سڪون آور دوائن جو ڪثرت سان استعمال ڪري ذهني دٻاءُ، رات جو وري شراب نوشي، تيز چيڙاڪ ۽ هاضمي جي خرابي وارو رفع حاجت سان تسڪين نه ملي.

تيز آواز يا شور تيز خوشبو تيز روشني برداشت نه ٿئي، شعله مزاجي ۾ عيب جُوئي، چڪر، اس کان مٿي جو سُور، روشنيءَ کان بيزاري بصري عصب جي لاغري، ڪن جو سُور، معصوم ٻارن جي نزلاوي ريزش، سُوسن سُون، رات جو نڪ ڪليل صبح جو بند. نڙي ۾ خارش، ٿڪ ۾ خون کاڌي کان پوءِ اوڪارا، پيٽ ۾ ڳوراڻپ، معدي تي دٻاءُ ناگوار کاڌي کانپوءِ ڪُجهه ڪلاڪن ۾ معدي جي منهن تي جيئن پٿر، سٽي ۾ مصالحه پسند. هاضمي جي خرابي، ڪاڪوس ٿورو ٿورو خارج ٿئي پاخاني بعد ڪجهه گهڙيون آرام. جنسي ڪثرت ۾ سٽي کاڌن بعد انزال ۾ جريان، حيض جلد يا دير پر بيقاعده، حيض درد انگيز ۾ ڪارو خُون، دَمُ، معدي ۾ ڳوراڻپ ۾ پراءُ جو احساس، ڪنگهه سان گڏ مٿي جو شديد سُور، پاسي ورائڻ سان چيلهه جي سور سبب اٿي ويهي پاسو ورائي، صبح جو 3 بجه اک کلي

پوي ۾ طلوع آفتاب کانپوءِ ننڊ اچي، جسم ۾ چمڙي گرم ويڙهيل ڪپڙو لاهي نہ سگهي، تشنجي دؤرن ۾ حواس قائم رهن، ٻارن ۾ وڏن ۾ زير ناف ڏُنَ جي ڪڇي طرف چِڻُ (Hernia) ۾ وڏي طاقت ۾ مفيد آهي، اهڙو قبض جنهن ۾ حاجت غير مڪمل.

**نوٽ:-** مرداڻي دوا آهي، جيڪڏهن عورتن ۾ اهڙيون علامتون ملن تہ Gratola گريٽولا ڏيڻ گهرجي.

**ايسڊ فاس** Acid phos (Phosphoric Acid): اهم مزاجي دوا خصوصي علامتن سان گڏ عمومي علامتن تي بدني جوڙ جَڪ مزاج ۾ ذهن تي ڪم ڪندي آهي، ٻار جيڪي جلد ئي قد آور ٿيندا وڃن، قَدُ تيزيءَ سان وڌڻ ڪري اڪثر جسماني توانائي، عضوون ۾ هڏن جي پرورش تي خرچ ٿي وڃڻ سبب ذهن ڪي توانائي ۾ طاقت گهٽ ملندي آهي، ان لاءِ ئي تہ چيو ٿو وڃي تہ ذهني ڪمزوري پهريان ٿيندي آهي ۾ جسماني بعد ۾ ٻار پڙهائيءَ کان لنوائي ذهني ڪمزوريءَ سَبب، جسماني طرح تہ ٺيڪ ٺاڪ پر ذهني سست ۾ ڪمزور رهندو آهي، ذهن ڪي غَمُ، صدمو ۾ زندگيءَ جي پريشاين جا منفي اثر پوندا آهن بي دردي ۾ لا تعلقُيءَ سان گڏ فڪري انتشار رهندو آهي، چڪر ۾ چيپاٽڻ وارو مٿي جو سُور بغير سُور جي پٺڙا دست هُجن، مگر دستن سان ڪمزوري نہ ٿئي، جسم مان ماده منويہ (مني، مذي) جي ضايع ٿيڻ جا خراب اثر، جنسي غلط ڪارين سبب جنسي ڪمزوري ۾ سُرعت انزال رهي، مشت ذنيءَ جو خيال ۾ هڪ رات ۾ ٻئي دفعہ احتلام، اک جي چوڌاري نيرو دائرو مٿي جا وار ڪرن ۾ سفيد ٿي وڃن، نڪ ۾ خارش، ٿڌي کير جي خواهش، ڏُنَ پرسان سُور رات جو پيشاب جي ڪثرت، بلغم نميڪين هجي ٿو.

**نوٽ:-** بوس و ڪنار دوران عُضوو ڍلو ٿي وڃي تہ 30 طاقت

۾ روزانو هڪ خوراڪ مفيد آهي.

**ايسڊ سلف Acid Sulf (Sulferic Acid)**: گندرف ۽ فاسفورس ٻنهيءَ جا تيزاب، معروف ۽ مقبول دوائن طور ڪم ايندا آهن. انهن ۾ سلفيورڪ ايسڊ زبردست جراثيم ڪش آهن. Staphyloco Cui ۽ Streptoco ccic انفيڪشن کي ختم ڪرڻ جي اعليٰ طاقت رکن ٿا. سرديءَ کان هٿن پيرن جو ڦاٽڻ (Gangrene) ڪاربنڪل، ڦرڙيون، سن ياس (Menopause) جي شڪايتن لاءِ مفيد آهي. جلدي بازي مزاج ۾ درد آهستي آهستي وڌي ۽ شدت جي پهچي ختم ٿي وڃي، ڌڪ لڳڻ بعد شيمڪ (Gangrene) جو خطرو بار ۾ وهنجڻ ۽ ڌوئڻ بعد بہ ڪتاس ۽ اهيو احساس تہ جيئن دماغ پيشانيءَ کان لڙڪي رهيو هُجي، وات ۾ ڦلوڪڙا ۽ بدبو، معدي ۾ شديد تيزابيت ۽ کٽيون اوڳرايون، ٿڌو پاڻي پيئڻ کان پيٽ ٿڌو نظر نہ اچڻ واري ڌڪڙي جيڪا مريض تہ محسوس ڪري پر ڏسڻ ۾ نہ اچي، جسم جي سوراخن مان ڪاري خُون جو اخراج، دماغ جو ڌڪ لڳڻ يا مٿو ڦاٽي پوڻ سبب پراڻي بدهضمي، جلڻ وارو بواسير، خون رسن جو ميلان، پراڻو دَم، هيٺن چيلهہ ۽ ٽنگن ۾ سُور عضلاتي آڪڙ، جنسي عضوون جي خارش ۽ لڪوريا.

نوٽ:ــ هن ۾ ڌڪڙي داخلي يا نظر نہ اچڻ واري جڏهن تہ ظاهري ڌڪڙي جي لاءِ Gelsimium بهتر آهي.

**ايلو مينا Alumina**: بلغمي ڇارين جي خُشڪي، عضوون جي نيم فالجي حالت، بدليل مزاج ۽ جلد بازي، ناسون ڦاٽل، سرخ ۾ زرد گينگا هُجن، پٽاٽا موافق نہ ٿين، پيٽ جي ساڄي طرف جي شڪايت، فضلو ڪاڪوس سخت خشڪ، نرم اجابت بہ ڏکيائي

سان خارج ٿئي، اجابت لاءِ زور لڳائڻو پوي، اجابت کان پهريان درد انگيز حاجت، پيشاب ڪرڻ لاءِ بہ ڪاڪوس ڪرڻ جيترو زور لڳائڻو پوي، حيض ٿورو زرد ۽ ٽڪائڻ وارو، لڪوريا شفاف تيز ڪٽڻ تائين وهي اچي، ڪنگهہ ڳائڻ يا ڳالهائڻ سان بہ بوقت صُبح، ڪنگهہ هلڻ وقت تيز ڪائي، تنگ تي تنگ رکي ويهڻ سان ڄنگهون ننڊ پئجي وڃن، ڪٽيون سُن، ننهن ڦاٽل، بستر جي گرمي ناقابل برداشت، خارش، پنيءَ ۾ گرم شيخون لڳڻ جو احساس، عورتن ۾ خُون جي ڳمي، چاڪ مٽيءَ ۽ ڪوئلي کائڻ جي خواهش.

**نوٽ:-** پراڻين بيمارين ۾ اڪثر ڪم ايندڙ دوا، لڪوريا ڪڙين تائين وهي اچڻ هن جي خاص علامت آهي.

**اينٽي مونيم ٽارٽ Antimonium Tart**: زندگيءَ جي دقتن، ڪوفتن، تڪليفن ۽ پريشانين جا بداثر، سيني ۾ بلغم ۽ ڪرڪي اخراج نہ ٿي سگهي، موت جهڙي سڪرات، غنودگي نقاهت ۽ پگهر ڳياڙيءَ نہ رڪجڻ واري لرزش، ميوو بلخصوص صُوف ۽ نارنگيءَ جي خواهش سان گڏ شديد اُڃ، ڪنگهہ ۽ ڦڦڙن جو استقسائي ورم، چيلهہ جو شديد سُور، ڊُمچي (Sacrem) تي وزن ۽ دٻاءَ جو احساس، چمڙيءَ تي پونءِ وارا داڻا جيڪي ارغواني سڻان ڇڏي وڃن، مٿي ۽ هٿن جو جهومڻ ۽ ڏڪڻ، اندروني لرزو ساهہ جي نالين ۾ بلغم جمع ٿيڻ سبب ساهہ جي گُهٽ، ٻارن ۽ ڪراڙن ۾ يا تہ بلغم جو گهڻو اخراج يا بلڪل بند، بلغم جي ڪثرت سبب اوڪارا، ٻار جهولي نہ ڇڏي نہ نپاسڻ ڏي نہ نبض ڏسڻ ڏي.

**نوٽ:-** ڪليدي نخط هن دوا جو اهيو آهي تہ بلغم سان سينو پريل جيڪو ساهہ ۾ گُهٽ ۽ ڪنگهہ جو سبب بڻجي.

**ايپس ملفيڪا Apis Melifica**: هي ماکيءَ جي مِکَ آهي،

لهذا ڏنگ لڳڻ جي ڪيفيت هن جو خاصو آهي، جلڻ چيڻ، ورم ڳاڙهاڻ، باهه جي جَلڻ ناقابل برداشت. هٿن جي گرفت (پڪڙ) ڪمزور رنج، غم، غصو خوف، حسدُ ۽ بغض، ڳوڙهن جي شڪايت اکين ۾ اچانڪ چيڻ وارا سُور نڪ خُرخ، ورم زدهه، وات سجيل چمڪيلو نڙي حلق ڳاڙهي ڪاڪڙو تمام گهٽو سُجيل. ڪليون ٽانڊي جيان ڳاڙهيون ۽ سُجيل، غذا ۾ کير جي طلب، ٻارن جا دست، پيشاب سان گڏ ڪاڪوس به نڪري وڃي، پيشاب ٿورڙو ۽ آخر ۾ جلڻ، ننڊ مان اچانڪ چرڪي پوي، اک جي هيٺين پنبڙيءَ جو ورم ۽ سوڄ، ڪلڻ سان ڪنگهه وڌي، ساڄي خيصءَ رحم جي ڳوٿري (Cyst) پنين جي رڳن ۾ خون جو ڳوڙهو ٻڌجڻ، پيٽ يا دماغ جو استقسائي، دماغ جي غلافي چارين جو ورم، پِت نڪرڻ، سيني تي بوجهه. جلڻ، آڱرين جو پورن تي داڻا، ڦرڙيون انهن ۾ جلڻ، ڏکڻ ۽ ٽپڪڻ، پيشاب جي بندش، مثاني جي سوزش، استقائي لحمي.

**نوٽ:ـ** فارميسي جي حساب سان هي دوا Apium کان مختلف آهي، هيءَ پوري ماکيءَ جي مک آهي جڏهن ته Apium انجي ڏنگ جي زهر مان ٺهيل آهي جنهن کي (Apisinium) به چوندا آهن.

**آرسينڪ البم Arsenic Album:** هي سينکيو آهي ۽ هن زهر کي دوا بنائڻ جو موڙ ڊاڪٽر هني مين ٻي مٿي آهي (هڪ هوميوپيٿڪ، ڪچلي، ڌاتوري، سينکني نه پر نانگن جي زهرن، ماڪڙين جي زهرن، ماکيءَ جي مک جي ڏنگن پر پوٽيشيم سائنائيڊ کي به دوا جي حيثيت م استعمال ڪرڻ جاڻڻ ٿا).

ٿوري محنت سان به شديد ٿڪاوٽ، اوچتو انتهائي ڪمزوري، بيچيني جلڻ، ٿورڙي ٿورڙي پاڻيءَ جي شديد اُڃَ، خوف،

دهشت، تشويش ۽ پرشاني ۽ اڌ رات جو مرض حملو هن جي سڃاڻپ آهي، مريض شديد بيچينيءَ سبب سمهڻ جو هنڌ مٽائيندو رهي، هڪ جڳهه انکي سڪون نہ ملي، اڪيلو ۾ جلڻ چوڌاري ورہ، اُسَ برداشت نہ ٿئي، نڪ مان جلڻ واري چلڻ وارو پاڻي هن جي خاص علامت آهي جيڪو ڪليل هواءِ ۾ وڌي، ڪاڏي ۽ ان جي بوءِ برداشت نہ ٿئي، جگر ۽ تري وڌيل، پاڻيءَ واربن سبزين ۽ ميوون مثلاً هنداڻي ڪان هاضمو خراب، پيشاب ۾ چربي، ماهواري جلدي ۽ گهٽي، بلغم گج وارو ۽ ساڄي ڦڦڙ جي مٿين حصي ۾ سُور، بخار تيز، ڪمزوريءَ سان انجو خاصو آهي، گرم جسم مگر ڍڪڻ چاهي ۽ مٿو نہ ڍڪي انکي ڪليل چڏي، خون جا ڳوڙها ٻڄڻ ۾ شافي دوا آهي.

**نوٽ:ـ** گرميءَ جي نسبت ۾ دوا (Secal cor) جو ضد آهي، اها دوا ٿڌي جسم ۽ ٿڌي چمڙيءَ تي ٿڌ گهرندو آهي، ۽ هي (Arsenic) گرم جسم تي گرم چمڙيءَ تي گرمي گهرندو آهي سواءِ مٿي (Head) جي.

**براٽتا ڪارب Baryta Carb:** باراٽائپ ۽ ڪراڙپ ٻنهي عمرين جي عارضن ۾ مفيد دوا آهي، سورا، ٽي بي، (Tuserclosis) جو ميلان رکڻ وارن ٻارن جي ٻالڪپڻ جي ابتدائي ۽ آخري ٻنهيءَ حالتن جي لاءِ انتهائي اهم آهي، ذهني ۽ جسماني هر لحاظ کان ڪمزور ٻارن جي دوا آهي، ننڍو قد ۽ هسٽريائي عورتون ۽ وڏي عمر واريون ڪنواريون عورتون انهن لاءِ ڪار آمد آهي، ڪراڙن جا عارضا، مثلاً غده قداميہ (Prostaste gland) ۽ خصين جي سختي ۽ وڌڻ ۾ فائديمند آهي، ذهني ۽ جسماني لحاظ کان "بونا" ننڍيا ماڻهو هن ۾ اچي ويندا آهن، جيڪي ٻار هلڻ دير سان سکن دير ۾ هلڻ ٺنگن ۽ هڏين جي ڪمزوريءَ سبب هجي تہ Calcaria Carb ۽

ذهني ڪمزوريءَ جي سبب هجي تہ Baryta Carb دوا آهي، هن دوا ۾ نشونما جي سست رفتاري ذهن ۽ جسم ٻنهي حوالن سان آهي، ڪن جو ورم ڪن جي چوڌاري غدود جي سختي، زڪام ۾ مٿين چَپَ ۽ نڪ جي سوڄ، ڳلي جي خرابي، هرسرديءَ ۾ ڪلين ۾ پونءِ پوي، پيٽ ڦلجڻ ۽ سختي ڪنڌ جي پاڙ ۾ غدودن جو ورم.

**نوٽ:-** ذهني ۽ جسماني نشونما جي سست رستاري، غدودن جو ورم ڳلي جي خرابي هن دوا جي سڃاڻپ آهي، ننڍي قد واري ٻارن کي دل کولي ڏئي سگهجي ٿي.

**بربرس ولگرس Berberis Vulgaris:** هي معروف دوا آهي، عام طورتي گردن جي داو تصور ڪئي ويندي هي، (Heiring) هن جون چار خاص علامتون بيان ڪيون آهن. پهرين تہ مقعد جو فسچولا (Fistula) جنهن سان گڏ چهرو ڦڪو ڳتا سُڪل، اکين اڳيان نيرا دائره، ٻيو پتي جي پٿري جو سُورُ. ٽيون نبض سُست ۽ ڪمزور يا پريل سخت ۽ تيز چوٿون حيض جي دوران ننڍي چيلهہ جو سُور، ڪلاڪ مطابق گردي ۽ جگر جا عارضا. ترڪيءَ جو سُور نمايان پتي ۽ جگر جو سُور ڪبي ڪُلهي تائين. اجابت ڪانپوءِ بواسير ۾ خارش ۽ جلڻ، گردي جو سُور ۽ پيشاب دوران پيشاب جي نالي ۾ ۽ مثاني ۾ شديد سُور، درد انگيز پيشاب جي شڪايت سان گڏ لڪوريا، درد انگيز حيض، ٿوري هلڻ بعد ٽنگن ۾ ٿڪاوٽ. ڳوراٽپ، سختي، ذڪڻ، جگر جا عارضا، سنڌن جا سُورَ خاص ڪري آڱرين جي جوڙن جو سُور، پيشاب جي شڪايت، حيض ۽ بواسير متعلق علامتون، هي دوا گردن (Kidneys) جي سوزش ۽ آڱرين. ننهن (Nails) جي اعصابي سور ۾ مفيد آهي.

**نوٽ:-** هن دوا جو تعلق چيلهہ، گردن ء (Uterus) رحم سان

آهي، هن جا سُور گھمندي جڳھہ بدليندا آهن. گردن ۾ بلبلا اٿڻ جو احساس.

**ڪلڪيريا ڪارب Calcarea Carb**: ڪجھہ ماهر هن کي سورا جي شاهہ دوا چوندا آهن ۽ ٻين جي ويچھو (Sulfer) جي شاهہ دوا آهي، منهنجي نظر ۾ گرم خون ۾ (Sulfer) ۽ سرد مزاج ماڻهن ۾ (Calcaria Carb) شاهہ دوا آهي، پورو صاف. گول مٿول، پلپلو غش ڪائڻ وارو ڊڄڻو ٻار هن دوا جي مزاجي نمائندگي ڪندو آهي. Fair, Fat, Flabby, Faint, Fear يعني 5 ايف هن دوا جون سڃاڻپ آهن. ذهني علامتن ۾ انديشہ مندي، خدشا، فراموشي، تشويش ۽ اڙٻل پڻ شامل آهن. بدبختيءَ جو خوف. غير معقول هُجڻ جو خوف ۽ ڪم ڪار ۽ محنت ڪان بيزاري شامل آهي، مٿي ۾ ٿڌ ۽ شديد پگھر (وهاڻي) تي پگھر جو داغ. اکين پرسان داغ. پتليون ڦهليل. ڪن مان پونءِ ۽ بلغم آميز مواد. ناسون زخمي (Polypus) موسم جي بدلجڻ سان ٿڌ لڳي، وات ڪتو چاڪ ڪوئلو پينسل ناقابل هضم شيون کائڻ جو رغبت. سٽي ڪان بيزاري، ڪليون ورم زده. پتي جو سُور ٻارن جا دست. انزال هرهر. حيض جلدي گھٽو ۽ دير تائين. لڪوريا کير جھڙو پير پنين تائين آلا ۽ ٿڌا. گردي جو سُور پيرن جا ترا ڪَڇا ۽ ڏکڻ هڏين جي نشونما بي قائده ۽ خراب. ڏاڪڻ چڙهڻ تي سَهڪو اندي کائڻ جي خواهش. ٻارن مان ڪتي بوءِ اچي، رات جو ڏند ڪوٽي، مٿي چڙهڻ يا مٿي کي گھمائڻ سان چڪر.

**نوٽ**:- هي دوا پچوٽري (Pitutory) ۽ ٿائيرائيڊ Thyroid تي ڪم ڪري (Harmones) جي خرابين کي دور ڪندي آهي. هن دوا جو مريض ٻاڻ کي قبض ۾ بهتر محسوس ڪندو آهي.

**ڪلڪيريا آيوڊائيڊ Calcaria Iodide**: هي دوا ننڍي

آهي مگر گهري اثر ڪرڻ وارين دوائن مان آهي، دق ۽ جسم جي ڳرڻ وارين بيمارين ۾ ڪم ايندي آهي، ڪينسر پستان جي ڳلتين (Breast Tumor) لاءِ مفيد آهي، ٻچي داني جي رسولين (Fibroids) جي تڪليفن ۾ ڪارگر آهي، وڌيل ڪلين جا غدود، نوبالغ عمر ۾ وڌيل (Thyroid) ٻار ڪي جلد ٿڌ لڳي، غدود وڌيل، نڪ جي پويان وارن غدودن لاءِ خاص فائديمند دوا آهي، حنجري، نڙي جي سوزش بندش (Croup) ۾ ڪارگر آهي، گهري ڪنگهہ ۾ بهترين ڪم ڪندي آهي، اپريل وريدن سان گڏ نہ نيڪ ٿيڻ وارا زخم جلد نيڪ ڪندي آهي، نمونيا ۾ بہ ڪارگر آهي، وڌيل ڪلين ۾ نڪ جي بدگوشت جي لاءِ بهترين دوا آهي، هڏين جي گهري (Infection) ۾ مفيد آهي، گوڏن جي جوڙن جي رطوبت پرجڻ ۾ مفيد آهي.

**ڪلڪيريا فاس Calcarea Phos**: هن دوا ۾ بہ وڏا دوائي عنصر ڪئيلشيم ۽ فاسفورس شامل آهن، ان لاءِ هڏين جي ويجهڙائپ اٿيس، هڏين جي نشونما سست، مٿي جي هڏين جا جوڙ ڪليل رهن يا بند ٿي وري لڪي پون، ٻار ڪمزور ۽ مٿي تي پگهر، خون جي گهٽتائي، ڏند مشڪل سان ۽ دير سان نڪرن، ٽٽل هڏيون خاص ڪري (Fracture) ۾ ڪارآمد آهي، خون جي گهٽتائي واريون اسڪول جون ڇوڪريون انهن لاءِ مفيد آهي. بورڪ Dr: Boerk سُن پڙ ۽ رينگڻ جي حسن هن جي خاص علامت بيان ڪئي آهي، دست آواز سان ۽ ريح سان خارج ٿئي، ريح بدبودار، حيض جي تاخير سان شديد مٿي جو سُور، ڪينٽ مطابق هن ۾ نشونما جي رفتار سُست ٻار دير سان هلڻ سکي، مقعد ٻچي داني ۽ نڪ جي موڪي لاءِ مفيد آهي، زندگيءَ جي ازيتين ناڪامين ۽ رنج ۽ غم جا مابعد اثرات جي لاءِ ڪارآمد آهي، جوڙ ٿڌا موسم جي آمد تي وڌي، دماغ ۾ پاڻي پرجي

وچي ۽ ورم سان گڏ گردن جي سوزش جي لاءِ خاص آهي. مقعد جي ناسور ۾ مفيد آهي. سوچڻ سان تڪليف ۾ اضافو.

**نوٽ:۔** سٺ ڏينهن اثر رکڻ واري دوا آهي. پراڻي ڪلين جي سوزش جي لاءِ اڪثير آهي.

**ڪاربو ويج Carbo _ Veg**: آڪسيجن جي گهٽتائي، ريح جي زيادتي، ڪرارن يا ٻارن جي دوا آهي جن ۾ توانائيءَ جي گهٽتائي ٿي وئي هجي، اهي ماڻهو جيڪي ڪمزور ڪرڻ وارن مرضن جي زد ۾ اچي ويا هُجن. جيڪي ڪنهن سابقہ بيماريءَ کان پوءِ سنڀلجي نہ سگهيا هُجن، اُهي دَمہ مرض ۾ مبتلا هجن. نئڻيپڻ کان کنگهہ ۽ خسرو ٿيو هجي، ڪنهن پراڻي ڏڪ زخم جي بداثر جو شڪار هُجن، جيڪي ٽائيفائيڊ بعد خرابي صحت جو شڪار هُجن، واري جو بخار اُس لڳي هجي يا جسم جون رطوبتون ضايع ٿي ويون هجن. حافظو ڪمزور، خيالن ۾ سستي، نڪ هير جا روزانو حملہ. ڪمزور هاضمو پکي جي خواهش، دماغي محنت کان مٿي جو سُور وار ڪرن، وات ۽ زبان تي ڦلوڪڻا. بالائي شڪم ۾ گئس جو زور خالي اوڳرايون. پيٽ جي آڦري، مقعد ۾ ٺمڻ نمي، هٿ پير سُن، گوڏن کان هيٺ ٿڌ. مهارن مان خون، ڏند ڍلا. خري ڪانپوءِ ڪن وهڻ، سيني تي بندش ناگوار.

**نوٽ:۔** ڊاڪٽر بليڪي هن ڪي (Heart failure) ۾ ڪارآمد آهي، هي دوا حالت نزع جي تصوير پيش ڪري ٿي. ريڪويگ مطابق (China) سان متبادل ڪرڻ گهرجي.

**ڪالوسنٿ Colosynth**: هن دوا جون 3 اهم ۽ پڪيون علامتون آهن. اول شديد اعصابي سُور، ٻيو ڦولنج (Colic) شديد جنهن ۾ مريض پيٽ جي ٻنهي هٿن سان دٻائي اڳي جُهڪي ويٺو تي وڃي، ٽيون کابي طرف جي عرق النساء، چيڙاڪ ۽ غصي وارا مريض.

وڏيڪ حيض ۾ نفشتي عادتن (ويهڻ وارا) واريون عورتون، اعصاب ۾ عضلات ۾ چڪ ۾ سڪڙڻ، پگهر ۾ پيشاب جي بوء، ڪنن ۾ آواز گونجي، وات جو مزو تلخ بک گهٽي، پيٽ ۾ جيئن پٿر بنيهان وجن، آنڊن جي ڏکڻ، پنين ۾ چڪ سان گڏ پيٽ جي تڪليف، پيچس ۾ (Jelly) جيان فضلو هجي، (Ovary) ۾ بيچيني سان گڏ برمي لڳڻ جهڙو سُور، ڪبي ڪُلهي جنگهه ۾ گوڏي جي جوڙ ۾ سُور، درد ڪي گرمي ۾ دٻائڻ سان آرام پهچي، ڪابي طرف ڪنڌ ڦيرائڻ سان چڪر، پيشاب جي هرهر حاجت. پيشاب جي نالي مان آني جي سفيدي جيان اخراج ۾ شديد جلڻ. عضلات ۾ ٻنڌڻ جيان ننڍا هُجن، مريض جلد ناراض ٿيڻ وارو خاموش، دوستن کان ٻري ۾ چڙچڙو رنج، غم ۾ غصو ۾ دست ڦزحيه جي سوزش، سبز موتيا.

**نوٽ:۔** ڊائڪوريا ۾ سور هن جي ابتڙ هوندا آهن سور اڳتي (قولنج) اڳتي جهڪڻ سان آرام.

**ڪونيم Conium:** هي زهر قاتل آهي، قديم يوناني اهيو ئي زهر پيئاري موت جي سزا ڏيندا هيا. سقراط کي بہ اهيو زهر پئياريو ويو هيو موت کان اڳ هن زهر جا جيڪي اثر بيان ڪيا ويا آهن اهي پوٽينسي (Potency) ۾ انجا اثر درست ثابت ٿيا. فالجي ڪيفيت تنگن کان شروع ٿي مٿين طرف وڌندا آهن، سيني تائين پُهچي، نظام تنفس کي برباد ڪري ڇڏيندي آهي ۽ موت واقع ٿي ويندي آهي، تنگن ۾ ڏکٽي درد انگيز سختي ۾ نقاهت پئدا ڪرڻ واري دوا، ڪر اڙپ جون علامتون زندگي جي پنهي حصن ۾ ڪارآمد دوا آهي. بيواهن، رنڙ ۾ ڪراڙي غير شادي شده مردن جي دوا آهي، جنسي افعال جي بهنات ۾ پرهيز جي منفي اثرن کي نيڪ ڪندي آهي، مٿي جي چڪرن جي عمده دوا آهي. ليٽڻ ۾ پاسي ورائڻ سان چڪر، اُس ۾

روشنيءَ جو خوف ۽ ڳوڙها وهن. سيني جي جلڻ ۽ اوڳرايون خاص ڪري بستر ۾ زياده هر اجابت ڪانپوءِ ڪمزوري وڌي وڃي. پيشاب جي ڏار تئي پوي. پستان وڏا ۽ سخت ۽ (Nipple) ۾ تيز چُڀڻ وارا سُور. سيني ۾ خارش. منجره جي هڪ خشڪ (Spot) کان خشڪ کنگهه غدود خاص ڪري خصين ۾ ڏک سان ڪينسر جي لاءِ ڪارگر آهي.

**نوٽ:ـ** مجامعت جي ڪثرت ۽ محرومي ٻنهيءَ اثرن کي زائل ڪري جنسي صهت بهتر ڪندي آهي.

**دائسڪوريا Dioscorea:** هر قسم جي دردن جي لاءِ مفيد آهي خاص ڪري شڪمي قولنج. پيٽ جو سُورُ جيڪو دُن کان شروع ٿي جسم جا تمام حصا ڦهلجي وَڃن. پيٽ جا سُور جيڪي هٿن ۽ پيرن جي آڱرين ۽ آڱوٺي ۾ منتقل ٿي وڃن. هي ڪمزور هاضمي ۽ وڏيڪ جاءِ پيئڻ وارا مريض. رياح جو زور پٽي جو سُور ۽ پٿري ڪڍڻ جي راهه هموار ڪندي آهي. فم معدي ۾ ٻڏڻ جا حساس. درد خيني جي هڏي کان ٻانهن جي هڏي تائين ويندا آهن. ڪوڙيون اوڳرايون هڏڪين سان گڏ. پيٽ جي سُور م اڳتي جهڪڻ سان اضافو عمودي حالت سڌي بيهڻ سان آرام. پيٽ جو سُور. پٺيءَ ۽ سيني ۽ ٻانهن تائين وڃي. گردي جو سُوران سان گڏ ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ سور بواسير هجي. صُبح اُٿي تہ دست. خصين تي بدبودار پگهر. گوڏا ڪمزور ننهن پورو پريل ڦاٽي پون. ساجي پاسي عرق النساء. کائڻ دوران ۽ بعد پيٽ جو سُور ۽ رياح جو زور آڱرين جي ڳلتي نما ڦرڙين جو آغاز ۾ جيڪڏهن استعمال ڪجي تہ ڪارگر آهي.

**نوٽ:ـ حيض جو سُور مخلتف طرفن ۾ وڌي. ريح جي مريضن ۾ (Angina) جهڙي سورن ۾ ڏيڻ گهرجي.**

**فيرم فاس** Ferum Phos: هي سشلر جي لوڻن (Bio_ Chemic) ۾ شامل آهي ۽ هوميوپيٿي جي هڪ اهم دوا آهي، سوزشي عمل جي ابتدائي درجي ۾ مفيد آهي، سوزشي بخار جي لاءِ ڪارگر آهي، سيني جي تڪليفن ۾ مفيد آهي، نمونيہ ۽ ٻارن جي (Bronchits) ۾ فائديمند آهي، 3x طاقت ۾ (Haemoglobin) کي وڌائيندي آهي، اجراءِ خون سُرخ ۽ چمڪدار، مٽي جي سُور کي تڏي پنين سان آرام، نڪهير جو خون چمڪيلو سُرخ، ڳائڻ سان ڳلو خراب، گوشت ۽ کير نہ وڻي، غير هضم شده غذا جي الٽي، رات جو پيشاب وهي وڃي، نمونيہ (Pnemomia) جو بلغم خالص خون سان، اوڳرايون ڪتيون، پيچس خوني ۽ انجي ابتدائي حالت ۾ ڏني وڃي تہ نهايت ڪارگر، شبانہ پگهر هن جي اهم علامت آهي. پتڙا خون آميز دست ۽ ڪن وهڻ، ڪن جي شديد درد ۾ آرام، ڏڪ ۽ پگهر ڏيڄي وڃڻ تا بداثر آپريشن کان پوءِ ڏکڻ خون وهڻ کي ٺيڪ ڪندي آهي، ڪنڌ جي عضلاتي آڪڙ ۾ فائدو ڏيندي آهي، جوڙ پر درد. پيشاب جي اچانڪ شديد حاجت روڪڻ سان خطا ٿي وڃي.

**نوٽ:**_ بخار جي ابتدا ۾ علاج شروع ڪرڻ جي لاءِ _Nux Vomica, Ipeacac, Ferum_phos ٽئي وڏيون دوائون آهن، هي حلق (نڙي) ڳچي جي سوزش ۽ بخار جي شروعات ۾ بهترين دوا آهي.

**گريفائيٽس Graphites: هي گهري اثر ڪرڻ واري دوا آهي، هي هڪ (Antipsoric) دوا آهي، چمڙيءَ جا مرض قبضي، اهي عورتون جن جو حيض رڪجي يا بند ٿي ويو هجي، سردي زده خوشن نما ڇهري واريون عورتون، چمڙي جي مرض ۾ اخراج ماکيءَ جهڙو گهاٽو چنبڙندڙ واد ۽ ملُو پلسٽلا آغاز جي جوانيءَ جي تڪليفن جي دوا آهي تہ اخسام جوانيءَ ڪراڙپ جي تڪليفن ۾**

گريفائيٽس عمده دوا آهي، موسيقيءَ کان روئڻ، موت جو خيال، جنسي بي ضابطگيون ۽ ڪمزوري، پاڻي ۾ پير پجڻ ڪري حيض رُڪجي وڃي، حيض ۽ حمڪ دوران اوڪارا ۽ اُلٽي، لڪوريا پچڪارين جيان ڏينهن رات، مجامعت کان بيزاري (عورتن ۾ پستان جو ڪينسر، زخمن ۾ پونءِ پوي، آڱرين جي وچ ۾ خارشي داڻا ۽ شفاف پتڙي رطوبتن جو وهڻ آڱرين جي وچ ۾ ۽ ڪن تي خارشي داڻا ۽ شفاف رطوبت جو اخراج، ڪنن ۾ سُوں لُڙ ۽ شور ۾ ٻڌڻ (سماعت) بهتر، پراڻو قبض، مٽي تي تارون وٽ جلڻ، داڻن (چمڙيءَ جا) جي ڏبجي وڃڻ بعد شديد بدبودار دست، کٻي طرف جا مرض، تاب ٽُرسي، جنسي استعمال، جنسي بدڪارين سبب نامردي، هٿن جو چنبل (Psoriasis) اندر گهريل ماس ۾ ننهن.

**نوٽ:**۔ انهن مريضن جي لاءِ مُفيد آهي جيڪي ڪڏهن ٿلها هُجن مگر هاڻي اُهي سُڪل ڏُبرا ۽ ڪمزور ٿي ويا آهن.

**هيپر سلف Heper Sulf**: هي هنيمين (Dr: Hannman) جي آزمائش شده گهري اثر واري (Anti_Psoric) ۽ (Anti_Syphlatic) دوا آهي، هن دوا جي پهرين خصوصيت اها آهي ته مريض سردي زده هوندو آهي، سخت گرمي برداشت ڪري سگهندو آهي، معمولي سردي برداشت نہ ڪري سگهندو آهي، جيڪڏهن رات جو سُمهندي هٿ پير ڪمبل يا ڪپڙي کان ٻاهر ٿي پون ته ٿڌ لڳڻ شروع ٿيڻ لڳندي آهي. ٻي اهم علامت اها هوندي آهي ته مريض زودحس (Sensitive) هوندو آهي. حساس هُجڻ جي ڪري مزاج ۾ چڙچڙاهٽ، ٺُنڪ مزاجي، ڪاوڙ عدم برداشت، تشويش، ٻاهر لڳائڻ جو خيال درد برداشت نہ ڪري سگهي، معمولي سور ۽ ڏک کان غشي ٿي پوي، کل (چمڙي) به حساس جلد پچي پوي، زخمن ۾ پونءِ پئجي

وڃي، سفلسي عارضا. وات مان بدبو نڙيءَ جي سوزش. ڪنگھ ۽ دَمُ ۾ بدبودار پگھر. ڪلين (Tonsils) جي سوزش. قصر سماعت ٿڌي هوا جو آواز ويهي وڃي. ڳيت وقت گلي ۾ ڪنڊو ڦاٿل هجڻ جو احساس. غذائي رستي ۾ تيزابيت. ننڊ خراب. پيشاب جي تڪليف وڏي وڃي (Prostaste) غدود جي سبب.

نوٽ:۔ المُختصر اهو تہ هن ۾ درد (سُور) هوا. ٿڌ ۽ مَس ڪان حساس (ڇهڻ) ۽ عدم برداشت.

**اگنشيا Ignatia**: ايلن (Allen kecy notes) ۾ هن جون 3 علامتون تحرير شده آهن. پهريون ڏکھا غم جا اثرات. ٻيو علامتن ۾ تنضاد. ٽيون تماڪ کان نفرت ۽ عَدم برداشت. هڪ لفظ (Moody) حقيقت اها آهي تہ اهي چارئي ڳالهيون پوري دوا جي تصوير آهن. هي دوا (Nervous) مزاج جي نرم خو آسانيءَ سان مشتعل ٿيڻ وارا مريض. زودحس عورتن جي مزاج مطابق آهي. اهڙي طرح جي مردن تي بہ هي دوا ڪم ڪندي آهي. ذهني ۽ جسماني طورتي ڪمزور حال ماٺهو آهي ۽ ٿڌا ساھہ. بي صبرو جذباتي. تنڪ مزاجي. طبيعت ۾ غصو تنقيد برداشت کان ٻاهر (Moody) سوچ ۾ گُم. خاموش ۽ روئڻو ذهني علامتون. تضاد جو اهيو حال جو ڪنن جو شور موسيقي ۽ شور ۾ بهتر. بواسير هلڻ سان بهتر. ڳلي جي ڏکڻ ڳيت ڏيڻ سان بهتر. پيٽ جو خالي پڻ کائڻ سان نہ وڃي. ڪنگھڻ سان ڪنگھہ وڌي. غمگينيءَ ۾ ٿڪ. نامردي ۾ جنسي خواهش بخار جي گرميءَ ۾ اُڃ غائب. سرديءَ ۾ اُڃَ. آرام سان ڇهري جو رنگ ڦري وَڃي. مزاج ڪڏهن کل تہ ڪڏهن روئڻ. عضلات جي ڦڙڪڻ نظر ڪمزور. مزو ڪٺو وات جو ڪلين جي سوزش. اجابت بعد مقعد ۾ چڪَ.حيض جو خون ڪارو. پڇو نڪري (مقعد) چيلھہ جو پراڻو سُور. نہ رڪجڻ واري

التي.

**نوٽ:۔** (حيرت) ۾ وجهي چڙهڻ وارو مريض ۽ انجون علامتون.

**ڪالي ميور Kalli_mur:** هي هيميوپيٿڪ دوا شُسلر جي لوڻن ۾ شامل آهي، ٻي درجي جي نزلاتي حالتن ۾ مفيد آهي، ٻُڌڻ ۽ ڪنن سان ويجهو تعلق، اخراج سُفيد، عام طورتي ٻي درجي جي سوزش، نزلاتي اخراج سفيد ۽ زرد، زُبان جي پاڙ سُفيد يا (سليٽي)، بلغم گهاٽو ۽ سُفيد، نڪ مان نزلاتي اخراج گهاٽو سُفيد. وات جا زخم سفيد اڇا، الٽي سُفيد بلغم واري، ڪاڪوس سفيد يا هلڪي رنگ جو چنبڙندڙ لڪوريا سفيد کير جهڙو سيني ڇاتيءَ مان سفيد بلغم جو اخراج، چمڙي داڻن مان سفيد واد اڇي، مٿي جي خُشڪي بالعموم سُفيد، درمياني (وچين حصي) ڪن جي سوزش، ڪنن ۾ شور ۽ ٺڪاڪا، نڪ بند ۽ نڪهير، وات مان ڦلوڪڙا، هٻاڙي ۽ ڪنڌ جي غدودن جي سوزش، ڪلين جي سوزش، ڪلين وڌڻ سبب ساهه کڻڻ مُشڪل، نزلو نڙي ڳڻ جي وچ ۾ واري نالي Esticham Tube جو نزلو ۽ ٻوڙائپ، ڏاڪي جهڙا ڪينئان (Thread worm) ۽ مقعد جي خارش، سٺيي غذا کان بدهضمي، قبض هجي ٿو بواسير حيض تاخير سان، ڪارا لُوڙا، دَم، آواز ويٺل، سنڌن جي چوڏاري ورم.

**نوٽ:۔** هن دوا جي پرپور (Proving) ناهي ٿي.

**ڪالي فاس Kalli_Phos:** معروف ۽ ڪارآمد دوا، اعصابي (Neurotic) ڪمزوري ۾ شافي دوا هُجڻ سبب آفاقي شهرت رکندي آهي، فاسفورس جي آميزش کان (Potassium) جي ڪمزوري ۽ اعصابي شڪايتن جي لاءِ اڪسير بڻجي ويندي آهي، جواني ۽ ڪراڙپ ٻنهي ڪمزورين جي لاءِ نهايت عمده دوا آهي، اعصابي ڪمزوري کان انديشا پئو چڙ پوائتا خوا، اختلاج، بي همتي

۽ ٽڪاوٽ (Cereberium) ۾ خون جي گھٽتائي، ڪنن ۾ پٽڪو ۽ (Buzzer) جو آواز ساھہ ۾ بدبوءِ، وات جي خشڪي صُوتي تارن جو فالج، بدبودار دست، پيشاب ھرھر زرد ۽ عدم برداشت، اک تي زور ڏيڻ تي مٿي جو سُور، مجامعت ڪانپوءِ ۽ ميري لُڙَ واري بصارت، ننڊ ۾ ڏند ڪرٽي، بدبودار ريح زور سان، حيض ڪانپوءِ ۽ شديد جنسي خواھش، ڪائڻ سان دم ۾ اضافو اک، نڪ، ڪن، وات، چَپَ، ڦڦڙ، پيشاب جي نالي ۽ فرج جي بلغمي ڄارين جي شڪايت جي لاءِ مُفيد آھي، معدي ۽ ٻارنھن آڱر آنندي جي زخمن لاءِ فائديمند آھي.

**نوٽ:**۔ ھي گرم خُون وارا ڪمزور اعصاب زده، چيڙاڪ ۽ مزاج ۾ مَتَ تبديلي، ڦيرو Anti Psoric اينٽي سورڪ ۽ Anti Sycotic اينٽي ڪوٽڪ دوا آھي، ولادت جي عمل کي آسان بڻائيندي آھي.

**ميگنيشا فاس Magnesia Phos**: ڪثير الاسعتمال ۽ مقبول دوائون آھن، فاسفورس ۽ ميگنيشيا فاس، ھي دوا ميگنشا فاس دافع تشنج (Convulsion) دوا آھي، ٻارن جا ڏند ڪرڻ وقت تشنج ۽ سُور آغاز حيض تي عورتن ۾ تشنج سور ان ۾ بھترين ڪم ڪندڙ دوا گرم پاڻيءَ ۾ حل ڪري ڏُڪ ڏِڪ پيئڻ سان بھترين فائدو ڪندي آھي، ھن ۾ گھمڻ وارا سُور دردن سان گڏ عضوون ۾ چڪ، اعصابي سُور گرمي ڪان بھترين آھي، اکيون بند ڪرڻ سان چڪر مريض پاڻ کي اِڪتي ڪرندو محسوس ڪري، ڪنن ۾ شديد اعصابي سُور ڏندن جو سُور گرمي ۽ گرم مشروب سان بھتر ٿئي، ڏند نڪرڻ تي مجبور ڪري، اوڳراين سان ڪوئي فائدو نہ ٿئي، پيٽ ڦليل، ھواءِ خارخ ٿيندي رھندي آھي، حيض جي شروعات تي شديد سُور ٿئي، پيٽ تشنجي ڪنگھہ، تڪليف ساڄي پاسي ڪان، سرديءَ ۾ اضافو پاڻ

کي ڏڪي ۽ ويڙهي ڇڏي (مريض) ڇپرن جو ڦرڪڻ، ڇهري جو اعصابي سُور، گردي ۽ پتي (Gail Blandder) جو سُور، سنڌن جو پراڻو سُور، سڪي کنگهه، خاص ڪري رات جو عرق النساء جو سُور، مٿي جو سُور گرمي ۾ اونداهه ۾ گهٽ ٿئي.

**نوٽ:ـ** تشنجي هڏڪيون (Hicough) جڏهن ڪالي برومر سان بہ آرام نہ اچي.

**مرڪسال ۽ مرڪ ويوس Mercsol & Viv:** تجويزي لحاظ کان ٻئي دوائون هڪ جهڙيون آهن. مرڪسال کي Prove هني مين ۽ مرڪ ويوس کي ڊاڪٽر هيئرنگ ڪيو هُيو. مرڪ ۾ انجا ٻيا مُرڪب، سفلسي شڪايتون، ان جي شاهہ دوا آهي. وات ۾ نڙيءَ جي سوزش ۽ زخمي حالت ۾ ڪلين جي سوزش بخار سان گڏ اهم علامت آهي. ٿڪ گهڻي مقدار ۾، مهارون نرم ۽ زخمي هُجن. زبان ٿلهي ۽ زرد. ڏندن جا نشان وات ۾ پائيياڻ سان گڏ شديد اُڃ. بک گهٽي. ڪاڪوس خوني سنهو، پيچس مروڙ سان گڏ (Ovary) ۾ جلڻ وارا سُور، فرج ۾ ڪچائپ جي حس، ساڄي طرف ليٽڻ مشڪل. هڏين ۾ سُور، هٿ پير ڏڪن ٽنگن ۾ سختي ۽ ريشو غدود ۾ هڏين جا عارضا. وات جا زخم وارڪرن، رات جو تڪليفون. سڀ (Syphlitic) سفلسي هونديون آهن. ٽنگن ۾ سختي، پگهر نڪرڻ سان بہ آرام ملي، ڇهري تي داڻا. نڪ جون هڏيون زخمي ۽ ورم زده. ناسُون زخمي هُجن، ڪنن ۾ سُور رهي، زرد اخراج. سفلس جي نيئن ۾ پراڻي ٻنهي تڪليفن ۾ مفيد آهي.

**ناجا ترپ Naja Trip:** هي ڪاري نانگ جو زهر آهي جيڪو (Potency) طاقت ۾ اچي شفا بخش ٿي وڃي ٿو نانگن جا زهر دل جي تڪليفن لاءِ سڀ کان وڌيڪ مفيد آهن. هن دوا جو

مرڪز دل (Heart) آهي. دل جا به عارضا انتهائي اهم آهن. دل ۾ڏي وڏي ٿي وڃڻ جي پراڻي شڪايت، ٻيو دل جي (Values) جي خرابي، سوزش قلب سبب جلدي جلدي خشڪ کنبهه. قلبي دَمُ دل جي نسبت کٻي پاسي جا عارضا يا کاٻي طرف کان ساڄي طرف. سيني ۾ پراڻ ساهه جي تنگي، نڙي ۽ ساهه جي نالين جي ڪچائپ، نشون، نڪ مان پاڻي ۽ کاٻي طرف ليٽڻ مُشڪل (Diphtheria) ڪانپوءِ دل جي فالجي ڪيفيت پراڻو اختلاج، اختلاف جي سبب، ڳالهائڻ ۽ گاڏيءَ جي سواري مشڪل دل جي چيڙ، عضوون جي ڏڪڻي رعشو هٿ پير ٿڌا، مٿو گرم، هٿن ۽ پيرن ۾ پگهر، نشي جهڙي حالت. ٽنگن جي ڪوزوري، کاٻي لوندڙي مٿان مٿي جو سُور، اوڪارا ۽ الٽيءَ سان گڏ، نبض بيقاعده. ذهني علامتون خودڪشيءَ جو جنون خبط، اڪيلائي جو پيئو ۽ غمزدگي اُداسي.

**نوٽ:۔** هن زهر (دوا) ۾ بلين نانگن جي زهر کان هن طرح فرق آهي ته هن ۾ جريان خون ناهي هوندو.

**نيٽرم فاس Natrum Phos:** معدي ۽ سيني جي تيزابيت لاءِ ڪارگر دوا آهي، دل جي هڪ مريض کي تيزابيت سان گڏ دل جي تڪليف ۾ نيٽرم فاس بهترين فائدو ڏنو ترش اوڳرايون، ڳلي ۾ ايندڙ ترش پاڻي سان گڏ رياحي تڪليف ۾ ڪڏهن به ناڪام ناهي ٿيندي، جوڙن ۾ جمع شده فاسد مادن کي ڪيڙڻ جي لاءِ بهترين آهي. بورڪ Extrimites جي عنوان تحت هڪ جملو لکيو آهي. گوڏي جو جوڙ جو (Rhumatism) وائي سور، تارونءَ جي پوئين حصي ۽ زبان جي پاڙ ۾ زرد ڪريم جهڙو تههُ، اکين مان سونهري زرد سنهون اخراج، هڪ پُتلي اک جي ڦهليل هُجي، هڪ ڪَنُ سُرخ ۽ گرم، ريح جي ڪثرت، پيٽ جو سور جيتن جون علامتون. نڙيءَ جي سوزش، سنڌن

۾ ڪڙڪو يرقان، ڳننيا عُضلات ۽ جوڙن جي سوزش، ٿي بي زده غدود هن جي دائري عمل ۾ ايندا آهن. فرج مان تيزابي مواد جي اخراج سان گڏ سُنڌيڻ جي لاءِ مفيد آهي، جنسي مشاغل جي ڪثرت، بدڪاري، ايستادگي ختم، مني پتڙي پاڻي جهڙي ۽ نامردي.

**نوٽ:۔** جڏهن مريض کي ٿڌي هوا کان نقصان هُجي ۽ معمولي محنت ۽ مُشقعت برداشت نہ ٿئي اعليٰ طاقت ۾ بهتر دوا آهي.

**پلبم Plumbum**: ترقي پذير مُلڪن جي وڏي ضعتي شهرن جا مريض اڪثر هن دوا جون علامتون کڻي ايندا آهن. هي دوا (Fibrosis) جي دوا آهي، جنهن جي معنيٰ تشو ۾ سختي يا پٿريلو پڻ اچي ويندو آهي، جڏهن اعصاب ۾ سختي اچي ٿي تہ پنهنجي ضائف ادا ڪرڻ کان قاصر رهندا آهن. هڪ فالجي حالت پئدا ٿيندي آهي، هي حالت خاص ڪري ڦهلائڻ وارا عُضلات (Extensors) جي هوندي آهي، شريانين ۾ ان سختيءَ سبب بلڊپريشر وڏي ويندو آهي، خون ۽ نظام عصب و هضم ان کان وڏيڪ متاثر ٿيندو آهي، خون جي سُرخ ذرن جي اچانڪ ڪمي ٿي ويندي آهي، عُضوون ۾ وڌندڙ لاغري پئدا ٿيندي آهي، گردن ۾ سوزش ٿي پوندي آهي، ڳننيا ڪنن ۾ شور، ڪارو موتيو مُهارُن جي ڪنارن تي نيري ليڪ. معدي جو سُور، درد شڪم پوري جسم ۾ ڦهليل، شڪمي ديوارون جيئن تار بڌي ڪرنگهي طرف ڇڪيل، قبض، مقعد جو تشنج ۽ فضلو سخت ۽ ڪارو، جنسي طاقت ضايع شده، فرج ۾ آڪڙ، پستاني غدودن جي سختي ڪارائيءَ جو لڙڪي پوڻ، پير جي ساجي آڱوني جو سُور خاص علامت آهي.

**نوٽ:۔** نابالغ بچي داني، جنهن جي تنگي سبب ٻارن جي

نشونما ۾ رُڪاوٽ ڪان اسقاط تي پوندو آهي.

**سورائينم** Psorinium: هَني مين (فائونڊر هوميوپيٿي) خارش جي هڪ داڻي (Vesicle) جي مواد مان ۽ هيئزنگ هٽ ۽ آگر جي درميان خارش جي پونءِ دار داڻي (Pustule) مان پونءِ ڪٽي (Potency) ٺاهي ۽ الگ الگ (Proving) ڪئي. ٻنهيءَ جي ثابتي هڪ جهڙي رهي، ان لاءِ ٻنهيءَ جي (Proving) کي (Psorinum) نالو ڏنو ويو. هن دوا جي تجويز ۾ نن ڳالهين ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ضرور هجڻ کپي، اول تہ مريض انتهائي سردي زده هُجي ڪري بہ گرميءَ ۾ بہ گرم ڪپڙا پهري، ٻيو رطوبتي اخراج انتهائي بدبودار هُجن. سوم انمي خارش دبجي ڪري ثانوي علامت واضع طورتي موجود هُجن. آخري صورت ۾ درمياني صورت ۾ درمياني دوا جي حيثيت سان اعليٰ طاقت ۾ هڪ خوراڪ ڏني وڃي جيئن مرض جون دبيل علامتون سامهون اچن. محص خارش جا داڻا ۽ شڪايتون انهن ۾ خارش جو (Nosode) سمجهي استعمال نہ ڪيو. هن دوا جي خارش جي سڃاڻپ اهيا آهي تہ خُشڪ چلهرن واري داڻن واري خارس جيڪا موسم گرما ۾ غائب ٿي وڃي ۽ سردين ۾ موٽي اچي، ڪجهہ ٻيون دوائون جن ۾ گرميءَ ۾ افائو ۽ سردي ۾ اضافو ٿيندو آهي، مگر بلڪل ختم ني وري سرديءَ ۾ ظاهر ٿيڻ سورنيم جي خاص علامت آهي. سلفر حاد (Acute) حالتن ۾ (Psorium) پرائين تڪليفن لاءِ اهي، رد عمل جي گهٽتائي، حاد امراض ڪانپوءِ بڪ غائب خرابيءَ صحت جو موروثي ميلان رکڻ وارا ٻار جيڪي نہ ڏينهن جو سمهن نہ رات جو جسم مان ڪني بوءِ جيڪا وهنجڻ سان بہ جند نہ ڇڏي، جسم ۾ سور موهہ پوڻ ۽ زخمي ٿيڻ طرف ميلان. موسمي تبديلي سبب هواءِ کان حساس. طوفان ۽ گجگوڙ کان اڳ بيچيني،

شاهه دوا آهي. چيچڪ جي ويا ۾ مدافعتي ۽ معالجاتي هر لحاظ کان معبد دوا آهي. ڊاڪٽر برنٽ هن کي ويڪسنيوسس جي اصلاح جي حوالي سان ان جي وُقعت وڌائي ڇڏي. ڊاڪٽر ڪلارڪ هن کي ڪيسر، سوزاڪ، سفلس، پولي پس (Polypus) پراسٽيٽ Prostate وغيره لاءِ شافي ٻڌايو آهي. ويڪسين سبب سستي ۽ ذهني ۽ جسماني نشونما ۾ گهٽتائي، خراب حافظو ۽ بک ختم ٿيڻ جي عارضن ۾ فائديمند ياتو ويو آهي. هن دوا سان گڏ ڪجهه نصر جو استعمال بند ڪري ڇڏڻ گهرجي. ٻڙهائي مُطالعي ۽ حافظي ۾ بوٽتي رهڻ وارن ٻارن جو ٿد مارجي وڃي انجي ربر اثر ايندڙ آهن. (جڏهن ته تيريءَ سان قد وڌڻ سان انهن عارضن جي لاءِ (Acid Phos) دوا ٿيندي)، مختلف قسم جي مرضياتي واڌ، خاص ڪري ڦڙن (Warts) جي لاءِ خاص شهرت رکي ٿي. هن جي هڪ خاص سڃاڻپ اهيو احساس آهي ته جسم ۽ خاص ڪري ٽنگن جو شيشي جو هجڻ آهي. مراد اها ناهي ته شيشي جيان شفاف پر اهيو احساس ته اهي ٽنگون نازڪ آهن ۽ ڀڄي پونديون. ٽنگن جي نزاڪت جو احساس ٿوجا جو خاصو آهي. جڏهن ته فالجي حالت جي دوا ڪونيم آهي. ديگر اهم علامتون ڪنهن خيال جو ذهن ۾ ويهي وڃڻ ۽ اهيو وَهَم ته ڪو اجنبي گڏ آهي ۽ عورت ۾ اهو وهم ته هوءَ حامله آهي ۽ ڪنهن وڏي قوت جي تابع آهي. اکيون بند ڪرڻ سان چڪر، ڪيل جسم تي پگهر، سُمهندي ئي پگهر غائب ٿي وڃي. ڊڪيل جسم بي حصن تي خارشي داڻا، مٿي ۾ جڻ ته ڪير نوڪيل هُجي. اُس چاءِ جو ڪثير استعمال ۽ جنسي مشغلن جي ڪثرت، نيز سفلس ۽ سائيڪوسس جي زير اثر شديد مٿي جو سُور، سفيد خشڪي ۽ وار ڪرڻ، چپرن جو آنڙيون ڦڙا (Warts) ڪنن جو سوزشي مواد، پراڻو نزلو ڏندن جو

بوءِ وارا. خون آميز اجابت بعد شديد ڪيڻ وارا سُور، ريڪٽم (Rectum ۽ معقد ۾ ڏار اچين (Fissuse) ڏاڪڻ چڙهڻ تي ساهه بوساتجي.

**نوٽ:-** وات نڪ ريڪٽم، مقعد، فرج ۽ پيشاب جي نالي جا عارضا ۽ الحاق خاص آهي، هي نسبت ايسڊ ميور جي به آهي. مگر انجي نفاهت ۽ سُور جي لاءِ زور حس نمايان هوندي آهي.

**ايلم سيپا Alhium Cepa:** نڪ مان تيز ريزش ۽ اکين مان سادو پاڻي، گرم ڪمري ۾ تڪليف وڌي، درد ڏاڍي جيان، اعصابي، ڏڪ. سرجري ڪانپوءِ مٿي جو نزلاوي درد گرم ڪمري ۾ اضافو اکين ۾ جلڻ ۽ ڳوڙها. اس ڪان حساس، نڪ مان انتهائي تيز پتڙي ۽ گهٽي ريزش، آواز ڦاٽل، ٿڌي هوا ۽ اندر ڪٽڻ سان خشڪ ڪنگهه. جيئن ڪُنجري جو ڦاٽي پوڻ، سيني جي وچ ۾ دٻاءُ، ساهه گهٽجي، جوتي جو زخم.

**نوٽ:-** جُوتي (بوٽ) جي زخم ڪي حيرت انگيز انداز ۾ نيڪ ڪرڻ واري دوا آهي.

**ايلو Aloe:** نباتاتي سلفر آهي، گهڻيون دوائون کائڻ ڪانپوءِ وارو مرض، علامتون ملي وڃن. نشتي زندگي ۽ عادتن جا اثرات بد. اکين جي ڳورائپ سان گڏ پيشاني تي هلڪو سُور. اکيون اڌ کليل، اکين چوڌاري شديد سُور، زرد بصارت. ريڪشم جي ٽيڪڻ. پيٽ ۾ ڳورائپ گرمي ۽ آڦري، ريڪٽم عدم تحفظ جو احساس، اجابت ڪانپوءِ سُور سان گڏ مقعد جو ڪثير بلغم، مقعد اندر عدم تحفظ جو احساس اجابت ڪانپوءِ سور سان گڏ جلن. مٿين جيلهه جو سُور (Lunabago) مٿي جو سُور. بواسير ڪان متبادل. مقعديا نڙي جي جيلي جيان بلغم ڪائڻ يا پيئڻ ڪانپوءِ دست. صبح سويري دست.

اجابت دوران يا قبل پيٽ جي ساڄي طرف شديد سور. پيٽ جو سور، شديد قبض ريح جي زيادتي، فضلي حا وڏا گولا يا سُدن حو غير محسوس اخراج.

**نوٽ:-** نباتاتي ائٿليم جو سلفر آهي. جڏهن دوائن حوں علامتون مرض جون علامتون گڏجي وڃن ته ڪيس (Clear) ٿي ويندو آهي.

**امونيم ڪارب Amonium Carb:** هي دوا سني جسم واري نازڪ عورتن جيڪي اڪثر چرڻ پرڻ کان لنوائن سست رد عمل واريون ٿڪل عورتون. جن تي ٿڌ جلد اثر ڪري ۽ بوٺت حيض ڪالرا جهڙيون علامتون ظاهر ٿين. مُنهن ڌوئندي نڪهير اچي وڃي. رات جو نڪ بند هُجڻ وات مان ساهه ڪڻي. تمام عضوا ۽ جسم ٿڪل ڳؤرو طوفاني موسم ۾ مغموم. ڏندن تي ڏند رکي رور ڏيڻ سان اک ۽ ڪن ۽ مٿي ۾ جهٽڪا. خوني بواسير دوران حيض جي زيادتي حيض هرهر گهٽو اجابت ٿڪائڻ واري. سخت فُضلو نمونيه دل ڪمزور ۽ دينهن گهلهه.

**نوٽ:-** منهن ڌوئڻ ۽ کائڻ بعد نڪهير. پراڻي نزلي ۾ رات جو نڪ بند ۽ حيض جي آغاز تي ڪالرا جهڙي حالت ۽ رت جي ڳاڙهن جزن جي تباهي.

**ايناڪارڊيم Ana Cardium:** حافظي جو اچانڪ زيان. مختلف عضوون ۾ ڏات (Dot) جو احساس. (جيئن ڪا شيءِ اندر نوڪ وئي هجي) کائڻ سان تمام تڪليفن ۾ وقتي افاقو کائڻ سان پيٽ ۾ سُور ۽ بدهضمي، خالي پيٽ ۾ تڪليف. اجابت جي لاحاصل حاجت. مقعد جي ناطاقتي، مقعد ۾ خارش ۽ رطوبت جو وهڻ. بوءِ جي حس بگڙيل، ايگزيما ۾ شديد خارش. هي خيال ته ان تي ٻه مريضيون

ذهني علامتون، زندگيءَ کان بيزاري، پنهنجي ذات جي بي وقعتي ۽ ناڪاره هُجڻ جو احساس، رات جو شديد سور، تير روشني جي عدم برداشت (تاب ترسي). شين جو بالائي حصو ۽ ان جي بصارت، ڪن مان بدبودار مواد جو اخراج، نڪ زخمي، چوڪرن جي حصين ۾ سوڪڙو ورم ۽ درد، هي احساس جي دل جي ڌڙڪڻ بند ٿي وئي هُجي، مايوسي هن جي خاص علامت آهي.

**نوٽ:** انتها هي آهي تہ آخرت جي نجات کان بہ مايوسي.

**بيسلينم Bacillinium:** هي ڊاڪٽر (Dr:Heath) هن دوا کي ٽي بي زده ڦڦڙن جي بلغم مان ڊاڪٽر برنٽ (Burrent) جي لاءِ تيار ڪيو هيو برنٽ هن دوا کي بيسلينم نالو ڏنو ۽ ڪلارڪ سان گڏجي هن دوا جي (Proving) ڪئي، شديد مٿي جو سور (اندر گهرائي ۾) جنهن ۾ حرڪت سان اضافو ٿئي ۽ اها هن دوا جي مستعمل علامت آهي، برنيٽ جي نزديڪ ڪوبڙيءَ تي رنگ ورم، جمڙي تي چلهر لهن، ٽي بي جو ميلان پراڻن تمام مرضن ۾ ٽي بي T B سان ڪو تعلق، جيڪڏهن ساهه جي نالي جي رطوبتي ريزش ۽ ساهه جي تڪليف سان گڏ رطوبتي ريزش ۽ ساهه جي تڪليف سان گڏ هُجي تہ نيڪ ٿي ويندي آهي، سيني تي بوجهہ، مرطوب دم، رنگ ورم ساهه جي نزلاتي تنگي، شديد قبض انجي زد ۾ هجي

**نوٽ:** جڏهن ٽي بيءَ جو مرض پنهنجي (Acute) حالت ۾ موجود هجي تہ ٽي بي جو ڪو نوسوڊ نہ ڏيڻ کپي، ثانوي حالت ۾ اها ٽي بي جي عفونت لاءِ مفيد آهي.

**براٽا آيوڊائيڊ Baryta_Iodide:** هي هڪ سندي دوا آهي مگر گهري اثر وارن بن اجزا مان ٺهيل آهي، ان لاءِ عمعف الاثر آهي، هن جي پرپور (Proving) تہ ناهي ٿي، مگر تجربي سان ثابت شده

علامتون معدي جي جلڻ، ٻارن جي ڪالرا، شراب جي ڪثرت جا بد اثر.

**نوٽ:۔** معدي جي ڪينسر جي لاءِ اوڪارا ۽ الٽي سان گڏ ڪارگر آهي.

**ڪلڪيريا فلور Calcaria Flour**: شسلر جي لوڻن مان هڪ طاقتور دوا آهي، پٿر جيان سخت غدود ۽ اپريل وڌيل وريدن تي ڪم ڪندي آهي، پستان جي سخت ڳنڍين ڳوڙهين جي لاءِ مفيد آهي، موروثي سفلس ۾ ڪارآمد آهي، سخت ٿي قاتڻ وارو (بافتن) (Tissues) تي اثر ڪندي آهي، Cataract تي هن جا مُفيد اثر ثانت شده آهن. وات ۽ نڙيءَ جا زخم جن جي پش منظر ۾ سفلس هُجي، هن دوا جي استعمال سان نيڪ ٿي ويندا آهن. شريانين جي سُڪڙجڻ کي فائدو پهچائيندي آهي، قرنيہ جي سوزش ۾ پونءِ پريل، داڻن جي لاءِ شافي آهي، پنبڙيڻ جي چمڙي جي تهہ هيٺان (Cyst) جي لاءِ ڪارآمد آهي، درمياني ڪن پچڻ ۾ ڪارگر آهي. ٻارن جي نڙيءَ جي سوزش ۾ ڪم ڪندي آهي، پراڻي چيلهہ جي سور لاءِ بهترين دوا آهي، مرضياتي طرح تي وڌيل هڏين کي نيڪ ڪندي آهي، ڏندن جي چمڪيلي مادي جي خرابيءَ کي دور ڪندي آهي، هن جو رطوبتي اخراج گاهہ جيان سبز ٿي ويندو هي، سنڌن ۽ ٻنڌڻن جي چوڌاري سختي ۽ ورم کي نيڪ ڪندي آهي، خصين جي سختي ۽ پاڻي پرجڻ لاءِ ڪارگر آهي، حمل دوران ريح جي ڪثرت جي لاءِ مفيد آهي، ڪلارڪ جي هڏين جي وڌڻ چيلهہ جي سُور ۽ لمفي غدود جي ڪينسر ۾ ڪار آمد ٻڌايو ويو آهي.

**نوٽ:۔** 12x کان مٿي وڌيڪ بهتر ڪم ڪندي آهي.

**ڪلڪيريا سلف Calcaria Sulf**: جسم جي پچڻ کانپوءِ

پونءِ نڪرڻ جي لاءِ سوراخ تي پوڻ بعد هن دوا جي استعمال کي ڪارگر قرار ڏنو ويو حي، هن جي بلغم جي اخراج ۾ زردي ۽ گهاٽائپ هوندي آهي، اک جي سوزش ۾ اهڙوئي مواد خارج ٿيندو آهي، نڪ مان بہ رطوبت زرد ۽ بدبودار هوندي آهي، چهري تي پونءِ وارا داڻا ۽ موهيڙا، مقعد سان گڏ درد انگيز ڦرڙيون، ڪڏهن ڪڏهن اهي ڦرڙيون بغير سور جي بہ هُجن، ڪلين ۾ بہ ورم، پيرن جي ترن ۾ جلڻ ۽ خارش هجي، انگزيما جنهن جي داڻن تي زرد ڪرنڊ هُجن، انجي حلقي اثر ۾ ايندا آهن، سيني تي بلغم ڪڙڪي، نظر اڌ شيون اچن، ڪنيٽ مُطابق هي هڪ عميق الاثر دافع سورا دوا آهي، جيڪڏهن شروع ۾ ڏني وڃي تہ هلاڪت خيزا فزائش کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، بالائي ڪرنگهي جي خميدگي لاءِ بهترين دوا آهي، سنڌين جي ڳنٺياوي سُور جي لاءِ ڪارآمد آهي، گرمي ۽ سردي بئي برداشت نہ ٿين، گرم رت وارا مريض، هاءِ بلڊپريشر جي لاءِ مفيد آهي.

**نوٽ:۔** هي دوا اينٽي سورڪ (Anti Psoric) جي شاهہ دوا آهي، مگر پرپور پروونگ نہ هجڻ سبب پوري طرح گهٽ آزمائي وئي آهي، پونءِ پوڻ ۾ (Anti Biotic) اينٽي بايوٽڪ کان وڌيڪ اثرائتي دوا آهي.

**ڪينٿرس Cantheris:** ايلن مطابق هي هر عُضو جسم ۾ جلڻ جي دوا آهي، بورڪ مطابق جنسي عضوون ۽ پيشاب جي عُضوون سان ويجهڙائي رکندي آهي، جلڻ هن جي بنيادي خصوصيت آهي، سُوز و آتش هن جي نسبت سبب "سوزاڪ" ۽ آتشڪ جي جلڻ کي آرام ڏيندي آهي، جنهن حصي جسم ۾ سُور ۽ درد هُجي ۽ اتي جلڻ ۽ ڪچائپ، پيشاب جي ناقابل برداشت شديد حاجت، حاجت مُستقل مگر هڪ وقت ۾ چند قطرا، پيشاب تڪليف

دهہ ۾ عضووي ۾ جلڻ، شعور جو اچانڪ غائب ٿيڻ، شديد قسم جو جُنون ۾ هذيان، وات ۾ نڙي لعابي جلڻ، بلغم چنبڙڻ وارو، کائڻ پيئڻ کان بيزاري، پيٽ ۾ جلڻ ڪافي پيئڻ سان تڪليف، مرداڻي خواهش، خواتين جو جنسي جنون، قلوڪڻن ۾ جلڻ، پيرن جي ترن ۾ رات جو جلڻ، باهہ کان جلڻ کانپوءِ ڪاڏڪي ۾ لڳائڻ سان فائدو ٿيندو آهي، اجابت، پيچس جيان ۾ آندرن ۾ سُور، مثاني ۾ مقعد ۾ اخراج جي لاحاصل شديد حاجت، گردن جي سوزش ۾ شديد جلڻ ۾ مفيد آهي.

**نوٽ:ـ** هي دوا هائڊروفوبيا جي ان درجي تي مفيد آهي جڏهن مريض ڪُتي جيان آواز ڪڍي.

**ڪاربو اينيملس Carbo_Animals:** هي زده گهٽ خون وارا اهڙا ضعيف ماڻهو جيڪي رد عمل جي اظهار ۾ سُست هجن ۾ معمولي بوجهہ کڻڻ سان دٻاءَ ۾ اچي وڃن، وزن برداشت نہ ڪري سگهي، سنڌ مکي پوڻ ۾ موهہ پئجي وڃڻ جو رجحان جڏهن سفلسي زهر جسماني ساخت ۾ ويهجي وڃي، بغلن ۾ چڏن جا سخت سفلسي سخت غدود انهن لاءِ خاص آهي، پستان جي ڪينسر ۾ بہ مفيد آهي، ڪير پيارڻ وارين عورتن جي لاءِ جن کي حيض کانپوءِ شديد ڪمزوري ٿي وڃي، دق نمونيہ ۾ هوائن جي نالين جي سوزش جي آخري درجي ۾ اڪثر ڪامياب رهي آهي، قبض اهڙو جيڪو فضلو (ڪاڪوس) خارج ڪرڻ بجاءِ هوا خارج ٿئي، سماعت ۾ بصارت جا اهڙا فريب جو آواز سمجهہ ۾ نہ اچي، شيون پري ڏسڻ ۾ اچن، دمچي جي تڪليف ڏڪ ۾ ڇُهڻ سان سُور ۾ اضافو ٻچي داني جي ڪينسر ۾ جڏهن جلڻ وارو سُور، جنگهن تائين اچي ڊاڪٽر نيش هن دوا جي خاص علامت ڪمزوري (Weakness) کي خاص علامت قرار ڏنو آهي.

**نوٽ:ـ** (Easy Dislocation):

**ڪارسي نوسن Carcinosin:** ڪارسي نوسن ڪينسر جي واحد نوسوڊ (Nosode) ناهي. ڪينسر (Nosode) جا ڪيترائي قسم آهن. زير نظر تحرير ۾ ڪارسي نوسن هڪ غير ميازمي نوسوڊ آهي. ڪينسر جي مواد مان تيار ڪئي ويو آهي، بورڪ ڪينسر جي مواد سان تيار شده نوسوڊ جو تذڪرو ٻن نالن سان ڪيو آهي. هڪ ڪارسي نوسن ۽ ٻئي نوسوڊ کي (Scirrhinum) جي نالي سان تحرير ڪيو آهي. ڪلارڪ هن جو ٻيو نالو (Carcinomcinum) بہ ڏنو آهي، سرطاني ڳلتي مان سفوف تيار ڪيل آهي، عام طورتي ڪينسر جا ڪيترائي نوسوڊ بہ دستياب آهن. جيڪي مختلف عضوون جسم جي ڪينسر جي مواد مان تيار ڪيا ويا آهن ۽ انهن جون علامتون عمومي طورتي هڪ جهڙيون آهن مگر تفصيل ۾ معمولي اختلاف آهن. انهن جي تفريق ۽ تفصيل جي لاءِ ڊاڪٽر ريڪويگ (Reckweg) جو ميٽريا ميڊيڪا ملاحضہ ڪريو جنهن ۾ (7) قسم جا ڪينسر نوسوڊ بيان ڪيا ويا آهن. (1) هواء جي نالين جو ڪينسر نوسوڊ. (2) آنندي جي ڪينسر جو نوسوڊ. (3) جگر جي ڪينسر جو نوسوڊ. (4) نرخري جي ڪينسر جو نوسوڊ. (5) ٻچي دانيءَ جو ڪينسر نوسوڊ. (6) ڪينسر جي مريض جي پيشاب جو نوسوڊ. (7) ڪينسر، پستان جي ڪينسر جو نوسوڊ.

**چيليڊونيم Chelidonium:** جگر جي عارضن ۾ هن دوا جو مقام نمايان آهي، زردي (Yellowness) هن جي بنيادي سُڃاڻپ آهي ان جي ڪري شايد جگر جي خاص دوا آهي. جگر جي اڪثر منعڪيہ علامتن ۾ ڪارگر آهي، ساڄي ڪلهيءَ ڦٽي جي اندروني حصي ۾ مستقل سُور اکيون، چهري، چمڙي، هٿن، زبان، پيشاب، هر

جڳهه زرد ساڄو پير برف جيان ٿڌو ۽ کاٻو صحيح، جيڪڏهن نمونيه ۾ ڪڳنهه جگر جي تڪليفن سان گڏ هُجن تہ يقيني دوا آهي، نمونيا ۾ ساڄو ڦڦڙ متاثر ٿيندو آهي، غلافي جارين ۾ خصيمن ۾ پاڻي ڀرجي وڃڻ لاءِ مُفيد آهي، ساڄي اک جي اعصابي سُور جي لاءِ ڪارگر آهي، هن جي مريض کي لائيڪوپوڊيم جي مريض جيان گرم ڪاڙو پسند هوندو آهي، پيٽ جي سُور کي ڪاڙهي کائڻ سان وقتي آرام هوندو آهي، ڪاڪوس پاڻيءَ ۾ ترندو رهندو آهي، دست ۽ قبض متبادل، آڱرين جا پورَ برف جيان ٿڌا، پتي جي پٿري ۾ سُور ۽ ساڄي ڪُلهي جي سُور لاءِ شافي دوا آهي، ڪڙين ۾ ناقابل برداشت سور ناسون پکي جيان هلن (Lycopodium) کنگهه دوران ٻوڙائپ (Deafness) ساڄي طرف ڪان اڏ مٿي جو سُور، چمڙيءَ جي خارش سان گڏ يرقان لاءِ شافي آهي، جگر جي شڪايتن سان گڏ اوڪارا.

**نوٽ:**۔ هن ۾ اڪثر علامتون لائيڪوپوڊيم جيان هونديون آهن مگر هي ايتري گهري اثر ڪرڻ واري دوا ناهي، حاد شڪايتن جي لاءِ وڏيڪ مناسب آهي.

**چائنا آف China Off:** هوميوپيٿڪ علاج جي پهرين دوا جيڪا هن طريقہ سان آزمائي وئي، هني مين (Founder) چوڏو چباڙي ڪاڙو هيو ۽ ان جا اثرات ۽ علامتون، مشاهده خود پنهنجي مٿان ڪيا هُيا، ڪروڊ ۾ پروونگ جا اثر ختم ٿيڻ بعد ٿوري، وقفي سان پوٽينسي ۾ ان جا اثر نوٽ ڪيا آهن. اهيو خيال غلط آهي تہ هني مين اعليٰ طاقتن سان ننڍين طاقتن کي (Antidote) اينٽي دوٽ ڪيو هيو، جسم مان پاڻياڻي مادا (خون وغيره) ۽ رطوبتون ڪثير مقدار ۾ خارج ٿيڻ ڪانپوءِ ڪمزوريءَ جي لاءِ اڪثير آهي، ڪمزوري سبب چال ۾ ٿيڙائپ ۽ ڪنن ۾ گهٽيون وڃن، مرض جي ابتدائي

حالت کان وڌيڪ مرض جي ڪُهني هُجڻ ۾ مفيد آهي. گردي جي بلغمي ڄاري جي پونءِ زده پراڻي سوزش، پوري شڪم ۾ ريح جي پراڻي تڪليف ۽ اوڳرايون، ڪاڪوس ۾ بغير درد جي غير هضم شده غذا جو اخراج. حيض ۾ ڪارا ٽڪر سيني ۾ بلغم ڪڙڪي، نزلاتي گهٽڻ، ڪاڌي ڪانپوءِ ڪنگهه، هٿن ۽ ٽنگن ۾ جوڙن ۾ سُور، هلڪي دٻائڻ سان تڪليف، زور سان دٻائڻ سان آرام، چمڙيءَ جي سوزش، سيلان خون، بعد بصارت وقتي طورتي غائب ۽ ڪنن ۾ گهنٽيون، دست بعير تڪليف، هر ٻي ڏينهن يا هفتي وار تڪليف يا بخار، رات جو شديد بُکَ، بار ڪي کير پيئارڻ تي ڏندن جو سُور، مليريا بخار.

**نوٽ:**ــ بالائي شڪم ۾ ريح جو زور، زيرين شڪم ۾ لائيڪوپوڊيم ۽ پوري پيٽ ۾ رياحي زور جي لاءِ چائنا بهترين دوا آهي.

**ڪيوپرم ميٽ Cuperm met:** ڇڪ، آڪڙ (Spasm and Cramps) جي دوا آهي، تشنج ۾ ڇڪَ پيرن جا آڱوٺا ۽ آڱرين کان شروع ٿيندا آهن، مرگهيءَ ۾ ڪم ايندي آهي، مرگهيءَ جو شعلو گوڏن کان شروع ٿئي، بيهوشي ڪري پوڻ، وات مان گج، شعلن بعد اوڪارا هر دوا کان گهڻا عارضا کاٻي طرف کان شروع ٿين، پيٽ مان جيت ڪڍي ڇڏيندي آهي، ڪالرا ۾ شفابخش آهي، دم ۽ تنگيءَ نفس تي ڪم ڪندي آهي، اچانڪ نظر وڃڻ ۾ مفيد آهي، ڪنڌ توڙ بخار، فالج ۽ ڪراڙن ماڻهن جي گينگرين کي فائدو پهچائيندي آهي، شڪر (Deabeties) جي مرض کي فائدو پهچائيندي آهي، شڪر جي مرض ۽ فالج جي لاءِ مفيد تصور ڪئي ويندي آهي، دٻيل پيرن جو پگهر، دٻيل حيض ۽ لڪوريا ۽ دٻيل چمڙيءَ جي داڻن جي علاج ۾

معاون آهي، هڀاڙين جي چڪ، وات ۾ ذات جو ذائقو پاڻي يا مشروب جا گُرڙا ڪري هيٺ لهڻ، پيٽ جو سُور پيٽ ڦلي، زچگي يا ولادت ڪانپوءِ جا سُورَ هن جي دائري ۾ اچن ٿا، پيرن جي ترن ۽ پنين ۾ چڪ چمڙي تي نيراڻ، ننڊ پوري نہ ٿيڻ سان يا وڏيڪ مشققت ڪرڻ سان ذهني ۽ جسماني ناطاقتي.

**نوٽ:**۔ دهشت ۾ خوفزدگي، چمڙي تي داڻا ۽ پگهر دٻجڻ ۽ بلغمي ڇارين جو اخراج يا حيض ۽ لڪوريا جي دٻجڻ ڪان پئدا ٿيڻ وارا عارضا.

**فيرم ميٽ Ferum met:** هوميوپيٿڪ دوا جي حيثيت ڪان هي ڪمزور خون ۽ نوجوانن جي دوا آهي، خاص ڪري ڇوڪرين جي، جيڪي سائيءَ جون مريض هُجن، چهرو جلد ئي ڳاڙهو ٿي وڃي، خون جو مصنوعي اوزار گهٽائي چهري تي ظاهر ٿئي، زودحس ڪمزور مُردني چمڙي، رطوبتي ڇاريون، جن ۾ جلد ڳاڙهائپ اچي وڃي، چهرو سينو ۽ ڦڦڙ پر خون، جون عمل بي قاعده، سرخ حصا سفيد ٿي وڃن، وهندي پاڻي ۾ چڪر، هٿوڙا لڳڻ جهڙو مٿي ۾ سُور حيض پنڙو زرد ۽ ڪمزور ڪرڻ وارو جريان خوُن جي طبيعت دست اڻ هضم ٿيل خوراڪ جا، کاڌي ۽ پيتي ڪانپوءِ فوراً آني جيان دست، ڪڏهن قبضي، ڪڏهن بُک گهٽي ڪڏهن غائب ڪنگهہ صرف ڏينهن جو، پاڻيات ضايع ٿيڻ بعد استقائي ورم يا فالج، کاڌو ڏينهن جو پيٽ پري رهي سڄو ڏينهن ۽ رات جو الٽي ٿي وڃي، عورتن ۾ حيض دٻجي وڃي، اڪيون ايري اچن ۽ ڳلهڙ (Goitre) جي شڪايت، شور ڪان حساس، گهٽ خون، خون وارا مريض جن جي نڪ مان خوني اخراج يا ٿڪيءَ مان خوني بلغم اچي، مريض سردي زده ۽ ذهني لحاظ ڪان ٿڪيل، جيڪو ٿورڙي محنت ڪان لاڻ ٿي وڃي، ڏندن جو سُور

**نوٽ:۔** زخمن تي يا متاثر حصي تي لڳائڻ سان چمڙي جي جراثيم کان پاڪ ڪندي آهي.

**ڪالي بائيڪروميم Kalli Bichromium**: هن دوا جي خاص سڃاڻپ هن جون نزلاوي حالتون ۽ خارج ٿيڻ وارو مواد انجي نوعيت آهي، انهن جو تعلق آننڊن ۽ تنفس جي بلغمي جهارين کان علاوه هڏين، ريشن، گرن (Kidneys) دل ۽ جگر سان آهي، هاضمي جون خرابيون، گردن جي سوزش، خون جي گهٽتائي ۽ بخار نہ هُجڻ هن جي خاصيت آهي، نقاهت ۽ ڪمزوري، فالج جي حدتائين، دردن جي نوعيت اها آهي تہ جڳهہ بدلن، اخراجي مواد گهاٽو چنبڙڻ وارو بالعموم زرد، نڪ جي درمياني هڏي زخمي تيزي يا ان ۾ سوراخ ۽ بدبودار مواد جو اخراج، ڀرون (Eye Brows) مٿان سُور، مٿي جي هڏين ۾ ڏکڻ، نڪ جي پاڙ ۾ سُور ۽ ڏکڻ، نڪ بند ۽ زڪام، زبان خشڪ چمڪدار، سٽيي ۽ خُشڪ، ڪاڪڙو ورم زده، معدي جو گول زخم چنبڙندڙ بلغم ۽ خون جي الٽي، پيشاب جي اختتام تي قطرو رُڪجي وڃي، چيلهہ ۾ پٺڻ وارو سُور، هڏيون ڪمزور ۽ سفلي روميٽزم (Rhumatism) ايڙيل ڪنارن وارا زخم، ننڍين جاين تي سُور لڪوريا گهاٽو چنبڙڻ وارو جنهن جو تارون ٺهجن، ٻچي داني جي چوڏاري سوزش، نڙي ساهہ واري ۾ سوزش، درمياني ڪن جي پراڻي سوزش، ڊفٿيريا ۾ بيان شده نوعيت جو نڙي مان اخراج، ٿلهن ماڻهن ۾ جنسي خواهش غائب، کاڌي کان فوراً بعد ريح جو زور.

**نوٽ:۔** وهندڙ زڪام جون دوائون مگر هي بند نزلي زڪام ۾ ڪم ڪندي آهي.

**ڪالي ڪارب kalli Carb**: هوئنن تہ پوٽاشيم جا سڀ لوڻ عام طرح ڪمزوريءَ ۾ ڪم ايندا آهن پر ڪالي ڪارب جي خاص

سڙيل نزلو ۽ نڪ جي وچين هڏي ۾ سوراخ. تڏو شربت ۽ تڏو ڪاڏو نقصانده هُجي، اُجَ گهٽي ۽ ريح جو زور. نئين شادي شده ڇوڪرين ۾ ٻچي داني جي سوزشي حالت سان گڏ ڇلجڻ ۽ لڪوريا. ٻچي داني جون ڦرڙيون (Fibroids) نڙيءَ ۾ (ٻگلي) ۾ ڪچائپ. صابڻ جي گج جهڙو سبزي مائل بلغم. ڪنڌ توڙ بخار (نيو موڪوڪ) ڦڦڙن جي غلافي جارين ۾ رطوبت جو پيراءُ ۽ (Rhumatism) غدود وڌيل ۽ چهرو موهيڙن سان پريل هُجي. تاب ترسي (روشنيءَ کان بيزاري) اشڪ ريزي. اک ۾ جلڻ.

**نوٽ:**۔ تڏو کير پيئڻ واري نزلي زڪام جي لاءِ اڪسير آهي 30 طاقت ۾ ڏيو.

**ڪالي سلف Kalli Sulf:** اينٽي سفلينٽڪ ۽ اينٽي سائيڪوٽڪ عارضن ۾ هي درجي اول جي واهد مشترڪ دوا آهي. هن جا اجزاءِ ترڪيبي، سلفر ۽ پوٽيشيم ٻنهن لاءِ عميق الاثر آهن. ان جي لاءِ سفلس ۽ سائيڪوسس جي عضونتي گهرائي تائين پهچندي آهي. هن جو معالجاتي تاثير جو بيان. شمسلر ڊاڪٽر سُوشلر جي محنت جو نتيجو آهي. اڪثر علامتن جي لحاظ کان شديد تر پلسٽلا چئي سگهجي ٿو. مگر ان جي مزاج ۾ پلس جي نرمي ناهي هوندي. پر تيزي ۽ تُرشي هوندي آهي. پلسٽلا جا تيزخو مريض انهن لاءِ موضون دوا آهي. اڪثر گرم پلسٽلا ۽ سرد سليشيا کانپوءِ مرض جي تشڪيل ڪندي آهي. سوزش جي ٽين درجي تي يعني آخري حالت ۾ ڪارگر آهي. تمام اخراج زرد ۽ ڪڏهن ڪڏهن سبز. نڪ ۽ حنجري جي بلغمي جارين ۾ رطوبتي پيراءُ جي لاءِ مفيد آهي. سوزاڪي مواد سبز ۽ زرد هُجي. سيني ۾ بلغم جو کڙڪو. جڳهه بدليندڙ سور. ايڪزيما (Eczema). ڏڀ. سورياسز (Psoriases) ۽

پولي پس تي ڪم ڪندي آهي، حيض ۾ تاخير هُجي، ناسور ۽ پوڻ ۽ پوڻ، چمڙي جا مرض، نزلاوي حالتون ۽ روماٽڪ (Rhumatic) مٿي جو سُور هن جي اثرهيٺ اچن ٿا.

**نوٽ:-** هڪ مريض جي جگر ۾ سخت ڪڏهن، ڊاڪٽر چيو تہ پوءِ سرنج ڪيڻ، راقم جي 12 ايڪس طاقت ۾ هي دوا ڏيڻ سان فائدو ٿيندو ويو.

**ڪريازوٽ Kreosotum:** ٻارن جون بہ علامتون بہ بي بدل آهن، اول ڏند مشڪل سان نڪرن ۽ ٽٽي پون، مهارن جو پلپلو ٿيڻ، ٽٽل ڏندن سان وات ڀريل، رات جي شروعات ۾ بستر تي پيشاب ڪرڻ، خواب ۾ پاڻ کي پيشاب ڪندو ڏسي ۽ بول بستري ڪانپوءِ بہ سُتل رهي. هن دوا جون عموميات پوري جسم ۾ تپڪڻ، ننڍا زخم انهن مان گهٽڙ خون وهي، اخراجي مواد جو چلچڻ پئدا ڪرڻ ۽ شديد ۽ پراڻي ۽ کهڻ اعصابي سُور هُجڻ، ڪينسر جي تڪليف ۾ بہ مفيد آهي. (Menopause) جا عارضا، پيشاب بدبودار ۽ حاجت (پيشاب) غجلت سان گڏ، فرج ۾ ان جي چپن ۽ جنگهن درميان چلچڻ پئدا ڪرڻ واري خارش ۽ لڪوريا جنهن جي هينان ڦڪا داغ ٿين ڪپڙي تي، حيض کان اڳ ۽ دوران شديد مٿي جو سُور مجامعت کان ٻي ڏينهن خون (رت) جاري ٿي پوي، پيشاب ڪانپوءِ ۽ دوران شديد جلڻ، حيض جو رنگ ڪارو ۽ حيض صرف ليٽيل حالت ۾ جاري رهي، ٻيهڻ يا ويهڻ تي يا هلڻ تي حيض رُڪجي وڃي، جلد وڌڻ واري چوڪرين جي عارضن ۾ مفيد آهي.

**نوٽ:-** ٻارن جا ڏند نڪرڻ تي ئي ٽٽڻ لڳن، مهارون زخمي ٿي پون ۽ غالبا پئدائشي موروثي ثانوي سفلس جو نتيجو هُجي.

**ليڪس Lechasis:** هي زهر قاتل پوٽينسي (Potency) ۾

اچي شفابخش ٿي ويندو آهي. هڪ وڏي ۽ اهم دوا آهي. علامتون نهايت واضع ۽ معتبر آهن. خون جا اجزاءِ ترڪيبي منتشر. جريان خون جو رجحان. ننڍين ننڍين زخمن مان گهٽو خون نڪري. خون نه ڄمڻ وارو سياهي مائل. هن جون شڪايتون ڪاٻي طرف يا ڪاٻي ڪان ساڄي طرف هُجن. ننڊ ڪان تڪليف ۾ اضافو مريض تڪليف ۾ سُتل رهي ۽ تڪليف سان اُٿي. ڳلي ۽ سيني تي بندش دٻاءُ يا مَس ڪرڻ ناقابل برداشت (ڪالر ڪليل رکي) نڙي جون تڪليفون، ڪليون (Tonsils) ۽ خناف (Diphithesia) ڪاٻي طرف ڪان شروع ٿئي ۽ ساڄي طرف منتقل ٿي وڃي. گرم شربت ڪان تڪليف. زبان ڪاري ۽ ڏڪندڙ ٻاهر ڪڍڻ مُشڪل. زبان ڏندن ۾ اچي وڃي. چمڙيءَ جو رنگ نيراڻ مائل ارغواني. حيض ٻروقت ۽ گهٽ ۽ دوران حيض سُور ختم ٿي وڃن. سن ياس ۾ اختلاج. گرمي. مقعد ۾ جيئن ننڍيون ننڍيون هٿوڙيون. ڪنگهه ۽ بواسير ۾ چُيڙ لوندڙين ۾ سُور مرگهيءَ جا دؤرا. سمهندي وقت ساهه گهٽجي.

**نوٽ:۔** اهيو خيال غلط آهي ته هن جو غلط خوراڪن جو اثر عمرڀر رهندو آهي.

**لائيڪوپوڊيم Lycopodium:** هي وسيع حلقي ۽ اثر رکڻ واري دوا آهي. ٿئي ميازم. سفلس. سوزڪ ۽ سائيڪوسس کي فائدو ڪندي آهي. جيڪا خرابين تائين پُهچي نرم بافتن خون جي نالين. هڏين. جگر. دل ۽ سنڌن ۾ تبديلي آڻيندي آهي. ساڄي پاسي يا طرف منتقل ٿيڻ وارا سُورَ انهن لاءِ خاص آهي. مريض بالعموم سرد مزاج هوندو آهي. گرم کاڌو ۽ گرم مشروب پسند ڪري. پيٽ جي هيٺين حصي ۾ ريح جو زور. گردي جو سُورُ هُجي. مردانه ڪمزوري نمايان هجي ناطاقتي نامردي جي حدتائين. غلط علاج شده يا نظر انداز شدهٔ

نمونيا ڪانپوءِ جي اثرن لاءِ مفيد آهي. تنهائي برداشت نہ ٿئي پر گڏجاڻي بہ پسند نہ ڪري. پر پرسان ڪمري ۾ ڪجهہ ماڻهو بہ هُجڻ لازمي آهن. هاضمي جي شڪايت ۾ اوڳراين سان آرام. بخار الٽي ڪٽي. وات جو ذائقو ڪڙو نڪ جون ناسُون پڪي جيان هلن. ڇهري مان عمر وڏيڪ معلوم ٿين. بار ڏينهن رات روئن. ڪمزور جسم وارا ذهين ماڻهو ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ چڪ ۽ آڪڙ. هڏين جي سوزش ۽ رات جو سُور حيض گهٽ فرج ۾ خشڪي ۽ جلڻ نپل مان خون. شام 4 کان 8 بجہ اضافو.

**نوٽ:۔** سلفر ۽ ڪلڪيريا ڪانپوءِ اينٽي سورڪ مثلث جو ٽيون رڪن آهي.

**ميڊورنيم Medhorhium:** هي دوا سوزاڪي مواد مان "گونوڪوڪس وائرس" کي ڪڍي پوٽنسي تيار ڪئي ويندي آهي. ان لاءِ ان کي سوزاڪي نوسوڊ چيو ويندو آهي. هن جو ٻيو نالو (Glinicum) آهي. هي سوزاڪ جي تاريخ رکڻ واري مريضن يا سوزاڪ زده والد جي اولاد يا سوزاڪ زده مڙس جي گهر واري جي عارضن جي لاءِ مفيد آهي. هن دوا جون اعليٰ طاقتون خوراڪ. ڊبيل سوزاڪ جي ثانوي حالتن ۽ سائيڪوسس جي علامتن ۽ بيمارين لاءِ اڪسير آهي. پراڻي (Infection) ۽ امراض حاد شڪل ۾ آڻي مماثل دوا جي واضع نشاندهي ڪندي آهي. سنڌن ۽ عضلات جي پراڻي سوزش جي لاءِ مفيد آهي. هڪ جوڙ جو سُور هن جي خاص نشاني آهي. رات جو تڪليف گهٽ هوندي آهي. فراموشي ايتري قدر جو مريض ڳالهہ ڪندي وساري ويهي. دَم ۽ ٻيون بيماريون جيڪي سمنڊ تي بهتر رهن. گردن جي مثاني جي پيشاب جي نليءَ سوزش هُجي. فرج جي خارش ۽ لڪوريا. هٿن ۽ آڱرين جا جوڙ

(سنڌ) ڦري وڃن، ڪڙين آڱوٺي ۽ ٽري جي ڏکڻ، نامردي هُجي، سنڌ ڀڻ، مقعد جي خارش، اُڃ گهٽي، بک گهٽي، بستر تي پيشاب وهي وڃي، Nipple جي ذودحسي، پيرن ۽ ٽنگن جي شديد بيچيني.

**نوٽ:۔** سوزاڪ جي حالت ۾ نه ڏيڻ کپي چاهي موروثي ۽ ثانوي سوزاڪ جي حالتن جي دوا آهي. جيڪڏهن ڪو ٻار مسلسل بيمار آهي ته هن جي هڪ وڏي خوراڪ (اعليٰ طاقت) ڏيڻ گهرجي.

**نيٽرم ميور Natrum Mur:** هي (سوڊيم ڪورائيڊ) هر روز استعمال ٿيندڙ لوڻ جو عنصر آهي، هي دوا پوٽنسي ۾ اعليٰ درجه جو ڪم ڪندي آهي، سوشلر جي لوڻن ۾ به شامل آهي. زندگي جي نظام فعال ۾ خرابي ڪان لوڻ تشوزميه جذب نه ٿيندو آهي ۽ ان جي طلب وڌي ويندي آهي، پر گهٽي لوڻ کائڻ اُن جي طلب گهٽ نه ٿيندي آهي، زندگي جي فعالي نظام ڪي اعليٰ طاقت سان ٺيڪ ٿي ويندي آهي، اها حالت ڪيلشم جي ضمن ۾ ڪلڪيريا ڪارب جو آهي، شگر جي لاءِ نيٽرم ميور ۽ ارجنتم نائيٽريڪم ٻنهي دوائن ڪي آزمائڻ گهرجي ٻنهي ۾ شگر جي طلب ٿيندي آهي.

ڪينٽ جي مطابق هي دوا ان ٻارن لاءِ خاص آهي جيڪي دير سان ڳالهائڻ ۽ دير سان گهمڻ شروع ڪندا آهن. ٻارن ۽ ننڍي عمر وارين ڇوڪرين ۾ چڙچڙاهٽ، بدمزاجي، ٿوري ڳالهه تي روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ تسلي ڏيڻ سان تڪليف وڌڻ وارن مريضن لاءِ بهترين دوا آهي. خون جي ڪمي ۽ ڦڪي ڇهري وارين ڇوڪرين جي دوا آهي، حيض بي قاعده ۽ مٿي ۾ سور ۽ روئڻي ۽ هيٽريائي ڇوڪرين جي دوا آهي، اهي جوان ڇوڪريون جيڪي ڪراڙي ماڻهون جي عشق اچي وڃي ۽ ان سان شادي ڪرڻ تي راضي ٿي وڃي اهرين ڇوڪرين جي دوا آهي.

اهي ٻار جيڪا سنو ڪاڏو ڪائڻ ڪان پوءِ بہ ڪمزور ٿيندا وڃن ۽ انهن جي ڳيچي سنهي هجي ۽ اهي ماٺهون جيڪي بغير ڪائي پئي ٺيڪ ناڪ رهندا هجن. هي ان مليريائي بخارن ۾ بہ مفيد آهي جيڪي 10,11 بجي بخار جو وڌڻ، وڏي ويل تري سان گڏ حيض جي ڪمي جو بخار هٽ تي مسہ، وارن جي ڪنارن ۽ مٿي جي ايگزيما، مدرسہ جي طالبن جي مٿ جو سور، حيض ڪان پهريان اوڪارا ۽ الٽي جي وچ ۾ ۽ بعد ۾ مٿي جو سور، مٿي جي پراڻي ڏڪ ڪان پوءِ پراڻو مٿي جو سور ۽ ڏهڪ ڪان پوءِ جسماني عضوون ۾ خاص ڪري مٿي ۾ داغ جي عوارضن ۾ ذهني مرضن ۾ اينٽم سلف، جنسي ميلاپ ۾ نامردي ڪان پوءِ ڪمزوري، فالج ۽ چيلهہ جي عارضن ۾ ٿوري دير ۾ روئڻ ۽ ٿوري دير ۾ کهلڻ، اکين ۾ پاڻي جو هر وقت پريل رهڻ، بخار ۽ نزلہ ۽ زڪام، اکين ۽ نڪ مان ريزش جي پراڻي تڪليف، هلندي گهمندي پيشاب جو اخراج ٿيڻ، چيلهہ جو سور سخت تختہ تي ليٽڻ سان آرام، قبض، بادي جا بخار، دل ۾ لرزو تڏ لڳڻ جو امڪان ڪمزوري ٿهڪاوٽ ڪنگهہ سان گڏ اکين ۾ ڳوڙا، زبان تي ڏندن جو نشان، مٿي ۾ سور سج ايرڻ سان، هٿن مان شين جو ڪرڻ، غذائي رستي جي بلغمي جهلين جي خشڪي اهم آهي.

**نوٽ:ـ** Rhustox ۽ Apis هڪ ٻي جون دشمن دوائون آهن، پر هي ٻنهي جي ........... آهي.

**نيٽرم سلف Natrum Sulf:** هن دوا جون تمام گهٽيون وسيع علامتون ۽ گهرو اثر ڪرڻ واري دوا آهي، هي هڪ تمام وڏي دوا آهي جنهن جو حوال مختصر ڏجي ٿو هي دوا جگر ڦڦڙن جي مرض ۾ بهتر ڪم ڪندي آهي، مٿي ۽ دماغ جي ڏڪ (ضرب) ڪرڻ جي ڪري مٿي ۾ ڏڪ ذهني ۽ نفسياتي مرضن ۾ هڪ بي مثل دوا آهي.

سرد مرطوب موسم ۾ ڦقڙن جي حوالي سان دم جي لاءِ بهترين دوا آهي. ٻارن جي پيدائشي ۽ موروثي دم ۾ ڪندي آهي، جگر ۾ سوزش ۽ سور، صفراوي الٽي، وات جو ذائقو ڪوڙو صفراوي سٽ، پيٽ جو سور، تمام گهڻي تڪليفن ڪان پوءِ يرقان جي لاءِ مفيد آهي، پتي جي پٿري ۾ مفيد آهي. مٿي ۾ ڏڪ لڳڻ ڪان پوءِ مرگهي جا دورا، ڪبي پاسي ورائڻ سان جگر ۽ پتي جي پٿري ۾ تڪليف جو وڌهڻ. صفرا آميز پيشاب سان گڏ شگر جي لاءِ مفيد آهي، گردن توڙ بخار ۾ شفابخش دوا آهي، زندگي کان بيزاري ۽ خودڪشي جو خيال، سوزاڪ جي هسٽري، گهڻ وارن مريضن جي لاءِ خاص دوا آهي، پوائٽتا خواب، تڪليف سڄي پاسي ۾، ڪائڻ کان پوءِ ڊوڊينم جو سور، ٻڪهير، ڏندن جي سور ۾ ٿڌي پاڻي سان آرام، ٿڌي نم موسم ۾........... سور، ڪُڙين ۽ ترين ۾ شديد سور.

**نوٽ:۔** نحن جي چوڏاري پونءِ پوڻ جو احساس هن جي خاص علامت آهي.

**پلاٽينا Platina:** نفسانيت جا تي اهم عنصر آهن، انا، شهوت ۽ تڪبر، هن دوا ۾ آهن مريض پاڻ کي سڀ کان افضل ۽ وڏو ٻين کي پاڻ کان گهٽ سمجهندو آهي، پاڻ کان سواءِ هر شيءِ گهٽ نظر ايندي آهي. مريض لاپرواهہ پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڏيڪ سمجهڻ، پنهنجو پاڻ کي سڀ کان سهي مڃڻ، مريض ڪنهن کي ٻے پاڻ کان وڏيڪ نہ سمجهندو آهي، صرف پنهنجي من پسندي ڪرڻ، مريض صرف پنهنجي ۽ صرف پنهنجو خيال مريض جي پهچان آهي. هي مريض ذهني هيسٽريائي جذباتي تمام گهڻو ڪنهن وقت کلڻ ۽ ڪنهن وقت روئڻ، سور جو آهستہ آهستہ وڌهڻ ۽ ختم ٿيڻ، ذهني علامت ۾ اضافي سان جسماني عارضن ۾ گهٽ ٿي وڃي ٿي،

مرگي ۾ مٿي جو سور، مٿي جي سور سان گڏ سن پڻ، شيون ننڍيون نظر ايندڙيون آهن، ڇهري جي سڄي پاسي ڪڏولن جو هلڻ ۾ سن پڻ، گيس، بڪ، ڇُبجندڙ وارو فضلو، اوري جي سوزش ۾ بانچهه پڻ، اوري جي جلن ۾ حساسيت، حيض جلدي ۾ گهٽو ڪارو ڳوڙهين وارو لڙڪيل، نسواني جنسي جنون، جنسي نشونما تمام گهٽو تيز عورتن جي اعضاء تناسل ۾ خارش، شديد جنسي خواهش ۾ علامتون واضع آهن.

**نوٽ:**۔ هي دوا ان ڇوڪرن ۾ ڇوڪرين جي لاءِ خاص دوا آهي، جواني ۾ ڪراڙن جي روئيپي اختيار ڪرڻ، پاڻ کي وڏو ڪرڻ جي وڏو سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

**پوڊوفائيلم Podophyllum:** هي دوا صرف پراني دستن لاءِ محدود نہ آهي، هن جو حلقہ اثر تمام وسيع آهي، هي ڊوڊنيم ننڍو آنڊو جگر، مقعد پتہ لبلبہ اوري يوٽرس، گردي، دل، زبان ۾ مٿي جي شڪايتن کان علاوه حمل جي تڪليف، ٻارن جا ڏند نڪرڻ، مقعد ٻاهر نڪرڻ، ٻچي داني جو ٻاهر نڪرڻ، بواسير يرقان، چڪر مٿي ۾ سور اوڪارا، الٽي، دست ۾ قبض ۾ بہ بهتر ڪم ڪندي آهي، مٿي کي چڪر اچڻي ڪرڻ جو خوف، مٿي جو سور صبح جو وات ڪوڙو دست سان گڏ. ڏندن نڪرڻ ۾ تڪليف ٻار رات جو ڏند ڪڙڪڙائيندو آهي، مهارن کي ٻهيڪوڙئڻ، زبان تي جلن جو احساس، اڄ گهٽي، جلندار آگريون ان سان گڏ اوڪارا ۾ الٽي، پيٽ ۾ ڪمزوريءَ جو احساس، جگر جي جاءِ ۾ سور مهٽڻ سان آرام، پراڻا دست، صبح جو اٿڻ سان ئي دست، ڏندن نڪرڻ جي دوران دست، دست پاڻي جهڙا بدبودار سائي ڪلر جا، قبض ۾ دست ادل بدل تي ايندا آهن، بواسير جا مسا ڳوڙهيون اندر بہ ۾ ٻاهر بہ هونديون آهن.

سڄي پاسي جي اوري جو سور سڄي پاسي واري آنڊي تائين ٿيندو آهي، ٻچي داني جو لٽڪيل رهڻ، وزن گهٽڻ سان ٻچي داني ٻاهر نڪري پوندي آهي، لبلب جو شديد سور ويم ڪرڻ کان پوءِ ٻچي داني ٻاهر نڪري پوندي آهي.

**نوٽ:ـ** هي دوا ننڍي عمر وارين ڇوڪرين ۾ حيض جي............ جي لاءِ مفيد آهي.

**پائروجنيم Pyrogenium:** هي هڪ نوسوڊ آهي پر هي ڪنهن خاص مرض جي نالي سان وابسته نه آهي. سڙيل گوشت مان پوٽنسي مان تيار ٿيل دوا آهي، ايلن ۽ برنيٽ ۽ ٻين ماهرن هي دوا جي پرونگ ڪئي آهي. ڊاڪٽر "سوان" بدبودار گند (پيٽ) مان پوٽنسي دوا تيار ڪئي پر علامتن جي اعتبار سان ٻنهي ۾ فرق آهي. ڳرڻ ۽ سڙڻ جي بيمارين ۾ مفيد آهي. ويم جي بخارن ۾ مفيد دوا آهي. حمل جو ڪرڻ، ٽائيفائيڊ ۽ ڪرانڪ مليريا ۾ به مفيد آهي، هن ۾ بيچيني بدبودار پيٽ ۽ سور خاص علامت آهي. رت ۾ زهريلا جراثيم، گند يا پيپ جي ذرات کي ختم ڪرڻ لاءِ صافي جو ڪم ڪندي آهي، زبان خشڪ ۽ صاف، پاٽي پيٽ ۾ گرم ٿيڻ کان پوءِ الٽي فاسفورس جيئان، جسم جي درجه حرارت گهٽ پوءِ به نبض جو تيز هلڻ، حيض ۽ لڪوريا سخت بدبودار بيچيني سان گڏ، سيپٽڪ بخار ۾ پگهر کان پوءِ به بخار جو درجه حرارت گهٽ نه ٿيندو آهي، جسم ۾ سور نرم بستر به سخت محسوس ٿيندو آهي، عضوون جي سوزش ۽ گند اچي وڃي ان جي لاءِ بهتر ڪم ڪندي آهي، دست به ۽ قبضي ۽ الٽي، دست ۽ الٽي ۾ شديد بدبو.

**نوٽ:ـ** ڊاڪٽر نيش زبان جي علامت تي گهڻو زور ڏنو آهي صاف ۽ شفاف چمڪيلي جيئن ڪنهن وارشين ڪئي وئي اٿس.

**رسٽاڪس** Rhustox: هوميوپيٿي جو گهڻو استعمال ٿيندڙ دوائن ۾ شامل آهي، هن دوا ۾ بدبو نه هوندي آهي، هوميٽڪ. وائي جي سورن ۽ رڳن جي سورن واري مريضن لاءِ مفيد آهي، جن جي تڪليف گهميل موسم ۾ وڌهڻ (Dulcamara) گهميل ۽ تر آهي. برسات جي موسم جي مرضن لاءِ Rhustox (Dulcamara) آهي ۽ بارش ۾ پهڳجڻ ڪانپوءِ واري عارضن ۾ Rhustox آهي، جسم جي سخت ريشن سان تعلق رکندڙ دوا آهي، جوڙن لاءِ تي ڪم ڪندي آهي. آپريشن ڪان پوءِ اڳن ڪي سهي جڳهه تي آڻڻ جي لاءِ هڪ خاص دوا آه، هن دوا جو مريض پاسا ورائيندو رهندو آهي، بيچيني، سنڌن جي سور ۾ پهريان حرڪت ڪرڻ سان تڪليف وڌي ويندي آهي، عضون ۾ سور، بخار ۾ زبان جي چوٽي ڳاڙهي هوندي آهي، ڳلن جي غدودن ۾ سور، جسم تي شديد خارش، خلين جي سوزش، ڏڏر قلوڪٽا، ڳاڙها سنهرا داڻا ۽ جلڻ، پني ڪنڌ ۽ چيلهه ۾ سور، عضوون جو وائي سور، خواب اهي جيڪي ٿهڪائي چڙين، وزن ڪڻڻ سان سٽ ايرڻ جي تڪليف ۾ مفيد آهي.

**نوٽ:۔** Apis سان گڏ ۾ پوءِ ڏيڻ منع آهي بنهي جي ڪرانڪ Nat Mur آهي.

**سينگونيريا** Sanguinaria: هن دوا ۾ مسلسل ۽ وقفي سان اچڻ واري متي جي سور جي دوا آهي، صبح جو متي جو سور شروع ٿيندو آهي ۽ ڏينهن جو وڌندو آهي ۽ شام تائين وڌندو آهي ۽ سمهڻ سان آرام محسوس ٿيندو آهي. ٿهڪاوٽ ڪان متي جو سور تنهن ۾ انڌهيري ۾ خاموشي ۾ آرام ۽ بهتر محسوس ڪري. متي جو سور پوئين حصي ڪان شروع تي متي اچي ۽ سڄي اک ۾ اچي رهي. سن ياس ۾ هر ستي ڏينهن متي جو سور، ڳلن تي سرخ گول نشان، سڄي

اک، ڪنڌ ۾ پاڻهن ۾ سور، سور انهن هنڌن تي جتي ڪل هڏين سان چنبڙيل هجي، آواز واري نلي ۽ غذائي نلي ۾ جلڻ ۽ نڪ ۾ گوشت وڌيل، سن ياس جي عارضن ۾ گرمي جي، لڪوريا، ترين ۾ جلڻ، وڌيل ڇاتي ۾ سور، خوشبن ڪان دم ۾ اضافو خشڪ ڪنگهه جيڪا ننڊ ڪان بيدار ڪري رات جو نوجوان ڇوڪرين جي چهري تي داڻا، سڀ بلغمي جهليون ۾ جلن واري نزلي ڪان متاثر ٿين، زڪام ۽ نرخري ۽ ساهه جي نلين جي سوزش، دم سان گڏ جگر ۽ معدي جون خرابيون، ڪولهي جي جوڙ جو سور.

**نوٽ:**۔ هي سڄي پاسي جي دوا آهي ۽ اهڙي طرح کبي پاسي جي سور لاءِ (اسپائيجيلا) هوندي آهي.

**سارساپريلا Sarsaprilla:** هي دوا KUB سان تعلق رکندڙ دوا آهي هن کي سائيڪوسس جي دوا چيو ويندو آهي، پر سنلسي علامتون به هونديون آهن، ابروٽينميم، آيوڊيم ۽ نيٽرم ميور وانگر هن جو جسم به لڙڪيل ۽ گهنجيل هوندو آهي، ٻارن جي چهري تي ڪراڙپ، لٽڪيل، پلپلي کل، پاري جو غلط استعمال ۽ دبيل سوزاڪ جا اثرات، ٿڌي هوا لڳڻ جي ڪري خشڪ خارشي داڻا، پيشاب ۾ ننڍيون پٿريون، گردي ۾ سور، مثاني ۾ پٿر، پيشاب ٿورڙو اخراج جو احساس ختم، اڇي سفيد واري، ويٺي ويٺي پيشاب جا قطرا خارج ٿيندا رهن گهمندي فرندي قطرن جي اخراج لاءِ Rhustox پيشاب ڪرڻ کان اڳ ۾ ۽ پيشاب دوران ٻار روئي، دبيل سوزاڪ کان پوءِ مائيٽيزم ۽ هڏين جو سور مني سان گڏ خون جو اخراج، پستانن جون ٽپليون ننڍيون ٻي ساهه ۽ اندر ٽيل، هٿن ۽ پيرن جو ڦاٽل رهڻ آڱرين ۽ آڱوٺن جي وچ ۾ جلن.

**نوٽ:**۔ پيشاب کان اڳ ۾ ۽ دوران سور پيشاب ختم ٿيڻ کان

پوءِ نيڪ پر ختم ٿيڻ وقت شديد سور ٿيندو آهي.

**سيپيا Sepia**: هن جو شمار تمام وڏين دوائن ۾ آهي، عورتن جي امراضن جي لاءِ خاص دوا آهي. نسواني امراض جيڪي انساني نسل جي افرائش ۾ شامل هجن. عورتون نسواني خصوصيات کان محروم ٿيڻ لڳن. مڙس ۽ ٻارن کان بيزاري، حيض جون خرابيون حيض تڪڙو يا دير سان اچڻ گهٽوءِ ٿورو. ٻچي داني مان اخراج خون جي زيادتي، حيض متجي وڃي، ٻچي داني جو لتڪيل هيٺ طرف دٻاءُ ائين محسوس ٿئي ته سڀ عضوا ٻاهر نڪري پوندا. هن علامت سان گڏ عورتن جي عوارضن ۾ مفيد آهي. حمل سان گڏ الٽين ۾ مفيد آهي. سن ياس ۾ گرمي جي تڪليف ۾ مفيد آهي. بيچيني، غشي، ٻار ڄمڻ کانپوءِ کير پيارڻ دوران نسواني زناني تڪليف ۾ مفيد آهي، هي دهوٻڻ جي دوا به چئي ويندي آهي، پاڻي ۾ هٿ آلا ڪرڻ سان گهٽيون تڪليفون پيدا ٿينديون آهن ۽ وڌهي ويندي يون آهن. چيلهه جو سور، بواسير ليڪوريا ۽ مثاني جي عارض ۾ مفيد آهي. رنج ۽ غم حد کان وڌيڪ اهم ذهني علامتون آهن. جن سان سحبٽ انهن کان لاپرواهي هڪ خاص علامت آهي، حيض سان گڏ متي ۾ سور، وار ڪرڻ. گول داڳ هڪ ٻي کان الڳ الڳ. نڪ تي زرد نشان خاص آهي.

**نوٽ**:- سيپيا کي ليليم ٽگ ۽ ميوريڪس، سان مقابلي کان پوءِ استعمال ڪرڻ گهرجي.

## مطَب (ڪلينڪ) ۽ معالج (ڊاڪٽر)

ڪلينڪ يا مطب اهڙي جڳهه تي هجڻ لازمي آهي جتي ماڻهوءَ جي پُهچ آسانيءَ سان ٿئي، رستا ڪشادا ۽ مريض آسانيءَ سان پهچي سگهي، ڪا مشهور جڳهه هجڻ ضروري آهي، پر جتي شور، گوڙ

گھٽ کان گھٽ هُجي، گندي جاءِ نہ هُجي، بلڪ پر سُڪون ۽ صحت افزار علائقو هُجي، جيڪڏهن بورڊ لڳائجي تہ ٻنهيءَ طرفن کان ايندڙ ويندڙن جي پڙهڻ جي قابل هجي.

ڪلينڪ جي صفائي روزانہ هفتاوار ۽ ماهانہ بنياد تي ضرور ٿيڻ کپي مثلاً ٽيبل، ڪرسيون ۽ استعمال ۾ اچڻ وارا آلات روزانو صفائي جي قابل هوندا آهن. دوائون، پردا، اسٽور ۾ پيل هُجن، دوائون هفتي وار ۽ اهڙي طرح باقي ضروري صفائي مهيني سر انتهائي ضروري آهي. ڊاڪٽر کي ان لاءِ هڪ چارٽ بنائڻ کپي تہ کهڙي شيءِ کهڙي ترتيب سان صاف ٿيڻ کپي ۽ ان ڳالهہ جي باقاعده نگراني هجي تہ مطب ۾ هواءِ (Ventilation) جو باقاعده صحيح انتظام هُجي.

مطب ۾ جڳهہ جي مناسبت سان مريض کي آگاهي جي لاءِ مناسب بورڊ لڳائڻ کپي جيئن مريض پاڻ پڙهي ان تي عمل ڪن، سفيد بورڊ تي ڪارا اکر وڌيڪ صحيح آهن.

رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ اهڙي جڳهہ تي هُجن جتي آسانيءَ سان پرهجي سگهن ڇاڪاڻ تہ مريض توهانجي تعليمي قابليت ۽ ڄاڻڻ چاهيندا آهن.


ڪلينڪ جو نالو آسان ۽ عام زبان تي اچن وارو هُجي، نالو ڊگهو نہ هُجي جو سمجهہ يا سڏڻ ۾ وقت محسوس ٿئي. ديوارن جو رنگ هلڪو بلو هجي تہ بهتر. ميڊيڪل سان لاڳاپيل تصويرون، ٻوٽا رانديڪا، جڳهہ جي مناسبت سان هجن تہ بهتر. ڊاڪٽر جو لباس صاف سُٿرو سُٺو نظر اچڻ وارو پروقار بلخصوص سفيد ڪوٽ. وارن کي ڦٽي ٽيل هُجي، جوتا پالش ٿيل، ننهن لٿل هُجن. مريضن جي ويهڻ جي جڳهہ ڊاڪٽر جي ڪلينڪ ۾ مريض ۽ ڊاڪٽر کان علاوه بہ ڪرسيون هُجن، ڊاڪٽر جي ڪُرسي ٻين کان ٿوري مٿاهين يا اُوچي هُجي اهيو هڪ نفسياتي عمل آهي، هوميوپيٿيءَ ۾ (Superior)

Inferior کي ڪنٽرول ڪندو آهي. ڊاڪٽر جي ڪُرسي اچڻ واري دروازي جي سامهون هُجڻ کپي.

مردن ۽ عورتن جي ويهڻ جي جڳهه الڳ الڳ هوجي، پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ وارن مريضن جي لاءِ معلوماتي لٽريچر، اخبار، رسالات وغيره پيل هجن جيئن انتظار جو وقت جلد گذري وڃي، ٻارن جي راند جو سامان اگر مهيا هجي ته ٻار ٻي حرڪت کان پنهنجي راند روند ۾ مصروف هوندا. ڊاڪٽر جي ٽيبل تي ڊاڪٽر جي نالي جي تختي، ڳاڙهيون نيريون ۽ سائي رنگ جون پيئنسليون ننڍا پيڊ، وڏا پيڊ (BP_Appratus) (Stethoscope) ٿرماميٽر ڳلي، ڪنن ۽ نڪ ڏسڻ لاءِ ٽارچ (Torch) وزن قد ماپڻ وارو آلو ريڪارڊ يا رجسٽر يا ڪمپيوٽر (Computer) صاف سُٿري حالت ۾ هجڻ کپي. وال ڪلاڪ (گھڙي) اهڙي جڳهه تي نصب هُجي، جيڪو سڀ جي نظر ۾ اچي وڃي. ڪلينڪ جا پردا سُفيد ۽ صاف سٿرا هُجن. مريض جن چڪاس وارو بسترو به اهڙي جڳهه تي هُجي جتي چڱي طرح پردگي هجي.

**مريض سان ورتاءُ:** مُعالج يا ڊاڪٽر هڪ مسيحا جو درجو رکندو آهي ۽ مريض ڊاڪٽر وٽ پنهنجي تڪليف جي مداوي (دوري) (شفا) لاءِ ٿو اچي. ان لاءِ معالج جي چهري تي مُسڪراهٽ جو هُجڻ لازمي آهي. معالج جي مُسڪراهٽ ڏسي مريض جي تشفي ٿيندي آهي. معالج کي مريض سان ڪڏهن به ڪاوڙيل يا غصي وارو نه هجڻ کپي. اهڙي طرح مريض جو غصو يا (Arrogant) هڪ علامت تصور ڪئي ويندي. اڪثر مريض اها شڪايت ڪندا آهن. مونکي ڪو آرام ڪونهي، اهيو ڊاڪٽر جي اعليٰ طرفي تي منحصر آهي ته هو ان مريض جو شڪايتون پنهنجي علم ۽ آلات ذريعي انهن جو ڪاٿو شدت محسوس ڪري سگهي.

***



گهڻن ئي تجربن، جيڪي دوستن ۽ عزيزن کي ٿيا آهن تن مون کي قائل ڪيو آهي تہ هوميوپيٿي بهترين طريقہ علاج آهي، بهرحال ڪهڙو بہ طريقہ علاج هجي، طبيب جي پيشہ ورانہ مهارت، چاڻ ۽ ڪردار جو ڪو نعم البدل ڪونهي. بهترين ۽ انساني فطرت سان هم آهنگ طريقہ علاج سان گڏ جيڪڏهن ذهين، ماهر، قابل اعتماد، باضمير معالج جو امتزاج هجي تہ اها هڪ نعمت اهي جنهن جو احساس ڊاڪٽر علي حسن پتوجو جهڙن معالجن سان ملڻ کان بعد ٿئي ٿو.

پر مريض کي بهترين علاج مهيا ڪرڻ لاءِ معالج لاءِ لازم آهي تہ هو سيني طبي سرشتن جي باري ۾ ڄاڻ رکندو هجي. ۽ هڪ کليل ذهن سان مريض کي بهترين مشورو ڏيئي سگهي. هي جيڪا طبي سرشتن جي معالجن ۾ هڪ ٻئي سان مخاصمت ۽ وير آهي. ۽ هر صورتحال، هر مريض، هر مرض سان نمٽڻ لاءِ پنهنجي طبي سرشتي کي مڪمل ۽ بهترين سمجهڻ جو زعم آهي. تنهنجو خميازو مريض پنهنجي صحت ۽ پيسي سان ڀري ٿو.

اسان وٽ اها بدقسمتي آهي تہ سرڪار جي سموري سر پرستي ايلوپيٿي طب کي حاصل آهي جنهن جي حامين ۽ همنوائن حڪومت توڙي عوام کي اهو قائل ڪرڻ ۾ ڪاڪسر ڪا نہ ڇڏي آهي تہ ايلوپيٿي ئي واحد سائنٽيفڪ طريقہ علاج آهي ۽ ٻيا سڀ سرشتا غلط ۽ انهن جا معالج عطائي يا ٺڳ آهن. ڀيڻ تہ ايئن گهرجي تہ هر سرڪاري اسپتال ۾ متبادل طبي سرشتن، جهڙوڪ هوميوپيٿي ۽ يوناني طب، جا سيڪشن بہ هجن جتي ڀيو نہ تہ هڪ معالج ئي هجي تہ جيئن مريض جنهن بہ قسم جو علاج ڪرائڻ چاهي ان جو ڪيس اختيار هجي.

هوميوپيٿي علاج ٻين جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو سستو بہ آهي. اسان جي ملڪ جو غريب عوام، جنهن کي مهانگائي اڳي ئي گهڻو پريشان ڪيو آهي. تنهن لاءِ هي طريقہ علاج مفيد بہ آهي تہ سهانگو بہ.

ڊاڪٽر علي حسن پتوجو صاحب هن قسم جو ڪتاب لکي پڙهندڙن سان هوميوپيٿي متعلق اهم ڄاڻ ونڊي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن موضوع تي ڪتابن جي اڻاٺ آهي. ۽ هي تصنيف ان لحاظ کان سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي. اُميد اٿم تہ پڙهندڙ هن مان ڀرپور استفادو حاصل ڪندا.

**عبدالماجد برڳڙي**

لاڙڪاڻو

8-11-2014

**Rs. 680**

Homeopathic

Email: mjdpabooks@yahoo.co.in

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿـي سگهن ٿا. ٻيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَــن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿن جٿن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۾ نتيجي طور سماجي ۾ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۾ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۾ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۾ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۾ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۾ اٽِر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۾ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۾ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**The Reading Generation پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ**